# مخدوم محمد معين ٺٽوي
# ۽ سندس فلسفو

محمد انس راڄپر



# مخدوم محمد معين ٺٽوي

# ۽ سندس فلسفو

محمد انس راڄپر

ڊاڪٽر اين اي بلوچ
انسٽيٽيوٽ فار
هيريٽيج ريسرچ

نوادرات کاتو، حڪومت سنڌ

2013ع

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: مخدوم محمد معين ٺٽوي ۽ سندس فلسفو
ليکڪ: محمد انس راڄپر
ڇاپو: پهريون
سال: 2013ع
تعداد: هڪ هزار
ٽائٽل: فضل الرحمان ميمڻ
ڇپيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي

ڇپائيندڙ:
ڊاڪٽر اين.اي. بلوچ انسٽيٽيوٽ
فار هيريٽيج ريسرچ،
نوادرات کاتو، حڪومت سنڌ.
B_5, خالد بنگلوز سنڌي مسلم هائوسنگ سوسائٽيءَ جي پويان،
قاسم آباد، حيدرآباد
فون: 022_2102593, 2102559
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

**MAKHDOOM MUHAMMAD MOEEN THATVI AEN SANDAS FALSAFO**

Written by: *Muhammad Anas Rajpar*
Edition: First
Year: 2013
Printed by: Sindhica Academy, Karachi. Ph:021-32737290

Published by:
**Dr. N. A. Baloch Institute for**
**Heritage Research**
Department of Antiquities, Government of Sindh
Office: B-5, Khalid Banglows, behind Sindhi Muslim Housing Society,
Qasimabad, Hyderabad. Ph: 022-2102593, 2102559
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# عنوانن جي فهرست

پبلشر پاران ........................................ 08
ڇپائڻ اڳ ........................................ 09
مقدمو ........................................ 11

باب پهريون:
سوانح حيات مخدوم محمد معين ٺٽوي ........... 15
فصل پهريون: خاندان ........................ 15
مخدوم محمد معين جو پيءُ: ..................... 15
مخدوم محمد معين جو ڏاڏو: ..................... 16
مخدوم معين جو نانو فاضل خان: ................. 17
مخدوم صاحب جي ذات: ........................ 18
مخدوم معين جو ڳوٺ: ......................... 18
مخدوم موصوف جي ولادت: ..................... 19
فصل ٻيو: تعليم ۽ تربيت ...................... 19
علمي ماحول: ................................... 19
ابتدائي تعليم: ................................. 24
دهليءَ جي سفر جي غلط روايت: .................. 24
فصل ٽيون: طريقت جي سکيا .................... 28
مخدوم ابوالقاسم جي بيعت: .................... 28
شهيد شاه عنايت سان عقيدت: .................... 29
شاه عبداللطيف سان صحبت: ..................... 30
فصل چوٿون: روحاني سلسلو .................... 31
نقشبندي طريقو .................................. 32
شيخ ابوالقاسم جو نقشبندي سلسلو: ............... 32
امام عبدالخالق غجدواني (طريقة نقشبنديه جي بانيءَ جي سند جو سلسلو): ........ 33
امام ربانيءَ جي شيخ امام عبدالقادر جيلاني جي واسطي سان سند: ........ 33
با يزيد بسطاميءَ تائين سند: .................... 34
جنيد بغدادي تائين سند: ........................ 34
امام جعفر صادق تائين: ......................... 34
امير المؤمنين علي بن ابي طالب تائين سلسلہ سند: .... 34
خليفتہ الرسول بلافصل امير المؤمنين ابي بکر الصديق تائين سلسلہ سند: ........ 34
سلسلہ تصوف جي سندن بابت ڪجهہ ضروري وضاحتون: ........ 35
فصل پنجون: سيرت .............................. 36
وقت جي حاڪمن وٽ رتبو: ....................... 39
فصل ڇهون: سياسي حالات ...................... 41
مخدوم معين جي دور جا مغل بادشاه: .............. 41
ٺٽي جا نواب ۽ عوام جي حالت: .................. 42
ڪلهوڙن جي تحريڪ: ............................ 47
شاه عنايت شهيد جي تحريڪ: ..................... 47
فصل ستون: وفات ............................... 49
محسن ٺٽويءَ جو قطعہ تاريخ: ................... 49
محسن ٺٽويءَ جو ٻيو قطعہ تاريخ: ................ 50
ميان نعمت الله جو قطعہ تاريخ: ................... 50
ميان نعمت الله جو ٻيو قطعہ تاريخ: ................ 51
محمد پناه رجا ٺٽوي جو قطعہ تاريخ: ............... 51
مخدوم محمد معين جي مزار: ....................... 51

باب ٻيو: ........................................ 55
استاد، شاگرد ۽ همعصر ........................... 55
فصل پهريون: مخدوم صاحب جي طالب علمي دور جا مدرسا ۽ سندس استاد ........ 55
مخدوم موصوف جا استاد: ......................... 57
مخدوم عنايت الله: ................................ 58
مخدوم ابوالقاسم نقشبندي: ........................ 59
شيخ فيض الله بن العارف ڪامل وقطب وقت شيخ آدم نقشبندي: ........ 62
شاه علي رضا درويش: ............................ 63

شيخ الاسلام ببلدالله الحرام عبدالقادر صديقي الحنفي مڪي: .......... 63

شيخ ابو طاهر محمد بن ابراهيم ڪوراني مدني: .......... 64

حضرت خواجہ محمد زڪي سرهندي: .......... 65

مخدوم محمد معين جو ڪائنس استفادو: .......... 66

**فصل ٻيو: درس، تدريس ۽ شاگرد** .......... 66

درس ۽ تدريس: .......... 66

شيخ محمد حيات سنڌي: .......... 68

درس ۽ تدريس: .......... 69

تصنيف ۽ تاليف: .......... 69

1_ رسالہ في وجوب اعفاء اللحي: .......... 69

2_ العطية العلية في مسئلة الافضلية. .......... 70

3_ اظهار غين قرة العين في البڪاء علي الحسين: .......... 70

4_ رد رسالة الشيخ محمد معين التتوي في مسئلة فدڪ وارث الانبياء .......... 70

5_ رد مواهب سيد البشر: .......... 71

(6) رسالہ خضاب: .......... 71

مولوي محمد صادق ولد مخدوم عنايت الله واعظ: .......... 71

ميان عنايت الله طالب علم: .......... 72

مولوي مرزا محمد جعفر شيرازي: .......... 72

مير نجم الدين عزلت: .......... 74

شرف الدين علي: .......... 74

ميرمرتضيٰ سيوستاني .......... 75

**فصل ٽيون: همعصر علماء** .......... 76

حاجي محمد قائم: .......... 76

مخدوم ضياءُ الدين ٺٽوي: .......... 76

شاه عنايت شهيد: .......... 77

ٺٽي ۾ علمائن جي مخالفت: .......... 79

وڏيرن ۽ جاگيردارن جي مخالفت: .......... 80

زميندارن ۽ حڪمرانن جي مخالفت جو سبب: .......... 81

شاه شهيد جو مقصد: .......... 83

سيد سعدالله سورتي: .......... 84

سيد سعدالله سورتيءَ جو علمي ۽ روحاني مقام: .......... 85

مخدوم محمد معين ۽ سيد سعدالله جا تعلقات: .......... 86

سيد سعدالله جون تصنيفات: .......... 86

سيد سعدالله جا عقيدا: .......... 87

هندستان جي صوفيانہ مزاج جي وسعت: .......... 88

مخدوم ميون ابوالحسن سنڌي: .......... 88

ابوالحسن ڏاهري: .......... 89

خرقہ خلافت: .......... 90

ظاهري علمن جي تحصيل: .......... 90

سندس وفات: .......... 90

شيخ حاجي عبداللطيف نقشبندي: .......... 91

ابوالحسن محمد بن عبدالهادي سنڌي "الڪبير": .......... 93

جلال محمد ڪڪرالوي: .......... 95

مخدوم جلال محمد جي وفات: .......... 96

شاه فقير الله علوي: .......... 96

مخدوم معين ڏانهن خطن جو تجزيو: .......... 98

وفات: .......... 100

سيد محمد عرف سيد ڦتو: .......... 100

عبداللطيف صوفي: .......... 101

ملا عبدالحڪيم عطا (ٺٽوي): .......... 101

محمد محسن ٺٽوي: .......... 106

محمد پناه رجا ٺٽوي: .......... 107

مير عبدالقدوس شيرازي: .......... 107

درويش شاه يقين: .......... 110

محب شاه: .......... 110

مير حيدر الدين ابوتراب ڪامل: .......... 110

باب ٽيون:

**مخدوم محمد معين ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جا تعلقات** .......... 113

مخدوم محمد هاشم جي سوانح: .......... 113

مخدوم محمد معين جي شاگردي: .......... 114

طريقت جو سلسلو: .......... 115

مخدوم صاحب جون تدريسي خدمتون: .......... 116

مخدوم صاحب جا شاگرد: .......... 116

مخدوم صاحب جا ڪتاب: .......... 117

مخدوم محمد معين جي رد ۾ سندس تصنيفات: .......... 117

1_ رد رسالہ قرة العين في البڪاء علي الحسين: .......... 117

2_ ڪشف الغطاء عما يحل ويحرم من النوح والبڪاء: .......... 118

3_ الحجة القوية في حقيقة القطع بالافضلية: .......... 118

4_ رد رسالہ معينيہ الناطقة با فضلية علي علي الخلفاء
الثلاثہ رضي الله عنهم: ........................ 118
5_ الحجة القوية في الرد علي من قدح في الحافظ
ابن تيميہ: ........................ 118
6_ الجواب عن هذاالتحرير الاول للشيخ محمد هاشم
المشار اليہ نفعنا الله تعاليٰ بہ: ........................ 119
7_ حسن المنوع عما اورد علي من ادرج الحديث
الموضوع: ........................ 120
8_ تحقيق المسلك في ثبوت اسلام الذمي بقول
للمسلم انا مثلك: ........................ 120
مخدوم محمد معين جي جواب ۾ چيل رباعي: ........ 120
مخدوم عبداللطيف بن مخدوم محمد هاشم بن
عبدالغفور پنهور: ........................ 122
ذب ذبابات الدراسات عن مذاهب الاربعة
المتناسبات: ........................ 123
مخدوم محمد ابراهيم مڏئي: ........................ 123
طريقت ۾ تلقين: ........................ 125
مخدوم محمد معين جي ڪتابن جو رد: ........................ 125

باب چوٿون:

## مخدوم محمد معين ۽ شاهه ولي الله محدث دهلوي جا تعلقات

........................ 127
سوانح حيات شاهه ولي الله دهلوي: ........................ 127
ذهني ۽ فڪري اوسر: ........................ 129
سفر حرمين: ........................ 129
حرم جي عالمن کان حديث جي تحصيل: ........................ 130
شيخ ابو طاهر محمد بن ابراهيم ڪردي مدني: ........ 130
شيخ وفد الله مالڪي المڪي: ........................ 130
شيخ تاج الدين قلعي مڪي: ........................ 130
شيخ اسعد بن عبدالله بن شمس الدين عناقي: ........ 131
شيخ عبدالغني بن اسماعيل نابلسي: ........................ 131
شيخ محمد افضل دهلوي: ........................ 131
شاه ولي الله صاحب جون شاديون ۽ اولاد: ........ 132
شاه ولي الله صاحب جي وفات: ........................ 133
شاه ولي الله صاحب ۽ مخدوم محمد معين
جا تعلقات: ........................ 133
روحاني محبت ۽ تعلق: ........................ 134
هڪ ٻئي جي ذاتي معاملن بابت لکپڙهه: ........................ 135
علمي مسئلن ۽ خيالن جي ڏي وٺ: ........................ 137
شاه ولي الله جي ڪسر نفسي: ........................ 137
رهنمائي وٺڻ جي سلسلي جون ڳالهيون: ........................ 138
مسئلہ تکوين بابت شاه صاحب کان سوال: ........ 138
مسئلہ "ادل الي الرحمة" بابت سوال: ........................ 139
وحدت الوجود بابت راءِ معلوم ڪرڻ جو سوال: ...... 140
ابداع، خلق، تدبير ۽ تدلي جي هڪ خط جي جواب ۾
سمجهاڻي: ........................ 140
تقليد ۽ حديث تي عمل بابت راءِ: ........................ 142
روحاني ڪيفيتن بابت خيالن جي ڏي وٺ: ........................ 142
ابن تيميہ بابت سوال: ........................ 143

باب پنجون:

## شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ مخدوم معين جي سنگت

........................ 145
سوانح حيات شاه عبداللطيف: ........................ 145
مڪتبي تعليم: ........................ 147
روحاني تعليم: ........................ 148
شاه صاحب جو طريقت جو سلسلو: ........................ 149
شاه لطيف جو طريقت جو اويسي سلسلو: ........................ 149
شاه عبداللطيف ۽ مخدوم محمد معين جا تعلقات: . 150
شاه عبداللطيف ۽ مخدوم معين جي ملاقات: ........ 151
ٻن هندستاني نوجوان ڳائڻن جو قصو: ........................ 154
آخري ملاقات: ........................ 155
مخدوم معين جيان شاه صاحب جو سماع جي حالت ۾
فوت ٿيڻ: ........................ 156

باب ڇهون:

## شعر ۽ شاعري

........................ 157
قاضي عطاء الله تاجر بغدادي جي تتبع تي چيل غزل:
........................ 158
سيد محمد عرف سيد ڦتو جي جواب ۾ هيءَ
غزل چيائين: ........................ 158
مير عبدالقدوس ڏاهن تعزيت ۾ لکيل رباعيون: ..... 160

باب ستون:

**علمي مقام** ........ 163
**فصل پهريون: علم حديث بابت نظريا** ........ 166
جڏهن فقيهن جو قول صحيح حديثن جي خلاف هجي: ... 166
چئن مذهبن جي نہ ڇڏڻ تي اجماع جو رد: ........ 166
هڪ مذهب ڇڏي ٻيو اختيار ڪرڻ: ........ 168
غير مجتهد جي تقليد: ........ 169
اجتهاد ۽ قياس: ........ 172
مخدوم محمد معين جي راءِ: ........ 173
عبادت ۾ قياس: ........ 173
ڪشف جو حجت شرعيہ هئڻ: ........ 175
قياس جون مخالف حديثون: ........ 175
قياس جي حامين جي جواب جو جواب: ........ 176
رسول الله ﷺ کان ثابت صحيح حديث جي
قرآن سان ڀيٽ: ........ 177
صحابہ جو حديث تي عمل جو حال: ........ 178
ائمہ مجتهدين جو حديث تي عمل جي باري ۾ موقف: 180
ظاهر حديث جي خلاف راوي صحابي جي تاويل: ... 180
**فصل ٻيو فقه ۽ فتويٰ:** ........ 182
ڪافر جي ڪفر ۽ اسلام ٻنهي جي احتمال واري جملي
چوڻ تي، ان کي مسلمان قرار ڏيڻ جي مسئلي تي مخدوم
معين جو موقف: ........ 182
سنڌ جي هندن خلاف جارحانہ رويي بجاءِ
وچٿرو رويو: ........ 189
ڏاڙهي مبارڪ بابت فتويٰ: ........ 192
سماع بابت رايو: ........ 193
**فصل ٽيون: خلافيات (اختلافي مسئلا)** ........ 194
ابو طالب جي اسلام بابت راءِ: ........ 194
امام مهديءَ جي معصوميت جو عقيدو: ........ 197
نبي جون گهر واريون اهل بيت ناهن: ........ 197
قياس حرام آهي ڪشف ۽ الهام حجت شرعي آهي: . 198
شيعي هجڻ جي الزام تي شڪايت: ........ 199
چئن خليفن خليفن جي ترتيبوار فضيلت جو مسئلو: 199
معارض حديثون: ........ 202
عليءَ جي افضليت طرف جهڪاءُ: ........ 202
تعزيو، ماتم ۽ ڪارا ڪپڙا پائڻ: ........ 203

باب اٺون:

**فلسفو ۽ تصوف** ........ 205
**فصل پهريون: تصوف** ........ 206
فلسفو ........ 208
اسلامي فلسفو: ........ 209
**فصل ٻيو: وحدت الوجود:** ........ 210
هندستاني علم: ........ 211
هندستاني فلسفو ۽ تصوف: ........ 211
اسلامي تصوف تي هندي اثر ۾ سنڌ جو ڪردار: ..... 213
وحدت الوجود جا دلائل: ........ 215
پهريون دليل: ........ 215
وجود ۽ موجود ٻنهي جي وحدت: ........ 217
ڪلي طبعي جي بنياد تي وحدت الوجود جو اثبات: 220
علمي تنزلات ۽ وحدت الوجود: ........ 224
ايمان جو تنزل: ........ 225
طبيعت عنصريءَ جو مثال: ........ 227
بحث جو نتيجو: ........ 227
علم جو قوت شعور ڏانهن تنزل: ........ 227
علم جو جواهر مجرده ڏانهن تنزل: ........ 228
آسمان کان لهندڙ يا پيش ايندڙ نعمتون يا مصيبتون بہ
علم ۽ ايمان جو تنزل آهن: ........ 229
تنزل جو هڪ ٻيو ڏاڪو: ........ 229
نشآت اخروي ۾ تنزل: ........ 229
وجود حقيقيءَ جا تنزلات: ........ 234
پهريون تنزل: ........ 234
پهريون اعتبار: ........ 235
ٻيو اعتبار: ........ 235
ٽيون اعتبار: ........ 235
چوٿون اعتبار: ........ 235
ٻيو تنزل: ........ 235
ٽيون تعين: ........ 237
چوٿون تنزل: ........ 237
تنزل پنجون: ........ 238
ڇهون تنزل: ........ 238
شيئية ثبوتيہ: ........ 238
ماهيتون ڇا آهن؟: ........ 239

وحدت الوجود جي ابن العربيءَ جي نظرئي ۾ مجدد الف
ثانيءَ جي نظرئي ۾ مطابقت: ........................ 240
تصوف ۾ طريقت شريعت سان متضاد نا هي : ....... 245
اهل قبور کان فيض حاصل ڪرڻ: ........................ 245
اويسي سلسلو: ........................................ 246

باب نائون:
## تصنيفات

تصنيفات ................................ 247
سرد الاسانيد ...................................... 247
دراسات اللبيب في الاسوة الحسنة بالحبيب ......... 249
منتخب مجمع النكات........................................ 257
غايت الايضاح في المحاكمة بين النووي و ابن الصلاح .... 259
اڪسيرالهداية والنفع في جمع احاديث الرفع .......... 264
التحرير الاول للشيخ الفاضل محمد معين الي الشيخ
الجليل محمد هاشم التتوي سلمهما لله تعاليٰ........ 266
تحرير الثاني للشيخ الفاضل محمد معين: ............ 267
رفع الجهالت في مد عهد الرسالت ..................... 268
الملتقط من رسالة ........................................ 269
غاية ما ظهر لاضعف الا نام في ان الکلام المتحمل
لايوجب الاسلام ......................................... 272
التنبيه عليٰ سوءِ الفهوم في ان المثلية تو جب العموم274
غاية ما ظهر لاضعف الا نام في ان الکلام المتحمل
لايوجب الاسلام ......................................... 278
التنبيه عليٰ سوءِ الفهوم في ان المثلية تو جب العموم280
غايت مدارج الفڪ لعقدة قولهم اليقين لايزول بشڪ. 284
نيرالضحيٰ في حڪم قص اللحيٰ........................ 285
غايت الاعتماد في مسئلة الاختضاب بالسواد ........ 288
ايقاظ الوسنان في بطلان الڪفائة لاهل بيت الرضوان291
بياض فتاويٰ ............................................ 292
درود شريف مخدوم محمد معين......................... 293
بادهة الورود باثبات وحدة الوجود ..................... 295
مراءة الشهود بوحدة الوجود والموجود ............... 299
بوادر الجود في تحرير وحدت الوجود ................ 301
صدع القدم في تحقيق الوجود علي العدم .......... 301
دفع الاشڪال والزحمة في ادل الڪل والرحمة ........ 302
الحجة الباهرة في لزوم المعادين علي الاشاعره ...... 303
الحجة الباهرة في لزوم المعادين علي الاشاعره ...... 304
طريقة العون في حقيقة الڪون........................... 304
رفع الغين في تنزل العلم الي العين................... 305
تڪوين مع الانفاس ..................................... 306
الجوهرة الثمين في اثبات قدم التڪوين............ 306
مطارحات التحقيق فيما يتعلق ببرهان التطبيق .... 307
الحق الصريح في ما يتعلق بشعور الميت في الضريع 308
رسالہ ڪلي طبعي........................................ 309
نزهة الفهوم في تعريف اعجوبة العلوم............... 310
التنبيهات الوقية علي الآداب الباقية في علم المناظرة.....311
قرة العين في البڪاء علي الحسين ................... 311
رسالہ اويسيہ............................................ 312
الحجة الجلية في رد من قطع بالافضلية ............ 315
الرسالة المعينيہ في تائيد الشيعة .................. 316
رد رسالہ معينيہ: ........................................ 318
رد القول الغثيث عليٰ من قدم الراي علي الحديث .... 320
تنوير الهادي في رفع الايادي ........................ 320
غايت الفسخ في مسئلة النسخ ........................ 321
انوار الوجد من منع المجد ........................... 321
وريقات مفردة في حديث المصراة........................ 322
رسالة مفردة في انتقاد موضعين من فتح القدير...... 322
ابراز الضمير لمصنف الخبير ........................ 323
المدار الديميہ في تحرير حاشية القديم............... 323
المعرفة المحيرة ......................................... 324
اثبات واجب الوجود بالمنهج الغير المعهود .......... 324
مواهب سيد البشر في حديث الائمة الاثنا عشر....... 324
القول السوي في ذڪر آباء النبي........................ 325
ناياب تصنيفات ........................................ 325
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي خزاني مان مليل فهرست
رسائل مخدوم محمد معين ............................ 327
حافظ محمد اسماعيل مرحوم جي ذاتي لائبريريءَ جي
فهرست ................................................. 329

## مخدوم محمد معين ٺٽوي جي ڪتابن جو عڪسي جائزو

جو عڪسي جائزو ...................................... 331

## ماخذن جي فهرست

ماخذن جي فهرست ................................ 427

# پبلشر پاران

هي ڪتاب "مخدوم محمد معين ٺٽوي ۽ سندس فلسفو" ڊاڪٽر محمد انس راڄپر جي پي ايچ. ڊي (Ph.D) ٿيسز جو مقالو آهي، جنهن ۾ هن جو گائيڊ محترم استاد ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب، مخدوم محمد معين جي شخصيت، علمي مقام، فلسفي تصوف ۽ خاص طور تي وحدت الوجود تي تحقيق ڪرڻ جي لاءِ محمد انس راڄپر کي همٿايو ۽ رهنمائي ڪئي ۽ مخدوم معين بابت اهم دستاويز پڻ حوالي ڪيا. ڊاڪٽر محمد انس راڄپر مبارڪ جو مستحق آهي جو هن ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي معيار تي پورو لهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ وڏي محنت ۽ جاکوڙ سان مخدوم محمد معين جي دور ۾ سنڌ جي علمي ۽ سياسي حالتن ۽ خاص ڪري مخدوم محمد معين جي مڙني تصنيفاتن، فلسفي ۽ تصوف جي نظرين جو تفصيلي جائزو هن مقالي ۾ پيش ڪيو آهي.

مخدوم محمد معين سنڌ جي تمام وڏي علمي شخصيت هو. همعصر عالمن ۾ ان جو تمام وڏو مقام هو. سندس همعصرن ۾ هندستان جو هاڪارو عالم شاهه ولي الله دهلوي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ ٻيا وڏي پائي جا اڪابر هئا.

هن ڪتاب ۾ انهن سڀني بزرگن جا حالات ۽ پاڻ ۾ تعلقات جي حوالي سان تحقيق به شامل آهي. ڊاڪٽر اين اي بلوچ انسٽيٽيوٽ فار هيريٽيج ريسرچ طرفان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ٻي ورسيءَ جي موقعي تي 6 اپريل 2013ع تي شايع ڪيو پيو وڃي. اميد آهي ته علمي حلقن ۾ ان کي قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويندو.

12 مارچ 2013ع

علم و ادب ۽ تاريخ جو شيدائي
**ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل**
ڊائريڪٽر
ڊاڪٽر اين. اي بلوچ انسٽيٽيوٽ فار
هيريٽيج ريسرچ، حيدرآباد

بسم الله الرحمن الرحيم

# چڱا اکر

سنڌ وارن جي سر شت ۾ بي ريائي ۽ شهرت کان ڪناره ڪشي، ازل کان اوتيل آ. ان ڪري نہ پاڻ پنهنجي سوانح لکن، نہ انهن جا شاگرد ۽ معتقد اهو ڪم ڪن. اسان سنڌين پاڻ سنڌ جي تاريخ وڃائي آ، ٻين تي ڏوھ ڪهڙا ڏيون.

اسان جي سڄوري سنڌ اندر هر دور ۾ وڏا عالم، محدث ۽ فقيہ پيدا ٿيندا رهيا آهن. انهن مان جن پنهنجا علمي جوهر سنڌ کان ٻاهر وڃي ڏيکاريا، انهن جو احوال البت انهن جي غير سنڌي شاگردن ۽ معتقدن لکيو آهي. جنهن ڪري سنڌي عالمن جا ڪجھ علمي ڪارناما محفوظ رهيا، نہ تہ انهن کان بہ اسان محروم هجون ها.

ڪنهن بہ بزرگ، عالم، محدث يا فقيہ جي سوانح عمري، سندس حياتي ۾ لکجي، يا وفات کان پوءِ سنت لکجي تہ ان سان حقائق تي مشتمل تذڪرو جڙي پوي ٿو.

حافظ ابن حجر عسقلاني (ت 852 ھ) وفات ڪئي تہ سندس شاگرد حافظ سخاوي (ت 902 ھ) ان جي تفصيلي سوانح عمري لکي، جيڪا 3 جلدن ۾"الجواهر و الدرر في ترجمہ شيخ الاسلام ابن حجر" جي نالي سان بيروت مان شايع ٿي آهي. اهڙي طرح ٻين عالمن جا يادگار بہ آهن.

ان مان سبق پرائيندي جيڪڏهن هاڻي بہ همت ڪجي ۽ عالمن، اديبن ۽ فاضلن جي سوانح سندس حياتيءَ ۾ ئي مرتب ڪجي تہ سنڌ جي تاريخ جو وڏو حصو محفوظ ڪري سگهجي ٿو. پر اسان وٽ دستور ئي ٻيو آهي.

دنيا ۾ ٿي دستور اڪثر اهو ... ڪبو ياد مردن کي ويندي کان پوءِ

سنڌ جي ذخائر مخطوطات ۾ سنڌي عالمن جا علمي ڪارناما، انهن جون فتوائون ۽ قلمي ڪاوشون ڏسي اندازو ٿئي ٿو تہ اسان سون نہ پر هزارن عالمن جا احوال ۽ وقائع وڃائي چڪا آهيون.

ڪجھ عرصي کان چند مشهور شخصيتن بابت PhDطور مقالا لکڻ جو رواج هلي پيو آهي. (جنهن جي ڪيترا دفعا حوصلہ شڪني بہ ڪئي وئي آهي) ان طريقي سان اميد ۽ آسرو ٿي پيو آهي تہ: ڪجھ مواد ضرور ڪنو ٿيندو ۽ قوم کي ڪجھ تہ ملندو. جن مان ڪجھ هي آهن:

1. مخدوم ابو الحسن ڪبير ٺٽوي (ت 1138 ھ) از ڊاڪٽر قاري عبد القيوم السندي ايسوسي ايٽ پروفيسر ام القري يونيورسٽي. مڪ المڪرمہ
2. مخدوم محمد حيات سنڌي (ت 1163ھ) از ڊاڪٽر رفيق احمد بازيد پوري
3. مخدوم جعفر بوبڪاني (ت 1002ھ) از ڊاڪٽر مولانا عبد الله ڪوسو
4. پير سائين محمد راشد روضي ڌڻي رحمہ الله (ت 1234 ھ) از ڊاڪٽر خان محمد لاڙڪ
5. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي (ت 1174ھ) از ڊاڪٽر مولانا عبد الرسول قادري
6. مخدوم محمد عابد سيوهاڻي (ت 1257ھ) بابت مديني جي هڪ عالم سائد بڪداش، هڪ وڏو ڪتاب لکيو آهي

7. شاه فقير الله علوي شڪارپوري بابت . پروفيسر امين الله علوي مقالن جو هڪ سلسلو شروع ڪيو هو . جنهن کي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ جي ضرورت آهي.

قلمي ڪتابن سان ڪهڙا قهر ٿين ٿا ۽ مخطوطات تي مصيبتون ڪيئن نازل ٿين ٿيون . ان جي ڄاڻ هر هڪ کي آهي. خدا نه ڪري . ائين نه ٿئي جو سنڌ اندر موجود مواد به هٿئون هليو وڃي . ان ڪري ڪوشش ڪري . انهن عالمن جي سوانح تي ڪم ڪرڻ گهرجي ۽ انهن جا ڪتاب ايڊٽ ڪري ڇاپرائجن . جيئن اهڙي علمي ورثي کي اسان محفوظ ڪري سگهون.

مخدوم محمد معين ٺٽوي (وفات 1161 هه) ٻارهين صدي هجريءَ ۾ سنڌ جي انهن ستن عالمن مان هڪ هو جن بابت علامه قاسمي صاحب فرمائيندو هو ته جنهن وقت هندستان ۾ شاه ولي الله دهلوي (وفات 1176 هه) علم جا واهڙ وهائي رهيو هو. ان وقت سنڌ ۾ ان جي ٽڪر جا ست عالم موجود هئا. جنهن بابت خود شاه ولي الله دهلويءَ فرمايو هو ته :

وَمَنِ الرَّدِيفُ فَقَدْ رَكِبتَ غَضَنفَرا . (1)

يعني : تون علم جي ميدان ۾ شينهن تي سوار آهين. ان تي توسان ٻيلهه سوار ڪير ٿيندو؟

مخدوم محمد معين ٺٽوي هڪ ئي وقت ۾ علم تفسير ، حديث ، اصول حديث ، فقه ، اصول فقه ، تصوف ، فلسفه ، منطق ، زيج ، نحو ، صرف ، معاني ، بيان ، بديع ، نجوم ، موسيقي ، ريميا ، ڪيميا ۽ هيميا ۾ ڪامل مهارت رکندو هو . ۽ انهن علومن ۽ فنونن ۾ هو تصنيف به ڪري سگهندو هو بلڪ هن انهن مان ڪجهه علمن ۾ ڪيترائي رسالا ۽ ڪتاب لکيا ۽ پنهنجي يادگار طور 100 کان وڌيڪ تصنيفون ڇڏي ويو . ڪيس لکڻ جو ڏانءُ هو . سندس بيان ۾ رواني ۽ پختگي هئي . سندس تصنيفون عربي ۽ فارسي ۾ آهن . سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪا به سندس تصنيف دريافت نه ٿي سگهي آهي. مخدوم محمد معين ٺٽوي جي تصنيفن تي جڏهن نظر وجهجي ٿي ته ڪڏهن هو ابن الهمام جهڙي محقق تي تنقيد ڪندي نظر اچي ٿو . ڪڏهن امام نووي ۽ ابن الصلاح جهڙن جبلن جي وچ ۾ محاڪمو ۽ سرچاء ڪندي ڏسجي ٿو . ڪڏهن سيد صفة الله خير آبادي جي اعتراضن جا جواب ڏيندي علم جا موتي ورهائي ٿو . ڪڏهن فلسفي جي باريڪ مسئلن تي بحث ڪندي ملا صدرا، ابن سينا ۽ طوسي جهڙن سان ٽڪر کائڻ ۾ به مرحبائي ڏيکاري ٿو . صدرالدين قونوي تي تنقيد ڪرڻ کان به نه ٿو مڙي. ڪڏهن مخدوم محمد هاشم ٺٽوي سان ته ڪڏهن شيخ محمد حيات ڄاڄڙ عادلپوري سان رساله بازي ڪندي ڏسجي ٿو . ڪڏهن صوفين جي سائيڊ ۾ آهي ته ڪڏهن ماتريدين سان موافقت ڪندي اشعرين تي اعتراضات ڪري ٿو . سنڌ جي نامياري ليکڪ ڊاڪٽر مولانا محمد انس راڄپر صاحب، سنڌ جي عظيم اسڪالر ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي زير نگراني ان تي تحقيقي ڪم ڪري ، سنڌ يونيورسٽي مان PhD جي ڊگري حاصل ڪئي آهي ، مقالو نهايت تحقيقي انداز ۾ لکيل آهي. ڊاڪٽر اين اي بلوچ انسٽي ٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ جي هڪ ميٽنگ ۾ ان مقالي جي اهميت کي سامهون رکندي فيصلو ڪيو ويو ته ٻين تحقيقي ڪتابن سان گڏ اهو ڪتاب به شايع ڪيو وڃي.

جنهن مطابق مخدوم محمد معين ٺٽوي بابت لکيل هيءَ تحقيقي ڪتاب قارئين جي هٿن ۾ آهي.

**ڊاڪٽر محمد ادريس سومرو**
ممبر اين اي بلوچ انسٽي ٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ
۽ ممبر اسلامي نظرياتي ڪونسل پاڪستان

13/03/2013ع
١٤٣٤/٤/٣٠هه

# مقدمو

مخدوم محمد معين ٻارهين صدي هجريءَ جو عظيم محقق، مدقق ۽ بيمثال عالم هو. علم حديث، فقہ، فتوي، فلسفي، منطق، علم ڪلام، علم ڪيميا، هيميا ۽ ريميا جو وڏو ماهر هو. هنن مڙني علمن ۾ مخدوم موصوف جون بي مثال تحريرون ۽ رسائل تصنيف ڪيل آهن.

علمي تحقيق ۽ تدقيق ۾ بينظير هئڻ سان گڏ تصوف ۽ سلوڪ جي پڻ وڏين منزلن جو مالڪ هو. نقشبندي سلسلي ۾ مخدوم ابوالقاسم جو مريد ۽ سندس نامور خليفن مان هڪ هو. اڳتي هلي وحدت الوجودي مسلڪ اختيار ڪيائين. شاه عنايت الله لانگاه جو مريد ٿيو پر مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ جي ناراض ٿيڻ جي ڪري ان کان رجوع ٿيو. مخدوم ابوالقاسم جي وفات کان پوءِ شاه عبداللطيف سان محبت ۽ عقيدت جي رشتي ۾ منسلڪ ٿيو. سماع جو بہ قائل هو. شاه عبداللطيف جي فقيرن جو راڳ شوق سان ٻڌندو هو. سندس وفات بہ شاه عبداللطيف جي فقيرن جو راڳ ٻڌندي وجد جي حالت ۾ ٿي.

ابتدا کان آخر تائين ٺٽي ۾ ئي تعليم حاصل ڪيائين. مخدوم عنايت الله بن فضل الله کان علمن جي تحصيل ڪيائين. شاه علي رضا درويش وٽ فصوص الحڪم سبق سبق ڪري پڙهيو. شاه ولي الله دهلويءَ کان، شاه صاحب جي حج لاءِ ويندي سنڌ مان گذرڻ وقت، سيني علمن جي اجازت حاصل ڪيائين. زڪي الله سرهندي بن شيخ محمد حنيف کان پڻ موصوف کي اجازت حاصل آهي. ٺٽي جي ٻي تمام وڏي هستي مخدوم فيض الله بن عارف ڪامل ۽ قطب وقت شيخ آدم ٺٽويءَ کان بہ ڪيس اجازت حاصل هئي. حرمين شريفين جي ٻن وڏين هستين: شيخ عبدالقادر مفتي مڪ ۽ شيخ ابوطاهر ڪردي بن شيخ ابراهيم ڪردي مدنيءَ کان خط و ڪتابت جي ذريعي اجازت حاصل هين.

مخدوم حاجي محمد قائم، مخدوم ضياءُ الدين، مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ ۽ شيخ محمد حيات سنڌي مدنيءَ جو همعصر هو. ٻويان ٻئي سندس شاگرد هئا، پر مخدوم موصوف سان چوٽيءَ جا علمي معرڪا ڪيائون. سندس ڪيترن ئي ڪتابن ۽ رسالن جو رد لکيائون. مخدوم موصوف فقهي مسلڪن جي مقابلي ۾ حديث تي عمل جو قائل هو. قياس ۽ تقليد جو سخت مخالف هو. ڪن مسئلن ۾ اهلِ تشيع سان هم خيال هو.

شاه ولي الله جڏهن حرمين شريفين جي زيارت جي ارادي سان وينڌي سنڌ مان، نصرپور ۽ ٺٽي کان اچي لنگهيو تہ ٺٽي جو هيءُ مهان عالم مخدوم محمد معين بہ سندس خدمت ۾ حاضر ٿيو. سندن هٿ تي بيعت ڪيائين ۽ حديث ۽ ٻين علمن ۾ کانئن اجازت حاصل ڪيائين ۽ ساڻن ايڏو علمي طرح سلهاڙيو جو شاه صاحب جي دهلي وڃڻ کان پوءِ بہ ساندهہ ساڻن خط وڪتابت قائم رکيائين ۽ کانئن علمي موضوعن تي سوال جواب ڪندو رهيو. شاه ولي الله دهلوي جي مخدوم معين ڏانهن خطن مان نہ رڳو مخدوم صاحب جا شاهہ ولي الله سان تعلقات ۽ ساڻن گهري حبءِ لڳ لاڳاپن جو پتو پوي ٿو پر اهو بہ پتو پوي ٿو تہ مخدوم معين کي شاه ولي الله تمام وڏن لقبن القابن سان نوازي ٿو ۽ کين تمام وڏو عالم قرار ڏئي ٿو. مولانا عبيدالله سنڌي، مخدوم محمد معين جي مدرسي کي امام شاهہ ولي الله جي فلسفي ۽ فڪر جو مرڪز قرار ڏنو آهي.

مخدوم معين ڪن خيالن ۾ شاهہ ولي الله سان هم خيال هئڻ باوجود ڪجهہ اهل تشيع سان ملندڙ خيالن جو حامي بہ هو ڪجهہ آزاد خيال ۽ صوفي منش هئڻ سان گڏ، فلسفي جو بہ تمام وڏو پارکو هو.

آءٌ هڪ ڏينهن مان واري سائين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن سان پي ايڇ ڊيءَ لاءِ مقالي جي موضوع بابت مشورو ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيس، تہ پاڻ مشورو ڏنائون تہ: اڄ ڪله اهڙا ماڻهو تمام گهٽ آهن، جيڪي منطق ۽ فلسفي جهڙن ڏکين موضوعن تي ڪم ڪن. تون ڪري سگهين ٿو تون قابل ماڻهو آهين. تو ۾ صلاحيت آهي. مخدوم محمد معين جون ڪوڙ ساريون تصنيفات فلسفي جي موضوع تي آهن. جيڪڏنهن سندس فلسفي تي ريسرچ ڪرين تہ آءٌ تنهنجي مدد ڪري سگهان ٿو. آءٌ تنهنجي رهنمائي ڪري سگهان ٿو.” جيڪا ڳالهہ منهنجي لاءِ وڏي اتساهہ جو موجب ٿي. جنهن ڪري نيٺ مون ان ئي موضوع تي ڪم ڪرڻ جو پڪو عزم فيصلو ڪري ورتو. ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن کي عرض ڪيم تہ هن اهم موضوع تي تحقيق ڪرڻ لاءِ مهرباني ڪري اوهان منهنجا رهنما ٿيڻ قبول فرمايو. پاڻ نهايت شفقت سان منهنجو اهو عرض قبول فرمايائون. سندن اها شفقت منهنجي لاءِ سدائين، جڏهن کان ساڻن عقيدت جو رشتو جڙيو آهي، قائم رهي آهي. اها ڳالهہ آءٌ پنهنجي لاءِ وڏي فخر جي باعث سمجهان ٿو.

فلسفو خاص طور الاهيات جو فلسفو انتهائي ڏکيو موضوع آهي. ان تي تمام گهٽ ڪم ٿيو آهي. جڏهن تہ هيءُ پنهنجي جڳهہ تي تمام ڏکيو موضوع بہ آهي، تہ ساڳئي وقت تمام وڏي اهميت جو حامل بہ آهي.خاص طور جيڪڏنهن هن موضوع کي هن تناظر ۾ ڏسجي تہ سنڌ اوائلي دور کان فلسفي، طب، ڪيميا ۽ رياضيءَ ۾ مسلمانن جي بہ استاد رهي آهي. ڪيترن ئي عرب عالمن ڪوڙ وفدن سان سنڌ ۾ اچي هند ۽ سنڌ جي علمي ورثي کي جاچيو پرکيو ۽ سون جي تعداد ۾ سنڌ مان اهڙا ڪتاب ڪٺي عرب ويا. اتي انهن تي وڌيڪ تحقيقون ڪري انهن علمن ۾ اضافا ڪري دنيا ۾ انهن علمن کي متعارف ڪيائون. ان کان پوءِ انهن ساڳين علمن کي وياج سميت سنڌ کي موٽايائون. مخدوم محمد معين پنهنجي ڪتابن ۾ فلسفي جي وحدت الوجود جي جنهن مسئلي کي بحث جو موضوع بنايو آهي سو تہ خاص طور پيداوار ئي هندوستان جي آهي. عرب عالمن فلسفي ۾ هندي فلسفي جي بجاءِ يونان جي فلسفي کي ان ئي سبب جي

ڪري ترجيح ڏني، تہ اهي وحدت الوجود جي نظريي کي اسلام جي خلاف تصور ڪندا هئا. اج جڏنهن ان هندي نظريي کي هڪ سنڌي عالم: مخدوم محمد معين اسلامي فلسفي ۽ علم ڪلام سان مطابق ۽ هم آهنگ ڪرڻ جي موضوع تي ڪم ڪري تہ اهڙي ڪم جي مٿئين تاريخي حوالي جي تناظر ۾ وبتر اهميت وڏي ٿي وڃي. اهڙي موضوع تي تحقيق فلسفي جي شاگردن لاءِ وڏي وٽ ثابت ٿيندي ۽ سنڌ جي ٻارهين صديءَ جي فلسفي ۾ علمي پهچ جو هڪ تاريخي دستاويز بڻبي.

هن تحقيق جي نتيجي ۾ مخدوم محمد معين جي همہ جهتي شخصيت جي مڪمل تعارف سان گڏ، مخدوم محمد معين جون تصنيفات، جيڪي هن کان اڳ ڪي چند معلوم هيون، سي 112 تائين جي تعداد ۾ معلوم ٿي سگهيو ن آهن. جن مان 40 عدد تصنيفون دستياب پڻ ٿي سگهيون آهن. ۽ انهن جي روشنيءَ ۾ مخدوم موصوف جي افڪار ۽ نظريات جو اڀياس بہ ڪيو ويو آهي. ان سان گڏ، تصوف ۽ وحدت الوجود بابت مخدوم محمد معين جا نهايت گهرا ۽ اونها نظريا ۽ فڪر معلوم ٿيا آهن.

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، شاهہ عبداللطيف،شاهہ ولي الله دهلويءِ سيد سعدالله سورتيءَ سميت ڪيترين ئي پنهنجي دور جي تمام وڏين هستين سان مخدوم معين جي تعلقات جو تذڪرو ٿيو آهي. انهن سان مخدوم معين جي ڪيل خيالن جي ڏي وٺ معلوم ٿي آهي.۽ انهن جي تناظر ۾ سنڌس جبل جيڏي وڏي شخصيت جو اتاهون مقام معلوم ٿي سگهيو آهي.

هن تحقيق مان پڙهندڙن کي معلوم ٿيندو تہ مخدوم محمد معين صوفي هئڻ سان گڏ علوم شرعيہ: فقهہ ۽ حديث ۾ وڏو ماهر هو. فلسفي ۽ معقولات ۾ بہ پنهنجو مٽ ڪو نہ رکندو هو ۽ معلوم ٿيندو تہ مخدوم محمد معين صوفي مشرب جو هئڻ ڪري، پنهنجي دوست شاهہ عبداللطيف وانگر، نہ شيعو هو نہ سني، بلڪ هو صلح ڪل جو پيروڪار هو جنهن تحت ان ڪافي مسئلن ۾ شيعہ سني مسلڪن ۾ هم آهنگي پيدا ڪرڻ جي راهہ ڪڍي.

ڊاڪٽر نبي بخش مرحوم جي نگرانيءَ ۾ مون هن تحقيق دوران محسوس ڪيو تہ ڊاڪٽر صاحب مرحوم کي مخدوم معين تي تحقيق جو تمام گهڻو شوق هو. ٽاپڪ منظور ٿيڻ کان پوءِ مخدوم معين جي رسالن حاصل ڪرڻ لاءِ مان ڪا ڪوشش ونان ئي ونان ان کان اڳ ئي ڊاڪٽر صاحب ان لاءِ ڪوششون وٺڻ شروع ڪري ڇڏيون. استاد محترم مولانا محمد ادريس صاحب کي مون ان سلسلي ۾ عرض ڪيو سائين قاسمي صاحب جي ذخيري ۾ موجود مخدوم معين جي رسالن لاءِ محترم نذير قاسمي صاحب کي عرض ڪيم، تہ خبر پئي تہ ڊاڪٽر بلوچ صاحب کين مون کان اڳ ئي اهي رسالا مون کي ڏيڻ لاءِ سفارش ڪري ڇڪو آهي. سائين مولانا محمد ادريس صاحب مون کي تقريبن سڀ رسالا هٿ ڪري ڏنا. سيوهڻ جي مفيد عام لائبريريءَ جي رسالن جو مجموعو سائين محمد ادريس صاحب بہ منهنجي لاءِ هٿ ڪيو. ڊاڪٽر صاحب جن وٽ ويس تہ اهو ساڳيو نسخو پاڻ اڳئي منهنجي لاءِ هٿ ڪيو رکيو وينا هئا. ان طرح مون ڏٺو تہ هن موضوع تي تحقيق ۾ ڊاڪٽر صاحب جو توجهہ، شوق ۽ دلچسپي رهي. ڊاڪٽر صاحب مرحوم نہ رڳو اهو ڪيو پر مخدوم معين جي رسالن جي متن کي درست ڪرڻ ۽ انهن رسالن جي سنڌي اردو ترجمي ڪرڻ جو ڪم سنڌي ادبي بورڊ کان منظور ڪرايو ۽ اهو ڪم بہ ڊاڪٽر صاحب، مون کي

لائق سمجهي، مون کي وٺرائي ڏنو. مون مخدوم معين جي رسائل جو عربي فارسي متن درست ڪري بورڊ جي حوالي ڪيو ۽ اردوءَ ۾ انهن رسالن جو ترجمو به ڪيو جيڪي اميد آهي ته ڪڏنهن نه ڪڏنهن ڇپجي ويندا.

اين اي بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ طرفان جڏنهن مون کي ڊاڪٽر صاحب جي سوانح تي تحقيق ڪرڻ جو ڪم مليو ۽ ان سلسلي ۾ مون کائنن پهريون دفعو جڏنهن انٽرويو ورتو ته انٽرويو جي آخر ۾ چوڻ لڳا: تون هي کهڙو ڪم ٿو ڪرين. هي ڪم ٻيا به ڪري سگهن ٿا. تون پنهنجو ڪم ڪر. تون تحقيق جي ڪم کي اڳتي وڌاءِ. ان کي درست ڪر ۽ ان کي ڇپراءِ. ڪوشش ڪر ته منهنجي حياتيءَ ۾ ڇپجي وڃي.“ ان حوالي سان هيءَ ڳالهه وڏي اهميت جي حامل آهي ته هن ٿيسز جو ڇپجڻ ڊاڪٽر صاحب مرحوم جي خواهش جي تڪميل آهي ۽ اهو ڪريڊٽ ڊاڪٽر صاحب جي نسبت سان قائم ڪيل ادارو ”اين اي بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ“ حاصل ڪري رهيو آهي.

هن موقعي تي استاد محترم مولانا محمد ادريس سومرو صاحب جن جو آءٌ خاص طور شڪر گذار آهيان، جو سندن خاص توجه سببان ئي مخدوم معين جون تصنيفات دستياب ٿي سگهيون ۽ هيءَ تحقيق مڪمل ٿي سگهي ۽ هن جي ڪتابي صورت ۾ ڇپجڻ ۾ به سندن رهنمائي شامل رهي. ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو صاحب جو به آءٌ بيحد ممنون آهيان جن جي قدردانيءَ جي نتيجي ۾ هي ڪتاب ڇپجي پڌرو ٿي رهيو آهي. ڊاڪٽر ثناءُالله ڀٽو صاحب جي تعاون ۽ حوصلا افزائيءَ جو به شڪر گذار آهيان، جيڪي منهنجا ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي وفات کان پوءِ گائيڊ هئا.

## باب پھريون:

# سوانح حيات مخدوم محمد معين ٺٽوي

### فصل پھريون: خاندان

مخدوم محمد معين ٺٽويءَ جو خاندان ٺٽي شهر جو صاحب حيثيت خاندان هو. سندس خاندان جيئن علمي طور تي وڏي شان مان ۽ مرتبي وارو هو. تيئن دنياوي طورتي به وڏي شان ۽ شوڪت وارو هو. مخدوم موصوف ڏاڏاڻي پاسي کان به وڏي علم فضل وارو هو ته ناناڻي خاندان جي طرفان به صاحب ثروت هو. هيٺ اسان مخدوم موصوف جي پيءُ، ڏاڏي ۽ ناني جو الڳ الڳ ذڪر ڪيون ٿا:

**مخدوم محمد معين جو پيءُ:**

مخدوم صاحب جي پيءُ جو نالو محمد امين هو. مخدوم موصوف سندس نالو "محمدالملقب بالامين" لکيو آهي.[1] مخدوم محمد امين پنهنجي وقت جو وڏو عالم ۽ فاضل شخص هو. تقوي، پرهيزگاريءَ ۽ صالح عملن ۾ پنهنجي مٽ پاڻ هو. صاحب ذب ذبات، مخدوم عبداللطيف بن مخدوم محمد هاشم ٺٽوي هڪ هنڌ کيس "العالم الصالح الورع" ٻئي هنڌ "العالم الكامل"، لکيو آهي.[2] صاحب قسطاس المستقيم علامه ابراهيم ٺٽوي کيس "عالما متبحرا حنيفا" سڏيو آهي.[3] درويش صفت بزرگ[4] ڪمال درجي جو عالم علم ۽ فضل ۾ پنهنجي دور جو مشهور زمانه شخص هو. فقهي لحاظ کان پاڻ حنفي مذهب جو هو. جيئن علامه ابراهيم ٺٽويءَ کيس حنفي سڏيو آهي. ان جي وڌيڪ وضاحت مخدوم عبداللطيف جي ان بيان مان ٿئي ٿي، جنهن ۾ ان مخدوم محمد معين جي ابن ڏاڏن کي سلف صالحين جو خلف ۽ پيڇاڙيءَ تائين حنفي فقه تي ڪاربند ڄاڻايو آهي. سندس بيان جا لفظ هي آهن:

لقد كان آبائه رحمه الله تعالى خلفا عن سلف الصالحين ولم يكن فيهم عالم من علماء الشريعة الا آبائه الحقيقي وكانوا ممن يلتزم مذهب الامام ابي حنيفة رحمه الله تعالى الي ان ماتو[5]

---

1 ٺٽوي، محمد معين، مخدوم، غايت ماظهر لاضعف الانعام في ان الكلام المحتمل لايوجب الاسلام". ورق: 1، (قلمي) مفيد عام لائبريري سيوهڻ

2 عبدللطيف، مخدوم، ٺٽوي، "ذب ذبابات" جلد 1 ڇاپو 1959ع _1379هه سنڌي ادبي بورد

3 محمد ابراهيم، علامه، ٺٽوي "القسطاس المستقيم" صه 55 (قلمي) ڪتبخانه مدرسه مظهر العلوم کڏو ڪراچي.

4 وفائي، دين محمد، مولانا: مشاهير سنڌ" صه: 159 ، سنڌي ادبي بورڊ 1974ع

5 ٺٽوي، عبداللطيف مخدوم ذب ذبابات، جلد: ب، صفحه: 450، ڇاپو: 1959_1379هه سنڌي ادبي بورڊ.

(سندس ابا ڏاڏا سلف صالحن جا خلف هئا. منجهائن سندس پيءُ حقيقي علماءِ شريعت مان هڪ هو. اهي مرڻ تائين حنفي مذهب جا پيروڪار هئا.)

تحفة الڪرام ۾ مير علي شير قانع سندس اصل ڳوٺ ۽ پوءِ اچي ٺٽي ۾ رهڻ بابت لکيو آهي:

هي تعلقي روپاهہ ۽ پٽ ٻاران جي ڳوٺ ”ڏائي“ (دالي) جو رهاڪو هو......... پنهنجي وڏڙن جو ديس ڇڏي ٺٽي ۾ اچي رهيو ۽ فضيلت ۾ پنهنجي وقت ۾ مشهور هو.[1]

مالي لحاظ کان مخدوم محمد امين پنهنجي پيءُ جي مريد فاضل خان جي ڌيءُ سان رشتي ڪرڻ کان پوءِ وڏي شان ۽ شوڪت وارو ٿي پيو هو. قانع تحفة الڪرام ۾ ان بابت لکيو آهي:

”فاضل خان سندس پيءُ مخدوم طالب الله جو مريد هو ان سببان ان پنهنجي ڌيءُ جو رشتو (ڪيس) ڏنو. جنهن سببان هيءُ وڏي شان ۽ شوڪت وارو ٿي پيو. ۽ تمام بهتر نموني زندگي گذاريائين.“[2]

## مخدو م محمد معين جو ڏاڏو:

مخدوم محمد معين جي ڏاڏي جو نالو طالب الله هو. تعلقي روپاهہ پٽ ٻاران جي ڳوٺ دالي جو رهاڪو هو. وڏو الله وارو نيڪ صالح ۽ صاحب ڪشف بزرگ هو.مخدوم محمد معين پنهنجي ڏاڏي جو پنهنجي ڪتاب ”ايقاظ الو سنان في بطلان الڪفائة لا هل بيت الرضوان “ ۾ چوٿين ايقاظ ۾ ”الا عاجم ضيعوا انسابهم“ جي عنوان هيٺ هن طرح ذڪر ڪيو آهي:

”سنڌ جي ڪن اشرافن جي قبيلن ۽ انهن جي پاڪ امامن ڏانهن نسبت زمانن گذرڻ کان پوءِ ڪوڙ شاهدين جي روشنيءَ ۾ ثابت ٿي چڪي آهي. ۽ خاص توڙي عام ان ڪي مڃي چڪا آهن ۽ ان ڪي وڏيڪ مضبوط ۽ سگهارو سچن ولين جي ڪشفن بنايو آهي. ۽ ان سان اها نسبت وڏيڪ سگهاري ۽ مضبوط ٿي پئي آهي. مهنجي ڏاڏي کان روايت آهي (الله سندس مشرب جو ميناج اسان کي چکائي ۽ سندس راهہ تي هلائي) تہ ان ڪن قبيلن جي نبي صلي الله وسلم ڏانهن نسبت جي صحت بابت تحقيق ڪئي. ۽ تحقيق جي سلسلي ۾ انهن قبيلن ڏانهن سفر ڪيائين. انهن جي ننڍن وڏن سان ملاقاتون ڪيائين. مون ڪن شرفاء بزرگن کان ٻڌو آهي، جن جي وڏيءَ عمر ۽ سهڻي ڳالهہ تي اعتماد ڪري سگهجي ٿو. تہ منهنجو ڏاڏو سندن وڏن وٽ مهمان ٿي رهيو. سندن گهر وارن مان هڪ بزرگ، جيڪو بري ڀلي ڳالهائڻ جي ڪابہ پرواه نہ ڪندو هو ۽ اهو ان جو هر وقت ڳالهائڻ جو انداز هو. جڏهن ڏاڏي سندس اهو ڳالهائڻ ٻڌو تہ اهو دل ۾ ڪيائين ۽ سندن گهرمان نڪري قبرن ڏانهن هليو ويو. جتي ڪيس علي بن ابي طالب ڪرم الله وجهہ مليو. جيئن ڪن خاص مخلصن ۽ مقربن سان سندن ڪن بشري ڪدورتن دور ڪرڻ لاءِ سلندا آهن. ۽ سندن دل ۾ ڪرڻ تي ڪانئس ناراض ٿيا. ان کان پوءِ ڏاڏو موٽيو ۽ ساڻن معذرت ڪيائين. تہ مون اوهان جي ڳالهائڻ جو تمام گهڻو دل ۾ ڪيو هو. ۽ ڪين واقعي جي خبر بہ ڏنائين. هيءُ ۽ انهن جهڙيون ٻيون ڳالهيون، سچيون شاهديون آهن ڪن جي نسبن جي صحيح هئڻ جون.“[3]

---

1 قانع، مير علي شير: ”تحفة الڪرام“ (اردو) ڇاپو: 2002 ع، سنڌي ادبي بورڊ _ ص: 693

2 حوالو ساڳيو صفحہ _693

3 ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: ”ايقاظ الوسنان في بطلان ڪفائت قرَيش“، مائيڪرو فلم سيڪشن ريسرچ لائبريري سنڌ الاجي.

هيءُ واقعو مخدوم طالب الله جي صاحب ڪشف بزرگ هئڻ جو دليل آهي. ۽ سندس بزرگيءَ ۽ ڪمال جو ئي نتيجو هو جو فاضل خان جهڙو ماڻهو سندس معتقد ۽ مريد ٿيو. ۽ ان جي اعتقاد جي به حد اها هئي جو ان عقيدت ۽ محبت جي ڪري هن پنهنجي ڌيءُ جو سڱ سندس پٽ کي ڏنو. جنهن مان مخدوم محمد معين ڄائو.

## مخدوم معين جو نانو فاضل خان:

هن جو اصل نالو ملا عثمان هو. "ڪلي" نالي علائقي جو رهاڪو هو. ذات جو سميجو هو. جڏهن سمجهه سان ٿيو ته پنهنجو اصل ڳوٺ ڇڏي اچي ٺٽي ۾ رهيو. ۽ تعليم به ٺٽي ۾ ئي اچي پوري ڪيائين. تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ جهان آباد هليو ويو. جتي سندس وارا نيارا ٿيا. قابل خان ميرمنشي فوت ٿي ويو ۽ ان جي جڳهه تي هيءُ صدرالصدور ۽ مير منشيءَ جي عهدن تي ترقي ماڻي نهايت عزت ۽ احترام سان پنهنجي زندگي گذارڻ لڳو. هيءُ مخدوم محمد معين جي ڏاڏي مخدوم طالب الله جو عقيدتمند ۽ مريد هو[1] ۽ اڳتي هلي سندن اها عقيدت ۽ مريدي مٽيءَ ماٽيءَ ۾ بدلجي وئي ۽ فاضل خان ملا عثمان پنهنجي نياڻي جو سڱ مخدوم طالب الله جي فرزند مخدوم محمد امين کي ڏنو. فاضل خان ملا عثمان جي هڪ ڌي مير ڪمال الدين جي نڪاح ۾ پڻ آئي[2] جنهن جو تذڪرو پڻ تذڪري جي ڪتابن ۾ ملي ٿو. ملا عثمان کي ڪوبه پٽ جو اولاد ڪونه هو. جنهن ڪري سندس ملڪيت جون وارث سندس ڌيئرون بنيون ۽ جنهن جنهن جي نصيب ۾ آيو تنهن لاءِ خوشبختيءَ جو سبب بنيون ۽ اهي مالا مال ٿي ويا. ان طرح مخدوم معين جو پيءُ پڻ ملا عثمان جي نياڻيءَ سان شادي جي ڪري مالا مال بنجي ويو ۽ زندگي نهايت سکيائيءَ ۽ ستابائيءَ سان گذاريائين. ان طرح ملا عثمان جو نسل ڌيئرن جي پاسي کان وڌيو ويجهيو پر پٽ جو ڪوبه اولاد نه هئڻ ڪري انهي پاسي کان سندس نسل منقطع ٿي ويو. پاڻ پوٽيون ڏوهٽاڻ ته ڇڏيائين پر پوٽاڻ کان محروم رهيو. جنهنڪري سندس جانشيني به سندس ڏوهٽن جي حصي ۾ آئي. سندس ٻيو نياٽو مير ڪمال الدين احمد خان به سندس ئي سببان وڏي عزت وارو نوڪرن چاڪرن ۽ اهم عهدن جو مالڪ ٿي وقت جي وڏن ماڻهن ۾ نالو ڪڍائي ويو. هن مير ڪمال الدين جو ئي هڪ فرزند ميرمرتضيٰ، فاضل خان جي جانشينيءَ لاءِ خاص تربيت ڏئي تيار ڪيو ويو. فاضل خان جي وفات کان پوءِ بادشاهه عالمگير جڏهن فاضل خان جي جانشين جي گهر ڪئي ته مير مرتضيٰ کي سندس خدمت ۾ پيش ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ويو. پر هيءُ اڃا سنبريو ئي ڪونه ته بادشاهه عالمگير جي وفات جي خبر هر پاسي مشهور ٿي وئي . جنهن کان پوءِ هيءُ شاهه عالم بهادر شاهه جي حضور ۾ وڃي حاضر ٿيو. سندس طبيعت کي وڻيو: پر سندس عمر جي بهار جيڪا اوج ماڻڻ لاءِ اتاولي هئي، سا خزان جو شڪار بنجي فنا ٿي وئي . البت مير ڪمال جو ٻيو فرزند مير ذوالفقار علي خاندان جي نامورن جي حيثيت سان انتهائي بزرگي ۽ انسان دوستيءَ سان زندگي گذاري[3]

---

1 قانع، مير علي شير: تحفته الڪرام (اردو) ڇاپو: ٻيو 2002ع سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ، صفحه: 722

2 حوالو ساڳيو صفحه _ 624.

3 قانع، مير علي شير، ٺٽوي: "تحفته الڪرام" اردو ڇاپو: ٻيو سال: 2002، سنڌي ادبي بورڊ، صفحه: 624_ 625

## مخدوم صاحب جي ذات:

مخدوم محمد معين جي ذات، مولانا دين محمد وفائيءَ دل ڄاڻائي آهي.[1] تحفته الڪرام ۾ سندس ذات "دل لاڪ" ڄاڻائي وئي آهي[2] مخدوم محمد ابراهيم ٺٽوي القسطاس المستقيم ۾ سندس ذات دل لکي آهي[3] تذڪره روز روشن ۾ عطا ٺٽويءَ جي مخدوم موصوف سان دل ذات جي بنياد تي مذاق، جنهن جو ذڪر عطا ٺٽويءَ جي سوانح ۾ پنهنجي جاءِ تي ايندو مان به ثابت ٿئي ٿو ته تنهن زماني ۾ مخدوم موصوف جي ذات اڪثر دل مشهور هئي . پر تحفة الڪرام ۾ "دل لاڪا" ذات لکڻ به ڪنهن اهميت کان خالي نه ڇئبو.ضرور ان جو به سبب هوندو. جيڪو آءٌ سمجهان ٿو ته اهو ٿي سگهي ٿو ته "دل" لاڪا ذات جو پاڙو يا ان جي ٿي نک مان پيدا ٿيل ذات آهي، جيئن "نسب نامه سنڌ "قلمي" ۾ آهي ته: ساند ولد پلي ولد رائدن ولد ڄام ڪاڪ ولد سمه ولد انڙ ولد لاڪا ولد لاڪيار ڪي ست پٽ هئا، جن ۾ هڪ ان جو پٽ دل آهي. ان طرح دل لاڪ جي ستين پيڙهي آهن.[4] سنڌ ۾ اڄ به دل ۽ لاڪا برادريون آباد آهن.

## مخدو م معين جو ڳوٺ:

سندس آبائي ڳوٺ جو نالو "دالي" هو. جيڪو تعلقي روپاهه پٽ باران جي علائقي ۾ آباد هو.[5] روپاهه ۽ پٽ باران جو نالو مولانا غلام رسول مهر تاريخ سنڌ عهد ڪلهوڙا ۾ انهن شهرن جي فهرست ۾ ڏنو آهي، جيڪي سنڌ ۾ علمي مرڪز رهيا آهن.[6] ڪلهوڙي حاڪم ميان يار محمد جي زماني ۾ جڏهن شهزادي معزالدين سنڌ ڏانهن حڪم موڪليو ته ملتان طرف فوج موڪلي وڃي، تڏهن ميان يار محمد، مير شهداد کي ملتان موڪليو. مير جي اعليٰ خدمتن کان خوش ٿي شهزادي کيس پٽ باران جو علائقو جاگير ۾ عطا ڪيو.[7] هيءُ علائقو موجوده شهداد پور تعلقي، سنجهوري تعلقي کان شاهپور چاڪر تائين جي علائقي تي مشتمل هو. مخدوم محمد معين جا وڏڙا هن علائقي جا رهاڪو هئا. جتان مخدوم موصوف جو پيءُ مخدوم محمد امين لڏي نڪتو ۽ اچي ٺٽي ۾ آباد ٿيو.[8] پائنجي ٿو ته مخدوم محمد امين جڏنهن فاضل خان جي نياٽيءَ سان نڪاح وڌو،تنهن کان پوءِ ٺٽي ۾ اچي آباد ٿيو. مخدوم محمد امين ۽ سندس والد مخدوم طالب الله جنهن رتبي کي پهتل هئا. ۽ انهن جو علم ۽ فضل، تقويٰ ۽ شريعت ۾ جيڪو مقام هو سو هن علائقي جي علمي زرخيزيءَ جو هڪ جيئرو جاڳندو مثال آهي.

---

1 وفائي، دين محمد، مولانا: مشاهير سنڌ" سنڌي ادبي بورڊ 1974ع، صه 158

2 قانع، مير علي شير، ٺٽوي "تحفته الڪرام" اردو ڇاپو: ٻيو سال: 2002، سنڌي ادبي بورڊ، صفحه: 693

3 ٺٽوي، محمد ابراهيم، مخدوم: "القساس المستقيم" قلمي لائبريري مدرسه مظهر العلوم کڏو ڪراچي. صه:55.

4 نسب نامه سنڌ، قلمي، ريسرچ لائبريري سنڌ الاجي، صه: 22.

5 مهر غلام رسول: "تاريخ سنڌ" ڪلهوڙا دور"، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ سال: 1996ع، صفحه: 886

6 حوالو ساڳيو، صفحه: 877

7 حوالو ساڳيو صفحه: 616

8 حوالو ساڳيو صفحه: 886

### مخدوم موصوف جي ولادت:

مخدوم موصوف جي ولادت بابت شروع جي ڪنهن به تذڪره نگار ڪجهه نه لکيو آهي. اعجاز الحق قدوسيءَ "گنجينه تاريخ وفات مشاهير" قلميءَ ۾ مخدوم موصوف جي ولادت جو سال 1093 ھ ڄاڻايو آهي، پر ان جو اصل ماخذ نه ٻڌايو آهي [1] علامه غلام مصطفي قاسمي صاحب هڪ بياض، جيڪو سنڌ جي فضلاء جي تاريخي مادن جو مجموعو آهي، جي حوالي سان مخدوم موصوف جي ولادت جو سال 1093 ھ ڄاڻايو آهي. ۽ ماده تاريخ "مخدوم عالم محمد معين" ڄاڻايو آهي.

مخدوم موصوف جو اصل نالو ته محمد معين ئي آهي، جيڪو موصوف پنهنجي تصنيفات ۾ "محمد الملقب بالمعين" لکيو آهي، پر ڪيس "مخدوم ٺارو" به سڏيو ويندو هو. سندس ڪنيت "ابوالحسن" هئي، پر سندس ڪنيت مشهور نه ٿي [2]

## فصل ٻيو: تعليم ۽ تربيت

تعليم ۽ تربيت جو احوال ذڪر ڪرڻ کان پهريائين ضروري آهي ته مخدوم معين جي ٻاراڻي وهيءَ کان ٿورو اڳ ۽ پوءِ جي دور ۾ سنڌ ۽ خاص طور ٺٽي جي شهر جي علمي ماحول تي نظر وجهجي. ان کان پوءِ مخدوم موصوف جي تعليم ۽ تربيت جو احوال ذڪر ڪجي.

### علمي ماحول:

برصغير سنڌ ۽ هند جي سرزمين هوءَ ته صدين کان علم، ڏاهپ ۽ تهذيب جو مرڪز رهي آهي. پر اسلامي دور ۾ هندستان علمي مرتبي ۾ ٻين اسلامي ملڪن کان ڪنهن به قيمت تي گهٽ نه رهيو آهي. علم حديث ۾ هندستان جيڪو اسلامي ملڪن ۾ رتبو حاصل ڪيو. تنهن جو اندازو علامه رشيد رضا مصريءَ جي هنن لفظن مان لڳائي سگهجي ٿو:

> "لولاعنايت اخواننا علماء الهند بعلوم الحديث في هذا العصر لقضيٰ عليها بالزوال من امصار الشرق فقد ضعفت في مصر والشام والعراق والحجاز من القرن العاشر للهجرة حتي بلغت منتهيٰ الضعف في اوائل القرن الرابع عشر."

(جيڪڏنهن علم حديث تي اسانجي هندي ڀائرن جي هن دور ۾ مهرباني نه ٿئي ها ته ان تي اوڀر جي ملڪن ۾ زوال اچي وڃي ها. ڇاڪاڻ ته مصر شام عراق ۽ حجاز ۾ ڏهين صدي هجريءَ کان ڪمزوري پيدا

1 قدوسي، اعجاز الحق: "گنجينه تاريخ وفات مشاهير" ص: 8 (قلمي) راشدي ڪارنر ريسرچ لائيبريري سنڌالاجي.

2 ٺٽوي، محمد معين: رسالہ اويسيہ (قلمي) ص: 3، ڪاتب محمد عارف سنائي، نسخہ خطيہ: جي ايم سيد جي ذاتي لائبريري، سن.

تي چڪي هئي، ايستائين جو چوڏهين صدي هجريءَ ۾ تہ اهو ضعف ۽ ڪمزوري ڪمال کي وڃي پهتي.)[1]

علم حديث جي هندستان جي اهڙن ڪارنامن جو ذڪر ڪندي مولانا مناظر حسن گيلانيءَ لکيو آهي تہ:

هيءَ هندستان ئي هو جنهن اسلام جي اچڻ جي پهرين صديءَ جي شروع ۾ ئي هڪ نہ پر ڪوڙ معتبر ڪتاب فن حديث ۾ پيش ڪيا. بخاريءَ جو شرح، مصباح الدجيٰ، مشارق الانوار، معرفة الصحابہ ۽ درة السحابہ"[2]

برصغير هند ۾ سنڌ ۾ اسلام پنهنجي اوائلي دور ۾ ئي سنڌ جي رستي داخل ٿيو هو. ان ڪري علمي طور خاص ڪري علم حديث ۾ سنڌ اوائلي اسلامي دور کان هند جي ٻين خطن جي ڀيٽ ۾ قدري وڏيڪ خدمتن ڏيڻ جو اعزاز ماڻيو. مولانا مناظر حسن گيلاني جي چوڻ موجب هندستان جتي علم حديث ۾ ڪوڙ تصنيفون پيش ڪيون اتي سنڌ اهڙا محدث ۽ اعليٰ پائي جا سگهارا (ثقات) راوي اسلامي دنيا کي ڏنا جن کان ڪوڙ وڏن وڏن مشهور محدثن روايتون ورتيون. ايستائين جو ڪي محدث تہ اهي آهن، جن کان بخاري، ابوداؤد ۽ نسائي جهڙن صحاح ستہ جي مصنفن روايتون نقل ڪيو آهن. جيڪي محدث امام بخاريءَ جي استاد حميدي ۽ زهريءَ جهڙن محدثن کان بہ وڏي پائي جا هئا. سنڌ کي هيءَ فضيلت ڪيئن حاصل ٿي؟ مولانا رياست علي ندوي اعظم ڳڙهہ وارو لکي ٿو:

"سنڌ هندستان ۾ سڀ کان پهريون اسلامي ملڪ آهي، جنهن تي مسلمانن پهرين صدي هجريءَ جي آخر ۾ اچي قبضو ڪيو. انهيءَ قبضي جي وقت جيڪي قيدي گرفتار ڪري عراق ۽ عرب اماڻيا ويا، انهن مان ڪن اتي وڃي آزادي حاصل ڪئي ۽ انهن اهي علمي ۽ سياسي مرتبا حاصل ڪيا، جيڪي اڳ صرف فاتح قوم کي ئي حاصل هئا."[3]

سنڌ جي انهن محدثن جو مختصر تذڪرو ڪرڻ سنڌ جي علمي تاريخ سمجهڻ لاءِ تمام ضروري آهي.

ابو معشر نجيح بن عبدالرحمن السنڌي (وفات 170هہ) علم مغاريءَ جو وڏو عالم فقيہ، تاريخ جو وڏو ڄاڻو ۽ محدث هو. شذرات واري کيس صاحب المغازي والاخبار سڏيو آهي (4) اصل نسل جي لحاظ کان سنڌي هو. عجميت جي ڪري قاف کي ڪاف چوندو هو. مديني ۾ رهيو. بغداد ۾ فوت ٿيو. هارون رشيد سندس جنازي جي نماز پڙهائي. ڪتاب المغازي سندس تصنيف آهي. ڪانئس سندس پٽ محمد سنڌي، حسين سنڌي، يزيد بن هارون، محمد بن عمر واقدي، اسحاق بن عيسيٰ الطباع ۽ محمد بن بڪار الريان

---

1 گيلاني، مناظر حسن، مولانا، "پاڪ و هند ۾ مسلمانون کا نظام تعليم و تربيت" صہ 112 مڪتبہ رحمانيہ اردو بازار لاهور ڇاپو: پهريون.

2 حوالو ساڳيو صہ 113

3 الوحيد اسپيشل ايڊيشن، سنڌ آزاد نمبر صفحہ 47

4 حنبلي، ابوالفلاح عبدالحسن بن العمار:" شذرات الذهب في اخبارمن ذهب" جلد: 1، صفحہ 146، دارالمسيرة بيروت لبنان ڇاپو ٻيو 1979ع

روايتون ڪيون آهن. سندس پٽ محمد بن ابي معشر [1] ۽ پوٽو امام داؤد بن محمد بن ابي معشر پڻ وڏا محدث هئا. ۽ ڪانئس به گھڻن راوين روايتون ڪيون. [2] بغداد ۾ هڪ وڏي مقبري ۾ دفن ٿيل آهي. [3]

ابوعبدالله مڪحول بن عبدالله. جنهن لاءِ [4] زهريءَ چيو ته عالم چار آهن: مديني ۾ سعيد بن المسيب، ڪوفي ۾ شعبي، بصري ۾ حسن بصري ۽ شام ۾ مڪحول. سندس زماني ۾ فتويٰ ۾ ڪو به ڪانئس مٿي بصيرت رکندڙ ڪونه هو. هيءَ سنڌي هئڻ ڪري عربي پڻ سنڌي لهجي ۾ ڳالهائيندو هو. جنهن ڪري سندس باري ۾ چيو ويو ته "سنڌي هو تنهن سببان فصيح عربي نه ڳالهائيندو هو."

محمد بن ابراهيم بن عبدالله الديبلي [5] محمد بن محمد ديبلي، شعيب بن محمد ديبلي [6] ابوالعباس احمد ابن عبدالله الوراق ديبلي [7] ۽ ابوالعباس احمد بن عبدالله بن سعيد الديبلي [8] ديبل جا وڏا محدث ۽ عالم ٿي گذريا آهن.

خلف بن سالم السنڌي (وفات 231هه) حافظ الحديث هو. وڏا وڏا مشهور محدث جيئن يحيٰ بن سعيد القطان، عبدالرحمن بن مهدي، اسماعيل بن ابراهيم وغيره سندس استاد هئا ۽ سندس شاگرد به اهڙائي وڏي پائي جا محدث هئا. جن مان هڪ محمد بن ادريس الحنظلي، امام بخاريءَ جي استادن مان هڪ آهي. امام ابو داؤد سجستاني صاحب سنن ابي داؤد پڻ چيو آهي ته "مون خلف بن سالم کان اهي پنج حديثون ٻڌيون، جيڪي احمد بن جنبل کان ٻڌم". ڪانئس امام نسائي مصنف سنن نسائي پڻ هڪ راوي جي واسطي سان روايت ڪئي آهي. احمد بن حنبل سندس لاءِ چيو ته: .خلف بن سالم جي سچائي ۾ ڪو به شڪ شبهو ناهي" امام نسائي ۽ ٻين وڏن محدثن سندس توثيق ڪئي آهي. سندس شاگرد يعقوب بن شيبه جو چوڻ آهي ته، خلف حديث ۾ مضبوط ۽ اعتماد جوڳو آهي. بخاريءَ جي استاد حميدي ۽ مسدد ٻنهي کان وڌيڪ مضبوط آهي. ابن سعد طبقات ۾ لکيو آهي ته، خلف بن سالم "مسند" لکي ۽ منجهس نبي سڳورن جون

---

1 ڪنيت ابو عبدالملڪ هيس، محمد نالو هيس، پيءُ کان ڪتاب المغازي ٻڌائين. 99 سالن جي عمر ۾ 244هه ۾ فوت ٿيو "الانساب" ج:7 صفحه: 274 ۽ تاريخ بغداد جلد: 3 صفحه: 326

2 زرڪلي، خير الدين: "الاعلام" جلد: 8 صفحه، 329 مطبع ڪوستانسوماس مصر، 1956ع

3 سمعاني، ابوسعد، عبدالڪريم بن محمد بن منصور "ڪتاب الانساب" جلد: 7 صفحه: 270 معارف عثمانيه حيدرآباد دکن 1976ع

4 زرڪلي، خيرالدين، الاعلام جلد: 8 صفحه : 212.

5 مڪي جو رهاڪو هو ابن عينيه جو ڪتاب التفسير ابو عبدالله سعيد بن عبدالرحمن مخزوميءَ کان، ابن مبارڪ جو ڪتاب البروالصلہ ابو عبدالله حسين بن الحسن مروزيءَ کان روايت ڪيو اٿس. ڪانئس ابوالحسن احمد بن ابراهيم بن فراس مڪي ۽ ابوبڪر محمد بن ابراهيم بن علي المقري روايت ڪئي آهي. الانساب ج: 5 صه 439

6 ابوالقاسم شعيب بن محمد بن احمدبن شعيب بن بزيع بن سوار مشهور ابن ابي قطراه ديبلي مصر ۾ آيو اتي حديث پڙهيو. الانساب ج: 5 صه 440

7 زاهد ۽ صالح عالم هو ابو خليفه الفضل بن الحباب الجمعي ۽ جعفر بن محمد بن حسن قرباني ۽ ٻين کان روايت ڪيائين. ڪانئس حاڪم ابو عبدالله حافظ روايت ڪئي آهي، رمضان 345هه ۾ فوت ٿيو الانساب ج: 5 صه 440.

8 علم جي طلب ۾ آيل غريبن مان هڪ هو. زاهد فقير ۽ عبادت گذار هو. نيشاپور ۾ رهيو جڏهن ابوبڪر محمد بن اسحاق بن خزيمه اتي رهندو هو. نيشاپور ۾ 343هه ۾ فوت ٿيو. حيره ۾ هڪ مقبري ۾ دفن ٿيل آهي. الانساب ج: 7 صفحه: 441_440

حديثون گڏ ڪيائين. [1]

رجاء سنڌي بہ هڪ وڏو محدث هو. ثقات راوين مان شمار ڪيو ويندو هو. ان جو پٽ ابو عبدالله احمد بن رجاء سنڌي ۽ پوٽو ابوبڪر محمد بن احمد پڻ ثقات راوي هئا. [2]

احمد بن سنڌي [3] سنڌي بن شاهڪ [4] ابو نصر فتح بن عبدالله السندي [5] احمد بن محمد القاضي المنصوري، ابونصر احمد بن محمد بن صالح التميمي قاضي منصوري، ابو محمد عبدالله بن جعفر بن مرة منصوري مقري، ابو جعفر عبدالله بن اسماعيل بن ابراهيم بن عيسيٰ بن ابي جعفر منصوري سنڌي وفات 350هہ ابوالقاسم عبدالعزيز 324ھ ابوالفوارس سنڌي مصري ابن حامد ديبلي قاضي ابو حنيفہ سنڌي [6] امام مسعود بن شيبہ سنڌي وغيره [7] جهڙن عالمن محدثن ۽ فقيهن جو هڪ ڊگهو سلسلو جيڪو ٻي صدي هجريءَ کان شروع ٿي ستين اٺين صديءَ کان ٽپي اچي چوڏهين صديءَ تائين پهچي ٿو. مخدوم مولانا امير احمد ان تي لکي ٿو:

وبقيت السنڌ علي هذا الحال و امتدت فيها هٰذهِ السلسلہ الذهبيہ سلسلة العلوم العربيہ والدينية الي الربع الاول من القرن الرابع عشر من الهجرة ثم حمدت نيران العلم في هذاالقطر و عفت آثاره وطارت بعلماء العربيہ العنقاء واندرست المدارس ودور العلم ولم يبق من الفنون العربيہ الا رسمها ومن المدارس الا اسمها فالي الله المشتكي [8]

سنڌ انهيءَ حال تي لڳاتار رهي منجهس اهو سونهري سلسلو عربي ۽ ديني علمن جو وڏو عرصو هليو ويندي چوڏهين صديءَ جي پهرين چوٿائيءَ تائين. ان کان پوءِ هن علائقي مان علم جي روشني ڏيمي پئجي وئي. ان جا آثار متجي ويا. عربي علماء عنقا وانگر گم ٿي ويا. مدرسا ۽ علمي دور ختم ٿي ويو. عربي فنون رسمي طور وڃي بچيا ۽ مدرسا نالي ماتر ..... فالي الله المشتڪي

---

1 بغدادي، خطيب، ابوبڪر احمد بن علي الحافظ: "تاريخ بغداد جلد: 8، صفحو: 329_328، المڪتبة السلفيہ المدينة المنوره.

2 "الانساب" جلد: 7 ، صفحہ: 271

3 احمد بن سنڌي بہ آهن: هڪ احمد بن سنڌي بن فروخ المطرز البغدادي يعقوب بن ابراهيم الدورقي کان روايت ورتائين ڪانئس عبدالله بن عدي الجرجاني روايت ڪئي آهي، چيائين: ڪانئس بصري ۾ روايت ٻڌم" الانساب ج: 7، صہ 273، تاريخ بغداد جلد: 4 صفحہ: 187، ٻيو احمد بن سنڌي بن الحسن بن بحر الحداد، ابوبڪر، بغداد جو هو ثقہ، سچو ڪيس ابدالن مان شمار ڪيو ويندو هو. شذرات ج: 5 صفحہ: 28، بهترين فاضل هو 359ھ ۾ فوت ٿيو. الانساب ج: 7 صفحہ: 273 تاريخ بغداد ج: 4 صفحہ: 187

4 سندي بن شاهڪ جو نالو محمود بن الحسين آهي، شذرات الذهب جلد 3، صفحہ 37 سندي بن شاهڪ جو پٽ آهي رشيد جي بغداد هئڻ وقت جسر ۾ هو: الانساب، جلد: 7. صفحہ: 272

5 وڏو فقيهہ ۽ متڪلم هو. آل حسن بن حڪم جو غلام هو. پوءِ آزاد ٿيو. ابو علي ثقفي وٽ فقه ۽ علم ڪلام پڙهيو. سمعاني الانساب جلد:7 صفحہ 272 معجم البلدان واري بہ ابو معشر ۽ فتح بن عبدالله سنڌيءَ جو "سنڌ" جي تذڪري ۾ ذڪر ڪيو آهي. صفحہ: 267، جلد: 3

6 بغدادي، خطيب، ابوبڪر احمد بن علي الحافظ: تاريخ بغداد" جلد: 8، صفحہ 330_329_328 المڪتبة السلفيہ المدينة المنوره

7 عماد الدين، شيخ الاسلام مسعود بن شيبہ بن الحسين سنڌي مصنف ڪتاب مقدمہ ڪتاب التعليم، ستين صدي هجريءَ جي اعلام مان هو. نعماني، عبدالرشيد: مقدمہ ڪتاب التعليم صہ 75_76 سنڌي ادبي بورڊ 1965ع

8 امير احمد، مخدوم مولانا مقدمہ بذل القوة في حوادث سني النبوة" صہ: 3، سنڌي ادبي بورڊ 1966ع

سنڌ ۽ هند جيتوڻيڪ ٻن الڳ الڳ ۽ متوازي ملڪن جي حيثيت ۾ تاريخ ۾ پنهنجي سڃاڻ رکن ٿا، پر مخدوم محمد معين جي دور ۾ سنڌ وڏو عرصو هندستان جو هڪ صوبو رهيو جنهن ڪري هن دور بابت تاريخ ۾ جتي هندستان بابت ڪجهه چيو ويو آهي، ته ان ۾ سنڌ به شامل سمجهي ويندي. ان ڪري هن دور جي نظام تعليم بابت جيڪا معلومات ڏيڻ گهرون ٿا. ان جي شروعات گڏيل هندستان سان ڪيون ٿا. ۽ ان کان پوءِ ان ۾ سنڌ کي الڳ طور هن حوالي سان بحث هيٺ آندو ويندو.

علم سان مالامال هندستان پاڻ وٽ هڪ زنده ۽ فعال نظام تعليم رکندو هو. ۽ پنهنجي ماڻهن ۾ علم جي عظيم سرمائي سان والهانه محبت جي جذبي سان مالامال هو. علامه مقريزي، جنهن هندستان جي سياحت ڪئي، تنهن پنهنجي تاريخ ۾ لکيو آهي ته "محمد شاه تغلق جي دور ۾ صرف دهليءَ شهر ۾ هڪ هزار مدرسا هئا". مارڪس ملر سرڪاري ڪاغذات جي بنياد تي لکي ٿو ته برطانوي حڪومت کان اڳ بنگال ۾ اسي هزار ديسي مدرسا هئا. ٻين لفظن ۾ ان جي اها معنيٰ ٿي ته آباديءَ جي هر چاليهن فردن لاءِ هڪ مدرسو قائم هو. ريورنٽ وارڊ 1821ع ۾ بيان ڪيو آهي ته انڊيا ڊسٽرڪٽ اسڪولن سان پريو پيو آهي. اتي هر اڪيهن ٻارن تي اسڪول آهي[1] هڪ انگريز جنرل سليمان هندستان بابت لکيو آهي ته:

"دنيا ۾ اهڙيون قومون تمام گهٽ ملنديون جن ۾ تعليم ايتري عام هجي جيتري هندستان جي مسلمانن ۾ آهي، انهن ۾ جيڪو ويه روپيه ماهوار ڪمائي سگهي ٿو سو پنهنجي ٻارن کي ائين تعليم ٿو ڏئي جيئن هڪ وزير اعظم پنهنجي اولاد کي تعليم ڏئي".

"جيڪي علم اسان جا ٻار لاطيني ۽ يوناني زبانن ۾ پنهنجي ڪاليجن ۾ حاصل ڪن ٿا، اهي ئي هيءُ ماڻهو عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ سکندا آهن."

"ستن سالن جي درس (فاضل جي درجي) کان پوءِ هڪ هندستاني طالب علم، جيڪو آڪسفورڊ جي فارغ التحصيل طالب علم جيان علم سان مالامال هوندو آهي، سو پنهنجي مٿي تي دستار فضيلت ٻڌندو آهي. ۽ ان ئي طرح روانيءَ سان سقراط، ارسطو افلاطون، بقراط، جالينوس ۽ بوعلي سينا تي ڳالهائي سگهندو آهي، جيئن اڪسفورڊ جو ڪامياب طالب علم."

"هڪ تعليم يافته مسلمان، فلسفي ادبيات ۽ ٻين فنن تي قابليت سان گفتگو ڪري سگهي ٿو." [2]

هن قسم جي علمي سرگرمين سان مالامال هندستان جو ئي هڪ خطو سنڌ آهي. جنهن جو مخدوم محمد معين رهاڪو هو. ۽ جتي پڙهي پرجهي مخدوم معين منطق، فلسفي ۽ ادبيات جو اعليٰ پائي جو عالم بڻجي ويو. هن دور ۾ جتي پورو هندستان علمي سرگرمين جو مرڪز هو، اتي سنڌ به انهن سرگرمين ۾ پوئتي ڪانه هئي. هندستان بابت جتي مارڪس ملر مقريزي ۽ جنرل سلمن جون شاهديون گذريون، اتي سنڌ بابت ڪپتان هملٽن جي شاهدي سنڌ جي علمي بلنديءَ جو عظيم مثال پيش ڪري ٿي. ڪپتان هملٽن يورپ جو هو. سياحت جي خيال سان سنڌ آيو 1111 هجريءَ مطابق 1699ع ۾ سنڌ ۾ آيو. جڏهن مخدوم محمد معين اندازن سترهن ارڙهن سالن جو هو. ۽ ضرور ان وقت ٺٽي جي ڪنهن مدرسي جو شاگرد

---

1 مهر غلام رسول:" تاريخ سنڌ عهد ڪلهوڙا" صفحه: 874، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ ڪراچي 1996ع

2 گيلاني، مناظر حسن، مولانا:" برصغير پاڪ و هند مين مسلمانون کا نظام تعليم و تربيت" ص: 293، مڪتبه رحمانيه لاهور

هو. هملٽن لکي ٿو:

"ٺٽي جو شهر دينيات، لسانيات ۽ سياسيات جي تدريس ۽ تعليم جي سلسلي ۾ بهترين شهرت جو مالڪ آهي. هتي چار سئو ڪاليج آهن. جن ۾ ٻارن کي انهن علمن جي تعليم ڏني ويجي ٿي". [1]

مولانا غلام رسول مهر تاريخ سنڌ ۾ لکيو آهي ته "ان زماني ۾ ٺٽي جي آدمشاري لڳ ڀڳ ٻن ادائي لکن ۾ هئي. ۽ ٻن ادائي لکن جي آباديءَ لاءِ چار سئو مدرسا ان دور جي علمي عظمت جي مضبوط شاهدي آهن. فريد بکري، جنهن پنهنجو ڪتاب "ذخيرة الخوانين" هملٽن کان پنجويه سال اڳ مرتب ڪيو هو. ان ۾ موصوف ٺٽي کي عراق ثاني سڏيو آهي. لکي ٿو:

"الله جي ولين ، فاضلن ۽ شاعرن جو ظهور به هتي تعداد کان گهڻو ٿئي ٿو......جيتوڻيڪ هن وقت اها رونق نه رهي اٿس، پر تڏنهن به ٻين شهرن کان ممتاز حيثيت رکي ٿو. علم نحو صرف، فقه ، ۽ نظم هن شهر ۾ گهڻو آهي. ڇئي سگهجي ٿو ته هتي جو عراق ثاني آهي." [2]

## ابتدائي تعليم:

مخدوم محمد معين ڄائو نپنو به ٺٽي شهر ۾ ته تعليم ۽ تربيت به اتي ئي شهر ٺٽي ۾ حاصل ڪيائن . اعجازالحق قدوسي تاريخ سنڌ ۾ لکيو آهي ته:

مخدوم محمد معين اتي ئي (ٺٽي ۾) تعليم ۽ تربيت حاصل ڪئي ۽ معقولي ۽ منقولي علمن ۾ وقت جو علامه بنجي ويو. [3] ان بابت فقهاءَ هند جو بيان هن ريت آهي:

ابتدائي تعليم جليل القدر پيءُ کان حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ اقليم سنڌ جي هڪ نهايت بلند رتبي واري عالم معقولات ۽ منقولات جي ماهر شيخ عنايت الله ابن فضل الله ٺٽويءَ وفات (1116هه) جو دروازو کڙڪايائين. ۽ شاگرديءَ لاءِ سندس آڏو گوڏا کوڙي ويٺو. [4]

نزهته الخواطر ۾ آهي ته:

ولد ونشا باقليم السنڌ وقرآء العلم علي الشيخ عنايت الله بن فضل الله السنڌي [5]

سنڌ ۾ ڄائو نپنو ۽ شيخ عنايت الله بن فضل الله سنڌيءَ وٽ علم پڙهيو.

## دهليءَ جي سفر جي غلط روايت:

مخدوم معين پنهنجي وطن کان ٻاهر علم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪٿي به ڪو سفر ڪونه ڪيو ان بابت ڪن ڪتابن ۾ دهليءَ ڏانهن سندس سفر جو جيڪو ذڪر ملي ٿو سو غلط آهي. البته سنڌ جي استادن ۽

---

1 مهر، غلام رسول: "تاريخ سنڌ" عهد ڪلهوڙا، صفحه : 874، جلد: 2 ،ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ.

2 بکري، شيخ فريد الدين: "زخيرة الخوانين" جلد: 2، صه: 31، ڇاپو: 1970ع پاڪستان هسٽاريڪل سوسائيٽي ڪراچي.

3 قدوسي، اعجازالحق، "تاريخ سنڌ" صفحه 555 مرڪز اردو بورڊ لاهور

4 ڀٽي محمد اسحاق، "فقهاءِ هنڌ" جلد: پنجون، صفحه: 233 اداره ثقافت اسلاميه ڪلب روڊ لاهور.

5 حسني، عبدالحي، لکنوي، مولانا: نزهته الخواطر، صفحه: 351

علماءَ کان سواءِ ٻاهرين عالمن کان مخدوم صاحب ڪن صورتن ۾ استفادو ڪيو آهي.

مخدوم معين جي دهليءَ ڏانهن سفر ۽ اتي وڃي شاهه ولي الله دهلويءَ کان استفادو ڪرڻ ۽ سند حاصل ڪرڻ بابت، مولانا دين محمد وفائي، محمد اسحاق ڀٽي، مولانا عبدالحي لکنوي جن لکيو آهي تہ: جڏهن ان شاهه ولي الله دهلويءَ جي هاڪ ٻڌي تہ ڪانئس پرائڻ لاءِ دهلي جو سفر ڪيائين ۽ شاهه ولي الله کان فلسفو ۽ الاهيات پڙهي واپس وطن وريو. (1)

پر صاحب ذب ذبابات مخدوم عبداللطيف بن مخدوم محمد هاشم ٺٽوي لکي ٿو تہ:

المعترض الساڪن في تتہ بلدة معينة من بلاد السنڌ من اول عمره الي ان مات ولم يخرج في اسفاره جميعها من بلاد السنڌ (2)

(معترض (محمد معين) سنڌ جي هڪ مخصوص شهر ٺٽي جو رهاڪو آهي ۽ پنهنجي شروع عمر کان مرڻ تائين پنهنجي مڙني سفرن ۾ سنڌ کان ٻاهر نہ نڪتو آهي.)

هيءَ بيان مخدوم معين جي دهلي جي سفر جي سخت ترديد ڪري ٿو. دهليءَ جي سفر بابت هنن ٻن راين بابت صحيح فيصلي ڪرڻ لاءِ ان بابت مخدوم معين جو پنهنجو بيان سامهون آڻڻ ضروري آهي، پاڻ لکي ٿو:

هيءُ فقير صحاح ستہ، معاجم، علم ڪلام، علم اصول، علم ادب ۽ تصوف جا سڀ ڪتاب هنن استادن کان روايت ڪري ٿو.

(1) شيخ عبدالقادرصديقي مفتي مڪة المڪرمہ جن پنهنجي مڙني روايتن جي اجازت ڏني.

(2) شيخ ابو طاهر ڪردي بن شيخ ابراهيم ڪردي مدني پنهنجي روايتن جي اجازت ڏني.

(3) شيخ فيض الله بن عارف ڪامل وقطب وقت شيخ آدم ٺٽويءَ کان حديث جي اجازت آهي، جيڪو شيخ عجيميءَ کان روايت ڪري ٿو.

(4) شيخ محمد زڪي سرهندي بن شيخ محمد حنيف کان اجازت آهي.

(5) حضرت شاهہ ولي الله بن عبدالرحيم کان روايت جي اجازت آهي.

مون مٿين پنجن استادن مان ٻن بزرگن شيخ عبدالقادر صديقي ۽ شيخ ابو طاهر مدنيءَ کان مڪاتبت (خط وڪتابت) ([3]) جي ذريعي حديث جي اجازت حاصل ڪئي ۽ ٽين کان روبرو اجازت ورتي. الله تعاليٰ

---

1 وفائي دين محمد مولانا "مشاهير سنڌ" جلد: پهريون، صفحہ: 159، سنڌي ادبي بورڊ_ ڀٽي محمد اسحاق فقهاءَ هند، جلد: 5 صفحہ 233 ادره اسلاميہ ڪلب اردو لاهور_ حسني عبدالحي، لکنوي، مولانا: نزهتہ الخواطر، ص: 351

2 ٺٽوي، عبداللطيف بن مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: "ذب ذبابات" جلد: 1 صفحہ: 515 سنڌي ادبي بورڊ

3 اصول حديث جي اصطلاح ۾ "مڪاتبت" اجازت حديث جي انن طريقن مان هڪ طريقو آهي جنهن جي محدثن جي اصطلاحن ۾ معنيٰ آهي: "ان يڪتب مسموعہ لغائب او حاضر بخط او ياذن بڪتبہ" يعني محدث حاضر يا غير حاضر شاگرد کي پنهنجون روايتون پنهنجي اگرن ۾ لکي ڏئي يا پنهنجي ڪتابن جي ڪيس اجازت ڏئي" (ڏسو مقدمو سنن ابو داؤد مولانا سيد محمد عميم الاحسان الميزان ناشران ڪتب اردو بازار لاهور2004ع) هن مان ثابت ٿيو تہ مڪاتب واري اجازت ضروري ناهي تہ صرف غير حاضر شاگرد کي ڏني وڃي، پر مخدوم محمد معين پنهنجي استادن کان سندن روبرو نہ پر خط ذريعي اجازت بالمڪاتبت حاصل ڪئي

سيني تي پنهنجي رحمت وسيع ڪري ۽ پنجين (شاه ولي الله) جي عمر ۾ برڪت ڏئي ۽ سندن نور مان اسان کي منور ڪري.[1] مخدوم صاحب جو هن سلسلي جو بيو بيان، جنهن ۾ پنهنجا ڪجهه منفرد رايا شاهه صاحب آڏو پيش ڪرڻ ۽ وٽانئس تحسين ملڻ جو بطور فخر هن طرح ذڪر ڪيو آهي:

اسان پنهنجي هن راءِ ۾.... شاهه ولي الله بن عبدالرحيم کي موافق ڏٺو. جو رويرو صالح جملي سان مون کي مخاطب ٿي،منهنجي انهن منفرد راين،جن ۾ مون جمهور جي مخالفت ڪئي آهي . بابت فرمايائون "ومن الرديف فقد رڪبت غضنفرا" (بيشڪ تون شينهن جي پٺيءَ تي چڙهيو آهين)[2]

مخدوم معين جا پنهنجا هيءُ لفظ، پهرين ۽ پوئين، ٻنهي بيانن ۾ اهو ٻڌائين ٿا ته پاڻ سنڌ کان ٻاهر جي محدثن ۽ عالمن کان اجازت حاصل ڪئي اٿن. جن مان ٻن: شيخ عبدالقادر صديقي ۽ شيخ ابو طاهر ڪرديءَ کان خط و ڪتابت ذريعي اجازت حاصل ڪئي اٿن ۽ ٻين کان رويرو .جن مان شاهه ولي الله محدث دهلوي رحمة الله عليه انهن ۾ شامل آهن، جن کان مخدوم معين رويرو اجازت حاصل ڪئي آهي. اصل ۾ مخدوم معين جي دهليءَ جي سفر ۽ شاه ولي الله کان پڙهڻ جو خيال ٻه مخدوم معين جي پنهنجي بيان منجهان ئي پيدا ٿيو آهي. پرهن بيان مان دهليءَ وڃڻ ۽ شاه ولي الله وٽان پڙهڻ جو خيال پيدا ٿيڻ غلط آهي. ڇاڪاڻ ته، اهو به ته ممڪن آهي ته شاهه ولي الله کان اجازت لاءِ مخدوم معين دهليءَ نه ويو هجي، شاهه ولي الله ڪنهن خيال سان سنڌ آيو هجي ۽ مخدوم معين ڪانئس سنڌ ۾ ئي اجازت حاصل ڪئي هجي ۽ اجازت جي بيان مان پڙهڻ جو انومان وٺڻ به غلط آهي،ڇاڪاڻ ته اجازت ڪڏنهن صرف سند عالي بنائڻ لاءِ به ورتي ويندي آهي. ان ۾ استاد وٽ سبق جي طور پڙهڻ ضروري نه هوندو آهي. حقيقت به اهائي آهي، جيئن شاهه محمد عاشق ڦلتيءَ جي ڪتاب "القول الجلي في ذڪر آثار الولي" جي ڇپجي اچڻ کان پوءِ اِهو معلوم ٿي چڪو آهي. شاهه محمد عاشق هن ڪتاب ۾ شاهه ولي الله دهلويءَ جي سفر حرمين جي روداد بيان ڪئي آهي جنهن ۾ آهي ته شاهه ولي الله دهليءَ کان پاڻي پت، سرهند، لاهور ۽ ملتان کان ٿيندو سنڌ پهتو ۽ پوءِ حرمين شريفين روانو ٿيو. شاهه محمد عاشق، شاهه ولي الله جي سنڌ مان گذرڻ جو احوال هن ريت لکيو آهي:

"جڏهن ديار سنڌ مان گذر ٿيو ته سندن (شاهه ولي الله) جي اچڻ جي خبر ٻڌي پنهنجي پنهنجي جڳهين تان ملاقات لاءِ ماڻهن ونې ڍڪون پاتيون. جن مان هڪ جماعت زيارت جي شرف مان مستفيذ ٿي. ۽ ڪجهه ماڻهو دير سان اچڻ ڪري ملاقات کان محروم رهجي ويا. ٺٽي شهر جي مضافاتي ڳوٺ نصرپور ۾ جڏهن قافلو پهتو ته ڪوڙ سارا علماء ۽ فضلاء پنج پنج ڇهه ڇهه ڪوهه پنڌ ڪري رات جي وقت اچي پهتا. ۽ ان ئي وقت خدمت ۾ باريابي حاصل ڪري بيعت جي سلسلي سان منسلڪ ٿيا. ۽ پنهنجي پنهنجي صلاحيت مطابق فيض ۽ برڪت پرايائون. نصرپور کان پوءِ شهر ٺٽي ۾ شرف نزول فرمايائون. اتي به ٻين شهرن جيان مڙني مقامي عالمن ۽ صوفين خدمت ۾ حاضري ڀري. جن مان هڪ وڏي جماعت بيعت جي

---

1 ٺٽوي، محمد معين،مخدوم: "سرد الاسانيد" مجموعه رسائل مخدوم محمد معين(قلمي) مفيد عام لائبرري سيوهڻ.

2 ٺٽوي،محمد معين، مخدوم:" دراسات اللبيب" صفحه:292، سنڌي ادبي بورڊ 1957ع

سعادت حاصل ڪئي. اتي ئي حضرت شاهه صاحب جو شاگرد مخدوم محمد معين (جيڪو هن ملڪ جي وڏن عالمن ۾ شمار ٿيندو هو. ۽ ڪتاب ۽ سنت ۽ مڙني منقولي ۽ معقولي علمن ۾ مڪمل تبحر رکندو هو. پڻ قوم (صوفين) جي اصطلاحن کان پوريءَ ريت واقفيت ۽ حقاني علم جي ادراڪ ۾ ذهن ثاقب جو ملڪ هو. ۽ حضرت شاهه صاحب جي ڪمال ۽ جمال جو ديوانو هو) سو حاضر ٿيو. ۽ هن صحبت کي وڏي غنيمت سمجهي خوب خوب فيض ۽ برڪتون حاصل ڪيائين. ۽ بيعت ۽ ارشاد جي اجازت مان بهرو ورتائين.[1]

شاهه محمد عاشق ڦلتي شاهه ولي الله جو هن سفر جو ساٿي ۽ شريڪ سفر هو. ان ڪري سندس هيءَ بيان ٻڌ سڌ يا نقل تي ٻڌل ڪونهي شاهه عاشق هن سفر جو اکين ڏٺو شاهد آهي. ۽ وڏي ڳالهه اها ته شاهه صاحب جو سڀ کان وڌيڪ ويجهو ۽ سندس خاص صحبتي هو. شاهه ولي الله صاحب پنهنجو مشهور ڪتاب "حجة الله البالغہ" هن ئي شخص شاهه عاشق جي زور پرڻ تي تصنيف ڪيو ۽ ان جو حجة الله البالغہ ۾ ذڪر پڻ فرمايائون[2] ان ڪري شاهه عاشق جو بيان هن سلسلي ۾ سڀ کان وڌيڪ ڀروسي جوڳو آهي. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته "مخدوم محمد معين، جيئن سندس پنهنجي بيانن مان ثابت آهي، ته شاهه ولي الله کان روبرو اجازت ۽ سند حاصل ڪئي، پر اها اجازت ۽ سند دهليءَ جو سفر ڪري نه پر شاهه ولي الله صاحب جي ٺٽي ۾ اچڻ وقت حاصل ڪيائين."

هن حالت ۾ سيني تذڪره نگارن جا بيان پنهنجي پنهنجي جڳهه تي درست ثابت ٿي وڃن ٿا. صرف دهليءَ جي سفر واري ڳالهه غلط ثابت ٿئي ٿي. جيڪا مخدوم معين جي شاهه صاحب کان روبرو استفادي جي ذڪر ڪرڻ ۽ "القول الجلي في ذڪر آثار الولي" جي دستياب ٿي نه سگهڻ جي ڪري غلط فهمي طور پيدا ٿي.

مخدوم محمد معين ٺٽويءَ جي مٿي ذڪر ڪيل پنجن استادن مان جن ٽن استادن کان، موصوف روبرو سند ۽ اجازت حاصل ڪئي، تن مان هڪ شاه ولي الله هو. جيڪو دهليءَ جو هو. جنهن جو ذڪر ٿيو.ٻيو شيخ فيض الله بن العارف ڪامل مخدوم آدم ٺٽوي هو جيڪو ٺٽي جو هو. ۽ مخدوم موصوف پڻ ٺٽي جو ئي هو. البته ٽيون استاد شيخ زڪي سرهندي . جيڪو سرهند جو هوان کان مخدوم موصوف روبرو ڪيئن اجازت ۽ سند حاصل ڪئي، تنهن بابت چٽائيءَ سان معلوم نه ٿي سگهيو آهي. البته زڪي سرهندي بابت تذڪري جي ڪتابن ۾ موجود آهي ته اهو سنڌ ۾ آيو هالن ۾ ڪجهه وقت رهيو ۽ ٺٽي کان ٿيندو حج لاءِ

1 قاسمي حبيب الرحمان، مضمون "شاهه ولي الله محدث دهلوي ڪي سفر حرمين شريفين ڪي مستند روداد" الولي جنوري فيبروري 1995 صفحه 26 شاهه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد. هيءَ مضمون القول الجلي في ذڪر آثار الولي جي ان حصي جو ترجمو آهي، جنهن ۾ شاهه ولي الله جي سفر حرمين جي روداد مذڪور آهي. القول الجلي وڏي عرصي کان ناياب هو. حد اها آهي ته مولانا عبيدالله سنڌيءَ کي به هيءَ دستياب نه ٿي سگهيو. هيءَ ڪتاب شاهه صاحب جي زندگيءَ ۾ تصنيف ٿيو ۽ شاهه صاحب پاڻ به ڏٺو. هڪ باب جو سندس وفات کان پوءِ به هن ۾ اضافو ڪيو ويو. هن جو هڪ قلمي نسخو تڪيه ڪاڪوري ۾ ۽ ٻيو خدابخش لائبريري پٽنه ۾ موجود آهي. ڪاڪوري نسخي جو عڪس وني شاه ابوالخير اڪيڊمي شاه ابوالخير مارگ دهلي 1989_1409ھ ۾ ڇپايو.

2 دهلوي، ولي الله، شاه، اردو ترجمو: حجة الله البالغہ" ص: 16 (اردو) دارالاشاعت مقابل مولوي مسافر خانه ڪراچي. 1981ع

روانو ٿيو. پائنجي ٿو تہ مخدوم معين ٺٽوي ڪانئس بہ شاہ ولي الله وانگر سندس سنڌ مان گذرڻ وقت اجازت حاصل ڪئي، ممڪن آهي تہ هالن ۾ سندس قيام وقت ،هالن ۾ ويجي ڪانئس اجازت ورتائين يا ان جي ٺٽي اچڻ وقت ڪانئس استفادو ڪيائين ۽ سند ۽ اجازت ورتائين.

## فصل ٽيون: طريقت جي سڪيا

تنهن زماني جو اهو خاص طريقو هو تہ شرعي ۽ فني علمن جي تحصيل کان پوءِ علماء پابنديءَ سان طريقت جي تلقين ۽ تعليم جي سلسلي سان وابستہ ٿي ويندا هئا.

### مخدوم ابوالقاسم جي بيعت:

مخدوم معين بہ پنهنجي دور جي روايت مطابق علمي تحصيل کان فارغ ٿي طريقت جي تحصيل ۾ لڳي ويو. جنهن لاءِ ان شيخ ابو القاسم نقشبندي جو ويجي پاسو جهليو. سندس هٿ تي بيعت ڪيائين.[1] مخدوم محمد معين ساڻس تمام گهڻي عقيدت ۽ محبت رکندو هو. سندس مريديءَ هيٺ مخدوم صاحب طريقت ۽ سلوڪ جون اعليٰ منزلون ماڻي ورتيون. تصوف ۽ عرفان ۾ تمام وڏو مرتبو حاصل ڪري ورتائين. سائين قاسمي صاحب جي بقول مخدوم خواجہ ابوالقاسم درس سنڌي نقشبندي جي اناويهن خليفن مان هڪ وڏو خليفو هو.[2] ميرعلي شير قانع طومارسلاسل ۾ ابوالقاسم نقشبنديءَ جي فيض يافتہ 28 هستين جو ذڪر ڪيو آهي، تن ۾ مخدوم محمد معين سر فهرست شامل آهي.[3] پنهنجي مرشد سان عقيدت جي پيش نظر مخدوم موصوف مخدوم ابوالقاسم جي ڪرامتن، خوارق، توجهات ۽ برڪات، جيڪي ڪانئس چوليون هٽندڙ سمنڊ وانگر جاري ٿينديون هيون، تن تي مشتمل ڪتاب تصنيف ڪرڻ جو ارادو ڪيو پر مخدوم ابوالقاسم کيس ائين ڪرڻ کان منع ڪيو.[4] موصوف جي پنهنجي مرشد مخدوم ابوالقاسم سان محبت ۽ عقيدت جو اهو حال هو جو مخدوم ابراهيم سندس اهڙي اعتقاد جون ساروٽيون هنن لفظن سان ياد ڪيون آهن: ڪان مدة عمره يدعي نفسہ من ڪلاب باب هذا العارف"[5] (سڄي عمر پاڻ کي هن عارف جي در جو ڪتو سڏيندو رهندو هو.)

---

1 قانع، مير علي شير: "تحفتہ الڪرام" صفحہ 693، ڇاپو: ٻيو، سال: 2002 سنڌي ادبي بورڊ
- حسني، عبدالحي، لڪنوي، مولانا: "نزهتہ الخواطر" صفحہ: 357
- مهر، غلام رسول: "تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دور" جلد: ٻيو ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ.

2 قاسمي، غلام مصطفيٰ "مقالات قاسمي" صفحہ 189 ڇاپو پهريون آڪٽوبر 2000

3 قانع، مير علي شير: "طومار سلاسل" قلمي ريسرچ لائبريري سنڌالاجي

4 خليل، محمد ابراهيم: " تڪملہ مقالات الشعراء" صہ: 185، سنڌي ادبي بورڊ جام شورو 1958ع

5 ٺٽوي، محمد ابراهيم، مخدوم: "القسطاس المستقيم" صفحہ: 30 (قلمي) مدرسہ مظهر العلوم کڏو ڪراچي.

## شهيد شاه عنايت سان عقيدت:

شاه عنايت شهيد جي جڏنهن شهرت زور ورتو. سندس عام مقبوليت مغل نوابن ۽ ڪلهوڙا حاڪمن کي بہ ڏيجاري ڇڏيو. تڏنهن مخدوم موصوف بہ سندس مريد ٿيڻ جو ارادو ڪيو. سندس مرشد شيخ ابوالقاسم ان تي ڪانئس ناراض ٿيو. پنهنجي مرشد جي ناراضگي مخدوم موصوف ڪان سٺي نہ ٿي جنهن ڪري اچي ڪانئس معافي ورتائين. شاه عنايت جي مريديءَ کان رجوع ڪيائين. ۽ پنهنجي مرشد شيخ ابوالقاسم کي مڃائي راضي ڪيائين. ۽ ايستائين سندس مريد رهيو جيستائين سندس مرشد هيءَ دنيا ڇڏي ويو. ۽ مرشد جي وفات تائين ساڻس جوڙيل نسبت تي قائم رهيو. مخدوم ابراهيم ٺٽوي ان بابت لکي ٿو.

بل المعترض نفسہ کان يعيش مدة طويلة في حضرت القطب العارف ذي عوالي المعارف الانسان الکامل والکتاب الجامع الحافد سلطان ملک الولاية فارس معمار الهداية القائم بامرالله الدائم جدي ابو امي الشيخ ابي القاسم نقشبندي[1] قدسنا الله سبحانہٗ بسرہٖ انفعنا ببرہٖ آمين لطلب الطريق وکان في اوائلہٖ مؤدبا ومتاثرا فلما انتشر غلوالشاه عنايت الله لانگاهہ الصوفي جزاهُ الله سبحانہ بماهو يستحقہٗ. توجهہ اليہ بايثار الاثنية تبرء منہ الشيخ قدس سرہٗ ثم تاب فقبل الشيخ توبتہٗ فتوفي الشيخ..............."[2]

معترض (مخدوم معين) پاڻ وڏو عرصو عارفن جي قطب، صاحب معارف، ڪامل انسان، جامع ڪتاب، ملڪ ولايت فارس جي بادشاه، هدايت جي معمار الله جي امر دائميءَ کي قائم رکندڙ منهنجي ناني شيخ ابوالقاسم نقشبنديءَ، الله سندس اسرار مان اسان کي مستفيض ڪري ۽ سندس چڱاين کان فائدو وٺڻ جو اسان کي موقعو ڏئي آمين، جي خدمت ۾ طريقت جي فيض وٺڻ لاءِ گذاريائين. شروع ۾ ڪانئس ڏاڍو متاثر هو ۽ سندس وڏو ادب ڪندو هو. پر جڏنهن شاه عنايت الله لانگاهہ صوفيءَ، الله کيس اها جزا ڏئي جنهن جو هو مستحق آهي. جي بغاوت (غلو) پکڙيو. تڏنهن ڏانهس وڏي ايثار سان متوجهہ ٿيو. تہ شيخ قدس سرہٗ ڪانئس لاتعلقيءَ جو اعلان ڪيو. ان ڪان پوءِ توبهہ تائب ٿيو تہ شيخ سندس توبهہ قبول ڪئي. پوءِ جڏنهن شيخ وفات ڪئي تہ سندس تقليد ڇڏي ڏنائين......"

شاه عنايت شهيد 9 صفر 1130 هہ ۾ شهيد ڪيو ويو. ان وقت مخدوم معين جي عمر 36 _37 سالن جي هئي. ۽ مخدوم معين مخدوم ابوالقاسم کي ريجهائي راضي ڪري چڪو هو. جنهن ڪري سندس ارادت سان وابستہ رهيو. پر جڏنهن مخدوم ابوالقاسم بہ ان ڪان پوءِ 1138 هہ ۾ وفات ڪئي تہ ان وقت مخدوم معين جي عمر 44_ 45 سالن جي هئي. باقي عمر مخدوم صاحب شاه عبداللطيف سان محبت ۽ دوستيءَ جي رشتي ۾ منسلڪ رهيو.

---

1 هيءُ لفظ ٻڌائن ٿا تہ مخدوم شيخ ابو القاسم پنهنجي نياڻي مخدوم محمد هاشم جي پٽ مخدوم عبداللطيف جي نڪاح ۾ ڏني جنهن مان مخدوم ابراهيم ٺٽوي صاحب "قسطاس المسقيم" پيدا ٿيو.

2 ٺٽوي، محمد ابراهيم:" القسطاس المتقيم" قلمي. صفحہ: 147. مدرسہ مظهرالعلوم کڏه مارڪيٽ ڪراچي.

## شاهه عبداللطيف سان صحبت:

ٻائيتاليهن ٽيتاليهن سالن جي عمر کان پوءِ جو زندگيءَ جو عرصو مخدوم موصوف ڪنهن جو مريد رهيو ان بابت ڪن لکيو آهي تہ موصوف شاھ عبداللطيف جو مريد ٿيو. مخدوم ابراهيم "القسطاس المستقيم" ۾ مٿئين بيان، جيڪو مٿي مخدوم ابوالقاسم جي مريديءَ جي ذڪر ۾ گذريو ۾ اڳتي لکيو آهي تہ: ثم تقلد بقلادة السيد عبداللطيف التارڪ " (ان کان پوءِ سيد عبداللطيف تارڪ جو ڳٽ ڳچيءَ ۾ وڌائين) مخدوم ابراهيم جا هيءُ ناراضگيءَ جا لفظ ٻڌائن ٿا تہ ان کان پوءِ مخدوم موصوف شاھ لطيف جو مريد ٿيو. هيٺ ان سلسلي ۾ بين تذڪري نگارن جيڪو لکيو آهي تنهن جو بيان ڪجي ٿو. صاحب نزهتہ الخواطر، مخدوم محمد معين جي طريقت جي تحصيل جو ذڪر ڪندي لکيو آهي: ثم صحب السيد عبداللطيف واستفاض فيوضا ڪثيرة حتي رزق حظا وافراً من العلم والمعرفة." [1](ان کان پوءِ سيد عبداللطيف جي صحبت اختيار ڪيائين ۽ ڪانئس تمام گهڻو فيض پرايائين. ايستائين جو علم ۽ معرفت جو وڏو حصو ماڻي ورتائين.)هن مان ثابت ٿئي ٿو تہ مخدوم معين شاھ صاحب جو دست بيعت مريد هو. پر تحفة الڪرام ۾ اهو ذڪر هن طرح ٿيل آهي:

> آخري ڏينهن ۾ ڪرامت نصاب سيد عبداللطيف ملقب بہ تارڪ سان سندس وڏو ياراڻہ ۽ عقيدتمنداڻہ سلسلو رهيو.[2]

تاريخ سنڌ ۾ غلام رسول مهر بہ تحفة الڪرام جي پيرويءَ ۾ لکيو آهي تہ مخدوم صاحب جي آخري زماني ۾ سيد عبداللطيف ڀٽائي ملقب بہ تارڪ سان بہ گهاٽي دوستي ۽ ياري ٿي وئي هئي[3] ۽ مولانا دين محمد وفائي بہ ان جو قائل آهي.[4] ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ان سلسلي ۾ بهترين لکيو آهي: تہ شاھ عبدللطيف عام دستور مطابق ڪنهن ڪي بہ مريد نہ ڪندو هو. بلڪ ساڻس ملاقات کان پوءِ ماڻهو سندس عقيدت ۽ محبت جي رشتي ۾ وابستہ ٿي ويندا هئا. ساڻن اهڙي محبت جي رشتي ۾ جڙيل شخصن ۾ وڏا عالم بہ (شامل)هئا تہ عام ماڻهوبہ."[5]

اصل ڳالهہ اها آهي تہ نزهة الخواطر ۽ فقهاء هند جو ماخذ تحفة الڪرام ئي آهي، جنهن ۾ آيل لفظ "ياراڻہ ۽ عقيدتمنداڻہ" منجهان انهن ڪي اها غلط فهمي ٿي آهي، تہ مخدوم صاحب شاھ عبداللطيف جو مريد هو. پر حقيقت ۾ ٻئي هڪ ٻئي جا دوست هئا. ۽ سندن دوستيءَ جو بنياد ذهني هڪ جهڙائي ۽ هڪ ٻئي جي ڪمالن جو اعتراف هو. جنهن جي بنياد تي ٻئي بزرگ هڪ ٻئي سان محبت ۽ عقيدت جي رشتي ۾ منسلڪ رهيا. ۽ ٻئي هڪ ٻئي جي ڪمالن مان استفادو حصل ڪندا رهيا. ۽ ان ئي سندن صورتحال

---

1 حسني، عبدالحي، لکنوي مولانا، نزهة الخواطر ص: 352

2 قانع مير علي شير ٺٽوي:" تحفة الڪرام" ڇاپو: ٻيو اردو صفحہ: 693، سنڌي ادبي بورڊ

3 مهر، غلام رسول: تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دور" جلد: ٻيو. ص: 886 ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ.

4 وفائي، دين محمد، مولانا، مشاهير سنڌ، جلد: پهريون، صفحہ: 159

5 بلوچ ڊاڪٽر نبي بخش خان مقدمو شاھ عبداللطيف جي پنهنجي ڪلام جو سچو سربستو صحيح رسالو)" صفحہ: 34،علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت حيدرآباد سنڌ 1999ع

جو تحفة الڪرام واري "يارانہ ۽ عقيدتمندانہ" جي لفظن سان ذڪر ڪيو آهي. نہ تہ مخدوم صاحب مريد صرف شيخ ابوالقاسم نقشبنديءَ جو هو. ۽ آخري عمر تائين سنڌس ئي مريد رهيو.

شاہ ولي الله دهلوي بہ ڪين شيخ مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ سان قائم ڪيل مريديءَ واري نسبت تي قائم رهڻ جي صلاح ڏيندي هڪ خط ۾ لکيو:

"اوهان جا هيءَ پيريءَ جا ڏينهن آهن. جيڪي موڪلائڻ جي سائرن وڃڻ جا ڏينهن آهن. تن ۾ الاهي مرضي اها ٿي معلوم ٿئي تہ اوهان پاڻ کي ان نسبت تي رکو جيڪا اوهان شيخ ابوالقاسم قدس سرہ (نقشبندي سنڌيءَ) کان حاصل ڪئي آهي."[1]

هن مان اندازو ٿئي ٿو تہ مخدوم موصوف عمر جي آخري زماني تائين شاہ عبداللطيف سان مريديءَ واري نسبت نہ جوڙي هئي. جڏهن تہ مخدوم ابوالقاسم جي فوت ٿيڻ جي زماني1138 ھ کان 1161 ھ تائين ٽيويهہ سال شاہ لطيف سان دوستيءَ جي رشتي ۾ منسلڪ رهيو. آخري عمر ۾ ٿيو اهو هوندو تہ مخدوم موصوف شاہ ولي الله کان مشورو گهريو هوندو يا موصوف لاءِ اهڙيون ڳالهيون هلڻ شروع ٿيون هونديون تہ شاہ لطيف جو مريد ٿي ويو آهي. جنهن تان شاہ ولي الله کيس اهڙي صلاح ڏني هوندي.

## فصل چوٿون: روحاني سلسلو

مخدوم محمد معين جو پنهنجي وقت جي وڏن وڏن الله وارن شخصن ۽ ڪامل عارفن سان تعلق رهيو شاهہ ولي الله محدث دهلوي، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، شاهہ فقير الله علوي، محمد هاشم ٺٽويءَ جي مرشد سيد سعيدالله سورتيءَ جهڙن ڪامل ولين سان سنڌس خط و ڪتابت ۽ تعلق هو. ۽ هيءُ هڙئي سنڌس علم عرفان ۽ صوفيانہ قابليت جا معترف هئا. شاهہ ولي الله کان استفادي ۽ شاهہ عبداللطيف سان رهاڻين قائم ڪرڻ کان پوءِ مخدوم صاحب وحدت الوجود جي فلسفي جو جامي ۽ ابن عربي جي مسلڪ جو پيروڪار بنجي پيو هو. پر اول کان آخر تائين سنڌس ارادت نقشبندي سلسلي تحت مخدوم ابوالقاسم سان قائم رهي.

شيخ ابوالقاسم نقشبندي حفظ قرآن ۽ ظاهري علمن جي تحصيل کان فارغ ٿي ٺٽي جي هڪ ڪامل ولي ۽ عارف مخدوم آدم جي صحبت ۾ تصوف جون منزلون طئي ڪرڻ وڃي شروع ڪيون. مخدوم آدم شيخ ابوالقاسم جي اعليٰ استعداد کي ڏسي کيس صلاح ڏني تہ باقي منزلون وڃي شاهہ سيف الدين ولد عروة الوثقي خواجہ محمد معصوم ولد شيخ احمد امام رباني سرهندي جي خدمت ۾ پوريون ڪر.[2] جنهن کان پوءِ شيخ ابوالقاسم شاهہ سيف الدين وٽان باقي منزلون ماٽيون ۽ پوءِ نقشبندي طريقي تي ٺٽي اچي روحاني فيض جاري ڪرڻ ويٺو.

---

1 دهلوي، ولي الله، شاہ: "خط شاہ ولي الله جا مخدوم محمد معين ڏانهن" ص: 12 سنڌي ترجمو محمد انس راڄپر (اڻ ڇپيل)

2 الوحيد ڪراچي، اسپيشل ايڊيشن سنڌ آزاد نمبر صفحہ 36، 15 جون 1936ع

## نقشبندي طريقو

شاهه ولي الله محدث دهلويءَ الانتباهه ۾ لکيو آهي تہ: اما طريقہ نقشبنديہ را شعبہ بسيار است. در ديار هندستان از دو جهت شايع شده است. يکي جهت خواجہ محمد باقي و ديگر جهت امير ابو العلاءَ.................و باز جهت خواجہ محمد باقي را شعب بسياراست. اشهر آنها دوشعبہ است. شعبہ شيخ محمد معصوم و شعبہ شيخ آدم بنوري [1]

نقشبندي طريقي جاڪوڙ شعبا آهن. پر هندستان ۾ اهو ٻن طريقن سان شايع ٿيو آهي. هڪ خواجہ محمد باقي جو طريقو ۽ ٻيو امير ابوالعلاءَ جو طريقو......خواجہ محمد باقيءَ جا پڻ ڪوڙ شعبا آهن. پر انهن مان ٻہ شعبا مشهور آهن. هڪ شيخ محمد معصوم جو شعبو ۽ ٻيو شيخ آدم بنوري جو شعبو.

## شيخ ابوالقاسم جو نقشبندي سلسلو:

مخدوم شيخ ابوالقاسم نقشبندي هندستان جي ٻن مشهور سلسلن مان خواجہ محمد باقي جي سلسلي سان منسلڪ هو. ۽ خواجہ محمد باقي جي مختلف شعبن ۽ سلسن مان سندس تعلق شيخ محمد معصوم جي شعبي ۽ سلسلي سان هو. جيڪو پاڻ خواجہ محمد معصوم جي پٽ ۽ جانشين شيخ سيف الدين کان حاصل ڪيو هئائون. [2] جنهن مطابق مخدوم محمد معين جي سند امام جعفر صادق تائين مختلف طريقن سان هن طرح ٿيندي:

- مخدوم محمد معين عن شيخ مخدوم ابوالقاسم نقشبندي عن شيخ سيف الدين عن ابيہ عروة الوثقي خواجہ محمد معصوم عن خواجہ محمد باقي
- مخدوم محمد معين عن شيخ ابوالقاسم ٺٽوي عن سيف الدين بن الامام معصوم سرهندي عن الامام معصوم سرهندي عن الامام رباني عن ابيہ الشيخ عبدالاحد بن زين العابدين السهرندي [3] عن السيد قوام الدين الجونفوري عن بهاءَ الدين جونفوري عن الشيخ عيسيٰ جونفوري.
- امام رباني عن ابيہ الشيخ عبدالاحد السهرندي عن الشيخ رکن الدين الگنگوهي عن ابيہ امام عبدالقدوس گنگوهي. عن شيخ محمد بن عارف بن احمد عن ابيہ عن جده الامام احمد عبدالحق امام عبدالقدوس گنگوهي عن محمد قاسم اودي وهو يروي عن الشيخ فتح الاودي و عن السيد بدهن عن

---

1 دهلوي، شاهه ولي الله الانتباهه في سلاسل اولياءَ الله، صفحہ 39 ڪتب خانہ علويہ رضويہ مسجد نوري حنيفيہ ڊيڪوٽ روڊ رائلپور

2 شيخ سيف الدين پنهنجي والد بزرگوار خواجہ محمد معصوم سرهندي، پنهنجي ابن ڏاڏن جي ڪمالن، سيرت ۽ خوبين سان مالامال هو. وڏو اولياء هو سلسلہ وهبيہ نقشبنديہ کي پنهنجي اسلافن جي طريقي مطابق بدستور زنده رکيائين. سندس ياران طريقت ۾ شيخ ظهور الله، صوفي عبدالعزيز، حافظ موسيٰ، حافظ عبدالرب امام مسجد فتح پوري، ميرابراهيم، مرزا محمد ميرڪ، شيخ محمد باقر لاهوري، حاجي اسدالله وزير آبادي، ملا محمد جان درسڪي، حافظ محمد محسن دهلوي، ملا ابوالقاسم ڪابلي، حافظ عبدالرؤف ٺٽوي، ميان نجم الدين سلطان پوري ۽ حافظ ابوالقاسم ٺٽوي. جيڪي سڀ جو سڀ طريقت ۽ ارشاد جي حلقن جا مالڪ آهن. قانع علي شير، مير ٺٽوي، معيار سالڪان طريقت صفحہ 643 اداره معارف نوشاهي.

3 اصل لفظ سهرند "سين" جي زير "هہ" جي جزم ۽ "ر" جي زبر سان آهي لاهور ۽ دهليءَ جي وچ تي هڪ شهر آهي اصل نالو سهرند (شينهن جو جهنگل) آهي فارسي زبان ۾ اهو سرهند استعمال ٿيو آهي. (انتباهه في سلاسل اولياءَ الله صفحہ 14)

السيد اجمل عن جلال الدين بخاري.

- امام رباني عن يعقوب الصيرفي البالڪوٽي عن حسين الخوارزمي عن محمد بن صديق الخبوشاني عن علي البيدوازي عن رشيد الدين البيدوازي عن السيد عبدالله عن شيخ ابي اسحاق الختلاني عن الامير علي الهمداني.
- امام رباني عن ابيہ الشيخ عبدالاحد عن الشيخ رڪن الدين گنگوهي عن السيد ابراهيم الايرجي دهلوي والامام رباني عن الشيخ عبدالرشيد ملتاني عن نظام الدين ڪاڪوري عن السيد ابراهيم دهلوي عن شيخ بهاءُ الدين الشطاري القادري
- امام رباني عن الامام رضي الدين محمد باقي الدهلوي عن الشيخ عبدالباقي الامكنوي عن الشيخ درويش محمد الامڪنوي عن الشيخ محمد زاهد الوخشوي عن الامام عبيدالله احرار عن علاءَ الدين الغجدواني [1] عن محمد بن محمد الحافظي والامام عبيدالله احرار عن يعقوب الچرخي عن علاءَ الدين العطار ڪلاهما عن الامام بهاء الدين محمد بن محمد البخاري النقشبندي

## امام عبدالخالق غجدواني (طريقة نقشبنديہ جي بانيءَ جي سند جو سلسلو):

پاڻ طريقہ نقشبنديہ جا باني آهن. غجدوان ۾ ڄاوانپنا. ۽ اتي ئي وفات ڪيائون ۽ دفن ٿيا. سندس نصب شريف امام مالڪ رضي الله تعاليٰ عنہ سان ملي ٿو. سندس پيءُ شيخ عبدالجميل علماءَ ملاطيہ روم جي اڪابرن مان هو. ۽ سندس ماءُ بادشاهہ زادي هئي. سندس پيءُ ٻارن ٻچن سميت "ماوراء النهر" لڏي نڪتو ۽ ڳوٺ غجدوان ۾ وڃي رهيو. شيخ عبدالخالق علمن جي تحصيل بخارا ۾ علامہ صدرالدين وٽ ڪئي. ۽ ظاهري علمن کان پوءِ مجاهدن ۽ رياضتن لاءِ شيخ يوسف همداني جو سندس بخارا ۾ رهڻ جي ڏينهن ۾ در جهليائين [2] هيءَ ان تائين سند آهي.

امام بهاءُ الدين النقشبندي البخاري عن الامير ڪلان بخاري عن الشيخ معمر محمد السماس عن الشيخ علي الراميتي عن الشيخ ابي الخير الفونوي عن الشيخ عارف الريوگري عن الامام عبدالخالق بن عبدالجميل الغجدواني الحنفي.

## امام ربانيءَ جي شيخ امام عبدالقادر جيلاني جي واسطي سان سند:

امام رباني عن الشيخ سڪندر عن جد، شيخ ڪمال عن سيد فضل عن السيد گدا رحمن عن السيد شمس الدين عارف عن السيد گدا رحمان بن ابي الحسن عن شمس الدين الصحرائي عن السيد عقيل عن السيد بهاءُ الدين عن السيد عبدالوهاب عن السيد شرف الدين القتال عن السيد عبدالرزاق عن ابيہ امام عبدالقادر جيلاني.

---

1 غين جي زير، جيم جي جزم سان، بخارا جي آس پاس هڪ هنڌ جو نالو آهي. ڪفوي طبقات حنيفيہ ۾ چيو آهي تہ "غين" جي پيش، جيم جي جزم ۽ دال جي پيش سان هڪ ڳوٺ آهي بخارا کان ڇهن فرسخن جي پنڌ تي. جڏهن تہ "لب" ۾ "دال" جي زير سان آيل آهي. (الانتباه في سلاسل اولياء الله)

2 قاسمي ابو سعيد غلام مصطفيٰ حاشيہ التمهيد لتعريف ائمة التجديد

## يا يزيد بسطاميءَ تائين سند:

امام ابو محمد محي الدين عبدالقادر الجيلاني وامام عبدالخالق غجدواني ڪلاهما عن يوسف بن ايوب همداني عن ابي علي فارمدي عن الامام ابي الحسن الخرقاني. عن ابي المظفر الطوسي عن ابي العشعي عن الشيخ محمد المغربي عن سلطان العارفين عن الشيخ محمد المغربي عن سلطان العارفين ابي يزيد طيفور البسطامي

## جنيد بغدادي تائين سند:

امام محي الدين ابي محمد عبدالقادر الجيلاني عن الامام الفقيه الصوفي ابي سعيد مبارڪ بن علي المحضرمي عن ابي الحسن علي بن محمد بن يوسف القرشي عن ابي الفرح يوسف الطرطوسي عن ابي الفضل عبدالواحد التميمي عن ابيه الشيخ عبدالعزيز التميمي عن ابي بڪر محمد بن دلف الشبلي عن سيد الطائفه الجنيد بغدادي.

امام عبدالخالق غجدواني و امام عبدالقادر جيلاني عن يوسف بن ايوب همداني عن ابي علي الفارمدي عن الامام ابي الحسن القشيري عن ابي علي الدقاق عن ابي القاسم النصرآبادي و ابي الحسن الحضرمي ڪلاهما عن ابي بڪر الشبلي عن سيد الطائفة جنيد بغدادي.

و ابو علي فارمدي عن ابي القاسم جرجاني عن ابي عثمان المغربي عن ابي علي الڪاتب عن ابي علي روذباري عن الامام ابي القاسم جنيد بغدادي.

## امام جعفر صادق تائين:

ابوالقاسم جنيد بغدادي عن خاله سري سقطي معروف الڪرخي عن الامام علي رضا عن ابيه الامام موسيٰ الڪاظم عن ابيه امام جعفر الصادق.

**ابو يزيد بسطامي عن جعفر بن موسيٰ الڪاظم عن ابيه امام جعفر الصادق.**

**سري سقطي عن معروف الڪرخي عن دائود الطائي عن امام ابو حنيفه عن الامام جعفر الصادق.** (1)

## امير المؤمنين علي بن ابي طالب تائين سلسله سند:

**سري سقطي عن معروف الڪرخي عن دائود الطائي عن حبيب العجمي عن الحسن البصري عن الامام الحسن بن علي عن ابيه امير المؤمنين علي بن ابي طالب**

**دائود الطائي عن حبيب بن سليم السراعي عن سلمان الفارسي عن امير المؤمنين علي بن ابي طالب**

## خليفته الرسول بلافصل امير المؤمنين ابي بڪر الصديق تائين سلسله سند:

**دائود الطائي عن حبيب بن سليم السراعي عن سلمان الفارسي عن امير المؤمنين ابي بڪر الصديق**

---

1 سنڌي عبيدالله، مولانا، التمهيد لتعريف ائمه الجديد، (الملخص)

رضي الله تعاليٰ عنه
امام جعفر عن ابي ام القاسم بن محمد بن ابي بڪر الصديق عن سلمان الفارسي عن سيدنا ابي بڪرالصديق.

## سلسله تصوف جي سندن بابت ڪجھ ضروري وضاحتون:

شاه ولي الله محدث دهلوي رحمة الله عليه الانتباه ۾ سلسله تصوف جي ڪجھه اعليٰ سندن بابت ضروري وضاحتون ڏنيون آهن. جيڪي تصوف جي سلسله اسناد بابت ڪجھه اعتراضن کي دفع ڪن ٿيون. ان ڪري هتي انهن جو ذڪر ڪرڻ تمام ضروري آهي.

هڪ اعتراض حضرت حسن بصريءَ جي حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه کان فيض وٺڻ بابت آهي محدث حضرت حسن بصريءَ ۽ حضرت علي جي ملاقات کي ثابت نه ٿا مڃن.

ٻيو اعتراض ابوالحسن خرقانيءَ جي سند بابت آهي ته اهو شيخ با يزيد بسطامي جي وفات کان گهڻو پوءِ ڄائو.

ٽيون اعتراض شيخ بايزيد جي امام جعفر صادق سان منسوب سند جي متان آهي ته شيخ بايزيد امام جعفر صادق جي وفات کان پوءِ ڄائو آهي.

چوٿون اعتراض امام جعفر جي قاسم جي ذريعي سلمان فارسيءَ کان فيض وٺڻ بابت آهي ته قاسم جو سلمان فارسيءَ کان فيض وٺڻ اسماء رجال جي روشنيءَ ۾ ناممڪن آهي.

امام شاه ولي الله انهن اعتراضن کي هن طرح ختم ڪيو آهي:

”خواجه ابوالحسن خرقانيءَ شيخ بايزيد بسطاميءَ کان باطني طريقي سان فيض پرايو آهي ظاهري طريقي سان نه. ڇاڪاڻ ته ابوالحسن خرقاني شيخ بايزيد جي وفات کان وڏو عرصو پوءِ ڄائو.

اهڙيءَ طرح شيخ بايزيد سيدنا امام جعفر صادق کان باطني طريقي سان فيض پرايو ظاهري طريقي سان نه. اهڙيءَ طرح امام قاسم سلمان فارسيءَ کان پڻ باطني طريقي سان فيض پرايو. (1) ٻئي هنڌ لکي ٿو:

**ڇاڪاڻ گهرجي ته شيخ ابوالحسن خرقانيءَ بايزيد بسطاميءَ جي روحانيت کان فيض ورتو جيئن اويس (قرني) قدس سره منبع انوار عليه افضل الصلواة واڪمل التحيات کان فيض ورتو. ساڳيءَ طرح سلطان العارفين بايزيد امام جعفر صادق جي روحانيت کان فيض ورتو. سندس صحبت واري روايت صحيح ناهي. ۽ امام جعفر صادق پنهنجي آباءِ ڪرام کان ورثي ۾ مليل انوارات جي باوجود پنهنجي ناني قاسم بن محمد بن ابي بڪر صديق کان فيض ورتو اهو فقهاءِ سبعه تابعين مان هڪ هو. ظاهري ۽ باطني علمن ۾ سڀني کان وڌيڪ باڪمال هو. سندس نسبت سلمان فارسيءَ رضي الله عنه سان جڙيل هئي. ۽ سلمان باوجود نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي صحبت جي شرف حاصل ڪرڻ جي ابوبڪر صديق کان**

---

1 دهلوي ولي الله شاه. الانتباه في سلاسل اولياءُ الله صفحه 33_34 ڪتب خانه علويه رضويه مسجد نوري حنفيه و ڊيڪوٽ روڊ لائلپور

طريقت جي سند ورتي ۽ ان نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن کان ۽ امام جعفر صادق جو ٻيو طريقو سندس ابن ڏاڏن کان باب مدينہ العلم تائين جو مشهور آهي.[1]

مٿي جيڪي سندون ذڪر ڪيون ويون آهن، سي امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي ڪتاب التمهيد تان نقل ڪيون ويون آهن. مولانا سنڌيءَ انهن اعتراضن جي مدنظر، شاهہ ولي الله صاحب وانگر انهن کي روحانيت تي محمول ڪرڻ بجاءِ وچ وارن واسطن کي ملائي انهن اعتراضن جو جواب ڏئي ڇڏيو آهي، جيئن حسن بصريءَ جي سند بابت پاڻ لکن ٿا:

"مشهور آهي تہ حسن بصريءَ اميرالمؤمنين علي بن ابي طالب کان فيض ورتو. جنهن ڪري معاملي ۾ اختلاف ٿي پيو. تنهن ڪري صحيح هن طرح آهي، جنهن ۾ ڪو شڪ بہ نہ رهندو تہ: حسن بصري ابو محمد حسن بن عليءَ کان ۽ ان پنهنجي پيءُ اميرالمؤمنين کان فيض حاصل ڪيو."[2]

اهڙي طرح بايزيد بسطاميءَ جي سند هن طرح نقل ڪئي اٿن "بايزيد بسطامي عن جعفر بن موسيٰ الڪاظم بن جعفر الصادق وموسيٰ عن جعفرالصادق."[3]

اهڙي طرح ابو الحسن خرقانيءَ جي سند بايزيد سان هن طرح ملائي اٿن:

"ابو الحسن خرقاني عن ابي المظفر الطوسي، عن ابي العشعي عن الشيخ محمد المغربي عن سلطان العارفين ابي يزيد طيفورالبسطامي."[4]

هيءُ نهايت اعليٰ تحقيقي جواب آهي جنهن سان سلسلہ تصوف جون اُهي سندون جن مٿان اعتراض هئا سي مڪمل ٿيو وڃن ٿيون.

## فصل پنجون : سيرت

مخدوم محمد معين آخري وقت ۾ آزاد مشرب ٿي پيو هو. تصوف جو وحدت الوجودي ٽولو ان حوالي سان هونءَ بہ شهرت رکندڙ آهي. مخدوم معين بہ جڏنهن انهيءَ ٽولي سان وابستہ ٿيو تہ آزاد خيال ٿي پيو. ۽ انهيءَ سبب جي ڪري "سماع" کي نہ رڳو جائز سمجهندو هو پر عبادت جي درجي تائين ان جو قائل ٿي پيو هو. سندس خاص انهيءَ سماع واري خصلت، وحدت الشهود جي پيروڪارن ۽ سندس تصوف جي اصل طريقي نقشبنديءَ جي پيروڪارن کي مٿس چيڙائي وڌو. هيءُ رنگ مٿس شاه عبداللطيف سان دوستيءَ کان پوءِ چڙهيو ۽ هن دوستيءَ کيس نقشبندي، احمدي ۽ شهودي سلسلي وارن کان ڇني ڌار ڪري ڇڏيو. جنهن ڪري مخدوم محمد هاشم جي پٽ ۽ پوٽي مخدوم عبداللطيف، صاحب ذب ذبابات ۽ مخدوم

---

1 حوالو ساڳيو صہ 39.
2 سنڌي، مولانا عبيدالله مولانا التمهيد لتعريف ائمة التجديد. صفحہ 320
3 حوالو ساڳيو صفحہ 319
4 سنڌي، مولانا عبيدالله مولانا التمهيد لتعريف ائمة التجديد. صفحہ 316

محمد ابراهيم صاحب قسطاس المستقيم، سندس ڪردار ڪشي ڪئي آهي. مخدوم عبداللطيف انهيءَ باري ۾ لکي ٿو:

انهٗ لايقبل دعوة الوليمة ولوڪانت من اي الداعي الا اذا الزم علي نفسهٖ شرط احضار المطرية الفاسقة في مجلسهٖ و احضار المعازف والملاهي فتغني بها عندهٗ في ذالڪ المجلس علي روءس الاشهاد بالاغاني. ومن اخذهٖ القروض طول عمرهٖ بطريق الربوا. ومن عمله الدائم علي بيع السلم من غير وجود الشرائط المعتبرة في صحتها[1]

ڪنهن بہ دعوتيءَ ڪان وليمي جي دعوت ايستائين قبول نہ ڪندو هو. جيستائين اهو سندس مجلس ۾ فاسق ناچڻيون گهرائڻ ۽ سازن سروزن جي بندوبست جي پڪ نہ ڏيندو هو. جيڪي سر عام مجلس ۾ ماڻهن آڏو ڳائيندڀون هيون. پنهنجي ڊگهي عمر تائين وياج جي طريقي تي ماڻهن ڪان قرض وٺندو هو. ۽ 'بيع سلم تي' ان جي صحيح هئڻ لاءِ رکيل معتبر شرطن ليڻ ڪان سواءِ سدائين عمل ڪندو هو"

مخدوم ابراهيم ٺٽوي انهيءَ سلسلي ۾ لکي ٿو.

ثم قلد بقلادة السيد عبداللطيف التارڪ واستاجر عنه القوالين المشهورين في ذالڪ الزمان بالابتداع والتغني وضرب الآلات المسميٰ احدهما بآنچل والآخر بالچنچل. باغية نغنية مسماة بدوري بالنڪاح الشرعي وكانا يتقوكان ويتغنيان مع ضرب الآلات عندهٗ في مجلس الرجال وكانت يتغنيٰ مع المد عندهٗ اذا كان مع النساء وانتقضت حمية السادة النقشبندية الاحمدية المعصومية[2]

پوءِ جڏهن سيد عبداللطيف "تارڪ" جو گٽ ڳچيءَ ۾ وڌائين تہ ڪانئس اجرت تي، تنهن زماني جا بہ مشهور قوال: نالي آنچل ۽ چنچل ورتائين. جيڪي بدعت، ڳائڻ ۽ سازن وڄائڻ جا ماهر هئا. ۽ هڪ باغي ڳائڻي نالي دوري شرعي نڪاح ۾ ورتائين. مردن جي مجلس ۾ قوال ڳائيندا ۽ ساز وڄائيندا هئا ۽ عورتن جي مجلس ۾ ڳائڻي ڳائيندي وڄائيندي هئي. ۽ سادات نقشبنديہ، احمديہ، معصوميہ جي حميت وڃائي ڇڏيائين."

هيءَ بہ حوالا مخدوم معين جي سيرت جي منفي پهلوءَ طور سندن ٻن نقادن ڪان منقول آهن. هيءَ هڪ حد تائين صحيح آهي تہ مخدوم معين آخري عمر ۾ سماع کي عبادت سمجهندو هو. پر صوفين جي سماع جي جيڪا روايت رهي آهي ان جي لحاظ ڪان مٿين ٻن حوالن ۾ قدري وڌاءُ نظر اچي ٿو. مخدوم معين جا همعصر سندس تقريبن هر ڪتاب جا رد لکندا رهيا آهن، پر انهن سندس سيرت ۽ ڪردار تي ڪجهہ بہ برو يلو نہ لکيو اهي. اهڙيءَ طرح مخدوم محمد معين جو همعصر ۽ استاد شاہ ولي الله ڪانئس پري هئڻ باوجو گهڻو ويجهو هوندو هو. ايستائين جو خط وڪتابت جي ذريعي تمام ويجهن احوالن ڪان بہ هڪ ٻئي کي واقف رکندا هئا. شاہ ولي الله جي هڪ خط مان اندازو ٿئي ٿو تہ مخدوم معين کيس پنهنجي بواسير جي

---

1 ٺٽوي، عبداللطيف، مخدوم: ذب ذبات" صفحہ: 10، جلد: 1، ڇاپو: پهريون، 1959ع — 1379ھ سنڌي ادبي بورڊ

2 ٺٽوي، محمد اابراهيم، مخدوم:" القسطاس المستقيم" قلمي، صفحہ: 147، مدرسہ مظهرالعلوم کڏو ڪراچي

بيماري، شايد سندس ڏيءُ قرة العين، جي بيماريءَ ۽ جاگير جي ضبطيءَ جو احوال بہ لکي موڪليو آهي[1]
شيخ ابوالقاسم جي نسبت ڇڏڻ جو معاملو بہ هن شاه ولي الله کان ڳجهو نہ رکيو. جنهن تي شاه ولي الله
کيس تلقين ڪئي جيڪا مٿي گذري چڪي. پر مخدوم معين جي سيرت ۽ ڪردار جي حوالي سان شاه
ولي الله جي خطن ۾ ڪٿي بہ ڪا اهڙي تلقين نہ ٿي نظر اچي، جيڪا مخدوم معين جي منفي ڪردار تي
صرف اشاروئي ڪري ها. پر ان جي مقابلي ۾ شاه صاحب جي خطن ۾ مخدوم صاحب لاءِ جيڪي لفظ
ڳالهايل ۽ کيس خطاب ۽ لقب ڏنل آهن، سي پاڻ مخدوم معين جي اعليٰ سيرت ۽ علمي وڏائيءَ جو نهايت
اعليٰ درجي جو نقشو پيش ڪن ٿا. شاه ولي الله صاحب جن هڪ خط ۾ لکن ٿا:

"هميشہ صبح ۽ شام، ظاهري توڙي باطني برڪت جون هوائون ان محفل مٿان پيون گهلن. جنهن ۾ ويهندڙ سڀاڳا ۽ خوش نصيب آهن. ۽ رحمت هجي ان شخص مٿان جيڪو عمدين نشانين وارو آهي، مقصد ۽ مرادن ۾ سيني ۾ اڳ اڳرو ۽ الله جي رسيءَ کي مضبوط ۽ سڪ جهليو بيٺل آهي. سنت جو واهرو ۽ مددگار آهي. پر ڪيترو نہ چڱو مددگار آهي. آمين."[2]

صالح عارف ۽ روحانيت جا صاحب 'صحبت' کي تمام مٿاهون عمل سمجهندا آهن، جن جو اصول هوندو آهي تہ "صحبت صالح ترا صالح کند — صحبت طالع ترا طالع ڪند. تہ جنهن شخص جي محفل اهڙي هجي جنهن ۾ ويهندڙن کي شاه ولي الله صاحب جهڙو عارف ڪامل شخص "سڀاڳو ۽ خوش نصيب" سمجهي، صاف ظاهر آهي تہ اهو شخص ڪيڏو نہ باڪمال روح پرور، صالح ۽ نيڪ سيرت هوندو. جيڪو شخص شاه ولي الله صاحب جي شاهديءَ مطابق "الله جي رسيءَ کي مضبوط ۽ سڪ جهليو بيٺل آهي، سنت جو واهرو ۽ مددگار آهي. سو عمل، ڪردار، سيرت ۽ اخلاق جو يقينن پيڪر هوندو. ۽ مٿان وري اهو بہ تاڪيد تہ ڪيڏو نہ ڀلو مددگار آهي. اهو ئي سبب هو جو هن شخص مخدوم معين سان شاه ولي الله محدث دهلوي انتهائي محبت رکندو هو. شاه صاحب جي مخدوم معين ڏانهن لکيل خطن مان اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ پاڻ مخدوم صاحب جي خطن جو هميشہ انتظار ڪندو رهندو هو. ۽ پنهنجي هڪ خط ۾ ساڻس ملڻ جي شوق جو پڻ نهايت سهڻي پيرائي ۾ اظهار ڪيو اٿس.

مخدوم محمد هاشم پڻ مخدوم موصوف کي وڏا وڏا القاب ڏنا آهن. "سيدي ومولاي" جي لفظن سان کيس سڏيو اٿس. هڪ رباعيءَ ۾ کيس "اي عاشق صادق محب خوش نام"[3] سڏيو آهي. يعني (اي سچا عاشق، محبت ڪرڻ وارا ڀلي نالي وارا) مخدوم محمد هاشم جا هي لفظ مخدوم محمد معين جي، الله ۽ رسول جي سچي عاشق ۽ محبت ڪرڻ واري هئڻ جا شاهد آهن.

مخدوم صاحب جي سيرت ۽ ڪردار جو پتو ان مان بہ لڳائي سگهجي ٿو تہ سندس دوستي ياري ۽ اٿڻ ويهڻ عارفن، صالحن ۽ الله لوڪ بزرگن سان ئي هوندو هو. جيئن مولوي رحمان علي لکيو آهي تہ: بصحبت

---

1 دهلوي، ولي الله، شاه: خط شاه ولي الله جا مخدوم محمد معين ڏانهن "(سنڌي ترجمو) اڻ ڇپيل، ص: 18
2 دهلوي، ولي الله، شاه: خط، شاه ولي الله جا مخدوم محمد معين ڏانهن (سنڌي ترجمو) اڻ ڇپيل ص: 19
3 قانع، مير علي شير: مقالات الشعراء" صفحہ: 363، سنڌي ادبي بورڊ جامشورو

بسياري از بزرگان دين رسيده"[1] يعني تمام گهڻن بزرگن جو صحبت يافته هو. ساڳي ڳالهه تحفة الڪرام ۾ به لکيل آهي[2] جنهن شخص جو روح بيقرار عارفن جي صحبت ۾ قرار وني ۽ وڏا وڏا عارف ساڻس ملڻ ۾ خوشي ۽ روحاني راحت پائن، سواخلاقي ۽ روحاني طور ضرور ڪنهن اعليٰ منزل جو مالڪ هو. مير علي شير قانع شاه عبداللطيف جي ساڻس آخري ملاقات ۽ وفات وارو قصو نقل ڪرڻ مهل لکيو آهي ته مخدوم صاحب جي بلند مقاميءَ لاءِ ايترو ئي ڪافي آهي جو شاه عبداللطيف جهڙو عارف به سندس ملاقات جو مشتاق هو. سندس ڪري ئي ٺٽي ايندو هو ۽ سندس لاڏاڻي کان پوءِ ٺٽي وڃڻ ئي بند ڪري ڇڏيائين.[3]

مڪتوبات شاه فقير الله علويءَ ۾ شاه فقيرالله علويءَ جا خط پڻ مخدوم محمد معين ڏانهن لکيل آهن[4] جيڪي خط مخدوم معين شاه فقيرالله علويءَ جي وچ ۾ محبت ۽ عقيدت جا شاهد عادل آهن. اهڙيءَ طرح مخدوم محمد هاشم جي مرشد سيد سعد الله سورتيءَ سان به سندس خط وڪتابت رهي. جنهن ۾ سيد صاحب سندس صوفيانه قابليت جو اقراري آهي[5] هيءُ سڀ ڳالهيون اها شاهدي ٿيون ڏين ته مخدوم معين وڏن وڏن عارفن جو صحبتي، انهن جو تعلقدار ۽ ڏک سک ۾ چڱي مني ۾ حال پائي هو. ان ڪري اعليٰ روحاني منزلن جو مالڪ پڻ هو.

## وقت جي حاڪمن وٽ رتبو:

مخدوم معين جنهن رتبي جو عالم هو. ۽ جا حيثيت کيس حاصل هئي تنهن مطابق وقت جي حاڪمن وٽ سندس جاڻ سڃاڻ ڪاوڙي ڳالهه ڪونهي. ڏٺو ويو آهي ته اڪثر عالم پنهنجي علم کي وقت جي حاڪمن وٽ رتبي ماڻڻ ۽ مالي فائدا ۽ وظيفا ماڻڻ جو ذريعو بنائيندا آهن. پر مخدوم محمد معين جو رتبو ۽ حثيت ان کان تمام مٿاهين هئي. قانع تحفة الڪرام ۾ لکيو آهي ته: "(وقت جا) حاڪم وڏي احترام سان سندس زيارت لاءِ ايندا هئا ۽ هيءُ به بين صاحبان تحقيق جي بنسبت ساڻن چڱي ملاقات ڪندو هو."[6]

هڪ غير جانبدار مورخ ۽ لفظن جو صحيح استعمال ڄاڻندڙ هڪ تذڪري نگار جا هيءُ نهايت احتياط ۽ وڏاءَ کان پاڪ چيل لفظ ٻڌائن ٿا ته مخدوم معين عام اهل علم جي طريقي مطابق حاڪمن وٽ وڃي عزت وٺڻ يا ڪائٽن انعام اڪرام ۽ وظيفا وظائف وٺڻ جو عادي نه هو. بلڪ خود حاڪم وٽس ايندا هئا. ۽ اچي زيارت جو شرف حاصل ڪندا هئا. ۽ مخدوم صاحب پنهنجي طرفان ائين به نه ڪندو هو جو در هلي آيلن کان ايترو بي رخو ٿئي جو انهن جو جوڳو احترام به نه ڪري، بلڪ مخدوم معين ٻين

---

1 منشي رحمان علي، مولوي:" تذڪره علماء هند" ص:116،مطبع منشي نولڪشور لکنو 1914ع

2 قانع مير علي شير ٺٽوي تحفة الڪرام اردو ترجمو ص:693

3 قانع مير علي شير:" تحفة الڪرام" اردو ترجمو سنڌي ادبي بورڊ ص:694

4 علوي فقير الله، شاه:" مڪتوبات شاه فقير الله علوي" صفحه: 1067 مطبع اسلاميه سٽيم پريس لاهور

5 وفائي، دين محمد، مولانا تذڪره مشاهير سنڌ ص: 159

6 قانع مير علي شير:" تحفة الڪرام" اردو ترجمو سنڌي ادبي بورڊ. ص:694

صاحبان تحقيق جي پيٽ ۾ سنڌس در هلي آيل حاڪمن سان بهتر ملاقات ڪندو هو. تذڪره علماءِ هند ۾ پڻ هن طرح آهي ته:

”حکام وقت بديدنش بکمال تعظيم مي رسيدند وی نيز ايشان ملاقاتها نيکو کرد“[1]

(وقت جا حاڪم کيس ڏسڻ لاءِ ڪمال درجي جي تعظيم ڪندي وٽس ايندا هئا ۽ پاڻ بہ ساڻن چڱي ملاقات ڪندو هو.)

انهيءَ باوجود مخدوم معين ڪڏنهن ڪڏنهن ڪن حاڪمن جي ڏمر جو پڻ نشانو بڻبو رهيو. هڪ موقعي تي سنڌس جاگير ضبط ڪئي وئي، جنهن تي ساڻس، هڪ خط ۾ شاه ولي الله صاحب بہ افسوس جو اظهار ڪيو[2] هڪ خط ۾ شاه فقير الله علوي ان تي افسوس جي اظهار سان گڏ پنهنجي طرفان دعا جي مدد ۽ معاونت سان گڏ صلواة تنجينا جو وظيفو بہ ڏسيو آهي[3] ان کان پوءِ هڪ خط ۾ جاگير جي بحاليءَ تي شاه فقير الله کيس مبارڪ ڏني آهي.[4] ڪن حاڪمن طرفان ساڻس حسد ۽ ساڙ جو اهڙو هڪ واقعو دلچسپيءَ کان خالي نہ ٿيندو، جيڪو تحفة الطاهرين واري هن طرح نقل ڪيو آهي:

”نواب سيف الله خان جي مقربن مان هڪ شخص هو جيڪو غفران منزلت مخدوم محمد معين سان حسد رکندو هو ۽ کيس ايذائڻ جا وجهہ پيو ڳوليندو هو تہ ڪيئن بہ ڪري نواب کي مخدوم جامع العلوم کان منحرف ڪري وٺي. پر کيس موقعو ميسر نہ ٿي ٿيو. نيٺ هڪ ڏينهن نواب جي خدمت ۾ چاپلوسي ڪندي چاچڪان سرڪار (ٺٽي جو هڪ پرڳڻو آهي) جي فوجداري پنهنجي لاءِ حاصل ڪري ورتائين. سنڌس اندر ۾ اهو هو تہ اتي وڃي مخدوم معين جي جاگير جيڪا انهيءَ سرڪار سان تعلق رکندي هئي، تنهن کي اهڙو ويران ڪري جو پيهر آباديءَ لائق نہ ٿي سگهي. مخدوم انتهائي بي چينيءَ جي حالت ۾ شيخ ابوالقاسم ولايت مآب جي خدمت ۾ پهتو جيڪو وضوءَ ۾ مصروف هو. کيس حقيقت حال جي ڪيائين. بزرگن کي انتهائي بيچينيءَ جي ڪري دل ۾ سور ٿيو. ۽ جنهن ڪونئري سان وضو ٿي ڪيائين، سو سنڌس هٿ مان ڪري پيو ۽ ڀڄي پيو. مخدوم ڏانهن متوجهہ ٿي کيس چيائين ”دل نہ لاهہ ان بدبخت جو حال بہ هن ڪونئري جهڙو ٿيندو“ چوڻ تا تہ جنهن گهڙيءَ نواب جي خدمت مان مذڪور سرڪار جي فوجداري جو پروانو ماڻيائين ۽ روانو ٿيو. ڳوٺ جي گهاٽ وٽ پهتو تہ سنڌس گهوڙي تيز ڪاڏو ۽ کيس زمين تي آٽي ڪٽي ڦهڪايائين. سنڌس هڪ پير رڪاب ۾ ڦاسي پيو ۽ گهوڙو وٺي ڀڳو. ۽ کيس زمين تي گهليندو ويو. سنڌس هڏا ڀڄي پيا ۽ سنڌس روح وارو پکي جسم جي پڃري مان نڪري ويو.“[5]

بهرحال مخدوم معين حاڪن جي ڏمر ۽ عتاب جو شڪار بہ ٿيو تہ حاڪمن کان عزتون، مانُ ۽ مرتبو بہ ماڻيائين. ’حاڪم سنڌس زيارت لاءِ وڏي تعظيم سان ايندا هئا‘. حاڪم سنڌس سفارش ٻڌندا هئا ۽

1 منشي رحمان علي، مولوي:” تذڪره علماء هند“. ص:116

2 راڄپر محمد انس خط شاه ولي الله جا مخدوم محمد معين ڏانهن سنڌي ترجمو اڻ ڇپيل. ص:18

3 علوي فقير الله شاه مڪتوبات شاه فقير الله علوي صفحہ 107 مڪتوب 22

4 علوي فقير الله شاه مڪتوبات شاه فقير الله علوي صفحہ 108 مڪتوب 23

5 ٺٽوي محمد اعظم شيخ تحفۃ الطاهرين صفحہ 84_83_82

انهن وٽ سندس ڳالهه هلندي هئي. 'تذڪره صوفياءِ سنڌ' ۾ هڪ واقعو منقول آهي تہ محمد جعفر شيرازي سير خاطر ٺٽي آيو ۽ ٺٽي ۾ مخدوم محمد معين کان اچي علمي استفادو ڪيائين. مخدوم معين ٺٽي جي ناظم وٽ سندس سفارش ڪئي. جنهن جي وسيلي ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي صاحبزادي وٽ باريابي ماڻيائين ۽ سندس مصاحبن ۾ شمار ٿي ويو.[1]

## فصل ڇهون: سياسي حالات

### مخدوم معين جي دور جا مغل بادشاھ:

مخدوم محمد معين جي ولادت 1093ھ ۾ ٿي. هيءَ ڏينهن اهي هئا. جن ۾ هندستان ني عظيم مغل شهنشاھ اورنگزيب عالمگير حڪومت ڪندو هو. اورنگزيب عالمگير 1069ھ/ 1658ع ۾ دهليءَ جي تخت شاهيءَ تي براجمان ٿيو. اورنگزيب کان اڳ سنڌ جي مغل بادشاهت هيٺ اچڻ کان پوءِ هندستان تي ٽي مغل بادشاه: شهنشاه اڪبر اعظم (1000_1014) جهانگير (1014_1037) ۽ شاهجهان (1037_1069) حڪومت ڪري چڪا هئا. مغل شهنشاهت جا پريا ٻاهتر سال گذرڻ کان پوءِ مخدوم محمد معين ٺٽي ۾ ڄائو. هنن ڏينهن ۾ جيتوڻيڪ ٺٽو اجان بہ مغل نوابن جي زير تسلط رهيو پر سنڌ ملڪ جي اڪثر حصن تي عباسين عرف ڪلهوڙن جو غلبو ٿي چڪو هو. خدادا خان لب تاريخ سنڌ ۾ لکيو آهي تہ نواب مير محمد اڪرم سن 1090ھ 1679ع ۾ مغلن طرفان آخري نواب هو. هن کان پوءِ دهليءَ جي بادشاهن طرفان نوابن يا حاڪمن اچڻ جو سلسلو بند ٿي ويو[2] مير محمد اڪرم جي 1090ھ ۾ مقرريءَ کان پوءِ ڪلهوڙن جي غلبي حاصل ڪرڻ جي تاريخ 1092_ 1679ع جو تخمينو لڳائي وئي آهي.[3] ان کان پوءِ 1118ھ/1705ع تائين اورنگزيب جي شهنشاهت رهي پر بکرپرڳڻو مغلن کان آزادي حاصل ڪري مقامي حڪمرانن ڪلهوڙن جي هٿ هيٺ اچي ويو. 1118ھ ۾ اورنگزيب وفات ڪئي[4] هاڻي مخدوم محمد معين 25 سالن جي عمر جو ٿي چڪو هو. موصوف جي هيءَ عمر ڪامل بلوغت, شعور ۽ سمجهہ واري عمر هئي. ان لحاظ کان مخدوم موصوف شعور جي اک اورنگزيب جي بادشاهيءَ ۾ کولي. اڪبر کان اورنگزيب تائين مغل شهنشاهت جو نهايت مستحڪم دور تصور ڪيو ويندو آهي; پر سنڌ لاءِ ساڳيا لاتون ساڳيا چگهہ واري ڪار هئي. مغلن سنڌ کي بکر, سيوهڻ ۽ ٺٽي پرڳڻن ۾ ورهائي ڇڏيو هو تنهي پرڳڻن تي الڳ الڳ نواب موڪليندا رهندا هئا. اورنگزيب خود بہ شاهجهان جي دور ۾ ٺٽي جو وائسراء رهيو. تن ڏينهن ۾ خط لکي شاهجهان کي سنڌ ملڪ جي حالات کان آگاھ ڪيائين ۽ مختلف قبيلن جي روش کان آگاهہ

1 قدوسي, اعجازالحق, تذڪره صوفياءِ سنڌ صفحہ 959 اردو اڪيڊمي

2 خداداد خان, خانبهادر: لب تاريخ سنڌ فارسي صہ 80 سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي /حيدرآباد 1959ع

3 لاکو غلام محمد: ڪلهوڙا دور حڪومت انجمن اتحاد عباسيہ پاڪستان ڪراچي سال 2004ع

4 مسافر محمد صديق: سنڌ جي تاريخ ياڳو پنجون صہ 52 انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سال 2008

ڪيائين. اورنگزيب جي شهنشاهت جي آب ۽ تاب واري دور پويان، شهنشاه بهادر شاه کان وٺي شهنشاه محمد شاه تائين مخدوم محمد معين کي مغلن جي طوائف الملوڪيءَ جو اهو دور ڏسڻ لاءِ مليو جنهن ۾ راشدي صاحب جي بقول: تخت ۽ تاج جي حصول لاءِ هندستان اندر اها ڪشت ۽ خون ٿي، ايڏو هنگامو برپا ٿيو ۽ برادر ڪشيءَ جو اهو دور دورو هليو جو مغلن جي مستحڪم ۽ عظيم سلطنت جا پرزا پرزا ٿي ويا.“[1]

اورنگزيب کان پوءِ 1119هه/1707ع ڌاري اورنگزيب جو پٽ شهزادو بهادر شاه تخت تي ويٺو. راشدي صاحب لکيو آهي تہ: شاه عالم بهادر شاه ٻن سالن جي ڪشت ۽ خون ڪرڻ بعد جڏهن لاهور ۾ مئو تہ خانہ جنگيءَ جي باھ ۾ ڪنهن کي سندس ڪفن دفن جو خيال ڪونہ رهيو ۽ برابر هڪ مهينو بادشاھ سلامت جو لاش لاوارث پيو رهيو. 1124هه/1717ع ڌاري بهادر شاه جي قتل کان پوءِ سندس پٽ معزالدين جهاندار شاه دهليءَ جي تخت تي ويٺو. بيڪار، عياش ۽ انهيءَ حد تائين عياش جو سلطنت جو سڄو ڪاروبار لعل ڪنوار نالي سندس هڪ رنگيلي سينڌي هلائيندي هئي. جنهن ڪري بادشاھ جو رهيو کهيو وقار رعب ۽ مان بہ هليو ويو. رنگيلن، رزيلن، دهلارين ۽ ميراثين کي وزارتون، صوبيدارين ۽ فوجي عملداريون مليون. باز جي آکيري ۾ چٻرا آباد ٿيا ۽ بلبل جي جاءِ ڪانءَ اچي ورتي. سال کن کان پوءِ فرخ سير بن عظيم الشان بن شاه عالم بن اورنگزيب عالمگير انتهائي سفاڪيءَ ۽ بي رحميءَ سان کين مارائي پاڻ تخت تي قبضو ڪيو. فرخ سير 1131هه تائين رهيو ڪيس نهايت بي رحميءَ سان انڌو ڪري مارايو ويو. ”فاعتبرو يا اولي الابصار“ مان اهو سال برآمد ٿئي ٿو. فرخ سير کان پوءِ ٽي شهزادا: رفيع الدرجات، رفيع الدولہ ۽ نڪوسير تحت تي ويٺا ۽ مئا. آخر ۾ ساڳئي سال محمد نصير الدين تخت نشين ٿيو. جنهن کي اڳتي هلي عوام ۽ آخر ۾ تاريخ محمد شاه رنگيلي جو نهڪندڙ لقب ڏنو.

مخدوم محمد معين جي ولادت جي سال کان ٺٽي تي مغلن جي آخري نواب نواب صادق علي خان جي دور تائين مخدوم موصوف، 26 نواب مغلن طرفان ٺٽي مٿان مقرر ۽ معزول ٿيندي ڏٺا. جيئن بکر تي خدا داد خان جي چوڻ مطابق، مقرر ٿيڻ کان پوءِ آخري مغل نواب وڏ ۾ وڏ بہ سال حڪومت ڪري سگهندا هئا.[2] تيئن ٺٽي تي مغل نواب هن دور ۾ ڪي صرف سال تہ ڪي چند مهينا رهيا. مغل نوابن جو تفصيلي ذڪر ڪرڻ بجاءِ هيٺ آءٌ صرف اهو بيان ڪندس تہ نواب ڪهڙين وصفن ۽ اخلاقن جا مالڪ هئا. انهن جو سنڌ ۽ سنڌي عوام سان برتاءُ ڇا هوندو هو. انهن جي حڪومت ۾ سنڌي عوام ۾ ڪهڙي سوچ پلجي رهي هئي.

## ٺٽي جا نواب ۽ عوام جي حالت:

گورنرن، صوبيدارن ۽ ٻين عملدارن کي پگهار بجاءِ سنڌ جون زمينون جاگيرطور ملنديون هيون. جاگيردارن ۽ عملدارن جا تڪڙا تبادلا ٿيندا هئا. جنهن سبب زمينن جي سڌاري جي ڪنهن کي بہ ڳڻتي

---

1 راشدي حسام الدين: ڳالهين ڳوٺ وڻن جون، ٻهريون ڇاپو 1981ع انجمن تاريخ سنڌ ڪراچي ۽ حيدرآباد

2 لاکو غلام محمد: ڪلهوڙا دور حڪومت صہ 104

نه رهي. ان ڪري جاگيردار پنهنجي مدت ۾ صرف ڏوڪڙن ميڙڻ جي فڪر ۾ رهندو هو. جهانگير جي دور ۾ توڙي شاهجهان جي دور ۾ سنڌ اندر نا اهل گورنر موڪليا ويندا هئا. جن کي زمينداريءَ بابت ڪابه ڄاڻ ڪانه هوندي هئي. نتيجي طور تي هو وري ٺيڪي تي زمين ڏيندا هئا. راشدي صاحب لکيو آهي ته: مغليه عامل، ارباب، رئيس، قانون گو نهايت بدڪردار ۽ ظالم هئا. يوسف ميرڪ انهن جي انهن خصلتن جي ڪري انهن کي بگهڙ سان تشبيهه ڏني آهي. هيءُ ماڻهو هارين تي ظلم ڪندا هئا. رشوت جي طور مقرر نرخ کان وڌيڪ ماليو وصول ڪندا هئا. مغل جاگيردار يا گورنر پنهنجي نا اهليءَ سبب پرڳڻي، ڳوٺ ۽ مزروعه زمين کي ٺيڪي تي ڏئي ڇڏيندا هئا. جنهن جو نتيجو اهو نڪرندو هو ته رعيت جو واسطو حاڪم ۽ جاگيردار سان ٿڌي پوندو هو. ۽ ٺيڪيدار نه رڳو ناقابل برداشت من ماني مطالبا ۽ ماليا وصول ڪندو هو. پر عوام کان بيگرون به وٺندو هو.[1]

مغلن جي هڪ صدي جي حڪومت دوران سنڌي مسلمانن تي حاڪمن ۽ صوبيدارن جي ڪيل ظلمن ۽ ڏاڍ جا ڪي پهلو هن ريت آهن: بيگر(2) جبري محصول (3) غير قانوني محصول (4) سرڪاري عملدارن طرفان منظم ڪيل ڦرلٽ ۽ چوريون (5) عوامي ملڪيتن جي غير قانوني ضبطگي (6) اچ وڃ جي رستن جي تباهي(7) گورنرن جي بي رحمانا سلوڪ سبب ذراعت جي تباهي (8) واهن جي ڪاٽي نه ٿيڻ (9) وڌيڪ ڍلن جو مڙهجڻ (10) مختلف قبيلن جو قتل عام. هن جو نتيجو اهو نڪتو جو مختلف قبيلا پناه جي خيال ۾ جدو جهد ڪندا، هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تي رُلندا رهيا.[2]

سيوهڻ شهر تي شيرخواجه نالي هڪ جاگيردار جو ذڪر آهي ته ان پنهنجو نائب مقرر ڪيو. ان اناج ضبط ڪيو. گهٽ اگهه مقرر ڪيا. ماپ ۾ ٺڳي ڪئي. واپاري ٻيڙن تي ڳرا ٽيڪس وڌائين ۽ سامان تي گهٽ معاوضو ڏنائين. جي ڪنهن شڪايت ٿي ڪئي ته ان جي بي عزتي ڪئي ٿي وئي يا مٿن ڳرا ڏنڊ وڌا ٿي ويا، پر اهڙي ڪنور دل جاگيردار کي سندس ايترين ظالمانه حرڪتن ڪرڻ جي باوجود ترقي ڏئي ٺٽي جو گورنر مقرر ڪيو ويو.[3]

هڪ ٺٽي جي گورنر جو ذڪر آهي ته نه رڳو سندس عملدار ئي ڪنور دل ۽ ظالم هئا، پر سندس زال به چڙواڳ هئي. واپارين کان زوريءَ شيون ڪٽندي هئي ۽ انهن کي ملهه جي اڌ ادائيگي به ڪانه ڪندي هئي.[4] بادشاهه طرفان نوابيون انهن نوابن کي ڏنيون وينديون هيون جيڪي شاهي دربار ۾ چاپلوسيءَ، خوشامند، عياريءَ ۽ مڪاريءَ سان عزتون ماڻيندا هئا ۽ بادشاهه جي رضا حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ويندا هئا. نواب جڏهن ڪنهن علائقي جا ناظم مقرر ٿيندا هئا ته انهن کي علائقي مان اوڳاڙيون ڪرڻيون هونديون هيون. انهن مان سڀ کان پهريائين پورائو ان رقم جو ڪيو ويندو هو جيڪا شاهي دربار ۾ ڏن طور

---

1 راشدي، حسام الدين: مقدمه تاريخ مظهر شاهجهاني ص 56 سنڌي ادبي بورڊ 1962ع

2 ايم. ايچ پنهنور، مترجم غلام محمد لاکو: مضمون سنڌ جي تاريخ جو حصو: مغل منصبدارن خلاف سنڌي عوام جي شاندار جدوجهد، مهراڻ جولاءِ سيپٽمبر ص 132 سنڌي ادبي بورڊ 1990ع

3 حوالو ساڳيو ص 115

4 حوالو ساڳيو ص 119

ڏني ويندي هئي. ان کان پوءِ ڪا رقم به مقامي حاڪم پنهنجي عياشين ۾ پوري ڪري ڇڏيندا هئا. ناظم علائقي جي ماڻهن جي ڀلائيءَ جي ڪابه پرواهه نه ڪندا هئا. ۽ گهڻو ڪري بادشاهه به ان پاسي توجهه نه ڏيندا هئا. وري بادشاهه يا شهزادو وغيره ڪنهن علائقي ۾ گهمڻ نڪرن ته علائقي لاءِ آفت ۽ مصيبت بنجي پون. قانع تحفة الڪرام ۾ هڪ واقعو لکيو آهي ته سال 1069هه ۾ اورنگزيب عالمگير جي دور ۾ ٺٽي ۾ قباد خان ناظم مقرر ٿي آيو. اتفاق سان انهن ڏينهن ۾ (ٺٽي مٿان ٻه مصيبتون، هڪ) ڏڪار ۽ وباجي مصيبت اچي ڪڙڪي ۽ ان سان گڏ (ٻي مصيبت) شهزادو محمد دارا شڪوه به اچي ڪڙڪيو. جنهن جي لشڪر جي اچڻ سان ويتر نئين مصيبت پيدا ٿي پئي. ٺٽي اچڻ وقت دارا شڪوه اهو سمجهي رهيو هو ته اتي جو قلعو رهڻ جوڳو هوندو. (پر جڏهن قلعو ڏٺائين ته پڇيائين ته "هيءَ ڪنهن جي حويلي آهي؟" جڏهن کيس ٻڌايو ويو ته دارالحڪومت ۽ قلعي جا شاهي محلات اهي ئي آهن ته ڪاوڙ ۾ ٻاهر نڪري، ان کي باهه ڏيڻ جو حڪم ڏنائين. نيٺ حڪم مطابق شهر جو گهاٽ باهه ڏئي ساڙيو ويو. جنهن تي ان جو نالو "سوخته گهاٽ" پئجي ويو.[1]

جيتوڻيڪ ڪڏهن ڪڏهن ناظم عوام جي ڀلي ۾ غفلت جا مرتڪب ٿيڻ تي بادشاهن جي پڇاڻي هيٺ به ايندا هئا. جيئن هڪ مغلن طرفان مقرر ٿيل ناظم رستم جو واقعو قانع لکيو آهي ته جهانگير بادشاهه هن کي پنج هزاري منصب سان سر بلند ڪري ٺٽي جي حڪومت ۽ نگراني عطا ڪئي. ۽ مير عبدالرزاق معموريءَ کي ٺٽي جي زراعت جي قديم دستور ۽ رواج جي مطابق جمع بندي ڪري (جملي پيداوار) کيس جاگير ۾ ڏيڻ جو حڪم ڏنو. ان کا نسواءِ ٻه لک روپيه نقد انعام کيس مزيد امدادي اخراجات جي طور عطا ٿيا. ظل الاهيءَ کي هن صوبي جي آباديءَ جو وڏو خيال هو. انڪري (هيءُ ملڪ) مذڪوره مرزا جي حوالي ڪري کيس هتي جي رعيت جي دلجوئي ۽ خلق کي آرام پهچائڻ جي باري ۾ تاڪيد ڪيو ويو هو. ڇاڪاڻ ته ترخاني گورنرن جي مٿا سٺا جي دور ۾ هن ملڪ تي حد کان وڌيڪ مصيبتون اچي چڪيون هيون. حضور اعليٰ جي دل ۾ اهو ئي خيال هو ته اهو عدل ۽ انصاف جا شرط پوريءَ طرح بجا آڻي. پر ان جي هن سرزمين تي اچڻ کان پوءِ معاملو الٽو نظر آيو. جنهن تي مجبور ٿي ڪجهه عرصي کان پوءِ کيس موقوف ڪري ملڪ کي (نه پر مرزا کي جيئن منتخب التواريخ مان معلوم ٿئي ٿو.[2] راجه سنگهه سن جي حوالي ڪيو ويو. ۽ فيصلو ٿيو ته جيستائين مرزا رستم فريادين کي راضي نه ڪندو تيستائين ان کي دربار حاضر ٿيڻ جي اجازت نه ملندي.[3]

هن واقعي مان جتي بادشاهه طرفان خلق جي دلجوئيءَ ۽ رعيت کي آرام پهچائڻ جي خبر پوي ٿي اتي اهو به معلوم ٿئي ٿو ته بادشاهه رعيت جي معاملن ۾ پاڻ مرادو دلچسپي وٺڻ يا ناظمن طرفان غفلت جي صورت ۾ پاڻ مرادو ڪاروائي ڪرڻ بجا عوام جي شڪايتن، دانهن ۽ ڪوڪن تي انصاف لاءِ آمادا ٿيندا هئا. جيئن مرزا رستم بابت فيصلي جي لفظن سان معلوم ٿئي ٿو ته جيستائين فريادين کي راضي نه ڪندو

1 قانع مير علي شير تحفته الڪرام صفحه 300_ 299 سنڌي ادبي بورڊ
2 بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر امير احمد مخدوم حاشيه تحفته الڪرام صفحه 290 سنڌي ادبي بورڊ
3 قانع مير علي شير تحفته الڪرام صفحه 290

تيستائين ڪيس دربار ۾ حاضر ٿيڻ جي اجازت نہ ملندي. ساڳيءَ طرح هن واقعي مان اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ مذڪوره ناظم خلق جي آرام ۽ رعيت جي دلجوئيءَ ۾ غفلت جي ڪري نہ پر اٽلندو خلق مٿان ظلم ۽ ڏاڍ جي ڪري ماڻهن جي شڪايتن جي نتيجي ۾ پڇاڙي هيٺ آيو هو. عوام جي ڀلي لاءِ ڪجھ ڪرڻ يا نہ ڪرڻ الڳ ڳالھ آهي. پر ظلم ۽ ڏاڍ اجائي الڳ ڳالھ آهي. انڪري هيءَ ناظم ائين نہ چئبو تہ غفلت جي ڪري بادشاھ جي عتاب هيٺ آيو پر ظلم جي ڪري خلق جي ناراضگيءَ جو شڪار ٿيو. ۽ انهن جي شڪايتن تي بادشاھ طرفان سزا ياتائين. جيئن تزڪ ۾ بادشاھ جهانگير جا لفظ بڌائن ٿا:

"چون ظلم و تعدي ازو بخلق خدا بسيار رسيده بود باز خواست آن بمقتضاي عدالت لازم ڪشت." [1]

(جڏهن ان جا خلق خدا جي مٿان ظلم گهڻو وڌي ويا تہ انصاف جي تقاضا هيٺ ان کان پڇاڻو لازم ٿي پيو)

مقصد ڳالھ جو اهو تہ سنڌ جو عوام ڏارين حاڪمن جي ظلم ڏاڍ, زور ۽ زبردستيءَ جو شڪار ٿيندو رهندو هو سنڌ جا حاڪم ۽ بادشاھ هڪ تہ سنڌ کان هزارين ڪوھ پري, سنڌ جي حالتن کان بيخبر ۽ وري ڌاريا, جن جو ڪوبہ تعلق ۽ همدردي سنڌ سان نہ, وري انهن طرفان مقرر ڪيل ناظم بہ ڌاريا, ايستائين جو بادشاهن ۽ رعيت جي وچ ۾ رابطي ۽ وقائع نويسيءَ جي ڊيوٽين تي بہ ڌاريا مقرر هوندا هئا. ڌارين حاڪمن جي انهيءَ نظام هيٺ سنڌ جو عوام هو جيڪو پيو پيسبو هو.

حاڪمن وٽ مختلف علائقن ۾ ناظمن جي مقرريءَ يا مختلف سرڪاري عهدن تي مقرريءَ لاءِ ميرٽ اها نہ هوندي هئي تہ ڪهڙو ماڻهو علائقي جي ترقي ۽ عوام جي ڀلائيءَ لاءِ وڌيڪ ڪارائتو ٿيندو. بلڪ ميرٽ هئي ماڻهن جي دانائي ۽ دانائي ڇا هئي. جيڪو ماڻهو چالاڪ, مڪار, عيار چاپلوس ۽ لفظن جملن ۽ ٽوٽڪن ذريعي بادشاھ کي خوش ڪري اهو داناءُ ليکبو هو. مير علي شير قانع ٺٽي جي هڪ ناظم نواب امير خان بابت لکيو آهي تہ اهو ۽ سندس خاندان سنڌ ۽ هند ۾ پنهنجي عزت علم ۽ دانائيءَ ۾ مشهور آهن. سندس دانائيءَ جا عجيب ۽ غريب واقعا ۽ حڪايتون مشهور آهن. نقل آهي تہ هڪ ڏينهن آئينو ڏسندي ان پنهنجي عڪس کي "السلام عليڪم" چيو. حاسدن ان کي سندس دماغ خراب ٿيڻ سان تعبير ڪري بادشاھ کي اچي عرض ڪيو تہ "مون پنهنجي عڪس کي انڪري سلام ڪيو هو تہ مونکي پنهنجي ڏاڙهيءَ ۾ ڪجھ سفيد وار ڏسڻ ۾ آيا هئا. ۽ ان خوشي ۾ تہ حضور اعليٰ ۾ هيءَ غلام پوڙهو ٿي رهيو آهي. آءٌ پنهنجي هن ڏاڙهيءَ جي تعظيم بجا آڻي رهيو هوس" سندس اهو عرض بادشاھ کي وڻي ويو. [2]

**هن قسم جي دانائيءَ جي معيارن تي شاهي دربار مان مختلف علائقن جا حاڪم, ناظم ۽ سرڪاري عهديدار مقرر ڪيا ويندا هئا. ملڪ جا خزانا اهڙن دانائن لاءِ عطائن جي صورت ۾ کليل رهندا هئا. ان کان سواءِ اهل علم جو هڪ طبقو بہ اهڙو هو جيڪو پنهنجي علم جي آڌار تي حاڪمن وٽ مراعات حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهندو هو اهي دربار مان پروانا ماڻيندا هئا. وظيفا ۽ جاگيرون حاصل ڪندا هئا. تنخواهون, خلعتون ۽ انعام اڪرام وٺندا هئا. ان طرح عملي طور ملڪ ٽن طبقن ۾ ورهايل هو. هڪ طبقو: حاڪمن جو. ٻيو: مراعات يافتہ ماڻهن جو ۽ ٽيون: رعيت ۽ عام ماڻهن جو طبقو**

---

1 بلوچ ڊاڪٽر نبي بخش/ امير احمد حاشيہ تحفتہ الڪرام صفحہ 290

2 قانع مير علي شير تحفتہ الڪرام اردو صفحہ 296

جيتوڻيڪ پنهنجي روحاني مرشد مخدوم ابو القاسم جي ناراضگيءَ جي ڪري ان کان رجوع ڪيائين، پر ايترو چئبو تہ ان تحريڪ کيس متاثر ضرور ڪيو.هن تحريڪ جي مقصدن جي تحريڪ جي بانيءَ طرفان ڪنهن کلئي اعلان يا اظهار جي ذريعي خبر ڪا نہ ٿي پئي، نہ ئي اهڙو ڪو دليل ٿو ملي جنهن مان اهو ثابت ٿي سگهي، البتہ هن تحريڪ عملي طور جيڪو هڪڙن طبقن کي سهارو ڏنو ۽ ٻين طبقن کي پنهنجي دشمنيءَ تي مجبور ڪري وڌو ان مان ان جي سياسي عزائم ۽ مقصدن جو تعين ڪري سگهجي ٿو. معلوم ٿئي ٿو تہ هيءَ تحريڪ جيئن تصوف جي حوالي سان سنڌ جي مذهبي شعور جي پيداوار ۽ نتيجو هئي، تيئن ان وقت جي سنڌ جي سياسي شعور جي پڻ نمائنده تحريڪ هئي. اهو هو ڏارين حاڪمن ۽ مقامي زميندارن کان ڇوٽڪاري جو شعور. جنهن جي ترجماني هيءَ تحريڪ ڪري رهي هئي. ۽ شايد اهوئي سبب آهي جو شاه عنايت جي تحريڪ تر جي مڙني زمبندارن کي سندس خلاف متحد ڪري ڇڏيو. غلام رسول مهر تحفة الڪرام جي شاه عنايت جي مريدن بابت ڇيل هنن لفظن تہ انهن فقيرن زميندارن جي زمينن ۾ پنهنجون پاڙون کپائي ڇڏيون هيون" جي وضاحت ڪندي تحريڪ جي زميندار مخالف ۽ هاري پرور سوچ کي واضح ڪري ڇڏيو آهي لکي ٿو:

"معلوم نہ ٿو ٿئي تہ هن عبارت مان مصنف جو مقصد ڪهڙو آهي: آيا صوفي شاه عنايت جا فقير انهن زميندارن جي هارين کي پنهنجو هم مشرب بنائي رهيا هئا؟ جيڪڏهن معاملو فقط ايترو هو تہ پوءِ زميندارن لاءِ رنجش ۽ دشمنيءَ جو ڪهڙو سبب ٿي سگهيو ٿي؟ ڇا صوفي شاھ عنايت جا فقير، زميندارن جي زمينن تي قبضو ڄمائي رهيا هئا؟ غالبن صوفي صاحب پنهنجي خانقاھ جي گهرجن جي پورائي لاءِ مريدن جو ڪو جماعتي پوک ۽ گذاري جو بندوبست ڪري ڇڏيو هو. جنهن جا پورا تفصيل اسان جي اڳيان نہ آيا آهن. شاه عنايت زميندار تہ ڪونہ هو جو هارين جي محنت جو ڳچ حصو پاڻ کڻي ها، هو حقاني درويش هو غالبن پيدائش جو وڏيڪ حصو درگاهي درويشن جي حوالي ڪندو هجي. ۽ پنهنجي لاءِ فقط ايترو اناج رکندو هجي جو درگاھ جي لنگر لاءِ ڪافي ٿيندو هجي. هونءَ بہ جيڪا جنس وٽس رهندي هئي، سا دراصل مريدن جي ئي ڪتب ايندي هئي. سندس هن طريقي جي هلت آس پاس جي هارين ۾ يقينن هڪ انقلابي لهر پيدا ڪئي هوندي ۽ زميندار يقينن ڪنهن اهڙيءَ ئي ڳالھ تي شاه عنايت جا دشمن ٿيا هوندا. مطلب تہ بلڙيءَ جا سادات ۽ مقامي زميندار هن حق پرست صوفيءَ جا مخالف بنيا ۽ هو صوفي شاه عنايت کي نقصان رسائڻ لاءِ پاڻ ۾ يڪمشت ٿي ويا.[1]

شاه عنايت پنهنجي مريدن ۾ غريب پروريءَ جو جيڪو ماحول جوڙيو هو. تنهن جي نتيجي ۾ عام ماڻهو زميندارن جي ظلم ۽ هندستاني عملدارن جي سختين کان پاڻ بچائي اچي سندس ڇانو ۾ سڪون ماڻيندا هئا. تحفة الکرام ۾ آهي تہ:

ڪيترائي غريب ۽ عام ماڻهو هندستاني عملدارن جي سختين کان تنگ ٿي چڪا هئا. اهي فقيرن جي پناھ ۾ آيا ۽ وٽن آباد ٿي ويا."[2]

---

1 مهر غلام رسول تايخ سنڌ ڪلهوڙا دور جلد 1 صفحہ نمبر 244

2 حالو ساڳيو صفحہ نمبر 246

ان طرح شاه عنايت جي تحريڪ مغل نوابن جيٰ عوام مٿان ظلمن آڏو پڻ ديوار بڻجي بيٺي هئي. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو نواب شاه شهيد جي خلاف مرڪزي سرڪار کي لکي موڪليو ته:

”صوفي شاه عنايت ۽ سندس فقير حڪومت جا دعويدار بڻجي رهيا آهن. ۽ خليفة الله جو حڪم نه ٿا مڃين.[1]

جنهن جي نتيجي ۾ مغل حڪومت، تر جي زميندارن ۽ ٻين سان گڏجي شاه شهيد جي خلاف جنگ جوٽي ۽ شاه عنايت کي شهيد ڪيو ويو.

## فصل ستون: وفات

مخدوم صاحب جي وفات شهر جي صاحب سخن ۽ صاحب حال ماڻهن لاءِ هڪ وڏو دل ڏڪائيندڙ ۽ ماتم جهڙو واقعو هو. قانع مقالات الشعراء ۾ سندس وفات کي ”واقعه هايله“ قرار ڏنو آهي[2] تحفة الڪرام ۾ لکيو اٿس ته سندن وفات، جا سال 1161ھ ۾ ٿي، سا حقيقت ۾ حال جي صاحبن لاءِ ماتم جو باعث هئي.“[3] سندس وفات تي صاحب سخن ماڻهن جيڪي تاريخي قطعات چيا آهن، تن مان پڻ نظر اچي ٿو ته سندن وفات ماتم برپا ڪري ڇڏيو هو. اهائي ڳالهه اعجازالحق قدوسي محسوس ڪندي لکي ٿو: مخدوم معين جي وفات تي علمي دنيا ۾ صف ماتم وڇائجي وئي. ٺٽي جو هر شاعر، اديب، اهل علم ان صدمي کان متاثر هو. مختلف شاعرن ۽ اهل ڪمال ماڻهن وفات جون تاريخون چئي مخدوم موصوف کي خراج عقيدت پيش ڪيو.“[4]

قانع مقالات الشعراء ۾ لکيو آهي:1160ھ ۾ داعي حق جي سڏ ۾ لبيڪ چئي سڏ ڏنائين.“[5] جڏهن ته تحفة الڪرام ۾ موصوف سندس وفات جو سن 1161ھ لکيو آهي. (2) شهر جي اڪثر سخن جي صاحبن هن ڏکوئيندڙ واقعي تي قطعات چيا آهن ، تن مان وفات جو سال 1161ھ برآمد ٿئي ٿو. سندس وفات تي مختلف شاعرن جيڪي تاريخي قطعا چيا ، سي هيٺ ڏجن ٿا.

**محسن ٺٽويءَ جو قطعه تاريخ:**

عارف دين معين حق مخدوم
آنڪه در عشق جمله تن دل شد
نور ذهنش بمشڪلات علوم

---

1 حوالو ساڳيو صفحه نمبر 247.
2 مقالات الشعراء صفحه 123
3 تحفه صفحه: 694
4 تذڪره صوفياء سنڌ صفحه: 252
5 مقالات الشعراء صفحه 123

درشب جهل بدر ڪامل شد
باڪمالات ظاهري از فڪر
باطنش مظهر فضائل شد
بنگاهي ڪ ڪرد شاهد غيب
عين او گشت وسوي منزل شد
لاجرم سال فوت او گفتند
قطره در ببحر و اصل شد
1161هه[1]

**محسن ٺٽويءَ جو ٻيو قطعه تاريخ:**

معين اهل حق مخدوم دوران
دليل قاطع هر علم چون سيف
ڪ چون خورشيد طبعش گرم گشتي
شتاي سامعان دم ميزد از صيف
از اين محنت سرا مردان در دم
بمهمان خان حق رفت چون ضيف
بدل گفتم اگر عرفان شناسي
بگو زين درد تاريخي بهرڪيف
دو مدِّ آف دل پيهم زد و گفت
"معين دين احمد" رفت صد حيف
(1161هه[2])

**ميان نعمت الله جو قطعه تاريخ:**

اي ڪ در حضرت عزت شده نامت مقبول
روح فرخنده تو يافت بفردوس نزول
بي تو ماتم زده گانند خلايق يڪسر
بي تو در رونق علم ست علامات خمول
سال تاريخ وفاتت ز خرد پرسيدم
دست بردست زنان گفت "شفيع تو رسل"
(1162هه "1")

1 قانع، مير علي شير، تحفة الڪرام
2 مقالات اشعراع صفحه 123

### مياں نعمت الله جو ٻيو قطعہ تاريخ:

اي دريغ از قضيہ وحشت اثر
رحلت آن جان نثار اهل بيت.
آن معين الحق و مخدوم الانام
باد روحش در جوار اهل بيت
سال فوتش را چنين گفتاخرد
"وہ چہ بود اودوستدارِ اهل بيت"

(1161هہ)

### محمد پناہ رجا ٺٽوي جو قطعہ تاريخ:

مخدوم بس کہ بود بدنيا معين دين
درماتمش دل همہ مومن حزين اوست
وا حسرتا چہ ماتم يک حشر آفت ست
هر يک جدا جدا دلش اندوهگين اوست.
اين ماتمي ست عام کہ عالم فگار اوست
خاص از براي خاطر هر همنشين اوست
ميسوخت از شب غم ميکرد فکر سال
يعني دل "رجا" کہ محبت گزين اوست
آمد بسال رحلت او اين ندا ز غيب
"ناجي شد اوکہ آل محمد معين اوست"

(1161هہ)

### مخدوم محمد معين جي مزار:

مخدوم محمد معين جي مزار جي نشاندهي سڀ کان پهريائين حسام الدين راشديءَ ڪئي،جنهن کان پوءِ خبر پئي تہ مخدوم موصوف ڪٿي دفن ٿيل آهي. راشدي صاحب جو ان باري ۾ اصل ماخذ ديوان خليل آهي. ديوان خليل ۾ مخدوم ابو القاسم جي قبرستان جو نقشو ڏنل آهي، جنهن مان مخدوم محمد معين جي قبر مبارڪ جو علم ٿي سگهيو آهي.ان باري ۾ راشدي صاحب لکيو آهي، تہ مخدوم ابوالقاسم جي قبرستان ۾ گهڻن بزرگن جي قبرن تي ڪتبا ڪونهن. جنهن ڪري خبر نہ ٿي پئي تہ هيءُ قبرون ڪنهن جون آهن. اهو ئي سبب هو جو اجا تائين اها خبر نہ ٿي پئجيو سگهي تہ مخدوم موصوف ڪهڙي

---

1 قانع لکيو آهي تہ هن ۾ جيئوٽيڪ هڪ سال وڌيڪ آهي، شايد اهل فن وٽ اهو نظر انداز ڪيو ويندو هجي. مقالات الشعراء صفحہ 125



1، مخدوم محمد معين جي مزار 2، مخدوم معين جي مزار تي عاجز محقق دعا گهرندي 3، مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ جي پيرانديءَ ۾ مزارن جي ڊگهي قطار ۾ مخدوم محمد معين جي مزار نمايان آهي.

هن نقشي سان گڏ هيٺ اسان مخدوم محمد معين جي قبر مبارڪ جون تصويرون به ڏئي رهيا آهيون. جن مان پهرين نمبر تصوير راشدي صاحب مقالات الشعراء ۾ ڏني آهي. هن تصوير جي اهميت هن ڪري به آهي ته اها مخدوم محمد معين جي قبر جي دريافت ٿيڻ کان پوءِ نڪتل اها تصوير آهي، جيڪا قبر جي اصل قديمي حالت جي تصوير آهي. قبر جي دريافت کان پوءِ معتقدن قبرن جي خوبصورتي جي خيال کان، انهن تي ٽائلس جو ڪم ڪرائي انهن کي انهن جي اصل قديمي حيثيت مان ڪڍي ڇڏيو آهي. ٿيڻ ائين گهربو هو ته قبرن جي حفاظت خاطر مرمت جو ڪم ڪنهن اهڙي طريقي سان ڪيو وڃي ها ته جيئن انهن جي اصل تاريخي حيثيت قائم رهي ها، پر افسوس جو اڄ انهن جي اها حالت صرف راشدي صاحب واري پهرين نمبر تصوير ۾ ڏسي سگهجي ٿي. ان کان پوءِ واريون تصويرون قبر مبارڪ جون موجوده حالت واريون تصويرون آهن.



گول نشان ڏنل قبر مخدوم معين جي آهي جيڪا مخدوم ابوالقاسم جي پيرانديءَ کان آهي.

باب ٻيو:

# استاد، شاگرد ۽ همعصر

هن باب جا ٽي فصل آهن. پهرئين فصل ۾ مخدوم موصوف جي طالب علمي دور جي مدرسن جو مختصر ذڪر ٿيندو. ان ڪان پوءِ مخدوم موصوف جي استادن جو ذڪر ڪبو. ٻئي فصل ۾ مخدوم معين جي مدرسي ۽ سندس شاگردن جو ذڪر ڪبو. ٽئين فصل ۾ مخدوم موصوف جي همعصر شخصيتن جو ذڪر ڪبو.

## فصل پهريون: مخدوم صاحب جي طالب علمي دور جا مدرسا ۽ سندس استاد

مٿي باب پهرئين فصل ٽئين ۾ گذري چڪو تہ ٺٽي ۾ چار سئو ڪاليج هئا. ۽ ٺٽو ان دور جو عراق ثاني هو. هي چار سئو ڪاليج ڪهڙن نالن سان؟ ڪٿي ڪٿي هئا؟ ۽ انهن ۾ ڪهڙا ڪهڙا استاد عالم ۽ ماهرين فن استاد هئا. اهو تفصيل البتہ معلوم نہ ٿي سگهيو آهي. پر ان دور جي سنڌ جي عالمن، اديبن ۽ شاعرن جي تذڪرن جي ڪتابن منجهان، جن جن عالمن جي تذڪري ۾ انهن جي صاحب ارشاد هئڻ ۽ ڪانئن ڪن جي پڙائڻ ۽ سکڻ جا اشارا ۽ اهڃاڻ ملن ٿا، تنهن مان اندازي طور چئي سگهجي ٿو تہ انهن جا ضرور ڪي ننڍا يا وڏا مدرسا ۽ مڪتب موجود هوندا ۽ انهن وٽ بهترين ڪتب خانا بہ ضرور هوندا. راشدي صاحب لکيو آهي: تہ انهن مان هر بزرگ جو مهمان خانہ (يا مردانہ) دارالمصنفين ۽ ندوة المصنفين هوندو هو. ۽ هر استاد ۽ عالم جو مدرسو "دارالعلوم ديوبند" ۽ "ندوة العلوم" هو.[1] قانع تحفة الڪرام ۾ ٺٽي جي مختلف طبقن جي ماڻهن جو الڳ الڳ ذڪر ڪيو آهي. پهريائين طبقہ سادات جي عنوان هيٺ انجوي شيرازي خاندان جو ذڪر ڪيو اٿس. ان خاندان جي ڪيترن ئي نامور فردن جو قانع تذڪرو 2 ڪيو آهي، جن جي ظاهري ۽ باطني ڪمالن ۽ فضيلت جو قانع بيان ڪيو آهي. پوري وثوق سان چئي سگهجي ٿو تہ اهي سڀ نہ تہ انهن مان اڪثر فرد مدرسن مڪتبن ۽ ڪتب خانن جا صاحب هوندا. جيئن مير زين الدين لاءِ قانع لکيو آهي: بي انتها علمي لياقت جو حامل هو. سندس تصنيف "حرز البشر" مشهور ڪتاب آهي. مشتاق استادن جيان شعر چوندو هو ۽ قانع تخلص ڪندو هو" قانع جو ان بابت چوڻ آهي

1 راشدي، حسام الدين: "ميرعلي شير قانع ڪي سوانح حيات" تحفة الڪرام اردو، ص: 43

تہ: گمان ٿئي ٿو تہ سندس تصنيفات زماني جي حادثن جو شڪار ٿي ويون." [1] ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ: اهو وڏو صاحب تصانيف شخص هو. صاحب علم هئڻ جي ڪري ضرور مدرسي ۽ ڪتب خاني جو صاحب پڻ هوندو. اهڙيءَ طرح مشهدي ساداتن جو خاندان بہ نامور بزرگن ۽ اله لوڪن جو خاندان هو. ان خاندان مان سيد محمد بابت قانع لکيو آهي: علوم ظاهري ۽ باطني ۾ ممتاز درجي تي فائز هو." [2] ان کان پوءِ ان جو فرزند سيد مرتضيٰ پنهنجي والد جي زيور ڪمال سان مزين هو. علم ۽ فضل ۾ شهرت سان پنهنجي زندگي جي مدت پوري ڪيائين". [3] علم ۾ ممتاز درجو رکڻ ۽ علم ۽ فضل ۾ شهرت ۽ تصنيف ۽ تاليف يا درس ۽ تدريس سان ئي تعلق رکي ٿو. ضرور هن گهراڻي وٽ مدرسو ۽ مڪتب ۽ ڪتب خانو هوندو. هنن جو تعلق يارهين صديءَ جي پوئين حصي سان آهي، جنهن جي آخري ڏهاڪي ۾ مخدوم محمد معين ڄائو.

اهڙيءَ ريت شڪر الاهي شيرازي ساداتن جو خاندان بہ آهي، جنهن خاندان جي انيڪ فردن جو قانع تذڪرو ڪيو آهي. هن خاندان مان ميرظهير الدين لاءِ قانع لکيو آهي، درس ۽ تدريس ۾ مشغول رهندو هو. سندس پٽ سيد شڪر الاهي ثاني بہ پيءُ جي صفتن سان موصوف هو [4] هنن ساداتن مان سيد عبدالرحمن ۽ سندس اولاد وڏي علم ۽ فضل جو مالڪ هو ۽ سيد نورمحمد ۽ ان جو اولاد بہ: "علم ۽ ڪمال جو ڪامل مظهر ۽ اهل دين ۽ يقين جو مرجع هو." سندس اولاد مان سيد نظام الدين ثاني علم فقه ۾ وڏيڪ باتوفيق ۽ بين علمن جو جيد عالم گذريو آهي. [5] ان طرح مازندراني ساداتن ۾ اهل علم و ڪمال افراد جو وڏو تعداد موجود نظر اچي ٿو. عرب شاهي سبزواري سادات ميرڪ ۾ بہ ڪيترائي اهل علم وفن ماڻهو گذريا. هن خاندان وٽ ٺٽي جي "شيخ الاسلام" جو عهدو موروثي طور موجود هو. عريضي سبزواري سادات، ڪاشاني سادات، رضوي سادات بہ ان زماني ۾ وڏي علم ۽ فضل جا صاحب هئا. رضوي ساداتن مان اڳتي هلي سيد محمد عرف ڦتو سان مخدوم محمد معين جي خط و ڪتابت ۽ تعلقات ٿيا. هن خاندان مان مير ڪمال الدين احمد خان مخدوم معين جي پيءُ مخدوم امين جو سنڌو هو. هن خاندان سان مخدوم معين جي مائٽي هئي. سندس ڀيڻ هن خاندان ۾ ميرمحمد رفيع سان نڪاح ڪرايل هئي. اهڙيءَ طرح ٻيا بہ ڪوڙ خاندان آهن، جيڪي ٺٽي ۾ وڏي علمي، ديني ۽ روحاني شهرت ۽ مقام رکندا هئا. ٺٽي ۾ قضا جو عهدو جن کي ملندڙ هو تن جو قانع قاضين جي طبقي جي عنوان ۾ ذڪر ڪيو آهي. هن طبقي ۾ بہ ڪيترائي وقت جا ممتاز عالم ۽ زماني جا مقتدر علامہ ذڪر ٿيل آهن. ان طرح علماء پرهيزگارن ۽ صالحن جي طبقي ۾ جن لاتعداد عالمن، محققن، مدرسن ۽ مڪتبن جو ذڪر آهي، سي پڻ سڀ جو سڀ صاحب مدرسہ هئا. پر اسان کي صرف اهي عالم ڏسڻا آهن، جيڪي مخدوم محمد معين جي ٻالڪپڻي جي زماني ۾ مسند درس و تدريس تي ويٺل هئا. هن طبقي ۾ مخدوم عثمان جو گهراڻو اهڙو ڏسجي ٿو. جنهن بابت چئي سگهجي ٿو

---

1 قانع، مير علي شير: "تحفة الڪرام" (اردو) صہ: 575_576

2 قانع، ميرعلي شير: تحفة الڪرام" صہ: 588

3 حوالو ساڳيو صہ 589

4 حوالو ساڳيو صہ 595_594

5 حوالو ساڳيو صہ: 600

تہ هي گهراڻو مدرسي ۽ مڪتب جو صاحب هو.[1] مخدوم حامد ۽ سندس فرزند مخدوم صابر جيد عالم هئا. سي پڻ صاحب مدرسہ ۽ صاحب مسند هئا. اڳتي هلي مخدوم صابر جي پٽ جو پٽ مخدوم حامد پيدا ٿيو جيڪو مخدوم محمد معين جو همعصر آهي.[2] قاضي محمد قاسم جو گهراڻو بہ اهل علم گهراڻو هو. هن گهراڻي جي نسل ۾ محمد افضل نالي ٺٽي جو مشهور ۽ معروف عالم گذريو.[3] مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ جو بہ مدرسو هو. وٽانئس ڪيترن ئي طالب علمن مڪمل فيض پرايو. ميان احمد ڪتابي جو بہ مدرسو هو. جنهن کي پوءِ سندس فرزند ميان محمد نهايت خوبصورتيءَ سان آراستہ رکيو. هيءُ مدرسو مخدوم معين جي ٻالڪپڻي واريءَ عمر ۾ قائم هو.[4] صہ: 678 مخدوم فضل جو هڪ پٽ حافظ قرآن هو ۽ ڪيترن ئي طالبن کي فيض پهچايائين.[5] مخدوم علي احمد عرف قمري جو اولاد بہ صاحب مدرسہ هو. مخدوم رحمت الله لاءِ بہ قانع لکيو آهي تہ مدرس ۽ علمي ۽ عملي ڪمالن جو مجموعو هو.[6] مخدوم طالب الله مدرس بہ صاحب مدرسہ هو. قانع لکيو آهي تہ عالمگير بادشاه جي حضور ۾ موصوف پنهنجي پٽ کي موڪليو. جتان کيس ڏھ هزار درهم اولاد جي معاش لاءِ, هڪ روپيہ روزانہ مدرسي جي خرچ لاءِ مليا.[7] محمد معين جو پيءُ مخدوم محمد امين بہ وڏو معتبر عالم هو. جنهن وٽ مخدوم معين شروعاتي تعليم ۽ تربيت حاصل ڪئي. وڌيڪ غور ۽ فڪر ڪرڻ سان, ان کان سواءِ بہ ڪيترائي مدرسا ڳڻائي سگهجن ٿا. بهرحال مخدوم محمد معين پيءُ جي مدرسي ۾ پڙهڻ کان پوءِ جنهن مدرسي ۾ پڙهيو سو مدرسو مخدوم عنايت الله بن فضل الله جو مدرسو هو. مخدوم عنايت الله مٿي ذڪري ڪيل ميان احمد ڪتابي جي مدرسي جو شاگرد هو. مخدوم معين ۽ مخدوم ضياء الدين سندس شاگرد هئا. انهن کان سواءِ بہ ڪوڙ شاگرد وٽانئس فيض حاصل ڪري چڪا آهن.

## مخدوم موصوف جا استاد:

مخدوم محمد معين پنهنجي پيءُ ۽ مخدوم عنايت ٺٽويءَ کان سواءِ ٻين پنجن عالمن کان متداول علمن ۾ سند ۽ اجازت ورتي. ان باري ۾ مخدوم صاحب جو پنهنجو بيان مٿي گذريو آهي, هتي مخدوم موصوف جي مڙني استادن جو تذڪرو پيش ڪجي ٿو. صرف هڪ استاد شاه ولي الله دهلويءَ جو تذڪرو هن جڳھ تي شامل نہ ڪيو ويو آهي. ڇاڪاڻ تہ شاه ولي الله سان مخدوم موصوف جا خاص تعلقات ۽ تمام گهڻي ويجهڙائي, خط و ڪتابت ۽ علمي ڏي وٺ رهي, ان ڪري, ان جو تذڪرو "مخدوم محمد معين ۽ شاه ولي الله دهلويءَ جا تعلقات" جي عنوان سان الڳ ذڪر ڪيو ويندو.

---

1 قانع, مير علي شير: "تحفة الڪرام" صفحہ: 665
2 حوالو ساڳيو صہ: 667
3 حوالو ساڳيو صہ: 668
4 حوالو ساڳيو صہ: 678
5 حوالو ساڳيو صہ: 680
6 حوالو ساڳيو صہ: 682
7 حوالو ساڳيو صہ: 688

## مخدوم عنايت الله:

هيءُ پنهنجي وقت جو وڏو عالم ۽ متقي هو. هيءُ بزرگ ڪٿي ڄائو ۽ سندس وڏا ڪير هئا، سو ڪنهن به تذڪري ۾ ملي نہ سگهيو آهي. قانع هن جي پيءُ جو نالو به نہ ڏنو آهي. جڏهن تہ نزهة الخواطر واري سندس نالو مخدوم عنايت الله بن فضل الله ڄاڻايو آهي." [1] فضل الله کان مٿي سندس حسب نسب جو ڪوبہ علم ناهي. اهڙي طرح سندس استاديءَ جي سلسلي ۾ قانع صرف سندس استاد ميان احمد جو نالو ڳڻايو آهي. ان کان مٿي سندس استاديءَ جو سلسلو معلوم ناهي. ميان احمد جي پيءُ مخدوم اسحاق جي باري ۾ قانع لکيو آهي: اصل گجرات جو هو. مخدوم اسماعيل سومري جو مريد اچي ٿيو. پوءِ ٺٽي آيو علمي ۽ عملي ڪمالن ۾ ملڪان ملڪ مشهور هو. [2] سو شايد ميان احمد جو استاد هجي ۽ مخدوم عنايت الله جو ڏاڏا استاد هجي. ميان احمد صاحب حال ۽ ڪمال بزرگ هو. کيس "ڪتابي" جو خطاب رسول الله ﷺ کان (خواب ۾) مليو. وڏي خوف خدا جو مالڪ هو. مخدوم ضياء الدين کان منقول آهي تہ کيس هڪ ڀيري ميان احمد جي هجري جي ديوار تي الاهي خون نظر آيو. پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيو تہ اهو خون ميان احمد جي ان گريي ۽ زاريءَ جي نشاني آهي، جيڪو آخري زماني ۾ هو خدا جي خوف ۾ ڪندو هو. سندس ئي طفيل مخدوم عنايت الله نامور طالب علمن جي جماعت جو معلم بڻيو [3] مخدوم عنايت الله وٽان جيتوڻيڪ ڀيا بہ کوڙ شاگرد فيض حاصل ڪري چڪا آهن، پر خاص طور تي علم جا بہ روشن جهنڊا: علامہ مخدوم ضياء الدين ۽ مخدوم محمد معين سندس شاگرد آهن. هن جي خاصيتن ۾ تقويٰ پرهيز گاري کي بہ هڪ وڏو مقام حاصل هو. ۽ سندس استاد ميان احمد ڪتابيءَ وانگر سندس مزاج ۾ بہ خوف خدا جون خاصيتون موجود هيون، پر ان باوجود ان جي باري ۾ قانع جو اهو چوڻ تہ: پنهنجي وقت جو هڪ صاحب ارشاد معلم ٿي گذريو آهي." [4] جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سندس باقاعدي مدرسو هو. جتان ڪيترن ئي شاگردن وٽس فيض پرايو. مخدوم محمد هاشم بہ اتي ئي وٽس پڙهيو. مخدوم عنايت الله حنفي مسلڪ جي نامور علمائن ۾ شمار ڪيو ويندو هو. [5] قانع چند صفحن کان پوءِ هڪ مخدوم عنايت الله جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن کي مرزا قليچ بيگ ساڳيو مخدوم عنايت الله قرار ڏيندي هن ئي مخدوم عنايت الله جي تذڪري ۾ شامل ڪندي لکيو آهي تہ: صاحب حال ۽ بيمثال ڪرامتن سان موصوف ۽ حافظ هو. وڏيءَ عمر جو هو ۽ نابين ٿي ويو هو. تہ بہ مرڻ گهڙيءَ تائين خلق کي فيض پئي پهچايائين ۽ وعظ جي مجلس ڪندو رهيو [6] کيس بہ پٽ محمد سعيد واعظ ۽ مولوي محمد صادق بہ مشهور ٿيا. پويون مخدوم محمد معين جو شاگرد هو. سندس ڀيا بہ کوڙ شاگرد ٿيا. سيد عبداللطيف ڀٽائيءَ جو مريد هو. هيءُ مخدوم عنايت

---

1 حسني، عبدالحي لکنوي: "نزهة الخواطر." صہ: 194

2 قانع، مير علي شير: "تحفة الڪرام" صفحہ: 278

3 قانع، مير علي شير: "تحفة الڪرام" صفحہ: 279

4 قانع، مير علي شير: "تحفة الڪرام" صفحہ: 287

5 نعماني، مولانا منظور احمد: "حاشيہ مقدمہ دراسات اللبيب" صفحہ: 5 (هن حوالي جو مولانا نعماني ماخذ نہ لکيو آهي)

6 مرزا قليچ بيگ: "قديم سنڌ جا مشهور شهر ۽ ماڻهو" صفحہ: 199، سنڌي ادبي بورڊ 1990ع

جيڪڏنهن ساڳيو آهي، جيئن مرزا قليچ بيگ چيو آهي، تہ پوءِ مخدوم معين پنهنجي استاد جي پٽ جو استاد ٿيندو، جيئن اهڙي سعادت مخدوم ضياء الدين کي بہ حاصل آهي. مخدوم عنايت الله، مخدوم محمد معين جي مشهور ۽ وڏن استادن مان هڪ هو. ۽ باقاعدي مسلسل طور متداول علوم مخدوم موصوف وٽس ئي پڙهيو.[1] مخدوم محمد معين پنهنجي ٻين جن استادن جو ذڪر ڪيو آهي انهن کان روبرو يا خط و ڪتابت جي ذريعي صرف سند عالي حاصل ڪرڻ لاءِ اجازت ورتي اٿس. مڪتب ۾ ويهي هڪ طالب علم وانگر شروع کان آخر تائين سبق سبق ڪري علم صرف مخدوم عنايت الله ٺٽويءَ وٽ پڙهيو ۽ صرف فصوص الحکم شاه علي رضا درويش کان پڙهيائين.

## مخدوم ابوالقاسم نقشبندي:

ابوالقاسم نورالحق[2] بن درس ابراهيم ٺٽوي، پنهنجي وقت جو وڏو عالم، فاضل ۽ صاحب طريقت بزرگ هو. هن جا وڏا شروع کان ئي شيخ بهاءالدين ذڪريا ملتانيءَ جي خاندان جا مريد ۽ معتقد هئا. سنڌن خاندان مان سڀ کان پهريائين سنڌن ڀيءُ درس ابراهيم ٺٽي ۾ اچي آباد ٿيو ۽ ٺٽي ۾ ئي وفات بہ ڪيائين.[3]

مخدوم ابوالقاسم سڀ کان پهريائين قرآن مجيد حفظ ڪيو پوءِ ظاهري علمن جي تڪميل ڪيائين. ان کان پوءِ باطني علمن ڏانهن متوجه ٿيو. شروع ۾ ڪجھ ڏينهن سنڌ جي مشهور بزرگ شيخ مخدوم آدم عرف مخدوم آدو جنهن سنڌ ۾ سڀ کان پهريائين نقشبندي سلسلو شروع ڪيو. تنهن جي خدمت ۾ رهيو. ڪانئس فيض حاصل ڪندو رهيو. هڪ ڏيهن مخدوم آدم سنڌس جوهر پرکي ورتو فرمايائين:

"صاحبزادا تو ۾ نهايت عمدي صلاحيت آهي جيڪڏنهن تون سرهند هليو وڃين تہ شايد اتي تون پنهنجي بلند استعداد مطابق فيض ۽ برڪتن جو استفادو ڪري سگهين. اهو ٻڌي ڪيس سرهند وڃڻ جي تانگه ڪنيو ۽ جلد سرهند هليو ويو. جڏنهن سرهند پهتو تہ ان وقت حضرت شاه سيف الدين. جيڪو حضرت مجدد الف ثانيءَ جو پوٽو ۽ خواجہ معصوم سرهندي جو پٽ هو. سو حضرت مجدد الف ثانيءَ جي مزار تي حاضري ڏيڻ لاءِ پالڪيءَ جي انتظار ۾ ويٺو هو مخدوم ابوالقاسم اچا چند قدمن جي فاصلي تي هو جو ان کي ڏسي فرمايائين: ڏاڏا صاحب اوهان جي سفارش فرمائن ٿا." اهو ٻڌندي ئي حضرت مخدوم ابوالقاسم قدم بوس ٿيو. شاه سيف الدين فرمايو تہ تون اسان سان گڏ زيارت تي هلندو ڪر. جنهن کان پوءِ سنڌن معمول ٿي ويو. سدائين حضرت مجدد جي مزار تي شاه سيف الدين سان گڏ حاضر ٿيندا رهيا. پاڻ حضرت شاه سيف الدين جي هٿ تي بيعت ڪيائون ۽ باطني فيوضات جي تحصيل لاءِ وٽس صرف تي

---

1 نعماني، منظور احمد مولانا: "مقدمہ دراسات اللبيب" صفحہ: 5

2 حضرت شاه سيف الدين کان کين "نورالحق" جو لقب مليو. سنڌ جا ماڻهو کيس "حضرت نقشبندي" سڏيندا هئا. خليل محمد ابراهيم: تڪملہ مقالات الشعراء، صفحہ: 178.

3 قانع، ميرعلي شير: "تحفة الڪرام" صفحہ: 713، جلد 3

دفعا حاضر ٿيا. ٽئين دفعي شاه سيف الدين کيس فرمايو: هاڻي تنهنجو ۽ منهنجو معاملو برابر ٿي ويو هاڻي سنڌ وڃي، اسان جو طريقو ڦهلاءِ."[1]

ان کان پوءِ مخدوم ابوالقاسم سنڌ ۾ اچي نقشبندي سلسلي هيٺ فيض ورهائڻ شروع ڪيو ۽ وڏن وڏن عالمن ۽ هستين ڪانئس فيض پرايو .. جهڙوڪ:سيد عبدالله،سيد محمد ناصر، (جيڪي ٻئي سيد نعمت الله شڪر الاهي شيرازيءَ جا پٽ هئا) مير مرتضي ولد مير ڪمال الدين خان مهدوي، مخدوم عنايت الله بصير، مخدوم ميڏنو نصرپوري، مخدوم ضياءالدين ٺٽوي، نور محمد سهار، حاجي ڪمال اوديجو، ميان عبدالولي (ميان عبدالباقي واعظ اگهمي متعلوي جو پاءُ) سيد سلطان شاه هندي، ميان حبيب (مشهور ميت پوٽو) درس بلال ساڪن پراڻ، درس شرف الدين ولد درس بلال، شيخ مجي عرب (جنهن وڃي مديني منوره ۾ طريقي جو احياء ڪيو) ميان محمد مخدوم آدم جي اولاد مان هو، ميان محمد زمان لنواري، مخدوم محمد معين، ميان يعقوب سمو ساڪن ڳوٺ ڪيبر، محمد مقيم ولد سعد.الله ۽ ميان محمد الرحيم سومرو.[2] قانع "طومار سلاسل" ۾ شيخ ابوالقاسم ٺٽوي جي اناويهن خليفن جو نقشي جي صورت ۾ ذڪر ڪيو آهي، جن ۾ مخدوم محمد معين ٺٽوي سرفهرست آهي.[3] زندگيءَ جو وڏو عرصو سندس صحبت ۾ گذاريائين. مرشد جي خاص توجه جو مرڪز بہ رهيو. موصوف جي پنهنجي مرشد شيخ ابوالقاسم سان شديد محبت هئي. جنهن ڪري مخدوم موصوف سندس ڪرامتن ۽ خوارق عادات تي مشتمل ڪتاب ترتيب ڏيڻ جو ارادو ڪيو، پر کيس مخدوم ابوالقاسم ائين ڪرڻ کان سختيءَ سان منع ڪري ڇڏيو. قانع مقالات الشعراء ۾ لکيو آهي تہ: حضرت عمدة العلماء الربانيين وقدوة المفسرين والمحدثين مخدوم محمد معين، جيڪو آنجناب جي معتقدن مان هو ۽ سندن قدم ڪرامت ۾ مقبرو اٿس، تنهن کي رسالو تصنيف ڪرڻ جي اجازت نہ ڏنائون."[4] مخدوم ابوالقاسم جي هڪ ڪرامت تحفة الطاهرين ۾ نهايت دلچسپ منقول آهي تہ:

هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ نواب سيف الدين خان جو هڪ مقرب غفران پناه مخدوم معين سان عداوت رکندو هو. تنهن کيس ايذائڻ جو پہ ڪري ڇڏيو هو. سندس ارادو هو تہ ڪو موقعو وٺي نواب صاحب جي دل مخدوم جامع العلوم کان ڦيرائي ڇڏي. پر کيس ان جو موقعو ميسر نہ ٿي سگهيو. ڪو وجهہ نہ ڏسي ابليسي رنگ ڪري ڪجهہ تمهيدون ٻڌي، سرڪار چاچڪان جي فوجداري پنهنجي نالي تي حاصل ڪري ورتائين. دل ۾ کيس اهو هجي تہ، مخدوم جي جاگير، جيڪا سرڪار چاچڪان سان تعلق رکي ٿي، تنهن کي اهڙو ويران ڪجي جو ٻيهر آباديءَ لائق نہ رهي، مخدوم موصوف نهايت بيچينيءَ جي عالم ۾ سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو. بزرگ کي ان تي سخت بيچيني ٿي ۽ دل ۾ سور پيو. جنهن ڪوٺري سان ان وقت وضو ٿي ڪيائين، سو سندن هٿن مان ڪري پيو ۽ ڀڄي پيو. مخدوم موصوف کي ڏسي

---

1 خليل، محمد ابراهيم: "تڪملہ مقالات الشعراء صہ: 183، سنڌي ادبي بورڊ، 1958ع
2 قانع، مير علي شير، ٺٽوي: "معيار سالڪان طريقت" (قلمي) صہ: 196، راشدي ڪارنر ريسرچ لائبريري سنڌالاجي.
3 قانع، مير علي شير: "طومار سلاسل" (قلمي) راشدي ڪارنر ريسرچ لائبريري سنڌالاجي.
4 قانع، ميرعلي شير: "مقالات الشعراء" صفحہ: 185

چيائين: دل نہ هاربو، ڇاڪاڻ جو ان ٻچڙي جو حال بہ اهو ئي ساڳيو ٿيندو." (يعني ڪونئري وارو حال ٿيندس) چوڻ ٿا تہ جنهن مهل مذڪور سرڪار کان موڪلائي سرڪار جي فوجداري حاصل ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو ۽ شهر جي حدن ۾ داخل ٿيو ان وقت سندس گهوڙو مست ٿي پيو ۽ آٽي ڪٽي زمين تي ڦمڪايائينس. سندس هڪ پير رڪاب ۾ ڦاسي پيو ۽ گهوڙو وٺي ڀڳو ۽ هن کي زمين تي گهليندو ويو. سندس هڏا ڀڄي وڏائين ۽ سندس روح جو پکي سندس جسم جي آشياني مان پرواز ڪري ويو. [1]

مخدوم معين ٺٽوي ڪجهہ وقت کان پوءِ شاه عنايت کان بہ متاثر ٿيو. سندس ارادت اختيار ڪرڻ تي مخدوم ابوالقاسم کانئس ناراض ٿيو. مخدوم معين جي توبهہ تائب ٿيڻ تي کانئس راضي ٿيو [2] شاه ولي الله جي مخدوم معين ڏانهن هڪ خط ۾ شاه ولي الله صَاحب مخدوم محمد معين کي شيخ ابوالقاسم جي نسبت تي قائم رهڻ جو مشورو ڏيندي لکيو تہ: هيءَ اوهان جا پيريءَ جا ڏينهن آهن. جيڪي موڪلائڻ جي سائرن وڃڻ جا ڏينهن آهن. تن ۾ رضا الاهي اها ٿي معلوم ٿئي تہ اوهان پاڻ کي ان نسبت تي قائم رکو جيڪا اوهان شيخ ابو القاسم قدس سره نقشبنديءَ سنڌيءَ کان حاصل ڪئي آهي." [3]

مخدوم ابوالقاسم نقشبندي 7 شعبان 1138ھ ۾ وفات ڪئي. سندس وفات جو سال هينئين قطعہ جي ٻئي مصرعہ مان معلوم ٿئي ٿو:

بسال وصل او هاتف بفرمود

ابوالقاسم سراسر نورحق بود.

هيءَ قطعہ تاريخ مڪليءَ جي قبرستان ۾ سندس مزار مبارڪ جي ڪتبي تي پٿر سان چٽيل موجود آهي.

ريسرچ لائبريري انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۾ مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ جو هڪ رسالو نالي "مقولات مشائخ قديمہ" هڪ قلمي مجموعہ ۾ موجود آهي. رسالي جو ڪاتب معلوم ڪونهي. هيءَ نسخو مخدوم ابوالقاسم جي نسخي تان نقل ٿيل آهي. نسخي جي پڇاڙيءَ تي ڪاتب جا لکيل لفظ ٻڌائن ٿا تہ آخر ۾ مخدوم ابوالقاسم جي دستخط بہ لکيل موجود هئي. نسخي جي پڇاڙي هن طرح ٿيل آهي:

"روز بعد از توجه فرمودند کہ از هر سہ روضهائي منوره حلقها درحق شما عنايت شد خصوصا ان روضہ حضرت مجدد الف قدس سره بسيار نوازش و مهرباني بيان فرمودند وگفتنند کہ ايشان همچو: لاتحزن ان الله معنا" والسلام

نقل دستخط مبارک جناب ارشاد مآب قطب زمان مرشد عصر و اوان سيدنا وسندنا وقبلتنا و مولانا الشيخ ابوالقاسم النقشبندي قدس الله تعاليٰ سره العزيز وافاض علينا فيضہ العزيز آمين آمين"

---

1 ٺٽوي، مخدوم اعظم، شيخ: تحفة الطاهرين" صفحہ: 83 _ 84، سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو: 1965ع

2 ٺٽوي، محمد ابراهيم مخدوم: "القسطاس المستقيم" ورق: 147، نسخہ خطيہ مدرسہ مظهر العلوم کڏو ڪراچي

3 دهلوي، شاه ولي الله: "خط شاه ولي الله جا مخدوم محمد معين ڏانهن" صفحہ: 12، اڻ ڇپيل

## شيخ فيض لله بن العارف كامل وقطب وقت شيخ آدم نقشبندي:

مخدوم فيض الله ولد مخدوم آدم ٺٽوي ولد مخدوم عبدالاحد ولد عبدالرحمان ولد عبدالباقي ولد محمد ولد احمد ولد آدم ولد عبدالهادي صديقي يعني مالڪي. ٺٽي جو رهاڪو هو ۽ سندس والد مخدوم آدم نقشبندي سنڌ ۾ نقشبندي سلسلي کي رواج ڏيڻ وارو پهريون بزرگ هو. جن جي نسب جو سلسلو سيدنا صديق اڪبر رضي الله تعاليٰ عنه سان وڃي ٿو ملي. مخدوم آدم نقشبنديءَ جي امام رباني مجدد الف ثانيءَ جي فرزند عروة الوثقيٰ خواجه محمد معصوم سرهنديءَ سان بيعت ٿيل هئي. مخدوم آدم جي وفات کان پوءِ سندس ٻن فرزندن مخدوم فيض الله ۽ مخدوم اشرف مان مخدوم فيض الله پنهنجي پيءُ جو جانشين ٿيو.[1] ٻنهي ڀائرن مان مخدوم فيض الله وڏو هو جنهن ڪري پيءُ جي وفات کان پوءِ ان جو جانشين مقرر ٿيو.

قانع تحفة الڪرام ۾ مخدوم اشرف کي پيءُ جو جانشين لکيو آهي. پر مرغوب الاحباب واري مخدوم فيض الله کي وڏو فرزند ۽ پيءُ جي فوت ٿيڻ کان پوءِ سندس جانشين قرار ڏنو آهي. مخدم فيض الله جي باري ۾ تذڪري جي ڪتابن ۾ وڌيڪ ڪو گهڻو ذڪر نه ٿو ملي. مخدوم فيض ۽ سندس ڀاءُ مخدوم اشرف ٻنهي جو ذڪر صرف پنهنجي پيءُ جي تذڪري جي ضمن ۾ ٿيو آهي. وڌيڪ ٻنهي ڀائرن جي زندگيءَ جو ڪوبه تفصيل، پيدائش، تعليم، تدريس وغيره ڪجهه به ڪتان به معلوم نه ٿي سگهيو آهي.

تذڪره صوفياء سنڌ جي مصنف لکيو آهي ته مخدوم آدم جا ٻئي صاحبزادا علم، فضل، زهد، تقويٰ ۽ تقدس ۾ ممتاز هئا. مخدوم آدم پنهنجي وفات کان پوءِ مخدوم فيض الله کي پنهنجو جانشين بنايو. چند ڏينهن کان پوءِ ٻئي صاحبزادا سرهند ۾ به وڃي حاضر ٿيا ۽ اتاهون فيض ۽ برڪتون حاصل ڪيائون. تنهن بعد پنهنجي وطن سنڌ ۾ واپس اچي والد محترم جي طريقي تي رشد ۽ هدايت ۾ مصروف ٿي ويا. افسوس آهي ته پنهنجي والد جي وفات جي پنجن سالن کان پوءِ ٻئي ڀائر نوجوانيءَ جي عالم ۾ هڪ ٻئي پٺيان هڪ سال جي وقفي سان وفات ڪري ويا. ۽ پنهنجي والد جي مزار جي پاسي ۾ اوير پاسي کان دفن ٿيا.[2]

جيئن ته تذڪري نگار مخدوم آدم جي وفات جي ذڪر بابت به خاموش آهن. تيئن هنن ٻنهي ڀائرن جي وفات جي ذڪر ۾ به صرف ايترو لکيو اٿن ته پيءُ جي وفات کان پوءِ پنجن سالن بعد هڪ ٻئي پٺيان سال جي وقفي سان وفات ڪري ويا.

البته مولانا دين محمد وفائي مخدوم آدم جي باري ۾ لکيو آهي ته قرائن مان معلوم ٿئي ٿو ته مخدوم آدم نقشبنديءَ ٻارهين صديءَ جي اوائل ۾ وفات ڪئي[3] جڏهن ته مخدوم آدم جي همعصر ٻئي مخدوم آدم، جنهن جي ڪري هيءُ بزرگ پاڻ کي مخدوم آدو سڏائيندو هو. تنهن 1066هه ۾ وفات ڪئي[4] بهرحال همعصرن جي وفات جي عرصي ۾ فرق ٿي سگهي ٿو.

---

1 وفائي، دين محمد، مولانا: "مشاهير سنڌ" بحواله مرغوب الاحباب، جلد:3 صفحه:103، سنڌي ادبي بورڊ، 1984ع

2 قدوسي، اعجاز الحق: "تذڪره صوفياء سنڌ" صفحه: 50، اردو اڪيڊمي بندر روڊ ڪراچي، سال 1959ع

3 وفائي دين محمد، مولانا: "تذڪره مشاهير سنڌ" صفحه: 101، سنڌي ادبي بورڊ، 1984ع

4 قانع، ميرعلي شير: "تحفة الڪرام" صفحه: 682، سنڌي ادبي بورڊ، 1959ع

مخدوم محمد معين ٺٽويءَ پنهنجي علمي سند، جيڪا موصوف پاڻ تحرير ڪئي آهي، تنهن ۾ شيخ فيض (الله) بن العارف و قطب وقت شيخ آدم ٺٽويءَ کي بہ پنهنجي استادن ۾ شامل ڪيو آهي، اها سند هن طرح آهي:

ٽيون شيخ جنهن هن فقير کي حديث جي اجازت ڏني آهي، سو اسان جي شهر جي مشائخن جو سرگروه شيخ فيض بن العارف وقطب وقت شيخ آدم ٺٽوي آهي. هن سڳوري استاد کي شيخ حسن عجيميءَ کان اجازت حاصل آهي، جيڪو حضرت شيخ عبد القادر جي عمدن مشائخن منجهان هڪ آهي. هنن ٻنهي استادن جون سندون شيخ عجيميءَ کان مٿي وڃن ٿيون ڇاڪاڻ تہ شيخ عبدالقادر ٻين بہ ڪوڙ مشائخن کان روايت رکي ٿو."[1]

## شاهہ علي رضا درويش:

حضرت پير دستگير ابو محمد محي الدين عبدالقادر بن ابي صالح گيلاني عليہ الرحمة جي اولاد مان هو. اصل ڪٿان جو هو ڪٿي ڄائو وڏو ٿيو ٻيا مت مائٽ ڪٿي رهندا هيس، ڪٿي پڙهيو ڪهڙا ڪهڙا، استاد هيس، تنهن بابت تذڪري جي ڪتابن ۾ ڪجهہ بہ معلوم نہ ٿي سگهيو آهي، مقالات الشعراء ۾ سندس بابت صرف اهو ٻڌايو ويو آهي تہ: چند پيرا ٺٽي آيو آهي، ايڏي وڏي مرتبي جو علم رکندو هو جو مخدوم محمد معين فصوص الحڪم سندس خدمت ۾ سبق سبق ڪري پڙهيو. صاحب شهود شخص هو ۽ عجيب حالت جو مالڪ هو عمر جو وڏو حصو سياحت ۾ گذريائين. هڪ اٺ ڪتابن جي بار لاءِ ۽ گهوڙو سواريءَ لاءِ هر جڳهہ تي ساڻ هوندو هيس. آخري ڏينهن ۾ بکر جي آس پاس تڪيو لڳائي ويهي رهيو. سنڌ جي والي ميان نورمحمد ڪلهوڙي سندس خدمت لاءِ ڪي ماڻهو مقرر ڪري ڏنا. شعر سنو چوندو هو. سندس هيٺين مصرع مير غلام علي مداح جي زباني ٻڌي اٿم:

خيال قامت خوبان عصاي پيريءَ ماست
بخويشتن نگريد اي گروه حق طلبان
کہ غير نسبت چو خود واقف رہ جانان[2]

## شيخ الاسلام ببلدلله الحرام عبدالقادر صديقي الحنفي مڪي:

اصل گجرات جي محمد طاهر گجراتيءَ جي نسل مان هو. سندس پيءُ جو نالو ابوبڪر صديق حنفي مڪي هو. "ماثرالڪرام" ۾ سندس لقب ابو الفرح محي الدين نقل ڪيل آهي.[3] فصاحت، بلاغت، علم ۽ فضل، حديث ۽ فقهہ ۾ ممتاز حيثيت جو مالڪ هو. حرم مڪي مڪرمہ جو مفتي ٿي رهيو. ابوالاسرار حسن بن علي العجيمي المڪي وٽ مڪي پاڪ ۾ پڙهڻ ويئو فقه وٽس پڙهيو. مؤطا ۽ صحيحين حديث ۾

---

1 ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: سرد اسانيد" (قلمي) صہ: 2، مفيد عام لائبريري سيوهڻ

2 قانع، مير علي شير، ٺٽوي: "مقالات الشعراء" صفحہ: 450، سنڌي ادبي بورڊ (ڪراچي) 1957ع

3 آزاد، بلگرامي: "ماثر الڪرام" (سرء آزاد) مطبع خاني رفاه عام لاهور، 1913ع

ان وٽ پڙهيو. علم بيان ۾: مطول، اطول ۽ ٻيا شرح ۽ حاشيا وٽس پڙهيو. قاضيءَ ۽ بغوي جي درس ۾ بہ وٽس حاضر رهيو. ان وٽان کيس اجازت ملي. علمي طور اهو مقام ناهيائين جو حرم ۾ افتاء جو منصب کيس مليو. 1138هه 1726ع ڌاري سندس وفات ٿي.[1]

مڪي مڪرمہ ۾ افتاء کان سواءِ درس ۽ تدريس جون خدمتون بہ سرانجام ڏيندو رهيو. حرم پاڪ ۾ ڪيترن ئي مسلم ملڪن کان علمن جي پياسن کي سيراب ڪندو رهيو. ان کان سواءِ تصنيف ۽ تاليف جو ڪم بہ ڪندو رهيو. جيئن تہ فتويٰ سندس منصبي ذميواري هئي. ان ڪري فتاويٰ قادريہ ڇئن جلدن ۾ پنهنجي فتوائن تي مشتمل مرتب ڪيائين. ان کان سواءِ بہ سندس تصنيفون تمام گهڻيون آهن. سردست جيڪي معلوم ٿي سگهيون آهن، سي صرف "تبيان الحڪم بالنصوص الدالہ علي شرف من الامر" ۽ "منشآت" جو هڪ نسخو آهن.

مخدوم محمد معين جيئن تہ حرمين شريفين جي زيارت ۽ حج وغيره تي وڃڻ جي سعادت حاصل نہ ڪري سگهيو هو ان ڪري حرمين شريفين جي استادن کان روبرو استفادو ڪرڻ جي سعادت کان پڻ محروم رهيو. پر سندس علمي شهرت پري پري تائين پڌبي هئي. جنهن ڪري حرمين شريفين جي ٻن نامور عالمن هرهڪ: عبدالقادر صديقي، جنهن جو ذڪر ٿي رهيو آهي ۽ شيخ ابو طاهر محمد بن ابراهيم مدني کان موصوف خط و ڪتاب ذريعي مڙني متداول علمن ۾ اجازت ورتي. ان طرح حرمين سريفين جي عالمن سان پنهنجي نسبت جوڙڻ جي سعادت حاصل ڪري سگهيو.

## شيخ ابو طاهر محمد بن ابراهيم ڪوراني مدني:

شيخ ابو طاهر محمد بن ابراهيم جو نسبي شجرو سلڪ الدرر جي مصنف هن طرح نقل ڪيو آهي: ابو طاهر محمد بن ابراهيم بن حسن بن شهاب الدين الڪردي الڪوراني الشهرزوري ثم المدني. کيس ٻہ پاٹر بہ هئا. ابو سعيد محمد ۽ ابوالحسن محمد، پر جيڪا شهرت ابو طاهر محمد کي نصيب ٿي سا ٻين کي نصيب نہ ٿي سگهي.[2] ڪن سندس نالي ۾ عبدالسميع جو اضافو ڪري ابو طاهر محمد عبدالسميع الڪوراني ڪري لکيو آهي.[3]

1081هه ۾ سندس ولادت ٿي. خليل مرادي، لکيو آهي تہ شيخ ابو طاهر پيءُ جي هنج ۾ پليو بہ ۽ پڙهيو بہ. قرآن شريف بہ وٽس پڙهيو ان بعد علم جي طلب ۾ وينو ۽ پنهنجي پيءُ وٽ اهم علمن جي تحصيل ڪيائين. خلافت جو خرقو بہ پنهنجي پيءُ کان ورتو ڪيائين. جڏنهن تہ ٻين کان بہ فيض پرائيندو رهيو. مجتهد جي حيثيت رکندو هو. هميشہ علم ۾ مشغول رهندو هو. سلف صالحين جي صفتن سان سينگاريل

---

1 امير احمد، مخدوم: "مقدمہ بذل القوه في حوادث سني النبوة" صہ: 7 سنڌي ادبي بورڊ، 1966ع

2 المرادي محمد خليل بن ابو الفضل الشيخ: "سلڪ الدرر" جلد: 6، ڇاپو: ٽيون، دار ابن حزم ودار البشائر الاسلاميہ بيروت لبنان سال 1408/1988ع صہ 27_28

3 الڪتاني، عبدالحي بن عبدالڪبير الشيخ: "فهرس الفهارس" جلد: پهريون، ڇاپو: ٻيو، صفحہ: 496، دارالغرب الاسلامي، بيروت لبنان، سال: 1402هه/1982ع

هو. ڪنهن به علمي ڳالهه يا مسئلي ۾ غور فڪر نه ڪندو هو ۽ ڪتاب نه ڏسندو هو ته جواب نه ڏيندو هو. دل جو تمام نرم هو. اڪثر وقت گريي ۽ زاريءَ ۾ گذاريندو هو. رمضان المبارڪ سال 1145ھ/ فيبروري 1733ع ڌاري سندس وفات ٿي. [1] تمام گهڻين تصنيفن جو صاحب هو. ڪيترائي نامور شخص سندس شاگرد هئا. مخدوم محمد معين ٺٽويءَ ڪانئس خط وڪتابت ذريعي استفادو ڪيو ۽ نحو صرف، ادب عربي، فقهه، حديث ۽ تفسير ۾ اجازت حاصل ڪيائين.

## حضرت خواجه محمد زڪي سرهندي:

خواجه محمد زڪي سرهندي حضرت امام رباني مجدد الف ثانيءَ جي نسل جو چشم و چراغ هو سندس پيءُ جو نالو خواجه محمد حنيف هو جيڪو خواجه عبدالاحد جو پٽ هو. اهو خواجه محمد سعيد جو اهو خواجه شيخ احمد سرهندي مجدد الف ثانيءَ جو پٽ هو.

خواجه زڪي الله جيئن ته وڏي فيض واري گهراڻي جو چشم و چراغ هو تيئن پاڻ به وڏو صاحب فيض بزرگ هو. سندس لا تعداد مريد ۽ خليفا هئا. سنڌ ۾ به سندس ارشاد ۽ خرقي جا فيض يافته ماڻهو موجود رهيا. خاص طور خواجه ابوالمساڪين شيخ محمد سندس فيض يافته، مريد خاص ۽ محبت ۽ صحبت جو صاحب هو.

موصوف ڪئي ڀيرا حج جي سعادت حاصل ڪئي. پر هڪ ڀيري حج جي سفر تي نڪتو ته سنڌ جي رستي سان روانو ٿيو. ساڻس سندس اهل ۽ عيال به گڏ هو. سرهند کان لاهور، ملتان، هالا کان ٿيندو ٺٽي پهتو جتان حرمين شريفين لاءِ روانو ٿيو.

سنڌ ۾ هالا ڪندي (هالن) ۾ جڏهن پاڻ پهتو ته آرام ڪرڻ جي خاطر ڪجهه ڏينهن اتي رهيو. اتي هڪ عالم ۽ واپاري قسم جو هڪ شخص هو جنهن جو نالو پير محمد هو. ان جو طريقو اهو هو ته روز پنهنجي ضرورت جون شيون بازار مان خريد ڪري ڪٺي ايندو هو ۽ جڏهن شهر مان روانو ٿيندو هو ته پيسا دڪاندارن کي هڪ ئي وقت ڏئي ڇڏيندو هو. حضرت خواجه زڪي الله به ان جي معرفت ائين ئي ڪيو. جيستائين رهيو ته پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي اهل عيال ۽ سواريءَ جي جانورن لاءِ جيڪو گهربل هين سو بازار مان ونندا هئا. جڏهن وڃڻ جو ارادو ڪيائون ته پير محمد، جنهن جي ذريعي پاڻ بازار مان سامان گهرائيندا هئا، تنهن تي گهبراهٽ طاري ٿي، ته ڪهڙي خبر خواجه ايڏي وڏي رقم ڪيئن ادا ڪندو. رستي ۾ جيئن اهي دڪان ايندا ويا، جن تان سندن لاءِ سيڌو سامان ايندو هو ته پاڻ اتي بيٺا، دڪاندارن کي فرمايائون پنهنجو پنهنجو حساب ڪٺي اچو. اهي حساب ڪٺي ايندا ٿي ويا ۽ خواجه صاحب هوا ۾ هٿ وڌائيندو اشرفيون ۽ سڪا ڪڍندو دڪاندارن جي آڏو ڦٽا ڪندو ٿي ويو ته جيترا ٿين اوترا ڪٺي وٺو.

هڪ شخص سندن اهو شان جو ڏٺو ته ڪين عرض ڪيائين ته منهنجي لاءِ دعا گهرو ته آءٌ بنا ڪنهن محنت، ذلت ۽ احسان جي خوشحال ٿي وڃا. پاڻ فرمايائون: اها ڪهڙي آرزو آهي، ٻيو ڪجهه گهُرا ان

---

1 المرادي، محمد خليل بن ابوالفضل، الشيخ: "سلڪ الدرر" جلد: 6، ڇاپو: ٽيون، صہ: 27_ 28 دار ابن حزم ودارالبشائر الاسلامي بيروت لبنان 1988ع

چيو: نہ. منهنجي صرف اها هڪ ئي آرزو آهي. تنهن تي چيائين: چڱو وڃ! ائين ئي ٿيندو. ”پوءِ ٿيو بہ ائين. سندس فرمان مطابق ان کان پوءِ اهو شخص وڏو خوشحال ۽ هٽ جو ڪليو ٿي ويو. خواجہ موصوف جي وفات اندازن 1147ھ ۾ ٿي.[1]

## مخدوم محمد معين جو ڪائنس استفادو:

مخدوم موصوف پنهنجي جن پنجن شيوخ (استادن) جو پنهنجي لکيل اسناد ۾ ذڪر ڪيو آهي. انهن پنجن ۾ خواجہ زڪي الله سرهندي بہ شامل آهي. ۽ پنجن مان جن ٽن کان مخدوم موصوف بالمشافهہ (روبرو) اجازت ورتي آهي تن مان شيخ فيض الله نٽي جو رهاڪو هو. باقي بہ شاه ولي الله دهلوي ۽ خواجہ زڪي الله سرهندي سنڌ کان ٻاهر هندستان جي الڳ جاين: هڪ دهليءَ ۽ ٻيو سرهند جو هو. جيئن اهو ذڪر ٿي چڪو آهي، تہ مخدوم محمد معين سنڌ کان ٻاهر ڪڏنهن بہ ڪو سفر ڪونہ ڪيو هو. شاه ولي الله حج تي ويندي ٺٽي کان اچي لنگهيو. تہ شاه ولي الله کان فيض ۽ اجازت ورتائين. خواجہ زڪي الله سرهنديءَ کان مخدوم موصوف ڪٿي اجازت ورتي. تنهن بابت. شاه ولي الله دهلويءَ وانگر ڪا شاهدي تہ ڪانہ ملي سگهي آهي: پر جيئن تہ اهو معلوم ٿي چڪو تہ خواجہ زڪي الله سرهندي حج تي ويندي هڪ دفعي سنڌ جي رستي کان ويندي هالا ۽ ٺٽي اچي رهيو. تنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ مخدوم معين ساڻس هالن ۾ يا ٺٽي ۾ مليو هوندو. اتي ملاقاتن ۽ استفادي جا موقعا حاصل ڪري ڪائنس مڙني علمن ۾ اجازت ورتي هوندائين.

مخدوم محمد معين پنهنجي سند ۾ مڙني متداول علمن جي باري ۾ لکيو آهي تہ انهن ۾ ڪيس مذڪوره پنجن بزرگن کان اجازت حاصل آهي. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ شيخ زڪي الله سرهندي جتي سلوڪ ۽ طريقت ۾ اعليٰ منزلن جو صاحب هو اتي متداول علمن: نحو صرف. منطق. فلسفي. ادب عربي. فقه. حديث ۽ قرآن جو وڏو عالم. محقق ۽ شارح هو.

## فصل ٻيو: درس. تدريس ۽ شاگرد

### درس ۽ تدريس:

مخدوم محمد معين پنهنجي وقت جو نامور محقق. مڙني فنون ڪمال جو ماهر ۽ وقت جو علامہ ۽ زماني ۾ لاجواب هو. جيئن مخدوم معين کان اڳ وارو دور ٺٽي شهر ۾ علم ادب جو دور هو تيئن مخدوم موصوف جي پنهنجي دور ۾ بہ ٺٽي شهر ۾ گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ مدرسا مڪتب ۽ نامور استاد علم جا واهڙ وهائي رهيا هئا. مخدوم محمد معين جو مدرسو ان دور ۾ سيني ۾ نمايا هو جنهن ۾ متد اول علمن جي تدريس جو اعليٰ انتظام هو. معقولي توڙي منقولي علمن جو هيءُ مدرسو مرڪز هو. مدرسو عربي فارسي،

---

1 ابوالخير. محمد زبير. ڊاڪٽر: ”حاشيہ. سنڌ کي صوفياء نقشبند“ ص: 61_ 62_ 63. (پي ايچ ڊي ٿيسز. اڻ ڇپيل) ريسرچ لائبريري سنڌالاجي.

فلسفي، الاهيات، نجوم، موسيقي، نحو صرف، فقه، اصول فقه، حديث فتوي، تصوف ۽ عرفان جي تدريس جو اعليٰ مرڪز هو مولانا عبيدالله سنڌيءَ لکيو آهي تہ مخدوم محمد معين جو گهر هتي ٺٽي ۾ هو..... ان شاه ولي الله کان استفادو ڪيو هو ان طرح هيءَ شهر اسان جي حڪمت (ولي اللّهي) جو شروع زماني کان مرڪز رهيو آهي."[1] مولانا جو مقصد آهي تہ مخدوم موصوف جو مدرسو الاهيات جي فلسفي ۽ فلسفي جي ٻين موضوعن جي حوالي سان ولي اللّهي فلسفي جو مرڪز هو.

مخدوم موصوف پنهنجي مدرسي ۾ پاڻ مروج نصاب درس جا ڪتاب پڙهائيندا هئا. مخدوم موصوف دراسات ۾ پنهنجي هدايہ پڙهائڻ جو تذڪرو ڪيو آهي. جتي امام اعظم ابو حنيفہ بابت بحث ڪندي لکيو اٿس:

> مون الحمد لِلہ سنڌن صنعت نظريءَ جو ذائقو ان وقت چکيو آهي، جڏهن مون وٽ سنڌس فقه جو ڪتاب هدايہ (شاگردن طرفان) پڙهيو ويو.[2]

مخدوم موصوف کي اها شڪايت رهي تہ هندستان ۾ سنڌ سميت هر هنڌ علم حديث ۾ مشڪواة کان مٿي ڪوبہ حديث جو ڪتاب نہ ٿو پڙهايو وڃي. مخدوم موصوف کي انهيءَ احساس علم حديث تي مختلف رسالن لکڻ تي بہ آماده ڪيو. "دراسات اللبيب" بہ موصوف عمل بالحديث جي موضوع تي ان ئي جذبي تحت تصنيف ڪيو. سنڌس انهيءَ جذبي ضرور کيس ان تي بہ آماده ڪيو هوندو تہ پنهنجي مدرسي ۾ پاڻ حديث جا مختلف ڪتاب شاگردن کي پڙهائي، مخدوم موصوف پنهنجي بخاري شريف پڙهائڻ جو ذڪر پنهنجي هڪ رسالي "اڪسير الهداية والنفع في جمع احاديث الرفع" ۾ فصل پهرئين جي هڪ تذنيب ۾ فائدي جي عنوان هيٺ ڪيو آهي. موصوف مڪاشفي ذريعي شيخ اڪبر محي الدين ابن عربيءَ جي نبي ﷺ جن کان ختم بخاريءَ وقت پڙهڻ دعا جو ذڪر ڪيو آهي. ان تحت لکيو اٿس تہ: هن فقير کي بہ ختم بخاري طلباء کي پڙهائڻ وقت اها دعا پڙهڻ جي سعادت نصيب ٿي آهي. والحمد لِلہ علي ذالک والمنة لرسولہ."[3]

مخدوم موصوف جي مدرسي جون اهي ئي اعليٰ علمي سرگرميون هيون جن جي پيش نظر قانع مقالات الشعراء ۾ لکيو تہ: مدرسہ علمي باحسن وجه پيش ايشان گرم بود" (علمي مدرسو سنڌس آڏو سهڻي طريقي تي سرگرم عمل هو).[4] اهڙي طرح مخدوم موصوف جي درس ۽ تدريس جون اهڙيون خدمتون ۽ محنتون ئي هيون، جن جي نتيجي ۾ ڪيترائي علم جا پياسا علم سان سيراب ٿي مفتي ۽ مدرس بنيا. قانع لکيو آهي: بسياري بہ درس و افاده او صاحب مدرسہ و فتوي گرديده."

مخدوم موصوف جو مدرسو جيئن تہ پنهنجي دور ۾ پري پري تائين شهرت رکندو هو ان ڪري سنڌس مدرسي ۾ مقامي شاگردن سان گڏ مسافر طالب علم بہ پري پري کان اچي داخل ٿيندا هئا. انهن مسافر طالب

---

1 سنڌي، عبيدالله، مولانا: "خطبات و مقالات مولانا عبيدالله سنڌي" صہ: 65 مرتب: پروفيسر محمد سرور، سنڌ ساگر اڪيڊمي لاهور.

2 ٺٽوي محمد معين، مخدوم: "دراسات اللبيب في الاسوة الحسنة بالحبيب" صہ: 446، سنڌي ادبي بورڊ، 1957ع

3 ٺٽوي، محمد معين، مخدوم، "اڪسير الهداية والنفع في جمع احاديث الرفع" صہ: 70، مجموعہ رسائل مخدوم محمد معين قلمي، مفيد عام لئبريري سيوهڻ.

4 قانع، مير علي شير: "مقالات الشعراء" صہ: 122، سنڌي ادبي بورڊ

علمن جي ڪاڏي خوراڪ ۽ رهائش جو انتظام مخدوم موصوف جي پنهنجي ذمي هوندو هو. قانع مقالات الشعراء ۾ ان باري ۾ هيءَ مختصر لفظ تحرير ڪيا آهن: معونت تلامذي مسافر وابستہ ذمت همت خود داشت."[1]

مدرسي مان مخدوم موصوف وٽان ڪيترن ئي شاگردن فيض پرايو هوندو. قانع جي لفظن مطابق سنڌس مدرسي مان سنڌس درس ۽ تدريس ۽ عام فيض مان جيڪي ڪيترائي مدرسي ۽ فتوي جا صاحب بنيا. موصوف جي تن ڪيترن ئي شاگردن جو اسان کي پتو نہ پئجي سگهيو آهي. صرف چند شاگردن جو معلوم ٿي سگهيو آهي. جيڪي هيٺ ذڪر ڪجن ٿا.

## شيخ محمد حيات سنڌي:

شيخ محمد حيات جي پيءُ جو نالو ملا ڦلاريو هو. پاڻ ذات جا چاچڙ هئا. عادل پور. تنهن زماني جو بکر پرڳڻي جو شهر آهي. سنڌس آبائي ڳوٺ هن شهر جي آس پاس هو. موصوف جو والد سڳورو پرواري ڳوٺ "گهوٽہ" جي سيد موسيٰ قادريءَ سان واسطو رکندو هو.[2] هيءَ "گهوٽہ" نالي ڳوٺ. گهوٽن جو ڳوٺ هو جو هاڻي گهوٽڪي سڏجي ٿو. اڄ بہ مٿئين سيد موسيٰ قادري جو خاندان گهوٽڪيءَ ۾ هلندو اچي ٿو ۽ سنڌس قبر اتي موجود آهي.[3]

موصوف تعليم جي شروعات پنهنجي ئي ڳوٺ کان ڪئي[4] پر اهو معلوم نہ ٿي سگهيو آهي تہ اتي ڪنهن وٽ پڙهيو. ڪهڙو مدرسو اتي قائم هو جنهن مان تعليم ورتائين. ڳوٺ ۾ پڙهڻ کان پوءِ موصوف وڌيڪ تعليم لاءِ ٻاهر نڪتو. موصوف جي ٻاهر نڪرڻ جي حوالي سان هڪڙن تذڪره نگارن لکيو آهي تہ جوانيءَ جي عمر ۾ پنهنجو ملڪ ڇڏي حرمين شريفين ويو. اها ڳالهہ شيخ محمد حيات جي شاگرد غلام علي آزاد لکي آهي ۽ رحمان علي منشي بہ ان جي پيروي ڪئي آهي. جڏهن تہ خليل احمد مرادي سلڪ الدرر لکيو آهي: تہ (پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهڻ کان پوءِ) سنڌ جي مرڪزي شهر ٺٽي ڏانهن روانو ٿيو جتي محمد معين بن محمد امين وٽ علم پڙهيو. ان کان بعد حرمين شريفين ڏانهن هجرت ڪيائين." مولانا عبدالحي لکنوي نزهة الخواطر ۾ پڻ علامہ مراديءَ جي تتبع ۾ هيءَ راءِ اختيار ڪئي آهي.

حرمين شريفين پهچي سڀ کان پهريائين موصوف حج ڪيو. ان بعد مديني منوره ۾ رهي ابو الحسن ڪبير بن عبدالهادي سنڌي مدنيءَ[5] سان وابستہ ٿي ويو ۽ وٽس پڙهندو رهيو. اتي جي ٻين جن عالمن کان شيخ محمد حيات کي اجازت ملي تن ۾ شيخ عبدالله بن سالم البصري المڪي، شيخ ابو طاهر محمد بن ابراهيم الڪردي المدني[6] ۽ شيخ حسن بن علي العجيمي شامل آهن.

---

1 حوالو ساڳيو صہ: 123

2 آزاد، غلام علي بلگرامي: "سبحة المرجان في آثار هندستان" صفحہ: 55

3 قاسمي، غلام مصطفيٰ، علامہ. مقالات قاسمي صفحہ 472_ ڇاپو 2002ع

4 مرادي، خليل احمد: "سلڪ الدرر في اعيان قرة الثاني عشر"

5 ابوالحسن ڪبير جو تذڪرو مخدوم محمد معين جي همعصرن ۾ اچي رهيو آهي.

6 شيخ عبدالله بن سالم البصري المڪيءَ شيخ ابوطاهر جو تذڪرو مخدوم معين جي استادن ۾ پنهنجي جاء تي ايندو.

## درس ۽ تدريس:

شيخ محمد حيات مديني شريف ۾ ٿي ابوالحسن ڪبير جي وفات کان پوءِ سندس ئي جڳهه تي ويهي پڙهائڻ وينو ۽ چوويهن سالن تائين پڙهائيندو رهيو. سندس روز جو معمول هو تہ صبح جي نماز کان اڳ مسجد ۾ وعظ فرمائيندو هو جنهن ۾ ان وقت جا ڪيترائي سعادتمند گڏ ٿيندا هئا. ڪائنس نہ رڳو سنڌ ۽ هند جا نامور عالم، پر حجاز، نجد، يمن، مصر، شام، الجزائر ۽ مغرب اقصي جي عالمن پڻ علم حاصل ڪيو. سندس شاگردن ۾ مولانا عبدالحي لکنويءَ هيٺين عالمن کي شامل ڪيو آهي:

شيخ ابوالحسن بن محمد صادق سنڌي، شيخ احمد بن عبدالرحمان سنڌي، شيخ محمد سعيد صقر، شيخ عبدالقادر خليل ڪلڪ، سيد عبدالقادر بن احمد بن عبدالقادر، شيخ عبدالڪريم بن عبدالرحمان داغستاني، شيخ علي بن صادق داغستاني، سيد علي بن ابراهيم بن جمعہ العبسي، شيخ عبدالڪريم بن احمد الشراباتي، شيخ علي بن عبدالرحمان الاسلامبولي، شيخ علي بن محمد الزهري، مفتي محمد بن عبدالله الخليفتي المدني، شيخ عليم الله بن عبدالرشيد لاهوري، شيخ خيرالدين بن محمد زاهد سورتي، شيخ محمد فاخربن محمد يحيٰ عباسي اله آبادي، سيد غلام علي بن نوح واسطي بلگراميءَ ان کان سواءِ بيا بہ ڪوڙ عالم [1]

## تصنيف ۽ تاليف:

شيخ محمد حيات درس ۽ تدريس سان گڏ تصنيف ۽ تاليف جي سلسلي ۾ پڻ انيڪ خدمتون سرانجام ڏنيون. مخدوم معين جي ڪتابن تي رد ۾ مخدوم محمد هاشم وانگر شيخ محمد حيات پڻ ڪوڙ تصنيفون فرمايون. شيخ محمد حيات سنڌي وڏو مصنف ۽ صاحب تحرير بزرگ هو. حديث تي سندس تمام گهڻيون تصنيفون آهن. هتي صرف سندس اهي تصنيفون ذڪر ڪيو ويندي‌ون، جيڪي موصوف مخدوم محمد معين جي رد ۾ تصنيف ڪيون آهن.

### 1_ رسالہ في وجوب اعفاء اللحي:

مخدوم محمد معين ٺٽويءَ ڏاڙهيءَ جي موضوع تي ”نير الضحي في حڪم قص اللحيٰ“ نالي رسالو تحرير ڪيو جنهن ۾ مخدوم موصوف موقف اختيار ڪيو تہ ڏاڙهي ڇڏڻ مستحب آهي. ان ڪري جنهن مٺ جي مقدار کان گهٽ ڏاڙهي رکي، تنهن بابت مناسب آهي تہ مستحب جي ڇڏڻ جو حڪم جاري ڪيو وڃي. ۽ اهو عادت جي قسم جو عمل آهي، عبادت جي قسم جو ناهي وغيره. شيخ محمد حيات سنڌيءَ ان جي جواب ۾ ذڪر ڪيل رسالو تصنيف ڪيو.

رسالي جا مختلف خطي نسخا موجود آهن. قاسميہ لائبريري ڪنڊياري ۾ نيشنل ميوزيم ڪراچي جا نسخا اسان کي دستياب ٿي سگهيا آهن.

---

1 الحسني، عبدالحي لکنوي، نزهة الخواطر. صہ 301

## 2_ العطية العلية في مسئلة الافضلية.

هي رسالو مخدوم معين جي مشهور ڪتاب "الحجة الجلية في رد من قطع بالافضلية" جو رد آهي. مخدوم معين پنهنجي رسالي ۾ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ افضليت جو مسئلو قطعي دليلن سان ثابت ناهي. ان ڪري افضليت جي معاملي ۾ مخالف موقف رکندڙ کي بدعتي نہ چوڻ گهرجي.

شيخ محمد حيات سنڌي ان جي رد ۾ هيءُ رسالو لکيو جنهن ۾ افضليت جي حوالي سان اهل سنت جي موقف لاءِ حديثن جو ذڪر ڪري ان جي دليلن جي قطعيت ڏيکاري آهي. ان کان پوءِ امت جي اجماع جو ذڪر ڪيو آهي.

هن رسالي جا خطي نسخا جيڪي جائزي ۾ اچي سگهيا آهن، تن مان هڪ نيشنل ميوزيم ڪراچيءَ جو نسخو ۽ ٻيو قاسميہ لائبريري ڪنڊياري جو نسخو آهي. هيءُ نسخو مصنف جي اصل نسخي تان پيتايو ويو آهي ۽ هن جي آخر ۾ شيخ محمد حيات جي تائيد ۾ محمد بن محمد الدقاق المغربي المدني ۽ شيخ محمد بن الطيب المغربي المدنيءَ جون تائيدي تحريرون شامل آهن.

## 3_ اظهار غين قرة العين في البكاء علي الحسين:

مخدوم معين حضرت امام حسين رضي الله تعاليٰ عنہ جي شهادت جي ڏهاڙن ۾ روئڻ، غم ڪرڻ، پار ڪڍڻ، ماتم ۽ تعزيو ڪڍڻ جي جائز قرار ڏيڻ جي حوالي سان هڪ رسالو "قرة العين في البكاء علي الحسين" لکيو شيخ محمد حيات سنڌي مذڪوره رسالو ان جي رد ۾ تحرير ڪيو.

رسالي جا بہ خطي نسخا آهن هڪ مڪتبہ معروفيہ مٽياري جو ۽ ٻيو دارالعلوم مجدديہ ملير ڪراچيءَ جو. پر ٻنهي نسخن جو نقل اسان کي قاسميہ لائبريري ڪنڊياري مان دستياب ٿيو.

## 4_ رد رسالة الشيخ محمد معين التتوي في مسئلة فدك وارث الانبياء

مسئلہ فدڪ ۽ ارث انبياء جي مسئلي تي مخدوم محمد معين هڪ رسالو لکيو آهي، مٿيون شيخ محمد حيات جو رسالو ان جي رد ۾ لکيل آهي. اصل مخدوم معين جو رسالو جنهن تي مخدوم شيخ محمد حيات رد لکيو آهي. سو حقيقت ۾ موجود ناهي "رسالہ للشيخ محمد معين التتوي في تائيد مذهب الشيعة في ما يتعلق بفدك وامثالہ" جي عنوان ۽ نالي سان جيڪو رسالو مخدوم معين جو ذڪر ڪيو ٿو وڃي، سو اصل مخدوم موصوف جو رسالو ناهي. بلڪہ عبارت جو صرف اهو حصو آهي، جيڪو شيخ محمد حيات مخدوم موصوف جي اصل ڪتاب تان، جرح ڪرڻ لاءِ پنهنجي رسالي ۾ اتاريو آهي. ان حصي کي ڪنهن ڪاتب الڳ اتاري ان کي مٿي ذڪر ڪيل نالو ڏنو آهي، نہ تہ حقيقت ۾ اهو نالو بہ اصل رسالي جو نہ ٿو لڳي. اهو ڪاتب جو رکيل نالو ٿو پائنجي. ڇو تہ مخدوم موصوف جو نالن رکڻ ۾ مشهور انداز جيڪو آهي هيءُ ان جي خلاف آهي.

بهرحال مخدوم معين پنهنجي رسالي ۾ هيءُ موقف اختيار ڪيو آهي تہ هن مسئلي ۾ هڪ موقف ابوبڪر صديق رضي الله عنہ اختيار ڪيو ۽ ٻيو حضرت فاطمہ اختيار ڪيو. سندس چوڻ آهي تہ جڏهن ڪو فقهي امام بہ جيڪڏهن ڪو مسلڪ اختيار ڪندو آهي تہ ان جا پيروڪار ان جي موقف کي

استدلال، علت ۽ ڪارج کان خالي نہ ڇڏيندا آهن. تہ پوءِ حضرت فاطمہ زهراء جي موقف کي ائين ڇو ڇڏي ڏجي، ان جو دليلن جي ذريعي دفاع ڇونہ ڪجي ۽ ان جي ڳالهہ ٻي دليل ڇو رهڻ ڏجي. اهو ڄاڻائڻ کان پوءِ موصوف ارث انبياء واري حديث جون مختلف تاويلون ڪيون آهن.

شيخ محمد حيات سنڌيءَ هن رسالي ۾ مخدوم موصوف جي انهيءَ خيال جو رد ڪيو آهي.

## 5_ رد مواهب سيد البشر:

مخدوم محمد معين جو "مواهب سيد البشر" نالي رسالو هاڻي تائين دستياب نہ ٿي سگهيو آهي. ان ڪري سندس موضوع جي باقاعدي خبر نہ پئجي سگهي آهي. البتہ مخدوم عبدالواحد سيوهاڻيءَ جي هڪ تحرير ۾ مواهب سيد البشر جو حوالو آندل آهي: تہ امام ابو حنيفہ کي امام جعفر سان صحبت حاصل هئي ۽ اهل بيت سان ڪمال درجي جي محبت هئي." ان کان مٿي ان رسالي بابت ڪٿان ڪو پتو نہ پئجي سگهيو آهي. بدقسمتيءَ سان مخدوم شيخ محمد حيات سنڌيءَ جي ذڪر ڪيل مخدوم معين جي رد ۾ لکيل رسالي جو بہ ڪو قلمي نسخو دستياب نہ ٿي سگهيو آهي. اسان کي شيخ محمد حيات جي هن رسالي ڏانهن اشارو ان فهرست مان مليو جيڪا مدرسي مظهر العلوم کڏي ڪراچيءَ ۾ مخدوم معين جي رسالن جي مجموعي ۾ موجود آهي، جنهن ۾ مخدوم معين جي هڪ رسالي جو نالو ڄاڻايل آهي. "رسالة في جواب عن مان اورد الشيخ محمد حيات علي مواضع مواهب سيد البشر" جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ مواهب سيد البشر جي رد ۾ شيخ محمد حيات ڪو رسالو تصنيف ڪيو هو جنهن جي جواب ۾ مخدوم معين مٿيون رسالو تاليف ڪيو.

## (6) رسالہ خضاب:

شيخ محمد حيات هيءَ رسالو مخدوم محمد معين جي رسالي "غاية الاعتماد في مسئلة الاختضاب بالسواد" جي رد ۾ لکيو آهي. شيخ موصوف رسالي جي تاليف جو سبب بيان ڪندي لکيو آهي: بعض شيعن (دمرهم الله تعالي) ڪارو خضاب ڪرڻ جي باري ۾ رسالو تاليف ڪيو آهي. جنهن ڪري ڪن ياڻرن مون کان مطالبو ڪيو تہ آءٌ ان باري ۾ جيڪو صحيح هجي، سو لکان." شيخ محمد حيات ان کان پوءِ مخدو محمد معين جي رسالي جو مقصد لکيو آهي، ان کان پوءِ ان جو رد لکيو اٿس. شيخ محمد حيات جي هن رسالي جو قلمي نسخو قاسميہ لائبرري ڪنڊياري ۾ موجود آهي.

## مولوي محمد صادق ولد مخدوم عنايت الله واعظ:

مولوي محمد صادق جو پيءُ مخدوم عنايت الله نابين هئڻ باوجود قوي حافظي جو مالڪ هو ننڍپڻ کان وني پيريءَ تائين، جڏهن سندس چيله بہ ڇپي ٿي وئي هئي، موصوف سڄي عمر عوام کي فيض پهچائيندو رهيو. سندس واعظ جي محفل تمام پر اثر هوندي هئي. باطني شغل بہ پوريءَ طرح سرانجام ڏئي، موصوف دل جي تمام وڏي روشني حاصل ڪري ورتي هئي، ڪيترائي بزرگ سندس توجه سان فيضياب ٿيا.[1]

---

1 قانع، مير علي شير: "تحفة الڪرام" صفحہ 695.

ڪيس ۾ پٽ هئا هڪ ميان محمد سعيد واعظ جيڪو درويشيءَ ۾ مشهور ۽ فضيلت سان موصوف رهندي نهايت بزرگيءَ سان زندگي گذاري ويو. ٻيو پٽ هئس مولوي محمد صادق، جيڪو مخدوم محمد معين جي شاگردن مان سيني جو نڪ هو علامہ وقت ۽ لائق ۽ فائق ٿي گذريو آهي. ان ڪيترن ئي شاگردن کي ڪمال جي درجي تي پهچايو. معقولات ۾ اهو پنهنجي وقت ۾ بي نظير هو. مذڪوره سيد عبداللطيف جو مريد هو. پنهنجي زندگي بي تڪلفيءَ سان پيري مريدي جي رجوعات کان بي نياز ٿي باطني وظائف ۾ مشغول رهي گذاريائين ۽ وفات ڪيائين.[1] مقالات ۾ قانع سندس ذڪر هنن لفظن سان ڪيو آهي: مخدوم محمد معين جي شاگردن مان سيني کان وڌيڪ رشد ۽ هدايت وارو شاگرد هو. شهر ۾ معقولي علمن ۾ سندس يادگار هو. همعصرن ۾ بينظير هو. البتہ شهرت جي لالچ ۽ هوس نہ رکندو هو. حضرت استاد ميان نعمت الله (جيڪو قانع جو استاد هو) سو اڪثر معقولات ۾ سندس شاگرد آهي. تمام گهڻو بي تڪلف گذاريندو هو. شيخ شڪرالله شهر جو ناظم ۽ ميرڪ محمد احسن، شيخ الاسلام سندس تمام گهڻو خيال ۽ لحاظ رکندا هئا، حضرت امام جي مرتبي ۾ چيائين:

ازماتم حسين شده درنالہ جبرئيل
کردند قدسيان فلک جامہ را بنيل
گرچہ بري است ذات حق ازدرد و گريہ اي
ذات نبي بگريہ بود نائب جليل

شاہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جڏهن شاہ سيد عبدالڪريم جي مزار تي نئون گنبذ تعمير ڪيو تہ ان جي تعمير جو سال هن قطعہ تاريخ جي صورت ۾ تحرير ڪيائين:

چہ خون دل کہ خورده همچولالہ
دربن گلشن گرفتم يک پيالہ [2]

معيار سالڪان طريقت ۾ قانع سندس وفات جو سال 1170هہ ڄاڻايو آهي.[3]

## ميان عنايت لله طالب علم:

هيءَ مخدوم معين جي مدرسي جو نائب هو ۽ سندس وفات کان پوءِ ڪيترن ئي سالن تائين شاگردن جي حڪمت ۽ تدريس ۾ مشغول رهڻ کان پوءِ فوت ٿيو.[4]

## مولوي مرزا محمد جعفر شيرازي:

سنڌ ۾ موصوف ڪٿان ٻاهران اچي وارد ٿيو. ڪٿان آيو؟ سو معلوم نہ ٿي سگهيو آهي. قانع صرف

1 حوالو ساڳيو صفحہ 696.

2 قانع، مير علي شير: "مقالات الشعراء" صفحہ 360.

3 قانع، مير علي شير: "معيارسالڪان طريقت" صہ: 205 (قلمي) راشدي ڪارنر ريسرچ لائبريري سنڌالاجي

4 قانع، مير علي شير: "تحفة الڪرام" صفحہ 699

ايترو لکيو آهي تہ: هندستان جي سير جي ارادي سان سنڌ ۾ وارد ٿيو.“ مقالات الشعراء ۾ مير علي شير قانع لکيو آهي: تہ مخدوم محمد معين سندس جوهر ذاتي ۽ صفائيءَ جي ڪري ڪيس پائيندو هو. نواب خدا يار خان جي فرزند صاحبزادي بلند قدر ميان خداداد خان وٽ سندس شيخ شڪر الله سفارش ڪئي.“[1] پر قانع تحفة الڪرام ۾ لکيو آهي تہ: سندس خدمت ۾ باريابي حاصل ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي ظاهري ۽ باطني ڪمالن جي ڪري شهزادي جو معتمد عليہ ۽ معزز ٿي پيو. هلندي هلندي ڪم اتي پهتو جنهن کان مٿي گنجائش نہ رهي. صاحبزادي جي هندستان روانگيءَ کان پوءِ ميان خدا يارخان وٽ ان کان بہ مٿي رتبو حاصل ڪيائين: پر ميان مراداياب خان جي جلوس جي اوائل ۾ اصلي مقام ڪي وڃي پهتو. ان کان پوءِ جلد ئي ڪجھ سببن جي ڪري ناراضگيءَ جو شڪار ٿيو. جنهن کان پوءِ بندر ڪڪرالہ پهتو جام سان بنجي نہ سگهيس ۽ وڃڻ جي راه بہ هٿ نہ اچي سگهيس. تنهن ڪري بندر ڪراچي وڃڻ تي گهريائين. ان وچ ۾ ميان صاحب شهر ۾ تشريف ڪٺي آيو. جام سان جنگ جي مهم سندس آڏو هئي. ٻن ٽن ڏينهن ۾ الله جي مشيت ڪيس عقبيٰ جي منزل ڏانهن روانو ڪري ڇڏيو يعني مرزا جعفر وفات ڪري ويو. هي سال 1167ھ هو. اللّهم و اجعلہ من الشهداء و ادخلہ في زمرة الاتقياء“[2]

قانع سندس وفات تي هيءَ قطعہ تاريخ چيو:

غريب ازدام دنيا گشتہ آزاد
زروي تعميہ تاريخش افتاد

علم تڪثير ۽ جفر جو عامل ڪامل هو. ميان نور محمد جي لاءِ ”جفر جامع“ نالي ڪتاب لکيائين (جنهن جو قلمي نسخو سنڌالاجي ريسرچ لائبريريءَ ۾ موجود آهي.) اجا ڪتاب مڪمل ئي نہ ڪيو هئائين جو ميان صاحب آخرت ڏانهن راهي ٿيو. ٻين علمن ۾ بہ مهارت رکندو هو.

مير علي شير قانع بہ چند ڏينهن کانئس استفادو ڪيو. ان باري ۾ قانع لکيو آهي: فقير سندس خدمت ۾ چند ڏينهن گذاريا ۽ سندس هٿ ۽ دل جو سدائين ممنون رهندو.“[3]

موصوف ڪڏنهن ڪڏنهن شعر بہ چوندو هو پر شاعرن جي طرز تي نہ چوندو هو. ڪڏنهن ڪڏنهن دل وندرائڻ لاءِ شعر چوڻ جو شوق ڪندو هو. قانع جڏنهن مقالات شعراء ۾ سندس تذڪرو لکيو. تڏنهن موصوف ڪي سندس شاعري دستياب نہ ٿي سگهي. جنهن ڪري لکيائين تہ: هن وقت سندس زاد طبع مان ڪا شئي دستياب نہ ٿي سگهي آهي. صرف هڪ شعر سندس دستياب آهي. جيڪو ميان محمد مراد ياب خان جي ولايت مان واپس اچڻ تي چيو هئائين.

بافضل خدا خان جوان بخت رشيد
از راه خراسان بوطن باز رسيد.[4]

---

1 قانع، مير علي شير: ”مقالات الشعراء“ صفحہ 150
2 قانع، ميرعلي شير: ”مقالات الشعرا ء“ صفحہ: 151
3 قانع، ميرعلي شير : ”مقالات الشعراء“ صفحہ: 151
4 قانع، مير علي شير: ”مقالات الشعراء“ صفحہ: 151

## مير نجم الدين عزلت:

مير نجم الدين عزلت، بکر جي رضوي خاندان مان مير محمد يوسف جي اولاد مان، مير محمد رفيع جو فرزند هو. مير محمد رفيع هڪ خدا پرست بزرگ هو.شهرت کي پسند نہ ڪندو هو.سندس فرزند مير نجم الدين عزلت، مخدوم محمد معين جو پياٽيجو ۽ شاگرد هو.استاد جي زندگيءَ ۾ ئي علمي مدرسو نهايت خوبيءَ سان آراستہ ڪيائين. طلباء جي هڪ جماعت کي تڪميل ڪرايائين. عجيب ۽ غريب تصنيفن جو مالڪ هو. منطق جي رسالي يڪروزيءَ جي تتبع ۾ ان کان بہ عمدو ۽ وڏو رسالو جنهن ۾ مختلف علم شامل آهن، سوهڪ ڏينهن ۾ تصنيف ڪيائين. موصوف فارسيءَ ۾ نخشبيءَ کان بہ بهتر "طوطي نامہ" نثر ۾ تصنيف ڪيو. شعر بہ عمدو چوندو هو.عزلت تخلص ڪندو هو. سندس وجود غنيمت هو. پر سا۽ٺس زندگيءَ وفا نہ ڪئي. 1160هہ ۾ وفات ڪيائين. سندس اولاد ۾ مير نثار علي هڪ خاص شان سان زندگي گذاري[1]

سندس شاعريءَ جو ديوان مشهور آهي، جيڪو "ديوان عزلت" جي نالي سان مشهور آهي. هن جو هڪ نسخو ريسرچ لائبريري سنڌالاجيءَ ۾ پڻ موجود آهي.

مخدوم عبداللطيف ٺٽوي "ذب ذبابات" ۾ لکيو آهي تہ: نجم الدين عزلت مخدوم محمد معين جي عقائد جي باري ۾ هڪ رسالو تصنيف ڪيو هو، اهو پنهنجي ڪن شاگردن جي آڏو خفيہ نموني ظاهر ڪيو هئائين، جڏهن ان جون ڪجھ ڳالهيون انهن ٻڌيون تہ اهي سندس پيرويءَ ۾ سندس استاد (مخدوم معين) جي پيرويءَ ۾ اعتقاد کان ڦري ويا. جنهن ڪري نجم الدين عزلت ان کي ظاهر ڪرڻ جو ڪوبہ رستو نہ ڏسي ان کي لڪائي ڇڏيو. ان ۾ رافضين جي عقيدن جي مواقف فاسد عقيدا هيا."[2]

## شرف الدين علي:

هيءُ نواب مهابت خان جي مصاحبن ۽ همراهن مان هڪ هو. باصلاحيت ۽ فضيلت شعار شخص هو. احتساب جو عهدو کيس مليل هو. مخدوم محمد معين کان علمي استفادو حاصل ڪيو هئائين. مخدوم موصوف جي مشهور ۽ ناياب تصنيف "معرفة المحيره"، جيڪا "رموز عقائد صوفيہ" جو شرح هئي، تنهن تي ديباچو لکيو هئائين.شاعري بہ ڪندو هو. عارف تخلص ڪندو هو. قانع مقالات الشعراء ۾ سندس شاعريءَ جو وڌيڪ نمونو ذڪر نہ ڪيو آهي، صرف مخدو معين جي "ڪتاب معرفة المحيره" جي تاريخ تي سندس چيل قطعہ تاريخ سندس شاعريءَ جي نموني طور نقل ڪيو آهي:

ڪيمياي دلان معين الحق
ڪہ ڪند زر بيڪ نگهہ زر خالص
قدوه عالمان پاڪ سرشت
زبده عارفان خاص الخاص
ڪرده بر وفق خواهش نواب

---

1 قانع مير علي شير: "تحفة الڪرام" صفحہ:696

2 ٺٽوي، عبداللطيف، مخدوم: "ذب ذبابات الدرسات" صہ: 7 سنڌي ادبي بورڊ 1959ع

آسمان قدر آفتاب دلاص
مرجع اهل دولت از مڪنت
منظر اهل فقر از اخلاص
خان صفوه نشان مهابت خان
ڪ بحڪمش بود فلڪ رقاص
شرح رمز عقائد صوفي
شيخ فيروز آبروي خواص
سال وي بر زبان "عارف" راند
ملهم غيب "آيت اخلاص"
1133هه[1]

## ميرمرتضيٰ سيوستاني

سيوستان جي نجباء ساداتن مان هو. وڏو باصلاحيت طالب علم هو. اتي جي قضائت جي خدمت سندس ذمي هئي. ٺٽي اچي مخدوم محمد معين جي خدمت ۾ علمي رسالا پڙهيو. فقير (قانع) پڻ مرادآباد ۾ سندس خدمت ۾ وهڻ جو شرف حاصل ڪيو. بزرگي انهن ڪان پوءِ دنگ آهي. شاعري جو سليقو بہ رکندو هو. "قانع" تخلص ڪندو هو. پير غلام علي آزاد وٽ سخن جي مشق ڪندوهو سندس ياري غار هو. قانع مقالات الشعراءَ ۾ سندس باري ۾ لکيو آهي: قانع سيوستاني، نالو سيد مرتضيٰ هيس فاضل سيد ۽ قابل جوان هو. درسي ڪتاب تمام سهڻي نموني تحقيق ڪيل هيس. فارسي ۾ خوب دستگاه رکندو هو. مولانا آزاد بلگرامي سان بہ سندس تعلق هو. ۽ "يدبيضاءِ" ۾ موصوف لکيو آهي تہ: هن فقير سان ڪرم سان رابطو رکندو هو." "يدبيضاءِ" جي لکجڻ وقت سخن جي مشق ڪري رهيو هو. جنهن ڪري مولانا آزاد لکيو: هنن ڏينهن ۾ سخن جي مشق ڪري رهيو آهي. هي جند شعر "يدبيضاءِ" مان لکيل آهن.

ايوب رنگ بافت از بيچ و تاب ما،
لغزيد ڪوه از اثرِ اضطراب ما،
هرگز ز ما گزند بموري نميرسد
مرهمر نهد بداغ ڪتان ماهتاب ما
در ولين نفس بعدمر رخت ميڪشد
در تنگناي بحر نگنجد حباب ما

---

زاشڪ ديده مرا آب و تاب مي باشد
ر چاڪ سينا مرا فتح باب مي باشد

---

1 قانع، مير علي شير ،ٺٽوي، مقالات الشعراء صفحہ: 384_385 سنڌي ادبي بورڊ 1957ع پهريون ڇاپو.

شدم گداز بدريج از فروغ رخش
چونخل موم ڪه در آفتاب مي باشد

## فصل ٽيون: همعصر علماء

مخدوم محمد معين جو همعصر دور تمام وڏين نامور هستين سان ڀريل آهي . ان ڪري سندس همعصر هستي ماپائڻ مشڪل آهي. هتي صرف اهڙن همعصرن جو ذڪر ڪبو جن جو اسان کي ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان مخدوم موصوف سان تعلق معلوم ٿي سگهيو آهي.مخدوم موصوف جي همعصرن ۾ سڀ کان اول نالو مخدوم محمد هاشم جو اچي ٿو جيڪو موصوف جو شاگرد پڻ آهي. پر ان جو اسان الڳ باب ۾ ذڪر ڪيو آهي. ان کان پوءِ هيٺ ٻين همعصرن جو زڪر ڪجي ٿو.

### حاجي محمد قائم:

عالم اڪمل، فاضل افضل، مجموعه علوم عقلي ونقلي مهبط فيوض مڪتبي وهبي. جامع فنون فضيلت قامع آثار مناهي وبدعت. ميان رحمت الله طالب علم جو شاگرد هو.

وقت جي تمام وڏن عالمن مخدوم حاني محمد ضياءَ الدين، مخدوم محمد معين ۽ مخدوم محمد هاشم جو همعصر ۽ همسر هو. وڏو ذهين هو حديث ۾ تقه ۽ معتمد عليه ثابت ٿيو هو قوت حافظ ايتري مضبوط هين جو اڪثر مسئلا ۽ علمي مقدمات، جڪي ٻيا وڏي استنباط کان پوءِ بڏائي سگهندا هئا، سي بناديز جي ادا ڪندوهو. ڪتاب جانشان، فصل ۽ باب بلڪ ورق ۽ صفحه به ياد رکندو هو. قرآن جي قرائت مٺي آواز ۽ نمڪين ادائگيءَ سان ڪندو هو. حديث ۽ بنوي سيرت سان هر روز حلق کي بهرور فرمائيندو هو. تحفه ۾ قانع لکيو آهي ته هر روز ٽيهريءَ مهل حديث نبوي جو درس ڏيندو هو. سانس عمر وفانه ڪئي نه ته نادر عصر ۽ يگانه دهر ٿئي ها. هڪ ڀيرو ڪعبة الله جي زيارت سان مشرف ٿيو. ايندي ۽ ويندي جنهن شهر م ويو ٿي وڏيون عزتون ٿي مانيائين سورت بندر ۾ سندس غلغلم هاڪ اهڙو هلي جو حد بيان کان ٻاهر آهي. عجيب صاحب فضيات ٿي گذريو آهي ٽيهن سالن جي عمر ۾ هيءُ رتبو حاصل ڪيو هئائين.

### مخدوم ضياءُ الدين ٺٽوي:

هيءُ مخدوم هارون جو پٽ هو. مخدوم هارون شيخ شهاب الدين سهرورديءَ جي اولاد مان مخدوم عجائب بن مخدوم الياس جو فرزند هو.مخدوم الياس هن خاندان جو پهريون شخص هو . جيڪو داٽي ٻاٽيءَ جي چڪ جي ڪري اچي ورياه ۾ رهيو. پوري زندگي اتي ئي پوري ڪيائين.[1] سندس فرزند مخدوم عجائب پيءُ جي خوبين جو مالڪ ٿي گذريو. ان جو پٽ مخدوم هارون ورياه مان لڏي ٺٽي ۾ اچي رهيو. مخدوم ضياءُ الدين ان جو فرزند هو جيڪو مخدوم عنايت الله بن فضل الله ٺٽويءَ جي شاگرديءَ جي بدولت

1 قانع، مير علي شير : تحفة الڪرام" صفحه: 552.

اهل فضل ۽ ڪمال جي هڪ وڏي گروهه جو معلم بنيو. ميان احمد ڪتابي ,جيڪو مخدوم عنايت الله جو استاد هو , تنهن جو فرزند ميان محمد, مخدوم ضياءَ الدين جو جو شاگرد هو. قانع لکيو آهي تہ: (ميان محمد) مخدوم ضياءُ الدين جي شاگرديءَ جي بدولت همعصرن ۾ ممتاز رهيو." مخدوم ضياءُ الدين پنهنجي شاگرد ميان محمد جي, ان باوجود تہ هو سندس شاگرد هو ان ڪري تمام گهڻي عزت ۽ احترام ڪندو هو تہ هو سندس استاد جي استاد جو فرزند هو.[1]

نہ رڳو اهو پر ٺٽي جي بي اولوالعزم هستي ۽ سنڌ کان ويدي پوري اسلامي دنيا ۾ علمي شهرت رکندڙ يگانہ روزگار عالم مخدوم محمد هاشم بہ علمي مرتبا مخدوم ضياءُ الدين جي ئي شاگرديءَ جي طفيل حاصل ڪيا. قانع لکيو آهي تہ: مخدوم ضياءُالدين جي شاگرديءَ جي ئي برڪت سان هيءُ(مخدوم هاشم) علماءِ وقت کان افضل ۽ مشهور ٿيو ۽ اقبال ۽ انتظام ۾ اڪثر علماءَ کان بازي کٽي ويو.[2]

مخدوم ابوالقاسم جو مريد هو. قانع طومار سلاسل ۾ مخدوم ابوالقاسم جي ويهن خليفن جو ذڪر ڪيو آهي. جن ۾ نخدوم ضياءُالدين بہ شامل آهي.[3]

## شاهہ عنايت شهيد:

عنايت الله بن مخدوم فضل الله بن ملا يوسف بن ملا شهاب الدين بن ملا آجب بن مخدوم خدا آگاهہ مخدوم صدو لانگاهہ, اصل نالوهيس صدرالدين لانگاهہ

شاهہ عنايت جي مٿين مڙني وڏڙن جو تحفة الڪرام ۾ تذڪرو موجود آهي. سيئي صاحب ڪمال بزرگ هئا.[4] تذڪره صوفياء سنڌ ۾ آهي: تہ شاهہ عنايت جا وڏڙا اصل بغداد شريف جا هئا. جتان لڏي اچ ۾ آباد ٿيا." [5] نزهة الخواطر ۾ آهي تہ (سنڌ ۾) اصل بنوري جي پرسان ڳوٺ نصيريہ جا رهاڪو هئا, شاهہ عنايت تعليم حاصل ڪري جڏهن وطن موٽيو تہ ان وقت ميران پور ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. جيڪو جهوڪ جي نالي سان مشهور آهي. تحفة الڪرام جي بيان مان معلوم ٿئي ٿو تہ بنوري ۾ ٺٽي جي علماء طرفان سخت مخالفت جو زور نہ سهي سگهڻ جي نتيجي ۾ ميران پور وڃي وسايائين.[6]

صوفي حضور بخش لکيو آهي تہ: مخدوم شهاب الدين کي بہ فرزند هئا, جنهن مان سندس هڪ فرزند محب علي شاهہ هنان نڪري اپر سنڌ جي خيرپور رياست کان 52 کن ميل پري, ناري جي ڪپ تي تجل مقام تي رهڻ لڳو ۽ ٻيو فرزند مخدوم فضل الله جيڪو هتي رهيو تنهن پنهنجا تعلقات وري بہ ملتان جي لانگاهن سان وڃي ڳنڍيا ۽ پاڻ اتان لانگاهن مان شادي ڪيائين ۽ ڪيترو وقت اچ ۾ رهيو جتي کيس ٽي فرزند ڄاوا. هڪ مخدوم نالي چڱو ٻيو مخدوم رحمت الله شاهہ, ٽيون شاهہ عنايت الله.

---

1 قانع, مير علي شير: "تحفة الڪرام" صفحہ: 679

2 قانع, مير علي شير: "تحفة الڪرام" صفحہ:696

3 قانع, مير علي شير: "طومار سلاسل" (قلمي) ريسرچ لائبريري سنڌ الاجي.

4 قانع, مير علي شير: "تحفة الڪرام", صفحہ 492

5 قدوسي اعجاز الحق: "تذڪره صوفياء سنڌ" ص: 134, اردو اڪيڊمي بندر روڊ ڪراچي, 1959ع

6 قانع, مير علي شير: "تحفة الڪرام" صفحہ:494

هنن سڀني بيانن کي ملائڻ کان پوءِ قصو هيئن ٿو معلوم ٿئي ته شاه عنايت جا وڏا بغداد کان اچ ۾ اچي آباد ٿيا، اچ مان ڪجهه لڏي اچي بنوري جي پرسان ڳوٺ نصيري ۾ رهيا. مخدوم فضل الله شاه شهيد جي والد جا اچ وارن سان پوءِ به تعلقات رهيا ۽ ڪجهه وقت اچ ۾ رهڻ دوران کيس جيڪو اولاد ٿي فرزند ٿيا، تن مان هڪ شاه عنايت به هو.

شاه عنايت 1065ھ ۾ ميران پور ۾ ڄائو.[1] ننڍپڻ ۾ ان کان پوءِ درس ۽ تدريس جي باري ۾ شاه شهيد جي حالات بابت تذڪري جي ڪتابن منجهان وڌيڪ معلوم نه ٿي سگهيو آهي. قانع شاه عنايت شهيد جي تعليم جي سلسلي ۾ صرف ايترو اشارو ڏنو آهي ته ابتدائي زندگيءَ ۾ حق جي ڳولا لاءِ عنايت الله صوفيءَ سياحت ۽ سير ۾ ڏاڍي تڪليف سر تي سني. آخر ڪيتري ڳولا بعد ڪنهن زماني کان پوءِ، شاه عبدالملڪ وٽ دکن ۾ وڃي رهيو. ۽ اتان فيض وٺي بزرگيءَ جي انهيءَ درجي ۽ مرتبي تي پهتو جو ربان انهيءَ جي بيان کان عاجز ۽ قاصر آهي. پنهنجي مرشد جي حڪم مطابق رياضت ۾ ڏاڍيون محنتون ڪيائين" انهيءَ بيان مان شاه شهيد جي طريقت جي ڳولا ۽ جستجوءَ طرف رهنمائي ٿئي ٿي، جڏنهن ڪنهن ماڻهوءَ کي طلب حق جي تانگه ڪٽي، جستجو ۽ ڳولا جو ذوق کيس سرگردان بنائي ڇڏي، ته اهو ماڻهو ضرور ڪنهن خاص منزل حاصل ڪرڻ ۽ ڪا مناس ماڻڻ کان پوءِ ئي ائين ڪري سگهندو آهي. اهو خود ڪمال جو هڪ درجو آهي. شاه شهيد ان کان اڳ ڪٿي پڙهيو ابتدائي تعليم ڪنهن کان پرايائين، تنهن بابت ڪجهه به نه لکيو ويو آهي. قانع مٿئين بيان جي تسلسل ۾ لکيو آهي: ته ظاهري علمن ۾ هو شاه غلام محمد جو شاهجهان آباد دهليءَ ۾ وڃي شاگرد ٿيو."[2] هيءُ لفظ مٿئين بيان کان پوءِ جا آهن. ته ڇا شاه عنايت شاه عبدالملڪ وٽ دکن ۾ وڏيون محنتون ۽ رياضتون ڪرڻ کان پوءِ دهليءَ وڃي پنهنجي مرشد جي ئي مريد شاه غلام محمد وٽ ظاهري علم پڙهيو؟

ظاهر آهي ته شاه عنايت حق جي ڳولا واري درجي تي پهچڻ ۽ ان لاءِ سير سياحت جي منزل تي اچڻ کان اڳ ابتدائي تعليم بلڪ اعلي تعليم پڻ ضرور حاصل ڪئي هوندي. ان ڪري پوئين دور جي شاه شهيد جي سوانح نگارن جيڪو ان سلسلي ۾ لکيو آهي سو بلڪل صحيح مڃڻ ۾ اچي ٿو ته شاه عنايت ابتدائي تعليم پنهنجي ئي گهر ۾ پنهنجي والد مخدوم فضل الله کان حاصل ڪئي. ان کان پوءِ شاه شهيد سير ۽ سياحت لاءِ نڪتو. قانع معيار سالڪان طريقت ۾ لکيو آهي ته: خدمت وصحبت مشائخ بسيار دريافته مريد شاه عبدالملڪ (شد)[3] يعني کوڙ سارن مشائخن جي صحبت ۽ خدمت ماڻي آخر ۾ وڃي شاه عبدالملڪ جو مريد ٿيو.

شاه صاحب ان سفر جي پهرين منزل پنهنجي ماڻٿن جي شهر ملتان ۾ ڪئي جتي هڪ ڪامل درويش شمس شاه وٽ سنڌس صحبت مان فيض پرايائين. جتان پوءِ پاڻ خانداني روايت مطابق پهريائين ايران پوءِ عراق ان کان پوءِ هندستان ويو. ۽ دکن ۾ شاه عبدالملڪ وٽ وڃي رهيو ۽ اتان فيض وٺي وڏو

---

1 قدوسي، اعجاز الحق: "تذڪره صوفياء سنڌ" صہ:135

2 قانع، مير علي شير: "تحفة الڪرام" صہ: 494

3 قانع، ميرعلي شير: "معيارسالڪان طريقت" صہ: 199 (قلمي)

ڪمال حاصل ڪري پوءِ وڃي شاهه غلام محمد جو ظاهري علمن ۾ شاگرد ٿيو. جيڪو بزرگ پڻ شاهه عبدالملڪ جو مريد هو ۽ سندس ئي ارشاد تي دهليءَ ۾ رشد ۽ هدايت جي مسند وڇايو ويٺو هو. شاهه غلام محمد ظاهري علومن جو درس شاهه عنايت الله کي ڏئي، پاڻ باطني علمن ۾ سندس شاگرد ٿيو ۽ سندس بيعت ڪيائين. ۽ شاهه عنايت جڏهن ٺٽي واپس وريو ته ساڻس شاهه غلام محمد گڏجي ٺٽي اچي نڪتو شاهه عبدالمالڪ جي سنڌ جو سلسلو قانع معيار سالڪان طريقت ۾ هن طرح ڏنو آهي:

شاهه عبدالمالڪ، مولانا برهان الحق والدين شيخ عزيزالله بن شيخ جان الله قادري کان اهو پنهنجي پيءُ شيخ جان الله قادري عرف شيخ جان محمد سنوري قادري کان اهو قدوة المحققين شيخ ميرانجي برهانپوري قادريءَ کان اهو شاهه عبدالشڪور قادريءَ کان اهو برهان الدين قادريءَ کان اهو شاهه نجم الدين کان اهو شيخ علي خطيب احمد آباديءَ کان اهو مخدوم سيد ڪمال بحروجي کان ٻي سندهن طرح به آهي ته شيخ ميرانجي قادري ملڪ لادمحمد بسر لطفي کان ۽ اهو شاهه عالم عرف منجهن بخاري گجراتيءَ کان[1]

## ٺٽي ۾ علمائن جي مخالفت:

شاهه غلام محمد، شاهه شهيد جو انتهائي معتقد هو. جنهن ڪري پنهنجي خاص انداز سان صوفياڻي طريقي تي شاهه عنايت کي تعظيمي سجدو ڪندو هو. اهو ڏسي ٺٽي جا عالم ڏمرجي پيا. ۽ شاهه غلام محمد کي شرعي محڪمي ۾ گهرائي تعذير ڏيڻ لاءِ پيش ڪيائون. نيٺ شاهه غلام محمد پنهنجي مرشد جي ارشاد تي جهان آباد هليو ويو جتي وڏو عرصو خانقاهه درويش روشن رکڻ کان پوءِ انتقال ڪري ويو. جڏهن ته شاهه شهيد سان ٺٽي جي عالمن جي پوءِ به پئجي ڪانه سگهي. جنهن ڪري نصيريه مان لڏو ڪٽي وڃي ميران پور وسايائون. جيڪو "جهوڪ" جي نالي سان مشهور آهي.[2]

مخدوم ابراهيم ٺٽوي، مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ ۽ مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ جو پونير هو تنهن پنهنجي ڪتاب "القسطاس المستقيم"۾، جيڪو ان مخدوم محمد معين جي رد ۾ تحرير ڪيو هو تعظيمي سجدي جي حوالي سان لکيو آهي: ته "صوفي شاهه عنايت" تعظيمي سجدي کي جائز سمجهندو هو ۽ ماڻهو سندس آڏو تعظيم جو سجدو ڪندا هئا. هڪ دفعي سندس استاد شاهه غلام محمد کي علمائن آڏو آندو ويو. علمائن ان کي پنهنجي مرشد صوفي شاهه عنايت کي تعظيمي سجدي ڪرڻ جي بنياد تي سزا ڏني."[3]

شاهه عنايت شهيد تي علماء ان تان ڪاوڙيا ته اهو تعظيم جو سجدو جائز سمجهندو هو. جڏهن ان جي شهرت ٿي، جماعت زور ورتو وڏي تعداد ۾ ماڻهو ان جي چوگرد گڏ ٿيڻ لڳا ته ان کي دور جي عالمن غلو بغاوت ۽ فساد سان تعبير ڪيو. ساڳئي مخدوم علامه محمد ابراهيم ٺٽويءَ جا اهڙا لفظ ڏسڻ وٽان آهن، جيڪي ان مخدوم معين ٺٽويءَ مٿان تنقيد طور چيا آهن. جنهن ۾ ان مخدوم معين تي بين الزامن سان گڏ اهو به الزام هنيو آهي ته اهو شاهه عنايت جو مريد ٿيو هو ۽ ان تي مخدوم معين جو مرشد مخدوم ابوالقاسم

---

1 قانع، ميرعلي شير: "معيار سالڪان طريقت" ص: 199، (قلمي)

2 قانع، مير علي شير: "تحفة الڪرام" ص: 494

3 ٺٽوي، محمد ابراهيم، مخدوم: "القسطاس المستقيم" مظهر العلوم کڏو ڪراچي

مٿس سخت ناراض ٿي پيو ۽ مخدوم موصوف کان تعلقات ئي ٽوڙي ڇڏيائين. ان ۾ شاھ عنايت جي زور وٺڻ کي غلو ۽ بغاوت سڏيو اٿس. مخدوم علامہ محمد ابراهيم جا لفظ هن طرح آهن:

”جڏهن شاھ عنايت الله لانگاھ صوفيءَ جو غلو پکڙيو (الله کيس اها جزا ڏئي جنهن جو هو مستحق آهي) تہ مخدوم معين ان ڏانهن متوجه ٿيو جنهن ڪري شيخ (ابوالقاسم) قدس سره ان کان برائت ڪئي، جنهن تي مخدوم معين توبه تائب ٿيو ۽ شيخ ابوالقاسم سندس توبه قبول ڪئي“.[1]

هن ئي صورتحال ڏانهن حسام الدين راشديءَ هنن لفظن سان اشارو ڪيو آهي: تہ ”مخدوم معين جي محبت شاھ شهيد سان ٿي، تہ نہ فقط سندس مرشد ابوالقاسم ساڻس ناراض ٿي پيو بلڪ مولوي محمد هاشم جي خاندان جڏهن مخدوم معين جي مخالفت شروع ڪئي تہ مٿس بين الزامن سان گڏ اهو بہ الزام مڙهيائون تہ هو شاھ عنايت جو معتقد هو.“[2]

## وڏيرن ۽ جاگيردارن جي مخالفت:

شاھ عنايت جهوڪ ۾ جڏهن رهڻ شروع ڪيو تہ پنهنجي پيءُ جي زمين، جيڪا مغل بادشاهن طرفان شاھ شهيد جي پيءُ مخدوم فضل الله کي ڏني وئي هئي. ۽ ان جي مالگذاري معاف ڪئي وئي هئي، تنهن کي آباد ڪري آمدني خانقاھ ۾ خرچ ڪرڻ لڳو. ان دوران بلڙي ساداتن مان سيد عبدالواسع جيڪو ان ئي علائقي جو رهاڪو هو. شاھ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو پوٽو هو. تنهن جي مشوري سان، تر جي زميندار نور محمد بن منبه بن راڏو شاھ عنايت جي فقيرن سان ڇيڙ ڇاڙ ۽ فتنو فساد ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. هڪ ڀيري انهن اوچتو فقيرن تي حملو ڪري ڏنو جنهن ۾ الله لوڪن جو وڏو گروھ شاھ عنايت تي قربان ٿي ويو. شهيدن جا وارث جهان پناھ (بادشاه) وٽ فرياد کڻي ويا. بادشاهي قانون مطابق قاتلن جون زمينون فريادين جي حوالي ڪيون ويون. جنهن کان پوءِ ڪيترائي غريب ۽ بيا ماڻهو فقيرن جي مهر جي ڇانو هيٺ آباد ٿي ويا.“[3]

ڪجهہ وقت کان پوءِ بيهر سيني منحوس پاڙسيرين ٺٽي جي حاڪم، نواب اعظم خان کي پاڻ سان ملائي، فقيرن جي بغاوت جو خطرو ڏيکاري شاهي دربار مان فقيرن جي پاڙ پٽڻ لاءِ حڪم جاري ڪرايو. سنڌ جي مڙني پرڳڻن جون فوجون گڏ ڪري انهن تي ڪاهي آيا. ۽ نيٺ سال 1130ھ ۾ شاھ شهيد کي شهادت جي رتبي تي فائز ڪيائون. هزارين فقير سندس چوڌاري گڏ ٿي ويا هئا، سيئي پنهنجي مرشد جي شهادت جي شمع مٿان پروانن جيان فدا ٿيا ويا.[4]

قانع جي تحفة الڪرام جي مٿين بيانن ۾ نظر آيو تہ تر جا هڙئي زميندار ۽ جاگيردار ۽ انهن سان سيد عبدالواسع ۽ بين بلڙيءَ جي ساداتن شاھ عنايت جي فقيرن سان ڇيڙ ڇاڙ ۽ جهڳڙو فساد شروع ڪري ڏنو. قانع جي مقالات الشعراء جي بيان مان ان جو سبب هيءُ ٿو معلوم ٿئي تہ :

---

1 ٺٽوي، محمد ابراهيم: ”مخدوم القسطاس المستقيم“ ص: 292، (قلمي) مظهر العلوم کڏو ڪراچي

2 راشدي حسام الدين: ”ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون“ حاشيہ ص: 339، انجمن تاريخ سنڌ ڪراچي، 1981ع

3 قانع، مير علي شير، ”تحفة الڪرام“ ص: 495

4 قانع، مير علي شير: ”تحفة الڪرام“ صہ: 496

"بلڙيءَ جي ساداتن، شاهه عبدالڪريم جي پوٽن، خاص طور ميان عبدالواسع جڏهن اهو ڏٺو ته، سنڌن سلسلي جا فقير وڏيڪ فيض وٺڻ لاءِ شاهه عنايت جي آستاني تي وڃي مڙيا آهن، تڏهن ان علائقي جي اربابن ۽ رئيسن جي معرفت مير لطف علي خان وٽ باريابي حاصل ڪئي. ۽ ڪانئس ان سلسلي ۾ مدد جي گهر ڪيائون. شاهه عبدالڪريم جي پوٽن ڪي مير لطف علي خان، معاملي جو بيو رخ جاچڻ ڪان سواءِ، اجازت ڏئي ڇڏي ته پاڻ ۾ نبري وٺو جنهن ڪان پوءِ نور محمد پليجي علائقي جا ماڻهو گڏ ڪيا ۽ صوفين جي تڪاڻن تي حملو ڪري ڏناڻون."

## زميندارن ۽ حڪمرانن جي مخالفت جو سبب:

ان باري ۾ قانع جو هيءُ بيان رهنمائي ڪري ٿو جيڪو تحفة الڪرام ۾ قانع لکيو آهي ته: بادشاه جي قانون موجب خون بها طور زميندارن جون زمينون شاه جي شهيد ٿيل مريدن ۾ ورهايو ويون، جنهن ڪري اڪثر غريب ۽ پرڳڻي جا سڀ ماڻهو انهن الله وارن جي امان هيٺ اچي هندستاني عملدارن جي ظلم ڪان آزاد ٿي امن سان رهڻ لڳا."[1] هن بيان ۾ جيڪا ڳالهه سوچڻ جهڙي آهي، سا آهي غريبن ۽ عام ماڻهن جو آزاديءَ ۽ امن ۾ رهڻ. جنهن جو مطلب اهو ٿو نڪري ته شاه شهيد وٽ ماڻهن لاءِ آزادي ۽ امن جو پيغام هو هن نه رڳو گادي پر زميندارن به اهڙي نهج تي ٿي ڪئي جو غريب وٽس امن ۽ آزادي سان رهڻ لڳا هئا ۽ ان سان گڏ هندستاني سرڪاري ڪارندن ۽ حاڪمن جي ظلم ڪان پڻ محفوظ اچي ٿيا هئا. جنهن ڪري شاه شهيد پيرن سان گڏ وڏيرن ۽ حاڪمن لاءِ به سڌيءَ طرح چيلينج هو. جنهن ڪي منهن ڏيڻ لاءِ پيرن، وڏيرن ۽ حاڪمن ڳٽ جوڙ ڪري شاه شهيد خلاف سازش ڪئي. زميندارن ۽ پيرن گڏجي حاڪمن ڪي فقيرن جي بغاوت جو خطرو ڏياري شاهي دربار مان انهن جي پاڙ پٽڻ جو حڪم جاري ڪرايو.

هن ۾ "خطرو ڏياري فرمان حاصل ڪرڻ" جي ڳالهه مان مطلب اهو ٿو نظر اچي ته شاه شهيد ضرور ماڻهن ڪي پنهنجي چوڌاري اهڙي نهج تي گڏ ڪرڻ شروع ڪيو هو جنهن مان تڙ جي زميندارن، جاگيردارن، سرڪاري ڪارندن ڪي پنهنجي عزت ۽ اقتدار خطري ۾ نظر آيو ٿي. ۽ هيءُ ٽئي قوتون شاه شهيد جي خلاف متحد ٿي ويون. ناظم، سرڪاري حاڪمن، ڪارندن ۽ پيشڪارن جي مشوري سان بادشاه ڪي عرض ڪيو ته: فقير سلطنت جي دعوي ٿا ڪن. ۽ خليفة الله جو امر قائم ٿيڻ نه ٿا ڏين."[2]

ان گذارش جي بنياد تي بادشاه طرفان ميان يار محمد ڪلهوڙي ۽ تر جي مڙني زميندارن ڏانهن احڪام صادر ٿيا ته اعظم خان جي هن فتني خلاف مدد ڪن. ناظم اهي سڀ فوجون پاڻ سان ڪنيون، جن جو شمار ئي نه ٿو ڪري سگهجي ڪيلين ڪان به وڏيڪ هجن سيوي ۽ ڏيرن جي حد ڪان وينڌي درياه شور جي ڪناري تائين فوج ئي فوج هجي.[3] شاه شهيد جي خادمن ڪانئس گهر ڪئي ته اڳتي وڌي فوجن جو

1 قانع، ميرعلي شير: "تحفة الڪرام" صفحه: 495

2 قانع، مير علي شير: "معيار سالڪان طريقت" صفحه:200

3 خدايار خان جي هڪ خط ۾ آهي ته: آءٌ ۽ نواب اعظم خان ٿل درياه مان اڪري جهوڪ پهتاسين جيئن ته قلعي جي چوڌاري اونهي کاهي کوٽيل هئي. ان ڪري لشڪر ڪي جهوڪ ڪان اڌ ڪوه پري رهايو ويو. 17 ذوالقعد تي سوارن ۽ پيادن سان کاهيءَ قلعي ۽ پسگردائيءَ جو چڪر لڳايوسين شاه عنايت ڪي مقابلي جي همت نه ٿي. هئي ڏينهن آچر جي رات جو جڏهن صبح ٿيڻ ۾ اجا پهر

رستو روڪجي، پر پاڻ پيشقدميءَ جي اجازت نہ ڏنائون. نيٺ فوجن اچي ميران پور جي چوڏاري ڪڙو چاڙهيو. فوج مسلح هئي ۽ فقير بي هٿيار. سن 1129ھ 18 ذوالقعد جي رات جي پوئين پهر فقير تلوارون ساڻ ڪري اوچتو دشمن تي ڪاهي پيا. دشمن ائين ٿهي پيا جيئن شينهن کان ڳڌھ ٿهي پچن. (هن طرح فقيرن ڇاپہ مار لڙائيءَ جي شروعات ڪئي ۽ اهو سلسلو ڪيترا ئي ڏينهن هلندو رهيو) ان صورتحال ۾ هڪ ڏينهن ڪنهن فقير جي پير ۾ ڪاني چڀي پئي ۽ بي اختيار "الله اڪبر" سندس زبان تي تري آيو جنهن تي مڙني فقيرن عادت مطابق "الله اڪبر، الله اڪبر" چئي ڇڏيو. دشمن خبردار ٿي پيو جنهن پاڻ سنڀالي فقيرن کي پڇائي ڇڏيو. ان طرح اهو سلسلو ڇئن مهينن تائين هليو. نيٺ نو سفر 1130ھ شاہ شهيد فقيرن سان ٻاهر نڪتو تہ مخالفن سان مقابلو ڪري خدا جي قدرت جو مشاهدو ڪري. مخالفن جنگ ۾ جڏهن پنهنجو پلڙو ڳرو نہ ڏٺو تہ دوکي ۽ دغا لاءِ ميان نورمحمد جي پٽ محمد مراد ياب خان ۽ شهداد بلوچ ۽ ٻين سپہ سالارن قرآن شريف وچ تي آندو تہ شاہ عنايت نواب سان هلي ملي. سندس جان ۽ مال محفوظ رهندو." شاہ عنايت نواب وٽ پهچندي شهيد ڪيو ويو. هيءُ پندرهن سفر 1130ھ جو واقعو آهي.[1]

شاہ شهيد جي شهادت وقت نواب اعظم خان سان سندس جيڪا گفتگو ٿي سا پڻ تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ آهي. جنهن مان شاہ شهيد جي همت ۽ حوصلي ۽ الوالعزميءَ جو ڀرپور اظهار ٿئي ٿو. تنهن کان سواءِ سندس سر مبارڪ کي نيزي تي ڪٽي وڃڻ ۽ شهر ٺٽي منجهان گذارڻ بابت پڻ عجيب روايتون ملن ٿيون جن مان هڪ روايت مخدوم محمد معين سان تعلق رکي ٿي، سا اها تہ: مخدوم محمد معين شاہ شهيد کي سندس زندگيءَ ۾ جنگ کان اڳ چيو هو تہ:

جگر شير نہ داري، سفر عشق مڪن
سبزہ تيغ درين رہ زڪمر ميگزرد

(شينهن جو جگر نہ رکين تہ عشق جو سفر نہ ڪر، ان راھ ۾ تلوار ڇيلہ مان ٿي گذرندي آهي.)

جڏهن شاہ شهيد جو سينو نيزي تي ڪچيو ٿي آيو تہ اتفاق سان مخدوم محمد معين بہ پنهنجي گهر جي دروازي تي ويٺو هو. شاہ شهيد جي سر مبارڪ کيس مخاطب ٿي چيو:

---

کن هو تہ شاہ عنايت جي فوج جا هڪ هزار سترنهن پيادا ڇاپي هڻڻ جي خيال سان آيا. اسان جي لشڪر جا بہ ڪجھ ماڻهو مارجي ويا، پر بهادرن فسادين کي تلوارن سان ڪٽي ڇڏيو ۽ تمام ٿورا ماڻهو پنهنجي جان بچائي سگهيا باقي سڀ ختم ٿي ويا. جن ۾ هيءَ ماڻهو شامل هئا: اڪثر ڀهنور قاسم پٽ ڪهرام سان، سيد بوده ٺٽي جو وڪيل، احمد بوبڪائي ۽ اوڊيجا پائر ۽ ٻيا زميندار جيڪي پاڻ کي فدائن جي جٿي ۾ شامل ڪري چڪا هئا. صبح ٿيڻ تائين هيءَ هنگامو جاري رهيو اسان جي خيمن جي نظرداريءَ لاءِ جيڪي فقير مقرر ٿيل هئا اهي ٺڙي پکڙي ويا فسادين اسان جي ڏيڍيءَ تي حملو ڪيو" (وچ ۾ جڳھ خالي ڇڏيل آهي. جنهن ۾ ان حملي جو تفصيل لکڻ ڇڏي ڏنو اٿس جنهن جي نتيجي ۾ خدايار خان جا ساٿي زخمي ٿيا: ان کان پوءِ لکيل لفظن مان ان حملي جي نتيجي جو پتو پوي ٿو) داود خان عباسي زخمي آهي اميد آهي تہ خدا جي رحمت سان شفا حاصل ٿيندس هن کي تلوار جا پنج ڇھ زخم منهن تي ۽ بدن جي ٻين حصن تي رسيا آهن. فقيرن مان بہ ڪافي زخمي ٿيا. جنگ اڃا جاري آهي." خدايارخان هيءَ صرف پنهنجي ڏيڍيءَ جو حوال لکيو آهي باقي ٻين ڏيڍين ۾ ڇا ٿيو سو يقينن هن کان گهٽ نہ هوندو. اهڙو هڪ خط ميران سنگھ کتريءَ ملتانيءَ جو بہ آهي. ڏسو تاريخ سنڌ، عهد ڪلهوڙا، غلام رسول مهر ص: 260_262

1 قانع، ميرعلي شير: "تحفة الڪرام" صفحہ:496

سردر قدم يار فدا شد چہ بجاشد
اين بار گران بود ادا شد چہ بجاشد

مخدوم ٺارو هيءَ حال ڏسي ڪجهہ عرصو بي هوش هو پوءِ هوش ۾ آيو.[1]

## شاهه شهيد جو مقصد:

اسان کي شاه شهيد جي شهادت جي واقعي بابت تاريخ ۽ تذڪري جي ڪتابن مان مٿين ڳالهين کان سواءِ وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ ٿو ملي. البتہ هنن ڳالهين ۾ جڏنهن اسان کي شاه شهيد جي مخالفت ۾ پهريائين پير، پوءِ وڏيرا، پوءِ حڪمران صف، بند ٿيندي نظر اچن ٿا. پهريائين صرف پير وڙهيا، پوءِ وڏيرا وڙهيا، آخر هڪ وقت آيو جو ٺٽي جي حڪومت شاه شهيد خلاف بادشاه وٽ داهين ٿي، ڏيکاري ٿي تہ هن مان حڪومت کي خطرو آهي، هن جا فقير بادشاه جا حڪم قائم ڪرڻ آڏو رڪاوٽ آهن. ۽ سلطنت جا دعويدار آهن. تہ ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ هيءَ هڪ اهڙي منظم تحريڪ هئي جنهن کان ڏاڍ ۽ ظلم واريون قوتون خوفزده هيون. هيءَ هڪ منظم تحريڪ نہ هجي ها تہ ان خلاف چند سرڪاري سپاهين جي ڪارروائي ڪافي ٿئي ها، پر جڏهن هڪ تمام وڏي فوج گڏ ٿئي ۽ ڇئن مهنين تائين شاه شهيد جي فقيرن طرفان ڇاپا مار مزاحمت بہ ٿيندي رهي ۽ آخر روبرو جنگ ٿيڻ کان پوءِ بہ هڪ تمام وڏي ۽ هٿيار بند فوج هڪ غير سرڪاري ۽ بي هٿيار جماعت کان پنهنجو پلڙو مقابلي ۾ ڪمزور پائيندي ۽ حيلي ۽ دوکي کان سواءِ ٻيو چارو نہ ڏسي، تنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ هي فقير هڪ وڏي تحريڪ، وڏي منزل ۽ مقصد لاءِ هڪ منظم لڙائي لڙي رهيا هئا ۽ هن تحريڪ کي غريب پنهنجي لاءِ پناهہ گاهہ. امن جي جاءِ ۽ ظلم کان اوٽ ۽ رڪاوٽ پائيندي رهيا هئا. ان مان ان تحريڪ جي سوچ جو پڻ پورو پورو اندازو ڪري سگهجي ٿو. تنهن کان سواءِ نواب اعظم خان جي شاه شهيد ۽ سنڌس فقيرن تي ڪاوڙجڻ جو جيڪو سبب ٻڌايو ويجي ٿو تہ شاه عنايت جي فقيرن ڍل ڏيڻ کان انڪار ڪيو جنهن ڪري نواب سنڌن خلاف بادشاه وٽ دانهيو سو بہ ڪا اهميت نہ ٿو رکي. ڇاڪاڻ تہ صرف ايتري ڳالهہ تي شاه عنايت بہ جنگ لاءِ ڪونہ سنبري ها. هو ان خلاف بادشاه وٽ بہ دانهين ٿي سگهيو ٿي ۽ ان طرح معاملو رفع دفع ٿي پئي سگهيو. پر اهو تڏهن ٿئي ها جڏنهن معاملو رڳو زمينن جي اوڳاڙي جو هجي ها. هتي معاملو هو ظالم طبقن خلاف هڪ منظم تحريڪ جو. اهو ئي سبب هو جو عطا ٺٽويءَ شاه عنايت کي دکن جي مرهٽي مردان شيواجي سان تشبيهہ ڏني آهي جنهن اورنگزيب جي زماني ۾ بغاوت ڪئي هئي ۽ پونا ۾ پنهنجي هڪ آزاد حڪومت قائم ڪري ورتي هئي. عطا ٺٽويءَ جو شعر هن طرح آهي:

شنيده شد بہ دکن "شيوا" ڪافري بوداست
بشهر تتہ کنون نيز "شيوا" پيدا شد
ازو تمرد ظاهر شده بہ اهل نيازي

---

1 غلام مهدي قاضي: "انيس المساڪين عرف راحت السالڪين" (قلمي) صہ: 70. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪارنر، ريسرچ لائبريري سنڌالاجي.

وزبن تمرد باطن عجيب هويدا شد [1]

## سيد سعدالله سورتي:

سيد سعدالله پٽ غلام محمد، سلون نالي هڪ ڳوٺ ۾ 1099ھ ۾ ڄائو ۽ نپنو "سلون" نالي ڳوٺ فقهاء هنڊ جي مطابق اللّھ آباد جي مضافات ۾ واقع آهي. [2] نزهة الخواطر ۾ آهي تہ بريلي شهر کان ڏهن ميلن جي فاصلي تي آباد آهي. [3] هن ڳوٺ جي نسبت کي لحاظ ۾ رکي اڪثر تذڪره نگار سيد سعدالله کي "سلوني" پڻ سڏيندا آهن. شيخ پير محمد سلونيءَ [4] جو پاٽيجو هو. ننڍيءَ عمر ۾ ئي تعليم جي تحصيل ۾ مشغول ٿي ويو ۽ تمام جلد تحصيل مڪمل ڪري ورتائين. معقولات ۽ منقولات جي ماهرن ۽ قابل علماء هند مان شمار ٿيڻ لڳو. جوانيءَ جي ڏينهن ۾ ئي تدريس جي مسند آراستہ ڪري ورتي هئائين، جتان درس ۽ تدريس جو سلسلو شروع ڪري ڏنائين.

سيد مولانا عبدالشڪور کان طريقت جو اخذ ڪيائين، جيڪو پنهنجي وقت جو صاحب فيض بزرگ هو. ان شيخ مسعود اسفرائينيءَ کان، ان شيخ جعفر کان، ان شيخ ابراهيم کان، ان شيخ عبدالله کان، ان شيخ عبدالرزاق کان ۽ ان پنهنجي والد شيخ امام عبدالقادر جيلانيءَ کان طريقت جو اخذ ڪيو هو. [5]

سيد موصوف جلد حجاز مقدس جو سفر اختيار ڪيو جتي حج بہ ڪيائين، زيارتون بہ ڪيائين ۽ مڪي پاڪ ۾ پورا ٻارنهن سال ٽڪي پيو، حديث پڙهيو بہ تہ اتي ئي پڙهائڻ بہ لڳي ويو. انهن ئي ڏينهن ۾ وٽس حرم جي نامور عالمن: شيخ عبدالله بن سالم بصري ۽ شيخ احمد النخلي ۽ ٻين اهڙي پائي جي عالمن فيض پرايو. مڪي ۾ ڪيس ماڻهن وٽ وڏي مقبوليت ملي. اڪابر توڙي اصاغر سنڌس معتقد ٿي پيا.

پورا ٻارنهن سال رهڻ کان پوءِ وطن ڏانهن واڳون ورايائين، پر "سلون" بجاء "سورت" کي پنهنجي رهائش بنايائين. اورنگزيب عالمگير تن ڏينهن ۾ هندستان جو بادشاه هو. وڏو ديندار ۽ علم دوست هو. سنڌس وڏي عزت ڪندو هو. ان ڪيس بہ ڳوٺ جاگير طور ڏنا. جن مان ڪيس سالانا اٺ لک روپيہ آمدني ٿيندي هئي.

---

1 ٺٽوي، عبدالحڪيم، عطا: "ديوان عطا" صفحہ: 56_57، سنڌي ادبي بورڊ.

2 ڀٽي محمد اسحاق: "فقهاء هنڊ" جلد: 5، حصہ: پهريون، صفحہ: 188، اداره ثقافت اسلامي ڪلب روڊ لاهور، 1979ع

3 الحسني، عبدالحي بن فخرالدين: "نزهة الخواطر وبهجة المسامع والنواظر" صفحہ: 96، دائره معارف اسلاميہ حيدرآباد دکن 1957ع

4 وڏو اولياء هو 2 محرم 1099ھ ۾ فوت ٿيو. سنڌس مناقب مشهور آهن. آزاد، غلام علي، بلگرامي "ماثر الڪرام" صہ: 208، مڪتبہ احياء العلوم شرقيہ لاهور، 1971ع

5 نزهة الخواطر واري هيءَ سند نقل ڪئي آهي ۽ مولانا عبدالشڪور کي سيد سعدالله جو پيءُ قرار ڏنو آهي. جڏهن تہ آزاد بلگراميءَ غلام محمد سلونيءَ کي سنڌس پيءُ قرار ڏنو آهي، جيڪا ڳاله وڌيڪ درست ۽ حق بجانب آهي. قانع معيار سالڪان طريقت ۾ سيد سعدالله جي پنهنجي تصنيف مان طريقت جون سنڌس سندون نقل ڪيون آهن. جن مان هڪ ۾ سيد عبدالشڪور کيس: "ياءِ، مقام صمد جو سونهو الله جي عشق جي باھ ۾ سڙيل رسول الله ﷺ جو محبوب سيد سعد الله" جي لفظن سان سڏيو آهي جڏهن تہ سيد سعدالله مولانا عبدالشڪور جو نالو هن طرح ورتو آهي: سيدنا قطب الاقطاب سيدنا ومولانا وهادينا و مرشدنا و ولي امرنا سيد عبدالشڪور دايم الحضور ادام الله فيضہ" ٻئي هند هنن لفظن سان سنڌس ذڪر ڪيو اٿس: قطب الاقطاب و سيدنا و مولانا وهادينا السيد عبدالشڪور دايم الحضور دام فيضہ في سايم الاقطاب علي مرالدهور و بہ الي تراب الاقدام و قدم ڪل ذي قدم لقدم محمد سعدالله ڪان الله لہ" معيارسالڪان طريقت صہ: 202

اورنگزيب عالمگير سيد موصوف جي تمام گهڻي عزت ڪندو هو. پنهنجي خطن ۾ کيس "سيدي وسندي" جي لفظن سان مخاطب ٿيندو هو. سندس چوڻ مڃيندو هو سفارشون قبول ڪندو هو. سيد سعدالله ڏانهس سفارشي خط لکندو هو جن کي بادشاهه مڃيندو هو ۽ پنهنجي هٿن سان سيد سعدالله ڏانهن جواب لکندو هو.

هڪ دفعي سيد سعدالله بادشاهه ڏانهن ڪنهن آفيسر جي سفارش ڪئي. جنهن تي بادشاهه پاڻ جواب لکڻ بجاءِ حڪم ڏنو ته: سيد موصوف ڏانهن جواب لکو ته، توهان عالم ماڻهو آهيو، توکي اهو نه ٿو جڳائي ته، اهڙن ماڻهن جي سفارش ڪريو! جيڪي ظالم آهن. ان کان پوءِ بادشاهه ڏانهس پنهنجي هٿن سان جواب لکڻ ڇڏي ڏنو. پر سيد سعدالله پوءِ به ڏانهس خط لکندو رهندو هو.[1]

سيد سعدالله کي به پٽ هئا. هڪ جو نالو عبدالعلي ۽ ٻئي جو عبد الولي رکيو هئائين. علي شير قانع لکيو آهي ته سيد جي ٻن پٽن عبدالعلي، عبدالولي ۽ سندس نالي وچ ۾ هڪ عجيب ڪنايو لڪل آهي. اهو هيءَ ته ٽنهي نالن جو منڍ جيڪڏهن ڪيڏي ڇڏجي ۽ رهيل نالن کي پاڻ ۾ جوڙجي ته انهن جي "علي ولي الله" جي جملي جي صورت ٺهي ٿي پوي. مير سيد سعدالله سورتيءَ جو ٻيو نمبر فرزند علمي ڪمالات ۾ "ثاني پيءُ" يعني ٻيو سيد سعدالله هو. علمن کان سواءِ شطرنج جو به وڏو ماهر هو." شطرنج ڪبير جديد" جو مصنف هو. شاعريءَ ۾ روشن نالو پاتو هئائين" عزلت" تخلص ڪم آڻيندو هو. قانع لکيو آهي، ته مولوي محمد صادق ٺٽوي، جيڪو مخدوم معين جو شاگرد رشيد هو، تنهن ڪانئس معقولات ۾ تمام گهڻو پرايو.[2]

## سيد سعدالله سورتيءَ جو علمي ۽ روحاني مقام:

سيد سعدالله علمي طور گهڻ پاسائتي شخصيت هو. هڪ پاسي هو معقلات جو وڏو ماهر عالم هو ته، ٻئي پاسي حديث، فقه ۽ ٻين علمن سان گڏ طريقت ۾ اعليٰ مقام رکندو هو. سندس علمي ۽ روحاني مقام جي بلنديءَ جي ان کان مٿي ٻي ڪا شاهدي نه ٿي ٿي سگهي ته حجاز جي عالمن جي نڪ عبدالله بن سالم بصري ڪانئس طريقت جي تحصيل ڪئي ۽ ٻنديا توڙي وڏا حجاز جا عالم سندس معتقد هئا. پر سندس اعليٰ ڪمال جو هڪ مثال اهو به آهي ته شيخ ابوالقاسم نقشبندي، جيڪو نقشبندي مجددي طريقي جو ڪامل رهبر هو سو سندس ڪمالن جو معترف هو.

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي شيخ ابوالقاسم نقشبنديءَ وٽ نقشبندي سلسلي ۾ بيعت ٿيڻ لاءِ جڏهن ويو ته مخدوم ابوالقاسم کيس ورندي ڏني: ته مون کي پنهنجي مريدن جون صورتون ڏيکاريون ويون آهن. جن ۾ اوهان شامل ناهيو." جنهن تي مخدوم هاشم کين چيو ته مون کي اها جاءِ ڏسيو جتي منهنجو مرشد هجي. مخدوم ابوالقاسم چيو: اهو سيد سعدالله سورتي آهي، جيڪو وقت جو علامه صاحب ارشاد ۽ صاحب طريقه قادريه آهي. جنهن کان پوءِ مخدوم محمد هاشم ڏانهس ويو ۽ وٽانئس استفادو ڪيائين.[3]

---

1 پٽي، محمد اسحاق: "فقهاء هند" جلد: 5، حصو: پهريون، صفحو: 188، اداره ثقافت اسلامي ڪلب روڊ لاهور 1979ع

2 قانع مير علي شير: "معيار سالڪان طريقت ورق: 202، "قلمي" راشدي ڪارنر ريسرچ لائبريري سنڌالاجي

3 خليل، محمد ابراهيم: "تڪمله مقالات الشعراء" صفحه: 45، طبع سنڌي ادبي بورڊ

شيخ ابوالقاسم نقشبندي اها هستي هو جنهن ڏانهن مجدد الف ثانيءَ جا جانشين بہ پنهنجي مريدن کي روحاني تلقين ۽ تڪميل لاءِ موڪليندا رهندا هئا. اهڙي پائي جو صاحب ارشاد بزرگ سيد سعدالله کي پنهنجا مريد موڪلي ڏئي، سا سيد سعدالله جي مقبوليت جي شاهدي آهي.

## مخدوم محمد معين ۽ سيد سعدالله جا تعلقات:

مير علي شير قانع لکيو آهي: تہ مخدوم معين ٺٽوي سندس (سيد سعدالله) جي علمي ڪمالن جو معتقد هو. سندس راء کي ڪَٽڻ جي راءِ مٿان ترجيح ڏيندو هو. ضرورت وقت علمي مونجهارن جي سلسلي ۾ ڪانئس خط لکي مدد وٺندو رهندو هو."[1] مقالات الشعراء ۾ قانع لکيو آهي تہ ان (مخدوم معين) ۽ مير سيد سعدالله سورتي پوربيءَ وچ ۾ محبت ۽ اخلاص جي خط وڪتابت ۽ علمي محاڪما جاري رهندا هئا.[2] مخدوم معين جيئن علمي مونجهارن جي حل لاءِ شاه ولي الله صاحب ڏانهن خط و ڪتابت ڪندو رهندو هو تيئن سعدالله پوربيءَ سان پڻ ان جي اهڙي راه رسم جاري رهندي هئي. مخدوم معين پنهنجي ڪجهہ رسالن ۾ مختلف بحثن ۾ سيد سعدالله سورتيءَ جي علمي راين جو نہ رڳو تذڪرو ڪيو آهي پر سندس راين کي استدلال طور پڻ پيش ڪيو آهي. مخدوم معين پنهنجي وحدت الوجود جي معرڪة الاراء رسالي "بوادرالجود في تحرير وحدة الوجود" ۾ وجود جي بحث ۾ سندس راءِ نقل ڪندي هن طرح لکيو آهي: قال بقية السلف وحجة الخلف حبرالوقت السيد سعدالله السورتي في شرح عقائد الصوفيہ...... الخ[3] اڳتي ساڳئي تسلسل ۾ مخدوم موصوف سيد سعدالله جو ذڪر :قال قدس سره" جي لفظن سان ۽ ٻئي هنڌ: امام المتاخرين جهبذ السورتي" ڪيو آهي.[4]

مخدوم معين ۽ سيد سعدالله سورتيءَ وچ ۾ خط ڪتابت بہ ٿيندي رهي آهي. علمي مشڪلات بابت سوالن جوابن جو بہ سلسلو رهيو آهي، ڪيڏو نہ چڱو ٿئي ها: جيڪڏنهن شاه ولي الله صاحب جي خطن وانگر سيد سعدالله سورتيءَ جا خط يا مخدوم معين جا خط دستياب ٿي وڃن ها تہ اسان آڏو هنن ٻن بزرگن جي علمي ڏي وٺ پڻ اچي وڃي ها. جيئن معلوم ٿيو تہ مخدوم معين ۽ شاه ولي الله جي راين ۾ هڪ جهڙائي ڪيئن ٿي ۽ ڪيئن ٻئي هڪ ٻئي تي اثر انداز ٿيا آهن. تيئن سيد سعدالله ۽ مخدوم معين جي علمي ۽ نظرياتي اثر پذيريءَ جو داستان معلوم ٿي سگهي ها.

## سيد سعدالله جون تصنيفات:

سيد سعدالله متعدد ڪتابن جو مصنف ۽ شارح بہ هو ۽ معقولات ۽ منقولات تي گهري نظر رکندو هو. مولانا لکيو آهي تہ: نامور تصنيفون تخليق ڪيائين، خاص طور علم حقائق، حڪمت ۽ معقولات ۾ اعليٰ

---

1 قانع، ميرعلي شير، تحفة الڪرام جلد 2 صفحہ: 33، (فارسي، ڇاپو: 1301ھ

2 قانع، ميرعلي شير: "مقالات الشعراء" صہ: 124

3 ٺٽوي، محمد معين مخدوم: "بوادرالجود في تحرير وحدت الوجود" صہ: 3 مجموعہ مخطوطات، ذاتي لائبريري علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي

4 حوالو ساڳيو صہ: 4

تقريرون پيش ڪيائين."[1] تذڪره نگارن سندس تصنيفات جيڪي نقل ڪيون آهن سي هيءَ آهن:

"تعليقات "حاشيہ قديمہ وجديده". منطق ۾ رسالو "آداب البحث" فقه ۾ "يمين الوصول" تي حاشيہ، رسالو شيعہ مذهب جي ثبوت ۾ مثنوي معنوي روميءَ جي چاليهن شعرن جو شرح. هدايت الحڪمة تي حاشيہ ڪشف الحق ۽ تحفة الرسول وغيره"[2]

مخدوم معين ٺٽويءَ جي مٿئين رسالي بوادر الجود ۾ سيد سعدالله سورتيءَ جي حوالي ۾ سندس هڪ ٻئي ڪتاب "شرح عقائد الصوفيہ" جو ذڪر ملي ٿو. جنهن مان معلوم ٿيو تہ تذڪره نگارن کان ان جو ذڪر رهجي ويو آهي. شايد اهڙا ڪي ٻيا ڪتاب بہ هجن جڪي سندن تصنيف هجن پر اسان جي علم ۾ اچي نہ سگهيا آهن.

## سيد سعدالله جا عقيدا:

سيد سعدالله وڏو اهل الله هو صوفي مشرب جو ماڻهو هو. طريقت ۾ اعليٰ رتبي جو مالڪ هو حديث، فقه ۽ علوم شريعت جو ڄاڻو هو. وڏي پائي جي عالمن کانئس فيض پرايو هو. جيڪي سڀ شريعت جا پابند هئا. ۽ عقيدي جي لحاظ کان توحيد ۽ سنت جا پابند هئا. جڏهن تہ سيد سعد الله سورتيءَ بابت بہ ٻہ ڳالهيون اهڙيون ٿيون ملن جن مان سندس اعتقادي رجحان جي سلسلي ۾ خاص رجحان ڏانهن واضح اشارا ملن ٿا. اهي بہ ڳالهيون هيءَ آهن:

1_ پهرين اها تہ سندس تصنيفات ۾ هڪ تصنيف جو ذڪر ملي ٿو. اهو آهي شيعا مذهب جي ثبوت ۾ هڪ رسالو.

2_ ٻي ڳالھ اها تہ سيد سعدالله پنهنجي مڪتوبات ۾ سلطان اورنگزيب عالمگير کي لڳاتار پنهنجي خطن ۾ ٻارنهن اهل بيت امامن سان محبت رکڻ بابت تاڪيد ڪندو رهندو هو.

اهلبيت امامن سان محبت جينوٽيڪ اهل سنت جي مسلڪ جي خلاف ناهي، البتہ لفظ امام جي ٻارنهن سان گڏائڻ اهل سنت جي عقيدي جي خلاف آهي. اهو ئي سبب آهي جو اورنگزيب عالمگير سيد سعدالله جي بار بار اهڙن خطن تي دربار جي حاضرين کي چيو: تہ "سيد سعدالله سلوني مون کي جيڪا بار بار محبت اهل بيت جي تلقين فرمائن ٿا. سا تہ بلڪل صحيح آهي، پر اهل سنت وٽ امامت ٻارنهن امامن ۾ تہ بند ٿيل ڪانهي".[3] جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ٻارنهن جي قيد سان اهل بيت امامن سان محبت جي تلقين ۽ شيعہ مذهب جي ثبوتہ ۾ رسالي جي تصنيف. اهڙيون ڳالهيون آهن جيڪي سيد سعدالله جي خاص اعتقادي پهلوءَ ڏانهن اشارو ڪن ٿيون. قانع معيار سالڪان ۾ سندس پٽ مير عبدالوليءَ لاءِ لکيو آهي تہ: رند مشرب اماميہ صاحب ڪمال بوده" (امامي مشرب جو پيروڪار هو.[4]

---

1 آزاد، غلام علي بلگرامي: "ماثرالكرام" صہ: 208، مڪتبہ احياء العلوم الشرقيہ لاهور 1971ع

2 ڀٽي، محمد اسحاق: "فقهاء هند" جلد: 5، حصو: پهريون. صفحہ: 190، اداره ثقافت اسلاميہ ڪلب روڊ لاهو 1979ع ۽ نزهة الخواطر لعبدالحي بن فخرالدين الحسني صفحہ: 97 ڇاپو: پهريون، دائره المعارف عثمانيہ حيدرآباد دکن 1957ع

3 ڀٽي محمد اسحاق، "فقهاء هندؔ" جلد: 5، حصو: پهريون، صفحہ: 188، اداره ثقافت اسلامي ڪلب روڊ لاهور 1979ع

4 قانع، مير علي شير: معيار سالڪان طريقت: ورق: 20؟

سيد سعدالله بابت جي مٿين ٻن ڳالهين سان گڏ قانع جو هيءُ اندازو به جيڪڏهن شامل ڪجي، جيڪا قانع جي ذاتي راءِ به ٿي سگهي ٿي ۽ اهو به ٿي سگهي ٿو ته سيد صاحب جي نيت جي صحيح ترجماني به هجي، ته پوءِ سيد صاحب جي مٿئين اعتقادي رجحان لاءِ اهو هڪ وڏيڪ دليل به ٿي سگهي ٿو. قانع جي اها راءِ هيءَ آهي:

سيد صاحب جا پٽ مير عبدالعلي ۽ مير عبدالولي آهن. وڏي ڳالهه اها آهي ته سنڌس پنهنجي نالي ۽ سنڌس پٽن جي نالي ۾ عجيب ڪنايو رکيل آهي. تنهي نالن جو منڍ ڇڏي باقي نالن کي جيڪڏهن جوڙبو ته "علي ولي الله" جو جملو ٺهي پوندو. معلوم هجي ته هنن ورقن جو لکندڙ (قانع) 1160ھ ۾ جڏهن بندر سورت ويو ۽ هنن نالن جي عجيب اتفاق کان واقف ٿيو ته باس باسيائين ته جيڪڏهن الله جي فضل پٽ جي اولاد جو ڪرم ڪيو ته، نالن ۾ ان ڳالهه جو لحاظ رکندس."

سيد سعدالله پنهنجي پٽن جا ان نيت هيٺ جيڪڏهن ان ترتيب سان نالا رکيا آهن، ته اها ڳالهه به سنڌس خاص اعتقادي رجحان جي ترجماني ڪري ٿي. مخدوم معين جو سيد صاحب جي راءِ کي ٻين جي راءِ تي ترجيح ڏيڻ جو پڻ اهو رجحان سبب ٿي سگهي ٿو.

## هندستان جي صوفيانه مزاج جي وسعت:

هندستان سڄي ۾ هن دور ۾ صوفيانه مزاج جو غلبو نظر اچي ٿو. قادري، سهروردي، چشتي ۽ اڪثر نقشبندي مجددي طريقو هلندڙ هو پر اهڙي وسعت نظريءَ سان جو ڪيترائي مختلف الخيال شخص هڪ ئي وقت ان جي وسعتن ۾ سمايل هئا. وڏي ڳالهه ته اها ڏسجي ٿي ته هيءُ سلسلو تصوف جي وحدت الشهود جي نظريي جو حامل رهيو آهي: پر پاڻ سان وجودي نظريي وارن توڙي وحدت الوجود ۽ وحدت الشهود ۾ تطبيق ڏيڻ وارن کي به شامل رکيو ٿي آيو. خود اهل سنت جي مختلف رجحانن کي به پاڻ ۾ سمايو ٿي آيو جيئن فقهاء اربعه جي تقليد ڪندڙن ۽ ان جي مخالفن کي به. ته ٻارنهن امامن جو اعتقاد رکندڙن کي به سمايو ٿي آيو. سيد سعد الله جي اهڙي رجحان فڪر باوجود شيخ ابوالقاسم نقشبندي مخدوم هاشم ٺٽويءَ کي سنڌس مريد ٿيڻ جو مشورو ڏنو. ۽ مخدوم هاشم ٺٽويءَ جهڙو سخت گير ماڻهو ان جي ارادات هيٺ طريقت جا درس وٺندو رهيو. اها صوفيانه وسعت نظري هئي جو اهڙي قسم جا مختلف خيال ماڻهو پاڻ ۾ تصوف جي ماحول هيٺ متحد رهيا. منجهن ڪوبه ٽولو ۽ فرقو اهڙن خيالن جي بنياد تي پيدا ڪونه ٿيو. جيتوڻيڪ اهڙن خيالن تي انهن جا پاڻ ۾ بحث مباحثا به رهيا، جيئن مخدوم معين ۽ مخدوم هاشم وچ ۾ هئا. پر انهن جي بنياد تي الزام بازيءَ جو رواج پوءِ جو آهي.

سيد سعد الله سورتيءَ 27 جماد الاولي 1138 ھ ۾ شهر سورت ۾ وفات ڪئي ۽ اتي ئي دفن ٿيو.[1]

## مخدوم ميون ابوالحسن سنڌي:

مخدوم مئين ابوالحسن سنڌيءَ جي پيءُ جو نالو عبدالعزيز هو. ٻارهين صديءَ جي اوائلي بزرگن ۾

1 الحسني، عبدالحي لکنوي بن فخرالدين "نزهة الخواطر" جلد: 6، صفحه: 96، دائرة المعارف العثمانيه حيدرآباد دکن 1957ع

عالمن ۾ سندس شمار ٿئي ٿو. هيءُ بزرگ سنڌي صورتخطي جو موجد مڃيو وڃي ٿو ۽ پهريون سنڌي عالم آهي. جنهن اسلام جي عقيدن ۽ نماز روزي جي بيان ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ منظوم ڪتاب تصنيف ڪيو. جنهن کان پوءِ سنڌ جي ٻين عالمن به سنڌيءَ ۾ تصنيفون ڪيون.

ٻارهين صديءَ جي اوائل ۾ جڏهن نواب حفظ الله خان ٺٽي جو گورنر هو 1103ھ کان 1112ھ تائين[1] تڏهن بغداد مان سيد يوسف الدين جيلاني ٺٽي ۾ وارد ٿيو. جنهن جي وعظ ۽ هدايت سان سوين هندو مسلمان ٿيا. سنڌ ۽ ڪڇ جا ميمڻ (مؤمن) انهيءَ پير جي هدايت سان مسلمان ٿيا. مخدوم مئين ابوالحسن انهن جي تعليم لاءِ ئي سندن مادري زبان ۾ ذڪر ڪيل ڪتاب تصنيف ڪيو[2] جيڪو ابوالحسن جي سنڌيءَ جي نالي سان مشهور ٿيو.

مخدوم صاحب وڏو صاحب ڪرامت بزرگ هو. سندس به ڪرامتون تحفة الڪرام واري نقل ڪيون آهن.

1_ جڏهن ضعيف ٿي ويو ته پنهنجي گهرواريءَ جي ڀاڻيجي ميان عبدالله واعظ عرف ميان موريي کي چيائين. ان وقت اهو ٻار هو ته ”پُٽَ هاڻي مون ۾ امامت جي طاقت نه رهي آهي. تون جلد ڏاڙهيءَ سان ٿي وٺ ۽ منهنجي جاءِ تي امامت ڪر.“ ٻيهريءَ مهل اهو چئي ان جي ڳلن تي هٿ ڦيرايائين. قدرت الله جي، ٽيپهري مهل تائين ڏاڙهي جي ساوڪ سندس چهري تي ظاهر اچي ٿي ۽ امامت وڃي ڪيائين.

2 _ هڪ دفعي ڪنهن مريد اچي فرياد ڪيو ته ”نواب جو ملازم رات جو نشي ۾ ڌت ٿي زوريءَ منهنجي گهر ۾ داخل ٿي ٿو وڃي ۽ منهنجي زال سان ويهي جيڪو ٿو وڻيس سو ٿو ڪري“ فرمايائين: صبر ڪر مان ان جو ٻلو ڪيان ٿو.“ ميان عبدالله کي سڏي چيائون: پير پني جي خدمت ۾ وڃي منهنجا سلام چئجان ۽ هن ظالم جو ٻلو ڪرڻ جو پيغام ڏجان.“ ان وڃي درخواست ڪئي ۽ صبح جو واپس وري ڏٺائين ته اهو شخص ان مريد جي گهر ويندي رستي ۾ پير ترڪي پوڻ ڪري پيٽ ڀر هڪ ڪِليءَ تي وڃي ڪريو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ پيٽ ڦاٽي پيو اٿس. آنڊا نڪري آيا اٿس ۽ مري ويو آهي.“[3]

قانع لکيو آهي: ته هڪ دنيا سندس بزرگيءَ جي قائل هئي.“[4] مولانا وفائي لکيو آهي ته 1165ھ ڌاري سندس وفات ٿي.“[5]

## ابوالحسن ڏاهري:

ديهه سن تعلقي موري ۾ ابوالحسن ڏاهري 1116ھ ڌاري ڄائو. سندس پيءُ جو نالو ميان بادل هو. ميان بادل جا ٻه وڏا ڀائر هئا. هڪ ميان چڱل، هن جو اولاد ضلعي نوابشاه ۾ ٻانڌيءَ جي آس پاس آباد آهي. ٻيو

---

1 قانع، ميرعلي شير: ”تحفة الڪرام“ صفحه: 403

2 وفائي، دين محمد مولانا، مشاهير سنڌ، جلد اول صفحه 125_126 ڇپيل سنڌي ادبي بورڊ 1974ع

3 قانع، مير علي شير، ٺٽوي: ”تحفة الڪرام“ (اردو) صفحه: 689، سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي، 1959ع

4 حوالو ساڳيو.

5 وفائي دين محمد مولانا: ”مشاهير سنڌ“ جلد: اول، صفحه: 120، سنڌي ادبي بورڊ، 1974ع

مخدوم موصوف جو چاچو مهر عالي دفن ٿيو. مخدوم موصوف کي پڻ اتي دفن ڪيو ويو. ان کان پوءِ سندس پٽ پوءِ پٽ جو پٽ دفن ڪيو ويو. قبرستان ۾ اوله پاسي کان ٽي قبرون آهن. پهرين قبر الهندي پاسي کان ابوالحسن جي آهي. ٻي قبر ان کان پوءِ اوڀر طرف سندس پٽ عبدالرسول جي آهي. ٽين قبر سندس پٽ جي پٽ محمد پريل جي آهي.

هيءُ قبرستان اڄ بہ موجود آهي. مخدوم ابوالحسن جي ناني جي نسبت سان ابل جو مقام سڏجي ٿو. [1]

## تصنيفات:

موصوف جا تصنيف ٿيل ڪتاب جيڪي دستياب ٿي سگهيا آهن. سي هن طرح آهن:

سراج المصلي: هيءُ فارسي زبان ۾ نماز جي مسئلن تي نظم ۾ تصنيف ٿيل آهي. هن جا بہ نسخا سنڌالاجي ريسرچ لائبريريءَ ۾ موجود آهن.

ڪچڪول نامہ: هيءُ پڻ فارسيءَ ۾ تصوف جي موضوع تي منظوم تصنيف ٿيل آهي.

ينابيع الحيات الابديہ في طريق الطلاب النقشبنديہ: هيءُ ڪتاب پڻ تصوف جي موضوع تي لکيل آهي. ٽن ضخيم جلدن تي مشتمل آهي. هڪ حصو سنڌالاجي ريسرچ لائبريريءَ ۾ پڻ موجود آهي.

نبراس تصارف فارسيہ: هيءُ پڻ فارسيءَ ۾ تصنيف ٿيل آهي: پر اهو دستياب ٿيل ناهي.

دفع الفريہ ورفع المريہ: هيءُ فقهہ جي موضوع جو ڪتاب آهي، هن ڪتاب ۾ موصوف مخدوم محمد هاشم ۽ مخدوم محمد قائم ٺٽوي، جيڪي ٻئي مخدوم معين جا همعصر آهن ۽ هڪ ٻئي خلاف رد لکيا اٿن، تن جا حوالا آندا آهن. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ ابوالحسن ڏاهريءَ جا ٺٽي جي عالمن سان رابطا رهيا ۽ انهن جي تصنيفن مان استفادو بہ ڪندو رهيو.

**شاعري:** مخدوم ابوالحسن ڏاهري فارسي شاعريءَ ۾ تمام پختو ۽ قادر الڪلام شاعر هو. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ "تڪملة التڪملة" ۾ ڪيس سنڌ ۾ فارسي شاعريءَ جي ڪامل شاعرن مان ڳڻيو آهي [2] سندس مشهور ڪتاب سراج المصلي ۽ ڪچڪو نامہ منظوم فارسي شاعريءَ ۾ لکيل آهن.

## شيخ حاجي عبداللطيف نقشبندي:

لواريءَ جي بزرگن جو عالي نسب حضرت ابوبڪر صديق سان لڳي ٿو. ۽ سندن شاخ حضرت ابوبڪر صديق جي بيشمار شاخن مان سيني کان وڏيڪ معتبر ۽ اصل آهي. هنن بزرگن جا وڏا عباسي خليفن جي ڏينهن ۾ اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا. سنڌ ۾ هن خاندان جي لڏي اچڻ جو پڪو سن تہ معلوم نہ ٿي سگهيو آهي پر روايتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ خليفي مهديءَ جي رحلت کان سال کن پوءِ، خليفي هارون الرشيد جي ڏيهن ۾ يعني تقريبن 786هہ ۾ سنڌ ۾ لڏي آيا.

---

1 محمد صغير الدين ابوالفتح: "مقدمہ ينابيع الحيات الابديہ في طريق الطلاب النقشبنديہ". صفحہ: 23_ 24

2 بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر: "تڪملة التڪملہ" صفحہ: 82، آرٽس فيڪلٽي علامہ آءِ آءِ قاضي ڪيمپس سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو سال 1427هہ / 2007

سمن جي دور ۾ هيءُ گهراڻو ڪجهه وقت لاءِ ڪڇ ۾ پڻ وڃي آباد ٿيو جتان پوءِ 910 هجريءَ مطابق 1504ع ڌاري سندن خاندان جو هڪ بزرگ شيخ عبداللطيف ڪلان سنڌ موٽي آيو. هيءُ بزرگ به وڏو صاحب تصانيف شخص هو. ڪيس ٽي پٽ هئا. جن مان هڪ کي شيخ عبداللطيف پنهنجي وڏن جي روحاني امانت ان وقت ادا ڪئي، جڏنهن شيخ ابراهيم اڃا هڪ سال جو ابهم ٻارڙو هو. شيخ عبداللطيف انهيءَ ابهم کي هنج ۾ ويهاري پاڻ واري امانت پنهنجي دستار ۾ اوتي ۽ وصيت ڪيائين ته. جڏنهن هيءُ ٻچڙو چوڏهن ورهين جو ٿئي تڏنهن هيءَ دستار سندس سر تي رکندا ته. طريقت جو نور پاڻهي منجهس پلٽجي ويندو. ان طرح ڪرڻ سان شيخ ابراهيم الاهي نور جو ڀنڊار ٿي پيو. هن شيخ ابراهيم کي چار پٽ هئا پر امانت ته صرف هڪ جي ئي حصي ۾ اچڻي هئي، سا شيخ طيب نالي سندس پٽ کي حصي ۾ ملي. ۽ ان وٽان اها امانت سندس پٽ شيخ عبداللطيف نقشبنديءَ کي ملي. جيڪو شيخ حاجي جي نالي سان مشهور ٿيو. هن بزرگ ٺٽي ۾ پڙهڻ جي ڏيهن ۾ ئي وڏن جي سهروردي طريقي کي بدلائي نقشبندي طريقو اختيار ڪيو. شيخ فيض الله بن مخدوم آدم نقشبندي ٺٽويءَ جي ارادت اختيار ڪيائين.

مخدوم آدم ٺٽوي يهريون ماڻهو هو جنهن ٺٽي ۾ نقشبندي طريقي جو فيض عام ڪرڻ شروع ڪيو. جنهن جي وفات کان پوءِ سندس پٽ شيخ فيض الله مسند نشين ٿيو. جنهن جي ارادت شيخ حاجيءَ کي نصيب ٿي. مخدوم محمد معين ٺٽوي پڻ شيخ فيض الله کان اجازت جو شرف حاصل ڪيو. شيخ فيض الله جلد ئي وفات ڪري ويو. شيخ حاجي، مخدوم آدم جي خليفي شيخ ابوالقاسم نقشبنديءَ جي صحبت ۾ به ڪجهه عرصو گذاريو ۽ سندس فيض سان رڃي ريٿو ٿيو. مخدوم معين ٺٽوي پڻ شيخ فيض الله کان پوءِ مخدوم ابوالقاسم جي صحبت ۾ رچي ريٿو ٿيو.

شيخ حاجي وڏو اهل الله، زهد ۽ ورع جو صاحب علم ۽ فضل سان آراسته بلند پائي جو بزرگ هو. کيس ٽي گهر واريون هيون پهرين گهرواريءَ مان ٽي پٽ ڄاوس، ٻيءَ مان به نياڻيون، ٽيڻ گهرواريءَ مان کيس صرف هڪ پٽ ڄائو جيڪو هن خاندان جو روشن چراغ خواجه محمد زمان هو. سندن هيءَ ٽين گهرواري خواجه عبدالسلام جوڻ وارن جي نياڻي هئي. هڪ مجلس ۾ مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ حاجي عبداللطيف کي بشارت ڏني ته: توکي هڪ فرزند پيدا ٿيندو هزارين ماڻهو سندس دروازي تي فيض حاصل ڪرڻ لاءِ رجوع ٿيندا." اها روايت "صقال الضمائر" ۾ هن ريت آيل آهي: حضرت خواجه ڪلان جي ولادت کان چند سال اڳ شيخ ابوالقاسم قدس سره فرمايو ته: شيخ عبداللطيف جي پشت مان هڪ شخص ڪامل ولي الله پيدا ٿيندو. جنهن جي فيض جو ڏيئو قيامت تائين روشن رهندو"[1]

ان مجلس ۾ خواجه عبدالسلام جوڻ وارو به موجود هو جيڪو پاڻ به ابدالن مان آهي، تنهن پنهنجي نياڻي حاجي عبداللطيف سان منسوب ڪري نڪاح ۾ ڏني، ته اهو ڪامل شخص منهنجي نياڻيءَ مان تولد ٿئي ۽ هڪ لحاظ کان منهنجو به فرزند ٿئي. نيٺ حاجي صاحب کي ان ٻيبيءَ مان خواجه محمد زمان بزرگ لواريءَ وارو پيدا ٿيو.[2]

---

1 نقشبندي، مجددي، محمد سعيد خواجه: "صقال الضمائر" (فارسي) ص: 16 مطبع محلہ حسيني گهوگهار بمبئي

2 وفائي، دين محمد، مولانا: "تذڪره مشاهير سنڌ" جلد:3، صفحه: 108، ڇاپو: 1986ع، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ۽ نقشبندي خواجه مجددي محمد سعيد خواجه: "صقال الضمائر" فارسي، ص: 15 مطبع محلہ حسيني گهوگهاري بمبئي

شيخ حاجي عبداللطيف صاحب 1149ھ ڌاري هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪيو. [1] هڪ پيري هڪ محفل ۾، جنهن ۾ خواجه ابوالمساڪين، شيخ عبداللطيف ۽ مولانا عبدالسلام موجود هئا. هڪ وڏي وبڪري وڻ هيٺان ويٺا هئا. هزارين جهرڪيون ان تي مڙيل هيون. چون چون جو ڇهچٽو متل هو. حضرت شيخ محقق خواجه ابوالمساڪين کي چيو ته: اوهان جي مريدن مان هڪ ماڻهو اهڙو باڪمال پيدا ٿيندو جو طالب ان تي هن وڻ جي جهرڪين وانگر اچي مڙندا. ان کان پوءِ شيخ عبداللطيف ڏانهن متوجهه ٿيا. فرمايائون اهو ماڻهو تنهنجي صلب مان ٿيندو.

خواجه محمد زمان جنهن بابت شيخ حاجي عبداللطيف کي هيءَ سڀ بشارتون مليون، سو جڏهن جائو ته ظاهري علوم مخدوم محمد معين جي شاگرد، سندس مدرسي جي معلم، جيڪو معقولات ۾ مخدوم ناري جي شاگردن جو نڪُ هو تنهن وٽ پڙهيو. ان طرح خواجه محمد زمان مخدوم معين عرف مخدوم ناري جي شاگرد جو شاگرد هو.

## ابوالحسن محمد بن عبدالهادي سنڌي "الڪبير":

ابوالحسن ڪبير کي ٺٽي جي ٻين ٽن ابوالحسنن کان ڌار سڃاڻڻ لاءِ "ڪبير" سڏيو ويو. موصوف مٽئين ابوالحسن سنڌي ٺٽوي کان عمر ۾ ننڍو هو. ٺٽي ۾ جائو ابتدائي تعليم پڻ ٺٽي ۾ ئي حاصل ڪيائين. وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ مديني شريف ڏانهن هجرت ڪيائين. مديني شريف ۾ سيد محمد بن عبدالرسول برزنجي ۽ شيخ ابو طاهر ابراهيم بن حسن الڪوراني المدني ۽ ٻين مشائخن وٽان درس ورتائين [2]

مولانا عبدالحي لکنوي سندس باري ۾ لکيو آهي ته ٺٽي کان پوءِ تستر ڏانهن علم جي تحصيل لاءِ ويو. پر اها ڳالهه ڪنهن به ٻئي ذريعي سان ثابت نه ٿي سگهي آهي، نه ئي "تستر" نالي شهر جي علمي مرڪز طور سڃاڻپ جي ڪا معلومات دستياب ٿي سگهي آهي.

علم جي تحصيل کان فارغ ٿي موصوف مديني شريف ۾ مسجد نبويءَ ۾ ئي درس ڏيڻ شروع ڪيو. مديني شريف ۾ "الشفاء" نالي هڪ مدرسو به قائم ڪيائين، جيڪو اڄ تائين قائم آهي. ڪو وقت ترڪي جي اوقاف ۾ به شامل هو مدرسي جي نالي بابت به روايتون مشهور آهن. هڪ اها ته مدرسي ۾ قاضي عياض جي مشهور ڪتاب "الشفا في تعريف حقوق المصطفیٰ" جو درس لازمي طور ڏنو ويندو هو. جنهن ڪري مدرسي جو نالو ئي "الشفاء" پئجي ويو. ٻي روايت اها آهي. ته هڪ فوج جو وڏو عرب سالار بيمار ٿي پيو. بيماري ڇڏڻ جو نالو ئي نه ٿي ورتو. رندگيءَ کان مايوس ٿي شيخ ابوالحسن وٽ دعا لاءِ حاضر ٿيو. جنهن مسجد نبويءَ ۾ درس ويني ڏنو. باس باسيائين ته الله صحت ڏني ته مدرسو تعمير ڪندو. دعا سان شفاياب ٿي ويو. ۽ شيخ ابوالحسن لاءِ "الشفا" نالي مدرسو تعمير ڪرايائين [3] سنڌ جي نامور عالم

1 وفائي دين محمد مولانا "تذڪره مشاهير سنڌ" جلد _ 3 صفحه: 109 بحواله مرغوب الاحباب. ڇاپو 1986ع، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.

2 لکنوي، عبدالحي، مولانا: "نزهة الخواطر" جزء: 6، صفحه: 6، معارف عثمانيه حيدرآباد دکن هند ڇاپو 1957ع

3 امير احمد، مخدوم: "مضمون: سرزمين سنڌ ۾ علم حديث" صفحه: 41، الرحيم جون 1963ع

مخدوم امير احمد حرم شريف جي زيارت دوران مديني ۾ اهو مدرسو ڏٺو. مدرسي جو ڪتب خانو به ڏٺائين. جنهن ۾ هڪ ڪتاب مسند احمد جي آخر ۾ هڪ شاگرد جو نوٽ لکيل هو ته: مون هي ڪتاب شيخ ابوالحسن ڪبير وٽ مسجد نبويءَ ۾ فلاڻي وقت پڙهي پورو ڪيو. ۽ درس جي حلقي ۾ هيترا شاگرد شامل هئا.[1]

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جن به جڏهن حرم نبويءَ جي زيارت جو شرف حاصل ڪيو ته اتي ابوالحسن ڪبير جي تصنيفات مان علامه ابوالحسن جو صحيح بخاريءَ تي لکيل حاشيو صحيح مسلم تي لکيل حاشيو ۽ "رسالہ في بيان قرائة الماموم خلف امام الحنفي" ڏسڻ جي پڻ سعادت حاصل ڪئي.[2]

مخدوم ابوالحسن ڪبير جون تصنيفات به تمام گهڻيون آهن. صحاح سته تي سندس حاشيه سڀ کان وڌيڪ مشهور آهن. جڏهن ته ترمذيءَ جو حاشيو مڪمل نه ٿي سگهيو. صحاح سته کان سواءِ مسند امام احمد بن حنبل تي حاشيه ۽ فقهه جي ڪتاب فتح القدير لابن همام تي حاشيو به سندس شاهڪار تصنيفات مان آهي. ان کان سواءِ الفتوحات النبويه, منهل الهدات في معدل الصلوات, تحفة المحبين, شرح اربعين, انباء الانباء في حيات الانبياء, رسالہ قرائت خلف الامام, بهجة النظر شرح شرح نخبة الفڪر[3] حاشيه بيضاوي, شرح الاذڪار لامام نووي, حاشيه الزهراوين, حاشيه جلالين, حاشيه شرح الجوامع لابن قاسم, تفسير لطيف[4]

تازو ابوالحسن ڪبير جي هڪ تصنيف پهريون دفعو منظر تي آئي آهي, جنهن تي دارالعلوم جامعه قاهره ۾ ماسٽر ڊگريءَ جي حصول لاءِ علي بن عبده علي المعيءَ تحقيقي مقالو لکيو آهي. پر هيءُ مقالو صرف ابوالحسن سنڌيءَ جي ڪتاب تي ناهي پر ابوالحسن جي ڪتاب الافاضة المدنيه في الارادة الجزئية, جي رد ۾ امام محمد بن اسماعيل الصنعانيءَ جي ڪتاب: الانفاس الرحمانيه اليمنية في ابحاث الافاضة المدنيه في الارادة الجزئية" جي تقابلي مطالعي تي مشتمل آهي. ڪتاب جو موضوع آهي فلسفي جو مسئلو تقدير ۽ انساني عمل ۽ ان ۾ سندس اختيار ۽ ارادو. ان تي هيءَ تحقيقي مقالو رياض ۾ ڇپيو.[5]

مخدوم ابوالحسن حنفي هو پر مقلد جامد نه هو سندس مسلڪ هو ته جتي نبوي احاديث مسلڪ جي خلاف ملي وڃن ته حديثن تي عمل ڪجي پنهنجو مسلڪ ڇڏي ڏجي. ان ئي سبب ڪري نماز ۾ رفع اليدين تي عمل ڪندو هو سيني تي هٿ ٻڌندو هو . ان مسئلي تي سندس همعصر ابوالطيب سنڌي

---

1 حوالو ساڳيو.

2 قاسمي, غلام مصطفيٰ, علامه: "مضمون: مدينہ منوره ڪي ڪتب خاني اور علماء سنده ڪي تصانيف" ماهوار الرحيم مئي 1964, صفحه: 38_39

3 وفائي, دين محمد, مولانا: "مشاهير سنڌ: جلد: 3, صفحه: 9 سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1968

4 ٽالپر, محمد جمن: "سنڌ جا اسلامي درسگاه". صفحه: 217 هجرت پبليڪيشن ڪراچي 1982ع

5 الالمعي, علي عبده ڪان "دراسه و تحقيق ڪتاب: الانفاس الرحمانيه في ابحاث الافاضة المدنيه, لامام محمد بن اسماعيل الصنعاني و ڪتاب الافاضة المدنيه في الارادة الجزئية للامام ابوالحسن محمد بن عبدالهادي سنڌي, مڪتبہ الملڪ فهد الوطنيه اثناء النشر الرياض. 1423ه/ 2007

سندس سخت مخالف هو. ان جي مخالفت سبهان کيس جيل به پوکڻو پيو.[1]

سندس شاگرد لا تعداد هئا. جن ۾ شيخ محمد حيات عادل پوري،ابوالحسن الصغير السنڌي،شيخ اسماعيل عجلوني،شيخ طهه الجبريني، شيخ علي الدباغ، شيخ ابي الرجال احمد بن علي، شيخ احمد بن محمد بن اسحاق، شيخ عبدالخالق بن زين المزجاني، شيخ عبدالقادر بن احمد الڪوڪباني، شيخ انور علي بن صالح العماري الصنعاني، شيخ علي بن زين المزجاجي، شيخ علاؤالدين المزجاجي، شيخ محمد سعيد سفر، مشهور آهن.

1138ھ ۾ سندس وفات ٿي. مديني شريف ۾ سندس وفات تي ماحول سوڳوار ٿي ويو. مرد توڙي عورتون وڏي تعداد ۾ گهرن مان نڪري آيون. دڪان بند ٿي ويا. ڪاروبار معطل ٿي ويو. شهر جا والي "حاڪم" سندس مڙھ مسجد نبوي شريف ۾ کڻي آيا، ۽ کيس جنت البقيع ۾ دفنايو ويو. مٿس تمام گهڻو رنو ويو ۽ افسوس ڪيو ويو.[2]

مخدو محمد معين سندس علمي مقام جو معترف هو. علم حديث جي باري ۾ سندس مسلڪ تي اعتماد رکندو هو. پنهنجي هڪ رسالي "الدليل الواضح ڪالبدر علي وضع الايدي في الصلوٰة علي الصدر" ۾ موصوف سندس ذڪر ڪيو آهي. سيني تي هٿ ٻڌڻ جي سندس مسلڪ ۽ ان جي خلاف مسلڪ جي تائيد ۾ مصنف ابن ابي شيبه جي هڪ روايت جي لفظن تي نسخي جي مختلف نسخن ۾ فرق هئڻ بابت سندس راءِ کي بطور استشهاد جي ذڪر ڪيو آهي.

ساڳئي رسالي ۾ ٻئي هنڌ لکي ٿو: ان مان ظاهر ٿيو ته حق اهو آهي جيڪو شيخ عالم ساڪن مدينه مطهره محمد حيات سنڌيءَ پنهنجي رسالي ناصره ۾ لکيو آهي. جنهن تي سندس شيخ ابوالحسن رحمہ الله جو به عمل هو."[3]

## جلال محمد ڪڪرالوي:

مخدوم جلال محمد، جي حسب نسب ۽ سوانح بابت گهڻي تفصيل کان تذڪري جا ڪتاب خاموش آهن. سيني تذڪري جي ڪتابن، جن مخدوم جلال محمد جو ذڪر ڪيو آهي، نزهة الخواطر کان ويندي مشاهير سنڌ تائين، تن سيني جي معلومات جو ذريعو تحفة الڪرام آهي. ۽ تحفةالڪرام مخدوم جلال محمد جي سوانح جي باري ۾ تمام اختصار کان ڪم ورتو آهي، جيتوڻيڪ سندس ساراھ ۾ ڪا به ڪمي نه ڇڏي اٿس. کيس وڏو عالم، تقرير ۽ تحرير جو مالڪ، پنهنجي زماني ۾ بينظير سڏيو اٿس. نجوم ۽ طب جي علم ۾ بقراط ثاني ۽ بوعلي اول[4] قرار ڏنو اٿس پر اهو نه ڄاڻايو اٿس ته سندس استاد ڪير هئا.

---

1 ٽالپر، محمد جمن: "سنڌ جا اسلامي درسگاھ" صفحه: 217

2 لکنوي، عبدالحي، الحسني: "نزهة الخواطر" صفحه: 6، دائرة المعارف عثمانيه حيدرآباد دکن، سال 1957ع

3 ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "الدليل الواضح ڪالبدر علي وضع الايدي في الصلوٰة علي الصدر" (قلمي) صفحه: 17، مفيد عام لائبريري سيوهڻ.

4 قانع، مير علي شير: "تحفة الڪرام" صفحه: 438، سنڌي ترجمو: مخدوم امير احمد، مرتب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ، 1957ع

موصوف ڪٿي ڪٿي پڙهيو ڪٿي ڪٿي علم لاءِ سفر ڪيائين يا نہ ڪيائين، سندس شاگرد ڪير هئا، سندس خانداني پسمنظر ڇا هو. سندس ڪو مدرسو يا ڪتب خانو هو يا نہ.

مخدوم جلال محمد، مخدوم محمد معين جو همعصر هو. ۽ مخدوم معين سندس علمي ڪمال جو معترف هو. مخدوم معين فلسفيانہ ذوق جو مالڪ هو، تنهن ڪري فلسفو، معقولات ۽ تصوف سندس دلچسپ موضوع هئا ۽ اڪثر فلسفي، معقولي ۽ صوفي عالمن کان اثر وٺندو هو. مخدوم جلال محمد پڻ فلسفي ۽ معقولات جو وڏو ڄاڻو هو. اهو ئي سبب هو جو مخدوم معين ڪانئس متاثر هو سندس ساراهہ ڪندو هو ۽ معقولي علمن ۾ همعصرن مٿان ان کي فوقيت ڏيندو هو.

مخدوم جلال محمد ڪڪرالي پرڳڻي جي ان پاڳي جو عالم هو جيڪو درياءَ جي اولاهين پاسي آهي. هونءَ ڪڪرالو تنهن زماني ۾ سمنڊ ڪناري جي ان پٽيءَ کي سڏيو ويندو هو جيڪا هاڻي شاهبندر ۽ ڄوڻ تي مشتمل آهي ۽ ڪراچي ضلعي جي سمنڊ واري ڪناري سان آهي. هن علائقي ۾ ڪيترائي وڏي پائي جا عالم ۽ فاضل پيدا ٿي چڪا آهن. مخدوم جلال محمد بہ انهن مان هڪ آهي.

مخدوم جلال محمد ايڏي وڏي علم ۽ فضل جو مالڪ هئڻ باوجود پنهنجي طبيعت ۾ نهايت بي نياز هو. دولتمند ماڻهن کي ڪنهن بہ وقت پنهنجي ويجهو اچڻ نہ ڏيندو هو. ۽ پنهنجي زندگي عام ماڻهن وانگر نهايت سادگيءَ سان گذاريندو هو. اها بي نيازي اصل ۾ سندس علمي جولانيءَ ۽ ذهني بلنديءَ جي علامت هئي.

## مخدوم جلال محمد جي وفات:

موصوف جي ڄمڻ توڙي فوت ٿيڻ بابت تذڪري جي ڪتابن ۾ ڪجهہ بہ معلوم نہ ٿو ٿئي البتہ تحفة الڪرام ۾ قانع سندس وفات جي باري ۾ لکيو آهي تہ:

”تازو ڪي ٿورا سال ٿيندا تہ وفات ڪري ويو آهي.“

جنهن مان اندازو ٿئي ٿو تہ تحفة الڪرام لکجڻ جي زماني 1180ھ کان 1181ھ تائين کان ڪجهہ وقت اڳ يعني ڪو سال سوا اڳ هو وفات ڪري ويو.

## شاهہ فقير لله علوي:

شاهہ فقيرالله پٽ شاهہ عبدالرحمن پٽ شمس الدين جي ولادت ٻارهين صديءَ جي بنہ ابتدا ۾ افغانستان جي هڪ ڳوٺ روتاس ۾ ٿي. هيءُ حصارڪ جلال آباد افغانستان جو اهو ڳوٺ آهي، جتي جي هڪ سيد خاندان جي چشم وچراغ سيد جمال الدين افغاني بين الاقوامي شهرت حاصل ڪئي. شاهہ فقير الله علويءَ جو نسبي سلسلو امام محمد بن حنفيہ سان وڃي ٿو ملي. نسب جي انهيءَ نسبت جي ڪري پاڻ علوي سڏائن ٿا.

موصوف پنهنجي تعليم پنهنجي ئي وطن افغانستان ۾ مڪمل ڪئي ۽ پوءِ ڪجهہ وقت قنڌار ۾ تعليم ڏيندو رهيو. اڄ تائين بہ قنڌار ۾ هڪ مسجد سندس نالي سان مشهور آهي. اتي جي سندس استادن توڙي شاگردن بابت تذڪري جا ڪتاب بلڪل ماٺ آهن. البتہ پاڻ جنهن زماني ۾ يعني 1150ھ ۾ سنڌ

پهتو تڏنهن ٺٽو پنهنجي وقت جو وڏو علمي مرڪز هو ۽ اهو سنڌ ۾ جڻ ته بخارا بنجي چڪو هو جو ڪيترن ئي ڏورانهن ملڪن کان علم جا اجايل هت پهچي حديث، فقه ۽ فلسفي وغيره جي تعليم پرائيندا هئا. مخدوم معين ۽ مخدوم هاشم جي درس ۽ تدريس جي هر هنڌ هاڪ وينل هئي. مخدوم معين حاجي صاحب جي هتي اچڻ ويل پوڙهو ٿي چڪو هو تنهن ڪري مخدوم محمد هاشم جي شاگردي اختيار ڪري نه رڳو کانئس ظاهري علمن جي سند حاصل ڪيائين پر ذڪر اذڪار ۽ اوراد به کانئس پرائي سلوڪ ۾ ڪمال حاصل ڪيائين. شاه فقيرالله علوي اسانيد ۾ هڪ رسالو "وثيقة الابرار" لکيو آهي، جنهن ۾ موصوف جيڪي به سندون لکيو آهن، سي سڀ مخدوم محمد هاشم جي واسطي سان شيخ عبدالقادر مڪيءَ سان ملن ٿيون[1] شاه فقيرالله علويءَ جي هڪ خاصيت رهي ته موصوف مختلف ملڪن جا سير ۽ سياحتون ڪندو رهندو هو. خاص طور سندس زندگيءَ جو وڏو حصو بار بار حرمين شريفين جي سفر ۾ گذريو. ۽ ست دفعا حرمين جو سفر ڪيائين. مڪي مڪرمه ۾ وچي مخدوم محمد هاشم جي استاد مفتي عبدالقادر مڪيءَ کان سڌيءَ ريت سند حاصل ڪري اسناد ۾ علو ۽ بلندي حاصل ڪيائين.

حاجي فقيرالله علوي طريقت ۾ هونءَ ته مخدوم محمد هاشم کان پڻ اجازت حاصل ڪئي کانئس ذڪر اذڪار ۽ اوراد پرائي سلوڪ ۾ ڪمال حاصل ڪيائين. موصوف جي ڪتاب "قطب الارشاد" ۾ موصوف جون، علم حديث جي ڪتابن ۽ ٻين اورادن، اذڪارن، دعائن ۽ قصيدن جون سندون، سڀ جو سڀ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ کان ورتل آهن: پر باطني فيض جي سلسلي ۾ سندس مخصوص مرشد ۽ مربي شيخ محمد مسعود پشاوري آهي،[2] جيڪو نقشبندي طريقي جو وڏو ولي الله ۽ ڪامل بزرگ هو. سندس طريقت جو سلسلو هن طرح منقول آهي:

شاه فقير الله علوي، شيخ محمد مسعود پشاوري، شيخ محمد سعيد لاهوري، شيخ آدم بنوري، حضرت مجدد سرهندي فاروقي نقسبندي.[3]

حاجي شاه فقير الله سلسله نقشبنديه کان علاوه، سلسله قادريه توڙي ٻين سلسلن جي پڻ پنهنجي مرشد کان اجازت حاصل ڪئي. موصوف چئني طريقن ۾ مريد ڪندو هو. سنڌ، پشاور، لاهور هرات ۽ قنڌار کان کهي به کوڙ ماڻهو اچي وٽس طريقت ۽ عرفان جي روشني مان سوجهرو وٺندا هئا.

نه رڳو عام ماڻهو پر خواص به سندس آستاني تي اچڻ کي باعث فخر سمجهندا هئا. ان زماني ۾ افغانستان ۾ احمد شاه ابدالي برسراقتدار هو. قلات ۾ مير نصير خان بلوچ جي حڪمراني هئي. هنڌ ۾ ميان سرفراز خان ڪلهوڙو سلطنت جي مسند تي متمڪن هو. ۽ مڪران ۾ محبت خان بلوچ جي حڪومت هئي، هيءُ چارئي حڪمران سندس خدمت ۾ حاضر ٿيندا ۽ سندس بارگاه جي آستاني کي چمڻ پنهنجي لاءِ باعث فخر سمجهندا ها.[4]

1 قاسمي، غلام مصطفيٰ، علامه: "شڪارپور جي علويه لائبريري" ماهوار نئين زندگي، آگسٽ 1963ع

2 قاسمي، غلام مصطفيٰ، علامه: "شڪارپور جي علويه لائبريري" ماهوار نئين زندگي، ڪراچي فيبروري 1960ع

3 قدوسي، اعجازالحق، مولانا: "تذڪره صوفياء سنڌ" صفحه: 191 اردو اڪيڊمي ڪراچي.

4 قدوسي، اعجازالحق: "تذڪره صوفياء سنڌ" اردو اڪيڊمي ڪراچي. صفحه: 190، سال 1959ع

شاه فقير الله نه رڳو پنهنجي آستاني کي رشد ۽ هدايت لاءِ استعمال ڪيو پر خط و ڪتابت کي به رشد و هدايت ۽ تعليم ۽ تربيت جو ذريعو بنايائين. سنڌس مڪتوبات کي ڏسي معلوم ٿئي ٿو ته موصوف ڪيترن ئي بادشاهن کي حسن خلق، خداترسي، اعلاءِ ڪلمه حق ۽ صبر جون نصيحتون ڪيون آهن. اهڙا خط پاڻ احمد شاه ابدالي، سنڌس وزير اعظم شاه ولي خان ۽ وليعهد شهزادي سليمان، والي هنڌ ميان سرفراز خان، والي قلات ميان نصير خان، والي مڪران محبت خان بلوچ کي پڻ لکيائون.[1]

تنهن کان علاوه موصوف پنهنجي وقت جي عالمن ۽ عارفن کي جيڪي خط لکيا آهن، تن ۾ تصوف، طريقت، الاهيات، عرفان ۽ فڪر جون اهي بلند پرواز واريون موشگافيون، تعليمات ۽ روشن سبق پيش ڪيا آهن، جيڪي وڏن علمي ۽ فڪري ڪتابن کي ڦولڻ کان سواءِ ملڻ مشڪل آهن. خاص طور وحدت الوجود، وحدت الشهود، شيخ اڪبر جي گهڻن آدمن هئڻ واري سوال، شيخ موصوف جي ان چوڻ ته ذات حق مختلف اطوارن ۾ جاءِ وٺي ٿي، جي قول، محامد اربعه، حضرات خمسه ۽ نقشبندي، قادري ۽ ٻين سلسلن جي اذڪارن ۽ اورادن بابت سمجهاڻيون ۽ هدايتون شامل آهن. هن قسم جا خط موصوف خليفه امجد، ميان گل محمد، ملاصاحبداد، محمد عثمان، ميان فرح الدين قنڌهاري ملا عبدالله ڪاڪر، ملااصلاح ٻتي ڪوٽي، مير محمد يوسف مخدوم جيو، محمد نور، عثمان خان، محمد افضل، محمد حسين، شيخ محمد صالح، عظمت خان، قاضي ادريس، سيد موسي شاه، محمد فاضل، ملاجيوند، ملامحمد وارث پشاوري، وزيراعظم شاه ولي خان، محمد سليم فاروقي ملا فيض الله، ملا رحيمداد، ملاعبدالله خرقه پوش، حاجي مولاداد قنڌاري، ملارحيمداد ڏانهن لکيا آهن.

سنڌ جي جن بزرگن، علامن ۽ عارفن ڏانهن موصوف خط لکيا آهن تن ۾ سيد مرتضيٰ سيوستاني، شيخ محمد ميرداد، ميان عبدالرؤف هالا ڪنڊي، شيخ شڪر الله ٺٽوي، قبول محمد، حاجي اسماعيل، سيد محمد وفا لکيءَ جو رهاڪو، محمد يعقوب هالاڪنڊي، ميان تاج محمد خوش نويس، ميان عبدالله لاهوري، ميان محمد صلاح هالاڪنڊي ۽ مخدوم محمد معين ٺٽوي شامل آهن.[2]

## مخدوم معين ڏانهن خطن جو تجزيو:

مخدوم معين جو شاه ولي الله ۽ سيد سعدالله سورتيءَ سان پڻ خط ۽ ڪتابت جو سلسلو جاري رهيو. مخدوم معين جي انهن خطن جي نوعيت ڪجهه هن طرح رهي آهي ته مخدوم موصوف انهن کان علمي مشڪلات بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪندو رهندو هو. جڏنهن ته شاه ولي الله سان علمي مباحثن کان سواءِ ذاتي معاملن ۾ ڏي وٺ به جاري رکي هئائين. سيد سعدالله سورتيءَ جا خط دستياب ناهن. البته ٻين شاهدين مان انهن بابت معلومات ملي ٿي.

شاه فقيرالله جا پنج عدد خط، جيڪي ان مخدوم معين ڏانهن لکيا آهن، سي مڪتوبات شاه فقير الله علويءَ ۾ موجود آهن. مڪتوبات ۾ شاه فقير الله مختلف عالمن ۽ عارفن ڏانهن تمام ڳوڙهن علمي بحثن کي

1 علوي، شاه، فقيرالله: "مڪتوبات شاه فقيرالله علوي". (ملخص)

2 علوي، شاه، فقير الله: "مڪتوبات شاه فقير الله علوي". (ملخص)

چيڙيو آهي. پر مخدوم معين ڏانهن خطن ۾ اهڙا ڪي بہ بحث شامل ناهن.

موصوف مخدوم معين کي "محب اخص الخاص" "عالم رباني" جي لقبن سان مخاطب ٿيو آهي. خطن پڙهڻ مان معلوم ٿئي ٿو تہ پهرئين خط ۾ شاه فقيرالله مخدوم معين کي پنهنجي مرشد جي فوت ٿي وڃڻ جي خبر ڏني آهي ۽ مٿس ان جو جيڪو ڏک ۽ غم جو اثر ٿيو آهي، تنهن بابت لکيو آهي. ٻئي خط مان معلوم ٿئي ٿو تہ مخدوم معين شاه فقيرالله علويءَ کي پنهنجي، سنڌس نالي لکيل خط ۾ پنهنجي جاگير ضبط ٿي وڃڻ ۽ بواسير جي بيماريءَ جو اطلاع ڏنو آهي، جواب ۾ شاه فقير الله کيس چيو آهي تہ اي محب مهربان! هيءَ فقير دعا سان اوهان جو مددگار ۽ معاون آهي، اوهان مخلص پنهنجي شاگردن کي فرمايو تہ صلواة منجيہ. جنهن جا ڪجھ ڪلما "صلواة تنجينا بهامن جميع الاحوال" آهن. عشا نماز کان پوءِ ٽي سئو دفعا پڙهن انشاء الله ڪم ٿي ويندو. ان کان پوءِ بواسير کان "النور" ۽ "السلام" جي ورد ۽ طبي علاج جو مشورو ڏنو آهي.

ٽئي نمبر خط ۾ شاه فقير الله لکيو آهي: ڪوڙ دعائون ۽ ڪوڙ سوڪڙيون سلام پهچن ۽ ان نامہ ناميءَ جنهن کي فيض پرين محب گرامي جي آگرين ڇهي، احقر جي نالي ڪيو تنهن ورود جي شرف سان مشرف ڪيو ۽ اهو خوشيءَ جي باعث ٿيو. "موصوف ان خط ۾ مخدوم معين جي ساڳيءَ مٿين پريشانيءَ تي ورد ڏسيا آهن.

چوٿين خط ۾ شاه فقير الله مخدوم معين جي جاگيرن جي بحاليءَ تي کيس مبارڪ ڏني آهي.

پنجين خط ۾ شاه فقير الله لکيو آهي. تہ ميان نورمحمد صاحب اشارو ڏنو آهي تہ نادر شاه بادشاه جي روح جو سفر ملڪوت جي منزل ڏانهن شروع ٿيو آهي ۽ پڇيو اٿن تہ صورتحال ڇا بيهندي، عنايت ڪري اجازت فرمائجو تہ ميان صاحب کي اطلاع ڏجي.

بهرحال شاه فقير الله ڏانهن ڪوبہ خط علمي سوال جواب لاءِ مخدوم معين نہ لکيو آهي. صرف ڪجھ ذاتي پريشانين، بيماري ۽ جاگير جي ضبط ٿيڻ بابت لکيو آهي.[1]

## تصنيفات:

شاه فقير الله علوي وڏي پائي جو عالم ۽ عارف هو. تحقيق ۽ تصنيف سندس خاص مشغلو هو. اهوئي سبب آهي جو پاڻ شاندار لائبريريءَ جا مالڪ پڻ هئا. اڄ بہ سندن لائبريريءَ جا قيمتي قلمي نسخا سندس لائبريريءَ جا يادگار آهن. سندس تصنيف جو ذخيرو پڻ سندس تحقيق ۽ تاليف جو شاهد آهي. مختلف علمي موضوعن تي سندن هيٺيون تصنيفون آهن.

(1) فتح العجيل في المدارج التڪميل. هي عربي تصنيف تصوف ۽ سلوڪ جي موضوع تي لکيل آهي.
(2) براهين النجات من مصائب الدنيا والعرضات
(3) فيوضات الاهيہ
(4) طريقةالارشاد في تڪميل المؤمنين والاولاد

1 علوي، شاه، فقيرالله: مڪتوبات شاه فقير الله علوي" صفحہ: 106_107_108

(5) منتخب الاصول (اصول فقه)
(6) وثيقة الاکابر هيءَ ڪتاب اسناد علم حديث تي 1160ھ جي تاليف آهي. اسلاميہ ڪاليج پشاور ۾ موجود آهي. هڪ قلمي نسخو حافظ خان محمد ڪاڪڙ وت ڪوئٽہ ۾ موجود آهي.
(7) قطب الارشاد. قاهره مصر ۾ هيءَ ڪتاب ڇپجي چڪو آهي. هن جو هڪ نسخو پشاور ۾ بہ موجود آهي.
(8) فتوحات غيبيہ في شرح عقائد الصوفيہ. هيءَ عربيءَ ۾ نهايت ضخيم ڪتاب آهي. فلسفہ، تصوف، اخلاق، طريقت ۽ صوفياء جي عقائد جو شرح آهي. حسام الدين راشدي ڪارنر ريسرچ لائبرري سنڌالاجي ۾ موجود آهي.
(9) جواهر الاوراد (عربي)
(10) قصيده مبروره. شاه فقير الله هيءَ قصيدو، 12 جمادي الاول 1162ھ ۾ روضہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي سامهون ويهي عربيءَ ۾ لکيو.
(11) ڪتاب الازهار في ثبوت الآثار (عربي)
(12) فوائد فقير الله طب ۽ وظائف ۾ پشتو ۾ آهي.
(13) شرح قصيده بانت سعاد (فارسي)
(14) ملفوظات
(15) مڪتوبات شاه فقير الله علوي.

## وفات:

شاه فقيرالله 3 سفر 1145ھ ۾ پنهنجي مالڪ حقيقيءَ سان وڃي ملاقي ٿيو. شڪاربور ۾ سندس مزار عام ۽ خاص لاءِ زيارت گاھ آهي. سندس شاگردن مان حڪيم وفا لکويءَ سندس وفات تي قطعہ تاريخ لکيو آهي، جيڪو سندس مزار جي گنبذ تي چٽيل آهي، اهو هن طرح آهي.

ولي غوث خدا حاجي فقير الله
شده بخلد مرجع نشين ابي الدهر
وفا مہ وشب و تاريخ وقت وسال وصال
بگو سيوم صفر ونصف ليلة الاحد
1195ھ[1]

## سيد محمد عرف سيد ڦتو:

سيد محمد جعفر جو پٽ هو ڪانئس پوءِ هيءَ پنهنجي ڏاڏي مير محمد يوسف رضوي بکريءَ جو سجاده نشين ٿيو. فقيريءَ سان گڏ ڪيس دنيا بہ حاصل هئي. وڏي عظمت سان زندگي گذاريائين.[2] قانع

1 مولائي شيدائي: ”تاريخ تمدن سنڌ“ صفحہ: 676، انسٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1995
2 قانع، مير علي شير: ”تحفة الڪرام“ صفحہ: 622

معيار سالڪان طريقت ۾ لکيو آهي ته: مخدوم محمد معين سندس معتقد هو. بزرگيءَ سان موصوف ۽ ظاهري ۽ باطني ڪرامتن سان مشهور هو.[1] مقالات الشعراء ۾ قانع لکيو آهي: قبيلي جي ساداتن جو سرگروه ۽ انهن ۾ متبرڪ هو فقر ۽ ايقان جي ڪمال سان موصوف هو. شهر ٺٽي جا ماڻهو ساڻس تمام گهڻي عقيدت رکندا هئا.

سندس هيٺئين شعر جي جواب ۾ مخدوم محمد معين "علي ولي چو امام مبين ماشده بود" جو غزل چيو هو:

زخود نمائيها طرفہ دينِ ماشده بود
مني ومائي نقشِ نگينِ ماشده بود
هزار شڪر ڪہ مارا زما نشان دادند
وگرنہ پوچ گماني يقين ماشده بود[2].

## عبداللطيف صوفي:

تصوف ۾ هڪ جماعت جو مرشد هو. مذڪوره شاه اسماعيل صوفيءَ جو دوست هو. ڪيس شهرت قطعي پسند نہ هئي. ڪڏنهن ڪڏنهن وڏيون حيرت انگيز ڪرامتون ڪانئس ظاهر ٿيندو هيون.....

مخدوم محمد معين جي ساڻس ملاقات ٿي آهي. قانع لکيو آهي: هڪ ڀيري مخدوم محمد معين سندس زيارت لاءِ وٽس لنگهي آيو. ڳالهيون هلندي موسيقيءَ جي سرن جو ذڪر ڇڙي پيو. موصوف مخدوم صاحب کي چيو: آءٌ پاڻ بہ ڪڏنهن ڪڏنهن ان راهہ تي گامزن ٿيندو رهندو آهيان". اهو چئي هڪ راڳ شروع ڪيائين.

جنهن حاضرين جي دلين تي اثر پيدا ڪري هڪ عجيب حالت پيدا ڪري ڇڏي.[3]

## ملا عبدالحڪيم عطا (ٺٽوي):

قانع لکيو آهي: سنن اخلاقن جو مالڪ، تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ ۾ ڪامل هو. ٽيہ سال پورا رات جو قيام ۽ ڏيهن جو روزا، هڪ وضوءَ سان نماز عشاء کان پوءِ صبح تائين. انشا، نعت نبوي ۽ منقبت مرتضوي ۾ گذاريائين. لک بيت پورا ڪيائين. عام ۽ خاص ۾ سندس ڪلام مقبول آهي. شيخ محمد زاهد جي زباني مون ٻڌو تہ ڪابل ۾ ۽ پشاور جي آس پاس ۾ سندس مناقبن کي مولودن ۾ پڙهيو ويندو آهي. سندس ديوان پڻ ٽيہ هزار بيتن کان مٿي آهي، جيئن پاڻ چيو اٿس:

نسخہ ابيات ديوانم گذشت از سي هزار
ليڪن اين در و گهر را نيست اڪنون جوهري

---

1 قانع، مير علي شير، "معيار سالڪان طريقت" (قلمي) صفحہ: 402 راشدي ڪارنر ريسرچ لائبريري سنڌالاجي.
2 قانع، مير علي شير: "مقالات الشعراء" صفحہ: 427
3 قانع، مير علي شير: "تحفة الڪرام" صفحہ: 706 .

يقين آهي تہ حياتيءَ جي باقي ڏينهن ۾ گهڻو ڪجهہ چيو هونداءين. چاڪاڻ تہ سندس عمر طبعي عمر هئي. شاهجهان جي دور کان وٺي محمد شاھ جي دور تائين سخنوري ۾ مشار اليہ هو. ملا "صفائي" سنڌي، "قيصر" بديني، سلامي ۽ شڪر ٺٽوي سندس هٿن ۾ هن فاني جهان مان لڏي ويا. ان باري ۾ سندس چوڻ آهي

ڪو "صفائي" "قيصر" و ملا "سلامي" و "شڪر"
درگذشت القصہ هر يڪ اختري و شنگري
حاڪم سنڌس خدمت لاءِ ڪمر بستہ هوندا هئا. [1]

هن طرح قانع عطا ٺٽويءَ جي باري ۾ لکيو آهي. ٻئي ڪنهن بہ تذڪري نگار سندس باري ۾ ڪو بہ ذڪر نہ ڪيو آهي. سيد محمد مطيع الله راشد برهانپوري "ديوان عطا" جي مقدمي ۾ سندس ڪلام منجهان اندازي جي طور ڄاڻايو آهي تہ سندس ولادت 41_1040 ۾ يا ان کان هڪ بہ سال گهٽ يا وڌ متعين ڪري سگهجي ٿي. ان سلسلي ۾ هو وڌيڪ لکي ٿو تہ:

"مير قانع عطا کي شاهجهان جي دور جو شاعر تسليم ڪيو آهي. اهو فقط ان صورت ۾ ممڪن ٿي سگهي ٿو جڏهن هن کي 1048ھ يعني شاهجهان جي سلطنت جي آخري دور جو شاعر مڃيو وڃي. قانع "عطا" جي عمر کي عمر طبعي لکيو آهي. ۽ عمر طبعي پنجاھ سالن کان وٺي سئو سالن تائين شمار ڪئي ويندي آهي. خود عطا پنهنجي شعرن ۾ ڪن هنڌن تي پنهنجي عمر اسي نوي سال ظاهر ڪئي آهي. هڪڙو شعر اٿس:

شد بسر هشتاد سال از سن عمر اين فقير
هيچ در خواب و خيال اين ساز نہ بود ابتلا

هڪڙو ٻيو اهڙو شعر بہ هڪ شڪايتي نظم ۾ ملي ٿو:

پاس هشتاد ونود ..... غزت شيب و شبابم جملہ برهم ساختي.

انهن شعرن مان ثابت ٿئي ٿو تہ "عطا" اسي نوي سال زنده رهيو. جيتوڻيڪ انهن شعرن ۾ سن يا دور ڄاڻايل ڪونهي، البتہ هڪڙي منقبت ۾، جا فرياد جي رنگ ۾ آهي، سن بہ ملي ٿو ۽ منجهس مصيبتن جي دور ڏانهن بہ اشارو ڪيل آهي:

بر اهل بغي دست علي ذوالفقار زد 1129ھ
زد ذوالفقار نقش نمودار يا علي

جيڪڏهن انهيءَ سن ۾ عطا جي عمر نوي سالن جي ويجهو تسليم ڪجي تہ سندس ولادت جو سال 1940ھ نهندو[2]

جڏهن تہ حسام الدين راشديءَ عطا جي ڄمڻ جي سال جو جيڪو اندازو 1047ھ لڳايو آهي. راشدي صاحب هن اندازي لاءِ تمام گهڻا دليل عطا جي شاعريءَ مان حاصل ڪيا آهن. جنهن ڪري اهي وڌيڪ

1 قانع، ميرعلي شير: "مقالات الشعراء" صفحہ: 442. سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي، 1957ع

2 برهانپوري، راشد، محمد مطيع الله: "مقدمہ ديوان عطا" صفحہ: 4.

قرين قياس نظر اچن ٿا. راشد برهانپوريءَ منقبت ۾ ذڪر ڪيل هڪ سال (1129ھ) کي عطا جي هڪ شعر ۾ پنهنجي عمر جي اسي نوي سال گذرڻ واري وقت سان جيڪو ملايو آهي ۽ اندازو ڪيو آهي ان سال (1129ھ) تائين عطا جي عمر اسي نوي سال تي پڪي هئي ان لاءِ وٽس ڪوبہ دليل ڪونهي. راشدي صاحب جا دليل هن ريت آهن:

(1) هڪ شعر ۾ عطا شاديءَ وقت پنهنجي عمر ٽيہ سال ٻڌائي آهي. ٻئي شعر ۾ شاديءَ جو سال قطعہ جي صورت ۾ ڏنو اٿس جنهن جو سال 1077ھ بيهي ٿو. ان حساب سان ڄمڻ جي تاريخ 1047ھ بيهندي.

(2) مثنوي عجز و نياز 1117ھ ۾ لکي وئي. ان ۾ عطا پنهنجي عمر ستر اسي سال ٻڌائي آهي. اسيءَ کي محاوري سبب نظر انداز ڪجي تہ ان صورت ۾ پڻ ڄمڻ جو سال 1147ھ بيهي ٿو.

(3) ظفر خان احسن 1063ھ کان 1068ھ تائين ٺٽي ۾ رهي عطا جي شاعرانہ صلاحيتن جي تربيت ڪئي. ان مان بہ اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ عطا جي عمران وقت 1063ھ ۾ گهٽ سورنهن سالن جي هئڻ گهرجي. ان حساب سان بہ عطا جي ڄمڻ جو سال 1047ھ بيهي ٿو.

(4) اهڙيءَ ريت والد جي وفات وقت (1067 )عطا پنهنجي عمر 19_ 20 سال ٻڌائي ٿو ان کي نظر ۾ رکندي جيڪڏهن 1067 مان 19 خارج ڪبا تہ ان حالت ۾ بہ سال 1047ھ نڪري ايندو[1]

عطا جا وڏا سنڌ ۾ ٻاهران ٻري کان ڪٽان اچي ٺٽي ۾ آباد ٿيا. اصل سنڌس خاندان جو اسلام سان پڻ تعلق ڪونہ هو. سندن پڙڏاڏو ٺٽي ۾ اچي آباد ٿيو ان کان پوءِ مسلمان ٿيو. هيءَ نائين صديءَ جي آخر جو زمانو هو. جڏهن سمن جي صاحبي پڇاڙيءَ جي ويجهو پهتي. عطا جي ڏاڏي جو نالو محمد هو. پنهنجي پيءُ جو صالح ۽ سچو پونير هو. موحد ۽ متقي هو. تقوي ۽ دينداريءَ ۾ پنهنجي پيءُ کان سرس هو. عطا جي پيءُ جو نالو ملا سليمان هو. جنهن جي ولادت 977ھ ۾ ٿي. وفات اندازن 1065 کان 1067 تائين جي وچ ڌاري ٿي. ملا سليمان برک عالم متقي پرهيزگار صوفي، شاعر، رسول ۽ آل رسول صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو مداح هو. عطا جي خاندان مان عطا جو پيءُ ملا سليمان پهريون شخص هو جنهن منشي گيريءَ جو پيشو اختيار ڪيو. جنهن ڪري سنڌس گهراڻو خوشحال ٿي پيو. ملا سليمان کي ويهارو کن ٻار ٿيا ۽ سڀ مري ويا. ستر سالن کان پوءِ کيس پهريون پٽ عبدالحڪيم عطا ڄمڻ کان پوءِ سلامت ٿيو. ان کان پوءِ هڪ ٻيو پٽ بہ کيس ڄائو. پر کيس ستت ئي مال ۽ اسباب جو زوال ڏسڻو پيو. ضعف ۽ ڪمزوري اچي وئي. ۽ ان حالت ۾ وفات ڪيائين. عطا يتيميءَ ۽ محروميءَ جي حالت ۾ پرورش پاتي، پنهنجن عزيزن ۽ مٽن کيس گهٽو ستايو. پر سنڌس ڀاڳ ڀلا ٿيا جو کيس نواب ظفر خان جو شفقت جو هٿ نصيب ٿي ويو جنهن سنڌس شاعريءَ ۽ سخنوريءَ جي ذوق کي پنهنجي سرپرستيءَ هيٺ وڌايو ويجهايو.[2]

عطا جي وفات جي تاريخ بابت راشد برهانپوريءَ جو اندازو آهي تہ هو 1129 ھ تائين زنده رهيو. جڏهن تہ حسام الدين راشدي 1140 ھ کان 1138 ھ تائين اندازو لڳايو آهي.هن باري ۾ بہ حسام الدين

1 راشدي، حسام الدين: مقدمہ "هشت بهشت" صفحہ: 111_ 110، سنڌي ادبي بورڊ 1963ع

2 راشدي حسام الدين: "مقدمہ هشت بهشت" ملخص.

راشديءَ جي راءِ وڏيڪ وزندار معلوم ٿئي ٿي. ڇاڪاڻ ته عطا شاه عنايت شهيد ۽ سنڌس فقيرن جي شهادت وقت به زنده هيو. تنهن کان سوا ديوان عطا ۾ عطا جيڪي تاريخي قطعات ڇپيا آهن انهن مان به قطعا 1135هه جي تاريخ جا چيل آهن. جنهن مان اندازو ٿئي ٿو ته عطا 1135هه تائين زنده رهيو.[1] ملا سلامي عطا جو همعصر هو جنهن جي وفات تي عطا پنهنجي شعرن ۾ ماتم ڪيو آهي راشدي صاحب لکيو آهي ته: ان جي 1137ه کان پوءِ وفات ٿي ان مان عطا جي 1137ه کان پوءِ تائين زنده رهڻ جو پتو پوي ٿو.[2] حسام الدين راشدي هشت بهشت جي تاليف جي وقت 1117ه ۾ ٺٽي جي جليل القدر عالم يگانه روزگار محمد هاشم ٺٽويءَ جي عمر چوڏنهن ورهين جي ٻڌائي آهي، ۽ لکيو اٿس ته: ننگر ٺٽي جو ٻيو ذهين عالم ۽ شاعر شهير علامه مخدوم محمد معين ٻالجتيءَ کان ئي آغاز شباب جي پهرئين ڏاڪي تي مس پهتو هوندو[3] پر عطا جي وفات جو سال جيڪڏنهن اسان 1140ه قبول ڪيون ته ان وقت مخدوم محمد معين جي عمر ستيتاليهن سالن جي بيهي ٿي. مخدوم صاحب جي هيءَ عمر علمي طرح پختگي ۽ وڏي اوج ۽ شان واري دور جي عمر آهي. ظاهر آهي ته عطا جي پيٽ ۾ هيءَ عمر جوانيءَ ۽ ڪاميابين سان ٽمٽار هئڻ واري عرصي جي عمر آهي. جڏهن عطا پيريءَ ۾ پنهنجي جواني ياد ڪندي گذاريندو هوندو ۽ مخدوم محمد معين اوج ڪمال جا مزا ماڻيندو هوندو. جنهن ڪري ظاهر آهي ته هن جي ڪراڙي شاعر عطا تي اک گهڻ ٻڌندي هوندي. جنهن سببان عطا ساڙ وچان مٿس هڪ پيري طنز ۽ ٽوڪ ڪئي. تذڪره روز روشن ۾ آهي ته: "تسليم" محمد عطا شاعر جي گهڻ تعظيم ڪندو هو. هڪ ڏينهن عطا سرنهن جا داڻا ڪٽي آيو ۽ پريءَ مجلس ۾ "تسليم" جي مٿي تي اڇلايائين (فارسيءَ ۾ سرنهن جي داڻن کي "خردل" چئبو آهي ۽ لفظ "خر" جي الڳ طور معنيٰ آهي گڏه ۽ "دل" تسليم يعني مخدوم محمد جي ذات هئي.) جڏهن عطا کان (سرنهن جي داڻن اڇلڻ بابت) پڇيو ويو ته اهو ڇاهي؟ ته (مخدوم موصوف ڏانهن اشارو ڪندي) چيائين ته: اين خردل است" (جنهن جملي جو به معنائون آهن. هڪ ته: هيءُ رائيءَ جا داڻا آهن ۽ ٻي ته: هيءُ گڏهُ دلُ آهي") اهو ٻڌي ماڻهن وني کليو."[4]

عطا ٺٽويءَ جا فاضل خان ملا عثمان، مخدوم محمد معين جي ناني سان پڻ مخلصانه تعلقات هئا. ديوان عطا ۾ فاضل خان ملا عثمان جي ساراه ۾ هڪ قصيدو پڻ "عطا" جو چيل موجود آهي، عطا کيس "مشعل ملڪ سنڌ" جي لقب سان ياد ڪيو آهي، راشد برهانپوري اندازو لڳايو آهي ته: فاضل خان "عطا" کي انعامن اڪرامن سان نوازيندو هو. فاضل خان جي جڏهن وفات ٿي ته عطا سنڌس تاريخ وفات تي قطعو لکيو ۽ اميد رکيائين ته: سنڌس پونئير به کيس انعامن ۽ اڪرامن سان نوازيندا. پر جڏهن نا اميد ٿيو ته سنڌس هڙئي مهربانيون وساري سنڌس اهڙي هجوبه تاريخ لکيائين جو کيس "صدر الصدور" ته ڇا ملائيت جو اعزاز به ڏيڻ پسند نه ڪيائين.[5]

---

1 ٺٽوي، عبدالحڪيم عطا: "ديوان عطا" صفحه: 448.

2 راشدي حسام الدين: "مقدمه هشت بهشت" صفحه: 112

3 راشدي، حسام الدين: "مقدمه هشت بهشت" ملخص. صفحه: 81

4 صبا محمد ظفر حسين: "تذڪره روز روشن" صفحه: 132، مطبع شاهجهاني دارالاقبال ڀوپال، 1227ه

5 راشد، محمد مطيع الله برهانپوري: "مقدمه ديوان عطا" صفحه: 56_57 سنڌي ادبي بورڊ سنڌ اسيمبلي بلڊنگ بندر روڊ ڪراچي.

ڪمال الدين احمد خان رضوي، جيڪو ملا عثمان فاضل خان جو نائي هو. ان لحاظ کان هو مخدوم محمد معين جي والد ماجد مخدوم محمدامين جو سنيو هو ان سان به عطا جا گهرا لاڳاپا هيا. ديوان عطا جي حاشيه تي هڪ قصيدو عطا چيو آهي، جنهن ۾ ساڻس حجائتو ٿيندي چوي ٿو: آءُ اوهان جو همعصر ۽ دعاگو آهيان. ۽ هيءَ چيز مراد عرض ڪرڻ جو معقول ذريعو آهي. دعاگن جون دعائون حق نمڪ سان تعلق ٿيون رکن." مير ڪمال الدين ٺٽي جو ديوان ۽ نائب ديوان ٿي رهيو ۽ نائب صوبيدار ٿيڻ جو به اعزاز مليس. ٺٽي جي رضوي ساداتن مان هو. مير لطف علي خان، جيڪو ٺٽي جو گورنر رهي چڪو هو سو به ساڳئي خاندان جو فرد هو. عطا ان جي مدح ۾ به قصيدو لکيو آهي. سندس حڪمرانيءَ کي دولت جو بهار اچڻ ۽ بهشت جي باغن جي ڇهچٽي لڳي وڃڻ سان تشبيه ڏني اٿس ۽ لکيو اٿس ته: اوهين موروثي امير ۽ منهنجا مربي آهيو."[1]

عطا جي شاعريءَ ۾ تنقيد هجو ۽ چٿر تمام گهٽي آهي. ڪوڙ حاڪمن جي ساراهه ۾ قصيدا به لکيائين ته ٿوري به ڪنهن وٿان ڪَسُ لڳڻ تي انهن جي اوتري ئي زور سان هجو به لکيائين، معاشري جي اوٽاين پوٽاين تي به خوب ڇوهه ڇنڊيائين. سندس شاعريءَ مان ان دور جو تاريخي ماحول، حڪومت جا انقلاب، بغاوتون، گهرو لڙايون، ڏڪار ۽ وبائون، بوڏون، نفع خوري، چوربازاري، نون شاهوڪار رذيلن جو غرور، نااهلن جو عروج، ارباب ڪمال جي ناقدري، شريفن جي ويچارائي، حاڪمن جا ظلم، رشوت خوري، پنهنجن کي ورسائڻ ۽ ٻين معاشري جي خرابين جو عڪس چٽيءَ طرح نظر اچي ٿو. عطا شاه عنايت شهيد ۽ سندس فقيرن جي معاملي ۾ به حڪمرانن جو طرفدار ۽ شاه عنايت ۽ سندس پيروڪارن جو مخالف ڏسجي ٿو. اهاشايد سندس شاعر هئڻ ۽ حاڪمن کان انعامن سان سندس روزگار جي وابسته هجڻ جي مجبوري هجي، جنهن عطا کي ان ڳالهه تي آندو ته هو باغي فقيرن جو پاسو ڪٽي هميشه لاءِ پنهنجي روزگار جو جوکو سرَ تي نه کڻي. بهرحال عطا شاه شهيد ۽ سندس فقيرن کي عنادي سڏيو آهي ۽ انهن لاءِ انتهائي حقارت آميز رويو اختيار ڪيو اٿائين[2]

عطا تمام گهڻي شاعري ڪئي، وڏي عمر ماڻي، راشدي صاحب سندس هڪ شعر لکيو آهي:

تصانيفم فزون از صد هزار است
زلک بيت است افزون خوش ڪلامي.

جنهن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته هن شخص جون ڪيتريون تصنيفات هونديون. پر سندس باقيات مان صرف "ديوان عطا"، هشت بهشت، 1109ھ ۾ ترتيب ڏنل قصائد. سنڌي ادبي بورڊ ۾ پيل مختلف شاعرن جي چونڊ ڪلام جو هڪ بياض ۽ هڪ بياض آهي جيڪو اهڙن قصيدن تي مشتمل آهي، جيڪي ان پنهنجي دور جي مشاهيرن لاءِ چيا آهن.[3]

---

1 راشد، محمد مطيع الله. برهان پوري: "مقدمه ديوان عطا" صفحه: 49 _ 46.

2 راشد، محمد مطيع الله. برهان پوري: "ديوان عطا" ص: 56 _ 57 سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي

3 راشدي، حسام الدين: "مقدمه هشت بهشت" ص: 157_158

## محمد محسن ٺٽوي:

محمد محسن ٺٽوي 1121هه ۾ ڄائو[1] قانع سنڌس پيءُ، ڏاڏي ۽ پڙ ڏاڏي جو نالو هن طرح نقل ڪيو آهي: نور محمد بن ابراهيم بن يعقوب ٺٽوي،[2] موصوف جو خانداني پيشو قانع جي بقول: ريشم فروشي هو"[3] جڏهن ته تڪملہ مقالات الشعراء ۾ مخدوم ابراهيم خليل ڪيس جابجا محمد محسن "صباغ" لکيو آهي[4] "صباغ" رنگريزي جي ڪرت جو نالو آهي، جيڪو ريشم فروشي جي مقابلي ۾ ڪرت ۽ ڪم جي لحاظ کان رتبي ۾ گهٽ درجي جو ڪم آهي. راشدي حبيب الله مقدمہ ديوان محسن ۾ اهو قرار ڏنو آهي تہ تاريخ محسن جي احترام ۾ سنڌس اصل ڪرت ڇڏي ڪيس" ريشم فروش" ڪوٺيو" سنڌس ڇوڙ آهي تہ موجوده دور ۾ بہ ٺٽي جا رهاڪو محسن کي محسن صباغ ئي چوندا آهن. جيڪو مقامي روايت جي تسلسل جو نتيجو آهي[5] نواب لطف علي خان "همت" جيڪو ٺٽي جو گورنر بہ رهيو پنهنجي دور جو هڪ اهل دل بزرگ هو. سيد محمد يوسف بکري جي اولاد مان هو. جيڪو سيد محمد جونپوريءَ جو مريد هو. ان ئي عقيدت تحت هو ٺٽي ۾ مڪلي جي پهاڙي تي ان هنڌ اچي رهيو جتي محمد جونپوري اچي رهيو هو. محسن ان جي ڇانو هيٺ تربيت ورتي. سنڌس صحبت ۾ رهي ڪافي سکيو. هن کان سواءِ بہ کوڙ سارن اهل ڪمال هستين کان محسن تربيت ورتي. ٺٽي ۾ هن جهڙو شاعري ۾ ڪامل، ڪلام جي لطافت ۽ رنگينيءَ جو مالڪ ٻيو ڪو بہ ڪو نہ ٿيو. ٻي قدرن جي ملڪ ۾ پيدا ٿيو نہ تہ سنڌس ڪلام اميرن جي مجلسن جي سونهن هو. سنڌس شاعري جي وضع درست هئي. سنڌس صحبت فيض کان خالي نہ هئي. سرشار ۽ سرخوش جي رتبي جو ماڻهو هو. جنهن بہ حاڪم کي مليو تہ سو ساڻس مڪمل رعايت ڪندو ٿي رهيو. آخري ڏينهن ۾ ميان نور محمد جي دور ۾ اڌ رپيہ روزانو تي قناعت ڪيائين[6] 1153هه ۾ ميان نور محمد جي هڪ شهزادي ميان احمد يار خان جي شادي ٿي، محسن ان جو قطعہ تاريخ لکيو" ممڪن آهي ان شاديءَ جي تقريب ۾ ميان صاحب محسن کي خدا آباد گهرايو هجي ۽ ان موقعي تي اٺ آنا روزانو وظيفي جي طور مقرر ڪيا هجن جيڪي هر ڇهين مهيني لاڳيتو کين ملندا هجن."[7]

محسن ٺٽوي جون تصنيفات اڄ تائين اهي ئي معلوم ٿي سگهيون آهن، جيڪي مقالات الشعراء ۾ قانع ڏنيون آهن.[8] "عقد دوازده گوهر" ائمہ اطهار جي مناقب جي باري ۾ "طراز دانش" حضرت صاحب الزمان جي ولادت جي بيان ۾ "اعلان ماتم" جيڪو "حملہ حسيني" جي نالي سان مشهور آهي، جنهن کي موصوف "حملہ حيدري" جي وزن تي لکيو آهي، ڏهہ هزار بيتن تي مشتمل آهي ۽ هڪ شعرن جو ديوان.

---

1 راشدي، محمد، حبيب الله: "مقدمہ ديوان محسن ٺٽوي" ص: 15 سنڌي ادبي بورڊ 1963ع
2 قانع، مير علي شير: "مقالات الشعراء" ص: 702، سنڌي ادبي بورڊ 1957ع
3 حوالو ساڳيو
4 خليل، محمد ابراهيم، ٺٽوي: "تڪملہ مقالات الشعراء" ص: 11 سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي 1958ع
5 راشدي، محمد حبيب الله: "مقدمہ ديوان محسن ٺٽوي" ص: 49
6 قانع، مير علي شير: "مقالات الشعراء" ص: 702
7 راشدي، محمد حبيب الله: "مقدمہ ديوان محسن ٺٽوي" ص: 56
8 قانع، مير علي شير: "مقالات الشعراء" ص: 702_ 703

هي "ديوان محسن ٺٽوي" جي نالي سان ڇپيل آهي. هن جو هڪ نسخو سنڌ الاجي ريسرچ لائبرري ۾ موجود آهي. "محڪ ڪمال" هيءَ آقا محمد ڪريم عاشق اصفهانيءَ جي چوڻ تي محسن تاليف ڪيو. هن جو هڪ نسخو پير حسام الدين راشدي ڪارنر ۾ رسيرچ لائبريري سنڌ الاجي ۾ موجود آهي. محڪ ڪمال کي محسن ميان نور محمد ڪلهوڙي جي نالي منسوب ڪيو آهي.

ديوان محسن ٺٽوي ۾ محسن جو مخدوم محمد معين جي وفات تي چيل قطعہ تاريخ شامل آهي. راشدي حبيب الله صاحب جو چوڻ آهي تہ قلمي نسخي ۾ صرف هڪ قطعہ تاريخ درج هو. ٻيو قطعہ تاريخ مقالات الشعراء مان ڪڍي ان ۾ شامل ڪيو ويو آهي. محسن تاريخي واقعات تي بہ شاعري ڪئي آهي. احمد شاه ابدالي جي لاهور تي حملي کان پوءِ سرهند تي حملي جو بہ ذڪر ڪيو آهي. حاڪمن جي مدح ڪيائين تہ ڪن جي هجو بہ لکيائين. محسن مخدوم معين جي وفات 1161ھ کان بہ سال پوءِ 1163ھ 1750ع ۾ ٻائيتاليهن سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي[1] سندس وفات جي هڪ دلچسپ ڳالهہ ذڪر ڪرڻ مناسب ٿيندي تہ: جنهن ڏيهن محسن وفات ڪئي، ان ئي ڏينهن مير عظيم الدين ٺٽوي، مير علي شير قانع جي پياءُ جي ولادت ٿي. مير عظيم الدين ان ڏانهن پنهنجي هن شعر ۾ اشارو ڪيو آهي:

من بمحلس آمدم تو محسنا برخاستي
اين روايت هيچ جا در روضة الاحباب نسيت.[2]

## محمد پناھ رجا ٺٽوي:

محمد پناھ رجا ٺٽوي، جناب مير حيدر الدين ابو تراب تخلص "ڪامل" جو فيض يافتہ هو. لطافت طبع ۽ جودت فڪر جي صفتن سان موصوف هو. نهايت سنجيده فڪر جو مالڪ، سٺي چونڊ وارو ۽ حوصلي وارو شخص هو. هن وقت شهر ۾ سندس موجودگي وڏي ڳالهہ آهي.[3] تحفة الکرام ۾ قانع لکيو آهي تہ: درويشن ۽ الله وارن سان عقيدتمندانہ روش رکندو هو. اڄ ڪلهہ ٺٽي جي شاعرن ۾ سندس حياتي غنيمت آهي.[4] مير لطف الله عرف مير متارو، جيڪو سنڌ جو وزير هو. تنهن جي خدمت ۾ وڏي عزت ۽ رتبو رکندو هو. سندس صحبت ۾ وڏو عرصو گذاريائين. اهل ڪمال جي انهيءَ قدر شناس جي خدمت ۾ تمام وڏا ڪارناما سر انجام ڏنائين.[5] مخدوم محمد معين جي وفات تي قطعہ تاريخ چيائين، جيڪو مخدوم موصوف جي وفات واري ذڪر ۾ اڳي چڪو آهي.

## مير عبدالقدوس شيرازي:

ٺٽي جي انجوي شيرازي خاندان سان هن جو تعلق هو. قانع تحفتہ الکرام ۾ سندس نسب هن طرح

1 راشدي. حبيب الله: "مقدمہ ديوان محسن ٺٽوي" ص: 135
2 خليل. محمد ابراهيم: "تڪملہ مقالات الشعراء" ص: 390
3 قانع. مير علي شير: "مقالات الشعراء" ص: 224
4 قانع. مير علي شير: "تحفہ ا ڪرام" ص: 738
5 قانع. مير علي شير: "مقالات الشعراء" ص: 224

جاٽايو آهي: مير عبدالقدوس بن سيد حامد بن سيد حسين بن سيد حامد بن سيد شرف الدين بن سيد حسين بن سيد منصور[1]

مير عبدالقدوس جي وڏڙن جي سلسلي ۾ سيد محمد حسين جيڪو سيد مراد شيرازي جي نالي سان مشهور هو سو وڏو ولي ۽ متقي هو. شريعت ظاهري جي پابندي، وعظ ۽ نصيحت ۽ طالبن جي تلقين ۾ پنهنجا بابرڪت ڏيهن گذاريندو هو[2] قانع مير عبدالقدوس جي تذڪري ۾ مقالات الشعراء ۾ لکيو آهي تہ: مير عبد القدوس ولد سيد حامد سيد مراد شيرازي جي اولاد مان آهي، علمي فضيلت وارو آهي. هڪ جماعت ڏانهس رجوع رکندي آهي. بزرگيءَ ۽ شان ۾ وڏو رتبو رکي ٿو. صاحب فتويٰ هو. احتساب جي منسب تي بہ خدمت سر انجام ڏنائين. هڪ ايران جو ولي زادو، نواب سيف الله خان جي ڏنهين ۾ آيو سڄي شهر مان هن کان سواءِ ڪنهن سان بہ مصاحبت پسند نہ ڪندو هو[3] تحفة الڪرام ۾ قانع لکيو آهي تہ: وقت جو هڪ مقتدر شخص شان جو مالڪ ۽ پنهنجي همعصرن ۾ ممتاز هو[4] 1164هہ ۾ وفات ڪيائين. قانع مقالات ۾ لکيو آهي تہ: تقير تحرير وقت هڪ سال جي زيادتيءَ سان سندس وفات جي تاريخ هن طرح لڌي آهي: "يرثون الفردوس" (1147هہ)[5] جڏهن تہ تحفة الکرام ۾ قانح سندس وفات جي تاريخ "هم مڪرمون في جنات النعيم" جي مطابق جاٽائي آهي.[6]

قانع لکيو آهي تہ مخدوم محمد معين ۽ هن جي وچ ۾ تمام گهٽي خط و ڪتابت رهندي هئي. هڪ ڀيري مخدوم موصوف هيٺيون رقعو ۽ رباعيون امام سيد جي تعزيتَ جي طور مير عبدالقدوس ڏانهن لکي موڪليون:

نعزيڪم يا اهل بيت النبوت في هذه المصيبة القادحة التي يتقصم دونها ظهور الابطال الفاتحين علي اعتراف القصور في حقوق العزاء. انتم ايها الصفوة في غناء عن تعزيتنا البتيراء بتعزية الحق سبحانہ اياڪم و تسليتہ لکم في ازل الآزال عند قضاء المقادير والآجال بقولہ تعالي: انما يريد الله ليذهب عنكم الرجس. الآية. ثم عزاکم بذالک جدکم رسول الله ﷺ. حيث روي انہ بعد نزول هذه الآية لم يزل ستة اشهر كلما خرج الي المسجد ويمر بباب فاطمة عليها السلام نظر الي بيتها ويقول: انما يريد الله" الآية. رباعي:

در تعزيت حسين زد جامہ بہ نيل
درسدرة منتهي بشيون جبريل
تاکرد رسول شيشہ پرخون برکف
خونست دل عيسي و موسي و خليل

1 قانع، مير علي شير: "تحفة الڪرام" صفحہ 585
2 حوالو ساڳيو صفحہ: 581
3 قانع، مير علي شير: "مقالات الشعراء" صفحہ: 650
4 قانع، مير علي شير: "تحفة الڪرام" صفحہ: 585
5 قانع، مير علي شير: "مقالات الشعراء" صفحہ: 652
6 قانع، مير علي شير: "تحفة الڪرام" صفحہ: 588

**رباعي:**

اي سبط نبي ترا بشر سنجيدند
رخساره سر معنيت ناديدند
خاڪ قدمت فرشتہ درچشم كند
اي آه سرت بخاک و خون ببريدند
درپاي حسين خاڪ راهش دوجهان
از عشق سپند مجمرش عالم جان
امروز بماتمش سيہ روز شدم
با ارن (؟) اليّ يا نجات الاڪوان

جواب ۾ مير عبدالقدوس هن طرح رقعو لکيو:

تقبل الله منكم ما اديتم حقوق النبوة علي صاحبها الآلاف الصلواة والتحية في اهل البيت. واوقدتم نار العزاء من ذالڪ الزيت. جزاكم الله تعالي خيرالجزاء. بما رحمتم علي فرقة الفقراء. الذين لايحسبون نفوسهم في سلڪ من مسالڪ العداد. ويجعلهم اهل هذه المصيبة العظماء والبليةالكبراء. فلعل الله سبحانہ يرزقنا واياكم بحرمة اهل هذه البلية. نصيبا من تلڪ الاهلية حتي نصير كلاباً علي باب موارد الآية العلية: انما يريد الله ليذهب" آمين. رب العزة لتراب اقدام موالي الائمة الكرام. عقب النميقة الشريفة في البدية. وعليڪم باصلاح السهو والخطيئة بمقتضاء السماحة والمروة الجلية منہ:

از حادثہ حسين مظلوم قتيل
بر لعن عدوي شاه پيداست دليل
آنانڪ درين ريبي دانند
شد قطعہ مرا بطعن آنقوم دليل.
اي نور نبي رتبۂ تو نشنيدند
آن بد بختان نہ از غضب ترسيدند
خاڪ قدمت مرهم دوش جدت
هيهات سرت بخاڪ غلطانيدند
پيش قدمت سيد شهداء جهان
عالم همہ سر قدم نموده از جان
ماتم زدگا گوي سعادت بردند
فاسعوا بعزاية اخيار الاخوان.[1]

---

1 قانع، مير علي شير: "مقالات الشعراء" صفحة: 653

## درويش شاه يقين:

نواب همت دليرخان جي زماني (1145_1149) ۾ شهر ٺٽي ۾ وارد ٿيو. هندستان جي مختلف علائقن جي سياحب ڪندو هتي پهتو. سدائين محو عرفان رهندو هو ۽ يقين ڪامل جو مالڪ هو. جڏهن ٺٽي آيو ته: مخدوم محمد معين تسليم جي صحبت ۾ ڪجهه ڏيهن رهيو. ”بيقيدي“ جي عنوان جو تلخص رکيائين. ان ڪان پوءِ وچي سورت بندر کان نڪتو. مقالات الشعراء لکڻ جي ڏيهن ۾ قانع لکيو آهي ته: هاڻي تائين سورت بندر ۾ رهيل آهي.

هن بزرگ جي اصل نسل جي خبر نه پئجي سگهي آهي. سنڌس تعليم ۾ بين خدمات جو به ڪو علم نه ٿيو آهي. مقالات الشعراء ۾ قانع سنڌس هي شعر نقل ڪيا آهن:

ڪشت باد لن تراني مشعل ڪاشانه ام
هي نيفروزد فروغ آتش طورم هنوز
سبزه ظلمات سيراب از سيه بختي ماست
آبجوي سنبل گيسوي ديجورم هنوز
اين نه باران ست کز افلاک ميبارد يقين
چرخ ميگريد بحال من که مهجورم هنوز[1]

## محب شاه:

اصل چغتا جو هو سير سياحت جي خيال سان هتي پهتو. مشهور آهي ته مظفر شاه کيس گاربون ڏئي چيو: اسان تنهنجي انتظار ۾ آهيون تون وينو ٿو گهمين.“ هيءُ به فقر جي دولت جو پليل هو سو جيڪو ڪجهه هيس سو سڀ ڇڏي فقير جي خدمت ۾ ويهي رهيو ۽ اهو ٿيو جيڪو ٿيڻو هو. فقير کان پوءِ جانشين ٿيو. تمام گهڻي هدايت ۽ رشد پاتائين. اعلي عمارتون ۽ ڪينرائي باغ ان جاءِ تي پيدا ٿيا. سال ۾ بن پيرن کان سواءِ تڪيي تان نه اٿندو هو. هڪ پيرو عاشورن جي ڏينهن ۾ ٻيو پيرو پنڻ لاءِ. عالمن سنڌس غير مشروع وضع ڏسي فتوي جاري ڪئي ۽ لاهور کان ٺٽي تائين مهرون لڳرايائون. ٺٽي ۾ مخدوم حاجي محمد قائم ۽ مخدوم محمد معين مهر نه ڪئي. چيائون ته: مخدوم روح الله باطن ۾ اهڙي عالم ساڻ راه رسم رکي ٿو جنهن عالم ۾ ڪابه مهر ڪانهي. جيڪڏهن اهو مهر ڪري ته اسان به مهر ڪيون ٿا. ڇاڪاڻ ته اسين غيب ۾ آهيون ۽ هو حضور ۾ آهي مخدوم روح الله مهر نه ڪئي. جنهن ڪري علماء پيشرفت نه ڪري سگهيا.[2]

## مير حيدر الدين ابوتراب ڪامل:

مير حيدرالدين ولد مير رضي الدين محمد فدا بن ابو المڪارم شهود بن امير خان. مير ابوالمڪارم شهود ڪمالات علمي ۽ عملي جو صاحب ۽ وڏن گڻن جو مالڪ ٿي گذريو آهي. سيوهڻ ۾ مدفون آهي. مير

---

1 قانع مير علي شير: ”مقالات الشعراء“ صفحه: 878

2 قانع. مير علي شير ”معيار سالڪان طريقت“ صفحه: 440 (قلمي). راشدي ڪارنر ريسرچ لائبريري سنڌ الاجي.

رضي الدين محمد فدا سال هزار وبهن ۾ گذاري ويو. مير حيدر الدين عجيب شخص هو. ڀلارو ۽ بابرڪت هستي هو. شاعريءَ ۾ پنهنجي ڪمالات کي ڳجهو رکندو هو. سندس صحبت فيض پري هئي. وقت جا بزرگ مخدوم محمد معين جهڙا سندس زيارت جي ارادي سان ايندا هئا. 1160هه ۾ فوت ٿيو.[1]

سڄي عمر شادي نه ڪيائين. نواب مهابت خان "ڪاظم" سوين عاجزين ۽ انڪسارين سان سندس وظيفو مقرر ڪيو، پر پاڻ قبول نه ڪيائين. دنيا کان متنفر هو.فارسيءَ ۽ هنديءَ ۾ بي نظير شعر چوندو هو. سنڌي ٻولي نه ڄاڻندي به سنڌيءَ ۾ شعر چوندو هو. مير علي شير قانع سندس شاگرد هو. هيٺيون غزل سندس چيل آهي.

نگاهش ساغر مل ميتوان گفت
صراحي گفت قلقل ميتوان گفت
نهادت جنت از دوزخ بر آرد
چراغ گشتہ را گل ميتوان گفت[2]

1 قانع مير علي شير "معيار سالڪان طريقت" صفحہ: 437 (قلمي) راشدي ڪارنر ريسرچ لائبريري سنڌالاجي.
2 بيگ، مرزا عباس علي، "خدايار خاني ميان سرفراز خان عباسي." صفحہ:178، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي: 1980ع

باب ٽيون:

# مخدوم محمد معينؒ
# مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جا تعلقات

## مخدوم محمد هاشم جي سوانح:

محمد هاشم پٽ عبدالغفور پٽ عبدالرحمان پٽ عبداللطيف پٽ عبدالرحمان پٽ خيرالدين سندي بنورائي پوءِ بهرام پوري پوءِ ٺٽوي.[1]

اصل ۾ ڳوناٺو ءِ ٻهراڙيءَ جو رهاڪو هو[2] يعني ٺٽي جي آس پاس جي ٻهراڙيءَ جو رهاڪو هو. سندس اصل ولادت بنوري ۾ ٿي[3] تڏهن بنورائي سڏيا ويا. جو سندس وڏڙا بنوري جا رهاڪو هئا. محمد سومار شيخ لکيو آهي تہ

مخدوم صاحب جو والد عبدالغفور "اگهماٽي جو ڳابار" ۾ رهندو هو. جتان پوءِ ميرپور بنوري وڃي رهيو ءِ اُتان پرٽيو.[4]

مخدوم موصوف ذات جو پنهور هو هن ذات جو نسبي تعلق حارث بن عبدالمطلب سان وڃي ملي ٿو. هن نسل جا اصل وڏا محمد بن قاسم سان گڏ سنڌ ۾ آيا ءِ اصل ۾ سيوهڻ ۾ اچي رهائش اختيار ڪيائون[5] جتان پوءِ مخدوم صاحب جو والد عبدالغفور لڏي نڪتو. پوءِ ممڪن آهي "اگهماٽي" ۾ بہ اچي ٽڪيو هجي. جنهن کان پوءِ بنوري ۾ اچي آباد ٿيو هجي. بهرحال اڪثر تذڪرن جي مطابق سيوهڻ کان بنوري ۾ لڏي اچي رهيا.

---

1 قانع، ميرعلي شير، ٺٽوي "مقالات الشعراء" (فارسي) صفحہ: 841 سنڌي ادبي بورڊ، 1957ع

2 قانع، مير علي شير، ٺٽوي: "تحفة الكرام" اردو مترجم اختر رضوي صفحہ: 696، سنڌي ادبي بورڊ 1959

3 بلوچ نبي بخش، ڊاڪٽر: "مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي سوانح حيات ءِ علميت بابت ڪي ويچار" ٽماهي مهراڻ حيدرآباد شمارو نمبر: 4، سال: 1985ع، صفحہ: 132

4 شيخ محمد سومار: "بدين ضلعي جي ثقافتي تاريخ" صفحہ: 164 لاڙ ادبي سوسائٽي بدين سنڌ" ڇاپو: ٻيو

5 قاسمي، احمد اقبال، ڊاڪٽر، مقدمہ لنيل درجة الدكتوراه علي فاكهةالبستان" 1984ع، صفحہ: 164 عربي تصنيف مخدوم محمد هاشم ٺٽوي

مخدوم موصوف جي ٻنوري ۾ ڏهين ربيع الاول 1102ھ مطابق 1692ع ۾ ولادت ٿي. ابتدائي تعليم پنهنجي والد صاحب وٽ پڙهيو. ان بعد ٺٽي وڏيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ آيو. پنهنجي دور جي تمام وڏن عالمن، مخدوم محمد سعيد ۽ مخدوم ضياء الدين وٽ پڙهيو. 1135ھ ڌاري حج جي سفر تي نڪتو، جتي شيخ عبدالقادر مڪي، مڪي جي مفتيءَ ۽ شيخ ابو طاهر ڪردي مدنيءَ ۽ ٻين حرم جي نامور عالمن وٽان استفادو حاصل ڪيائين. 1137ھ ڌاري وطن موٽي آيو.[1]

## مخدوم محمد معين جي شاگردي:

مخدوم صاحب جي استادن ۾ ڪجهہ تذڪري نگارن مخدوم محمد معين کي بہ شامل ڪيو آهي. ڪن وري ماڳهين مخدوم صاحب کي مخدوم معين جو استاد قرار ڏنو آهي. اعجاز الحق قدوسيءَ تذڪره صوفياء سنڌ ۾ لکيو آهي: تہ حديث جي تعليم مخدوم معين ٺٽي جي مشهور عالم مخدوم محمد هاشم کان حاصل ڪئي."[2] هيءَ راءِ مخدوم صاحب جي پٽ مخدوم عبداللطيف ۽ پوٽي مخدوم ابراهيم جي حوالن جي بنياد تي قائم ڪيل آهي. مخدوم ابراهيم القسطاس المستقيم (قلمي عربي) ۾ لکيو آهي، تہ مخدوم معين حديث جو علم منهنجي ڏاڏي عارف محدث عالم مخدوم محمد هاشم کان حاصل ڪيو."[3]

مولانا دين محمد وفائي لکيو آهي: تہ حضرت مخدوم محمد هاشم حديث جي سند مخدوم محمد معين کان حاصل ڪئي."[4] ۽ علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب لکيو آهي، تہ مخدوم محمد هاشم پنهنجو هڪ رسالو "ڪشف الغطاء" مخدوم محمد معين جي رد ۾ لکيو آهي، جتي مخدوم معين کي پنهنجو استاد سڏيو اٿس" هن راءِ جو اصل بنياد مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو پنهنجو تصنيف ٿيل رسالو ڪشف الغطاء آهي. رسالي ۾ مخدوم محمد معين لاءِ مخدوم هاشم، ڇاڪاڻ تہ سندس رسالي جو رد لکي رهيو هو ان ڪري معذرت ڪندي رد جو جواز بيان ڪندي هن طرح لکيو آهي:

"الله جي دين جي معاملي ۾ ڳالهائڻ (تنقيد ڪرڻ) شرعي طور توڙي عرف ۾ قابل ملامت ڪونهي، ڇونہ اڪابرن ۽ استادن مٿان ڪرٽي پوي. ان ئي ڪري امام محمد بن الحسن شيباني مؤطا ۾ امام مالڪ بن انس جي مٿان تنقيد ڪئي آهي. "ڪتاب اختلاف اهل المدينہ والڪوفة" ۾ ۽ ٻين ڪوڙ ڪتابن ۾ ڪوڙ مسئلن جي باري ۾ موصوف سندس اجتهاد جي خلاف اجتهاد ڪيو آهي. باوجود ان جي تہ ان ڪانئس وڏي عرصي تائين حديث جي تحصيل ڪئي آهي. جيئن اها ڳالهہ معلوم آهي. الله جي دين جي معاملي ۾ ڳالهائڻ (تنقيد ڪرڻ) جيئن تہ قابل ملامت ڪونهي، ان ڪري مون ٻڻ ڪن سوالن جي، ذڪر ڪرڻ جي جرئت ڪئي آهي. جيڪي منهنجي دل ۾ "سيدنا و مولانا و شيخنا المستغني عن الاطالة في المقال سلمہ تعاليٰ وابقاه" جي رسالي مان پيدا ٿيا آهن. ان مان منهنجي مراد سندن مخالفت ۽ رد ڪرڻ نہ بلڪ ڪانئن

---

[1] قاسمي، غلام مصطفيٰ: "مقدمہ فرائض الاسلام" (عربي) صفحہ: 1_2 مخدوم محمد هاشم اڪيڊمي ڀينڊو شريف لڳ حيدرآباد، 1975ع_

[2] قدوسي اعجازالحق: "تذڪره صوفياء سنڌ" صفحہ: 24 اردو اڪيڊمي سنڌ

[3] ٺٽوي، محمد ابراهيم، مخدوم: "القسطاس المستقيم" (قلمي) صفحہ: 293

[4] وفائي، دين محمد، مولانا: "تذڪره مشاهير سنڌ" صفحہ: 159_160

سوال ڪرڻ ۽ ڏانهن رجوع ڪرڻ آهي.[1]

مخدوم محمد معين هڪ رسالو غايت مدارج الفڪ لعقدة قولهم اليقين لايزول بشڪ“ لکيو آهي رسالي ۾ موصوف پنهنجي مدعا بيان ڪندي جڏهن هڪ نتيجي تي پهتو آهي تہ ان جڳھ تي حاشيہ ۾ ان جي جواب ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي مطالعي دوران هڪ نوٽ لکيو آهي. جنهن نوٽ ۾ مخدوم محمد هاشم، مخدوم معين کي ”سيدي و مولاي سلڪم الله تعالي“ [2] جي لفظن سان مخاطب ڪيو آهي. جيتوڻيڪ مخدوم محمد هاشم ڪن جڳهين تي مخدوم معين کي پنهنجو معاصر ڪري بہ سڏيو آهي. سنڌالاجيءَ ۾ استاد محترم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جي ڪارنر ۾ مخدوم محمد هاشم جو ڪتاب نالي” الحجةالقوية في حقيقة القطع بالافضلية“ موجود آهي. مخدوم محمد هاشم ان ڪتاب جي تاليف جا بہ سبب بيان ڪيا آهن. هڪ سبب جاٽايل مسئلي بابت قرآن ۽ حديث جا دليل پيش ڪرڻ ۽ ٻيو سبب هن طرح جاٽايو آهي:

”ٻيو سبب آهي هڪ همعصر جي ترديد ڪرڻ، جنهن اهل سنت جي، افضليت جي مسئلي ۾ مشهور ترتيب جي مخالفت ڪئي آهي. ۽ رافضين سان موافقت ڪئي آهي. “[3]

پر همعصر هئڻ جو مطلب اهو ناهي تہ بہ همعصر هڪ ٻئي جا استاد شاگرد نہ ٿا ٿي سگهن. بهرحال جڏهن اسان جي آڏو مخدوم محمد هاشم جو پنهنجو واضح بيان موجود آهي، جنهن ۾ مخدوم معين کي موصوف پنهنجو استاد ۽ شيخ سڏيو آهي، تہ پوءِ ٻين ڳالهين جي ان جي مقابلي ۾ اهميت نہ ٿي رهي. البتہ ايترو چئي سگهجي ٿو تہ شايد اڳتي هلي، منجهن سخت مباحثا هلي گهڻو پيچيده ٿيا آهن، تڏهن مخدوم محمد هاشم جي تحريرن ۾ مخدوم معين لاءِ رڪائيءَ جو رويو پيدا ٿيو آهي.

مخدوم معين جي، مخدوم محمد هاشم جي استاد هجڻ لاءِ مخدوم هاشم جي سنڌس حوالي جي بنياد تي ان جي توثيق کان پوءِ هڪ اهڃاڻ طور هيءَ ڳالهہ بہ اهميت جوڳي آهي، تہ مخدوم محمد هاشم جي استادن ۾ مخدوم ضياء الدين جو نالو موصوف جي شروعاتي استادن ۾ شامل آهي، جنهن وٽ مخدوم موصوف ٺٽي ۾ اچي پڙهيو هو. اهو مخدوم ضياء الدين ۽ مخدوم معين ٻئي هم عمر هئڻ سان گڏ هڪ استاد مخدوم عنايت الله جا شاگرد بہ آهن[4] ۽ ان دور ۾ ٺٽي ۾ مخدوم معين جو مدرسو پڻ شهرت يافتہ هو. جنهن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ ان زماني ۾ مخدوم محمد هاشم مخدوم معين وٽ بہ اچي پڙهيو هجي.

## طريقت جو سلسلو:

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي طريقت ۾ تلقين ۽ تزڪيہ جي حصول لاءِ سڀ کان پهريائين شيخ ابوالقاسم نقشبندي ٺٽويءَ وٽ حاضر ٿيو. پر موصوف کيس اهو چئي ان کان جواب ڏئي ڇڏيو: تہ منهنجي

---

[1] ٺٽوي، محمد هاشم، مخدوم: ”ڪشف الغطاء عن ما يحل ويحرم من النوح والبکاء“ (قلمي) قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو

[2] ٺٽوي، محمد هاشم مخدوم: ”حاشيہ غايت مدارج الفڪ لعقدة قولهم اليقين لايزول بشڪ“ لمخدوم محمد معين (قلمي) صفحہ: 2، قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو.

[3] ٺٽوي محمد هاشم مخدوم: ”الحجة القوية في حقيقة القطع بالافضلية“ (قلمي) ص: 1، قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو

[4] قانع، ميرعلي شيرٺٽوي، تحفة الڪرام“ صفحہ: 558

آڏو مون کان تلقين حاصل ڪندڙ مريدن جون تصويرون پيش ڪيون ويون آهن. جن ۾ تنهنجي صورت ڪانهي" ان تي مخدوم صاحب کين عرض ڪيو ته مون کي اهو هنڌ ڏسيو جتي منهنجو مرشد آهي" مخدوم ابوالقاسم جواب ڏنو ته "تون سيد سعدالله سورتي قادري سورت بندر واري وٽ وڃ."[1]

مخدوم صاحب جڏنهن حرمين شريفين جي زيارت لاءِ ويو ته موٽندي پاڻ سورت بندر ۾ سيد سعدالله سلوني سورتيءَ جي خدمت ۾ 1163ھ ڌاري حاضر ٿيو. هڪ سال جو عرصو وٽس عبادت ۽ رياضت ۾ مشغول رهيو. جڏنهن وٽانئس کيس خلافت جو خرقو ۽ اجازت ملي، ته ماھ صفر 1137ھ / 1724ع تي وطن موٽي آيو.

## مخدوم صاحب جون تدريسي خدمتون:

مخدوم صاحب جڏنهن حرمين شريفين ۽ سورت کان 1137ھ ڌاري موٽيو ته ظاهري توڙي باطني علمن ۾ وڏو ڪمال حاصل ڪري پوءِ وريو. موصوف موٽي پهريائين پنهنجي ڳوٺ بنوري ۾ مدرسو قائم ڪيو. پوءِ قريبي ڳوٺ بهرامپور ۾ ويجي مدرسو کوليائين. هن مدرسي جا ٺٽل آثار ۽ ڊاٺل نشان اڄ به موجود آهن. پر اتي جا رهاڪو بدعتن جي چڱن ۽ سنت رسول صلي الله عليه وسلم تي عمل جي معاملي ۾ ساڻس ڪونه نهيا، جنهن ڪري ٺٽي لڏو ڪنيائون. جتي وچ شهر ۾ وڏو مدرسو قائم ڪيائون.[2] هيءَ جاءِ هئي ٺٽي شهر جو "اگر محلو" جتي مخدوم موصوف "دارالعلوم هاشميه" نالي مدرسو کوليو[3]

مخدوم محمد هاشم مدرسي کان علاوه ٺٽي جي ٻن مسجدن ۾ پڻ خطابت ۽ درس تدريس ڪندو رهندو هو. هڪ مسجد اگر محلي ۾ سندن مدرسي سان متصل هئي، جنهن ۾ موصوف جو معمول هو ته روزانو ٽيهريءَ مهل حديث جو درس ڏيندو رهندو هو. جڏنهن ته صبح جي مهل اتي مدرسو پڻ قائم ٿيندو هو. هيءَ مسجد ٽالپر دور حڪومت تائين موجود هئي.[4]

ٻي مسجد جامع خسرو نالي دابگران جي محلي ۾ آباد هئي. جيڪا اڄ تائين آثارقديمه جي محڪمي جي سنڀال هيٺ موجود آهي. مخدوم موصوف هن مسجد ۾ هر جمعي جي صبح جو واعظ ڪندو هو. هن مسجد کي دابگران واري مسجد به چيو ويجي ٿو. مسجد جي محراب تي، ڪتبي تي هيءَ سٽ چٽيل آهي.

"بسم الله الرحمان الرحيم محمد رسول الله والذين معه اشداء علي الكفار رحماء بينهم 997ھ"

مسجد جي جوڙجڪ ۽ ڪاشيءَ جي ڪم جي رٽا لاجواب آهي. خاص ڪري اندريون محراب پٿر جي اُڪر جو بهترين نمونو آهي.

## مخدوم صاحب جا شاگرد:

موصوف جو مدرسو تنهن زماني ۾ وڏي شهرت رکندو هو. ڪيترائي علم جا پياسا هن علم جي آب

---

1 ٺٽوي، محمد ابراهيم خليل: "تڪمله مقالات الشعراء" ص: 45

2 قاسمي غلام مصطفيٰ، علامه: "مقدمه فرائض الاسلام" عربي صفحه: 2، هاشميه اڪيڊمي پيندو شريف 1978ع

3 ٽالپر، محمد جمن، ڊاڪٽر: "سنڌ جا اسلامي درسگاھ" صفحه: 238 هجرة پبليڪيشن ڪراچي سنڌ، 1982ع

4 راشدي، حسام الدين، سيد: "ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون". صفحه: 106، انجمن تاريخ سنڌ ڪراچي سنڌ، 1981ع.

حيات مان سيراب ٿي تاريخ جي ورقن ۾ هميشه جي زندگي ماڻي ويا. موصوف جي اهڙن شاگردن مان آهن: مخدوم مئيڏنو نصرپوري، سيد شهمير شاه مٽياروي، مخدوم عبدالرحمن، سيد محمد صالح شاه جيلاني گهوٽڪيءَ وارو. مخدوم ابوالحسن صغيرٺٽوي مدني، مخدوم عبداللطيف، شاه فقير الله علوي، مخدوم عبدالله نرئي، مخدوم عبدالخالق ٺٽوي، مخدوم نورمحمد نصرپوري، شيخ الاسلام مراد سيوهاڻي، عزت الله ڪيريو، حافظ آدم طالب علم ۽ نورمحمد خستہ ٺڪڙائي.[1]

## مخدوم صاحب جا ڪتاب:

مخدوم محمد هاشم اهڙن چند عالمن مان هڪ آهي، جن ديني علمن ۾ گهڻي کان گهڻو لکيو ۽ ڪتاب تصنيف ڪيا. سندن ڪتاب سنڌيءَ ۾ پڻ مقبول عام رهيا تہ فارسيءَ ۽ عربيءَ ۾ پڻ ملڪان ملڪ مشهور رهيا. سنڌ ۽ هند ڇا! مصر تائين جامع "الازهر" ۾ بہ سندس ڪتاب پڙهايا ويندا هئا[2] مخدوم موصوف پنهنجي ڪتاب "اتحاف الاڪابر" جيڪو 1136ھ ۾ تصنيف ڪيائين، تنهن ۾ لکيو آهي: تہ هن وقت تائين منهنجون تصنيفات هڪ سئو پندرهن کان وڌيڪ آهن[3] موصوف ان بعد بہ ڪيترائي ڪتاب تصنيف ڪيا آهن. مخدوم ابراهيم خليل مخدوم محمد هاشم جي ڪتابن جو تعداد 114 لکيو آهي.[4] مخدوم اميراحمد موصوف جي ڪتابن جو تعداد ٽن سون کان مٿي[5] ٻڌايو آهي.

موصوف مختلف موضوعن تي لکيو آهي. سندس ڪتابن جو مڪمل تفصيل هتي پيش نہ ٿو ڪري سگهجي اسان هتي مختصر طور صرف سندس انهن ڪتابن تي تبصرو ڪنداسين جيڪي موصوف مخدوم معين جي رد ۾ تحرير ڪيا آهن:

## مخدوم محمد معين جي رد ۾ سندس تصنيفات:

### 1_ رد رسالہ قرة العين في البكاء علي الحسين:

هيءُ رسالو عربي ٻوليءَ ۾ فقه ۾ خلافيات جي موضوع تي مؤلف 1134ھ ۾ تحرير ڪيو. جنهن ۾ مخدوم معين جي ڪتاب "قرة العين في البكاء علي الحسين" جو رد ڪيو ويو آهي. مخدوم معين ذڪر ڪيل رسالي ۾ امام حسين جي شهادت تي ماتم ڪرڻ، ڪارا ڪپڙا پائڻ ۽ تعزيو ڪڍڻ کي جائز قرار ڏنو آهي. مخدوم محمد هاشم قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ ان جو رد ڪيو آهي.

---

[1] قادري، عبدالرسول: "مخدوم محمد هاشم ٺٽوي سوانح حيات، زمانو ۽ علمي خدمتون" (PHD ٿيسز) سال: 1995ع، صفحہ: 36_49

[2] جوڻيجو عبدالجبار "سنڌيون" صفحہ: 61، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو سنڌ، 1970ع.

[3] بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر، "مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي سوانح حيات ۽ علميت بابت ويچار" مقالو ٽماهي مهراڻ حيدرآباد شمارو نمبر: 4 سال 1985ع، صفحہ: 133

[4] "خليل". مخدوم ابراهيم، مخدوم: "تڪملہ مقالات الشعراء" صفحہ: 43، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1958ع.

[5] ٺٽوي، محمد هاشم، مخدوم: "بذالقوة في حوادث سني النبوة". صفحہ: 11، سنڌي ادبي بورڊ 1966ع

## 2 _ كشف الغطاء عما يحل ويحرم من النوح والبكاء:

هيءُ رسالو پڻ عربيءَ ٻوليءَ ۾ مخدوم موصوف، مخدوم معين جي رسالي قرة العين في البكاء علي الحسين" جي رد ۾ تحرير ڪيو آهي. موضوع هن رسالي جو به ساڳيو اڳئين رسالي وارو ئي آهي. جنهن ۾ موصوف قرآن حديث، فقه، لغت، تاريخي حوالن ۽ عقلي نقلي دليلن سان روئڻ، پٽڻ، ماتم، تعزين ۽ ٻين رسمن جي خلاف اهل سنت جي مسلڪ جو حق هئڻ ثابت ڪيو آهي. مخدوم محمد هاشم جي مخدوم معين جي رد ۾ لکيل اڳئين رسالي ۽ هن رسالي ۾ فرق اهو آهي، ته مؤلف موصوف اڳيون رسالو اختصار سان ۽ هيءُ تفصيل سان تحرير ڪيو آهي. هن رسالي جو تصنيف جو سال 1142ھ آهي.

## 3_ الحجة القوية في حقيقة القطع بالافضلية:

مخدوم محمد هاشم هيءُ رسالو 1164ھ ۾ مخدوم معين جي معرڪةالآراء تصنيف "الحجة الجلية في رد من قطع بالافضلية" جي رد ۾ تحرير ڪيو. عربي ٻوليءَ ۾ لکيل هن رسالي ۾ مؤلف مخدوم محمد معين جي ان موقف جو رد لکيو آهي: ته چئن خليفن وچ ۾ فضيلت جي مشهور اهل سنت جي مجيل ترتيب، يا شيعن جو ان باري ۾ موقف، قطعي نه بلڪ ظني آهي." مخدوم محمد هاشم ذڪر ڪيل مخدوم معين جي رسالي جي رد ۾ پهريائين "السنة النبوية في حقيقة القطع بالافضلية" جي نالي سان جواب تحرير ڪيو. جڏنهن ته موجوده رسالو هن اختصار ڪيل رسالي جو خلاصو آهي. رسالي جو هڪ قلمي نسخو قاسميه لائبريري ڪنڊياري ۾ موجود آهي. جيڪو خط نسخ ۾ نهايت سهڻو تحرير ٿيل آهي. هن جي ڪتابت مخدوم موصوف پنهنجي هٿن سان ڪئي آهي. ٻيو نسخو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪارنر، ريسرچ لائبريري سنڌالاجيءَ ۾ موجود آهي. هن جي ڪتابت مخدوم محمد هاشم جي روبرو مخدوم موصوف جي ذاتي نسخي تان ڪيل آهي.

## 4_ رد رسالہ معينيہ الناطقة با فضلية علي علي الخلفاء الثلاثہ رضي لله عنهم:

هيءُ رسالو مؤلف موصوف جي بنا نالي جي هڪ تحرير آهي، جنهن جو موضوع جو لحاظ رکي مٿيون نالو ۽ عنوان مقرر ڪيو ويو آهي. مؤلف ان کي ڪوبه عنوان نه ڏنو آهي. هيءَ تحرير عربي ٻوليءَ ۾ آهي. هن جو موضوع ساڳيو مٿئين رسالي وارو آهي. "الحجة الجلية في رد من قطع بالافضلية" جو ئي هن ۾ به رد ڪيو ويو آهي. هيءُ رسالو خط نسخ ۾ مخدوم موصوف جي پنهنجي پاڪيزه تحرير سان ڪتابت ڪيل آهي. هن جو نقل قاسميه لائبريري ڪنڊياري مان دستياب ٿيو.

## 5_ الحجة القوية في الرد علي من قدح في الحافظ ابن تيميہ:

مخدوم محمد هاشم هيءُ رسالو مخدوم معين جي رد ۾ عربي ٻوليءَ ۾ تحرير ڪيو آهي. رسالي ۾ مؤلف مخدوم معين جو نالو ڪونه کنيو آهي. جيئن اهو سنڌس ٻين رد ۾ لکيل ڪتابن ۾ پڻ طريقو رهيو آهي. مخدوم معين جو اهڙو ڪوبه رسالو اڃ تائين جيتوڻيڪ دريافت نه ٿي سگهيو آهي: پر تڏنهن به ٻن ڳالهين جي آڌار تي اهو يقين ٿئي ٿو ته هيءُ رد مخدوم معين جي ئي رسالي جو ڪيو ويو آهي.

1_ مخدوم محمد هاشم جي مُطالعي هيٺ ڪتاب جو موضوع بحث آهي. ابن تيميہ جي ڪتاب "منهاج الاستقامہ" جي مٿان اعتراضن جا جواب ڏيڻ". ۽ مخدوم محمد هاشم جي همعصرن مان مخدوم معين ئي اهڙو عالم هو جنهن بابت تذڪري جي ڪتابن ۾ اهو واضح ڪيو ويو آهي تہ هو ابن تيميہ کي "شقي الدين" سڏيندو هو ۽ مٿس سخت تنقيد ڪندو هو.

2_ شاه ولي الله دهلوي، جيڪو مخدوم معين جو دوست ۽ استاد بہ هو. تنهن جو پڻ هڪ خط "تفهيمات الاهيہ" ۾ ملي ٿو. جنهن ۾ شاه صاحب مخدوم معين ڏانهن ابن تيميہ بابت پنهنجي راءِ ڏني آهي ۽ مٿس ٿيندڙ اعتراضن جا جواب ڏنا آهن.

مخدوم محمد هاشم جنهن تي رد لکڻ گهريو آهي تنهن بابت صرف ايترو لکيو آهي: تہ

هڪ شخص، جيڪو پاڻ کي اهل سنت جو اڪابر گمان ٿو ڪري، جڏهن تہ سنڌس ڳالهيون بدعت کان خالي ناهن. تنهن جڏهن (منهاج الاستقامة) ڏنو تہ ان تي اعتراض ڪيائين. مون ڏنو تہ ان جا اڪثر اعتراض ان جي بري فهم جو نتيجو آهن ان ڪري انهن تي تنبيه جو ارادو ڪيم. هن ڪتاب جو ريسرچ لائبرري سنڌالاجيءَ ۾ مائيڪرو فلم سيڪشن ۾ پڻ فوٽو محفوظ آهي.

## 6_ الجواب عن هذالتحرير الاول للشيخ محمد هاشم المشار اليہ نفعنا لله تعاليٰ بہ:

مخدوم محمد هاشم جي هيءَ جوابي تحرير عربي ٻولي ۾ خط شڪستہ ۾ تحرير ٿيل مخدوم معين جي هن سان گڏ مٿان شامل تحرير جي جواب ۾ لکيل آهي. مخدوم معين جي تحرير ۾ پڻ مخدوم محمد هاشم جي ان کان بہ اڳ لکيل ڪنهن تحرير جي حوالي سان ڄاڻايو آهي تہ ان تحرير ۾ موصوف (سلامت ۽ عافيت ۾ رهي) ابن عمر جي بيهقيءَ جي تخريج ڪيل حديث تہ: نبي صلي الله عليہ وسلم جڏهن نماز شروع ڪندا هئا تہ رفع يدين ڪندا هئا، ان کان پوءِ اهو نہ ورجائيندا هئا." نقل ڪئي آهي. جنهن کي حاڪم موضوع چيو آهي، مخدوم هاشم کي اها دليل ۾ نہ وٺڻ گهرجي ها. هن جوابي تحرير ۾ مخدوم محمد هاشم ٽن طريقن سان ان جو جواب ڏنو آهي.

1_ اها جرح، جنهن ۾ حديث کي موضوع قرار ڏنو ويو آهي، سا غير مفسر آهي جنهن کي جمهور قبول نہ ٿو ڪري

2_ تہ جرح مبهم ان ڪري نہ قبول ڪئي ويندي آهي تہ ٿي سگهي ٿو تہ مبهم جرح جو سبب اهڙو هجي جيڪو ٻين وٽ مقبول نہ هجي. جڏهن تہ هن جرح ۾ حاڪم ان جو سبب ڄاڻايو آهي، جيڪو جرح جي سبب طور قبول نہ ٿو ڪري سگهجي. ان کان پوءِ سبب جي قبوليت جوڳي نہ هئڻ تي بحث ڪيو اٿس

3_ حافظ مغلطائي مذڪور شرح ۾ هن حديث لاءِ چيو آهي تہ ان ۾ ڪابہ برائي ڪانهي. ان طرح هن حديث جي تعديل ٿي ٿي وڃي.[1]

---

[1] هنن ٻنهي بزرگن جيئن هڪ ٻئي سان علمي مباحثن جي سلسلي ۾ سوال جواب ۽ رد ڪد لکيا آهن. تيئن شاعريءَ جي صورت ۾ بہ هڪ ٻئي سان ڏي وٺ ڪئي اٿن. مخدوم معين جي اهڙي هڪ رباعي سنڌس شاعريءَ جي باب ۾ ۽ ان جي جواب ۾ مخدوم محمد هاشم جي چيل رباعي هتي آخر ۾ ذڪر ڪجي ٿي.

## 7_ حسن المنوع عما اورد علي من ادرج الحديث الموضوع:

مخدوم محمد هاشم هيءُ رسالو عربي ٻوليءَ ۾ اربع جي ڏيهن 14 ربيع الاول 1153ھ ڌاري تاليف ڪيو آهي. مخدوم معين مٿي ذڪر ڪيل مخدوم محمد هاشم جي حوالي تحرير جو ٻن خطن جي صورت ۾ جواب تحرير ڪيو. ان جي جواب ۾ مخدوم محمد هاشم هيءُ رسالو تحرير ڪيو. مٿي ذڪر ڪيل مخدوم محمد هاشم جي جوابي تحرير ۾ مخدوم معين جي جوابي خطن واري نسخي ۾ مخدوم معين جي خطن جي جواب جي باري ۾ ڳاڙهي مس سان لکيل آهي: تہ هيءُ ٻي تحرير جيڪا ٻن خطن تي مشتمل آهي، تنهن جو الشيخ الجليل محمد هاشم المشاراليہ طرفان جواب" ان ڪان پوءِ مٿئين ذڪر ڪيل رسالي جو مقدمو صرف هيٺرو ذڪر ٿيل آهي. اقول حامدا و مصليا و مسلما وانا استعين بربي عز و علي في جميع اموري مما خفيٰ و علي". هن ڪان پوءِ ورق خالي آهن رسالو آندل ناهي. هيءُ رسالو الڳ صورت ۾ موجود آهي ۽ تسلسل آهي ذڪر ڪيل تحرير جو.

## 8_ تحقيق المسلک في ثبوت اسلام الذمي بقوله للمسلم انا مثلک:

هيءُ رسالو فقه جي موضوع تي مؤلف عربي ٻوليءَ ۾ ڇنڇر 23 شعبان 1159ھ ۾ تحرير ڪيو. ڪتاب ٽن فصلن تي مشتمل آهي پهرئين فصل ۾ مسئلي تي فقه جي فروعي ۽ اصولي دليلن ۽ حديث جي ذريعي روشني وڌل آهي. ٻئي فصل ۾ لفظ مثل تي بحث ڪيل آهي. ٽئي فصل ۾ مؤلف همعصر عالم تي نالي وٺڻ ڪان سواءِ رد ڪيو آهي. هيءُ مخدوم معين ئي آهي جنهن هن موضوع تي ٻڙ تحريرون ۽ رسالا لکيا آهن.

پر اهو اندازو نہ ٿو ٿئي تہ هيءُ سنڌس ڪهڙي رسالي جو رد آهي. سر دست هن موضوع تي مخدوم موصوف جا ٻہ رسالا دستياب ٿيا آهن. 1_ غايت ما ظهر لاضعف الانام في ان الكلام المحتمل لايوجب الاسلام" 2_ التنبيه علي سوء الفهوم في ان المثلية توجب العموم" ۽ هيءُ ٻئي رسالا مخدوم محمد هاشم جي رد ۽ جواب ۾ لکيل آهن. جن ۾ ساڳئي مٿئين مسئلي جو رد ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ مخدوم معين اهو مؤقف رکيو آهي تہ اهڙن لفظن چوڻ سان اسلام ثابت نہ ٿيندو. اسلام جي ثبوت لاءِ واضح لفظ، سچي نيت، چٽو اقرار ۽ احڪامن تي عمل ضروري آهي.

مخدوم محمد هاشم پنهنجي هن ذڪر ڪيل رسالي جو 13 محرم 1160ھ ڌاري، "تصحيح المدرک في ثبوت اسلام الذمي بقوله انا مثلک" جي نالي سان اختصار بہ لکيو. جنهن ۾ مٿئين ڪتاب جو خلاصو ۽ نچوڙ ڏنو ويو.

## مخدوم محمد معين جي جواب ۾ چيل رباعي:

مقالات الشعراء ۾ قانع مخدوم محمد هاشم جي تذڪري ۾ هڪ رباعي مخدوم محمد معين جي نقل ڪئي آهي ۽ ان جي جواب م هڪ رباعي مخدوم محمد هاشم جي نقل ڪئي آهي، سنڌالاجي ريسرچ لائبريري ۾ هڪ ناياب قلمي بياض. جنهن جو ٽائيٽل آهي: "بياض غوث محمد عباسي کهڙوي". ان ۾ ساڳي رباعي مخدوم معين جي: "سوال مخدوم محمد معين بطرف مخدوم محمد هاشم قدس سرهما" جي عنوان سان ڏنل آهي ۽ مخدوم محمد هاشم جي جوابي رباعي تمام گهٽي واڌاري سان نقل ڪيل آهي. ان

جو عنوان آهي: ”جواب مخدوم محمد هاشم بطرف مخدوم محمد معين رحمہ الله“. هن جواب ۾ مخدوم محمد هاشم جي، ڪانئي طرفان ذڪر ڪيل رباعي بہ شامل آهي. هتي اسان مخدوم معين جي رباعي ذڪر نہ ٿا ڪريون، جو اها ساڳي ڪانئي جي حوالي سان مخدوم معين جي شاعريءَ ۾ ذڪر ٿي چڪي آهي. باقي مخدوم محمد هاشم جو پورو جواب ۽ رباعي پوري واڌاري سميت مذڪور بياض مان نقل ڪري پيش ڪريون ٿا:

جواب مخدوم محمد هاشم بطرف مخدوم محمد معين رحمہ

قال الله تعاليٰ يا ايهاالذين آمنوا صبروا وصابروا

عن ابن مسعود قال قال رسول الله صلي الله عليہ وسلم

الصبر نصف الايمان رواه ابو نعيم في الحلية والبيهقي

في شعب الايمان وعن قيس ابن عاصم رضي الله تعاليٰ

عنهما انہ قال لاتنوحو عليّ فان رسول الله صلي الله

عليہ وآلہ واصحابہ وسلم لم تنح عليہ وعن سيدنا الامام زين العابدين

رضي الله عنہ انہ قال لما حضر قتل ابي يعني حسين رضي الله تعاليٰ عنہ قامت عمتي زينب رضي الله تعاليٰ عنها حاسرة فقالت واثكلتاه فقال الحسين رضي الله تعاليٰ عنہ يا اختيہ واتقي الله واصبري ثم اكد عليها ان لا تفعل شيئاً من هذا بعد وفاتہ رضي الله تعاليٰ عنہ البدايتہ والنهاية الحافظ ابن عشير من عينيہ

**قطعہ**

اي عاشق صادق محبي خوش نام درتعزيت حسين کن حزن مدام

سوز دل اشک چشم مي ريزد ز غم ليکن ندهي راز محبت بعوام

جان دل مال کن نثار محبوب درهديہ بده روح رگ تن بدام

درمذهب عاشقان نهان سوختن است فرياد جزع نعره شد نوحہ حرام

عشاق حسين طريقت است قديم سوزند بدل هيچ نگويند ڪلام

گرچاره بہ بيند ز اظهار زبان گويند رضينا بقضاء العلام

آيانہ شنيدي ڪلام ازلي درصبر نود پنج ز آيات کرام

چون گفت خداکہ صبر امريست جميل شد صبر طريقۂ محبان عظام

گر منع نيامد ز خداء ز رسول کرديم سيہ منبر دروجامہ تمام

ولنعم ما قال الشاعر سندي: بيت:

اسين سي وسهون

هجهون جي نہ هارين

آئي آب اکين ۾ ڏيہ کي ڏيکارين

سڄڻ جي سارين

نڪي رُون نہ چون ڪنهن کي

الجواب ايضاً

قال الله تعاليٰ وان تصبروا وتتقوا فان ذالک من عزم الامور واخرج الطبراني في المعجم الکبير وابن حبان عن ابي رمده الداري رضي الله عنه قال قال رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم: قال الله تعاليٰ من لم يرض بقضائي ولم يصبر علي بلائي فليلتمس رباً سوائي_ طريقه محمديه

اين فهم که کردهء تو اي نک نظام مشکل بود اين نزد محبان عظام
در تعزيت حسين مي سوز بدل مي بارزچشمهائي خود اشک مدام
بی صبر شدن دريئی جريان قضا گويند حرام است حرام

ايضاً

اي مومن صادق محبيم في الله مي سوز همي گداز في حب الله
درتعزيت حسين خون خور بجگر ميگو بزبان کلام انا لله
دانی که چه گفت خالق ارض و سما واصبر وما صبرک الا بالله

ايضاً

اين شهادت عطائي رباني چه عطا بل رضاي سبحاني
چونه تمنائي آن نمود حسين گشت جاري قضائي حقاني
يفعل الله ما يشاء يريد صبر کن برضائی ربانی [1]

مخدوم معين جي مختلف خيالن جو مخدوم محمد هاشم وانگر سنڌس پٽ مخدوم عبداللطيف ۽ سنڌس پوٽي مخدوم ابراهيم رد لکيو. هن جڳهه تي اهو تمام مناسب ٿيندو ته مخدوم محمد هاشم جي انهن ٻن پوئيرن جو به ذڪر ڪري ڇڏجي، جن ”اتباع باحسان“ جي طريقي تي، مخدوم موصوف جي ريت نڀائيندي مخدوم معين تي ڀرپور رد لکيا.

## مخدوم عبداللطيف بن مخدوم محمد هاشم بن عبدالغفور پنهور:

علامه زمان تحرير وقت هو. سنڌس زماني ۾ هڪ شخص طالب علم شهر (ٺٽي) ۾ آيو. چيئي: مون کي مطول معاني پڙهڻي آهي. پر پڙهندس اهڙي شخص وٽ جيڪو صرف مطول جو خطبو جيڪو تقريبن ٻه ورق ٿيندو، تنهن جو سڄو سال مون کي درس ڏئي، ان دور جي مڙني اهل علم وٽ استدعا لاءِ ويو. ڪنهن به قبول نه ڪيو. مخدوم عبداللطيف وٽ آيو. فرمايائون ڇهن مهينن تائين ان جو درس ڏيندس. اها ڳالهه ان شخص قبول ڪئي ۽ شروع ٿيو. اجان خطبو ئي تي پڙهيائين جو مطول جي ڪتابيات جا سيئي بحث پڙهي ڇڏيائين. تحفة الکرام ۾ قانع لکيو آهي ته هاڻي (1181ھ ۾) مخدوم عبداللطيف پنهنجي والد جو جانشين آهي. والد جي دستور مطابق هر جمعي جي ڏينهن صبح جي وقت جامع خسرو ۾ واعظ جي محفل قائم ڪندو آهي. ۽ روزانو ٽيهريءَ جي وقت پنهنجي مسجد ۾ حديث جي درس جو شغل جاري رکندو ٿو اچي. هن سال يعني 1187ھ ۾، جيئن ته پاڻ ميان محمد سرفراز خان جي لشڪر ۾ منصب قضا تي مامور آهي، ان ڪري سنڌس فرزند ارجمند ميان ابراهيم عرف موليڏنو والد ۽ ڏاڏي بزرگوار جو ڪم سنڀالي

---

[1] عباسي، کهڙوي، غوث محمد: ”بياض غوث محمد“ (قلمي) صفحه: 64

رهيو آهي.[1] مخدوم عبد اللطيف پيءُ وانگر دين جي معاملي ۾ تمام حساس ثابت ٿيو. پنهنجي مسلڪ تي عمل جو سخت پابند هو. مخدوم محمد معين جي جن خيالات کي پنهنجي مسلڪ سان تضاد ۾ ڏسي ڪانئس سندس پيءُ وانگر سنو نہ ٿيو ۽ دراسات اللبيب في الاسوة الحسنة بالحبيب جو تمام مبسوط رد لکيائين. هيٺ ان جو مختصر تعارف ڏجي ٿو.

## ذب ذبابات الدراسات عن مذاهب الاربعة المتناسبات:

مخدوم عبداللطيف هيءُ ڪتاب دراسات اللبيب جي رد ۾ لکيو آهي. مخدوم موصوف پنهنجي هن تصنيف کي تصنيف نہ پر "تعاليق" سڏيو آهي. تعليق ڪنهن ڪتاب جي عبارت تي حاشيي ۾ لڳايل نوٽ کي چئبو آهي. مخدوم موصوف هيءُ تعليقات بہ مخدوم معين جي ڪتاب دراسات جي عبارتن تي، جواب جي طور تي لڳايون آهن، جيڪي هڪ ڪتاب جي صورت وٺي چڪيون آهن. هيءُ تعليقات قلمي صورت ۾ مولانا دين محمد وفائيءَ جي لائبريريءَ ۾ موجود آهي. مولانا عبدالرشيد نعمانيءَ علي نواز وفائيءَ کان اڌاري طور وٺي اهو نسخو سامهون رکي، ان تي تحقيق ۽ تعليقات لڳائي سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپائي پڌرو ڪيو. مخدوم عبداللطيف تعليقات جي شروع ۾ مقدمو تحرير ڪيو آهي. مقدمي ۾ موصوف لکيو آهي تہ مخدوم معين اڪثر جيڪو چوندو ۽ ڪندو آهي، تنهن ۾ سندس اعتقاد شيعت ڏانهن مائل آهي. موصوف سندس اهڙن عقيدن جو بہ ذڪر ڪيو آهي جنهن مان سندس شيعت ڏانهن لاڙو ثابت ٿئي ٿو. ان کان پوءِ موصوف تعليقات ذڪر ڪيون آهن. هي تعليقات ٻن جلدن ۾ ڇپيل آهن. ٽوٽل صفحا پهرئين جلد ۾792 ۽ ٻئي جلد ۾ 768 آهن. هيءُ رسالو مخدوم عبداللطيف جي تبحر علميءَ جو شاهد عادل آهي. سنڌي ادبي بورڊ طرفان هيءُ ڪتاب 1381ھ/ 1961ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

## مخدوم محمد ابراهيم مڏئي:

هيءُ مخدوم عبداللطيف جو پٽ ۽ مخدوم محمد هاشم جو پوٽو هو. ڏاڏي جي حياتيءَ ۾ ئي 1162ھ ۾ سندس ولادت ٿي. مخدوم ابوالقاسم نقشبندي سندس نانو هو. مخدوم محمد ابراهيم پنهنجي ڪتاب "القسطاس المستقيم" ۾ مخدوم محمد هاشم کي "جدي وابو ابي" (منهنجو ڏاڏو ۽ پيءُ جو پيءُ) سڏيو آهي.[2] ۽ مخدوم ابوالقاسم نقشبندي کي "وهو جدي ايضا و ابو ابي امي" (اهو پڻ منهنجو پڙنانو يعني منهنجي ماءُ جي پيءُ جو پيءُ) سڏيو آهي.[3] هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اڳتي هلي مخدوم محمد هاشم ۽ مخدوم ابوالقاسم جي خاندانن جون پاڻ ۾ مٽيون ماٽيون بہ ٿيون. مخدوم محمد هاشم جو پٽ مخدوم عبداللطيف مخدوم ابوالقاسم جي پٽ جي نياٽيءَ سان پرڻيو. جنهن مان مخدوم ابراهيم جائو. مخدوم ابراهيم جو عرفي نالو موليڏنو هو. ڪيس مڏئي مرقد بہ سڏيو ويندو هو. چاڪاڻ جو هو پوءِ ڪن سببن جي

---

[1] قانع، ميرعلي شير: "تحفة الڪرام" صفحہ: 694

[2] مڏئي، محمد ابراهيم، مخدوم: "القسطاس المستقيم صفحہ: 293، (قلمي) مدرسہ مظهر العلوم کڏو ڪراچي

[3] حوالو ساڳيو صفحہ 55، ٻئي هنڌ صفحہ 292 تي موصوف مخدوم ابوالقاسم کي "ابوامي" (نانو) سڏيو آهي. جيڪا ظاهر آهي تہ ڪاتب جي ڀل چئبي. ڇاڪاڻ تہ اهو قرين قياس ناهي.

ڪري ٺٽي مان لڏي وڃي مڏئي ۾ رهيو ۽ اتي 1225ھ ۾ فوت ٿيو. شهر مڏئي ڪڇ جي ساحل جو مشهور بندر هو. اتي مخدوم موصوف جي مزار تي تمام وڏو قبو تعمير ٿيل آهي. اتي جي ماڻهن ۾ مشهور آهي ته سندس قبي جي مٿان ڪبوتر ۽ ٻيا پکي نه اڏامندا آهن. جيڪڏهن اڏامندي ان جي مٿان گذريا ته هڪ دم اچي پٽ تي ڪرندا آهن ۽ مري ويندا آهن.[1] پر شهر مڏئي سان مخدوم ابراهيم جو تعلق گهٽو پوءِ جڙيو ان کان اڳ سندس خدمتن جو مرڪز ٺٽو هو جتي موصوف جامعہ خسرو ۾ واعظ ڪندو هو جتي مخدوم محمد هاشم هر جمعي جي ڏينهن صبح جو واعظ فرمائيندو هو. ڪانئس پوءِ سندس پٽ عبداللطيف به پيءُ وارو طريقو جاري رکندو آيو. ان جڏهن ميان سرفراز جي ملازمت اختيار ڪئي ته ان کان پوءِ پيءُ ۽ ڏاڏي وارو ڪم مخدوم ابراهيم سنياليو ۽ جامعہ خسرو ۾ واعظ جو سلسلو جار رکندو آيو[2] وري جڏهن مخدوم عبداللطيف هن جهان کان موڪلايو ته پيءُ واري ساڳي سرڪاري ملازمت مخدوم ابراهيم سنيالي. ميان عبدالنبي خان جي دور تائين اها ملازمت وٽس رهي[3]

موصوف عربي ٻوليءَ ۾ ڪوڙ ڪتاب لکيا. پنهنجي پيءُ وانگر همعصر عالمن سان قلمي معرڪا ڪيائين. مخدوم محمد عثمان مٽياري واري سان سندس خاص معرڪا ٿيا. جنهن جوڌپور جي هندن تي کوسن جي حملن خلاف ۽ انهن کي غلام بنائڻ ۽ انهن جي مال کي غنيمت قرار ڏيڻ خلاف فتويٰ ڏني. ([4]) جوڌپور جي هندن مٿان ڪلهوڙن جي آخري دور ۾ کوسا حملا ڪري انهن جي ڦرلٽ ڪندا هئا. مخدوم ابراهيم کوسن جي ان عمل جي حمايت ڪئي ۽ فتويٰ ڏنائين ته انهن جو ڦريل مال غنيمت جو مال آهي. ۽ مسلمانن لاءِ حلال آهي. انهن جا ٻار ۽ زالون غلام بنائڻ جائز آهن. سندس اهڙن ڪتابن مان اماطة الاذي البيد عن طريق جواز استعمال اموال الڪافر العنيد ۽ دماج المغنم في مسئلة ان جوڌپور من دار حرب" آهن. ([5]) سندس ٻيون تصنيفات هيٺينءَ ريت آهن:

1_ ابلاغ جهد الدمص في مسئلہ قص اللحيٰ والنمص
2_ اماطہ اذي البيد عن طريق جواز استعمال اموال ڪافر العنيد.
3_ اغناء الواصل
4_ تحرير في بيان آخر الظهر
5_ تطييب افواہ الاخوان في المنع عن شرب الدخان.
6_ توثيق الاسباق في مسئلة الصدق
7_ تهذيب البيان في اجوبة اسولة وحيد من الاڪابر الخلان
8_ الحبل المتين في اوصاف خلفاء الراشدين

---

[1] راشدي، حسام الدين: "حاشيہ تڪملہ مقالات الشعراء" صفحہ: 65
[2] قانع، ميرعلي شير: "تحفة الڪرام" صفحہ: 697
[3] قاسمي غلام مصطفيٰ: "مقالات قاسمي" صفحہ: 317
[4] لاکو غلام محمد: "ڪلهوڙا دور حڪومت" صفحہ: 385. انجمن اتحاد عباسيہ پاڪستان ڪراچي، 2004ع
[5] لاکو غلام محمد: "ڪلهوڙا دور حڪومت" صفحہ: 386

9_ رسالہ في بيان السلسلة
10_ سحق الاغنياء الطاعنين في كمل الاولياء و اتقياء العلماء
11_ سيرالتقرير في تحقيق مقاصد مسئلة استعمال الحرير
12_ طريده الحياڪ مماطرده الخصم بقطع التنباڪ
13_ غسل العباڪ عن تصويب قطع التنباڪ
14_ القسطاس المستقيم
15_ القول الرضي بتصحيح حديث الترمذي.
16_ مفتاح الڪلام.
17_ نثر حلاوي المعارف والعلوم
18_ نسج الضحي في حل مسئلة قص اللحي
19_وصول الغنا في تحريم الدفوف مع الجلاجل والغناء
20_ وعظ الانور في حڪم مسئلہ رؤية القمر يوم الشڪ في النهار
21_ هدايت الناس في البقاء الشعر علي الراس.

## طريقت ۽ تلقين:

طريقت ۾ مخدوم موصوف حضرت خواجا سفي الله ڪابلي وفات 1212ھ جي هٿ تي بيعت ڪئي. تمام بلند مقامن تي رسيو مرشد کيس خلافت تامہ ڏني ۽ پاڻ ڪامل ولين ۽ راسخ علمائن مان شمار ٿيڻ لڳو (1) تڪملہ مقالات ۾ مخدوم ابراهيم خليل لکيو آهي تہ علمن ۾ زماني ۾ يگانو هو. ۽ پنهنجي دور جو برگزيدو شخص هو. ان دور ۾ جهڙس ڪو ٻيو سنڌ ۾ پيدا ڪونہ ٿيو. صاحب مڪاشفات ۽ تصرفات ۽ صاحب خوارق عادات هو سندس تمام گهڻا خليفا هئا. انهن جو تعداد ٻن لکن تائين وڃي پهچي ٿو. مريدن جي دعوت تي وٽن تشريف کڻي ويندو هو. هر شهر ۽ هر ديه ۾ جتي منزل ڪندو هو تہ شهر يا ديه جا سڀ مريد تلقين وٺندا هئا. ان وقت انهن جي رجسٽر ۾ داخلا ڪئي ويندي هئي. (2)

## مخدوم محمد معين جي ڪتابن جو رد:

مخدوم ابراهيم مٽئي پنهنجي ڏاڏي ۽ پيءُ جي نقش قدم تي هلندي پنهنجي پڙناني جي مريد ۽ ويهن خليفن مان هڪ خليفي مخدوم محمد معين جي رد ۾ هڪ ضخيم ڪتاب "القسطاس المستقيم" تصنيف ڪيو. ڪتاب ۾ موصوف مخدوم محمد معين جو هن طرح نالو ذڪر ڪيو آهي "الفاضل المتبحر المخدوم محمد معين التسليم" مخدوم موصوف جي جن خيالن جو رد ڪرڻ گهريو اٿس. انهن کي "السقطات الواهيہ والقول السقيم" قرار ڏنو اٿس. ياڻئجي ٿو تہ موصوف هيءُ ڪتاب

---

[1] راشدي، حسام الدين: "حاشيہ تڪملہ مقالات الشعراء" صفحہ: 65
[2] ٺٽوي، محمد ابراهيم خليل: "تڪملہ مقالات الشعراء" صہ: 47

پنهنجي پيءُ جي وفات کان پوءِ تصنيف ڪيو آهي. جو ڪتاب ۾ ذب ذبابات مان حوالي وٺڻ محل "قال والدي المرحوم" جا لفظ ڪتب آندا اٿس. القسطاس المستقيم ۾ مصنف موصوف هيٺين ڪتابن جو رد لکيو آهي:

1_ قرة العين في البڪاء علي الحسين 2_ رسالہ في تاويل حديث: لانورث ما ترڪناه صدقة. 3_ مواهب سيد البشر 4_ الحجة الجلية في رد من قطع بالا فضلية 5_ رسالہ حاڪم باسلام ابي طالب 6_ رسالہ في تائيد القول بالتناسخ (هيءُ رسالو موصوف ڏٺو ناهي. تنهن باوجود تناسخ بابت مڪتوبات جي روشنيءَ ۾ پنهنجا خيالات پيش ڪيا اٿس. 7_ ايقاظ الوسنان. هن جو ضمني طور چند جملن ۾ رد ڪيل آهي. 8_ دراسات اللبيب.

هنن ستن رسالن جو رد. ڪتاب جي دستياب ڪل 511 صفحن مان 51 صفحن تائين ختم ڪيو اٿس. باقي پوري ڪتاب جا 460 صفحا موصوف دراسات اللبيب جي رد ۾ لکيا آهن.

باب چوٿون:

# مخدوم محمد معينؒ
# شاه ولي الله محدث دهلوي جا تعلقات

## سوانح حيات شاه ولي لله دهلوي:

سندن نالو مبارڪ قطب الدين ولي الله احمد بن عبدالرحيم بن شيخ وجيه الدين شهيد بن منصور بن احمد عمري دهلوي آهي. شاه صاحب پنهنجي نالي ۽ پيدائش جي حوالي سان تفهيمات الاهيہ ۾ هڪ راويت آندي آهي تہ منهنجو پيءُ باطني ۽ ظاهري فضيلتن جو جامع ۽ عارف ولي هو. اتفاق سان هڪ دفعي شيخ قطب الدين بختيار ڪاڪي جي مزار جي زيارت ڪري رهيو هو. جو شيخ بختيار ڪاڪيءَ ساڻس ڳالهايو. ڪيس پٽ ڄمڻ جي خوشخبري ڏنائين ۽ حڪم ڏنائين تہ ان جو نالو قطب الدين سندن نالي پٺيان رکي. شاه صاحب جن لکن ٿا تہ جڏهن آءُ ڄائس تہ الله منهنجي والد کان قطب الدين نالو رکڻ وسارائي ڇڏيو ۽ منهنجو نالو ولي الله رکيو ويو. [1] انفاس العارفين ۾ شاه صاحب ساڳيو هيءُ قصو نقل ڪيو آهي، تہ ان ۾ خواجہ بختيار ڪاڪيءَ طرفان سندن تجويز ڪيل نالو "قطب الدين احمد" ڄاڻايو اٿس. انفاس العارفين ۾ آندل روايت ۾ اهو بہ واڌارو آهي: تہ خواجہ صاحب جي بشارت تي والد صاحب فرمايو: تہ منهنجي گهر واري عمر جي اهڙي حصي ڪي پهتي هئي، جنهن ۾ اولاد جو پيدا ٿيڻ ناممڪن هو. مون سوچيو تہ شايد ان مان مراد پٽ جو فرزند يعني پوٽو هجي تنهن تي فرمايائون، بلڪ اهو فرزند خود تنهنجي صلب مان ٿيندو. ڪجهہ عرصي کان پوءِ ٻي شاديءَ جو خيال ٿيو ۽ ان مان ڪاتب الحروف ولي الله پيدا ٿيو" [2] ان مان ثابت ٿيو تہ شاه ولي الله، شاه عبدالرحيم جو ٻيءَ گهرواريءَ مان پٽ آهي. سندس ولادت وقت شاه عبدالرحيم صاحب جي عمر سٺ سال هئي.

شاه ولي الله صاحب اربعا جي ڏينهن سج اڀرئي مهل چوٿين شوال سن 1116ه عالمگير جي ڏينهن ۾ پيدا ٿيو. سندن ولادت کان چار سال پوءِ عالمگير وفات ڪئي، شاه صاحب، شاه عالم ثاني نابينا مڪحول

1 دهلوي، شاه ولي الله: "تفهيمات الاهيہ" تفهيم: 180، صفحہ: 185_186، جلد _ 2، مطبوعہ: شاه ولي الله اڪيڊمي، 1970ع

2 دهلوي، شاه ولي الله: "الفاس العارفين" صفحہ: 110، اسلامڪ بوڪ فائونڊيشن لاهور 1978ع

جي دور ۾ وفات ڪئي. ان طرح ڪين ڏهن مغل بادشاهن ڏسڻ جو اتفاق ٿيو. (1) شاه صاحب جو تاريخ وار نالو "عظيم الدين" قرار ڏنو ويو. پر ان جو عدد 1115 بيهي ٿو.

شاهه صاحب جو پيءُ شاه عبدالرحيم وڏو عالم فاضل محدث مفسر ۽ اهل دل بزرگ هو شاه صاحب جملي علوم ڪانئس ئي پڙهيو ۽ تڪميل حاصل ڪيائين. پاڻ لکن ٿا:

"ضعيف ٻانهو ولي الله عفي عنه الله ڪيس سلف صالحين سان ملائي، پنهنجي پيءُ شيخ اجل عبدالرحيم رضي الله عنه جي صحبت ۾ وڏو عرصو رهيو. ڪانئس ظاهري علم پڙهيو ۽ طريقت جا آداب پڻ سکيو. سنڌس ڪرامتون ڏٺائين، مشڪلات جي باري ۾ معلومات ورتائين ۽ طريقت جا ڪوڙ فائدا ڪانئس ٻڌائين."

شاه صاحب پنجن سالن جي عمر ۾ پڙهڻ ويٺو. ستن سالن ۾ قرآن شريف ختم ڪيائين. ان ئي سال سنڌس والد ماجد ڪيس نماز ۾ بيهاريو ۽ رمضان جي روزن جو حڪم ڪيو. جملي فارسي ڪتاب ۽ مختصرات عربي پڙهي. ڏهن سالن جي عمر ۾ شرح جامي شروع ڪيائين. چوڏهن سالن جي عمر ۾ شادي ڪيائين ۽ پندرهن سالن جي عمر ۾ والد وٽان عملي فراغت حاصل ڪيائين ۽ خرقه صوفيه ۽ سلسله نقشبنديه ۾ بيعت جو شرف حاصل ڪيائين ۽ ان ئي سال ڪيس والد صاحب درس تدريس جو مجاز قرار ڏنو. سنڌن والد ماجد ان سلسلي ۾ هڪ تقريب ڪوٺائي خاص عام مسلمانن کي دؤتي کاڌو کارايائين. [2]

شاه صاحب پندرهن سالن جي عمر ۾ جن علمن جي پنهنجي والد صاحب وٽ پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ تڪميل ڪئي، تن جي ترتيب هن طرح بيان ڪئي آهي: علم حديث ۾ ڪتاب البيع کان ڪتاب الآداب تائين جو حصو ڇڏي باقي مڪمل مشڪواة، صحيح بخاري ڪتاب الطهارت تائين. شمائل النبي ﷺ مڪمل (والد بزرگوار کان انهن ڪتابن جي قرائت ڪن هم سبقي ساٿين ڪئي) تفسير ۾ بيضاوي ۽ مدارڪ جا ڪجهه حصا. الله تبارڪ و تعاليٰ جا وڏا احسان مون تي آهن، تن مان هڪ احسان هيءُ آهي ته ڪجهه پيرا والد سڳوري کان مدرسي ۾ قرآن عظيم جون معنائون، شان نزول ۽ تفسيرن جي ڪتابن ڏانهن رجوع ڪندي ڪلام قدسيءَ ۾ تدبر حاصل ڪرڻ جو موقعو مليو. جيڪا ڳالهه مون لاءِ عظيم فتح هئي، ان تي الله تعاليٰ جا لک شڪر. فقه ۾ شرح وقايه ۽ هدايه جو اڪثر حصو اصول فقه ۾ حسامي ۽ توضيح تلويح جو ڪجهه حصو. منطق ۾ شرح شمسيه مڪمل ۽ شرح مطالع جو ڪجهه حصو. ڪلام ۾ شرح عقائد مڪمل ۽ خياليءَ ۽ شرح مواقف جو ڪجهه حصو. سلوڪ ۾ عوارف المعارف جو ڪجهه حصو ۽ رسائل نقشبنديه وغيره. حقائق ۾ شرح رباعيات مولانا جامي، لوائح مقدمه شرح لمعات ۽ نقد النصوص، خواص اسماء و آيات بابت والد بزرگوار جو خاص مجموعو جنهن جي پاڻ چند مرتبه مون کي اجازت ڏنائون. طب ۾ موجز القانون: حڪمت ۾ شرح هدايت الحڪمة وغيره نحو ۾ ڪافيه ۽ ان تي شرح ملا. معانيءَ ۾ مطول جو اڪثر حصو ۽ مختصر معانيءَ جو اهو حصو جنهن تي ملازاده جو حاشيو آهي ۽ هندسي ۽ حساب ۾ ڪجهه مختصر رسالا.

---

1 سنڌي، عبيدالله مولانا: "ماهنامه الرحيم" اردو، جون 1963ع. شاه ولي الله اڪيڊمي صدر حيدرآباد

2 منشي، رحمان علي: "تذڪره علماء هند: "مطبع نولڪشور دهلي" ٻيو ڇاپو، 1914ع صفحه: 250_ 251 ۽ دهلوي شاه ولي الله الجزء اللطيف في ترجمه العبد الضعيف. صفحه: 403، طبع اسلامڪ بوڪ فائونڊيشن لاهور 1978ع

## ذهني ۽ فڪري اوسر:

شاه ولي الله صاحب پندرهن سالن تائين پنهنجي پيءُ وٽ پڙهي پڙهائڻ جو شغل اختيار ڪيو. ان دوران سندن ذهني، فڪري ۽ روحاني پرواز ۾ ڏيهون ڏينهن بلندي ايندي وئي. پندرهن سالن تائين پڙهڻ واريءَ عمر ۾ جيئن پنهنجي والد وٽان علم ۽ عرفان جون رمزون پروڙيندو رهيو تيئن هاڻي پڙهائڻ واري عرصي ۾ به ساڳيءَ طرح ڪائنس پروڙيندو رهيو جيستوڻيڪ شاه ولي الله صاحب جڏهن سترهن سالن جو ٿيو ته سندس والد بزرگوار وفات ڪري ويو. پر شاه صاحب فرمائن ٿا ته ڪائنس پوءِ به فيض حاصل ڪرڻ جو سلسلو جاري رهيو موصوف لکي ٿو:

"والد بزرگوار جي وفات کان پوءِ تقريبن ٻارهن ورهين تائين آءُ ديني ۽ عقلي ڪتابن جي تدريس ۾ مشغول رهيس ۽ هر علم ۾ خاصو درڪ حاصل ڪيم. جڏهن آءُ والد بزرگوار جي مزار تي مراقبو ڪندو هيس ته توحيد جا مسئلا حل ٿيندا هئا، جذب جا رستا کلي پوندا هئا. سلوڪ جو وڏو حصو ميسر ٿيندو هو. وجداني علمن جو ذهن ۾ هجوم لڳي ويندو هو." (1)

## سفر حرمين:

شاه ولي الله صاحب جڏهن 29 سالن جي عمر جو ٿيو تڏهن کين سفر حرمين جو سوداء اچي لڳو ۽ پاڻ سفر لاءِ پنهنجي دوستن ۽ معتقدن سان گڏ نڪري پيا. پاڻ هيءُ سفر حرم شريف ڏانهن ويندي سنڌ جي رستي کان ويندي ڪيو اٿن: جڏهن ته واپس سورت بندر کان ٿيا آهن. هيءُ سفر ئي شاه ولي الله صاحب ۽ مخدوم محمد معين جي پاڻ ۾ تعلقات جو سبب بڻيو ۽ مخدوم محمد معين شاه ولي الله صاحب کان سند اجازت حاصل ڪئي. جنهن جو تفصيل پهرئين باب ۾ ٿي چڪو آهي. مخدوم محمد معين سان شاه صاحب جي ملاقات سندس 29 سالن جي عمر ۾ ٿي. جڏهن پاڻ صرف پنهنجي والد بزرگوار جي نسبت تحت تڪميل ڪي پهتو. شاه صاحب جڏهن حرمين شريفين جي زيارت سان مشرف ٿيو ۽ شيخ ابو طاهر کان خرقو حاصل ڪيائين. جيڪو سيني سلسلن جي خرقن جو جامع هو ۽ حضرت سيد البشر عليه افضل الصلواة واتم التحيات جي روضي اقدس کي پنهنجي توجه جو مرڪز بنائي فيض حاصل ڪيائين (2) تنهن کان پوءِ ته کين جيڪو عرفان جو مقام حاصل ٿيو سا ڳالهه ئي ٻي هو. اهو ئي سبب هو جو آخري عمر تائين مخدوم محمد معين ساڻن خط و ڪتابت جاري رکي ۽ ڪوڙ معرڪت الآرا عملي مباحثن بابت ڪائنس رهنمائي وٺندو رهيو. هن باب ۾ پنهنجي جاء تي مخدوم محمد معين ۽ شاه ولي الله جي تعلقات جو تجزيو ڪيو ويندو. هتي صرف اهو ذڪر ڪرڻو آهي ته شاه صاحب سنڌ جي رستي حرمين شريفين جي زيارت لاءِ روانو ٿيو ۽ 1143هه جي آخر ۾ حج جي سعادت سان مشرف ٿيو.

---

1 دهلوي، شاه ولي الله: انفاس العارفين ۾ بطور ضميمه شامل رسالہ: الجزء اللطيف في ترجمة العبد الضعيف صفحه: 404، ڇپائيندڙ اسلامڪ بوڪ فائونڊيشن لاهور، 1978ع

2 دهلوي، شاه ولي الله: ۾ بطور ضميمه شامل رساله: الجزء اللطيف في ترجمة عبدالضعيف" صفحه: 405، اسلامڪ بوڪ فائونڊيشن لاهور 1978ع

## حرم جي عالمن کان حديث جي تحصيل:

شاه صاحب حرمين شريفين ۾ پورا ٻه سال رهيو علماء حرمين سان صحبتون ۽ رهاڻيون ڪيائين ۽ حرمين جي هينين عالمن کان حديث جو اڪتساب ڪيائين.

## شيخ ابو طاهر محمد بن ابراهيم ڪردي مدني:

موصوف پنهنجي والد کان خرقہ خلافت حاصل ڪيو هو. جنهن انيڪ بزرگن کان خرقہ ۽ اجازت حاصل ڪئي هئي. انهن مان هڪ شيخ محمد بن سليمان مغربي هو. موصوف عربي ڪتابن جي وقت جي سيبويہ سيد احمد ادريس مغربيءَ کان حاصل ڪئي هئي. فقه شافعي جي تعليم شيخ طولوني مصريءَ کان، معقولات جي تعليم روم جي مشهور متبحر عالم منجم پاشيءَ کان ۽ علم حديث پنهنجي والد بزرگوار کان حاصل ڪيائين. شيخ حسن عجمي کان استفادو ڪيائين شيخ احمد نخلي جي صحبت ۾ پهتو شيخ عبدالله بصري کان شمائل النبي ۽ مسند امام احمد ٻڌائين. شاه ولي الله صاحب کانئس مديني منوره ۾ شرف تلمذ حاصل ڪيو. صحيح بخاري مڪمل پڙهيائين ۽ ٻڌائين ۽ ڪجهہ صحيح مسلم، جامع ترمذي، سنن ابو داؤد، سنن ابن ماجہ، مؤطا امام مالڪ، مسند امام احمد، رسالہ شافعي ۽ جامعہ ڪبير پڙهيائين. مسند دارمي کانئس ٻڌائين، جيڪا سڄي جا سڄي منڍ کان آخر تائين ڏهن مجلسن ۾ مسجد نبويءَ ۾ محراب عثماني وٽ ٻڌائين، ڪجهہ آداب مفرد امام بخاري ۽ ڪجهہ شفاء قاضي عياض بہ ٻڌائين ۽ انهن جي اجازت حاصل ڪيائين. هيءَ 1144ھ جو واقعو آهي (1)

## شيخ وفد لله مالڪي المڪي:

هن پنهنجي پيءُ محقق حافظ محمد بن محمد بن سليمان المغربي المڪي المالڪي کان حديث جي تحصيل ڪئي. انفاس العارفين ۾ شاه صاحب محمد بن محمد بن سليمان مغربيءَ جي تذڪري ۾ لکيو آهي تہ "هن فقير (شاه ولي الله) شيخ مذڪور جي صاحبزادي محمد وفد الله کان سندس والد بزرگوار جي سيني مرويات جي قرائت، سماعت ۽ اجازت حاصل ڪئي هئي. ان کان علاوه مون مڪمل مؤطا يحيٰ بن يحيٰ جي روايت سان پڻ شيخ وفد الله جي آڏو پڙهي. ان موطا شيخ حسن عجمي ۽ ٻين مشائخن وٽ پڙهي هئي.

## شيخ تاج الدين قلعي مڪي:

هيءَ قاضي عبدالمحسن جو فرزند ۽ مڪي مڪرمہ جو مفتي هو. حديث جي ڪوڙ سارن مشائخن کان اجازت حاصل ڪيائين. اجا ننڍڙو ئي هو تہ سندس والد بزرگوار سندس لاءِ شيخ عيسيٰ مغربي کان اجازت حاصل ڪئي. شيخ محمد بن سليمان مغربيءَ کان پڻ اجازت حاصل ٿيس. علم حديث جو اڪثر حصو عبدالله بن سالم بصريءَ جي خدمت ۾ مڪمل ڪيائين، شيخ صالح زنجانيءَ جي صحبت ۾ رهي فقه ۾ کانئس استفادو ڪيائين. شيخ احمد نخليءَ کان بہ روايت جي اجازت حاصل ڪيائين. شيخ احمد

---

1 قاسمي، غلام مصطفيٰ، علامہ: "مقدمہ تفهيمات الاهيہ" مطبوعہ شاه ولي الله اڪيڊمي سال 1970ع / 1390ھ

قطان جي صحبت ۾ پڻ سالن جا سال رهي درس جو طريقو سکيو. شيخ احمد قطان جي وفات کان پوءِ مشائخن جي اسرار تي سندس مسند تي ويهي بخاريءَ جو درس شروع ڪيائين. شيخ ابراهيم ڪرديءَ کان پڻ مڙني علمن جي اجازت حاصل ڪيائين ۽ حديث مسلسل بالاوليت به ان کان ئي حاصل ڪيائين"[1] شاه صاحب لکن ٿا ته "ڪاتب الحروف (شاه ولي الله) شيخ تاج الدين جي درس ۾، جڏهن اهو بخاري جي درس ۾ مشغول هو لڳاتار به ٽي ڏينهن حاضر ٿيو. ان دوران ڪانئس صحاح سته ۽ موطا امام مالڪ جو ڪجهه حصو، مسند دارمي، امام محمد جو ڪتاب الآثار ۽ موطا سماعت ڪيو. حضرت شيخ انهن مڙني ڪتابن جي سيني اهل مجلس کي اجازت عطا فرمائي. جن ۾ هيءُ فقير (شاه ولي الله) به شامل هو ۽ حديث مسلسل[2] جي سلسلي ۾ هيءُ منهنجي پهرين حديث هئي جيڪا مون زيارت نبوي ﷺ تان واپسيءَ کان پوءِ شيخ ابراهيم کان سماعت ڪئي.[3]

## شيخ اسعد بن عبدلله بن شمس الدين عناقي:

مولانا عبيدالله سنڌي التمهيد لتعريف ائمة التجديد ۾ شاه ولي الله جي استادن ۾ شيخ اسعد بن عبدالله بن شمس الدين العناقي المڪي الحنفي کي به شامل ڪيو آهي. جنهن لاءِ لکيو اٿس ته اهو پنهنجي پيءُ کان ۽ ڏاڏي کان ۽ اهو علامه علي قاري هروي اڪبر آبادي مڪي حنفيءَ کان روايت ڪري ٿو.

## شيخ عبدالغني بن اسماعيل نابلسي:

مولانا سنڌي لکي ٿو ته آءٌ چوان ٿو ته امام ولي الله دهلوي، شيخ عبدالغني بن اسماعيل نابلسي حنفي (وفات 1176ھ) جي عام اجازت ۾ به داخل آهي[4]

## شيخ محمد افضل دهلوي:

مولانا عبيدالله سنڌي شاه ولي الله صاحب جي پنهنجي والد کان علوم ظاهره ۽ آداب طريقت جي ڪمالن جي حصول جي تذڪري کان پوءِ لکيو آهي ته "(شاه صاحب) جي ڪمال ۾ شيخ محمد افضل دهلويءَ کان اخذ ڪرڻ جي نتيجي ۾ تهائين اضافو ٿيو. شيخ محمد افضل دهلوي بن جليل القدر استادن کان روايت ڪئي آهي. هڪ شيخ عبدالاحد بن امام محمد سعيد سهرندي کان ۽ ٻيو شيخ حجة الله بن الامام محمد معصوم سهرنديءَ کان. شيخ محمد افضل حديث شيخ عبدالله بن سالم البصريءَ مڪيءَ کان راويت ڪئي آهي.[1]

---

1 دهلوي، شاه ولي الله، انفاس العارفين،صفحه: 401، اسلامڪ بڪ فائونڊيشن لاهور 1978ع

2 ايضا، صفحه 402

3 حديث مسلسل اهڙي حديث کي چئبو آهي: "جنهن جا راوي هڪ بئي پنيان حال، وصف يا سند جي لحاظ کان مسلسل هڪ ئي حالت تي رهن." نصرپوري، محمد اڪرم: "امعان النظر شرح نخبة الفڪر: مطبوعه شاه ولي الله اڪيڊمي.

4 سنڌي، عبيدالله، مولانا "التمهيد لتعريف ائمة التجديد" صفحه: 112_ 115، سنڌي ادبي بورڊ 1976ع

1 سنڌي، عبيدالله، مولانا: "التمهيد لتعريف ائمه التجديد" صفحه: 113، طبع سنڌي ادبي بروڊ 1976ع.

شاه ولي الله صاحب جي زماني ۾ هندستان ۾ حديث جو علم گهٽ پڙهايو ويندو هو. مشڪوات شريف ئي هندستان ۾ علم حديث جو ڪل سرمايو هو [1] پر شاه ولي الله صاحب مشڪواة سان گڏ صحيح بخاري ڪتاب الطهارت تائين پنهنجي والد سڳوري وٽ پڙهيو. هندستان ۾ علم حديث ۾ گهٽ تدريس باوجود شاه ولي الله هندستاني طرز تدريس ۽ علم حديث ۾ گهري نظر رکڻ جي حيثيت ۾ قابل صد افتخار ثابت ٿيو جو جڏهن پنهنجي استاد شيخ ابو طاهر محمد بن ابراهيم ڪردي مدنيءَ وٽ پڙهڻ وينو ته سندس استاد کي چوڻو پيو ته: ”هن هندستاني شاگرد مون کان الفاظن جي سند ورتي آهي، پر مون کانئس معانيءَ جي سند ورتي آهي. [2] مخدوم محمد معين ان دور ۾ علم حديث جو حال هن طرح بيان ڪيو آهي: سنڌ ۽ هند ۾ حديث جا ڪتاب دستياب ئي ڪونهن. شاگرد ڇا جيڪي حديث جي تدريس ۽ شيخيت جي دعوا ڪن ٿا، سي به مشڪواة المصابيح جي ڪنهن حصي يا سڄي مشڪواة جا مالڪ ٿين ٿا ته پاڻ کي حديث جو اڳواڻ ٿا سمجهڻ لڳن.

## شاه ولي لله صاحب جون شاديون ۽ اولاد:

شاه ولي الله صاحب جي والد نهايت جلد بازيءَ ۾ ننڍيءَ عمر ۾، جڏهن شاه صاحب اجا چوڏهن سالن جو مس ٿيو هو ته سندس شادي ڪرائي ڇڏي. شاه صاحب جن لکن ٿا ته:

منهنجي ساهرن شاديءَ جي سامان وغيره جي مهيا نه هئڻ جو عُذر به ڪيو، پر والد بزرگوار ڏانهنِ لکي موڪليو ته ان جلديءَ ۾ به ڪو راز آهي ۽ اهو راز مون تي ان وقت کليو جڏهن منهنجي شاديءَ کان پوءِ منهنجي سَس، منهنجي گهر واريءَ جو نانو شيخ ابو الرضا محمد قدس سره جو خلف رشيد شيخ فخر عالم منهنجي وڏي پاءُ شِخ صلاح الدين جي والده [3] ۽ والد بزرگوار، جيڪو ضعيف هئڻ سبب قسمين قسمين بيمارين ۾ مبتلا هو هڪ ٻئي پٺيان الله کي پيارا ٿي ويا. مطلب ته ان طرح خاندان جا ڪوڙ سارا فرد هن فاني جهان مان لڏي ويا ۽ هر خاص ۽ عام کي معلوم ٿي ويو ته جيڪڏهن ان وقت منهنجي شادي نه ٿئي ها ته پوءِ ورهين تائين ان جو امڪان ڪونه هو. [4]

شاه ولي الله صاحب جي هيءَ پهرين گهر واري هئي، جيڪا شاه ولي الله صاحب جي ايڪيهن سالن تائين رفيقہ حيات رهي. اسهال جي بيماريءَ ۾ مبتلا ٿي، رباني راه وٺي هلي وئي. اهو احوال شاه ولي الله صاحب پنهنجي دوست مخدوم معين ڏانهن هڪ خط ۾ هن طرح لکيو آهي:

”هڪ عجيب اتفاق اهو آهي ته اوهان جي خط اچڻ کان چند ڏينهن پهريائين هن فقير جي اهليہ، جيڪا ايڪيهن سالن کان رفيقہ حيات هئي اسهال جي مرض ۾ مبتلا ٿي، هن دنيا مان انتقال ڪري وئي.

---

1 ٺٽوي محمد معين مخدوم: دراسات اللبيب في الاسوة الحسنہ بالحبيب“ صہ: سنڌي ادبي بورڊ 1957ع

2 لکنوي، عبدالحي بن فخرالدين الحسني، نزهة الخواطر. جلد ڇهون طيب اڪيڊمي ملتان سال 1413هہ / 1992ع، صفحہ: 416

3 شاه ولي الله صاحب جي پيءُ شاه عبدالرحيم جون ٻہ گهرواريون هيون. شاه صاحب پوئين گهرواريءَ مان هو. شيخ صلاح الدين شايد شاه عبدالرحيم جي پهرين گهرواريءَ جو فرزند هو. جنهن کي پاڻ پنهنجو وڏو ڀاءُ سڏي والده جي ڏانهن نسبت ڪن ٿا.

4 دهلوي شاه ولي الله: ”انفاس العارفين ۾ بطور ضميمہ شامل رسالہ: الجزء اللطيف في ترجمة عبدالضعيف“ صفحہ: 404 مطبوعہ اسلامڪ بوڪ فائونڊيشن لاهور 1978ع

ان تي ٻار چڙهيا آهن. جن مان هڪ ڇهن سالن جي نياڻي، ٻيو ٽن سالن جو پٽ ۽ ٽيون ڇهن مهينن جي نياڻي آهي. انهن جو سنڀاليندڙ ٻيو ڪير ڪونهي. ان سببان منهنجي دل ۾ هڪ لڳا تشويس اچي لاحق ٿي آهي. جنهن ڪري ٻي شاديءَ جي ڪشف حال جي سلسلي ۾ مڪمل توجه حاصل نہ ٿي سگهيو آهي. انشاء الله چند ڏينهن کان پوءِ جيڪو بہ واضح ٿيو لکي موڪلبو البتہ اجمالي طور تي اها ڳالهہ ٿي ڏسجي تہ عقد ثانيءَ ۾ انجام جي لحاظ کان ڀلائي آهي." [1]

بهرحال شاه ولي الله نيٺ ٻي شادي بہ ڪئي. جو پاڻ اجا 35 سالن جي عمر جا مس هئا. ڪين اجا گهٽو ڪجهہ ڪرٽو هوءِ سندن ٻار بہ اجا ننڍڙا ۽ توجه جا گهرجائو هئا. جنهن ڪري پاڻ ٻي شادي لاءِ تيار ٿيا.

## شاه ولي لله صاحب جي وفات:

تقريبن پوري اڌ صدي علوم، معارف، فيوضات ۽ برڪات جا واهڙ وهائيندي 29 محرم 1176ھ / 1762ع ۾ هيءُ الله جو پيارو پنهنجي مالڪ سان وڃي مليو. سندن تاريخ وفات ڪنهن اهل علم هن طرح ڪڍي آهي.

او بود امام اعظم دين
1176ھ
هائي دل روزگار رفت
1176ھ(2)

## شاه ولي لله صاحب ۽ مخدوم محمد معين جا تعلقات:

شاه ولي الله ۽ مخدوم محمد معين جا تعلقات شاه صاحب جي سفر حرمين جي دوران سنڌ مان لانگاهو ٿيڻ وقت کان قائم ٿيا. ان کان پوءِ انهن جو سلسلو مخدوم محمد معين جي وفات 1161ھ تي پڄاڻيءَ تي پهتو. ٻنهي بزرگن جي تعلقات جو بنياد علم، عرفان ۽ روحاني محبت جو رشتو هو. ان تعلق جي پهرين صورت اها هئي تہ مخدوم محمد معين شاه ولي الله صاحب کان حديث جي سند حاصل ڪئي. ان کان پوءِ ٻنهي بزرگن جي روحاني رشتي جون ڳنڍيون جيترو مضبوط ٿيون، تنهن جو اندازو شاه ولي الله صاحب جي انهن خطن مان ٿئي ٿو جيڪي پاڻ مخدوم معين ڏانهن لکيا اٿن. خوشقسمتيءَ سان شاه ولي الله جا مخدوم معين ڏانهن لکيل خط محفوظ ڪيا ويا، جيڪي تفهيمات الاهيہ ۾ بہ عُدد ۽ انهن ٻن سميت تقريبن 9 خط شاه ولي الله صاحب جي خطن جي مجموعي ۾ شامل آهن. جيڪي مهراڻ جي جولاءِ سيپٽمبر ۽ آڪٽومبر ڊسمبر 2000ع جي شماري ۾ شايع ڪيا ويا آهن. هنن خطن ۾ ٻنهي بزرگن جي هڪ ٻئي سان روحاني محبت، ذاتي پريشانين ۽ معاملن ۾ هڪ ٻئي سان خيالن جي مٽا سٽا ۽ علمي پيچيدگين جي باري ۾ خيالن جي ڏي وٺ جو پتو پوي ٿو. اسان هتي انهن خطن جو ان حوالي سان جائزو وٺنداسين.

---

1 دهلوي، شاه ولي الله: "خط: شاه ولي الله جا مخدوم محمد معين ڏانهن" صفحہ: 20

2 دهلوي، شاه ولي الله: "مقدمہ انفاس العارفين" صفحہ: 4_5.

## روحاني محبت ۽ تعلق:

شاه ولي الله محدث دهلوي ۽ مخدوم محمد معين جي وچ ۾ نهايت گهري روحاني محبت قائم هئي. جنهن جو اندازو هن مان به ٿئي ٿو ته شاه ولي الله پنهنجي هڪ خط ۾ ساڻس ملاقات جي شوق جو اظهار ڪري ٿو. هڪ خط ۾ لکي ٿو: اوهان جو مڪتبوب گرامي جنهن مهر ۽ شفقت کي خوب جاڳايو[1] شايد ملاقات جي شوق جو مخدوم معين طرفان به اظهار ڪيو ويو جو شاه صاحب لکي ٿو: ته جتي روحاني محبت ۽ الفت مضبوط هجي، اتي قريب آهي ته ظاهري صحبت بيڪار ثابت ٿئي." (هڪ شعر لکن ٿا جنهن جو ترجمو آهي ته) "دوستيءَ لاءِ مصاحبت (گڏ رهڻ) جي ضرورت ناهي. (ڏسو) اجا تائين يمن جي هوا عربي نڪهت ۾ محو آهي" نه نه بيڪار ٿي نه بلڪ قريب آهي ته ظاهري صحبت رکنو وجهي، ڇاڪاڻ ته ظاهري صحبت ۾ بدن جي اونداهي شڪل هوائي روح ۾ مداخلت ڪندي آهي ۽ روحاني الفت جي تصرف ڏانهن گهٽ توجه ڪندي آهي. ڳالهه جو خلاصو اهو ته اهل عشق جو گروهه هڪ دل ۽ هڪ رخ رکندو آهي. انهيءَ گروهه کي قابو ڪرڻ نهايت آسان آهي. جيئن ئي ڪو درويش خالص محبت سان انهن ڏانهن متوجه ٿيندو آهي، ته هن حڪم مطابق ته "انا اشد منهم شوقا و امنية" (آءٌ تهائين وڌيڪ شوق رکندڙ ۽ آرزو مند آهيان.) اهو گروهه هر وقت پوريءَ طرح ان درويش جو ٿي ويندو. (شعر جو ترجمو) اسان مفلسيءَ جي دسترخوان تي هڪ پڳل ڪڪڙ رکندا آهيون. اسان جو جيڪو مهمان ٿيندو آهي. سو اسان جي دل پاڻ سان کنيو هليو ويندو آهي."[2]

شاه ولي الله دهلويءَ طرفان هيءَ محبت جي اظهار جو هڪ نهايت ئي اعليٰ نمونو آهي. جيڪو ٻن اهل دل بزرگن جي پاڻ ۾ محبت جو هڪ اڻ لڀ مثال آهي. هڪ هنڌ لکن ٿا:

"فقير ولي الله عفي عني سلام خلت التزام، شوق فراوان ۽ پاڻ مظهر علوم الاهي ۽ منبع فيوض لامتناهي سان ملاقات جي سخت اڄ ۽ تڙپ جي اظهار کان پوءِ لکي ٿو ته. اوهان جو خط پهتو. سو اوهان جي صحت ۽ عافيت جو اطلاع ڏيندڙ هو. تنهن ڪري ان خوش ۽ سرهو ڪيو."[3]

هڪ خط ۾ شاه ولي الله صاحب سندن خط لاءِ منتظر رهڻ، ۽ ڏانهن خط لکڻ ۾ دير جو سبب ٻڌائڻ سان گڏ نهايت دلپذير انداز ۾ مخدوم موصوف سان محبت جو اظهار ٿو ڪري. لکي ٿو:

"هن فقير طرفان هزارين دعائن ۽ طرحين سلامن ۽ مبارڪ بادن جي تحفن کان پوءِ عرض آهي ته خط وڏي انتظار کان پوءِ اچڻ فرمايو. جيتوٽيڪ هيءُ فقير اڪثر اوقات اوهان جي خير عافيت جو گهورو ۽ پر پُٺ دعاءِ خير ڪرڻ وارو رهندو آهي، پر ظاهري حيثيت سان قاصدن جي ڪميءَ جي وجه سان ۽ اوهان ڏانهن ڪنهن سفر ڪرڻ واري جي ارادي جي عدم اطلاع جي بنياد تي اخلاص نامن جي لکڻ کان قاصر ۽ ڪوتاه عمل آهي. اوهان جي جيڪا محبت دل ۾ قائم آهي، سا گهٽ وڌائيءَ جي عيب کان پري آهي، ۽

---

1 دهلوي، شاه ولي الله: "خط شاه ولي الله جا مخدوم محمد معين ڏانهن" صفحو: 3

2 دهلوي، شاه ولي الله: "خط شاه ولي الله جا مخدوم محمد معين ڏانهن" صفحو: 5

3 حوالو ساڳيو صفحو: 13

محبت آڏو خط جو پهچڻ نہ پهچڻ برابر آهي. آءٌ اميد رکان ٿو تہ پاڻ سڀ احباب محض الله تعاليٰ جي فضل ۽ مهربانيءَ سان، جيڪا بنا ڪنهن سبب جي ٿيندي آهي: حظيرة القدس ۾ "مليڪ مقتدر" وٽ پنهنجي آرزوئن جي مطابق پهچي مطمئن ۽ آسوده دل ٿيندا سين ۽ هيءَ محبت ساڳيءَ طرح قائم رهندي. شعر جو ترجمو:

"ننڍا ننڍا تَڱر ڪم ڪرڻ واري جي ڪوشش سان ٽري سگهن ٿا، پر منهنجي محبت ٽري نہ ٿي سگهي."[1]

محبت جو اهڙو گهرو ڳانڍاپو رکندڙ دلي ۽ روحاني يارن وچ ۾ مخالفت ۽ اختلاف ڪا خراب ڳالهہ نہ هوندي آهي، پر هنن يارن جي محبت ۽ الفت جو عجيب جهان آهي، جو مخدوم محمد معين جي ڪنهن خط منجهان شاه ولي الله صاحب جن جڏنهن اهو محسوس ڪيو آهي، تہ شاه ولي الله طرفان ڪو خط ٺٽي پهچڻ جو افواه هليو آهي، جنهن ۾ شاه صاحب پاران وحدت وجود ۽ شهود جي مسئلي ۾ مخدوم معين جي مخالفت ڪئي وئي آهي، تہ پاڻ بناديرجي ان جي ترديد ڪئي اٿن ۽ لکيو اٿن: تہ فقير اهڙن معاملن ۾ ڪنهن جي بہ مخالفت نہ ڪندو آهي، تہ اوهان جهڙن فيض جي سرچشمن جي مخالفت ڪيئن ڪندو." شاه ولي الله صاحب لکن ٿا.

اوهان جو خط بطور اقتضا هن تي دلالت ڪري رهيو هو تہ ڪجهہ عرصو پهريائين فقير جي طرفان هڪ خط مسئلي وحدت وجود ۽ شهود جي بحث ۾ سنڌ پهتو اها ڳالهہ حيرت ۽ اچنبي جو باعث ٿي، چاڪاڻ تہ فقير (هاڻي تائين) نہ ان باري ۾ ڪجهہ لکيو آهي ۽ نہ اختلافي مسئلن کي ڪڏنهن هٿ لاتو آهي. چاهي اهي اصول ۾ هجن يا فروع ۾. بلڪ فقير علماء، فقهاء ۽ صوفياء مان مڙني شخصن سان، چاهي اهي دهلي شهر جا رهاڪو هجن يا ٻاهر جا هجن، ڪنهن بہ قسم جي ڪا ڪاوش (مخالفت ۽ عداوت) نہ رکندو آهي، تہ پوءِ اوهان فيض جي سرچشمي جي مخالفت ڪيئن ٿو ڪري سگهي. جڏنهن تہ آءٌ اوهان جي صفاءِ مشرب کي يقين سان ڄاڻان سڃاڻان ٿو."[2]

## هڪ ٻئي جي ذاتي معاملن بابت لکپڙهہ:

جن بزرگن جي محبت ۽ تعلق ايترو مخلص، سچو ۽ پيار پريو هجي، اهي ضرور پنهنجي نجن ۽ ذاتي مسئلن ۽ پريشانين ۾ پڻ هڪ ٻئي کي ياد ڪندا هوندا. شاه ولي الله صاحب جي خطن مان اهڙيون شاهديون بہ ملن ٿيون تہ ٻئي بزرگ پنهنجي ذاتي مسئلن ۾ هڪ ٻئي سان حال احوال اوريندا رهندا هئا. ذاتي معاملن جا سڀ ڪان وڌيڪ نجا ۽ پرائيويٽ معاملا گهريلو ٿيندا آهن. هيءُ بزرگ هڪ ٻئي سان پنهنجي گهر جا حال احوال بہ ڪندا هئا. شاه ولي الله صاحب جي هڪ خط مان معلوم ٿئي ٿو تہ مخدوم معين ڏانهس پنهنجي گهرواريءَ جي مري وڃڻ ۽ نئين چاول ٻار جي فوت ٿي وڃڻ جو اطلاع پڻ لکي موڪليو عجيب اتفاق آهي تہ هيڏانهن مخدوم موصوف جي گهرواريءَ جي فوتگي ٿي آهي، هوڏانهن شاه ولي الله جي گهر

---

1 دهلوي، شاه ولي الله: خط شاه ولي الله جا مخدوم محمد معين ڏانهن. صفحہ: 17_ 18

2 دهلوي، شاه ولي الله: خط شاه ولي الله جا مخدوم محمد معين ڏانهن. صفحہ: 13

واري بہ فوت ٿي آهي. شاه صاحب مخدوم موصوف سان سندس گهرواريءَ جي فوتگيءَ جو عذر ڪرڻ سان گڏ پنهنجي گهرواريءَ جي فوتگيءَ ۽ ٻي گهرواريءَ رکڻ لاءِ بہ لکي ڇڏيو آهي. شاه ولي الله لکي ٿو:

”اوهان کي ٻار ڄمڻ ۽ ان کان پوءِ ان ٻار ۽ سندس والده جي انتقال ڪري وڃڻ جي خبر جو تمام گهڻو صدمو ٿيو. حضرت منعم حقيقي جل شانہ ان نقصان جو پوريءَ طرح پورائو ڪرڻ فرمائي.....عجيب اتفاق آهي تہ اوهان جي مبارڪ خط اچڻ کان چند ڏينهن پهريائين هن فقير جي اهليہ جيڪا ايڪيهن سالن کان رفيقہ حيات هئي. اسهال جي مرض ۾ مبتلا ٿي هن دنيا مان انتقال ڪري وئي. ان ٽي ٻار ڇڏيا آهن. جن مان هڪ ڇهن سالن جي نياڻي. ٻيو ٽن سالن جو ٻار ۽ ٽيون ڇهن مهينن جي هڪ نياڻي ۽ انهن ٻارن کي سنڀالڻ وارو ڪوبہ ڪونهي. دل ۾ هڪ دم تشويش لاحق ٿي وئي. ان ڪري ٻي شاديءَ جي ڪشف حال جي سلسلي ۾ مڪمل توجہ حاصل نہ ٿي سگهيو. انشاء الله ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ جيڪو ڪجهہ واضح ٿيندو سو لکيو ويندو. پر اجمالي طور اها ڳالهہ نظر اچي رهي آهي تہ ٻي شاديءَ ۾ انجام جي لحاظ کان ڀلائي آهي.“[1]

مخدوم معين ڪنهن خط ۾ شاه صاحب کي پنهنجي بواسير جي بيماريءَ. جاگير جي ضبطيءَ. قرة العين (جا شايد سندن ڌيءَ هوندي) جي بيمار ٿي پوڻ ۽ پاڻ ۾ ڪنهن جهڳڙي جو اطلاع ڏنو آهي جنهن تي شاه ولي الله صاحب لکن ٿا:

”بواسير جي بيماريءَ جي غلبي. جاگير جي ضبط ٿي وڃڻ. قرت العين جي بيماريءَ ۽ پاڻ ۾ تنازع جي اطلاع عجيب قسم جي تفصيلات ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. والي الله المشتڪي وهو المستعان.“[2]

شاه ولي الله صاحب کي دهليءَ ۾ رهندڙ سنڌ جي ڪن ماڻهن کان معلوم ٿيو تہ مخدوم معين کي ڪن ماڻهن چغل خوريءَ ذريعي ايذايو ۽ ڏکايو آهي ۽ اهڙن حالات تي مشتمل هڪ خط بہ مخدوم معين ڏانهس لکيو. تنهن بابت ڏانهس جوابي خط ۾ لکي ٿو:

اوهان جي باري ۾ ڪن سنڌ جي ماڻهن. جيڪي هتي (دهليءَ) ۾ مقيم آهن. کان دشمنن جي چغل خوريءَ ۽ ايذائڻ جي خبر ٻڌي. (تنهن بعد) اوهان جي خط. جيڪو انهن حالات تي مشتمل هو کي پڙهي انتهائي درجي جو ڏک ۽ صدمو پهتو.... الله جو قسم ٿو کڻان ۽ ٻيهر ٿو کڻان تہ جيڪڏنهن سلف صالح. جن جي دامن سان هيءَ فقير وابستہ آهي. سان عهد ۽ پيمان نہ هجي ها. ۽ هيءَ فقير نہ ٿو چاهي تہ ان عهد جي مخالفت ڪري. تہ دل ٻي اختيار چاهي ٿي تہ ان غلط ڪاروبار ڪرڻ وارن (چغل خورن) جي گهرن تي وڃي. جيڪو پڄي سگهي. انهن جي خلاف ڪجي. بهرحال اميد هيءَ آهي تہ حضرت منتقم حقيقي اوهان پيارن کي. جيڪي پنهنجو ڪو مٽ نہ ٿا رکن. لاڳيتو تشويش ۽ پريشانيءَ ۾ نہ ڇڏيندو.“ [1]

شاه ولي الله صاحب جا هيءُ الفاظ نہ رڳو ذاتي معاملن ۾ هڪ ٻئي جي تعلقات جي نشاندهي ڪن ٿا پر هڪ ٻئي جي تڪليف تي انتهائي غم. غصي ۽ همدرديءَ جو ڏس بہ ڏين ٿا. ٻئي بزرگ هڪ ٻئي جي

1 دهلوي. شاه ولي الله: ”خط شاه ولي الله جا مخدوم محمد معين ڏانهن. صفحہ: 20

2 حوالو ساڳيو صفحہ: 18

1 دهلوي. ولي الله شاه: ”خط شاه ولي الله جا مخدوم محمد معين ڏانهن: صفحہ: 19_ 20

حال احوال کان واقف ٿيڻ لاءِ هڪ ٻئي کي لکندا رهندا هئا ۽ هڪ ٻئي لاءِ همدردي ۽ دعا، تسليءَ ۽ دل جهلڻ جي تلقين بہ ڪندا رهندا هئا. شاه ولي الله صاحب جا هيءَ لفظ بہ ان سلسلي ۾ دلچسپيءَ کان خالي نہ ٿيندا. لکن ٿا:

"اوهان جو مڪتوب گرامي، جيڪو هن عاجز جا حالات معلوم ڪرڻ لاءِ صادر ٿيو سو پهتو ۽ اُن هن عاجز جي دل کي وڏيون وڏيون راحتون عطا ڪيون. جزاڪم الله تعاليٰ خيرالجزاء ۽ زماني جي انقلابن جا اهي بحث، تہ مصلحت ڪليءَ ڪائنات جي فاسد افرادن تي جن جي مهر لڳائي آهي، مطالعو ڪيا ويا. ان سان گڏ آيت "فان مع العسر يسرا" پڙهڻ گهرجي. انشاء الله تعاليٰ ڪنهن مناسب وقت ۾ اوهان جي ظاهري ۽ باطني مقصدن لاءِ دعا ڪئي ويندي ۽ مقبوليت الله جي طرفان آهي."[1]

## علمي مسئلن ۽ خيالن جي ڏي وٺ:

جيتوڻيڪ مخدوم معين شاه ولي الله کان حديث جي سند ورتي، پر تنهن باوجود مخدوم معين جي علمي ڪمال ۽ پهچ تمام مٿاهين درجي جي هئي. ۽ ايڏي وڏي پهچ رکڻ باوجود موصوف ڪافي معاملن ۾ شاه ولي الله کان رهنمائي وٺندو رهيو آهي، ساڳئي وقت جتي شاه ولي الله لکي ٿو تہ: فقير جي مدت کان اها خواهش آهي تہ ڪا نصيحت ۽ خيرخواهيءَ جي سلسلي جي ڳالهہ پنهنجي سمجهہ مطابق اوهان (مخدوم معين) ڏانهن پهچائي، پر اوهان جي علم ۾ جامعيت ۽ تحقيق ۾ رسوخ تي جڏهن نظر ڪجي ٿي، تہ اها مانُ جو سبب ٿي وڃي ٿي."[2] اتي شاه صاحب کان مخدوم موصوف ڪيترن ئي علمي معاملن ۾ مشورا گهريا آهن، جن بابت شاه شاحب موصوف ڏانهن پنهنجي راءِ لکي بہ آهي تہ ڪٿي ڪسر نفسي بہ ڪئي اٿن ۽ مخدوم موصوف جي راءِ جي تقويت جي سند بہ ڏني اٿن. وڏي ڳالهہ اها بہ آهي تہ شاه صاحب جي راين ۽ مخدوم صاحب جي رسالن ۾ سندس ڪن موضوعن ۽ اختيار ڪيل راءِ مان اندازو اهو بہ ٿئي ٿو تہ موصوف شاه ولي الله جي مسلڪ جي ڪيترين ڳالهين ۾ پيروي بہ ڪئي آهي. مختلف مسئلن ۽ اشڪالن جي باري ۾ مخدوم معين شاه ولي الله کان پڇيو ۽ سوال ڪيا آهن. هتي اسان انهن جي تجزيو پيش ڪنداسين.

## شاه ولي لله جي ڪسر نفسي:

شاه صاحب مخدوم موصوف کي جوابن لکڻ وقت ڪٿي ڪٿي ڪسر نفسيءَ جو اظهار بہ ڪيو آهي. جيئن هڪ خط ۾ لکي ٿو. "آءٌ هڪ مسئلي ۾ منجهيو پيو آهيان ۽ مونکي حڪم ڪيو ويو آهي تہ مان ان باري ۾ بحث ڪريان."[1]

هڪ هنڌ لکن ٿا: مون کي ڊگهي گفتگو جي فرصت نہ ملي سگهي آهي، هيءَ بہ جيڪو لکيو ويو آهي، سو اوهان جي حڪم جي تعميل ۾ لکيو آهي، نہ تہ جيڪو اوهان لکيو آهي، اهو ئي ڪافي آهي."[2]

---

1 حوالو ساڳيو. صفحہ: 2

2 حوالو ساڳيو. صفحہ: 12

1 دهلوي، شاه ولي الله: "تفهيمات الاهيہ" ڀاڱو: پهريون تفهيم: 42، صفحہ: 50، شاه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد 1970ع

2 دهلوي، شاه ولي الله: خط شاه ولي الله جا مخدوم محمد معين ڏانهن" صفحہ: 10

هڪ هنڌ صفات جي باري ۾ صوفين جي مسلڪ جي تحقيق ذڪر ڪندي شاهه صاحب لکي ٿو:

”هن ڪلام جي تشريح اوهان کان لڪل ڪانهي. هن کان پوءِ جيڪا ڳالهه دل ۾ ايندي ان جي اوهان کي خبر ڏيندس“[1]

هيءُ لفظ جتي اهو ٻڌائن ٿا ته شاهه ولي الله دهلوي ڪافي معاملن ۾ ڪسر نفسيءَ کان ڪم ورتو آهي، اتي اهو به ٻڌائن ٿا ته مخدوم معين شاهه صاحب کان رڳو اهڙن مسئلن بابت دريافت نه ڪيو آهي جن جي باري ۾ پاڻ منڌل يا انهن بابت ڪنهن صحيح راءِ تي پهتل ناهي. بلڪ ڪافي ڳالهيون صرف راءِ معلوم ڪرڻ لاءِ به پڇيو ويون آهن. جيئن اهل علم هڪ ٻئي سان خيالن جي ڏي وٺ ڪندا آهن.

## رهنمائي وٺڻ جي سلسلي جون ڳالهيون:

پر ان باوجود ڪن مسئلن ۾ شاهه صاحب کان مخدوم محمد معين رهنمائي پڻ وٺندو رهيو آهي. جيئن ڪنهن موقعي تي مخدوم موصوف شاهه ولي الله کان ڪنهن مسئلي بابت جڏهن رهنمائي وٺڻ گهري آهي، ته شاهه صاحب ڪيس ٻين جي تشريحن ۾ دلچسپيءَ کان اهو بهتر ڄاڻايو آهي. ته ملت مصطفويه ڏانهن متوجه رهي. لکن ٿا:

”الله تعالي وٽ پسنديده عمل هيءُ آهي ته اوهان ملت مصطفويه ڏانهن متوجه رهو. اهو شرط ناهي ته ڪنهن خاص شخص جو شرح ۽ تفصيل هجي، جيڪو شخص ملت جي بيان جي پنيان لڳل آهي. اهو چڱيءَ طرح ڄاڻي ڇڏيو ته ملت مصطفوي حقيقي قبلو آهي. اوهان کان سواءِ ٻين ماڻهن جو شارحن جي شرحن ڏانهن توجه، ڪماحقہ ملت جي ادراڪ جي ڪميءَ ۽ ڪوتاهيءَ جي سببان آهي.“[2]

## مسئلہ تڪوين بابت شاهه صاحب کان سوال:

مخدوم معين هڪ رسالو ”جوهرة الثمين في اثبات قوم التڪوين“ هن ئي تڪوين جي مسئلي جي باري ۾ تصنيف ڪيو آهي، جنهن جو اردو ترجمو علامہ قاسمي صاحب جن ڪيو آهي. ان ۾ مخدوم موصوف لکيو آهي، جنهن جو حوالو علامہ قاسمي صاحب تفهيمات جي حاشيہ ۾ پڻ ڏنو آهي ته:[1]

هيءُ فقير مسڪين ڪئي سال هن (مسئلي) ۾ حيران ۽ سرگردان رهيو جنهن کان پوءِ الله سبحانه مٿس ان باري ۾ اهي (راز) کوليا، جيڪي مودت ۽ وفادارن، صفا جي فقير پائرن تي ڪڏهن ڪونه کليا.“[2]

مخدوم محمد معين هن مسئلي ۾ جڏهن حيران رهيو انهن ئي ڏينهن ۾، شايد موصوف شاهه ولي الله صاحب ڏانهن ڪنهن خط ۾ کانئس ان مسئلي بابت بحث ڪرڻ جي گهر ڪئي، هيءُ مسئلو ئي اهڙو اونهو ۽ ڳوڙهو آهي، جتي مخدوم معين ان بابت حيران ۽ پريشان رهيو اتي شاهه ولي الله صاحب به پنهنجي

---

1 حوالو ساڳيو صفحہ: 4

2 دهلوي، شاهه ولي الله: خط شاهه ولي الله جا مخدوم محمد معين ڏانهن“ صفحہ: 7

1 قاسمي، غلام مصطفي، علامہ: ”حاشيہ تفهيمات الاهيہ“ صفحہ: 50 مطبوعہ شاهه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد ڇاپو 1970ع

2 ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: ”جوهرة الثمين في اثبات قدم التڪوين“ صفحہ: 2 مجموعہ رسائل مخدوم معين ذاتي ڪتب خانو علامہ قاسمي صاحب.

جواب ۾ ان باري ۾ پنهنجي مونجهاري جو ذڪر ڪيو آهي. ان باري ۾ عذر ڪيو اٿس ۽ نيث اصل فرمائش چڏي صوفين جو مسلڪ بيان ڪرڻ لڳي ويو آهي. خط ۾ شاه ولي الله صاحب جا پنهنجا لفظ هن طرح آهن: آءٌ هڪ مسئلي ۾ پاڻ منڌل آهيان ۽ مون کي حڪم ڪيو ويو آهي ته آءٌ ان ۾ بحث ڪيان. ۽ اهو مسئلو تڪوين جو آهي فقير جو صفات جي مسئلي ۾ هڪ ڏگهو بحث آهي, جيڪو ڪتاب جي ڪيترن ئي پاڱن ۾ به ماپي نه سگهندو جنهن سان متڪلمن. فلسفين ۽ صوفين جي مذهب وچ ۾ جمع جو فائدو حاصل ٿيندو. جلد الله مٿس سندس تحرير ذريعي احسان فرمائيندو. البته اسان ان کي چڏي قوم (صوفين) جي مذهب جي تحقيق ڏانهن موٽون ٿا."[1]

شايد مخدوم معين لاءِ شاه ولي الله جي هنن دعائيه لفظن: ته جلد الله مٿس سندس تحرير ذريعي احسان فرمائيندو" جو ئي نتيجو هو جو تڪوين جي مسئلي تي مخدوم معين کي اهو شرح صدر حاصل ٿيو جيڪو ڪائنس اڳ سندس چوڻ مطابق ڪنهن کي به حاصل ڪونه ٿيو.

### مسئلہ "ادل الي الرحمة" بابت سوال:

مخدوم معين رحمة الله عليہ جن هن مسئلي بابت پڻ هڪ مختصر پر جامع رسالو تصنيف فرمايو آهي, جنهن جو نالو "دفع الاشكال والزحمت في ادل الكل والرحمت" آهي. ان ئي مسئلي جي باري ۾ مخدوم موصوف شاه ولي الله صاحب کان پنهنجي هڪ خط ۾ راءِ ورتي آهي, شاه ولي الله صاحب ان بابت جوابي خط ۾ لکي ٿو:

مسئلي "ادل الي الرحمت" (رحمت ڏانهن وڌيڪ دلالت ڪندڙ مسئلي) جي باري ۾ پڇيو ويو آهي: مخدوما! هن عاجز جو پسنديده مسلڪ هيءُ آهي ته نفس انسانيءَ جي ذات کان اهو روح هوائي, جيڪو اونداهي هيئت جو حامل آهي, سو پاسو ڪندو ۽ مادي مثاليه سان جزي ويندو آهي. اتي يعني مادي مثاليه ۾ مڙني نفسن جي هڪ ئي زندگي هوندي آهي. ائين ناهي ته هر نفس لاءِ الڳ حياتي هجي. پوءِ جڏهن اهو وقت ويجهو ايندو جو دوري جا ڏينهن ختم ٿي ويندا ته سڀ ارواح انسان الاهيءَ ۾ غائب ٿي ويندا. ۽ انسان الاهي رحمت ۾ مضمحل ۽ پوشيده ٿي ويندو. نسمي هوائيه کان اعراض وقت "ادل الي الرحمت" ثابت ٿي ويندو آهي.

ان کان پوءِ ارحم الراحمين (الله تعاليٰ) سڀني کان آخر ۾ دوزخ جي باه مان هڪ اهڙي قوم کي ڪيندو جنهن جي ماڻهن ڪڏهن به خير جو ڪم نه ڪيو هوندو ۽ اهي سڙي ڪوئلو ٿي ويا هوندا. الله تعاليٰ انهن کي حيات جي کوه ۾ لاهيندو جنهن کان پوءِ اهي موتيءَ وانگر ٿي ويندا, پوءِ الله تعاليٰ انهن کي جنت ۾ داخل ڪندو. ابد جي معني اها طويل مدت آهي, جنهن جي بشر جي علم ۾ ڪا به حد ناهي. بشر جي علم مان مراد نسمه جا علم آهن."[1]

مخدوم معين جو لکيل هن موضوع جو رسالو پڙهڻ سان معلوم ٿيندو ته شاه ولي الله جا مسئلي ادل الي الرحمت بابت خيال ۽ ان باري ۾ مخدوم موصوف جا خيال هڪ ٻئي سان هم آهنگ آهن.

---

1 دهلوي, شاه ولي الله: "تفهيمات الاهيه" ڀاڱو: ٻهريون, تفهيم: 42, صفحه: 50_51, شاه ولي الله اڪيڊمي صدر حيدرآباد, سن 1970ع

1 دهلوي, شاه ولي الله: "خط شاه ولي الله جا مخدوم محمد معين ڏانهن" صفحه: 6_7

## وحدت الوجود بابت راءِ معلوم ڪرڻ جو سوال:

مخدوم محمد معين شاهه صاحب کان وحدت الوجود بابت پنهنجو پسنديده مسلڪ لکڻ بابت به هڪ خط ۾ سوال ڪيو آهي. جنهن جي جواب ۾ شاهه صاحب لکن ٿا:

اوهان پنهنجي خط ۾ اشارو ڪيو هو ته آءٌ مسئلي وحدت الوجود جي باري ۾ پنهنجو پسنديده قول لکان. هيءُ مسئلو تمام ڏگهو آهي. ان جي تصوير ۽ تحرير هڪ وڏو وقت ۽ فرصت گهري ٿي. جيڪڏهن حضرت باري جل مجده جي مدد شامل حال ٿي ته ممڪن آهي ته هن مضمون کي احاطه تحرير ۾ آندو وڃي. (في الحال) ايترو لکڻ ضروري آهي ته فقير مڙني (اصولي) مسئلن ۾ عقيدي جي لحاظ کان اشعري آهي. ۽ مون انهن مسئلن جي، جن تي منهنجي عقيدن جو دارومدار آهي، صوفي بزرگن جي قرارداد مطابق ڪشف ۽ برهان جي طريقي تي تصحيح ڪئي آهي. پر شيخ اڪبر ۽ شيخ ڪبير (الله تعاليٰ انهن ٻنهي جي درجن کي اعليٰ عليين ۾ بلند ڪري) جي مڪاشفات جو معتقد آهيان. ۽ ٻنهي کي اشعرين جي مخالف نه ٿو ڄاڻان. ۽ فقير فروع ۾ امام ابو حنيفه ۽ امام شافعي تي اعتماد رکي ٿو."[1]

شاهه صاحب جا هيءُ خيال آهن. جيڪي وحدت الوجود بابت سنڌس مسلڪ جي طور مخدوم معين معلوم ڪيا آهن. اسان ڏسون ٿا ته مخدوم معين پنهنجي رسالن ۾ جتي وحدت الوجود جي ثبوت تي ڪليل تحقيقات ۽ استدلالات پيش ڪري ٿو اتي موصوف شاهه ولي الله جي، مٿي سنڌس خط ۾ ظاهر ڪيل مسلڪ مطابق. شيخ اڪبر محي الدين ابن عربي جي مسلڪ کي اشعرين جي مسلڪ جي موافق ۽ مجدد الف ثانيءَ جي مسلڪ کي اشعرين جي مسلڪ جي موافق ۽ مجدد الف ثانيءَ جي مسلڪ سان غير متعارض ثابت ڪرڻ جي پڻ ڪوشش ڪري ٿو. جيئن اهو مخدوم موصوف جي رسالي بوادرالجود في تحرير وحدت الوجود ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

## ابداع، خلق، تدبير ۽ تدلي جي هڪ خط جي جواب ۾ سمجهاڻي:

شاهه صاحب جو هڪ خط آهي، جنهن جي شروعات ۾ ئي شاهه صاحب ڄاڻايو آهي ته: هڪ اشڪال بابت مخدوم معين جي سوال جي جواب ۾" جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته هن خط ۾ مخدوم معين شاهه صاحب کان صرف راءِ معلوم نه ڪئي آهي، بلڪ هڪ مونجهاري حل ڪرڻ بابت سوال ڪيو آهي. جنهن جو جواب شاهه ولي الله صاحب هن طرح ڏنو آهي:

"هن فقير وٽ طئي ٿيل آهي ته پهرين شيءِ جيڪا اول الاوائل مان ابداع جي طريقي تي صادر ٿي، سا نفس ڪليه آهي. ۽ نفس ڪليه ۾ به صفتون موجود آهن. حيثيت فعليه، جنهن جي سببان عرش ظاهر ٿيو. ۽ حيثيت قوت، جنهن جي سببان ٻاڻي، جيڪو افلاڪ ۽ عناصر جي هيولا آهي، سو ظاهر ٿيو. ۽ عرش جي ٻاڻيءَ ۾ هئڻ جي صورت ۾ افلاڪ ۽ عناصر جون صورتون ظاهر ٿيون. نفس ڪليه اول الاوائل سان اهڙي نسبت ٿو رکي جو جيڪڏهن ان کي اسم سڏين ته به جائز آهي، پر جي صفت نالو ڏينس ته به نيڪ ۽ جي

---

1 دهلوي، ولي الله شاهه: "خط شاهه ولي الله جا مخدوم محمد معين ڏانهن. صفحه: 14

مبدع پڙهن تہ بہ پري جي ڳالهہ ناهي. بهرحال متڪلم پنهنجي لفظن ۾ ان کي صفت علم ۽ قدرت ۽ امام مبين چوندا آهن. تنهن ڪري الله وارن: انبيائن ۽ اوليائن جو ذوق اهو آهي تہ حضرت مبدع ۽ ان جون صفتون غير قديم ناهن. حضرت مبدع واجب بالذات آهي ۽ قديم بالذات آهي. ۽ سنڌس صفتون واجب بالغير ۽ قديم بالغير آهن. ۽ زماني جي حقيقت فقط حرڪت دوريہ جي مقدار برابر آهي، بلڪ جيڪا بہ حرڪت هجي اهائي آهي. يا ڪيفيت تقديم زمان جي ٿيندي، پر جي نظر ان کان بہ گهري هجي تہ معلوم ٿيندو تہ مقوم زمان صرف حرڪت بالفعل ناهي بلڪ حرڪت بالقوت بہ مقوم زمان آهي. ۽ حرڪت صرف مقولہ اعراض ناهي بلڪ جيڪڏهن ڪا حرڪت جواهر ۽ بين ۾ هجي تہ اها بہ زماني جي ڪنهن نوع جي تقويم ڪري سگهي ٿي.

انهن مقدمات مان ظاهر ٿيو تہ نفس ڪليہ فقط بعد موهوم جي انتزاع ۾، جنهن جو مفهوم شيء جو مطلق طور قوت کان فعل ڏانهن نڪرڻ آهي، ٿي سگهي ٿو. تنهن ڪري جيڪو نفس ڪليہ کان پوءِ آهي، سو امتداد موهوم کان مسبوق آهي. ۽ اهوئي آهي جنهن کي متڪلم زماني ۾ مراد وٺندا آهن. ان طرح تحقيق برهان، وجدان ۽ مڙني اهل ملت جو اجماع هن تي قائم ٿي ويو تہ زماني جي اعتبار کان الله ۽ سنڌس صفتن کان سواءِ جيڪا بہ شيء آهي، سا حادث آهي. الاهي ڪمالات جيتوڻيڪ عدد ۾ محصور نہ ٿيون ٿي سگهن، پر اهي چئن مرتبن ۾ محصور آهن. ان طرح مون کي منهنجي رب تبارڪ و تعاليٰ سمجهايو آهي: ابداع، خلق تدبير ۽ تدلي. جيڪي اسماء ۽ صفات ابداع ڏانهن موٽن ٿا، تن مڙني جو خارج ۾ مصداق نفس ڪليہ آهي ۽ جيڪي اسماء ۽ صفات حق ڏانهن موٽن ٿيون. تن مڙني جو مصداق نفس ڪليہ جو ان حيثيت ۾ هئڻ آهي تہ اهو الله تعاليٰ کان فيضن پنيان فيض حاصل ڪندو ٿو رهي ۽ اهو سڀ سنڌس اصل ذات ۾ داخل آهي. ۽ جيڪي اسماء ۽ صفات تدبير ۽ تدليءَ ڏانهن موٽن ٿا، تن ۾ تجدد ۽ ابتدا آهي. ۽ سفلاني امورن جو ان ۾ ڪنهن نہ ڪنهن وجہ سان تاثير آهي. ۽ اهو وجہ مصلحت ڪليہ جي حفاظت ۽ مڙني حالات ۾ حالتن مطابق هلڻ آهي. جڏهن امور سفلانيہ موجود ٿيندا آهن تہ مصلحت ڪليہ عالم جي ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ هئڻ جي تقاضا ڪندي آهي. پوءِ ان صورت ۾ صدور مصلحت ڪليہ جي حفاظت جي وجود جي ڪري واجب ٿيندو آهي. تنهن ڪري ابداع ۽ خلق، حق جي دوام سان دائم آهن. البتہ خلق ۽ تدبير جون نسبتون تبديل ٿينديون رهنديون آهن. جنهن سببان بعض امور ۾ رزق چيو ويندو آهي. بعض ۾ نصر (مدد) ۽ بعض ۾ ذلت (مدد نہ ملڻ) جمع ضدين بہ قسم آهي. حقيقي ۽ مجازي. حقيقي (ٻن ضدن جو جمع ٿيڻ) امڪان کان ٻاهر آهي. البتہ مجازي ثابت آهي. مجازي بہ قسم ٿيندو آهي هڪ اهو تہ زمين، جيڪا آدم عليہ السلام جي بچيل مٽيءَ مان پيدا ٿي، سا هن مثال ۽ خيال جي زماني ۾ بہ ظاهر ٿئي ۽ اها زمين خيال افلاڪ ۽ ملاء اعليٰ جي آڪيري جي مثل آهي. فلاسفرن وٽ ان کي "حابرسا" ۽ جابلقا"[1] سان تعبير ڪيو ويو آهي. ڏسو شرح اشارات.

تنهن ڪري هن زمين ۾ ممتنعات موجود ٿيندا آهن. نقيض بہ ظاهر ٿيندا آهن. هن جڳہ تي اشڪال جو حل هنن لفظن سان ٿئي ٿو تہ: محال جو فرض ڪرڻ محال ناهي." ٻيو اهو تہ ڪي سگهاريون قوتون

1 يعني عالم مثال جي ٻن شهرن سان انهن کي تعبير ڪيو ٿو وڃي.

اهڙي همت واريون ٿينديون آهن. جيڪي شيءِ جي وجود جي تقاضا ڪنديون آهن. ۽ ڪي قوتون اهڙي همت واريون ٿينديون آهن. جيڪي شيءِ جي عدم جي تقاضا ڪنديون آهن. ۽ ملاءِ سافل ۾ ٻنهي پاسن جي لاءِ صدق ذهني ثابت ٿيندو آهي. هن طرح تہ انهن جو اصل ثبوت ملاءِ اعليٰ ۾ حالت راهنہ ۾ ثابت ٿيندو آهي." [1]

شاہ ولي الله صاحب طرفان مٿئين ڪيل بحث سان هم آهنگ ڪوڙ مباحث مخدوم معين پنهنجي مختلف رسالن ۾ بحث هيٺ آندا آهن. خاص طور پنهنجي رسالي "جوهرة الثمين في اثبات قدم التڪوين" ۾ تڪوين جي قديم هئڻ جي بحثن ۾ اهڙا بحث آندل آهن.

## تقليد ۽ حديث تي عمل بابت راءِ:

شاہ ولي الله صاحب هڪ خط ۾ جيتوڻيڪ ضمني طور پنهنجي هن مسئلي بابت راءِ ڏني آهي. پر ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ مخدوم معين هن مسئلي ۾ جيڪا شدت رکندو هو، سا سندس ڪتاب دراسات اللبيب ۾ بنہ چٽي ۽ واضح آهي تنهن ڪري ضرور هن مسئلي بابت بہ مخدوم معين پنهنجي راءِ لکي هوندي يا راءِ گهري هوندي يا ڪا اهڙي صورت پيدا ٿي هوندي جنهن جي مد نظر شاہ صاحب ضمني طور ايترو اشارو ڪرڻ ضروري سمجهيو جيڪو شاہ صاحب پنهنجي هنن لفظن ۾ ڪيو آهي:

"فقير فروع ۾ امام ابو حنيفہ ۽ امام شافعيءَ تي اعتماد رکي ٿو. ملتن جي جزئين جو نقل ملتن جي امامن کان ٻن طريقن سان سمجهيو ويو آهي. هڪ صاحب ملت جي لفظن جو بعينہ نقل، جنهن (ڪم) جو محدثن جهنڊو کنيو آهي. ٻيو صاحب ملت جي معنائن جو نقل، پنهنجي عبارتن ۽ پنهنجي اسنباطن سان، جيئن فقيهن اهو ذمو کنيو آهي. هيءَ ٻئي طريقا پاڻ ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪندڙ آهن. جيڪڏهن ڪنهن مسئلي ۾ انهن ٻنهي مذهبن اتفاق ڪيو هجي يا اختلاف ڪيو هجي. تہ جيڪا بہ ڳالهہ صحيح حديثن جي وڌيڪ موافق هجي، ان کي اختيار ڪرڻ گهرجي." [1]

## روحاني ڪيفيتن بابت خيالن جي ڏي وٺ:

مخدوم معين هڪ خط ۾ شايد اهڙو ڪو مواد تحرير ڪيو آهي، جنهن مان شاہ ولي الله صاحب مخدوم موصوف جي ڪن ڪيفيتن کي محسوس ڪيو آهي. مخدوم موصوف ضرور اهو ان لاءِ لکيو هوندو تہ ان بابت پڻ شاہ ولي الله کان تسلي وٺڻ مقصود هجي. بهرحال شاہ ولي الله صاحب لکن ٿا:

"اوهان جي گرامي نامي جي مضمون مان فوق الفوق جي نہ ملي سگهڻ کي مدنظر رکي خاتمي جي خوف، عاجزي ۽ شڪستگيءَ جي غلبي ۽ احوال جي رنگ برنگي کان وحشت ۽ گهبراهٽ ۾ اچڻ مفهوم ۽ معلوم ٿيو. هيءَ سڀ ڳالهيون گواهہ عادل آهن. اوهان جي سچي حال ۽ انجام جي سلامتي تي. انشاء الله

---

1 دهلوي، شاہ ولي الله: "تفهيمات الاهيہ" صفحہ: 145_ 149. (پهريون، حصو) شاہ ولي الله اڪيڊمي صدر حيدرآباد. سال 1970ع ۽ "خط شاہ ولي الله جا مخدوم محمد معين ڏانهن" صفحہ: 8_9_10

1 دهلوي، وليؒ الله شاہ: "خط شاہ ولي الله جا مخدوم محمد معين ڏانهن" صفحہ: 14_ 15

تعاليٰ ڇاڪاڻ ته بي شڪ اسلاف سڳورا ان ئي حال تي هئا ۽ ان ئي طرح شيخ طريقت امام حقيقت خواجه بهاءُ الدين نقشبندي رحمت الله عليه ان عبارت ۾ اشارو ڪيو آهي. جيڪا ڪائنس خواجه محمد پارسا رسالي قدسيه ۾ بيان ڪئي آهي.“[1]

## ابن تيميه بابت سوال:

مخدوم معين ڪن ڳالهين سببان امام ابن تيميه تي سخت تنقيد ڪندو هو. ۽ ان بابت سخت راءِ رکندو هو. ان بابت به موصوف شاه ولي الله صاحب کان راءِ معلوم ڪئي ۽ ان باري ۾ ڪنهن خط ۾ ڏانهس لکيائين. شاه صاحب جواب ۾ ابن تيميه بابت هن طرح پنهنجي راءِ لکي:

”ان بابت جيڪو منهنجو اعتقاد آهي، چاهيان ٿو ته هڙئي مسلمان ان بابت اهو اعتقاد رکن. ڪتاب، سنت ۽ فقه جو علمبردار هو نبي ﷺ جن جنهن ”تعديل“ بابت فرمايو آهي: ته هيءُ علم هر پويون عدل وارو کڻندو هيءُ ان مطابق عدول (عدل وارو) هو جيتوڻيڪ ان بابت ڪن ماڻهن اهڙيون ڳالهيون به ڪيون آهن، جن کان هيءُ معتقد (شاه ولي الله) خوش ناهي. جڏهن ان جو قول اصل دين ۾، يا فقهي بحثن يا وجداني حقيقتن جي باري ۾ هجي. ان ئي اصول جي بنياد تي اسان شيخ اجل محي الدين بن علي بن العربي ۽ شيخ مجدد احمد بن عبدالاحد سرهندي بابت اعتقاد رکون ٿا. جيڪي بئي الله جي ٻانهن جا نمايان ۽ روشن اڳواڻ آهن. تيئن ابن تيميه پڻ آهي.

اسان سندس حال جي تحقيق ڪئي آهي، ته اهو الله جي ڪتاب جي لغوي ۽ شرعي معنائن جو عالم ۽ سنت رسول الله ﷺ ۽ آثار سلف جو محافظ آهي. ۽ انهن جي شرعي ۽ لغوي معنائن جو عارف، نحو ۽ لغت جو استاد، حنبلي مذهب جي اصول ۽ فروع جو ليکڪ، وڏي ذهانت ۽ ذڪاوت وارو ٻولي ۽ بلاغت جو ماهر آهي. ڪائنس بدعت ۽ فسق صادر نه ٿيو آهي. سواءِ انهن معاملن جي، جن جي ڪري سندس (مخدوم موصوف جي دل) سوڙهي ٿي آهي. جڏهن ته انهن معاملن ۾ ڪوبه اهڙو ڪونهي جنهن بابت وٽس قرآن، سنت ۽ آثار سلف مان ڪو دليل نه هجي. ۽ انهن معاملن ۾ علماء جو اختلاف صحابه جي پاڻ ۾ اختلاف وانگر ٿيندو آهي. جن جي باري ۾ واجب اهو آهي ته زبان مان چڱو لفظ ڪيڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه ڪڇجي.“[1]

هيءُ خط تمام وڏو آهي جنهن ۾ اڳتي شاه ولي الله صاحب هڪ هڪ ڪري اهي ڳالهيون لکيون آهن، جن مٿان مخدوم موصوف ۽ ٻين کي اعتراض هئا. ۽ انهن بابت ابن تيميه جي دليلن جو ذڪر ۽ ابن تيميه مٿان ان بابت بدگمانيءَ جي پهلوءَ کي شاه صاحب صاف ڪندو ويو آهي.

---

1 دهلوي، شاه ولي الله: ”خط شاه ولي الله جا مخدوم محمد معين ڏانهن“ صفحه: 11_12

1 دهلوي، شاه ولي الله: ”تفهيمات الاهيه“ حصو: پهريون، صفحو: 158

باب پنجون:

# شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ مخدوم معين جي سنگت

## سوانح حيات شاهه عبداللطيف:

امير تيمور لنگ جڏهن مختلف ملڪ فتح ڪيا، تن ڏينهن ۾ تمام وڏي فوج وٽي هو هرات اچي لٿو. سندس فوج جو تعداد ٻه لک ٻاهٺ هزار ٽي سئو ٻارهن هو. سيد مير علي نالي هڪ شخص، جيڪو هرات جو سيد هو. تنهن فوج جي تعداد جي مطابق ٻه لک ٻاهٺ هزار ٽي سئو ٻارهن روپيه مهمانيءَ جي طور تي پيش ڪيا. بادشاهه سيد مير علي ۽ سندس فرزندن جي شرافت، مرتبي ۽ ذهانت کي ڏسي انهن مان هر هڪ کي وڏن مرتبن تي فائز ڪري ڇڏيو. سيد ميرعلي جي فرزندن مان سيد عبدالباقي اجمير، سيد عبدالواحد ملتان، سيد عبدالرزاق بکر، سيد ابوبڪر سيوستان ۾ امير مقرر ٿيا. جڏهن ته سيد شرف الدين قبيلي ۾ سڪونت اختيار ڪئي ۽ سيد حيدر پيءُ جي رفاقت ۾ بادشاهه جي هم عنان ٿي هندستان پهتو (801هه (1)) پهتو. ان کان پوءِ سيد حيدرشاهه بادشاهه ۽ پيءُ کان اجازت وٺي ملڪ سنڌ جي سير تي نڪري پيو. هلندي هلندي اچي هالا ڪندي پهتو. شاهه محمد نالي اتي جي هڪ بزرگ، جيڪو هالا قوم (برادريءَ) جو شخص هو. کيس پنهنجي گهر ۾ رهائش ڏني. چون ٿا ته تن ڏينهن ۾ ان قوم (برادري) جا ماڻهو پنج سئو روپيه جرماني ۾ حاڪم ميران محمد جي گرفت کان پريشان هئا. سيد حيدرشاهه غريبن تي رحم ڪري جرماني جي رقم پنهنجي طرفان حاڪم کي ادا ڪئي ۽ قوم کي مصيبت مان آجو ڪيائين. اهو سلوڪ ڏسي ان قوم جا ماڻهو سيد حيدرشاهه جي احسان جا وڏا ٿورائتا ٿي پيا ۽ هاڻي ته کيس پوڄڻ لڳا. کيس درخواست ڪيائون ته سندن سردار شاهه محمد بن دريا خان جي ڌيءَ، جنهن جو نالو تاج المخدرات بي بي فاطمه هو سا پنهنجي نڪاح ۾ قبول ڪري. جيئن ته سيد حيدر جي والده ماجده جو نالو به اهو ئي هو جنهن ڪري ان جو نالو تبديل ڪري بي بي سلطانه رکيو ويو هڪ سال پنج مهينا هالا ڪنديءَ ۾ خوشحاليءَ سان گذاريائين. جو کيس پنهنجي والد بزرگوار جي فوت ٿيڻ جي خبر ملي ۽ هرات وڃڻ لاءِ سنبري پيو. جيئن ته سندس حرم محترم حمل سان ٿي چڪي هئي. جنهن ڪري لازمي طور بي بي صاحبه کي بتوڪل علي الله هالا ڪنديءَ ۾ ڇڏي. هڪ مندي تڪ سان گڏ. هڪ خنجر مرصع ۽ هڪ هراتي

---

1 وفائي دين محمد مولانا: "جزءِ اللطيف" صفحه: 2، سال: 1329هه

ٻانهي اهليه شريفه جي خدمت لاءِ ڇڏي ويا ۽ ان اهو حڪم ڏني ته جيڪڏهن ڌي ڄمي ته ان جو نالو بي بي فاطمه رکجو. جيڪڏهن پٽ ڄمي ته ان جو نالي سندس ناني جي نالي تي سيد مير علي رکجو. پاڻ هرات جو راهي ٿيو. ٽي سال ۽ ستاويه ڏينهن گذرڻ کان پوءِ سيد حيدرشاه هرات ۾ ساه ڌڻيءَ حوالي ڪيو.

هيءَ ٻار جڏهن جوان ٿيو هرات ويو پيءَ جي ملڪيت مان پنهنجي ٻن ڀائرن سيد محمد ۽ سيد حسن جيڪي هرات ۾ سيد حيدر جي ٻهرين گهرواريءَ مان هئا, کان حصو ورتائين. ان کان پوءِ پنهنجي چاچي سيد شرف الدين سان گڏ سنڌ موٽيو. سيد ميرعلي کي ٻه پٽ ٿيا هڪ سيد شرف الدين, جيڪو هالا قوم جو ڏهتو ۽ ٻيو سيد احمد ترڪ قوم جو ڏوهٽو. سيد شرف الدين, جڏهن گهر ٻار وارو ٿيو ته جدا گهر ناهيائين. جنهن جو اولاد هاڻي متعلوي "شرف پوٽا" سڏجي ٿو. جڏهن ته سيد احمد جڏهن شادي ڪئي ته پنهنجي پيءُ سان گڏ رهڻ لڳو جنهن ڪري سندس اولاد پنهنجي ڏاڏي جي نالي سان مشهور آهي. انهن کي متعلوي "ميرڻ پوٽا" سڏجي ٿو. جڏهن ته سيد احمد جڏهن شادي ڪئي ته پنهنجي پيءُ سان گڏ رهڻ لڳو جنهن ڪري سندس اولاد پنهنجي ڏاڏي جي نالي سان مشهور آهي. انهن کي متعلوي "ميرڻ پوٽه" چوندا آهن."[1]

سيد شرف الدين, جنهن جي نالي پنيان, شرف پوٽا پاڙو ٿيو تنهن جو هڪ پٽ هو سيد جراڙ (جلال) تنهن جي نُکَ مان وري جراڙيا جراڙ پوٽا پاڙي جي هڪ شاخ وجود ورتو"(2) هن پاڙي جي هڪ شخص لال محمد شاه عرف لَلِهي شاه جي گهر عبدالڪريم شاه ڄائو. جيڪو پنهنجي درويشي ۽ دينداري, فڪر ۽ فهم, تصوف ۽ توڪل جي ڪري مشهور ٿيو. سهروردي طريقي جو سالڪ هو. سندس مريد ۽ معتقد تمام گهڻين جاين تي موجود هئا. جن مان ڪي غالباً بلڙيءَ واريءَ جوءِ ۾ هئا. جن جي محبت ۽ عقيدت جي ڪري عبدالڪريم شاه پنهنجي تعليم ۽ شاديءَ بعد مٽياريءَ مان لڏي وڃي اتي ويٺو. جنهن ڪري ان ڳوٺ کي "سيد پور" ۽ "للاڻي لوءِ" سڏيو ويو. پر جيئن ته اهو بلڙيءَ واري جوءِ ۾ هو انهيءَ ڪري پوءِ اهو ماڳ خود انهيءَ جوءِ جي نالي سان "بلڙي" سڏجڻ لڳو. ميون شاه ڪريم گهر ٻار عيال سوڌو زندگي جي وڏي عرصي تائين اتي رهيو. ۽ وفات به سن 1023 ۾ اتي ئي ڪيائين. هن سيد عبدالڪريم بلڙيءَ واري کي اٺ پٽ ٿيا. جن مان ڇئن کي اولاد ٿيو. جيڪو وڏيو ويجهيو ۽ ڏاڏي جي نالي سان سندن پاڙو ڪريم پوٽا ٿيو. سندس ٽئين نمبر فرزند جلال شاه جو پٽ هو سيد عبدالقدوس جن مان شاه عبداللطيف جو والد شاه حبيب ٿيو.[3]

شاه عبدالقدوس کي ٻه فرزند ٿيا: حبيب الله شاه (شاه حبيب) ۽ عبدالرشيد شاه جن ٻنهي کي اولاد ٿيو. دينداري درويشيءَ جي ورچ حبيب الله شاه کي ملي. ميين شاه ڪريم بعد جملي ڪريم پوٽن ۾ شاه

---

1 سانگي, مير عبدالحسين: "لطائف لطيفي". صفحه: 21_22, انجمن مرڪز ثقافت شاه عبداللطيف ڀٽ شاه, حيدرآباد, 1967ع

2 بلوچ ڊاڪٽر نبي بخش خان "مقدمه شآه جو رسالو شاه جو ڪلام" جلد: ٻهريون. صفحه: 3. شآه عبداللطيف ثقافتي مرڪز ڪاميٽي ڀٽ شاه, 1989ع

3 بلوچ ڊاڪٽر نبي بخش خان "مقدمه شآه جو رسالو شاه جو ڪلام" جلد: ٻهريون. صفحه: 4_5, شآه عبداللطيف ثقافتي مرڪز ڪاميٽي ڀٽ شاه, 1989ع

حبيب ئي زهد ۽ عبادت، فقر ۽ فضيلت جو صاحب ٿيو. ڪريم پوٽن ۾ شاهه ڪريم ڪان پوءِ شاعر به صرف شاهه حبيب ئي ٿيو. شاهه حبيب کي مٽياري شهر جي مست درويش هاشم شاهه جيڪو پڻ جراڙ پوٽو هو يعني شاهه حبيب جو عزيز هو. تنهن دعا ڪئي ته توکي پٽ ٿيندو پر سندس نالو عبداللطيف رکجان". هڪ روايت مطابق درويش کيس چيو: حبيب مان لطيف جي بوءِ ٿي اچي." شاهه حبيب کي جڏهن پٽ ڄائو ته ان جو نالو عبداللطيف رکيائين. پر اهو گذاري ويو. وري ٻيو پٽ ڄائو ان جو به نالو عبداللطيف رکيائين، پر اهو به گذاري ويو. وري ٽيو پٽ ڄائس ته ان جو به نالو عبداللطيف رکيائين جيڪو پوءِ اڳتي هلي شاهه عبداللطيف ڀٽائي سڏجڻ ۾ آيو.[1]

شاهه عبداللطيف جي ولادت 1102ھ ۾ ڀئي پور ۾ ٿي. جيڪو ڪٽياڻ جي ڀرسان هڪ ڳوٺ آهي. شاهه صاحب جي ڄمڻ جي جاءِ تي مسجد تعمير ٿيل آهي. هاڻي تائين اها نصير واهه جي ڪناري تي آباد آهي.[2] پر ڊاڪٽر بلوچ گهڻي بحث مباحثي سان ثابت ڪيو آهي ته شاهه عبداللطيف "سئي قندر" واري مقام ڪان نمبر جي لاڙ تي اتر اوله طرف شاهه حبيب جي حويلي ۾ ڄائو هو. هيءَ هنڌ شهداد پور تعلقي ۾ آهي. شاهه صاحب جي ولادت جو سال سيد غلام محمد گدا هن قطعي ۾ ڏنو آهي.

گدا سال توليد سلطان "بٽ"

شنيدم زهاتف "عنايت شعار" 1102ھ

## مڪتبي تعليم:

شاهه عبداللطيف ٻن سڪي لڏن ڀائرن جي ٻوبان جاول هئڻ ڪري گهر وارن کي تمام گهڻو پيارو هو جنهن ڪري وڏي لاڏ ڪوڏ سان پليو نپنو. والدين نندڙي لطيف کي پاڻ کان پري ڪري فوري طور تي ڪنهن مڪتب ۾ ڪونه وهاريون البته سندس تربيت گهر ۾ ئي ٿيندي رهي جو نه فقط شاهه حبيب پاڻ علم ۽ نظر وارو هو پر لطيف جي والده به هڪ وڏيري فاقيري گهر مان هئي. البته جڏهن لطيف چڱو وڏو ٿيو ته شاهه حبيب کيس قرآن پڙهڻ لاءِ اهڙن استادن وٽ وهاريو جيڪي پاڻ وڏا نيڪ پرهيزگار هئا. انهن استادن مان ميون نورمحمد ڀٽي هڪ هو. جنهن پوءِ لطيف کي مڪتبي تعليم ڏني ميون نورمحمد گنبات ڪان اٺ ميل پري ڳوٺ "وانئين" جو وينل هو. شاهه حبيب جو محبتي ۽ معتقد هو شاهه لطيف تڏهن پٽ اچي وسائي ته پنهنجي استاد کي به سڏي پٽ تي اچي آباد ڪيائين ۽ سندس صحبت ۾ سکڻ ۽ پرائڻ جو سلسلو جاري رکيائين.[3]

شاهه صاحب جي پڙهڻ لکڻ جي باري ۾ مختلف رايا ۽ روايتون مشهور آهن. هڪ راءِ اها آهي ته الف کان پوءِ ٻيو اکر پڙهڻ لاءِ راضي نه ٿيو. ٻي راءِ اها آهي ته سندس ڪلام جنهن سطح جو آهي تنهن مان ان جو

---

1 بلوچ ڊاڪٽر نبي بخش: "مقدمو شاهه جو رسالو شاهه جو ڪلام" جلد: پهريون، صفحو: 8_9، شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز ڪاميٽي ڀٽ شاهه، 1989ع.

2 سانگي، مير عبدالحسين: "لطائف لطيفي" صفحو: 29.

3 بلوچ ڊاڪٽر نبي بخش: "مقدمو شاهه جو رسالو شاهه جو ڪلام" جلد: پهريون، صفحو: 25، شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز ڪاميٽي ڀٽ شاهه، 1989ع

اڻ پڙهيو هئڻ قبول نہ ٿو ڪري سگهجي. هڪ روايت اها بہ آهي تہ شاہ صاحب ڪهڙن جي مخدوم محمد ڏانهن ٺٽي تي اڳار سان هيءُ بيت لکي موڪليو

اڄ نہ ايندس آءٌ صبح ايندس سپرين.
توتي جنهن جو ناءُ سوڪٽي بار ڪهين جا

انهن سڀني ڳالهين کي مد نظر رکي مولانا دين محمد وفائي هيءُ راءِ قائم ڪئي آهي: شاہ صاحب ظاهري استاد وٽ ننڍائي ۾ ڪجهہ ٿورڙو پڙهي فقط اکر شناس ٿيو آهي. باقي لکي ڪجهہ بہ نہ ڄاڻندو هو. پوءِ پنهنجي تجربن ۽ علمي صحبتن ۽ سنگت ۽ صحبت يا الاهي تجلي واري ذات سان هن تي علمي بالوت ٿي آهي. جنهن ڪري انهيءَ زماني جي سرڪاري زبان فارسي ۾ پورو محاورو حاصل ڪيو اٿس ۽ صوفي سڳورن جا فارسيءَ ۾ ڪتاب سمجهڻ لڳو آهي. ۽ قرآن شريف جو هڪ نسخو جو هميشہ ساڻ هوندو هوس ان ۾ بہ هن صوفيانہ انداز ۾ ڪافي فڪر ۽ غور ڪيو آهي. جنهن ڪري پنهنجي ڪلام ۾ گهٽ مان گهٽ هڪ سئو کان وڌيڪ قرآن جون آيتون تلميح يا تضمين طور ڪم آنديون اٿس. اها سموري مٿس خدائي ذات هئي جنهن کي صوفي لدني علم چوندا آهن.

## روحاني تعليم:

ننڍ پڻ واري مڪتبي تعليم کان وڌيڪ شاہ صاحب ڪجهہ نہ پڙهيو. شايد ان ئي سبب ڪري علي شير قانع کيس "امي" لکيو. جڏهن تہ روحاني تعليم جو سلسلو ان کان پوءِ شاہ صاحب پنهنجي والد جي سائي هيٺ اهڙيءَ طرح شروع ڪيو جو بقول قانع جي "امي هئڻ باوجود الله تعاليٰ ان جي دل جي پني تي جملي علوم نقش ڪري ڇڏيا."[1] تنهن کان سواءِ شاہ صاحب پاڻ مرادو شاہ عبدالڪريم جي درگاهہ تي پيرا ڪري ذڪر ۽ سماع ۾ شريڪ ٿي شاہ ڪريم جي سلسلي کان واقفيت بہ حاصل ڪئي تہ ان سان گڏ ميين شاہ عنايت وٽ شاهپور ۾ بہ وڃڻ لڳو هو ۽ سنڌس صحبت مان بہ خوب پرايو هئائين[2] بيان العارفين ۽ مثنوي رومي بہ اهڙا ڪتاب هئا جن پڻ شاہ صاحب جي اندر جي صلاحيتن کي خوب جاڳايو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مطابق ڊاسوڙي جي عالم ۽ درويش محمد عارف جو فرزند محمد صلاح، جيڪو فارسيءَ جو ڄاڻو ۽ مثنويءَ جو پارکو هو. سو جڏهن شاہ عبداللطيف جو مريد ٿيو تہ غالبن شاہ صاحب کانئس مثنوي پڙهائڻ ۽ ٻڌڻ جو سلسلو شروع ڪيو. جيڪو پوءِ زندگي جي پوئين دور تائين جاري رهيو.[3] شاہ عبداللطيف پاڻ پروڙڻ ۽ پرجهڻ خاطر سنڌ جي انيڪ عالمن ۽ عارفن وٽ ويندو رهيو. مخدوم صابر ولهاريءَ وٽ بہ شاہ صاحب جو وڏي چاهہ سان وڃڻ ٿيندو هو. مولانا دين محمد وفائي لکيو آهي تہ هو اويسي عارف هو ان هوندي بہ هن جون صحبتون جدا جدا طريقن وارن درويشن سان رهيو آهن. جيئن تہ مخدوم محمد معين ٺٽوي نقشبندي سان ملاقاتون هيس. ساڳي ريت سرهروردي ۽ ڪبروي ۽ چشتي

---

1 قانع مير علي شير: "تحفة الڪرام صہ: 475

2 بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش: "مقدمہ شاہ جو رسالو شاهہ جو ڪلام" جلد: پهريون. صفحو: 25، شاہ عبداللطيف ثقافتي مرڪز ڪاميٽي ڀٽ شاهہ، 1989ع

3 حوالو ساڳيو. صفحہ: 26

مشائخن سان ملاقاتون ٿيس.[1] ان کان سواءِ شاھ صاحب جون جن سنڌ جي عالمن ۽ عارفن سان ملاقاتون مشھور ۽ معتبر روايتن مطابق ٿيون سي ھيءَ آھن:

آخوند حاجي متين الدين سانوٽي ھالن پراڻن جو. سيد شمير شاھ باقيل پوٽو متياروي. مخدوم عبدالباسط ھالائي. حافظ ميون اسحاق درس مشائخ پوٽو. ميون محمد مبين ٽرائي. مخدوم دين محمد صديقي سھروردي سيوستاني. ميون محمد صلاح بن ميون محمد عارف مخدوم عبدالله آگرو ڪنڊيارو مخدوم محمد صديقي قريشي ڪوٽڙي ڪبير. فقير محمد عارف. ميان صاحبڏنو فاروقي. سچل جو ڏاڏو. مخدوم محمدي. مخدوم عبدالرحمن شھيد جو فرزند کھڙن وارو. چنھيہ فقير اجڻ. سيد محمد بقا لڪياري روضي ڌڻي جو والد. پير موسن شاھ جيلاني "لوءِ مبارڪ" گھوٽڪي. مخدوم محمد ھاشم ٺٽوي. درويش ڏاتار ڏنو. مخدوم پاون شاھ. ملتان جي سھروردي غوثيہ درگاھ جو سجاده نشين. ميان محمد صادق نقشبندي ٺٽوي. خواجہ محمد زمان لواري وارو. مير سيد محمد عطا امير خاني ٺٽوي ۽ مخدوم محمد معين ٺٽوي.

## شاھ صاحب جو طريقت جو سلسلو:

شاھ صاحب جو والد شاھ حبيب ميين شاھ ڪريم کان پوءِ ڪريم پوٽن ۾ تصوف جي قادري طريقي جو وڏي فيض جو صاحب بنيو. شاھ عبداللطيف پڻ ڪانئن ئي قادري طريقي ۾ فيض ورتو ۽ سندس ھٿ تي دست بيعت ٿيو. قادري سلسلي جي سند شاھ صاحب کان وٺي پيران پير عبدالقادر جيلانيءَ تائين ۽ ان کان مٿي حضرت عليءَ تائين مير عبدالحسين سانگيءَ لطائف لطيفيءَ ۾ ڏني آھي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب چواڻي ان ۾ ڪانئس ڪجھہ غلطيون ٿيون آھن. قادري طريقي جو شاھ لطيف جو صحيح سند جو سلسلو ڊاڪٽر بلوچ صاحب ذڪر ڪيو آھي. جيڪو اصل ۾ مٽيارين جي عالم فاضل مشتاق متعلويءَ لکيو آھي. بلوچ صاحب ان تي پروسو ڪيو آھي ۽ مولانا دين محمد وفائيءَ پڻ لطف اللطيف ۾ ان کي اختيار ڪيو آھي. ھتي پڻ اھو ذڪر ڪجي ٿو.

شاھ عبداللطيف. شاھ حبيب کان. اھو پنھنجي والد شاھ عبدالقدوس کان. اھو پنھنجي پيءُ جمال شاھ کان. اھو پنھنجي پيءُ شاھ عبدالڪريم (بلڙيءَ واري) کان. اھو پنھنجي مرشد سلطان ابراھيم بھاري کان. اھو پنھنجي مرشد سيد احمد قادري حسيني حموي کان. اھو پنھنجي والد سيد علي ھاشميءَ کان. اھو پنھنجي والد سيد بدرالدين يحيٰ کان. ان پنھنجي والد سيد ظھير الدين احمد کان. ان پنھنجي والد سيد شمس الدين ابو نصر محمد کان. ان پنھنجي والد قاضي سيد ابو صالح نصر کان. ان پنھنجي والد سيد حافظ ابوبڪر تاج الدين عبدالرزاق کان ان پنھنجي والد شيخ الاسلام حضرت غوث اعظم سيد محي الدين ابو محمد عبدالقادر جيلانيءَ کان. جيڪو قادري طريقي جو باني مباني ھو.

## شاھ لطيف جو طريقت جو اويسي سلسلو:

شاھ صاحب جيتوڻيڪ ظاھري طور قادري طريقو پنھنجي وڏي ڏاڏي شاھ عبدالڪريم کان حاصل

---

1 وفائي دين محمد مولانا: "لطف الطيف" صفحو: 28

ڪيو. پر سندن فيض جو اصل ڪمال سندن اويسي سلسلو هو. اهو ڪيترن ئي اڪابر صوفين جو شيوو رهيو آهي تہ ظاهري نسبت سان گڏ باطني روحاني نسبت ۾ اهي ”اويسي“ پڻ رهيا آهن. جيئن خود شاه ڪريم جو مرشد سلطان ابراهيم بهارو ۽ پاڻ شاه عبدالڪريم، ظاهري طور قادري سلسلي رکڻ باوجود ”اويسي“ پڻ هئا. ائين شاه عبداللطيف ڀٽائي پڻ ”اويسي“ سلسلي جو صاحب هو. سندن اويسي سلسلي سان نسبت جوئي سبب هو جنهن سندن دل ۾ اهو خيال پيدا ڪيو تہ اويسي سلسلي بابت علماء ڪرام جو موقف معلوم ڪري عام ماڻهن جي دلين مان ”اويسي“ سلسلي بابت وهم ۽ وسوسا ڪڍي سگهجن. ان خيال تحت شاه صاحب مخدوم محمد معين کي خط لکيو جنهن ۾ مختلف سوالن سان گڏ اويسي سلسلي جي باري ۾ پڻ پڇيائين. جو پوءِ مخدوم موصوف شاه صاحب جي خط جي جواب ۾ پنهنجو مشهور رسالو ”رسالہ اويسہ“ تصنيف ڪيو. جنهن جو ذڪر اڳتي پنهنجي جاء تي ايندو.

### شاه عبداللطيف ۽ مخدوم محمد معين جا تعلقات:

مخدوم محمد معين ۽ شاه عبداللطيف جي پاڻ ۾ تعلق ۽ لڳ لاڳاپن جي نوعيت دوستي محبت ۽ اخلاص واري هئي. ٻئي بزرگ هڪ ٻئي جي ڪمالن ۽ فضائل جا معترف هئا. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ٻنهي بزرگن جي پاڻ ۾ تعلق جي باري ۾ جيڪو لکيو آهي، سو حقيقت جي نهايت بهتر ترجماني ڪري ٿو ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو:

هو نہ ڪنهن کي پنهنجي مريد ٿيڻ جي ترغيب ڏيندو هو نڪي پاڻ ڪنهن کي رسمي طور مريد ڪندو هو. اهي ماڻهو جيڪي سندس فيض واري صحبت ۽ رفاقت يا سندس عارفانہ ڪلام ۾ سمايل حقيقت ۽ هدايت کان متاثر ٿي ساڻس صدق ۽ اخلاص جو ناتو ڳنڍيندا هئا. تن جي عقيدت. سندس شفقت جي ڪري ڏيهون ڏينهن وڌندي ويندي هئي. سندس اهڙن ارادتمندن بلڪ عاشقن (عرف عام ۾ مريدن) جي صف ۾ اڻ پڙهيل توڙي پڙهيل ۽ عالم شامل هئا: مثلاً هڪ طرف مخدوم محمد صادق نقشبندي ۽ مخدوم محمد معين جهڙا ٺٽي جا وڏا عالم ۽ عارف شاه صاحب جا عقيدتمند ٿيا.“[1]

ٻنهي بزرگن جي هيءَ محبت ۽ عقيدت هڪ طرفي نہ هئي. شاه لطيف بہ مخدوم موصوف سان محبت ۽ عقيدت رکندو هو ۽ مخدوم صاحب کي علمي ۽ شرعي معاملن ۾ سند ۽ اٿارٽي جي حيثيت ڏيندو هو. بلڪ مولانا دين محمد وفائي تہ ان راء جو آهي تہ شاه صاحب وحدت وجود جو جيڪو اونهو اڀياس ڪيو هو سو پڻ مخدوم محمد معين جي صحبت فيض اثر جو نتيجو آهي. مولانا دين محمد وفائي لکي ٿو: ڀٽائي امي شاعر هو پر علامہ محمد معين جي لاڳيتن صحبتن جي باعث انهن سنڌي ڪلام ۾ وحدت الوجود جي مسئلي کي اهڙي لطيف پيرائي ۾ ادا ڪيو آهي. جنهن جو مثال ڪنهن ٻئي شاعر جي ڪلام ۾ ملڻ مشڪل آهي[2] ان باري ۾ مولانا وفائيءَ لطف اللطيف ۾ لکيو آهي تہ:

---

1 بلوچ، نبي بخش، خان، ڊاڪٽر: مقدمو شاه جو رسالو شاه جو ڪلام (شاه عبداللطيف جي پنهنجي ڪلام جو سڄو سربستو صحيح رسالو) صفحہ: 22.

2 وفائي دين محمد مولانا. مضمون: ”علامہ محمد معين ٺٽوي“ ماهوار ”شعاع“ ڪراچي مئي جون 1944ع

شاه صاحب جڏهن هندو جوڳين جي سنگت مان ويدانيت فلاسافي يا "توهين تون" جي حقيقت معلوم ڪئي ته انهيءَ ساڳيءَ شيءِ کي اسلامي تصوف جي ذريعي به هڪ وڏي مسلمان عالم کان معلوم ڪرڻ گهريائين. جنهن ڪري هنگلاج کان موٽندي ٺٽي ۾ اچي مخدوم صاحب جي خدمت ۾ رهيو. اها سنڌن سنگت پڇاڙيءَ تائين قائم رهندي آئي"[1] اويسي سلسلي بابت صوفين جي مسلڪ ۾ انهن وٽ اهو ڳهڙي معنيٰ ۾ آيو آهي. ان بابت ۽ عالم برزخ ۾ ميت کان روحاني طور فيض وٺڻ بابت شاه لطيف جيڪو مخدوم موصوف کي خط لکي سوال ڪيو آهي سو به ان ڳالهه جو دليل آهي ته شاه صاحب پنهنجي عمعصرن کان ميل جول ذريعي علمي ڏي وٺ ۽ استفادو ڪندو رهيو آهي ۽ ائين شاه صاحب مخدوم محمد معين کان به استفادو ڪيو

اويسي سلسلي بابت شرعي ۽ علمي وضاحت لاءِ شاه صاحب مخدوم موصوف کي جيڪو خط لکيو ان جو ان جي جواب جو تفصيل پنهنجي جاءِ تي اچي ٿو. نه صرف اهو پر معلوم ٿئي ٿو. ته شاه صاحب ۽ مخدوم موصوف جو پاڻ ۾ ملاقاتن جي ڊگهي سلسلي وانگر خط و ڪتابت جو ۽ سوال جواب جو به ضرور ڪو ڊگهو سلسلو جاري رهندو هو. اهڙن وڏيڪ خطن جي باري ۾ ڪا معلومات ته نه ملي سگهي آهي پر مخدوم محمد معين جي اهڙي هڪ ٻئي رسالي جو به علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب ذڪر ڪيو آهي، جيڪو رسالو شاه عبداللطيف جي خط جي جواب ۾ مخدوم معين لکيو. علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب ان رسالي جي مضمون بابت جيڪو لکيو آهي. تنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته علامه جي نظر مان گذريل اهو رسالو رساله اويسيه نه هو ضرور اهو ڪو ٻيو رسالو ٿي سگهي ٿو. قاسمي صاحب لکن ٿا:

مون کي هڪ دوست تازو هڪ فارسي ٻولي ۾، رساله جي شڪل ۾ جهونو مسودو ڏيکاريو. جنهن مان هيءَ معلوم ڪري منهنجي خوشيءَ جي ڪا حد نه رهي ته اهو رسالو شاه عبداللطيف جي گهري دوست محمد معين ٺٽوي جو لکيل آهي. جنهن جي خطبي ۾ پٽائي صاحب طرفان مخدوم معين ڏانهن فارسيءَ ۾ هڪ خط لکيل آهي. جنهن ۾ حديث "سيتغرق امتي" يعني جلد منهنجي امت ٽيهتر فرقن ۾ ورهائبي جن مان فقط هڪ گروهه ناجي يا ڇٽل هوندو" بابت تحقيق جي طلب ڪئي وئي آهي. ۽ خط ۾ مخدوم صاحب کي وڏن وڏن لقبن سان ياد ڪيو ويو آهي. مخدوم صاحب پٽائي صاحب جي سوال جو جواب هڪ رسالي جي شڪل ۾ ڏنو آهي جنهن جا اٽڪل ٽيهارو صفحا ٿيندا ان رسالي مان پتو پئي ٿو ته شاه کي شريعت جو ڪيڏو نه اونو هو."[2]

## شاه عبداللطيف ۽ مخدوم معين جي ملاقات:

جيئن ته ٻئي بزرگ هڪ ٻئي جا محبتي ۽ معتقد هئا ٻنهي بزرگن هڪ ٻئي جي صحبت جو اثر ورتو آهي، هڪ ٻئي کان پرايو سکيو ۽ فيض ورتو آهي. ان ڪري ظاهر آهي ته ٻنهي جون ملاقاتون به تمام گهڻيون رهيون هونديون. جيئن شاه صاحب مخدوم موصوف سان ملاقات لاءِ ٺٽي ويندو هو. جيڪا ڳالهه ڪيترن

1 وفائي دين محمد مولانا: لطف اللطيف، 1369هه، ص: 77

2 قاسمي، غلام مصطفيٰ، علامه: "مقالات قاسمي" ص: 662 مضمون: "شاه لطيف جو فلسفه الاهيات" ڇاپو: 2002

ٿي دليلن سان ثابت آهي، تيئن مخدوم معين بہ شاه صاحب وٽ ملاقات لاءِ ضرور ايندو رهندو هوندو. پر شاه لطيف جو مخدوم موصوف وٽ وڃڻ، رهڻ ۽ رهاڻيون ڪرڻ وڌيڪ ثابت آهي. محمد سومار شيخ لکيو آهي تہ: ابوالقاسم نقشبندي، مخدوم محمد هاشم، ابراهيم آڏيلي توڙي لاڙ جي مشهور بزرگن سان شاه صاحب جون گهڻيون ملاقاتون مٿين ناري وٽ ننگر ٺٽي ۾ رهڻ وقت ٿينديون هيون. ٺٽي جا اڪثر عالم شاه صاحب کي عزت ۽ احترام سان ڏسندا هئا ۽ ساڻس محققانہ ڪچهريون ڪندا هئا. لس ٻيلي ناني يا هيلاين جي ٽڪرين ۽ ٻڻ ٻنيور ڏانهن توڙي ڪينجهر ڏانهن، ڪاري توڙي لاڙ جي بندرن ڏانهن اتان ئي پنڌ پوندو هو. ڪيس لاڙ ۾ ونگو بدين، بلڙي، رهمڪي بازار ڪان پوءِ ٺٽو ئي مکيہ وينڪ جو ڪم ڏيندو هو.[1]
هيٺ سندن ڪجھ ملاقاتن جو ذڪر ڪجي ٿو. سانگيءَ هيءَ راويت لطف اللطيف ۾ لکي آهي:

چون ٿا تہ وڏا نامور ۽ مشهور عالم گڏجي حضرت اولياء صاحب (شاه صاحب) وٽ آيا. جن جو مک اڳواڻ: محمد هاشم ٺٽوي هو. جنهن جو لقب مخدوم آهي. سندن اچڻ جو مقصد اهو هو تہ حضرت جن پنهنجي مجلس ۾ راڳ جو رواج وڌو هو. تنهن کان کيس منع ڪن. تہ اهو شرع محمدي جي برخلاف آهي. جڏنهن عابدن ۽ زاهدن جي اچڻ جو آواز سندن ڪنن تي پيو تہ حڪم فرمايائون تہ تنبورا ڪٽي گهر ۾ رکي ڇڏيو. ۽ پاڻ مثل چوڏهينءَ جي چنڊ جيان ستارن مثل فقيرن جي وچ ۾ ويهي رهيو. معترض نيٺ پهتا ۽ قدم بوسيءَ جو شرف حاصل ڪيائون. حضرت جن مهمانن سان سهڻو سلوڪ ڪيو. شاه صاحب اڳرائي ڪري ڪائن پڇيو: جنهن وڻ مان عام نفعو هجي سو پاڻي نہ ملڻ جي ڪري سڪي وڃڻ وارو هجي. ۽ ناپاڪ ۽ گندي پاڻيءَ جو چشمو موجود هجي تہ ان پاڻيءَ مان وڻ کي پاڻي ڏجي يا ان کي نہ ڏجي تہ اهڙي جاء تي وڃي پهچي جو سڪي وڃي؟ عابدن ۽ زاهدن هڪ زبان ٿي چئي ڏنو تہ: ان ۾ ڪابہ خرابي ڪانهي تہ ان پليت پاڻيءَ مان وڻ کي پاڻي ڏجي." مسئلو جڏنهن حل ٿيو تہ گهر ۾ داخل طنبورن بنا ڪنهن وڄائڻ واري جي پاڻ مرادو وڄڻ شروع ڪيو. ائين ٿي پانيو تہ جهڙو ڪو کين وڄائي رهيو آهي."

ان تي اهل مذهب ناراض ٿي پيا تہ هيءُ ڇا ٿي رهيو آهي. جو شريعت جي خلاف ٿي رهيو آهي. اسان خاص ان جي منع ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيا آهيون ۽ هوڏانهن گهر ۾ فقيرن ڳائڻ شروع ڪري ڏنو آهي. حضرت جن کين موڪل ڏني تہ وڃو اندر جيڪو هجي ان کي گرفتار ڪيو. ۽ کيس ديني سزا ڏيو. سڀئي تڪڙا اندر ويا ڏٺائون تہ گهر جو صرف هڪ ئي دروازو آهي جنهن مان پاڻ داخل ٿيا آهن. باقي چارئي پاسا بند آهن. ڪوبہ وڄائڻ وارو ڪونهي. تنبورن پاڻ مرادو وڄڻ شروع ڪري ڏنو آهي. ان تي ڏاڍو حيران ٿيا. حضرت اولياء کان ان جو سبب پڇيائون. حضرت جن فرمايو تہ: جڏنهن اوهان کان مسئلو پڇيم تہ جائز آهي تہ احڪم الحاڪمين جي حڪم سان طنبورا پاڻ وڄڻ شروع ٿي ويا. ڇاڪاڻ تہ منهنجي دل حقيقي محبت جو وڻ آهي، جيڪو راڳ جي آواز تي ڍاپي ٿو.

انهن عالمن ۾ مخدوم محمد معين عرف مخدوم نارو بہ هو. سو ان ڏينهن حضرت اولياء جو حد درجي جو معتقد ٿيو. ۽ ساڻس ان حد جي محبت ۽ مودت حاصل ڪيائين جو اڪثر وقتن تي سندس ملاقات لاءِ ٺٽي ويندا رهندا هئا.[2]

---

1 شيخ، محمد سومار: "لطيف سائين جا لاڙ تان پيرا" صہ: 30، تنظيم فڪر ونظر سنڌ: 1986ع

2 سانگي عبدالحسين، لطائف لطيفي صفحہ: 100_101_102 انجمن مرڪز ثقافت شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ضلع حيدرآباد

مولانا دين محمد وفائيءَ هيءَ راويت لکي آهي تہ:

محمد امين فقير گراٽي ٺٽويءَ کان نقل آهي تہ هڪ دفعي شاهہ صاحب ٺٽي ۾ مخدوم معين وٽ مقيم هو. ۽ اهي ٻئي بزرگ گڏجي پير پٺي (شيخ حسيٖن ديبلي) جي مقبري تي آيا. توجه ڪرڻ کان پوءِ جڏهن ٻئي جڻا واندا ٿيا تہ ٻنهي جو چهرو ملول ۽ غمگين هو. ان کان پوءِ شاهہ وجيه الدين جي مقبري ڏي متوجه ٿيا. تڏهن اتان ڏاڍي کليل چهري سان خوش خوش ٿي اٿيا. گراٽو فقير، جو ان وقت ساڻ هو تنهن پڇيو تہ سائين اهو ڇا هو؟ جو پيرپٺي وٽان ڏکايل نموني اٿيا ۽ شاهہ وجيه الدين وٽان خوش ٿي موٽيا. ان جو ڪارڻ تہ ڪو هوندو؟ فرمايائون تہ شيخ پٺي جي روح اسان کي ٻڌايو تہ هن وقت خدا جو ڪو بہ طالب ڪونہ رهيو آهي. جنهن ڪري اسان کي ڏاڍو ڏک پهتو. ان کان پوءِ شاهہ وجيه الدين جي روح فرمايو تہ هن وقت اوهان جا طالب بہ ملي سگهندا. جي اوهان کان خدا جي طلب ڪندا. ان دلاسي جي ڪري دل کي اٿت آيو.[1]

مخدوم معين ڏانهن ملاقات لاءِ ويندي هڪ عجيب واقعو:

سانگيءَ لکيو آهي تہ: حضرت اولياء صاحب سنڌو دريا جي الهندي پاسي وارن جبلن جو سير ٿي ڪيو[2] جيئن تہ مخدوم ناري سان ملاقات جو ارادو هين، تنهن ڪري شهر ٺٽي جي راهہ ورتائون. هلندي هلندي هڪ جاءِ تان سندن ڪنن تي هڪ سوز ۽ گداز وارو آواز پيو. آواز جي پٺيان هليا، جڏهن ويجهو پهتا تہ معلوم ٿين تہ هڪ شخص هڪ مصرع سندن تصنيف شريف مان پڙهي رهيو آهي. جيڪا هن طرح آهي:

”هيڪليائي هيل پوريندس پنهوءَ ڏي.“

اتي اچي ڏٺائون تہ هڪ شخص غار ۾ ويٺو آهي ۽ ڪنهن ڪنهن مهل دردناڪ آواز ڏئي رهيو آهي. اولياء صاحب مٿس سلام ڪيو ۽ احوال ورتائينس. ٻڌايائين تہ: آءٌ اوٺي هيس. چند اٺن جي قطار تجارت جي سامان سان پيري آندم ٿي. جڏهن هالا ڪنڊي جي پرسان پهتس، جنهن کي پٽ ٿا چون، ان کان اڳيان

---

1 سانگي عبدالحسين، لطائف لطيفي صفحہ 77 انجمن مرڪز ثقافت شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ضلع حيدرآباد

2 آڏواڻيءَ سنڌو درياءَ جي الهندي پاسي وارن جبلن جي سير کي ٿورو وڌيڪ کولي بيان ڪيو آهي. لکي ٿو:

هڪ ڏينهن، شاهہ، اوچتو ئي اوچتو بنا ڪنهن ٻڌائڻ چتائڻ جي جوڳين جي سنگ ۾ هنگلاج ڏانهن هليو ويو. ڏسجي ٿو تہ هو ساٺن گنجي ٽڪر واري واٽ وٺي ويو هو. سندن صحبت ۾ ٽي ورهيہ سفر ۽ سياحت ۾ رهيو جوڳين جي صحبت ۾ جيءَ کي انيڪ جفائو ڏنائين. جهاني تجربا پرايائين ۽ امله آتيڪ خزانا هٿ ڪيائين. هنگلاج ڏانهن ويندي جيڪي هنڌ ۽ مڪان ڏٺائين تن جو ذڪر سسئي وارن سرن، سرڪاهوڙي، سر رام ڪلي وغيره ۾ ڪيو اٿس. هنگلاج کان موٽندي شايد ٺٽي کان سنڌو نديءَ وارو پٽڻ اڪري، مغليين، لکپت، هالار، دوارڪا، پوربند، جهوناڳڙهہ، گرنار ۽ گنيات گهميو آهي. چون ٿا تہ ٺٽي ۾ مخدوم معين ۽ ٻين عالمن فاضلن سان بہ رهاڻيون ڪيائين. وطن ڏانهن ورندي جيسلمير ۽ ٿر بہ گهمندو آيو ٿو ڏسجي.“ (آڏواڻي ڪلياڻ، شاهہ جي زندگيءَ جو احوال شاهہ جو رسالو صہ 4 مڪتبہ اسحاقيہ جهونا مارڪيٽ ڪراچي.) ان سفر ۾ ننگر ٺٽي ڏانهن ورندي ذڪر ڪيل واقعو پيش آيو. مولانا وفائيءَ بہ الهندن جبلن مان هنگلاج جو سير مراد وٺندي لکيو آهي: شاهہ صاحب جڏهن هنگلاج کان هيڪلو موٽندي ٺٽي ڏانهن آيو ٿي.“ (لطف اللطيف صہ 63) هن مان ئي وفائي صاحب اهو خيال ورتو آهي تہ شاهہ صاحب جڏهن هندو جوڳين جي سنگت مان ويدانت فلاسافي يا توهين تون جي حقيقت معلوم ڪئي تہ انهيءَ ساڳيءَ شيءِ کي اسلامي تصوف ذريعي بہ هڪ وڏي مسلمان عالم کان معلوم ڪرڻ گهريائين. جنهن ڪري هنگلاج کان موٽندي ٺٽي ۾ اچي مخدوم معين جي خدمت ۾ رهيو.“ (لطف اللطيف صہ 77)

مون کي اهو آواز ڪن تي پيو. جنهن برهه ۾ باهه ٻاري وڌي آهي. سامان پنهنجي ساٿين جي حوالي ڪيم. بي اختيار اتاهون ڀڄي نڪتس. ڪڏهن به ڪنهن هڪ جاءِ تي آرام نه ٿو اچي. سرگردان پيو ٿو ڦران ۽ هيءَ مصرع منهنجي لاءِ وٺ آهي. جيڪا چئي رهيو آهيان. جڏهن ڪمزور ٿيس ته هن غار ۾ لڪس. جنهن کان پوءِ ٻاهر پير نه رکيو اٿم. رازق رزق ڏئي ٿو. ٿورڙي تي اڪتفا ڪري آسودگيءَ ۽ فارغ البالي‌ءَ جي زندگي گذاري رهيو آهيان. زندگيءَ جي لذتن کان دل ڀڳل آهي. ۽ تعلقات ۽ توسلات ڇڏي ڏنا اٿم. لباس کان بي نياز آهيان. جنهن وقت پريشان ٿيندو آهيان، ته پڙهندو آهيان ۽ تسڪين لهندو آهيان.

حضرت اولياء صاحب سائس ڪمال جون مهربانيون فرمايون. کيس چيائين: تون گهرين ته انهيءَ مصرع کان وڌيڪ توکي ٻڌايان ته بيت پورو ٿئي.“ عرض ڪيائين ته: ان کان وڌيڪ جي خواهش نه ٿو رکان.“ حضرت اولياء صاحب ٻي مصرع پڙهي، مصرع:

آڏا ڏونگر لڪيون، سوري سجن سيل

ان شخص چيو اي شاه! الله جي واسطي جلد بيت پورو ڪر نه ته منهنجو نفس بي آرام ٿيندو ٿو وڃي. ۽ منهنجي واڳ هٿن مان ٿي وڃي. ۽ مون کي ڪنيو ٿو وڃي. تنهنجي ٻانهن کي آفرين هجي. جو اهڙو تازيانو هنيو اٿئي. جو پاڻ مان ٿو ڪڍين. حضرت جن ٽين مصرع زبان مان بيان ڪئي:

ته ڪر ٻيلياٽي ٻيل، سورٻريان جا ساڻ مون.

ٽين مصرع ٻڌندي ئي ان شخص پنهنجي مني جان مني خيال تي محبت جي راهه ۾ فدا ڪري ڇڏي ۽ وڃي اصل سان واصل ٿيو. حضرت جن اهو احوال فقيرن سان ڪيو. فرمايائون ته ڪمال سوز ۽ دل جو خيال ائين وڏائڻ گهرجي جيئن پورهيت شخص اهل دل جي صحبت بنا منزل تي پهچي ويو. دفن ڪفن کان پوءِ پاڻ شهر ٺٽي (مخدوم ناري ڏانهن) روانيا ٿيا. جڏهن به اتان گذرندا هئا ته سندس قبر تي ايندا هئا. ۽ سندس فقير به ويندا هئا.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، هڪ روايت، جيڪا موصوف ملاڪاتيارن جي بزرگ فقير محمد اسحاق کان سندس زباني ٻڌي، سا نقل ڪئي آهي. ته مخدوم محمد معين ۽ مخدوم محمد هاشم جا ديني مسئلن تي هڪ ٻئي سان سوال جواب ٿيندا هئا. هڪ ڀيري ڪنهن خاص مسئلي جي اهميت سببان مخدوم محمد هاشم پاڻ مخدوم محمد معين وٽ هو. ٻاهران دروازي کان جيئن ئي مخدوم محمد هاشم اندر گهڙيو ته شاه صاحب کيس ڏسي مخدوم معين کي چيو ته: اڄ مخدوم صاحب کي ڪوبه رد ڪڏُ نه ڏجو. جو سندس پيشانيءَ تي نبي ڪريم ﷺ جي چانو آهي.“ اهو ٻڌي، جيئن مخدوم محمد هاشم آيو ته مخدوم محمد معين اٿي سندس آجيان ڪئي. ۽ چيائينس ته: انهيءَ مسئلي تي اوهان سان اسان جو ڪوبه اختلاف ناهي.“ پوءِ مخدوم صاحب کي در تائين اماڻي آيو.

## ٻن هندستاني نوجوان ڳائڻن جو قصو:

مير عبدالحسن سانگي لطائف لطيفيءَ ۾ ذڪر ڪيو آهي ته غلام شاه ڪلهوڙي هندستان مان ٻه ڇوڪرا، جيڪي علم موسيقيءَ تي ڪامل دسترس رکندڙ هئا. اهو سوچي ته: اولياء صاحب (شاه لطيف)

راڳ جو شوقين آهي، انهن کي سنڌ گهرايائين ۽ شاه لطيف جي حوالي ڪيائين. ان ۾ اختلاف آهي ته اهي ڪڏهن آيا. جنهن جو سانگيءَ اهو فيصلو ڪيو آهي ته: اهي ميان نورمحمد جي حڪومت جي دور ۾ غلام شاه پنهنجي ڪوشش سان گهرايا.[1] پر سانگي لکي ٿو ته: انهن جي هٿ اچڻ ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي.“ هنن ٻنهي چوڪرن بابت سانگيءَ اهو به لکيو آهي ته: شاه جي رسالي کي انهن چوڪرن مختلف سُرن ۾ ورهايو.“ ”شاه صاحب هڪ هٿ جون آڱريون ٻئي هٿ جي آڱرين تي هڻندو هو. ان جي وزن تي ٻئي ڳاٽا (چوڪرا) طنبورو وڄائيندا هئا.“[2]

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هڪ مضمون ۾ انهن ٻن هندستاني نوجوان ڳاڻن جا نالا به ذڪر ڪيا آهن لکيو اٿس: اٽل ۽ چنچل نالي به گويا دهليءَ مان هت آيا. جن کي غلام شاه ڪلهوڙي حضرت شاه صاحب ڏانهن موڪليو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب ان روايت کي شڪي روايت سڏيو آهي. بهرحال انهن ٻن گوين جا نالا اٽل ۽ چنچل هئا.[3]

مخدوم ابراهيم نقشبندي ٺٽويءَ القسطاس المستقيم ۾ انهن ٻنهي گوين جي مخدوم معين وٽ اجرت تي ڳائڻ جو ذڪر ڪيو آهي. لکي ٿو: (مخدوم موصوف) وٽ ان زماني ۾ ڳائڻ ۽ سازن وڄائڻ ۾ مشهور به قوال هڪ آنچل ٻيو چنچل اجرت تي رکيل هئا ۽ هڪ ڳائڻي نالي دوري نڪاح شرعيءَ تحت (وٽس رهندي هئي.) قوال ساز وڄائي مردن جي مجلس ۾ ڳائيندا هئا. جڏهن ته ڳائڻي وٽس لهو جي طريقي تي ڳائيندي هئي، جڏهن هو عورتن ۾ هوندو هو.“[4]

بلوچ صاحب هڪ نالو ”اٽل“ ذڪر ڪيو آهي جڏهن ته مخدوم ابراهيم آنچل لکيو آهي. سانگيءَ ۽ مخدوم ابراهيم ٻئي ٻڌائيءَ ۽ مخدوم معين جي دور کان گهٽو پوءِ جا آهن. بلوچ صاحب مطابق سانگيءَ جي ڪمزور روايت به ٻڌ سڌ تي ٻڌل آهي. لڳي ٿو ته مخدوم ابراهيم جي ڪنن تي به اهڙي روايت ٻڌ سڌ ۽ افواه جي طور تي پيئي هوندي.

## آخري ملاقات:

سانگيءَ لکيو آهي ته: مخدوم ٺارو (محمد معين) جڏهن فوت ٿيو ته حضرت (شاه صاحب) جن مڪليءَ جي مقام تي سندس جنازي ۾ پهتا.“ شايد سانگيءَ جو هيءُ بيان ڏسي مولانا عبيدالله سنڌيءَ لکيو: شاه محمد معين جڏهن فوت ٿيڻ لڳو ته پاڻ وصيت فرمايائين ته منهنجو جنازو تيار ڪري مسجد ۾ رکي ڇڏجو ۽ عبداللطيف جو انتظار ڪجو. شاه عبداللطيف سيلاني ماڻهو هو ڪهڙي خبر ته ڪهڙي سحرا ۾ هوندو ان کي ڪيئن اطلاع ملي ۽ ڪڏهن اچي پر جنازو تيار ٿيڻ کان سنت ٿي پوءِ شاه صاحب اچي پهتو امامت ڪرايائين ۽ ان کان پوءِ چيائين: اڄ کان پوءِ ٺٽي سان اسان جو تعلق ختم ٿيو“[1]

---

1 سانگي مير عبدالحسين لطائف لطيفي صه 127

2 لطائف لطيفي. حڪايت نمبر 15 صفحو 106_ 107

3 بلوچ ڊاڪٽر نبي بخش مضمون: سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ“ مخزن شاهه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاه 2003ع

4 محمد ابراهيم مخدوم القسطاس المستقيم صفه 147 (قلمي) مدرسه مظهر العلوم کڏو ڪراچي.

[1] سنڌي، عبيدالله مولانا: شاه ولي الله اور ان ڪي سياسي تحريڪ“ صفحه: 139، المحمود اڪيڊمي لاهور.

هن باري ۾ صحيح ڳالهه اها آهي جيڪا قانع تحفة الڪرام ۽ معيار سالڪان طريقت ۾ لکي آهي ته:

صاحب العصر جناب سيد عبداللطيف "تارڪ" (ڀٽائي) پنهنجي ڳوٺ (ڀٽ) تي خادمن کي چيو ته: "هلو ته پنهنجي يار جي آخري ديدار لاءِ هلون." اهو چئي پاڻ ٺٽي آيا. ۽ محفل موسيقي منعقد ڪيائون. مخدوم موصوف به ان صحبت ۾ شامل ٿيو. محفل جي اوج ۾ ذوق ۽ جذب جي حالت ۾ اٿي اندر ويو ۽ بنا دير ساهه حق حوالي ڪيائين. مذڪوره سيد (شاه ڀٽائيءَ) جنازي ۾ شموليت کان پوءِ ڳوٺ واپس ٿيندي چيو ته: سنڌن ئي وجه سان ٺٽي ۾ اچڻ ٿيندو هو. بس اج کان پوءِ اهو بند ٿيو."

مخدوم موصوف جي آخري ڏينهن ۾، شاه موصوف اچي راڳ جي محفل رچائي. راڳ ٻڌي مخدوم موصوف اهڙي حالت کي پهتو جو ساه صدقي ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نه رهيس. مخدوم جي هيءَ ڪرامت هئي ته جنهن ڏينهن جنازو مڪليءَ کنيو ٿي ويا ته سيد به جنازي جي پويان هلي رهيو هو. شهر جي پاسي کان اتفاق اهو ٿيو جو، سيد جنازي کان پوئتي رهجي ويو. جنازي پاڻ مٿي کنيو ۽ منهن ان طرف ڪيائين. جيستائين سيد کي ويجهو نه ڏٺائين، سڌو نه ٿيو... چون ٿا: شاه عبداللطيف جنازي کان موٽندي زبان ڪرامت ترجمان سان فرمايون: اسان جو هيءُ، پنهنجي يار کان الوداع لاءِ آخري اچڻ آهي."[1]

ٿيو به ائين ئي شاه صاحب 1165ھ ۾ مخدوم معين جي وفات کان چار سال پوءِ فوت ٿيو پر وري ٺٽي نه ويو. زندگيءَ جو باقي حصو ڀٽ تي ئي ياد الاهيءَ ۾ گذاريائين. ان وچ ۾ ٽن گنبذن واري مسجد تعمير ڪرايائين. جا 1162ھ ۾ جڙي راس ٿي. پاڻ مسجد ۾ سدائين پنج وقت نماز جماعت سان ادا ڪندو هو. پاڻ آڏو امام نه ٿيندو هو. تي تسبيحون ذڪر جون صبح جي نماز ۽ ٻين نمازن لاءِ مقرر ٿيل هيون. هر جمعي جي رات ڀٽ شاه تي راڳ به باقاعدگيءَ سان ٿيڻ لڳو.

## مخدوم معين جيان شاه صاحب جو سماع جي حالت ۾ فوت ٿيڻ:

آخري ڏينهن ۾ پاڻ سڀ الڪا لاهي ياد الاهيءَ ۾ محو ٿي ويا. ڪربلا ڏانهن سفر جو ارادو به ڪيائون پر اهو به ملتوي ڪيائون. سفر جو ارادو ڇڏي پورا 21 ڏينهن مراقبي ۾ هڪ هنڌ ويهي رهيا. انهن سمورن ڏينهن ۾ فقط ٻن ويلن جيترو کاڌو کاڌائون. هڪ ڏينهن مراقبي واري ڪوٺيءَ مان نڪري هڪ سئو گهڙن پاڻيءَ سان غسل ڪري وري اندر وڃي ويٺا. باهران عارفانه سنڌي ڪلام جو راڳ ٿيندو رهيو. برابر ٽي ڏينهن راڳ جي مجلس رهي. فقير به ايڏا محو جو هنن کي پتو ڪونه پيو ته هيءُ ڇا ٿي رهيو آهي. جڏنهن ڪجهه هوش ۾ آيا تڏنهن وڃي ڏسن ته شاه صاحب جي روح پاڪ جو پکي هن خاڪي پڃري مان پرواز ڪري چڪو آهي. پر ڪڏنهن ۽ ڪهڙي وقت سو ڪنهن کي به پتو ڪونه هو. پاڻ ائين ئي مراقبي ۾ ويٺل هئا.[1]

قانع لکيو آهي ته: ان واقعي واري ڏينهن سنڌس ڪوڙ مريدن سنڌس جدائيءَ تي ساه ڏئي ڇڏيو." [2]

---

1 قانع، مير علي شير: "معيار سالڪان طريقت" (قلمي) صفحه: 207 راشدي ڪارنر ريسرچ لائبريري سنڌالاجي

1 سانگي مير عبدالحسين، لطف اللطيف صه 192

2 قانع، مير علي شير: معيار سالڪان طريقت" صفحه: 207

باب ڇهون:

# شعر ۽ شاعري

مخدوم محمد معين اعليٰ پائي جو شاعر هو. مير علي شير قانع تحفة الڪرام ۾ لکيو آهي ته: محققانه شعر چوندو هو فارسيءَ ۾ تسليم ۽ هنديءَ ۾ "بيراگي" تخلص ڪندو هو."[1] مقالات الشعراء ۾ لکيو آهي: جيتوڻيڪ سندن شان ۽ ڪمالات جي نسبت سان، شاعري سندس رتبي کان گهٽ آهي، پر ڪمال جي فنن ڪي گهٽي کان گهڻو جمع ڪرڻ ۽ مقام جي تقاضا تحت چند شعر پيش ڪجن ٿا." اهي لفظ چئي قانع مخدوم موصوف جا چند شعر ذڪر ڪيا آهن، جيڪي هيٺ پنهنجي جاءِ تي ايندا. مخدوم موصوف پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪربلا جي شهيدن کي گهڻي کان گهڻو خراج تحسين پيش ڪيو آهي، سندس اهڙي ڪلام ۾ رباعيون، قصيدا، مرثيا ۽ سلام شامل آهن. نهايت لطيف خيال تمام سهڻي پيرائي ۾ پنهنجي ڪلام ۾ نظم ڪرڻ ۾ اعليٰ مهارت رکندو هو. سندس اعليٰ ظرافت جو هڪ مثال ڊاڪٽر سڏا رنگائيءَ هن طرح بيان ڪيو آهي:

حضرت عليءَ جو لقب هو "اسدالله". ان جو برج به اسد آهي. علم فلڪيات جي ماهرن معلوم ڪيو آهي، ته "اسد" سج جو چمڪندڙ گرهه آهي ۽ سيني چمڪندڙن ۾ روشن ترين آهي. ۽ ڪجهه تاريخدان ان کي حضرت عليءَ جي خلافت سان به منسلڪ ڪيو آهي. ان کي مخدوم معين هنن خوبصورت لفظن ۾ بيان ڪيو آهي:

خورشيد ولايت ز بروج نشات
ميکرد سفر ز مشرق ذات و صفات
درنشه ڪامل اسد الله علي
خورشيد بخانه اسد يافت ثبات (2)

هڪ ٻيو لطيف تصور مخدوم موصوف پنهنجي شاعريءَ ۾ نظم ڪيو آهي، جنهن کي . ڊاڪٽر سڏارنگائيءَ هن طرح بيان ڪيو آهي:

نه ختم ٿيندڙ ڪائنات جي جهگڙن يا تڪراون جي تاريخ ڪا هڪ ڏينهن جي ناهي. نه ئي هڪ سال يا صديءَ جي، اها ان شروعات سان گڏ شروع ٿي هئي، جيڪا دنيا جي لامحدود نظام جي شروعات هئي. خدا جي نه ڇهي سگهڻ واري خوشبوءِ جي محسوسات وارين خصوصيتن ڏانهن هڪ تبديلي هئي.

بيرنگ چو رخ نمود در پرده رنگ
اضداد بهم فتاد در زحمت جنگ

---

[1] قانع، تحفة الڪرام اردو صه: 94، سنڌي ادبي بورڊ 2007ع

[2] سڏارنگائي، ڊاڪٽر "persian poets of sindh" ص 58، سنڌي ادبي بورڊ 1956ع

يک عين چو فرمود تجلي بدو طور
خود گشت عدوي خويش چون شيشہ وسنگ [1]

ان طرح مخدوم موصوف پنهنجي ڪلام ۾ اهڙيون ڪوڙ ساريون لطافتون ۽ تصور نظم ڪيا آهن، جيڪي سندس دستياب شاعريءَ ۾ ڏسي پروڙي سگهجن ٿا.

مخدوم موصوف جو شاعريءَ جو گهڻو ذخيرو دستياب نہ ٿي سگهيو آهي. زماني جي ور چڙهي خبر ناهي موصوف جي شاعريءَ جو ڪيترو خزانو هو جو اسان کان گم ٿي ويو آهي. هيٺ ڪجهہ دستياب شاعري ڏجي ٿي. ([2])

شراب عشق تو از من جدا نخواهد شد
کہ دل بپهلوي من هست شيشہ بغلي.

## قاضي عطاءﷲ تاجر بغداديءَ جي تتبع تي چيل غزل:

چو آهو نافہ ريزي از دم مردان دمي دارم
در اين بيدادي وحشت تاکہ قلاجي رمي دارم
خزانِ ڪثرت موهوم نتواند خراش من.
کہ رخسار گلم کز بحر وحدت شبنمي دارم
زپيچ و تاب کفر زلف ترسا بچہ اي شوخي
پريشان قبلہ گاهم کيش درهم برهمي دارم.
زفرياد نهان وفاش دستِ غمزه پردازي
رباب اضطرابم نغمہ زير و بمي دارم.
بيا دريوزه کن تسليم زآن تاجر کہ ميگويد
”ز اسباب جهان حاصل همين جنس غمي دارم.“

## سيد محمد عرف سيد قتو جي جواب ۾ هيءَ غزل چيائين:

علي ولي چو امام مبين ما شده بود
هرون تو سن افلاڪ زين ما شده بود
کہ گفت با دف و ني درسِ اينما امروز
کہ شڪل سجده بهر سو جبين ماشده بود
ببزم ميکده رازِ ازل عيان ديدم
کہ چشم ساقي ما دوربين ماشده بود

---

[1] سڌارنگاڻي، ڊاڪٽر "persian poets of sindh" صہ 89، سنڌي ادبي بورڊ 1956ع

[2] مخدوم موصوف جي شاعري مان ڪجه رباعين دستياب ٿيڻ جو مهراڻ جي 1946ع جي اپريل مهيني جي شماري ۾ ”قلمي نسخن جي ڳولا“ جي عنوان هيٺ مضمون ۾ ذڪر مليو، پر خبر ناهي تہ اهي دستياب رباعيون ڪهڙي پاسي گم ٿي ويون، بورڊ مان انهن جو سراغ نہ ملي سگهيو آهي.

جهان هوش بخود برده آن پري زادي
سحر ڪ يڪ دمڪي همنشين ماشده بود
بزورِ بازوي مستي چو هستيم بشڪست
ڪرشمہ ات ڪمڪي در ڪمين ما شده بود
شهر عشق ز فتوي بربط و طنبور
سجود ڪوي خرابات دين ماشده بود
براي نقش خوش دين جعفري تسليم
زجوهرِ يمن. دل نگينِ ما شده بود
مباد هيچڪس خستہ دل ز ما تسليم
ڪہ زيب خرقہ ما شيوه ڪمانداريست
ڪيست روباه ڪہ از شير زيان صرفہ برد
عقل از چپقلش عشق زبون ميگردد. (1)

اي سبط نبي ترا بہ شر سنجيدند
رخساره سرِ معنيت نا ديدند
خاڪ قدمت فرشتہ در چشم ڪشد
اي آه سرت بخاڪ و خون ببريدند
هر آب شد آتش زلب پرنم تو
اي سبط نبي سوخت دو عالم غم تو
بدرست منير، نور پاش دوجهان
روئيڪہ شود سياه در ماتم تو
خالي ز ملامتست و خالي از شين
آن دل ڪہ بود مست ز عشق سبطين
نازد همہ ڪس بہ طاعت و نازش من
بر لعن يزيد است و تولاي حسين
اي سبط نبي وشنيءِ چشم بتول
برگير فراق دلِ حيدر ز رسول
آن ڪہ بغمت نمرد دارد چہ جواب
فردا چو ازين دقيقہ گردد مسئول (2)

---

[1] صبا، محمد مظفر حسين، تذڪره روز روشن، صفحہ 132 مطبع شاهجهاني دارالاقبال ڀوپال

[2] سڏارنگائي، ڊاڪٽر صہ 88_89

## مير عبدالقدوس ڏانهن تعزيت ۾ لکيل رباعيون:

درتعزيت حسين زد جامہ بہ نيل
در سدره منتهي بشيون جبريل
تاکرد رسول شيشہ پر خون بر کف
خونست دل عيسي و موسيٰ و خليل
اي سبط نبي ترا بشر سنجيدند
رخساره سر معنيت ناديدند
خاڪ قدمت فرشتہ در چشم ڪشد
اي آه سرت بخاک و خون ببريدند
(1)

درياء حسين خاک راهش دوجهان
از عشق سپند مجمرش عالم جان
امروز بماتمش سيہ روز شدم
با اون (؟) الي يا نجات الاکوان. (2)

مولانا عبدالرشيد نعماني دراسات اللبيب ۾ هيٺيان چند شعر ۽ ہ رباعيون نقل ڪيون آهن:

واي قوم سايہ گير شجره ملعون حق
آن زقوم دوزخي بارش يزيد بد مآل
برملک، برجن وانس اين نوحہ آمد فرض عين:
هي غريب ڪربلا جان جهان شاه حسين
اي بد آن قومي کہ بهر آل سفيان باختند
نقد ايماني کہ باشد سکہ دار نامہ آل (3)
براي نقش خوش دين جعفري تسليم
زجوهر يمن دل نگين ماشده بود
مباد هيچ کسي خستہ دل زما تسليم
کہ زيب خرقہ ما شيوه کماندري ست
کيست روباه کہ از شير زباند صرفہ برد

---

[1] هيءَ رباعي مٿي ڊاڪٽر سڌارنگائيءَ جي نقل ڪيل رباعين ۾ بہ شامل آهي.

[2] قانع مقالات الشعراءِ صہ 650_651. هيءَ رباعيون مخدوم موصوف مير عبدالقدوس ڏانهن، تعزيت شهداء ڪربلا جي طور عزاداريءَ جي ڪن ڏينهن ۾، هڪ رقعہ ۾ لکي موڪليون. مير موصوف سندس جواب ۾ رقعو لکيو. ان ۾ تي رباعيون جواب طور مير موصوف بہ ڏانهس لکي موڪليون. جيڪي سندس تذڪري ۾ پنهنجي جاء تي ڏئي سگهجن ٿيون.

[3] نعماني، عبدالرشيد، مولانا، مقدمہ دراسات صہ: 25

عقل از چپقلش عشق زبون مي گردد
سگت را خون دل دادم ڪ بامن آشنا گردد
ندانستم ز بخت بد ڪ او ديوان خواهد شد
(1)

صد هزاران لعنت حق باد بر ابن زياد
صد هزار اندر هزاران برسر شمرلعين
آن دو ننگ صد هزار ابليس در ظلم و شقا
آن دو بازوي يزيد رجس راس الخاسرين
(2)

از ماتم حسين شده در نال جبريل
كردند قدسيان فلک جام را بنيل
گرچ بري ست ذات حق از درد و گري
ذات نبي بگري بود نائب جبرئيل
(3)

رباعي، جنهن جي جواب ۾ مخدوم محمد هاشم ب رباعي لکي
(4)

اي واعظ خوش ڪلام شيرين پيغام
منبر بسواد قيرگون کن بتمام
باروي سي خاک بسر فاش بگو
درتعزيت حسين صبر است حرام

قال علي ڪرم الله وجه: الصبر جميل الا عليڪ يا رسول الله.“[5]

---

[1] مولانا نعمانيءَ مٿين مڙني شعرن جو اصل ماخذ نہ ڏنو آهي. هيءُ آخري شعر موصوف مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي حوالي سان نقل ڪيو آهي. مولانا سنڌيءَ اهو شعر ”شاه ولي الله اور ان ڪي سياسي تحريڪ“ صفح 128 ۾ ڏنو آهي: پر ان جو ب ڪو ماخذ نہ ٻڌايو اٿس. شعر مخدوم موصوف جي حوالي سان سائين جي ايم سيد ب پنهنجي تحرير ۾ آندو آهي.

[2] عبدالرشيد، مولانا، مقدم دراسات اللبيب ص 26

[3] حوالو ساڳيو ص: 52

[4] مخدوم معين جي هن رباعيءَ جي جواب ۾ مخدوم محمد هاشم هيءُ رباعي چئي:

اي عاشق صادق محب خوش نام در تعزيت حسين کن حزن مدام
با سوز دلت اشک هميريز ز چشم ليکن ندهي راز محبت بعوام

قال رسول الله ﷺ الصبر نصف الايمان. رواه ابو نعيم في الحلية والبيهقي في شعب الايمان. وعن قيس بن عاصم. ان قال لا ينوحوا فان رسول الله ﷺ لم ينح علي. رواه النسائي في سنن

[5] قانع. مير علي شير: ”مقالات الشعراء“ ص:841

باب ستون:

# علمي مقام

مخدوم محمد معين جي علمي ۽ روحاني رتبي جي بلنديءَ جا تنقيد ڪندڙ بہ اقراري هئا تہ سندس پنهنجا ۽ همعصر بہ قائل هئا. تذڪره نگارن پڻ سندس علمي رتبي جي وڏي ساراهہ ڪئي آهي. مير علي شير قانع تحفة الكرام ۾ سندس علمي وڏائي هن طرح بيان ڪئي آهي.

"خداوند تعاليٰ هن ذات باوصف کي پنهنجي وقت جي مڙني فنون ڪمال جو ماهر پيدا ڪيو هو. معقول ۽ منقول ۾ وقت جو علامہ ۽ زماني ۾ لاجواب هو."[1]

مقالات الشعراءِ ۾ هن طرح لکي ٿو.

جامع علوم معقول ۽ منقول، اصولي ۽ فروعي علمن جو ماهر، علمي ۽ عملي حقيقتون کولي ڏيکاريندڙ ذهني ۽ فڪري مونجهارن جو شارح، وقت جو علامہ، دور جو وڏي مان وارو حقائق رباني ظاهر ڪندڙ هو."[2]

شاه فقير الله علوي شڪار پوريءَ کيس پنهنجي خطن ۾ 'عالم رباني' جي خطابن سان نوازيو آهي[3] ساڳيءَ طرح شاه ولي الله محدث دهلويءَ کيس وڏن ڪمالن جو مالڪ 'يڪن عالمن منجهان مک، وڏن محققن جو بهترين نمونو'، محققن جو مهندار ۽ گهري نظر رکندڙن جو سائين' الله تعاليٰ جي روشن عطائن سان نوازيل، عارف ۽ سجاڻ، عقلي مشڪالتن کي کولي ڏيکارڻ جو ماهر ۽ ڪامل' ڪمال وارن جو مغز ۽ حال ۽ قال کي گڏ ڪندڙن جو پڳدار' الاهي علمن جو مظهر ۽ اڻ کٽ فيض جو سرچشمو' سڏيو آهي.[4]

شاه ولي الله صاحب جا پويان بہ جملا مخدوم معين جي تهائين منزل متاهين ۽ بلند ڏيکارين ٿا. جيڪو طريقت ۽ سلوڪ جو اعليٰ مقام ۽ مرتبو آهي. اهو آهي حال ۽ قال کي گڏ ڪرڻ وارو مقام. اڪثر طريقت جا صاحب ڪن خاص ڪيفيتن يعني وجد ۽ ڪشف جا مالڪ ٿيندا آهن. ۽ ان حالت ۾ جيڪو ڪجهہ ڏسندا آهن ان کي اهي "قال"يعني منقولي علمن (شريعت) جي مطابق بنائي نہ سگهندا آهن. ۽ سندن ڪشف ۽ حال واريون وارداتون ڪليون ڪلايون شريعت جون مخالف ٿي بيهنديون آهن. پر ڪي ڪمال جي اهڙي رتبي کي وڃي پهچندا آهن جو سندن "حال" "قال" جي موافق ۽ مطابق هوندو آهي. شاهہ

---

1 قانع، مير علي شير، تحفة الكرام اردو صفحہ:693، سنڌي ادبي بورڊ، 2002ع

2 قانع مير علي شير، مقالات الشعراءِ، صفحہ: 123

3 علوه فقير الله شاه مڪتوبات شاه فقير الله صفحہ 8_109

4 دهلوي، ولي الله، شاه: خط شاهہ ولي الله جا مخدوم محمد معين ڏانهن، سنڌي ترجمون اٽڇپيل صہ: 18

صاحب مخدوم معين کي هن رتبي وارن جو پڳدار ڪوٺيو آهي. الاهي علمن جو مظهر پڻ اهل ڪمال وارن جو هڪ تمام وڏو مقام آهي. ۽ هيءُ مقام اهڙيءَ هستيءَ لاءِ چئبو آهي جنهن جي دل تي الاهي علمن ۽ اسرارن جو نزول ٿيندو هجي. هيءُ الهامي رتبو آهي، جيڪو هر هڪ کي نصيب نہ ٿيندو آهي. شاهہ ولي الله صاحب مخدوم معين کي نہ رڳو "الاهي علمن جو مظهر" پر اڻ کٽ فيض جو سرچشمو سڏي اهو بہ ڏيکاريو آهي تہ مخدوم معين پنهنجي فيض جا واهڙ وهايا.

شاهہ محمد عاشق ڦلتي سنڌس شان ۾ هيئن ٿو فرمائي:

شاهہ صاحب جو شاگرد، مخدوم معين، جيڪو اتي جي وڏن عالمن ۾ شمار ٿئي ٿو ۽ ڪتاب، سنت، مرني معقولي ۽ منقولي علمن ۾ مڪمل تبحر رکي ٿو. پڻ قوم (صوفين) جي اصطلاحن کان پوري واقفيت ۽ علم مڪاشفي جي ادراڪ ۾ ذهن ثاقب جو ملڪ هو."[1]

شاهہ عاشق جي هنن لفظن ۾ مخدوم معين جي معقولي ۽ منقولي علمن جي بلند مقاميءَ ۽ تصوف جي اعليٰ رتبي جي شاهدي ڏنل آهي. هيءَ تہ سنڌس اهي همعصر آهن جيڪي ساڻس مواقفت رکندا هئا. محمد هاشم ٺٽوي، جنهن سنڌس ڪتابن تي ڪوڙ سارا رد لکيا ۽ هيو بہ سنڌس شاگرد. پر مخالفت باوجود سنڌس علمي رتبي جو قائل هو ۽ ڪيس نهايت فخر سان "سيدنا و مولانا و شيخنا المستغني عن الاطالة في المقال" جي لفظن سان ياد ڪري ٿو.[2] هڪ هنڌ ڪيس "سيدي و مولاي سلمڪم الله"[3] سان مخاطب ٿيو آهي.

مخدوم صاحب جو علمي ڪم سندن ڪمال جي اهڙي عظيم شاهدي آهي جنهن جي مٽ ٻي ڪا بہ شاهدي نٿي ٿي سگهي. جنهن کي پڙهي ۽ پرکي هرڪو پارکو اندازو لڳائي سگهندو تہ مخدوم صاحب جو علمي ڪمال ڪهڙي درجي جو هو. ان ڪري پوئين زماني تائين جي هر محقق ۽ پارکوءَ جي راءِ سندن علمي ڪمال جو مشاهدو ڪرڻ لاءِ دليل بنجي سگهي ٿي. پوئين دور جي محققن مان صاحب نزهتہ الخواطر مولانا سيد عبدالحي حسني لکنوي سنڌس باري ۾ لکي ٿو.

احمد العلماء المبرزين في الحديث والكلام والعربيه.... كان مفرط الذكاء جيدالقريحة معدوم النظير في زمانہ رئسا في الحديث والكلام ماهراً بالمعارف الادبية (حديث ڪلام ۽ عربيءَ جي ماهر عالمن مان هڪ هو. نهايت ذهين، وڏو هوشيار ۽ ڏاهو علم ۽ عرفان جو ماهر سنڌس زماني ۾ پنهنجو مٽ ۽ ثاني نہ رکندو هو. حديث ۽ ڪلام جو سرڪرده اڳواڻ ۽ ادبي ڏاهپ جو پڻ پارکو هو.)[4]

تذڪره علماء هند ۾ رحمان عليءَ بہ مخدوم معين کي اهڙن ئي لقبن القابن سان سڏيو آهي. لکي ٿو:

جامع جميع فنون معقول و منقول نحرير عصر علامہ وقت بود. باوجود ڪمالات علمي آشنا بحر معرفت بود[1]

---

1 ڦلتي محمد عاشق شاهہ، ماهوار الولي جنوري فيبروري 1959ع شاهہ ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد

2 ٺٽوي محمد هاشم مخدوم، ڪشف الغطاء عن مايحل ويحرم من النوم والبكاء" صفحہ:1، قلمي، قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو. (قلمي)

3 ٺٽوي، محمد هاشم مخدوم:" غايت مدارج الفڪ لعقدة قولهم اليقين لا يزول بشڪ" صفحہ:2 (قلمي) قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو.

4 حسني، عبدالحي، لکنوي، سيد: "نزهتہ الخواطر" صفحہ:351

1 منشي، رحمان علي، مولانا "تذڪره علماءَ هند" صفحہ:

صديق حسن خان قنوجي اتحاف النبلاء ۾ مخدوم صاحب جي استدلال ۽ تحقيق علميءَ جي تمام وڏي ساراهه ڪئي آهي. ڪيس "الشيخ الفاضل المحقق" جي لفظن سان سڏيو آهي.[1] فقهاء هند جي مصنف هنن لفظن سان سندس ساراهه جا ڏڪ ڀريا آهن.

شيخ محمد معين سنڌي پنهنجي دور ۽ علائقي ۾ قرآن ۽ حديث جي فهم ۾ يڪتا، فقهه ۽ اصول فقهه تي عبور ۾ منفرد تحقيق ۽ ڪاوش ۾ ممتاز ذڪاوت ۽ فطانت ۾ بي نظير ۽ ادب ۽ شاعريءَ ۾ بهترين شهرت جومالڪ هو.[2]

مخدوم محمد ابراهيم خليل ٺٽوي تڪملہ مقالات الشعراء ۾ سندس ذڪر هنن لفظن ۾ ڪيو آهي.

عمدة العلماء الربانين وقدوة المفسرين والمحد ثين.[3]

نہ رڳو اهو پر سندس وفات حسرت آيات تي جن شاعرن تاريخ وفات جا قطعات چيا، تن صرف تاريخي قطعا ئي نہ چيا، پر مخدوم محمد معين جي علمي مقام ۽ مرتبي کي پڻ خوبصورت پيرا ڏنائون. محمد محسن ٺٽوي سندس علمي مقام کي هن طرح خراج تحسين پيش ڪيو آهي:

نورذهنش بمشڪلات علوم
در شب جهل بدر ڪامل شد
باڪمالات ظاهري از فڪر
باطنش مظهر فضائل شد

محسن موصوف جي ذهن جي نور ۽ روشنيءَ کي علمن جي مشڪلاتن ۽ مونجهارن ۾ ڀاڻ اونداهي رات ۾ ڪامل ۽ مڪمل چنڊ سان تشبيه ڏني آهي ۽ چيو اٿس تہ فڪر جي ظاهري ڪمالن سان سندس باطن فضائل جو مظهر ٿي پيو هو. پنهنجي هڪ ٻئي قطعہ تاريخ ۾ محسن ڪيس "دليل قاطع هر علم چون سيف" جي لفظن سان پيرا ڏني آهي. جنهن ۾ ڪيس حق ۽ باطل کي تلوار وانگر وڍي ڇني ڌار ڪندڙ هستيءَ سان تشبيه ڏني اٿس.

ميان عنايت ڪيس پنهنجي قطعہ تاريخ ۾ هن طرح پيرا ڏني آهي:

بي تو ماتم زده گانند خلائق يڪسر
بي تو در رونق علم ست علامات خمول

توکان سواءِ مخلوق يڪسر ماتم زده آهي. ۽ توکان سواءِ علم جي رونق ۾ ڏٻا اچي ويا آهن.

هيءَ سڀ ڳالهيون مخدوم موصوف جي علمي مقام ۽ مرتبي تي شاهد عادل آهن. پر، ان سان گڏ مخدوم موصوف جي علمي مقام ۽ مرتبي تي ان کان مٿاهين، حقيقي ۽ واقعي شاهدي مخدوم صاحب جا علمي تفردات، نقطا ۽ نظريات آهن. پاڻ علم حديث ۾ مختلف علمي رايا ۽ تفردات رکندو هو. ان کان

---

1 قنوجي صديق حسن خان "اتحاف النبلاءِ المتقين باحياءِ ماثر الفقهاءِ والمحدثين" صفحہ: 88 مقصد اول، اسامي ڪتب ومؤلفين باب الدال

2 ڀٽي محمد اسحاق: "فقهاءِ هند" جلد: 5 صفحہ: 233 اداره ثقافت اسلاميہ ڪلب روڊ لاهور

3 ٺٽوي، محمد ابراهيم، خليل تڪملہ مقالات الشعراء" صفحہ: 185، طبع سنڌي ادبي بورڊ 1985ع

سواءِ فقه، اصول فقه، فتوي ۽ شيعا سني مڪتبن ۾ اختلافي مسئلن بابت پڻ منفرد خيالن ۽ سوچن جو مالڪ هو. سندس هيءُ علمي تفردات سندس اعليٰ علمي مقام جي تمام مٿاهين چوٽيءَ جا راز فاش ڪندڙ آهن. ۽ سندس سوچ، شخصيت، فڪر ۽ فلسفي جي سمجهڻ ۾ مددگار پڻ آهن. اهي صرف هي ناهن، جيڪي بيان ڪجن ٿا. هيءُ سندس وسيع خيالن منجهان "مشت نمونہ خروار" وانگر صرف سندس سوچن جي معمولي جهلڪ آهن. هيٺ سندس اهڙن خيالن کي پيش ڪجي ٿو:

## فصل پهريون: علم حديث بابت نظريا

علم حديث بابت مخدوم موصوف جا نظريا حنفي مسلڪ جي عام نظرين ۽ عقائد جي اڪثر ڳالهين ۾ خلاف آهن. سندس هيءُ نظريا علمي حلقن ۾ عرصي کان تهلڪ خيز رهيا آهن. خاص طور مخدوم موصوف جي معرڪةالآراء تصنيف دراسات اللبيب جي ڇپجي اچڻ کان پوءِ علم حديث بابت موصوف جي تفردات سندس هر هنڌ هاڪ بيهاري ڇڏي. هيٺ سندس انهن نظرين جي هڪ مختصر جهلڪ موصوف جي علمي مقام جو اندازو ڪرڻ لاءِ پيش ڪجي ٿي.

### جڏهن فقيهن جو قول صحيح حديثن جي خلاف هجي:

مخدوم ٺارو هن معاملي ۾ اهو موقف ٿو رکي تہ جڏهن صحيح حديث ثابت ٿي وڃي تہ فقيهن جي قول مٿان عمل ڇڏي ڏيڻ گهرجي. سندس چوڻ آهي، تہ ان باري ۾ مون، مقدمہ شرح السفر ۾، شيخ دهلويءَ جي قول کان سواءِ، ٻئي ڪنهن جو اهڙو قول نہ ڏٺو آهي، موصوف چوي ٿو تہ اسان جي زماني جا ڪي فقيه صحيح حديث جي مقابلي ۾ مذهب جي روايت ڇڏڻ جي عدم جواز جا قائل آهن." سندس چوڻ آهي تہ: اسان جي زماني" جي لفظن مان منهنجي مراد دور حاضر ۽ اسان جو اچوڪن ڏينهن جو زمانو آهي. هن کان اڳ جيڪي منهنجا معاصر گذريا آهن. جيڪي اسان جي مشائخ رحمة الله عليہ جي طبقي مان هئا، تن کان پڻ اسان ائين نہ ٻڌو آهي.[1]

### چئن مذهبن جي نہ ڇڏڻ تي اجماع جو رد:

مخدوم ٺارو فرمائي ٿو تہ هيءُ وهم پيدا ڪيو ويو آهي تہ هن ڳالهہ تي اجماع منعقد ٿي چڪو آهي تہ هنن چئن مذهبن: حنفي، شافعي، مالڪي ۽ حنبلي مان ڪنهن کي ڇڏڻ نہ گهرجي ۽ ماڻهن تي انهن جي پيروي ڪرڻ واجب آهي." موصوف چئي ٿو تہ هن وهم کي بہ صحيح حديث جي مقابلي ۾ مذهب جي روايت ترڪ نہ ڪرڻ جي دليل طور ورتو ٿو وڃي (1) "علم ان ڳالهہ جو احاطو ڪري چڪو آهي تہ هن قول

---

1 ٺٽوي، محمد معين: "دراسات اللبيب" صفحہ 7 سنڌي ادبي بورڊ 1957ع

1 ٺٽوي، محمد معين: "دراسات اللبيب" صفحہ 11 سنڌي ادبي بورڊ 1957ع

تي اجماع ڪونهي. جنهن ڪري ابن الهمام ان کي "التحرير" ۾ "بعض" ڏانهن منسوب ڪيو آهي، ۽ ابن امير الحاج "التحبير" ۾ ان جو تفسير اهو ڪيو آهي، تہ ان مان مراد ابن الصلاح آهي."[1] انهيءَ وهم جي غلط هئڻ جو مضبوط دليل اهو آهي تہ انهن جنهن اجماع جو ذڪر ڪيو آهي، اهو ان تي آهي تہ منع ڪيل مذهبن تي عمل نہ ڪرڻ گهرجي. ۽ تفرقي کان بچڻ گهرجي ۽ چئن مذهبن کان سواءِ ٻين ڏانهن تجاوز نہ ڪرڻ گهرجي. اهو اجماع هن ڳالھ تي ڪونهي تہ صحيح حديث سميت جيڪا بہ چئن مذهبن جي خلاف شئي هجي ان تي عمل نہ ڪجي."[2]

مخدوم محمد معين جو چوڻ آهي تہ: چئن مذهبن جا پيروڪار متاخر مصنف هن تي متفق آهن تہ، سندن مذهبن جي سندن امامن کان روايت جڏنهن صحيح حديث جي خلاف هجي تہ، سيني جو متفقہ فيصلو آهي تہ اها حديث ان جي مٿان حجت آهي. اها ڳالھ چئني مذهبن جي ڪتابن جو مطالعو ڪندڙن کان مخفي ناهي. جڏنهن بہ انهن مان ڪو شارع صلي الله عليہ وسلم جي قول تحت محجوج ڏٺو ويو تہ ان جي روايت کي ترڪ ڪرڻ واجب سمجهيو ويو آهي. ان جي مٿان انهن مان ڪن تصريح بہ ڪئي آهي. امام جعفر طحاوي باوجود ابو حنيفہ جي مذهب جي تصديق ڪرڻ ۽ سندس متمسڪات جي مرفوع ۽ موقوف حديثن مان تخريج ڪرڻ جي، جڏنهن سندس قول کي مرفوع حديث جي خلاف ڏسندو آهي تہ، چوندو آهي: ابو حنيفہ جو قول باطل ٿي ويو."[3]

مخدوم موصوف لکي ٿو تہ: ڪن وڏن چيو آهي تہ: ابو حنيفہ جي پيروڪارن ۾ پنهنجي امام جي خلاف موقف رکڻ شافعي جي پيروڪارن کان گهٽ رهيو آهي" موصوف فرمائي ٿو تہ جڏنهن شافعيءَ جي باري ۾ ائين آهي، جڏنهن تہ ان سان سندس پيروڪارن گهٽ اختلاف رکيو آهي، تہ پوءِ مالڪ ۽ احمد جي باري ۾ ظاهر آهي تہ، گهٽ اختلاف جو هوندو ايستائين جو احمد سان اختلاف ويهن مسئلن کان مٿي ناهي. والله اعلم[4]

موصوف علامہ شعراوي جي ڪتاب "لواقع الانوار القدسيہ" جي حوالي سان لکي ٿو تہ: هن فقير جو عمل اهو آهي تہ جڏنهن پنهنجي امام جي دليلن جو ضعف معلوم ٿي وڃي ۽ ٻئي امام جي مذهب جي دليلن جي صحت معلوم ٿي وڃي تہ پنهنجي امام جي عصبيت ڇڏي ڏجي. ڇاڪاڻ تہ امام اهو نہ چيو آهي تہ منهنجي هر معاملي ۾ تقليد ڪيو. ڇاڪاڻ تہ امام خطا کان معصوم ناهن. ۽ ڪن حنفين (فامسحو بوجوهكم وايديكم) جي باري ۾ چيو آهي تہ: حق شافعي جو قول آهي." (1) علامہ شعراويءَ جي ٻئي حوالي سان نقل ڪندي مخدوم موصوف لکي ٿو تہ امام ابو حنيفہ جو چوڻ آهي تہ: توهان تي منهنجي ڪلام مان فتوي ڏيڻ ايستائين حرام آهي، جيستائين منهنجي دليل کان واقف نہ ٿيو". موصوف لکي ٿو تہ ان مان

---

1 ٺٽوي، محمد معين: "دراسات اللبيب" صفحہ 12 سنڌي ادبي بورڊ 1957ع

2 ٺٽوي، محمد معين: "دراسات اللبيب" صفحہ 12 سنڌي ادبي بورڊ 1957ع

3 حوالو ساڳيو، درسہ ثالث، صفحہ 103

4 حوالو ساڳيو. درسہ ثالث صفحہ 105

1 حوالو ساڳيو درسہ ثالث صفحہ 106

معلوم ٿيو تہ پنهنجي امام جي باري ۾ متعصب ماڻهو پنهنجي امام جي مخالفت ڪري رهيو آهي ۽ اهڙيءَ صورت ۾ مسئلي جي ذميواري امام جي سر تي نہ پر ان متعصب پيروڪار جي پنهنجي سر تي آهي. پوءِ بہ جيڪو ماڻهو ان تي اصرار ٿو ڪري، تہ امامن جي مثان ان جو گناهہ ناهي. قيامت جي ڏينهن اهڙن متعصب پيروڪارن کان سڀ کان پهريائين انهن جا امام برائت ڪندا. جيڪڏنهن گهرين تہ پڙهہ (اذ تبرا الذين اتبعو من الذين اتبعو) "جنهن ڏينهن امام پنهنجي پيروڪارن کان برائت ڪندا."[1]

مخدوم موصوف حنفين ۽ ٻين مقلدين جي هن خيال جي ترديد ڪئي آهي، جنهن ۾ اُهي اِهو اعتقاد رکن ٿا تہ: امام ابو حنيفہ وٽ مثال طور يا ٻين امامن وٽ هر مسئلي جو دليل آهي ۽ هر معارض جو جواب آهي." مخدوم موصوف جو چوڻ آهي تہ: ڳالهہ ائين ناهي بلڪ ڳالهہ اها آهي، جيڪا سنڌس پيروڪارن کان ثابت آهي تہ: امام ابو حنيفہ وٽ سنڌس زماني ۾ حديثون نہ پهچي سگهيون هيون." جيئن ڪن موقعن تي سنڌس پيروڪار چوندا آهن: هيءَ حديث کين نہ پهتي آهي." امام شعراوي چيو آهي تہ: امام ابو حنيفہ جو سنڌس گهٽي قياس جي باري ۾ عذر هيءُ آهي تہ، کيس پنهنجي زماني ۾ گهٽيون حديثون نہ پهتيون آهن." علامہ احمد بن عبدالسلام پنهنجي ڪتاب "رفع الملامة عن ائمة الاعلام" ۾ اهي حديثون، جيڪي خلفاء راشدين وٽ نہ پهتيون، ٻين صحابن وٽ پهتيون، سي ڳڻائڻ کان پوءِ چيو آهي تہ، هيءُ وسيع باب آهي، صحابہ کان جيڪي منقول حديثون آهن، تن جو تعداد تہ ڳڻپ جي لحاظ سان گهٽو آهي، البتہ صحيح حديثون، جيڪي صحابہ وٽ نہ پهتيون آهن، تن جو احاطو ڪرڻ ناممڪن آهي. اهي هزارن جي تعداد ۾ آهن". هيءُ طبقہ صحابہ جو حال آهي، جيڪي امت مان سڀ کان وڏيڪ علم وارا، سڀ کان وڏيڪ فقيہ، وڏيڪ متقي ۽ وڏيڪ فضيلت وارا هئا، تہ پوءِ جيڪي کانئن پوءِ وارا هئا، جيڪي کانئن گهٽ رتبي وارا هئا، تن کان ڪن حديثن جو مخفي ۽ غير معلوم رهجي وڃڻ تہ بطريق اولي ٿي سگهي ٿو. ان ڪري جيڪو اهو اعتقاد ٿو رکي تہ هر صحيح حديث هر هڪ امام کي پهتي آهي، يا ڪنهن مقرر امام کي پهتي آهي، سو غلط آهي. ان جي غلطي فحش ۽ قبيح آهي. ڪير اهو بہ نہ ٿو چئي سگهي تہ حديثون مدون ۽ جمع ٿي چڪيون آهن، ان ڪري امامن کان انهن جو مخفي رهجي وڃڻ ممڪن ناهي. ڇاڪاڻ تہ حديثن جو جمع ۽ تدوين ۽ سنت جا مشهور ديوان متبوع امامن جي گذري وڃڻ کان پوءِ مدون ٿيا آهن."[2]

## هڪ مذهب ڇڏي ٻيو اختيار ڪرڻ:

مخدوم نارو ان وهم جو بہ انڪار ٿو ڪري تہ، هڪ مذهب ڇڏي صحيح حديث تي عمل ڪرڻ ڪو ناجائز آهي." موصوف چئي ٿو تہ متاخرين جي متقدمين سان هن باري ۾ اختلاف جو جيڪو وهم ڪيو ويو آهي. تنهن مان بہ اها مراد ڪانهي تہ، مذهب ڇڏي صحيح حديث اختيار نہ ڪجي (1) موصوف لکيو آهي تہ بعض علمائن پورو مذهب ڇڏي ٻئي مذهب کي اختيار ڪرڻ جا مثال بہ قائم ڪيا آهن: جيئن ابو

1 ٺٽوي، محمد معين: "دراسات اللبيب" دراسہ ثالث، صفحہ: 109

2 ٺٽوي، محمد معين: "دراسات اللبيب" دراسہ ثالث، صفحہ: 104

1 حوالو ساڳيو صفحہ 12_ 13.

جعفر طحاوي، شافعي مذهب ڇڏي حنفي مذهب اختيار ڪيو [1] مخدوم صاحب امام علائيءَ کان نقل ڪندي لکيو آهي ته: پنهنجو مذهب ڇڏي ٻيو مذهب اختيار ڪرڻ ٻن صورتن ۾ وڌيڪ ترجيح لائق آهي. هڪ جڏنهن ٻئي امام جي مذهب ۾ وڌيڪ سختيءَ ۽ احتياط جي تقاضا موجود هجي. ٻيو جڏنهن مخالف مذهب جي قول جي تائيد ۾ صحيح حديث مان دليل ڏسجي ۽ پنهنجي امام جي مذهب ۾ ان جي جواب ۾ ڪوبه دليل، جيڪو قوي معارض ۽ راجع هجي، سو نه ملي ته انهن ٻنهي صورتن ۾ پنهنجو مذهب ڇڏي ٻيو اختيار ڪرڻ وڌيڪ بهتر آهي. ڇاڪاڻ ته مڪلف نبي ﷺ جي پيروي ڪرڻ جو پابند آهي، ڪنهن ٻئي جو نه." [2]

## غير مجتهد جي تقليد:

هن مسئلي کي موصوف هن طرح سلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي: ته غير مجتهد عالم کي جيڪڏهن ڪنهن هڪ مسئلي ۾ به اجتهاد جو ملڪو حاصل ناهي ته اهو عام ماڻهوءَ وانگر آهي. ان تي تقليد لازم آهي. ان باري ۾ ڪوبه ڪلام ڪونهي، پر جيڪڏهن غير مجتهد مان مراد مطلق غير مجتهد آهي. اجتهاد مقيد جو رتبو حاصل هجيس يا نه.

زرڪشيءَ جي بحر ۾ آهي ته: علم ٻه قسم آهي. هڪ علم جو قسم اهڙو آهي، جنهن ۾ عام خاص ٻئي برابر آهن. جيئن متواتر ڳالهين جو علم آهي. ته اهڙي علم ۾ تقليد جائز ڪانهي. جيئن: رڪعتن جو تعداد: نماز جي تعيين، مائرن ۽ ڌيئرن جي حرمت ۽ لواطت. هنن ڳالهين جي معلومات عام ماڻهوءَ لاءِ ڏکي ڪانهي ۽ انهن جي معلومات عام ماڻهوءَ کي پنهنجي ڏنڏي ڏاڙيءَ ۾ رڪاوٽ جو سبب به ڪانه ٿيندي.

علم جو ٻيو قسم اهڙو علم آهي جنهن کي خاص ماڻهو ئي ڄاڻي سگهن ٿا. ان ۾ ماڻهو ٻه قسم آهن: هڪ قسم عام ماڻهو جو آهي. جمهور هن جا قائل آهن ته: ان تي شريعت جي مڙني فروعن ۾ تقليد واجب آهي. ٻيو قسم اهڙن ماڻهن جو آهي، جن ڪجهه معتبر علم حاصل ڪيا آهن، پر اهو اجتهاد جي رتبي کي نه پهتو آهي. ان باري ۾ ابن حاجب ان ڳالهه کي اختيار ڪيو آهي ته: اهو عام ماڻهوءَ وانگر آهي، ڇاڪاڻ ته اهو اجتهاد کان عاجز آهي." ڪن چيو آهي ته ان لاءِ به تقليد جائز ڪانهي، ڇاڪاڻ ته ان وٽ احڪامن جي ڄاڻڻ جي صلاحيت موجود آهي. ان ڪري ان تي احڪامن جي معرفت حاصل ڪرڻ واجب آهي ۽ ان کي عامي صرف سان ملائڻ غلط آهي. خاص طور مذهبن جي متبحرن پاڻ کي ڪڏهن به مقلد نه سڏيو آهي. ابو علي وغيره جن چيو آهي: ته اسان شافعيءَ جا مقلد ناهيون". اهڙيءَ طرح انهن کي مجتهدن سان ملائڻ به غلط آهي، ڇاڪاڻ ته مجتهد مجتهد جي تقليد نه ڪندو آهي.. [1] آءٌ چوان ٿو ته زرڪشيءَ جي بحث جو خلاصو هيءُ آهي ته جن علمائن کان مذهب ۽ علم ماخوذ آهي، تن پاڻ کي عمل ۽ قول جي لحاظ کان مقلد نه سڏيو آهي عمل جي لحاظ کان هن طرح ته، انهن دليلن ۾ بحث ڪري ترجيح واري صورت تي

---

1 حوالو ساڳيو صفحو _ 15

2 حوالو ساڳيو، دراسة الرابعہ صفحو: 40 _ 139.

1 ٺٽوي، محمد معين. مخدوم: دراسات اللبيب صفحو 14.

عمل ڪيو آهي. ڪن عالمن تہ سڄو جو سڄو مذهب ڇڏي ٻئي مذهب جي بہ تقليد ڪئي آهي. قول جي لحاظ کان هن طرح تہ جيئن ابو عليءَ چيو تہ, اسان شافعي جا مقلد ناهيون" . اسان انهن لاءِ اهو چونداسين تہ انهن کي جزوي مسئلن ۾ اجتهاد جو ملڪو حاصل هو تڏنهن اهي مجتهد آهن. جيتوڻيڪ ڪن مسئلن ۾ انهن اجتهاد ڪيو آهي تہ, انهن تي ٻئي جي تقليد حرام آهي. اهو اجتهاد ۾ تجزي جو قول آهي. جمهور ان جا قائل آهن. ان ڪري جيڪڏنهن حديث تي عمل ڪرڻ اجتهاد جي باب مان تسليم بہ ڪجي تہ بہ ان لاءِ مطلق اجتهاد شرط هئڻ اسان قبول نہ ڪنداسين, بلڪ جزوي اجتهاد جو ملڪو رکندڙ بہ حديث ۾ اجتهاد ڪري سگهي ٿو. ڇاڪاڻ تہ ان کي جزوي اجتهاد جي قوت حاصل آهي. جيڪو چيو ويو آهي تہ اسان جي زماني ۾ ڪوبہ اجتهاد جو ملڪو رکندڙ بہ حديث ۾ اجتهاد ڪري سگهي ٿو. ڇاڪاڻ تہ ان کي جزوي اجتهاد جي قوت حاصل آهي.. جيڪو چيو ويو آهي تہ اسان جي زماني ۾ ڪوبہ اجتهاد جو صاحب ڪونهي, سو جيڪڏنهن اسان تسليم بہ ڪيون تہ ان مان مراد مطلق اجتهاد ٿيندو. جزوي اجتهاد مراد نہ ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ جزوي اجتهاد کان ڪوبہ زمانو خالي نہ رهيو آهي. اسان جو زمانو پڻ ان کان خالي ناهي,[1]

مخدوم صاحب مٿي جيڪو ان سلسلي ۾ بحث ڪيو آهي, تنهن ۾ ان ڪجهہ اڪابرن جي راين کي سامهون رکي ڳالهايو آهي. باقي سندس حديث تي عمل ڪرڻ جي باري ۾ راءِ هيءَ آهي تہ "حديث تي عمل ڪرڻ اجتهاد جي باب مان ناهي, نہ ئي تقليد جي باب مان آهي." تقليد جي باب مان نہ هئڻ هن طرح تہ, اصول فقه ۾ اهو بيان آهي تہ شريعت جي چئن حجتن مان ڪنهن هڪ تي عمل ڪرڻ تقليد نہ چئبو. تقليد اها آهي تہ ماڻهو ڪنهن جي ڳالهہ تي حسن ظن ۽ حسن اعتقاد جي طور تي عمل ڪري تہ, هو شريعت جي دليلن کي وڏيڪ ڄاڻي ٿو ۽ ان جي معرفت وڏيڪ رکي ٿو ۽ تقليد نقليات ۾ صحيح ناهي هوندي. جيئن پنهنجي قياس ۽ پنهنجي اجتهاد تي عمل ڪندڙ مقلد نہ سڏيو ويندو آهي, اهڙيءَ طرح ڪتاب ۽ سنت تي عمل ڪندڙ پڻ مقلد نہ سڏيو ويندو. شارع جي پيرويءَ جي طور تقليد مصطلح تقليد ڪانهي. جڏنهن تہ حديث تي عمل ڪندڙ کان نفي ڪيل اهو آهي, باقي ٻهريون نہ. ڇاڪاڻ تہ اصطلاح ۾ اجتهاد چئبو آهي, فقيه جو شرعي حڪم مان ظن ۽ گمان جي تحصيل لاءِ ڪوشش ڪرڻ کي. ۽ ڪتاب ۽ سنت جي منصوص ۽ ان جي ظاهر تي عمل ڪرڻ اهڙو عمل ناهي جنهن ۾ فقيه ڪوشش خرچ ڪئي هجي, اهو تحصيل جي باب جي شئي ئي ناهي, ڇاڪاڻ تہ مذڪور تي شيون. ڪتاب, سنت ۽ ان جو ظاهر علم جون موجب آهن. ها البتہ سنت مان جيڪي آحاد آهن, سي طريق روايت جي ڪوتاهيءَ جي ڪري ظني آهن. اهو نفس سنت کان ٻاهر جو معاملو آهي, نفس سنت حجت آهي ۽ نفس اجتهاد ظن جو موجب آهي. علم جو موجب ناهي." اهوئي سبب آهي جو شارح عضدي چيو آهي تہ, قطعيات ۾ اجتهاد نہ ٿيندو آهي.[1]

---

1 ٺٽوي, محمد معين: "دراسات اللبيب" صفحہ: 17_18

1 حوالو ساڳيو صفحہ: 23_24

مخدوم صاحب فرمائي ٿو: تہ قطعيات مان مراد آهي ڪتاب، سنت ۽ اجماع مان جيڪو دلالت ۾ قطعي هجي. نہ تہ محتمل ڪلام مان جڏهن هڪ پاسي کي ترجيح ڏبي تہ ان ۾ بہ اجتهاد کي دخل ٿيندو ۽ اهو اجتهاد تي عمل ٿيندو. جيئن اهو فرق واضح آهي. ان ڪري جيئن نبي صلي الله عليہ وسلم جن جيڪو الله کان ورتو سو علم آهي، جيڪو اجتهاد ۽ تقليد کان پاڪ آهي. تيئن صحابہ رضي الله عنهم جيڪو نبي صلي الله عليہ وسلم جن کان روبرو ورتو آهي، سو علم آهي، نہ ظن آهي، نہ تقليد.. ان طرح هر اها شئي جيڪا نبي ﷺ جن کان پهچي، شرط آهي تہ صحيح پهچي، منسوخ ٿيل نہ هجي ۽ ان سان ڪو معارض بہ نہ هجي، ۽ دلالت ۾ ڪوبہ احتمال نہ رکندي هجي. اها شيوخ فن کان روبرو ورتل هجي يا ڪتب مرويہ کان ورتل هجي، شرط آهي تہ مروي ڪتابن جا نسخا صحيح هجن تہ اها شيءِ علم آهي، ظن ناهي ۽ ان تي عمل ڪرڻ ائين واجب آهي جيئن نبي صلي الله عليہ وسلم جن کان صحابہ ڪجھ ٻڌڻ کان پوءِ ان تي عمل ڪرڻ کي واجب سمجهندا هئا. هيءَ ئي فقيهن ۽ محدثن جي هن متفق عليہ قول جي معنيٰ آهي تہ: نبي ﷺ جن کان جيڪا شيءِ صحيح طرح منزل هجي، ان تي عمل ڪرڻ واجب آهي.“ [1] هن جڳه تي مصنف هڪ عجيب ڳالھ لکي آهي تہ: آحاديثن جي سند ۾ جيڪو ظن پيدا ٿيو آهي اهو انهن کي صحيح حديث هئڻ کان خارج نہ ڪندو.“ بهرحال اڳتي لکي ٿو تہ جڏهن صحابي نبي ﷺ جن کان ڪا شيءِ ٻڌي ۽ ان جي مراد سمجهي تہ ان تي فوري طور تي عمل ڪرڻ واجب ٿي ويندو آهي بنا ڪنهن عالم صحابيءَ کان سوالن ڪرڻ جي، تيئن جڏهن مڪلف ڪنهن صحيح حديث تي اطلاع حاصل ڪري وٺي تہ ان تي ان کي عمل ڪرڻ واجب آهي. جيئن صحابيءَ تي نبي صلي الله عليہ وسلم جن جو قول ٻڌڻ کان پوءِ ڪنهن ٻئي صحابيءَ جي قول جي ڪري عمل ڇڏڻ حرام آهي تيئن مڪلف تي بہ عمل ۾ توقف ڪرڻ ۽ حديث تي عمل ڇڏڻ حرام آهي.“[2]

مخدوم رحمةالله عليہ جو چوڻ آهي تہ حديث تي عمل اجتهاد تي موقوف ناهي، ڇاڪاڻ تہ حديث تي عمل ڪرڻ اجتهاد جي باب جي شيءِ ناهي.“[3] اهڙيءَ طرح سنڌس چوڻ آهي تہ حديث تي عمل ڪرڻ لاءِ حديث جي فنن جو ڄاڻڻ بہ ضروري ناهي، نہ ئي صحيح ضعيف جو ڄاڻڻ ضروري آهي. نہ ناسخ منسوخ جو ڄاڻڻ ضروري آهي. موصوف اهو اقرار ٿو ڪري تہ اجوڪي زماني ۾ اهڙا ماڻهو خاص طور اسان جي ملڪ ۾ موجود ڪونهن، جيڪي حديث جو فن ۽ صحيح ۽ ضعيف، ناسخ ۽ منسوخ جو علم رکندا هجن؛ پر سنڌس چوڻ آهي تہ حديث تي عمل لاءِ اهو شرط ناهي.[1] موصوف لکي ٿو تہ حديث تي عمل حديث جي علمن جي معرفت تي موقوف ضرور آهي پر انهن علمن جو احاطو ڪرڻ ضروري ناهي بلڪ مروي مدون ڪتابن تي اطلاع حاصل ڪرڻ ئي ان لاءِ ڪافي آهي، جن ڪتابن ۾ حديث سان متعلق هر ننڍي وڏي جزي محدثن شامل ڪري ڇڏي آهي. هر حديث بابت انهن لکي ڇڏيو آهي تہ ان جي پوزيشن ڪهڙي

---

1 ٺٽوي، محمد معين: ”دراسات اللبيب صفحہ: _ 25

2 حوالو ساڳيو، صفحہ: 26

3 حوالو ساڳيو صفحہ: 35

1 دراسات اللبيب 38_39 ملخصًا.

آهي، موصوف اهڙن ڪتابن جي دستياب نہ ٿي سگهڻ يا انهن کي سمجهي نہ سگهڻ جي عذر کي بہ قبول نہ ٿو ڪري ۽ چئي ٿو تہ جيڪڏهن اجوڪي زماني ۾ حديث جا حافظ ۽ اصول جا مشائخ نہ رهيا آهن، تہ انهن جا علم مدون موجود آهن. ۽ انهن جا شرح هر زماني ۾ ٿيندا رهيا آهن. انهن تي حاشيا ۽ تعليقات موجود آهن. بس انهن مدون ڪتابن جي هوندي ڪنهن بہ ٻئي عذر کي قبول نہ ٿو ڪري سگهجي. [1]

## اجتهاد ۽ قياس:

اهو چوڻ غلط آهي تہ اجتهاد ۽ قياس هر صورت ۾ ضروري آهن. انهن جي هر ڳالهہ ۾ شروع کان توڙي پڇاڙيءَ ۾ هر صورت ۾ ضرورت پوندي. ان ڪري بس قياس ۽ اجتهاد کي ئي اول ۽ آخري سمجهي قبول ڪرڻ گهرجي ۽ حديث تي عمل ڇڏي ڏجي. البتہ هن طرح چوڻ صحيح ٿيندو تہ: ضرورت وقت اجتهاد ۽ قياس کي اختيار ڪرڻ گهرجي." ضرورت جو مطلب آهي تہ: جڏهن حڪم ڪتاب ۽ سنت ۾ نہ هجي." ان طرح قياس ۽ اجتهاد جي پڇاڙيءَ ۾ ضرورت پوندي آهي. جڏهن نص موجود نہ هجي. شروع ۾ ئي انهن تي عمل ڪرڻ واجب ناهي. جڏهن نص موجود هجي تہ قياس ۽ اجتهاد جي ضرورت نہ رهندي. [2]

"اهو چوڻ بہ غلط آهي تہ اڪثر جيڪي واقعا نوان پيدا ٿين ٿا، انهن بابت حديث ۾ رهنمائي موجود ناهي. جنهن ماڻهوءَ کي صرف هڪ ڪتاب سنن ابو داؤد تي عبور حاصل آهي، تنهن کي خبر آهي تہ حديثن ۾ ڪيترا نہ عجيب ۽ نادر مسئلا موجود آهن. جيڪي فقه جي ڪوڙ ڪتابن ۾ بہ ڪونہ ملندا. ان ڪري ئي امام غزالي چيو آهي: تہ سنن ابوداؤد اجتهاد جي مواد جو خزانو آهي." ٻئي هنڌ چيو اٿس مؤمن لاءِ مصحف (قرآن شريف) ۽ سنن ابو داؤد ڪافي آهي." هيءُ صرف حديث جي هڪ ڪتاب ابو داؤد جو حال آهي، تہ پوءِ ٻين حديث جي مشهور ۽ غير مشهور کي گڏائي ڏسبو تہ پوءِ ان جي ڪهڙي صورت بيهندي. رهيو سوال تمام گهڻن فروعن ۽ ذڪين صورتن جو جن جي اڪثر ڪنهن کي ضرورت بہ ڪانہ پوندي آهي، تن بابت فقه حديث جواب ڏيڻ کان قاصر آهي تہ اهو اهڙو سوال آهي جنهن جي جواب ڏيڻ جي ضرورت ئي ڪانهي." ڇاڪاڻ تہ اهو سلف صالح وٽ مڪروه آهي، جو نبي ﷺ کان اهڙي قيل ۽ قال ۽ گهڻي سوال کان منع نقل ٿيل آهي. اهڙين جزئين ۽ فرعن جو ڄاڻڻ بهتر ناهي. ان ڪري انهن بابت سوال ڪندڙ ۽ جواب ڏيندڙ مفتي ٻئي ڪراهت جي حڪم ۾ برابر آهن. ان ڪري تمام اونهن ۽ نادر الوقوع فروعن ۽ مسئلن جو تمام بعيد قياسن جي ذريعي استخراج مڪروه آهي. جڏهن تہ فتوائن جي ڪتابن ۾ اهڙن فضول مسئلن جو تعداد تمام گهڻو هوندو آهي. [1]

ڪراهت جي تائيد هن مان بہ ٿئي ٿي تہ قياس کي جائز چوندڙ وٽ بہ اهو صرف ان وقت جائز آهي جڏهن نص جي نہ هئڻ جي صورت ۾ ان جي ضرورت پيش اچي. ضرورت پيش نہ آئي تہ اهو جائز نہ ٿيندو.

قياس جي انڪارين وٽ تہ شارع جو نص نہ هئڻ جي صورت ۾ قياس جي بجاءِ هڪ ٻي وات آهي، اُها

---

1 ٺٽوي، محمد معين: "دراسات اللبيب 39_ 40_ 41 ملخصا.

2 حوالو ساڳيو، صفحہ 41 ملخص

1 ٺٽوي، محمد معين: "دراسات اللبيب" صفحہ: 42

اِها تہ اُهي قياس جو رستو ڇڏي اجتهاد ڪندا آهن ۽ دلالتن جي اهڙن وجهن ۾ غور ڪندا آهن. جن کي قياس جي داؤد ظاهريءَ کانسواءِ مڙني انڪارين ثابت ڪيو آهي. هن طرح تہ اهي جڏهن انهن دلالتن لاءِ ڪنهن مثال ۾ غور ڪندا آهن تہ اهي مثال جلي قياس سڏيا ويندا آهن. ان ڪري بعض اصحاب شافعيہ دلالت النص کي قياس جلي سڏيو آهي. دلالت النص جي هن طريقي ۽ قياس ۾ فرق اهو آهي تہ دلالت النص جو مفهوم لغت جي اعتبار کان آهي ۽ قياس جو مفهوم راءِ جي اعتبار کان آهي.[1]

## مخدوم محمد معين جي راءِ:

دلالت النص ۾ قياس جي هن مسئلي ۾ مخدوم موصوف جي پنهنجي راءِ قياس جي انڪارين واري ڪانهي. موصوف ان مسئلي جي باري ۾ پنهنجي راءِ بيان ڪندي لکي ٿو: "منهنجي نظر ۾ حق اهو آهي تہ نص منجهان معنيٰ سمجهڻ جي لاءِ صرف لغت ڪافي نہ ٿي ٿئي بلڪ ان لاءِ باريڪ ۽ خفي راءِ جي قسم جو ٻيو فهم بہ تمام ضروري آهي. جيئن لفظ: "اف" صرف لغت جي بنياد تي مارڻ يا گار ڏيڻ سان جيڪو ايذاءُ پيدا ٿيندو آهي، ان تي دلالت نہ ٿو ڪري، بلڪ سمجهڻ وارو بنا ڪنهن مونجهاري جي الله جي قول (فلاتقل لهما اف) منجهان ايذاءَ جي معنيٰ سمجهندو. اها لفظ جي جيڪا دلالت آهي، سا قياس جلي آهي، جيئن بعض شافعين چيو آهي، ان دلالت ۽ قياس ۾ فرق اهوئي آهي. جيڪو قياس خفيءَ ۽ جليءَ ۾ فرق آهي. ان ڪري داؤد ظاهريءَ کان سواءِ قياس جا جيڪي بہ انڪاري آهن ۽ دلالت النص کي ثابت ٿا مڃن، سي سڀ جو سڀ قياس جليءَ جا قائل آهن. ان ڪري انهن جي قياس جي انڪار مان مراد قياس خفيءَ جو انڪار آهي.[2]

## عبادت ۾ قياس:

قياس جي معاملي ۾ هڪ اهم ڳالهہ/ بحث اهو بہ آهي تہ قياس سان تعبد جائز آهي يا نہ. مخدوم موصوف ان سلسلي ۾ لکيو آهي تہ:

جمهور فقيهن ۽ متڪلمن چيو آهي تہ قياس سان تعبد عقل جي لحاظ سان جائز آهي. جڏهن تہ مڙني شيعن ۽ نجدين کان سواءِ خارجين، جن ۾ ابراهيم نظام بہ شامل آهي ۽ معتزلن جي هڪ بغداد جي جماعت چيو آهي تہ قياس ذريعي تعبد جو ورود عقل جي لحاظ کان ممتنع آهي. جڏهن تہ مڙني ظاهرين، حديث جي مشائخن، قاشاني، داؤد ظاهري ۽ سنڌس پٽ محمد ۽ نهرواني چيو آهي تہ اهو عقل جي لحاظ کان ممتنع ناهي، پر شريعت ۾ ان جي ذريعي تعبد وارد نہ ٿيو آهي. بلڪ قياس تي عمل کان منع ڪئي وئي آهي. ان ڪري قياس جي ذريعي تعبد باطل چئبو ۽ بعض وڏا محدث عارف بہ ان راءِ سان اتفاق رکن ٿا. جن سڀني کي ان معاملي ۾ اهل بيت جي ٻارهن امامن ۽ سنڌن پيروڪارن سان "قدوه حسنة" حاصل آهي. جيڪي قياس کي جائز نہ ٿا سمجهن.

---

1 حوالو ساڳيو صفحہ: 43

2 حوالو ساڳيو صفحہ: 44

اها ڳالهه شيخ قطب وقت عبدالوهاب شعراني جهڙي ثقي ۽ عادل شخص جي لواقح ۾ روايت سان ثابت ٿئي ٿي. موصوف امام جعفر صادق کان روايت ڪئي آهي ته ان امام ابو حنيفي کي چيو ته: مون وٽ خبر پهتي آهي ته تون قياس ٿو ڪرين. قياس نه ڪر! ڇاڪاڻ ته جنهن پهرئين شخص قياس ڪيو سو ابليس هو." اهل بيت امامن مان هڪ جو مذهب سيني جو مذهب هوندو آهي.... جڏهن اهل بيت امامن جو مذهب به اهو هجي. حديث جي تمام وڏن مشائخن جهڙوڪ فن جي امامن جي بادشاهه ابو عبدالله محمد بن اسماعيل بخاري ۽ ڪن عارفن جهڙو ڪ: امام اوحد ۽ شيخ محي الدين ابن العربيءَ جو مسلڪ به اهو هجي ته قياس حرام آهي. ته پوءِ ان جو لحاظ نه ڪرڻ گستاخي ٿيندو. اسان جو مقصد به انهن اڪابرن جي راءِ جي تائيد ڪرڻ آهي. ٻيو ڪجهه به نه."[1]

مخدوم موصوف قياس جي تائيد ۾ جيڪي حديثون پيش ڪيون ويندڙيون آهن انهن جا به جواب تحرير ڪيا آهن. خاص طور سندس جواب اهو آهي ته اهي حديثون اجتهاد جي جائز هئڻ تي دلالت ڪن ٿيون ۽ حنفين جيڪو چيو آهي ته اجتهاد قياس ئي آهي مخدوم موصوف فرمائي ٿو ته اهو تحڪم آهي. اصول جا سڀ ڪتاب ان جا شاهد آهن. ترمذيءَ ۾ مروي حضرت معاذ واري حديث جنهن ۾ واضح لفظ آهن ته جيڪڏهن ڪتاب الله ۾ حڪم نه هجي ته پنهنجي راءِ سان اجتهاد ڪندس." مان حنفي اصول فقه جي عالمن جيڪو چيو آهي ته ان ۾ جنهن اجتهاد جو ذڪر آهي. سو قياس ئي آهي. ڇاڪاڻ ته اجتهاد ۽ استنباط ته انهن حڪمن ۾ ٿيندو آهي جيڪي ڪتاب الله ۾ هجن. جيڪي ڪتاب الله ۾ نه هجن انهن ۾ قياس ئي ٿيندو. مخدوم موصوف ان باري ۾ چئي ٿو ته اها ڳالهه ائين ڪنهن به نه چئي آهي. حالانڪ ظاهر حديث جي اهو خلاف آهي. ان کان پوءِ موصوف انهن حديثن جو به جواب ڏنو آهي جن ۾ نبي ﷺ قياس جي طريقي تي احڪام بيان ڪيا آهن. چيو اٿس ته صدر الشريعت ان جو جيڪو جواب ڏنو آهي سو صحيح آهي ته نبي ﷺ کي انهن احڪامن جو وحي جي ذريعي حڪم ٿيو صرف بيان قياس جي طريقي تي ڪيائون. ته جيئن ٻڌندڙ لاءِ سمجهڻ سولو ٿئي. ان ڪري انهن حديثن مان به اهو ثابت نه ٿو ٿئي ته قياس شرعي حجت آهي.[2]

موصوف جو چوڻ آهي ته قياس ۽ اجتهاد نه رڳو ٻين لاءِ جائز ناهي پر خود نبي ﷺ جن لاءِ به قياس جائز ناهي. لکي ٿو ته:

"ها بيشڪ نبي ﷺ جن جي مثان به اهو جائز ناهي ته ڪتاب جي معنائن ۾ اجتهاد ڪن. ڇاڪاڻ ته ڪتاب جون ظاهر معنائون سندن آڏو ظاهر آهن اهڙيءَ طرح سنت ۾ به متن اجتهاد جائز ناهي ڇاڪاڻ ته سنت ته سندن ڪلام آهي."[1]

اڳتي هلي ان مسئلي ۾ وڌيڪ لکي ٿو ته:

نبي ﷺ جن جي لاءِ اجتهاد جي جواز ۾ علماء جو اختلاف آهي. محقق عارفن ان جي عدم جواز جو

---

1 ٺٽوي. محمد. معين. مخدوم: "دراسات اللبيب" صفحه: 45

2 ٺٽوي. محمد معين: "دراسات اللبيب" صفحه: 46 _ 47_ 48 ملخص.

1 حوالو ساڳيو. صفحه 46

موقف اختيار ڪيو آهي. ڇاڪاڻ تہ ان جا دليل واضح آهن جن سان هانءُ ٺري ٿو پئي. تہ پاڻ ڪامل انسان آهن. حقيقت جامعہ آهن. علم محض آهن...... صحابہ سان سندن مشاورت بہ بشري سڄاڻ باقي رکڻ لاءِ هئي [1]

حضرت عمر فاروق، حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ جي خلافت کي نبي ﷺ طرفان ڪيس نماز لاءِ اڳتي ڪرڻ ۽ حڪم ڪرڻ تي جيڪو قياس ڪيو ان جو رد ڪندي موصوف لکيو آهي تہ: انهن جا اهڙي قسم جا قياس صرف بياني حد تائين هوندا آهن (جيئن نبي ﷺ جي ڪجهہ احڪامن کي قياس جي طريقي تي بيان ڪرڻ تي موصوف هن ڪان اڳ چيو) انهن کي قياس جي مجبوري نہ هوندي آهي.“ موصوف ان معاملي کي انهن جي الهام سان تعبير ڪيو آهي ۽ چيو آهي تہ: عمر رضي الله عنہ لاءِ الهام ٿيڻ حق آهي.“[2]

## ڪشف جو حجت شرعيہ هئڻ:

موصوف جو چوڻ آهي تہ اجتهاد وانگر ڪشف بہ شرعي حجت آهي، سندس چوڻ آهي تہ ڪشف صاحب ڪشف جي ذات لاءِ حجت قرار ڏيڻ ۽ ان ڪري ان کي اجتهاد کان رتبي ۾ ڪيرائڻ فحش خطا آهي.[3] اهو وهم تہ اجتهاد جو ماخذ ڪتاب ۽ سنت آهي. ۽ ڪشف جو ماخذ قرآن ۽ سنت ناهي، بنہ غلط آهي. ڇاڪاڻ تہ ڪشف جاڳ ۾ نبي صلي الله عليہ وسلم جن کان قرآن جي معنيٰ ۽ حديث اخذ ڪرڻ جو طريقو آهي. نبي ﷺ سچن خوابن لاءِ چا چا چيو آهي تہ پوءِ ڪشف لاءِ ائين چو نہ چئجي. اجتهاد جو رتبو اهڙو ڪتي آهي. ان ڪري ڪشف وحي کان پوءِ علم جو مضبوط ترين ذريعو آهي...... اهو چوڻ بہ غلط آهي تہ اجتهاد جي اهليت نہ رکندڙ ان جي طريقي کان باخبر هوندو آهي ۽ ڪشف جي طريقي کان بيخبر هوندو آهي ان سان اجتهاد کي ونڻ ۽ ڪشف کي ڇڏي ڏيڻ جو نتيجو ڪيڻ صحيح ناهي ڇاڪاڻ تہ عامي محض جيئن ڪشف نہ ڄاڻندو آهي تيئن اجتهاد جي ڪيفيت کان بہ واقف نہ هوندو آهي.[4]

## قياس جون مخالف حديثون:

مخدوم محمد معين جيئن قياس جي تائيد وارين حديثن جا جواب ڏنا آهن. تيئن قياس جي مخالفت واريون حديثون پڻ پنهنجي موقف جي تائيد ۾ نقل ڪيون آهن جيڪي هن طرح آهن:

وائلہ بن اسقع جي روايت آهي تہ نبي صلي الله جن فرمايو بني اسرائيل جو معاملو سڌو هلندو ٿي رهيو جو انهن ۾ سبا جو اولاد پيدا ٿيو. جن پنهنجي راءِ مطابق فتوائون ڏنيون جنهن ڪري پاڻ بہ گمراهہ ٿيا تہ ٻين کي بہ گمراهہ ڪيائون.

---

1 حوالو ساڳيو صفحہ 48_ 49.

2 حوالو ساڳيو صفحہ: 52.

3 ٺٽوي، محمد، معين، مخدوم: دراسات اللبيب صفحہ 52

4 ٺٽوي، محمد، معين، مخدوم: صفحہ 53

ابو هريره جي روايت ۾ آهي تہ: تان جو انهن ۾ سبا جو اولاد وڌيو. جن اهڙو قياس ڪيو جو ڪانئن اڳ نہ هو. جنهن ڪري پاڻ بہ گمراهہ ٿيا ٻين کي بہ گمراهہ ڪيائون.

عوف بن مالڪ بن الاشجعي کان مروي آهي تہ نبي ﷺ جن فرمايو: جلد منهنجي امت ۾ ستر ۽ ڪجهہ فرقا پيدا ٿيندا. منهنجي امت ۾ انهن مان سڀ کان وڏيڪ نقصانڪار اهڙو فرقو هوندو جيڪي پنهنجي راءِ سان قياس ڪندا ۽ پوءِ حرام کي حلال ۽ حلال کي حرام قرار ڏيندا.

عبدالله بن عمرو بن العاص نبي ﷺ جن کان روايت نقل ڪئي آهي تہ پاڻ فرمايائون: الله تعاليٰ علم کي ماڻهن مان ڇڪي ٻاهر ڪونہ ڪڍندو. پر علم عالمن جي ختم ٿي وڃڻ سان ختم ٿي ويندو. پوءِ جڏهن عالم نہ رهندا تہ پوءِ جاهلن کي اڳواڻ بڻايو ويندو جيڪي بنا ڪنهن علم جي فتوائون ڏيندا جنهن جي نتيجي ۾ پاڻ بہ گمراهہ ٿيندا تہ ٻين کي بہ گمراهہ ڪندا[1]

## قياس جي حامين جي جواب جو جواب:

مخدوم موصوف مٿي جيڪي حديثون ذڪر ڪيون انهن جو قياس جي جواز جي قائلن جيڪو جواب ڏنو آهي تہ: اهو اهڙي قياس جي باري ۾ ناهي جيڪو ڪتاب ۽ سنت جي مٿان ڪيو وڃي اسان قياس اهو تا ڪيون تہ نص ۾ جيڪو حڪم آهي اسان ٻڌايون ٿا تہ اهو فرع ۾ بہ آهي.“ مخدوم موصوف ان جو ابن عربيءَ جي لفظن ۾ جواب ڏنو آهي تہ: ڪنهن علت جي ڪري جيڪو نص ۾ حڪم آهي ان کي فرع ۾ ان علت جي ڪري جاري ڪرڻ صحيح ناهي ڇو نہ اها علت فرع ۾ موجود بہ هجي. ڇاڪاڻ تہ اسان کي اها خبر ناهي تہ الله تعاليٰ ان علت جي ڪري حڪم ڪيو آهي يا ڪنهن ٻي علت جي ڪري، جيڪڏهن الله تعاليٰ ان علت جو ارادو ڪري ها تہ پنهنجي نبي ﷺ جن جي زبان تان ان کي جاري ڪري ها. هيءَ ان علت جو حال آهي جنهن جي شريعت تنصيص ڪئي آهي پر جنهن علت جي شريعت تنصيص نہ ڪئي آهي فقيه پاڻ ان جو استخراج ڪيو آهي. ان باري ۾ شريعت جو ڪوبہ نص ذڪر نہ ٿيڻ باوجود ان کي اها نظر آئي آهي. ۽ ان کان پوءِ ان کي اهو جاري ڪري ٿو ۽ ڪنهن شيءِ بابت فيصلو ڏئي ٿو تہ شريعت جي فيصلي طور ڏئي ٿو. ان جي الله تعاليٰ اجازت نہ ڏني آهي.[2]

مخدوم صاحب حڪم جي علت جي بنياد تي فرعن ۾ حڪم جي جاري ڪرڻ جي حوالي سان جتي ذڪر ڪيل موقف رکي ٿو يعني اهو تہ حڪم کي علت جي بنياد تي فرع ۾ جاري ڪرڻ صحيح ناهي ڇاڪاڻ تہ اسان کي ان ڳالهہ جو يقين حاصل ناهي تہ شارع جو پنهنجي حڪم ۾ اها علت مقصد آهي جيڪا اسان سمجهي رهيا آهيون يا ڪا ٻي. اتي موصوف مطلق طور حڪمن جي اندر علت جي ڪارفرمائيءَ جو انڪار نہ ٿو ڪري ڇاڪاڻ تہ ڪيترائي احڪام خود شارع جڏهن ارشاد فرمايا آهن تڏهن انهن کي علت سان گڏ بيان ڪيو آهي. جيئن ارشاد آهي: جڏهن اوهان مان ڪو ماڻهن کي نماز پڙهائي تہ ان کي نماز ۾ تخفيف ڪرڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ انهن ۾ ڪي ضعيف، ڪي بيمار ۽ ڪي ڪم

1 ٺٽوي، محمد، معين، مخدوم: صفحہ54

2 ٺٽوي، محمد، معين، مخدوم: دراسات اللبيب صفحہ55

ڪار وارا بہ هوندا." سندن هن حڪم ۾ پاڻ بيماري، ضعف ۽ ڪم ڪار کي پنهنجي حڪم جي علت قرار ڏنو اٿن. ظاهر آهي جتي اهڙي صورتحال نہ هجي اتي تخفيف نہ ڪئي وڃي تہ بہ جائز آهي. ان ڪري مخدوم موصوف هن ڳالهہ کي سلجهائڻ لاءِ حڪمن ۾ موجود علت جا ٻہ قسم ڪيا آهن:

هڪ قسم: اهڙي علت جيڪا شارع ﷺ جن کان منصوص هجي.

ٻيو قسم: اهڙي علت جو آهي جيڪا شارع ﷺ کان منصوص نہ هجي بلڪ سندس منصوص حڪم مان مظنونہ ۽ معقولہ هجي پوءِ اها قياس جليءَ جي طور معقولہ هجي يا خفيءَ جي طور.

پهرئين قسم جي علت جي پيروي ۽ ان جي پنيان حڪم جاري ڪرڻ واجب آهي. يعني اها علت جتي بہ ڏسبي اتي حڪم جاري ڪبو جتي نہ هوندي اتاهون حڪم منسوخ ٿي ويندو. ٻئي قسم جي علت جي پيروي ڪرڻ ۽ ان جي پنيان حڪم جاري ڪرڻ صحيح نہ ٿيندو. يعني اها علت جتي ڏسجي اتي ان وارو حڪم جاري ڪجي، سو صحيح ناهي. نہ ئي ان ۾ اهو صحيح آهي تہ جڏهن اها علت ختم ٿي وڃي تہ ان جو حڪم بہ ختم ٿي وڃي، ڇاڪاڻ تہ ٻيو نمبر قسم واري علت ظني آهي. اها اهڙي راءِ آهي جيڪا انساني ذهن آڏو ظاهر ٿي آهي. پوءِ اها علت جلي هجي يا خفي. ان صورت ۾ علت جي زائل ٿيڻ سان حڪم جو زائل ٿيڻ، پنهنجي راءِ سان نص کي ڇڏي ڏيڻ برابر ٿيندو ۽ اهو بالاجماع حرام آهي.[1]

مخدوم موصوف شروع ۾ پاڻ بہ قياس جو قائل هو. ۽ منصوص حڪم جي علت جي بنياد تي فرع ۾ حڪم جاري ڪرن جو قائل هو. ان اصول کي موصوف پنهنجي معرڪة الآراء تصنيف ايقاظ الوسنان ۾ قريش جي ڪفائت واري حديث ۾ بہ جاري ڪري چڪو آهي. پر پوءِ پاڻ ان کان توبه ۽ استغفار ڪيو اٿس. ان باري ۾ لکي ٿو:

هن کان ڪئي سال اڳ آءٌ پنهنجي ڪتاب "ايقاظ الوسنان" ۾ ڪفائت قريش واري حديث ۾ انهن جي قول (حنفين جي قياس ڪرڻ واري اصول) کي جاري ڪندو رهيس. تن ڏينهن ۾ آءٌ علت جي مٿان متلق طور حڪم جي جاري ٿيڻ جو ڪيترن موقعن تي قائل رهيس پر اڄ آءٌ ان باري ۾ الله سبحانہ کان استغفار ٿو ڪيان. الله منهنجي ان کان اڳ ۽ پوءِ وارين خطائن کي ان ذات جي رتبي جي صدقي معاف ڪندو، جنهن جا اڳيان ۽ پويان گناهہ الله بخشي ڇڏيا آهن. ۽ هن آيت جي باطني معنائن مان هڪ آها آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ جن ڏانهن سندن امت جي گناهن کي منسوب ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ پاڻ امت کان وڏيڪ امت جي گناهن جو خوف ۽ انهن جي بخشش لاءِ ڪوشش ڪندا هئا. ۽ پاڻ اڳين توڙي پوين گناهن کان معصوم هئا.[1]

## رسول الله ﷺ کان ثابت صحيح حديث جي قرآن سان پيٽ:

مخدوم ٺارو ان عقيدي جو آهي تہ رسول الله ﷺ جن کان ڪنهن حديث جي نقل ۽ روايت جي جڏهن صحت معلوم ٿي وڃي تہ ان کي ڪنهن امام جي راءِ سان يا مسلڪ سان پيٽڻ تہ پري ٿيو پر ان کي

---

1 ٺٽوي، محمد، معين، مخدوم: دراسات اللبيب صفحہ 77 ملخص.

1 حوالو ساڳيو صفحہ: _78

قرآن سان پيٽڻ بہ جائز ڪونهي. موصوف حنفي مسلڪ جي پيروڪارن جي ان روش تہ صحيح حديث تي هو سڌيءَ طرح عمل جا قائل ناهن اهي ڪنهن حديث تي عمل تڏهن ڪندا آهن جڏهن ان حديث کي سندن امام عمل لاءِ منتخب ڪيو هجي، جي ترديد ڪندي عبدالله بن ابي رافع جي روايت نقل ڪئي آهي، جنهن ۾ هو پنهنجي پيءُ کان نقل ٿو ڪري تہ:

”رسول الله ﷺ جن فرمايو: توهان مان ڪي پنهنجي وهاڻن تي ٽيڪ لڳايل هوندا، جڏهن انهن وٽ منهنجي ڪنهن حڪم جو معاملو ايندو جنهن ۾ مون ڪنهن شيءِ جو حڪم يا ڪنهن شيءِ کان منع ڪئي هوندي، تہ اهي چوندا: اسان ان کي ڪونہ ٿا ڄاڻون. جيڪو اسان ڪتاب الله ۾ ڏسنداسين تنهن جي پيروي ڪنداسين.“

ان کان پوءِ مخدوم موصوف ان حديث بابت محي السنة جو هيءُ قول نقل ڪيو آهي تہ:

”هن حديث ۾ هن ڳالهہ تي دليل آهي تہ: (اهڙن ماڻهن وٽ) حديث جي ڪابہ ضرورت ڪانهي جيستائين وجي معاملو ڪتاب (قرآن) آڏو پيش ڪجي. ۽ اهو تہ جڏهن رسول الله ﷺ کان (حديث جي صحت) ثابت ٿي وڃي تہ اها پاڻ بذات خود حجت آهي.“

هن تي بحث ڪندي موصوف فرمائي ٿو:

جڏهن حديثون ڪتاب مجيد آڏو پيش ڪرڻ يعني ان سان ڀيٽائڻ جون محتاج ناهن تہ پوءِ ٻين جي خيالن آڏو انهن کي پيش ڪرڻ ۽ ڀيٽائڻ تہ ظاهر آهي تہ ڪنهن بہ صورت ۾ ضروري ڪونهي. ها البت حديث جي صحت جاچڻ لاءِ ان جي ڪن اصولن سان ڀيٽ ڪرڻ ٻي ڳالهہ آهي ڇاڪاڻ تہ اهڙي قسم جو ڀيٽڻ حديث جي صحت ۽ ان جي رسول الله کان ثابت هئڻ جو هڪ رستو آهي. محي السنة جو اهو چوڻ تہ: جڏهن رسول الله ﷺ کان (حديث جي صحت) ثابت ٿي وڃي.“ ان ڳالهہ ڏانهن ئي اشارو آهي“

بهرحال مخدوم موصوف حديث جي مستقل حجت هئڻ جو قائل آهي. جنهن سببان ئي سندن اهو چوڻ آهي تہ حديث جي صحت ثابت ٿيڻ کان پوءِ ان جي حڪم جي تشريعي حيثيت لاءِ ان کي قرآن آڏو پيش ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي، ان کي ئي بنياد بنائي موصوف لکيو آهي تہ:

اهڙن ماڻهن جي الله سان ئي شڪايت ڪري سگهجي ٿي جن جو عقيدو آهي. تہ صحيح حديثون صحت جي باوجود ان جون محتاج آهن تہ انهن کي پنهنجي امام جي قول سان ڀيٽيو وڃي. جنهن امام جي پيروي ڪجي. جيڪڏهن ان امام اها حديث ورتي آهي تہ پوءِ اها حجت آهي نہ تہ نہ.[1]

## صحابہ جو حديث تي عمل جو حال:

شعبہ جي قتاده کان حديث آهي چيائين مون سان ابوالسواد بيان ڪيو تہ عمران بن حصين رسول الله ﷺ کان بيان ڪيو تہ فرمايائون: حياءُ چڱي ڳالهہ تي ايندو آهي.“ ان تي بشير بن ڪعب چيو حڪمت ۾ آهي تہ: ان مان ئي وقار ۽ ان مان ئي اطمينان (حاصل ٿيندو) آهي، ان تي عمران چيو آءٌ توسان رسول الله ﷺ کان راويت ٿو بيان ڪيان ۽ تون مون کي پنهنجا صحيفا بيان ڪري ٿو ٻڌائين.“ (مسلم) ٻي روايت

1 ٺٽوي. محمد. معين. مخدوم: ”الدراسة الثانيہ“ صفحہ: 49 _ 70 ملخص

۾ آهي تہ بشير بن ڪعب چيو: اسان ڪن ڪتابن ۾ حڪمت ۾ ڏٺو آهي تہ: ان مان اطمينان ۽ وقار الله واسطي ۽ ان مان ضعف (حاصل ٿيندو) آهي. ان تي عمران ڏمرجي پيو. سندس اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون. چيائين: نہ ٿو ڏسين تہ آءٌ رسول الله ﷺ کان حديث ٿو بيان ڪيان ۽ تون ان معاملي ۾ حديث سان ٽڪر ٿو کائين.

مخدوم معين ان تي فرمائي ٿو تہ: هن حديث مان هن ڳالهہ جي برائي ثابت ٿئي ٿي تہ جڏهن حديث سامهون اچي تہ ائين چئجي تہ هيءَ حديث ابو حنيفي جي فقه جي موافق ناهي يا ان جي مقابلي ۾ ڪو مخالف قول نقل ڪجي. (جڏهن اهو برو آهي تہ) هيءَ تہ ويتر برو چئبو تہ ڪو ائين چئي تہ هيءَ حديث فقه جي مخالف آهي اسان فقهہ تي عمل ڪنداسين حديث تي نہ." مخدوم موصوف فرمائي ٿو تہ اڄ ڪله اسان جي شهرن ۾ اڪثر طالب علمن ۾ اها عادت هلي پئي آهي. جيڪي اڄ ڪله جا خواص آهن عوام تہ ٿيو پري.

مٿين حديث مان مخدوم موصوف هيءَ جيڪو نتيجو ڪڍيو آهي تنهن باري ۾، پاڻ ان ڳالهہ جي رد لاءِ تہ ڪير ان کي موصوف طرفان قياس نہ قرار ڏئي. فرمايو اٿس تہ: هيءَ استنباط دلالة النص جي باب مان آهي."

هن حديث تي وڏيڪ بحث ڪندي موصوف لکيو آهي تہ ڪعب جي چوڻ جو مقصد حديث جي مخالفت ڪرڻ نہ هو. نہ ئي حڪمت جي قول سان حديث جي تائيد ڪرڻ مقصد هو. بلڪہ حديث سان حڪمت جي تائيد حاصل ڪرڻ مقصد هو. پر ڪانئس اهو برداشت نہ ٿيو تہ حديث جي فهم، سمجهاڻي ۽ احڪامن جي فيضان جي سلسلي ۾ ٻي ڪا بہ شيءِ حائل نہ ٿيڻ گهرجي.[1]

مخدوم موصوف ان قسم جون ٻيون بہ ڪوڙ اهڙيون حديثون هن سلسلي ۾ نقل ڪيون آهن. جن جو مضمون ڪن صحابہ کان ان روش تي ڪاوڙ جو اظهار ڪرڻ آهي تہ جڏهن نبي ﷺ جن جي ڪا حديث اچي وڃي تہ ان جي مقابلي ۾ ٻي ڪا ڳالهہ پيش ڪئي وڃي. ۽ اهو بہ ذڪر ڪيو اٿس تہ جڏهن حديث پيش ڪئي وڃي تہ ان کان پوءِ ڪنهن کان اهو پڇڻ بہ صحيح ناهي تہ: ان باري ۾ تنهنجي راءِ ڇاهي. ان تي موصوف ابن عمر جي حديث نقل ڪئي آهي. جڏهن ان حجر اسود کي چمي ڏيڻ واري حديث بيان ڪئي تہ ان کان پوءِ چيائين: ارئيت ان زوحمت ارئيت ان غلبت" تہ ان تي ڪيس جواب ۾ چيائين "ارئيت" کي پنهنجي پاڻ وٽ رک مان توکي رسول الله جي حديث ٿو ٻڌايان."[1]

تنهن کان سواءِ موصوف اهو بہ فرمايو آهي تہ: حلال ۽ حرام جي پاڻ ڏانهن نسبت کان بہ پاڻ کي بچائجي. ان تي شيخ اڪبر محي الدين کان نقل ڪيو اٿس تہ ابن عباس ان راءِ کان سخت خوف کائيندو هو. هڪ دفعي ڪو ماڻهو وٽس آيو جنهن کي ڪو سامان هٿ آيو هو. ڪيس چيائين ٿي: ان مان مونکي ڪجهہ حلال ڪري ڏي. ابن عباس جواب ۾ چيو: مون کي الله ان کان پناهہ ۾ رکي، جو آءٌ اهڙي شيءِ حلال ڪيان جنهن کي الله حرام ڪيو آهي. الله مسلمانن جو سامان حرام ڪيو آهي آءٌ ان کي حلال ڪيئن

---

1 حوالو ساڳيو صفحہ: 70_71 ملخص.

1 ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "درسات اللبيب" صفحہ _73_74

ڪندس. الله اي پاءُ توکي معاف ڪري" مخدوم صاحب فرمائي ٿو ته: هن مان انهن ماڻهن جي گستاخي ظاهر ٿي ٿئي جيڪي چوندا آهن: هيءَ شيءِ فلاڻي حرام ڪئي آهي ۽ فلاڻي حلال ڪئي آهي."[1]

## ائمہ مجتهدين جو حديث تي عمل جي باري ۾ موقف:

مخدوم نارو رحمة الله عليہ فرمائي ٿو ته شيخ اڪبر فتوحات ۾ حنفين کان مسلسل سند سان جيڪو نقل ڪيو آهي ته: امام ابو حنيفہ رحمة الله عليہ فرمائيندو هو: جيڪو منهنجو دليل نہ ڄاڻي ان تي حرام آهي ته منهنجي قول تي فتويٰ ڏئي." ان مان ثابت ٿئي ٿو ته: مفتي، عالم ۽ دليلن جي روشنيءَ ۾ مختلف قولن جي ترجيح جي قدرت رکندڙ مفتيءَ تي تقليد ڪرڻ جائز ناهي.[2] موصوف لکي ٿو ته امام ابو حنيفہ کان منقول هيءُ قول بہ صحيح آهي: ته رسول ﷺ جي قول جي مقابلي ۾ منهنجو قول ڇڏي ڏجو." امام ابو حنيفہ جڏهن فتويٰ ڏيندو هو ته فرمائيندو هو هيءَ ابو حنيفہ جي راءِ آهي ۽ اها راءِ اسان جي وس آهي. سڀ کان وڌيڪ سهڻي آهي. پر جيڪڏهن ڪو بيو ان کان وڌيڪ سهڻي راءِ پيش ڪري ته اهو وڌيڪ صحيح آهي." مخدوم موصوف فرمائي ٿو ته: هيءُ ته بين جي باري ۾ سنڌس چوڻ آهي ته جڏهن انهن جي راءِ منهنجي راءِ کان سهڻي هجي ته پوءِ اوهان ڇا ٿا سمجهو جڏهن حديث ان جي قول جي خلاف صحيح ثابت ٿئي." مخدوم معين امام شافعيءَ بابت لکي ٿو ته: اهو چوندو هو: جڏهن حديث صحيح ثابت ٿي وڃي ته اها منهنجو مذهب آهي." چوندو هو: جڏهن منهنجو ڪلام رسول الله ﷺ جي ڪلام جي خلاف ڏسو ته منهنجي ڪلام کي ورائي پٽ تي اڇليو[3] مخدوم موصوف ڪوڙ اهڙا فروعات ذڪر ڪيا آهن جيڪي امام شافعيءَ قياس ڪيا آهن ۽ گڏوگڏ چيو اٿس ته جيڪڏهن ان باري ۾ نبي ﷺ جن کان صحيح حديث دستياب ٿي وڃي ته اها اسان وٽ قياس کان وڌيڪ محبوب آهي.[1]

مخدوم موصوف شيخ اجل علامہ حافظ احمد بن الخطيب القسطلاني جو قول نقل ڪيو آهي. ته "مواهب لدنيہ" ۾ ان فرمايو آهي: نبي ﷺ جن جي ادب جي تقاضا اها آهي ته پاڻ ﷺ جن جو قول اسان کي ڏکيو نہ لڳي بلڪ بين جا مختلف قول ۽ رايا اسان کي ڏکيا لڳڻ گهرجن. قياس کي نص سان ٽڪر ۾ نہ آڻجي بلڪ قياس کي ڦٽو ڪري ڇڏڻ گهرجي ۽ نبي ﷺ جن جي نص کي قبول ڪرڻ گهرجي. ۽ سنڌس ڪلام ۾ تاويلون ۽ ڪلام جي حقيقت ۾ تحريفون نہ ڪرڻ گهرجن اهي بي ادبيون آهن.[2]

## ظاهر حديث جي خلاف راوي صحابي جي تاويل:

ظاهر نص جي خلاف ڪنهن فقيه جو قول هجي ته ان کي ڇڏي ڏيڻ ته ڪو وڏو مسئلو ڪونهي، وڏي ڳالهہ ته اها آهي، ته ظاهر نص حديث جي خلاف جيڪڏهن ان حديث جو راوي ڪا تاويل ڪري ته ان

---

1 حوالو ساڳيو صفحہ: _ 75

2 ٺٽوي، محمد، معين، مخدوم: "درسات اللبيب" صفحہ: _ 90

3 حوالو ساڳيو صفحہ _ 91

1 حوالو ساڳيو صفحہ: _ 92

2 حوالو ساڳيو صفحہ _ 111 دراسة الثالث

راوي صحابيءَ جي تاويل کي پڻ ڇڏي ڏبو ۽ حديث جي ظاهر نص تي عمل ڪبو. ڇاڪاڻ ته حديثن جي ظاهر جو ڪلام جي حقيقت وارو حڪم آهي. ۽ پنهنجي مدلولات ۾ منصوصات وارو حڪم آهي. ان ڪري ظاهر حديث کي نه ڇڏبو. ها جيڪڏهن ڪو ٻيو حديث جو ئي ڪو دليل ان کان وڌيڪ قوي ملي وڃي ته پوءِ ان کي ڇڏي سگهجي ٿو. مخدوم محمد معين لکي ٿو ته هن تي صحابه جي زماني کان وٺي اهل تصانيف جي زماني تائين امت متفق آهي. پر هتي اسان صرف متاخر حنفين جو ان باري ۾ موقف پيش ڪنداسين مخدوم موصوف حنفي علماء مان سڀ کان پهريائين ابن همام جو سندس ڪتاب "تحرير" مان قول نقل ڪيو آهي. جنهن کي موصوف شارح علامه ابن اميرالحاج جي عين ڪلام مان نقل ڪيو آهي لکي ٿو: جڏهن صحابي پنهنجي روايت جي ظاهر حڪم کي غير ظاهر تي حمل ڪري ته اڪثر علماء, جن ۾ شافعي ۽ ڪرخي به شامل آهي, سي ان طرف ويا آهن ته ظاهر حديث تي عمل ڪبو راوي (صحابيءَ) جي تاويل تي عمل نه ڪبو... ڪن چيو آهي ته حديث جو جيڪو راويءَ مطلب متعين ڪيو آهي ان تي عمل ڪرڻ واجب آهي شرح بديع ۾ آهي ته ڪن حنفين جو اهو قول آهي ۽ مصنف ابن همام به ان کي اختيار ڪيو آهي, عبدالجبار ۽ ابوالحسين بصري چيو آهي ته جيڪڏهن اهو معلوم ٿي وڃي ته صحابيءَ اها تاويل نبي ﷺ جو ارادو معلوم ڪري ان جي بنياد تي ڪئي آهي ته پوءِ ان تي عمل ڪرڻ واجب آهي. جيڪڏهن اهو معلوم نه ٿي سگهي ته ٿي سگهي ٿو ته نص ۽ قياس وغيره مان ڪو دليل ان آڏو ظاهر ٿيو هجي جنهن جي بنياد تي ان اها تاويل اختيار ڪئي هجي ته پوءِ ان ۾ ڏسجي ته جيڪڏهن اهو ان جي تاويل جي تقاضا ڪري ته ان کي وٺجي نه ته حديث جي ظاهر تي عمل ڪجي, ڇاڪاڻ ته حجت نبي ﷺ جو ڪلام آهي. صحابي جي تاويل حجت ناهي. (1) مخدوم موصوف ان تي وڌيڪ به آمدي وغيره جي حوالن سان ڪلام ڪرڻ کان پوءِ لکيو آهي ته: اڪثر حنفي ۽ شافعي علماء ظاهر نصن کي صحابيءَ جي تاويل جي ڪري نه ڇڏڻ جا قائل آهن. تابعي, تبع تابعي يا انهن کان گهٽ درجي وارن علماء جي طبقن جي ته ڳالهه ئي ٻي آهي ۽ ان مان معلوم ٿيو ته صحابه جي زماني ۾ به ظاهر نص کي ڇڏڻ حرام هو. ان ئي ڪري ابن همام چيو ته: صحابيءَ تي ظاهر ڇڏڻ جي حرمت لڪل ڪانهي." (1) مخدوم موصوف حنفي علماء جي اقوال جي روشنيءَ ۾ زير نظر مسئلي تي بحث ڪندي بحث مان پنهنجي مقصد, جيڪو هن ڪتاب جو مقصد آهي, تي استشهاد ڪندي لکيو آهي: جڏهن حنفين جون صحابه جي تاويلات بابت هيءَ مٿي ذڪر ڪيل, تصريحون آهن ته پوءِ اوهان ڇا ٿا ڀانيو ته مختلف فروعن ۾ فقيهن جي ظاهر نص حديثن جي مخالفت جي باري ۾ انهن جو حڪم ڪهڙو هوندو ڇا انهن وٽ اهو جائز ٿي سگهي ٿو ته نص کي ڇڏي فقيه جي قول کي بنا ڪنهن منصوص تاويل جي قبول ڪجي, جڏهن ته انهن مان اڪثر وٽ صحابه جي تاويل جي بنياد تي ظاهر جو ڇڏڻ به حرام آهي. نص جو ڇڏڻ ته ٿيو پري, انهن مان جن ٿورن صحابه جي تاويل تي عمل ڪرڻ جي تجويز ڏني آهي تن به ان کي خاص صحابه جي تاويل سان مخصوص ڪيو آهي.(2)

---

1 ٺٽوي, محمد, معين, مخدوم: دراسات اللبيب صفحه 21_122 دراسة ثالث

1 حوالو ساڳيو صفحه: 122.

2 حوالو ساڳيو صفحه 126.

## فصل ٻيو فقه ۽ فتوي:

### ڪافر جي ڪفر ۽ اسلام ٻنهي جي احتمال واري جملي چوڻ تي، ان کي مسلمان قرار ڏيڻ جي مسئلي تي مخدوم معين جو موقف:

مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ کان سوال ڪيو ويو ته جيڪڏهن ذمي (ڪافر) مسلمان کي چئي "انا مثلڪ" يعني آءُ تو جهڙو آهيان. ته ان چوڻ سان ڇا هو مسلمان ٿي ويندو؟

مخدوم محمد هاشم ان جي جواب ۾ فتوي ڏني ته اهو ڪافر مسلمان ٿي ويندو.

مخدوم محمد معين ٺٽويءَ ان فتوي جي تمام سخت مخالفت ڪئي ۽ زوردار لفظن ۾ اهڙي ڪافر جي مسلمان ٿيڻ کي رد ڪيائين. چيائين ته هيءُ اهڙو معاملو ناهي جنهن تي ان جي عواقعات ۽ نتيجن کان بي خوف ٿي فتوي جاري ڪري ڇڏجي. پاڻ لکن ٿا:

اهڙي فتوي ڏيندڙ کي ان جي نتيجن جو بہ خوف نہ ٿيو تہ اهڙي ماڻهوءَ کي سخت ايذايو ويندو اسلام لاءِ ان تي جبر ڪيو ويندو. قيد ڪيو ويندو، ايذائيندڙ تعزيرون ڏنيون وينديون. ان کي مرتد قرار ڏئي قتل ڪيو ويندو جڏهن اهو ان کان پوءِ شهادت جي ڪلمن پڙهڻ کان انڪار ڪندو ۽ جيڪڏهن انڪار نہ ڪندو پڙهي ڇڏيندو ۽ اڪثر ان کان پوءِ بہ ڪافرن سان ملندو تہ مڪمل منافق ٿي ويندو." (1)

مخدوم معين مخدوم محمد هاشم جي هن فتوي جي رد جي سلسلي ۾ بہ رسالا تحرير ڪيا آهن. هڪ رسالي ۾ "مثل" جي لفظ جي روشنيءَ ۾ اصول فقه جي نقطئہ نظر کان بحث ڪيو اٿس. جنهن تحت "مثليت" ۽ "ڪاف تشبيه" جي عموم کي واجب ڪرڻ کي رد ڪيو اٿس.

مخدو محمد هاشم استدلال ورتو آهي تہ اصول فقه شمس الائمہ سرخسيءَ ۾ آهي تہ "ڪاف" تشبيه جو اسان (حنفين) وٽ عموم کي واجب ڪندو آهي. جڏهن اهو اهڙيءَ جڳه تي استعمال ٿئي جتي ان ۾ اهو احتمال هجي. ان ڪري علي رضي الله تعاليٰ عنہ جي قول: "اسان انهن کي ذمو ڏنو آهي ۽ هُنن جزيو ڏنو آهي تہ جيئن انهن جا رت اسان جي رتن جهڙا ۽ انهن جا مال اسان جي مالن جهڙا ٿين." ۾ اسان چونداسين تہ اهو عموم تي جاري ٿيندو انهن ۾ جيڪي شهات سان ٽري وڃن ۽ جيڪي شبهات سان ثابت ٿين. ۽ ان ڪري اسان چونداسين تہ: جيڪڏهن ڪنهن مرد مرد تي زنا جي تهمت لڳائي ۽ ٻئي چيو اهو ائين آهي جيئن تو چيو." تہ ان ٻئي تي حد واجب ٿيندي. باوجود ان جي تہ اها تعريض محتمل آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪاف عموم کي واجب ڪندو آهي. ان ڪري جو اهو اهڙيءَ جاء تي آيو آهي جيڪا ان جو احتمال رکي ٿي. تنهن ڪري ان جي زنا ڏانهن نسبت قطعي ٿيندي جيئن عام اسان (حنفين) وٽ ان جو موجب هوندو آهي. شرح منار ۾ مصنف جي متن ۾ آهي تہ ڪاف تشبيه جو عموم کي واجب ڪندو آهي." جڏهن محل عموم کي قبول ڪري. جيئن علي رضي الله تعاليٰ عنہ جو ذمين جي باري ۾ قول ۾ آهي انما بذلوا الجزية لتكون دمائهم كدمائناو اموالهم كاموالنا" بيشڪ هي اسان وٽ عام آهي. جنهن ڪري

---

1 ٺٽوي، محمد معين مخدوم. غايت ماظهر لاضعف الانام في ان الكلام المحتمل لايوجب الاسلام" صفحہ: 7، نسخہ خطيہ قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو.

مسلمان ذميءَ جي عيوض قتل ڪيو ويندو. مسلمان ذميءَ جو شراب يا سوئر وڃايو تہ پري ڏيندو ۽ ذمي جي ديت مسلمانجي ديت جي برابر ٿيندي. ڇاڪاڻ تہ محل ان جو احتمال رکي ٿي. خزانة الروايات ۾ تحفة الفقه ۾ ذخيري کان منقول آهي تہ جڏهن ذميءَ مسلمان کي چيو: آءٌ تو جهڙو آهيان.“ تہ اهو مسلمان ٿي ويندو. مقاليد الاسلام ۾ آهي! جيڪڏنهن نصراني مسلمان کي چيو: آءٌ تو جهڙو آهيان“ تہ مسلمان ٿي ويندو. ان طرح دستور القضات آهي. المسائرة لابن الهمام ۾ آهي تہ ابو حنيفہ رضي الله تعاليٰ عنہ کان مروي آهي فرمايائين آءٌ اهو نہ ٿو چوان تہ منهنجو ايمان جبرائيل جي ايمان مثل آهي. ڇاڪاڻ تہ مثليہ هر صفت ۾ مساواة جي تقاضا ڪندي آهي. فتاويٰ ناصريءَ ۾ آهي! جيڪڏنهن ڪافر مسلمان کي چيو: آءٌ تو جهڙو آهيان.“ آءٌ تنهنجي دين تي آهيان, تہ ڦري مسلمان ٿي پوندو.

مخدوم معين جو جواب:

مخفي نہ رهي تہ شمس الائمہ سرخسيءَ جي اصول فقہ جي عبارت سقم (خرابيءَ) کان خالي ناهي. ان جو قول: تہ اهو عموم تي جاري ٿيندڙ آهي انهن تي جيڪي شڪ جي ڪري ٽري وڃن ٿا يا ثابت ٿين ٿا.“ پنهنجي ما قبل سان نہ ٿو نهڪي, جيئن مخفي ناهي. اهڙيءَ طرح جيڪو هيءُ فرع پيش ڪيو ويو آهي: تہ جيڪڏهن هڪ مرد ٻئي مرد کي زنا جي تهمت ڏني ان تي ٻئي چيو: هو ائين آهي جيئن تون چئين ٿو“ ان ۾ عموم تي حمل ڪرڻ جو ڪوبہ وجه ڪونهي, ڇاڪاڻ تہ جڏنهن هڪ مرد ٻئي مرد لاءِ چيو تہ اهو زاني آهي. ۽ ٻئي چيو تہ اهو ائين آهي جيئن تو چيو تہ ان ۾ ”ڪاف تشبيه جو ان جي قول: هو زاني آهي“ سان مخصوص آهي, ان ڪري ان تي حد واجب ٿيندي ڪاف جي موجب عموم يا شمول جي ڪري ڪانہ ٿيندي, جيڪو مرد جي قول تي مشتمل آهي. هيءُ فرع ان تي دلالت نہ ٿو ڪري تہ ڪاف تشبيه جو عموم جو موجب ٿيندو آهي.

مخدوم صاحب اهو بہ فرمائي ٿو تہ ان مثال ۾ ٻي معني جو بہ احتمال ڪونهي بلڪ اها معنيٰ متعين آهي. جيڪڏهن ڪلام محتمل هجي ها تہ شبهي جي ڪري حد ٽري وڃي ها. جيئن فتاويٰ عالمگيريءَ ۾ ظهيريہ کان منقول آهي: هڪ مرد هڪ عورت تهمت لڳائي جنهن تي ٻئي چيو: توسچ چيو اها ائين آهي جيئن تو چيو.“ تہ اهو بہ تهمت هڻندڙ شمار ٿيندو ۽ لعان ڪيو ويندو. پر جيڪڏهن صرف ايترو چيائين تہ توسچ چيو.“ وڌيڪ نہ چيائين تہ اهو قاذف شمار نہ ٿيندو.“ هن مان ثابت ٿيو تہ ان جو اهو چون تہ: اڳا ائين آڳي جيئن تو چيو“ اهو ٻئي مرد جي تهمت جي لفظن سان متعين آهي. بخلاف ان جي جڏهن صرف: تو سچ چيو“ چيائين. اهو بہ جيتوڻيڪ ان سلسلي ۾ ظاهر آهي تہ سچ جي نسبت ان ئي ڪلام طرف ڪيل آهي جيڪو هاڻي چيو ويو پر ڇاڪاڻ تہ سچ جي ان طرف نسبت جي حوالي سان ان ۾ احتمال آهي تہ قذف بجاءِ ٻئي ڪنهن معاملي ۾ تي سگهي چيو هجيس, جيتوڻيڪ اهو ظاهر جي خلاف آهي. ان ڪري ان تان ان ضعيف شبهي جي ڪري حد ٽر ويندي, ان ڪري غالب گمان اهو آهي تہ هن قسم جو ڪمزور ۽ غلط ڪلام شمس الائمہ جو نہ ٿو ٿي سگهي. ان ڪري اسان ان کي نقل جي غلطي قرار ٿا ڏيون. جيڪو ان کي صحيح ٿو قرار ڏئي ان تي اصل عين ڪتاب مان ان جي تصحيح جي ذميداري لازم ٿئي ٿي.

باقي علي عليہ السلام جي قول ۾ موصوف جيڪا تاويل ڪئي آهي ۽ ان کي عموم تي حمل ڪيو

آهي سو پنهنجي طرفان جيڪو متس ظاهر ٿيو آهي تنهن مطابق آهي. سندس ذاتي راءِ آهي ڇاڪاڻ تہ انهن جا خون اسان جي خونن وانگر محفوظ آهن. ۽ انهن جا مال اسان جي مالن وانگر محفوظ آهن. پر اهو هن تي شامل نہ ٿيندو تہ انهن جا خون قصاص ۾ اسان جي خونن وانگر ناهن. ڇاڪاڻ تہ علم ان جو احاطو ڪري چڪو آهي تہ علي عليہ السلام ڪافر جي عيوض مسلمان جي قتل جو قائل نہ هو. هن حديث صحيح جي بنياد تي تہ: مسلمان ڪافر جي عيوض قتل نہ ڪيو ويندو." ۽ علي عليہ السلام هن مسئلي جو ايترو اهتمام ڪيو جو سندس ان اهتمام ڪيس اهڙي صحيفي (رسالي) تيار ڪرڻ تي آماده ڪيو. جيڪو صحيفو سندن تلوار ۾ لٽڪيل هوندو.[1]

مخدوم موصوف لکي ٿو تہ جيڪڏهن اسان ان ۾ اهو تسليم ڪيون تہ اهو عموم جو فائدو ڏئي ٿو تہ اسان اهو تسليم نہ ڪنداسين تہ اهو عموم ڪافي تشبيه جي ڪري آهي، جنهن جو فائدو بنا قريني جي عموم آهي. ڇاڪاڻ تہ علي عليہ السلام جو قول: اسان انهن کي ذمو ڏنو آهي ۽ انهن جزيو خرچ ڪيو آهي تہ جيئن انهن جا رت اسان جي رتن وانگر ٿين" هن ڳالهہ جو قرينو آهي تہ انهن جزيي جي عيوض انهن احڪامن ۾ برابريءَ جي طلب ڪئي هئي، جنهن ڪري اسان کين ذمو ڏنو. جڏنهن ائين آهي تہ پوءِ "انا مثلڪ" جي مثال ۾ عموم ڪيئن ثابت ٿيندو. جڏنهن تہ قرينا خصوص تي دلالت ڪن ٿا جيئن استفتاءَ واري واقعي ۾ آهي. جهڳڙو ۽ ڳالهہ جو قاضيءَ ڏانهن ڇڪجي وڃڻ[1] بئي اهو ٿا ڏس ڏين تہ ان جي مراد مال، سامان ۽ رت ۾ حفاظت ۽ هڪ جهڙائي آهي. ها جيڪڏهن مسلمان مرد چئي تہ آءٌ مسلمان آهيان ۽ ذمي ان جي جواب ۾ چئي آءٌ تو جهڙو آهيان تہ اهو ان مرد جي مثال ٿيندو جنهن زنا جي تهمت لڳائي جنهن تي ٻئي چيو اها ائين آهي جيئن تو چيو: بلڪ هن فرع تي ان جو قياس تڏنهن ڪيو ويندو جڏنهن چئي آءٌ بہ ائين آهيان جيئن تون چئين ٿو." ڇاڪاڻ تہ ان جو قول انا مثلڪ (آءٌ تو جهڙو آهيان) ان مرد جي قول جي مثل آهي جنهن تهمت هڻندڙ کي چيو: تو سچ چيو"[2]

ان طرح مخدوم معين انهن سيني حوالن جو رد ڪيو آهي جيڪي مخدوم محمد هاشم ذڪر ڪيل فتوي ۾ ڏنا آهن. مقصد ان فتوي جو رد ڪرڻ آهي جنهن ۾ مخدوم محمد هاشم اهڙي ذميءَ کي مسلمان قرار ڏنو آهي جنهن مسلمان کي چيو آءٌ تو جهڙو آهيان. مخدوم معين جو چوڻ آهي تہ اهڙو ذمي مسلمان نہ ٿيندو. هن مسئلي تي مخدوم موصوف پنهنجي ٻئي رسالي "غايت ما ظهر لاضعف الڪلام في ان الڪلام المحتمل لايوجب الاسلام" ۾ جنهن نقطہ نظر سان بحث ڪيو آهي ان کي اسان بيان ڪيون ٿا. رسالي ۾

1 مخدوم معين جي هنن لفظن مان ثابت ٿئي ٿو تہ موصوف حضرت عليءَ جي خاص صحيفي بابت شيعن وارو عقيدو نہ ٿو رکي، جنهن مطابق هو حضرت عليءَ ڏانهن اهو منسوب ڪندا آهن تہ ان ۾ اسلام جي اصل حقيقي تعليم هئي ۽ اهل سنت جي عام راءِ ۽ مسلڪ جي بنه ابتڙ هئي. جڏنهن تہ اهل سنت جو ان بابت اهو مسلڪ آهي جيڪو صحيح روايتن ۾ ان باري ۾ منقول آهي تہ ان ۾ اهو مسئلو آهي تہ: مسلمان ڪافر جي عيوض قتل نہ ڪيو ويندو."

1 هن ڳالهہ ۾ هن طرف اشارو آهي تہ ان دور ۾ مسئلو هن طرح ٿيو آهي تہ ڪنهن ذميءَ مسلمان کي چيو: آءٌ تو جهڙو آهيان" جنهن تي ان کي مسلمان قرار ڏئي مسلمانن ۾ شامل ٿيڻ تي زور ڀريو ويو آهي، جنهن تي جهڳڙو پيدا ٿيو آهي ۽ ڳالهہ قاضيءَ جي عدالت ۾ پيش ٿي آهي. مخدوم محمد هاشم ذميءَ جي مسلمان ٿيڻ ۽ مخدوم معين ان جي مسلمان نہ ٿيڻ جي فتوي ڏني.

2 ٺٽوي، محمد معين، مخدوم التنبيه علي سوء الفهوم في ان المثلية توجب العموم. صفحہ: 5، نسخہ خطيہ قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو.

سپ کان پهريائين مخدوم هاشم جو هن طرح موقف بيان ڪيو آهي:

هڪ عالم پنهنجي هڪ سوال جي جواب ۾ جڏهن ڪانئس جنهن ڪافر احتمال وارو جملو چيو تنهن جي اسلام بابت پڇيو ويو چيو تہ: اسلام جي حڪم ۾ احتمال سان ڪوبہ نقصان نہ ٿيندو. موصوف ڪنهن امام بارع کان نقل ڪرڻ کان بنا پنهنجي طرفان ان جو هيءَ وجهُ ٻڌايو آهي، تہ انسان ۾ اصل اسلام آهي. ڇاڪاڻ تہ: مامن مولود الا وقد يولد علي فطرة الاسلام" (ڪوبہ ٻار جڏهن ڄمندو آهي تہ اسلام جي فطرت تي ڄمندو آهي.) تنهن ڪري جڏهن ان جو ڪفر محتمل ۽ مشڪوڪ ٿيو يعني اسلام جي احتمال وارو جملو چيائين، تہ ان تي اصل جو حڪم لڳايو ويندو. ان کان پوءِ ان پنهنجي موقف جي تائيد ۾ چيو آهي تہ ان جا شريعت ۾ ڪيترائي مثال آهن. جن مان هڪ هيءَ بہ آهي تہ جڏهن ڪپڙي جو ڪو ڪنارو ڪنڊ پليت ٿي پئي ۽ اها وسري وڃي جنهن کان پوءِ جاچڻ يا بنا جاچڻ جي ڪپڙي جو ڪو ڪنارو ڪنڊ ڌوئي ڇڏي تہ ان ڪپڙي جي پاڪائيءَ جو حڪم لڳايو ويندو.

مخدوم معين جو جواب:

مخدوم معين ان جو جواب ڏيندي چيو آهي تہ هيءَ قياس باطل آهي. هن جو باطل هئڻ روشن طبيعت رکندڙن تي مخفي ناهي. اهو هن طرح تہ ڪپڙي ۾ ان جي هڪ ڪنڊ ڌوئڻ کان پوءِ نجاست جو زائل ڪندڙ (پاڻي) يقيني طور پهتل آهي. بلڪل ائين جيئن ان ۾ نجاست جو هجڻ يقيني آهي. شڪ صرف هن ۾ آهي تہ پاڪ ڪندڙ (پاڻي) نجاست جي جاءِ تي پهتو يا نہ. جڏهن تہ فتوي واري مسئلي ۾ ڪفر کي زائل ڪندڙ جملي جو ڪافر جي زبان مان صدور واجب ڇئبو. ان ڪري فتوي واري مسئلي جو ڪپڙي جي پاڪائيءَ واري مسئلي تي قياس نہ ڪبو. ڇاڪاڻ تہ پاڻي نجاست جي زائل ڪرڻ جي صفت ۾ يقيني آهي ۽ محتمل ڪلمو ڪفر جي زائل ڪرن جي صفت ۾ غير يقيني آهي. ان تي مخدوم موصوف ڪافي بحث ڪرڻ کان پوءِ لکيو آهي تہ ايمان جي صحت لاءِ ان جو زبان سان اقرار ٻن رڪنن مان هڪ رڪن آهي ۽ قطعي دليلن سان اهو معلوم ٿي چڪو آهي تہ اقرار ۽ دلالت ۾ قطعي هجي. ان ڪري ئي اهو واجب آهي تہ اقرار جي قائم مقام لفظ يا عمل لازمي طور اقرار يعني ڪلمي لااله الاالله جي برابر هئڻ گهرجي. ان ڪري جيڪڏهن ڪافر اسان واري نماز بنا جماعت جي مسجد ۾ پڙهي، تہ ان سان اهو مسلمان نہ ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ اهو متعين ناهي تہ اهو شريعت مطهره جي لوازمات مان يا ان جي اقرار جي لوازمات مان آهي. بخلاف جماعت جي نماز جي، جو اها هن دين اقوم سان مخصوص آهي. ان ڪري جيڪڏهن ڪلام يا عمل مان اقرار محتمل ۽ مشڪوڪ ٿي پئي جيئن ذميءَ مسلمان کي چيو: آءٌ تو جهڙو آهيان" يا جيئن ذميءَ جي اڪيلي نماز پڙهڻ تہ ان صورت ۾ اهو رڪن صحيح نہ ٿيندو.

ان طرح مخدوم معين مسئلي تي تمام تفصيلي بحث ڪندي اهو موقف اختيار ڪيو آهي تہ واضح ۽ چٽي نموني پهريون ايمان جو رڪن "زبان سان اقرار" بجا آڻڻ سان گڏ ان جو ٻيو رڪن "دل سان ان جي تصديق ڪرڻ" بہ ضروري آهي. ان کان علاوه مخدوم موصوف شريعت جي احڪامن جو اذعان ايمان جو شرط قرار ڏو ڏئي. ان سلسلي ۾ موصوف فرمايو آهي تہ خير القرون جي زماني کان لاڳيتو صحيح هن طرح آهي تہ جنهن صريح تصديق ڪئي ۽ شريعت جي احڪامن تي عمل نہ ڪيو تہ رسول الله ﷺ جن انهن

احڪامن تي عمل ۽ شريعت جي اتباع جي تلقين کان وڌيڪ ڪڏهن به ڪجهه نه چيو. جيڪڏهن ڪنهن انهن احڪامن تي عمل کي يقيني نه بڻايو ته پاڻ سڳورن ﷺ جن مواخذو ڪرڻ ته پري ٿيو ان تي ڪنهن کي ڪو لفظ به نه چيو. سندن چاچو ابو طالب، جنهن کان نبي ﷺ جي الله وٽان آندل هر شيءِ جي تصديق متواتر منقول آهي، پر ان اسلامي احڪامن تي عمل کي يقيني نه بڻايو ته ان تي معمولي زور به نه وڌو ويو. مخدوم معين مسئلي بابت پنهنجي موقف جي تائيد ۾ ترمذي شريف جي صفوان بن عسال کان روايت نقل ڪئي آهي ته يهوديءَ پنهنجي ساٿيءَ کي چيو اسان کي هن نبيءَ ڏانهن وٺي هل... جنهن تي سندس ساٿيءَ کيس چيو: نبي نه چئو! اهو ٻڌي نه وٺي کيس چار اکيون آهن!". جنهن کان پوءِ رسول الله ﷺ جن وٽ آيا ۽ "نون پڌرين آيتن" جي باري ۾ سوال ڪيائون. جنهن تي نبي ﷺ جن کين ٻڌايو. الله سان ڪنهن کي شريڪ نه ڪيو. چوري نه ڪيو زنا نه ڪيو. ناحق قتل نه ڪيو بي ڏوهيءَ کي ذي سلطان جي حوالي نه ڪيو ته اهو ان کي قتل ڪري. جادو نه ڪيو وياج نه کائو. پاڪ دامن عورت کي تهمت نه ڏيو. يوم الزحف ۾ فرار اختيار نه ڪيو ۽ خاص اوهان يهودين تي لازم آهي ته ڇنڇر جي معاملي ۾ حد کان تجاوز نه ڪيو." صفوان چيو: اهو ٻڌي پاڻ سڳورن ﷺ جن جا هٿ ۽ پير چميائون ۽ ٻنهي چيو: اسان شاهدي ٿا ڏيون ته تون نبي آهين." پاڻ فرمايائون: پوءِ منهنجي پيروي کان اوهان کي ڪهڙي شيءِ روڪيو آهي." چيائون: بيشڪ داؤد عليه السلام پنهنجي رب کان دعا گهري ته هميشه نبي منهنجي اولاد مان ٿئي." ۽ اسان کي خوف آهي ته اسان تنهنجي پيروي ڪئي ته يهودي اسان کي قتل ڪري ڇڏيندا. هن باب ۾ يزيد بن الاسود، ابن عمر ۽ ڪعب بن مالڪ رضي الله عنهم وعن سائر الصحابة اجمعين کان به مروي آهي. ۽ هيءَ حديث حسن صحيح آهي. مخدوم صاحب فرمائي ٿو ته حديث مان اسان جي مدعي ته دلالت جو وجه ظاهر ظهور آهي ته جيڪڏهن خالي نبي ﷺ جي نبوت جي شاهدي ايمان ۽ شريعت جي التزام لاءِ ڪافي هجي ها ان شهادت کان وڌيڪ ڪجهه لازم نه هجي ها جهڙوڪ اڳئين دين کان بيزاري ظاهر ڪرڻ ۽ دين قويم جي پيروي ۽ ذميداري ته رسول الله ﷺ جن نبوت جي شاهدي ڏيڻ کان پوءِ کين اهو نه چون ها ته: پوءِ منهنجي پيرويءَ کان اوهان کي ڪهڙي شيءِ روڪيو آهي." ۽ اتباع ئي احڪامن جو اذعان ۽ شرع مبارڪ جو اهڙو التزام ۽ تحمل آهي جيڪو باطل دين کان بيزاريءَ جو موجب ٿيندو آهي. ۽ جيڪڏهن انهن جو ايمان پورو ٿي ويو هجي ها ۽ ان کان پوءِ سندن پيروي نه ڪن ها ۽ احڪامن تي عمل نه ڪن ها انهن جو اذعان نه ڪن ها ۽ يهودين جي خوف کان اظهار نه ڪن ها ته پاڻ سڳورا انهن کي ائين ڇڏي به نه ڏين ها. ڇاڪاڻ ته اهو ان صورت ۾ دين کان ارتداد ٿي پوي ها جيڪو قتل جو موجب ٿيندو آهي. ان مان ثابت ٿيو ته اسلام جي صحت لاءِ شهادت جي واضح ڪلمي کان پوءِ احڪامن تي عمل کي يقيني بڻائڻ ضروري آهي.

مخدوم صاحب ان باري مخالفن طرفان امڪاني سوال اٿاريو آهي ته جيڪڏهن توهان اهو چئو ته يهودين کي نه روڪڻ ان ڪري نه هو ته شهادت کان پوءِ احڪامن جو اذعان واجب آهي پر ان ڪري هو ته يهودي نبي ﷺ جن جي جزيري عرب جي نبي هئڻ جا قائل هئا. تنهن ڪري انهن کي نه روڪڻ جو سبب مڪمل نبوت جي شاهدي نه ڏيڻ هو. تنهن ڪري جيستائين سيني انسانن ڏانهن نبي هئڻ جي شاهدي نه

ڏيندا يا پنهنجي دين کان برائت جو اظهار نہ ڪندا تہ انهن جي مسلمان ٿيڻ جو حڪم نہ لڳائبو ۽ نبي ﷺ جيڪو انهن کي پنهنجي اتباع جو حڪم ڪيو سو عموم نبوت تي اعتقاد ڪرڻ جي حڪم جي معنيٰ ۾ يا باطل دين کان برائت جي حڪم جي معنيٰ ۾ هو. ان ڪري حديث دعوا تي دليل نہ ٿي بنجي سگهي.

مخدوم صاحب ان جو جواب ڏيندي چئي ٿو:

ظاهر حديث جي سياق مان اهو آهي تہ انهن جيڪو چيو ان کان مٿي انهن جي مٿان ڪو بہ قولي وظيفو ۽ ذميداري عموم نبوت يا برائت وغيره تي ڳالهائڻ جي نہ ٿي رهي. صرف اتباع ۽ احڪامن تي اذعان ئي باقي ٿو رهي جنهن ڪري نبي ﷺ جن انهن کي چيو: منهنجي پيرويءَ کان اوهان کي ڪهڙي شيءِ روڪي ٿي." جيڪڏهن ڳالهائڻ جي سلسلي ۾ نبوت جي عموم ۽ پنهنجي دين کان برائت جي سلسلي جو ڪو شرط باقي رهي ها تہ نبي ﷺ جن ڪين هن طرح چون ها: اوهان کي سيني انسانن ڏانهن منهنجي نبوت تي شاهدي ڏيڻ کان ڪنهن روڪيو آهي." يا چون ها "اوهان کي هن شاهديءَ باوجود پنهنجي دين کان برائت کان ڪهڙي شيءِ روڪيو آهي."

اسان جيڪو چيو آهي تہ: انهن جي مٿان ڪوبہ قولي وظيفو ۽ ذميواري عموم نبوت يا برائت وغيره تي ڳالهائڻ جي نہ ٿي رهي." سو ان ڪري تہ انهن جو اهو چوڻ: اسان شاهدي ٿا ڏيون تہ توهان نبي آهيو." مطلق نبوت جي اقرار ۾ مطلق آهي انهيءَ ۾ جزيره عرب جي ڪابہ قيد ڪانهي، ۽ اطلاق جو پنهنجي ظهور ۾ اطلاق عام جي عموم وانگر هوندو آهي ۽ نص جي برابر آهي. ان ڪري انهن جو اهو چوڻ هن چوڻ جي قوت رکي ٿو: توهان سڀني مخلوق جو نبي آهيو." پر ان باوجود جڏهن انهن کان دين جي تحمل ۽ اتباع جو مطالبو ڪيو ويو تہ ان مان اهو ٿو ثابت ٿئي تہ اهو اسلام جي صحت لاءِ شرط آهي.

نتيجو بحث جو ٽي ڳالهيون آهن: حديث صحيح آهي. انهن جي نبوت جي شهادت منطوق ۽ منصوص آهي. نبوت ۾ اطلاق عموم ۾ ظاهر ۽ ان باري ۾ نص برابر آهي. انهن ٽن وضاحتن ۾ مخالف ٻن ڳالهين مان هڪ ضرور قبول ڪندو. يا چوندو تہ: حديث شهادت کان پوءِ احڪامن جي اذعان جي شرط هئڻ تي دلالت ڪري ٿي" جيئن اسان چيو آهي يا چوندو تہ انهن جو مسلمان نہ ٿيڻ ان ڪري هو تہ انهن پنهنجي دين کان برائت ۽ سيني انسانن ڏانهن نبي هئڻ جي شهادت جي تصريح ۽ تنصيص نہ ڪئي هئي. پهرين صورت ۾ تہ اسان ۽ انهن وچ مان جهيڙو ختم ٿي ويندي ٻي صورت ۾ ان جو ڪلمي محتمل ۾ اسلام جي صحيح هئڻ جو قول باطل ٿي ويندو ڇو تہ ضعيف احتمال وارو ڪلمو هجي جيئن "انا مثلڪ" (آءٌ تو جهڙو آهيان) هجي. اهو ان ڪري تہ انهن ٻنهي يهودين جو چوڻ تہ: اسان شاهدي ٿا ڏيون تہ توهان نبي آهيو" ڪو شڪ ناهي تہ انهن جي نبوت عامہ جي شهادت جي احتمال ۾ "انامثلڪ" جي اسلام ۾ مثليت جي احتمال کان وڌيڪ قوي آهي. نہ تنهنجي عمر جو قسم پهريون ان باري ۾ نص جي برابر آهي اهو محتملات مان شمار ئي ڪونہ ٿيندو. جيڪڏهن احتمالات مان شمار ٿيو تہ گهٽ ۾ گهٽ احتمال ۾ ٻئي جي برابر آهي نہ ٿيندو پوءِ جيڪو هنن يهودين جي اسلام جو قائل ناهي جن ناطق شهادت ڏني آهي. صرف ان ڪري تہ انهن نبوت عامہ جي ۽ برائت جي تصريح نہ ڪئي آهي تہ اهو "انا مثلڪ" ۽ اسلام جو

حڪم ڪيئن ٿو ڪري. جڏهن ته اهو ابهام ۾ گهٽو ۽ اسلام ۾ مثليت ۾ متعين ڪونهي. انصاف وارو ماڻهو ان ۾ شڪ نه ڪندو جيڪو اسان چيو آهي.

مخدوم صاحب ٻيو سوال اٿاريندي چئي ٿو:

جيڪڏهن اوهان چئو ته رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي: مون کي حڪم ڪيو ويو آهي ته آءُ ماڻهن سان وڙهندو رهان جيستائين شاهدي ڏين: لااله الاالله ۽ مون تي ايمان آڻن ۽ جيڪو مون آندو آهي ان تي ايمان آڻين. جڏهن ائين ڪندا ته پوءِ مون کان انهن جا خون ۽ مال محفوظ رهندا سواءِ ان جي حق ۽ انهن جي الله مٿان حساب جي. ان کي مسلم روايت ڪيو آهي هن حديث جو ظاهر هن تي دلالت ٿي ڪري ته ايمان لاءِ ايترو قدر ڪافي آهي. برائت ۽ عمل جو التزام ضروري ناهي.

مخدوم معين جو جواب:

آءُ چوندس ته مسلم جي ٻي راويت ۾ آهي ابي مالڪ کان اهو پنهنجي پيءُ کان چيائين مون رسول الله ﷺ کان ٻڌو: جنهن لااله الاالله چيو ۽ الله کان سواءِ جن جي عبادت ڪندو هو ان جو انڪار ڪيائين ته ان جو مال ان جو رت ۽ الله تي حساب حرام آهي ۽ کانئس ٻي روايت ۾ آهي: جنهن الله کي اڪيلو مڃيو" ان کان پوءِ ساڳي حديث جو ذڪر آهي. انتهي

تنهن ڪري مطلق روايتون مقيد روايتن تي حمل ڪيون وينديون ته جيئن حديثن ۾ جمع ٿي سگهي. هن طرح ته نبي ﷺ کان ٻهرين روايت ۾: ۽ جيڪو مون آندو آهي" سو اڳئين تي عطف آهي. جيڪو شريعت جي التزام ۽ اذعان کي متضمن آهي جيڪو عمل برائت جو موجب آهي جيئن سمجهدار تي مخفي ناهي.

ٻيو سوال: جيڪڏهن تون جيئن ته جيئن تو ذڪر ڪيو ته حديثون مطلقا برائت جي شرط هئڻ تي دلالت ڪن ٿيون. اهل ڪتاب جي ان ۾ قيد کان سواءِ جيئن فقيهن ان کي وٿني (بت پرست) سان مقيد ڪيو آهي جڏهن ان وحدت ۽ رسالت جي شاهدي ڏني ته اهو سلمان نه ٿيندو." اهو رسالت جي اقرار جي مسئلي ۾ اجماع جي خلاف آهي.

مخدوم معين جو جواب:

آءُ چوندس ته بت پرست پنهنجي طرفان بغير زور بار جي ٻه شاهديون ڏنيون اسلام کي پسند ڪندي ۽ پنهنجي باطل دين کان بيزار ٿي ته اهو اتباع ۽ برائت جو گڏيل دليل آهي. ڪلام صرف ان جي باري ۾ آهي جنهن تصديق ڪئي ۽ ان کان ڪا اهڙي علامت شاهديءَ طور سامهون نه آئي جيڪا اهو ٻڌائي ته ان دين قديم جو التزام ڪيو آهي ۽ پنهنجي باطل دين کان برائت ڪئي آهي. ته ان صورت ۾ اهو واجب آهي ته ان کان اتباع جي گهر ڪئي وڃي جيئن رسول الله ﷺ جن ٻن يهودين کان اتباع جي گهر ڪئي. جيڪڏهن اتباع ڪري ته ان تي اسلام جو حڪم لڳايو وڃي نه ته ان جو رستو خالي ڇڏي ڏجي جيئن رسول الله ﷺ جن يهودين جو رستو نه روڪيو.

هن مسئلي جي باري ۾ امام ابو سليمان الخطابيءَ جو معالم السنن ۾ معاويه بن الحڪم سلميءَ جي حديث جي شرح ۾ ڪلام نهايت سهڻو آهي ٻهريائين اسان حديث تا بيان ڪيون:

معاويہ چيو: منهنجي هڪ ٻانهي هئي احد کان اڳ ٻڪريون چارينديءَ هئي. اوچتو اطلاع آيو تہ بگهڙ هڪ ٻڪري کڻي ويو. آءٌ آهه زادو جيئن ٿيندو آهي. گهڻي افسوس ۾ پئجي ويس.

"اهو رسول الله کي خراب لڳو تنهن تي مون چيو ڇا پوءِ آءٌ ان کي آزاد ڪري ڇڏيا تہ فرمايائون: ان کي مون وٽ وٺي اچ" مان ان کي وٺي آيس. پاڻ فرمايائون: الله ڪٿي آهي؟" چيائين: آسمان ۾" پاڻ فرمايائون: آءٌ ڪير آهيان" چيائين تون رسول الله ﷺ آهين." پاڻ فرمايائون: هيءُ مومنياڻي آهي ان کي آزاد ڪري ڇڏ." ابو داؤد جي حديث جو ڪجهہ حصو پورو ٿيو.

امام موصوف شرح ۾ فرمايو تہ نبي ﷺ جن جو قول تہ اها مؤمنياڻي آهي ان کي آزاد ڪر" اهو ان جو ايمان سنڌس هن ڇوڻ کان سواءِ ڪنهن ٻي شيءِ مان ظاهر نہ ٿيو هو جنهن ۾ ان چيو جڏنهن رسول الله ﷺ جن کانئس پڇيو تہ الله ڪٿي آهي." تہ چيائين اسمان ۾ ۽ آءٌ ڪير آهيان" تہ چيائين: تون الله جو رسول آهين" اهو ايمان جي امارت جي باري ۾ سوال آهي. اصل ايمان جي باري ۾ ۽ ان جي حقيقت جي صفت جي باري ۾ نہ هو. ان ڪري جيڪڏهن اسان وٽ ڪافر اچي ڪفر کان اسلام ڏانهن اچڻ جو ارادو رکي ۽ ايتري قدر ايمان جي وصف بيان ڪري تہ ان سان مسلمان نہ ٿيندو. جيستائين اشهد ان لااله الاالله وان محمدا عبده ورسولہ" جي شاهدي ڏئي ۽ پنهنجي باطل دين کان برائت نہ ڪري. هن جو مثال اهڙي عورت ۽ مرد جهڙو آهي جيڪي هڪ گهر ۾ لڌا ويا. مرد کان پڇيو ويو: هيءَ ڪير آهي؟" ان چيو: منهنجي گهر واري" عورت بہ ان جي تصديق ڪئي تہ اسان انهن ٻنهي کي سچو چونداسين. انهن جي معاملي کي وڌيڪ نہ کوليندا سين. کانئن عقد زوجية جو مطالبو نہ ڪنداسين. پر جيڪڏهن اهي ٻئي اسان وٽ اچن. نڪاح ڪرڻ جو ارادو رکن تہ اسان کانئن نڪاح جا شرط جهڙوڪ: وليءَ جو حاضر ڪرڻ. شاهد ۽ مهر جو تعين ڪرڻ. پورا ڪرڻ جو مطالبو ڪنداسين. اهڙيءَ طرح ڪافر جي آڏو جڏنهن اسلام پيش ڪيو ويو تہ ان جي هن چوڻ کي ڪافي نہ مجبو جو هو چوي: آءٌ مسلمان آهيان." بلڪ ان لاءِ مڪمل ايمان جي وصف ۽ ان جا شرائط طلب ڪيا ويندا. پر جيڪڏهن اسان وٽ ڪو اهڙو ماڻهو اچي جنهن جو ڪفر ۽ ايمان ۾ اسان حال نہ ٿا ڄاڻون. تنهن چيو: آءٌ مسلمان آهيان" تہ اسان ان کي قبول ڪنداسين. اهڙي طرح جڏنهن اسان ان تي اسلام جي امارت ڏٺي: هيئت ۽ بشارت وغيره تہ اسان ان جي اسلام جو حڪم لڳائينداسين. ايستائين جو ان جي خلاف ان وٽان ڪجهہ ظاهر ٿئي."

## سنڌ جي هندن خلاف جارحانہ رويي بجاءِ وچٿرو رويو:

هن مسئلي مان نظر ٿو اچي تہ ان دور ۾ عالمن جو هڪ طبقو اهڙو هو جيڪو هندن بابت جارحانہ رويو رکندو هو. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي اهڙن عالمن جو اڳواڻ نظر ٿو اچي. هن مسئلي ۾ ڏسجي ٿو تہ ڪنهن هندوءَ ڪنهن مسلمان کي چيو آهي تہ آءٌ تو جهڙو آهيان" جنهن تان ڪيس مسلمان ٿيڻ تي مجبور ڪرڻ جو سلسلو شروع ٿيو آهي. مخدوم معين جي هنن رسالن مان هڪ جڳهہ تي اهو اشارو ملي ٿو تہ هيءَ ڳالهہ جهڳڙي جو باعث وڃي بني آهي. ۽ نيٺ قاضيءَ جي عدالت تائين معاملو پهتو آهي. (1) اهڙيءَ طرح هڪ

---

1 ٺٽوي، محمد معين مخدوم، التنبيه علي سوء الفهوم في ان المثلية توجب العموم، صفحہ:4، نسخہ خطيہ قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو.

هند هن مسئلي کي مخدوم صاحب "مسئلة الاڪراه" (1) سڏيو آهي جنهن مان اندازو ٿئي ٿو تہ جنهن هندوءَ مسلمان کي چيو آهي تہ: آءٌ توجهڙو آهيان." تنهن کي زوريءَ مسلمان ٿيڻ تي مجبور ڪيو ٿي ويو. رسالي جي هڪ هنڌ عبارت مان معلوم ٿئي ٿو تہ مخدوم محمد هاشم ان هندوءَ کي سخت سزائون ڏيڻ ۽ اسلام کان انڪار ڪرڻ جي صورت ۾ ان جي قتل جي جائز هئڻ جي فتوي ڏني. (2) اهو ان ڳالهہ جو دليل آهي تہ هندن جي لاف جارحانہ روش اختيار ڪرڻ جو سلسلو بہ ان دور ۾ موجود هو. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي هن روش جي حمايت ۾ نظر اچي ٿو. اهوئي سبب هو جو مخدوم محمد هاسم جڏهن ميان غلام شاه کي شريعت جي نفاذ لاءِ مشورو ڏنو تہ ان ۾ هندن جي باري ۾ بہ سختيءَ جا احڪام جاري ڪرڻ جو مشورو ڏنو ويو. غلام شاه مخدوم هاشم جي مشوري جي روشنيءَ ۾ جيڪي احڪامات جاري ڪاتن ۾ هندن بابت لکيل آهي.

"هندن کي تاڪيد ڪجي ٿو تہ پنهنجي دوڪانن يا گهرن ۽ بازارن ۾ ڏوتي مٿي ڪٽي گوڏا پڌرا ڪري نہ هلن. هندن کي منع ٿي ڪجي تہ پنهنجي وڏن ڏيهن جهڙوڪ: هولي يا ڏياري وغيره تي کلئي عام جاء تي ساز سروز نہ وڄائن ۽ نہ ڪنهن کليءَ جاء تي پڳت وغيرہ ڪن. دهل ۽ ناقوس وغيره نہ وڄائن ۽ مسلم عوام جي سامهون کلين جاين تي بتن کي سجدو نہ ڪن. ۽ درياه تي وڃي عام تڙن تي ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ درياه جي پوڄا ڪرڻ. جنهن مان ماڻهن ۾ اشتعال ۽ بدنظمي پيدا ٿئي يا اعتراض شروع ٿئي يا ڪي انهن کي ڏسي براين جا مرتڪب ٿي پون. اهڙين ڳالهين ۽ حرام ۽ بدعت جي منع آهي." (1)

بهرحال هڪ پاسي مخدوم محمد هاشم جو هن قسم جو موقف هو. جنهن جي تقاضا هئي تہ هندو جڏهن مسلمانن سان ڳالهائيندي اهڙو لفظ چون جنهن مان اسلام جو شبهو بہ پيدا ٿئي تہ "الاسلام يعلو ولا يعليٰ عليہ" جي تصور تحت هندوء کي اسلام قبول ڪرڻ تي مجبور ڪيو وڃي. ان جي مقابلي ۾ ٻئي پاسي مخدوم معين جو موقف آهي جنهن جو چوڻ آهي تہ خيرالقرون جي سينني زمانن ۾ ڪڏهن بہ ڪو اهڙو مثال نہ ٿو ملي تہ اهڙي محتمل ۽ مشڪوڪ جملي چوڻ تي ڪنهن کي اسلام تي مجبور ڪيو ويو هجي. موصوف ابو طالب جو مثال ڏيندي فرمايو آهي تہ ان وٽان نبي ﷺ جي نبوت ۽ وحي جي تصديق تواتر کي پهتل آهي پر جڏهن ان احڪامن شريعت کي قبولڻ کان انڪار ڪيو تہ ان کي تہ اسلام تي مجبور ڪونہ ڪيو ويو جڏهن تہ اوهان هن ذميءَ کي ڪيترو سختيءَ سان ورتو آهي ڻ جي اسلام کان انڪار جي صورت ۾ سخت عقوبات ۽ قتل جي جواز جو حڪم جاري ڪيو آهي." اهو لکي پوءِ مخدوم معين سوال ڪيو آهي تہ: فمن السلف لکم في ذالڪ بعد رسول الله ﷺ.

(رسول الله ﷺ کان پوءِ ان ڳالهہ ۾ اوهان جو سلف ڪير آهي؟) (2)

---

1 ٺٽوي، محمد معين مخدوم، غايت ما ظهر لاضعف الانام في ان الڪلام المحتمل لايوجب الاسلام" نسخہ خطيہ قاسميہ لائبري ڪنڊيارو صفحہ: 5

2 حوالو ساڳيو صفحہ 11_12

1 قادري، عبدالرسول، مگسي مخدوم محمد هاشم ٺٽوي سوانح حيات ۽ علمي خدمتون" سنڌي ادبي بورڊ سال 2006 صفحہ: 88_89

ٺٽي ۾ ان دور جي ٻين علمائن جيڪو موقف اختيار ڪيو آهي، هن موقعي تي اِهو ڄاڻڻ بہ ضروري ٿئي ٿو. مخدوم معين جي رسالي التنبيه علي سوء الفهوم في ان المثلية توجب العموم“ جو قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو وارو جيڪو نسخو آهي. خوش قسمتيءَ سان ان جي آخر ۾ مخدوم حامد ۽ مخدوم ضياءُ الدين جي فتوائن جو نقل موجود آهي.

مخدوم حامد جي فتويٰ ۾ سنڌيءَ جا لفظ ڏنل آهن تہ جنهن چيو ” آءٌ تُو جِهڙو آهِيَان هَلِي مُوسِي پُڇ“ ظاهر اهو آهي تہ اهو چوندڙ جي اسلام جي حڪم ۾ اشڪال آهي دستور القضاة ۾ جيڪو آيل آهي: جيڪڏهن ڪافر چيو آءٌ تو جهڙو آهيان تہ مسلمان ٿي ويندو“ ۽ جيڪڏهن چيائين: آءٌ تو جهڙو آهيان تہ مسلمان ٿي ويندو“ ان وضاحت ڪان سواءِ تہ ڪافر يا نصرانيءَ اهي لفظ ڪنهن کي چيا. جڏنهن تہ ذخيره ۽ خزاد ۾ ان ڪان منقول آهي تہ جڏنهن ذميءَ مسلمان کي چيو تہ آءٌ تو جهڙو مسلمان آهيان تہ مسلمان ٿي ويندو“. يعني ان ۾ اهو واضح آهي تہ: ذميءَ مسلمان کي چيو“ خزانة جي جن نسخن ۾ اها وضاحت ناهي، تہ اها ڪاتب جي سهو آهي. ڇاڪاڻ تہ ذخيره، ظهيريہ، سراجيہ، تاتار خانيہ، حسب المفتي، تحفہ، دستور القضاة، عمدة الفتاويٰ ۽ بحرالرائق اها وضاحت ٿيل آهي. ان ڪري چيو اٿن: جيڪڏهن نصرانيءَ چيو آءٌ مسلمان آهيان تہ مسلمان نہ ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ اهي پنهنجي لاءِ اها دعوا رکندا آهن پر جيڪڏهن مسلمان کي چيائين تہ آءٌ تو جهڙو مسلمان آهيان تہ مسلمان ٿي پوندو.“ ان ڪري دستور القضاة ۽ تحفہ ۾ شايد ڪاتب کان ڀل ٿي آهي. حقيقت بہ اها ٿي آهي تہ ٻن مردن ۾ ڪوڙ سببن کان هڪ جهڙائي ٿيندي آهي اسلام ۾ هڪ جهڙائيءَ جي معنيٰ وٺڻ لاءِ ضروري آهي تہ ڪو لفظي يا عقلي قرينو هجي، جنهن جي ڪلام جو مفهوم تقاضا ڪري يا مقام جي تقاضا اها هجي. جيئن مطول ۾ آهي. ۽ خذف ٻن ڳالهين جو محتاج ٿيندو آهي. هڪ مقام قابليت اهو هيئن تہ ٻڌندڙ ان مقرر محذوف) کي ڄاڻندڙ هجي قرينن جي وجود جي ذريعي، جڏنهن تہ هن جڳه تي ٻڌندڙ هن ڪلام مان اسلام ۾ هڪ جهڙائي جو مفهوم نہ ٿو سمجهي. بلڪ هن مان مقاومة ۽ ذرين ۾ برابري سمجه ۾ ٿي اچي، ڪيئن نہ؟ حالانڪ اهڙي قسم جون ڳالهيون مسلمان ۽ ڪافر پاڻ ۾ ڪندا رهندا آهن.

صفتون جيڪي لڳنديون آهن. عارض ٿينديون آهن. تن ۾ اصل انهن جو عدم هوندو آهي. ان ۾ اسلام جي ڪابہ استثنا ڪانهي، ان طرح حماديہ ۾ آهي تہ: ڪافر جڏنهن نماز جي وقت ۾ اذان ڏني تہ مسلمان ٿي پوندو پر جي وقت ۾ نہ ڏنائين تہ ان تي اسلام جو حڪم نہ لڳايو ويندو. ڇاڪاڻ تہ ان مان ٺٺول بہ مراد ٿي سگهي ٿي.

شهر جي مفتي عبدالرحيم جي خط جو نقل ۽ اهو نقل آهي مخدوم حامد جي خط جو.[1]

قدوة العلماء ميان ضياء الدين جو جواب

سوال حاجي محمد هاشم ٺٽوي:

جيڪڏهن مسلمان ذميءَ کان پڇيو: شريعت قبول ڪرين ٿو؟“ تہ ان چيو قبول ٿو ڪيان“ تہ ان مسئلي جو حڪم ڪهڙو آهي.

1 ٺٽوي محمد معين مخدوم، التنبيه علي سوء الفهوم في ان المثلية توجب العموم. قلمي، قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو.

جواب: فقير جي گمان مطابق اسلام جي اطاعت. جنهن تي "مطيع الاسلام" جا لفظ دلالت ڪن ٿا. ۽ شريعت جي قبوليت جا لفظ دلالت ڪن ٿا. ان جو هڪ ئي حڪم آهي. تنهن ڪري جيڪو ذمي آهي جائز آهي ته ذمي هوندي اسلام جو مطيع ۽ شريعت جو قائل هجي. ان ڪري اهو ڪيئن حڪم لڳائبو ته ذميءَ جي شريعت قبولڻ سان اهو مسلمان ٿي پوندو.[1]

## ڏاڙهي مبارڪ بابت فتويٰ:

مخدوم محمد معين جمهور علماء جي ڏاڙهيءَ بابت هن مسلڪ ته: اها سنت مؤڪده آهي ۽ ڪن ان کي واجب به قرار ڏنو آهي. جي بخلاف اهو مسلڪ اختيار ڪيو آهي ته اها ڇڏڻ مستحب آهي. ان لاءِ موصوف اهو استدلال ورتو آهي: مشهور حديث. جنهن ۾ پنجن شين کي فطرت سڏيو ويو آهي. جن ۾ هڪ شئي ڏاڙهي ڇڏڻ به آهي. ان ۾ امام ابن ديق العبد شرح "عمدة" ۾ پنجن ئي شين کي مستحب قرار ڏنو آهي. اهري طرح. شيخ دهلويءَ جو هيءُ قول به استدلال ۾ پيش ڪيو اٿس. جنهن ۾ شيخ موصوف "فطرة" جي معنيٰ تي بحث ڪندي لکيو آهي ته: فطرت ڪڏنهن حسن عادت جي معنيٰ ۾ ايندي آهي جيئن حضرت عائشه صديقه جي حديث ۾ "عشرة من الفطرة" (ڏه شيون فطرت مان آهن) مان مراد آهي."

ڏاڙهي کي مٺ برابر يا ان کان وڌيڪ يا گهٽ رکڻ جي مسئلي جي سلسلي ۾ مخدوم محمد معين جو مسلڪ آهي ته حديثن ۾ "اعفاء" (ڇڏڻ) جو جيڪو حڪم آهي سو مجمل آهي ان جو تفصيل رسول الله ﷺ جن جي فعل سان ٿئي ٿو. اهو آهي "مٺ جي مقدار جيتري ڏاڙهي رکڻ" يعني مخدوم صاحب جي مسلڪ مطابق جيتري مقدار تائين ڏاڙهي ڇڏائڻ مستحب آهي.

مٺ کان گهٽ يا وڌ رکڻ جو حڪم ڇا هئڻ گهرجي؟ ان بابت مخدوم رحمة الله عليه فرمائن ٿا ته: جيڪو ماڻهو مٺ جي مقدار کان ڏاڙهي وڌائي ان تي ٻنهي صورتن ۾ مستحب ڇڏڻ جو حڪم لڳائڻ گهرجي"

ڏاڙهي بابت هڪ خاص مسئلي ڏانهن به مخدوم محمد معين جو اشارو ملي ٿو جيڪو تمام اهم آهي. اهو مسئلو اهو آهي ته ڇا ڏاڙهي رکڻ "تعبدي" (عبادت جي قسم جو) عمل آهي يا "عادت" جي قسم جو عمل آهي. مخدوم صاحب جي هڪ لفظ ته: سنت مؤڪده عادت جي قسم جي عملن ۾ مقرر نه ٿيندي آهي." مان اهو اشارو ٿو ملي ته موصوف ڏاڙهي رکڻ جي عمل کي "تعبدي" امر نه پر عادت جي قسم جو امر ٿو سمجهي.

ڏاڙهي ماڳهين ڪوڙي ڇڏڻ بابت مخدوم صاحب اها راءِ قائم آهي ته: مرد ڪدڙن وانگر ڏاڙهي ٻنائڻ (ڪوڙائڻ) "مثلہ" آهي." "مثلہ" فقه جي اصطلاح ۾ پنهنجي صورت بگاڙڻ کي چئبو آهي. مخدوم موصوف فرمائي ٿو ته: ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته اهو حرام فعل آهي."[2]

---

1 ٺٽوي. محمد معين مخدوم. التنبيه علي سوء الفهوم في ان المثلية توجب العموم.قلمي. قاسميه لائبريري ڪنڊيارو.

2 ٺٽوي. محمد معين مخدوم. رساله "نير الضحي في حڪم قص اللحي" (ملخص) قاسميه لائبريري ڪنڊيارو

## سماع بابت رايو:

مخدوم محمد معين ”السماع معراج الاولياء جي مقولي جي مطابق، سماع پسند هو سماع سان کين خاص محبت ۽ عشق هو. اهوئي سبب هو جو سندن وفات بہ موسيقي جي سماع دوران ٿي. (1) آءٌ مناسب ٿو سمجهان تہ مخدوم موصوف جو سماع بابت موقف بيان ڪرڻ کان اڳ اهو ذڪر ڪندو هلان تہ سماع سان سندن تعلق ڪيئن ٿيو. ان سلسلي ۾ سڌيءَ ريت ڪو دليل تہ علم ۾ نہ اچي سگهيو آهي البتہ مخدوم موصوف جو روحاني طور شاه عنايت سان تعلق قائم ٿيڻ ۽ پوءِ شاه عبداللطيف سان دوستي جو پيچ اڙڻ جا بہ اهڃاڻ اهڙا آهن، جن مان معلوم ٿئي ٿو تہ مخدوم محمد معين انهن جي صحبت ۾ سماع جو ذوق ۽ شوق پالڻ شروع ڪيو. پر جيئن تہ مخدوم صاحب شاه عنايت سان وابستہ ٿيڻ کان پنهنجي مرشد ابوالقاسم جي ناراضگيءَ جي ڪري توبہ ڪئي هئي ۽ ٻيو خاص ڳالهہ اها تہ شاه عنايت جي درگاهہ تي باقاعدي سماع ۽ راڳ جو سلسلو صوفي فضل الله شاه قلندر جي سجاده نشينيءَ واري دور 1230_ 1243ھ ۾ شروع ٿيو.(2) ان ڪري سماع جو ذوق شاه عنايت سان وابستگيءَ جي نتيجي ۾ کين حاصل ٿيل نہ ٿو ڀانئجي. بلڪ اهو شاه عبد اللطيف ڀٽائيءَ جي سنگت جي اثر جو نتيجو نظر ٿو اچي. اهو ئي سبب آهي جو مخدوم محمد معين سماع بابت رسالہ اويسيہ ۾ پنهنجو رايو ڏيڻ مهل شاه عبدالڪريم جي موقف ۽ نقطي نظر کي پنهنجي راءِ ۾ حوالي طور ڪتب آندو آهي. شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ پڻ سماع ۽ راڳ جو فيض، شاه عبدالڪريم جي فقيرن کان حاصل ڪيو هو. جن جي محفلن ۾ شاه صاحب بلڙيءَ وڃي شريڪ ٿيندو رهندو هو ۽ ان ذريعي پنهنجي ڏاڏي پڙڏاڏي جي سماع جي سلسلي کي سمجهي ۽ ان جو فيض حاصل ڪري سگهيو هو. ان طرح مخدوم موصوف کي مليل سماع ۽ راڳ جو ونڊ بہ شاه عبداللطيف جي ذريعي شاه عبدالڪريم جي ئي سر چشمہ فيض مان مليو هو. ان ڪري جيئن ظاهر آهي تہ مخدوم صاحب جو سماع بابت موقف شاه عبدالڪريم وارو ئي هئڻ گهربو هو. ان ڪري ٿيو بہ ائين تہ مخدوم صاحب سماع جي بحث ۾ سندس حوالو ڪتب آندو ۽ سماع لاءِ سندس جيڪي شرط هئا تن شرطن جي بنياد تي سماع کي جائز قرار ڏنو. مخدوم موصوف سماع بابت رسالہ اويسيہ ۾ پنهنجو موقف بيان ڪندي لکي ٿو:

”ٻن مقدمن: سماع ۽ توحيد جي مسئلي ۾ بہ حقيقت ۾ (صوفين ۽ علماء شريعت ۾) ڪوبہ اختلاف ناهي، سماع، حال جي شرط سان، فقيہ بہ جائز قرار ڏين ٿا. اولياء بہ ان ئي شرط تي درست ٿا چون. حال کان سواءِ علماء حرام ٿا چون. جڏهن تہ اولياء چون ٿا تہ حرام کان بہ هڪ قدم وڌيڪ چوڻ گهرجي. حضرت ميران سيد عبدالڪريم قدس سره الاقدس هن باب ۾ تمام گهڻو مبالغو فرمايو آهي. ڇاڪاڻ تہ سندن مريد ظاهر شريعت جا پابند آهن. سماع جي جائز هئڻ لاءِ اوليائن جا شرط کي پهتل آهن جو اهي شرط ڪنهن ڪامل مڪمل هستيءَ کان سواءِ ڪنهن کي حاصل ٿيڻ تمام مشڪل آهن. ائين (بہ) ناهي تہ جيڪو بہ گريو ڪري ۽ ان تي حال متغير ٿئي ۽ پاڻ ۾ ڪشادگي لهي تہ ان لاءِ سماع درست آهي. گريي جا بہ قسم آهن. ڪهڙي خبر تہ گريو ڪهڙي راهہ کان ٿو اچي ۽ فرحت ۽ ڪشادگي ڇا جي آهي. ڇاڪاڻ تہ

1 قانع، تحفة الکرام صہ: 694

2 بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: ”مقدمہ راڳ نامو“ صفحہ: 7. شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز 1401/ 1981ع

اهو نفس جي راهه کان لڪي ڇپي ائين ايندو آهي جو اهل الهام ۽ مڪاشفي جا شير به ان جي ادراڪ کان عاجز ٿي پوندا آهن. ۽ رقص ۽ وجد جيڪو حرڪات جي مناسب قوت سان، موزون نغمو ٻڌڻ وقت نفس ۾ پيدا ٿيندو آهي، سو ظاهر ٿيندو آهي ۽ هيءُ ويچارو انهيءَ گريي ۽ آهه ۽ گريبان جي حالت ۾ مٿي ۽ بدن ۾ مٿي وجهي وجد ۽ رقص جي حالت ۾ شيطان جي مٺ ۾ اچي ويندو آهي. جيتوڻيڪ هن زماني ۾ اها به غنيمت آهي ته شيطان انهيءَ لباس ۾ ڪنهن کي پنهنجو تابع بنائي، ان سان مله ڪرڻ لاءِ انهيءَ حيلي جو محتاج ٿئي، ان ڪري ڪي گهٽ اهڙا هوندا، جن ۾ ظاهر ۾ اهو حال پيدا ٿئي ته خود بخود بنا شبهي جي خشڪ ۽ خالي سماع ڪن ۽ علماء ۽ اولياء جا مخالف ٿين اهو باتفاق علماء ۽ اولياء حرام آهي. جڏهن ته سماع باتفاق سيني وٽ (جڏهن حال پيدا ٿئي ته) جائز آهي. ان ڪري اهو غلط آهي ته ان معاملي ۾ علماء ۽ اولياء ۾ اختلاف آهي.[1]

## فصل ٽيون: خلافيات (اختلافي مسئلا)

### ابو طالب جي اسلام بابت راءِ:

مخدوم معين ٺٽويءَ لاءِ مشهور آهي ته موصوف ابو طالب جي مسلمان هئڻ جو قائل هو. جيڪا ڳالهه شيعن جو عقيدو آهي. اهل سنت جو عقيدو آهي ته ابو طالب نبي ﷺ جن کي سورنهن سالن جي عمر کان سنڀاليو. سندن حفاظت ڪيائين ۽ دين ۾ سندن مدد به ڪيائين. مخالفن جي مقابلي ۾ سندن پرجهلو به ٿيو پر نبي ﷺ جن مٿان، باوجود سندن گهڻي چاهڻ جي ايمان نه آڻي سگهيو.

مخدوم معين بابت ان ڳالهه جي شهرت جو بنياد صاحب قسطاس المستقم مخدوم ابراهيم ٺٽوي جو بيان آهي. جنهن ۾ موصوف لکيو آهي ته: مخدوم (محمد معين) هڪ رسالو تصنيف ڪيو آهي. جنهن ۾ موصوف لکيو آهي ته: مخدوم (محمد معين) هڪ رسالو تصنيف ڪيو آهي، جنهن م ان ابو طالب جي اسلام آڻڻ جو فيصلو ڪيو آهي.“ (2) مخدوم ابراهيم صرف ايترو لکڻ کان پوءِ ابو طالب بابت اهل سنت جي عقيدي جي تائيد ۾ دليل ڏنا آهن. نه مخدوم محمد معين جي رسالي جو نالو لکيو آهي نه سندس رسالي جي متن مان ڪي تصريحون ذڪر ڪيون آهن. نه اهڙن ڪن دليلن جو رد ڪيو آهي جيڪي مخدوم معين ان سلسلي ۾ ڏنا هجن. ان مان اندازو ٿئي ٿو ته مخدوم ابراهيم مخدوم معين جي اصل رسالي تائين رسائي حاصل نه ڪري سگهيو آهي. جيئن ٻين به اهڙن مختلف موضوعن بابت مخدوم معين جي اصل رسالن جي دستيابي ڪيس حاصل نه ٿي آهي تنهن باوجود انهن موضوعن م مخدوم معين تي رد ڪيو اٿس. جيئن تناسخ جي موضوع جي مخدوم معين جي رسالي بابت لکيو اٿس: تناسخ جي تائين ۾ به رسالو تصنيف ڪيو اٿس. محي الدين ابن عربيءَ جي پيرويءَ ۾. پر ان رسالي جو مطالعو مون لاءِ آسان نه ٿي

1 ٺٽوي، محمد معين، مخدوم رساله اويسيه. (قلمي) صفحه: 16، نسخه: نيشنل ميوزم ڪراچي،

2 ٺٽوي، مخدوم ابراهيم، مخدوم،القسطاس المستقيم. صفحه: 41، نسخه خطيه: مدرسه مظهر العلوم کڏو ڪراچي

سگهيو آهي. جو ان جي هر هڪ قول جو رد ڪيان“[1] پر ان باوجود ان رسالي جو اجمالي رد ڪيو اٿس.

سوال اهو آهي تہ مخدوم معين جو اهو ڪهڙو رسالو آهي جيڪو موصوف ابو طالب جي اسلام بابت لکيو آهي؟ اڄ تائين اهڙو ڪو رسالو دستياب نہ ٿي سگهيو آهي. نہ ئي ٻئي ڪنهن اهڙي صحيح ذريعي سان اهڙي ڪنهن رسالي جي تصديق ٿي سگهي آهي. تنهن ڪري جيڪڏهن اهڙو ڪو رسالو ٿي سگهي ٿو تہ اُهو اُهو رسالو ٿي سگهي ٿو جنهن جو مخدوم معين پاڻ پنهنجي رسالي ”غايت ما ظهر لاضعف الانام في ان الكلام المحتمل لايوجب الاسلام“ ۾ ذڪر ڪيو آهي. ان جو نالو آهي. ”القول السوي في ذكر آباد النبي“. هن رسالي ۾ مخدوم معين ابو طالب جي اسلام بابت جيڪو ذڪر ڪيو آهي، تنهن جو ڪجهہ اختصار مخدوم موصوف مٿئين ذڪر ڪيل رسالي ۾ ڏنو آهي. وڌيڪ تفصيل لاءِ لکيو اٿس تہ ”القول السوي“ ڏانهن رجوع ڪيو وڃي. جيڪو بدقسمتيءَ سان اسان کي دستياب نہ ٿي سگهيو آهي. پر خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ رسالي جو جيڪو اختصار مخدوم معين ذڪر ڪيو آهي، تنهن مان ابو طالب بابت سنڌس راءِ مڪمل طور ظاهر نظر اچي رهي آهي. ۽ اها ناهي جيڪا ڏانهس منسوب ڪئي وئي آهي. ڏسو سنڌس باري ۾ لکي ٿو:

”هيءَ نبي ﷺ جن جو چاچو ابو طالب آهي، وٽائنس نبي ﷺ جن جيڪو الله وٽان آندو آهي ان جي تصديق متواتر منقول آهي، جيڪا سنڌس ڪوڙسارن قصيدن ۽ مشهور خطبن ۾ منصوص ۽ منطوق ڪلام سان آيل آهي، جن ۾ ان ماڻهن کي سنڌن تصديق ۽ مٿن ايمان آڻڻ طرف سڏيو آهي، پاڻ سڳورن ﷺ جن جي دين ۽ شريعت جي مدح، ان جي مدد، ان سان محبت ۽ ان جي پيروڪارن سان محبت ۽ مخالفن سان دشمني ڪائنٽن متواتر منقول آهي.“[2]

ابو طالب بابت اهو بيان ڪرڻ کان پوءِ مخدوم موصوف لکيو آهي تہ:

”جيڪو ان تي وڌيڪ واقفيت حاصل ڪرڻ گهري، تنهن کي گهرجي تہ اسان جي ڪتاب نالي: القول السوي في ذكر آباء النبي ﷺ جو مطالعو ڪري“[3]

مٿئين بيان مان جيڪڏهن ڪير اهو فيصلو ڪري تہ ان ۾ مخدوم معين ابو طالب جي اسلام جو حڪم (فيصلو) ڪيو آهي تہ ان مان اهو ماڻهو اهڙو نتيجو ڪڍي سگهي ٿو جيڪو مخدوم موصوف جي ان سلسلي جي ٻين ڳالهين کي نظر انداز ڪري جيڪي ان بيان جي سياق ۽ سباق ۾ مخدوم معين ذڪر ڪيون آهن. اصل ۾ مخدوم موصوف ”غايت ماظهر.....“ نالي رسالن ۾ هن تي بحث ڪيو آهي تہ: جيڪڏهن ڪو ڪافر اهڙو جملو ڳالهائي جنهن ۾ اسلام جو احتمال هجي جيئن ڪافر مسلمان کي چئي: آءُ تو جهڙو آهيان“ تہ ڇا اهو ائين چوڻ سان مسلمان ٿي ويندو. مخدوم محمد معين ان ۾ اهو موقف ڏنو آهي تہ اهڙو ڪافر ايستائين مسلمان نہ ٿيندو جيستائين زبان سان ڪلمي شهادت جو صريح اقرار ۽

1 حوالو ساڳيو، صفحہ: 44

2 ٺٽوي، محمد معين، مخدوم، غايت ما ظهر لاضعف الانام في ان الكلام المحتمل لايوجب الاسلام“ نسخہ خطيہ، قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو. صفحہ: 10

3 حوالو ساڳيو

ان جي دل سان تصديق ۽ احڪامن تي عملن جي ذريعي ايمان جي سچائيءَ جي شاهدي پيش نه ٿو ڪري. سندس چوڻ آهي ته اهڙي احتمال واري جملي ڳالهائيندڙ ڪافر تي زور زبردستي ڪرڻ ڪنهن به دور ۾ خيرالقرون جي زماني کان بلڪ چئن امامن جي دور کان وٺي اڄ تائين ڪڏهن به ثابت نه ٿيو آهي.[1] مخدوم موصوف اهو ثابت ڪرڻ لاءِ ته صريح تصديق (اقرار ۽ دل جي تصديق) باوجود جيستائين شريعت جي احڪامن جو اذعان نه ڪيو ويندو ايمان مڪمل نه ٿيندو ابو طالب جي واقعي مان دليل ورتو اهي. لکي ٿو

"خيرالقرون خاص طور رسول الله ﷺ جي قرن ۾ هيءَ ڳالهه صحيح ۽ ثابت ٿي چڪي آهي ته جنهن شخص صريح تصديق به ڪئي پر فرمانبرداريءَ طور شريعت جي احڪامن جو اذعان ۽ پنهنجي مٿان تحمل نه ڪيو ته رسول الله ﷺ ان کي شريعت جي اتباع ۽ احڪامن جي اذعان جي حڪم کان سواءِ ڪڏهن به ڪجهه نه چيو مؤخذو ڪرڻ ته ٺيو پري جي ڳالهه. ان شخص ثبوت جي صريح تصديق کان ڪڏهن به انڪار نه ڪيو صرف ان سان نبي ﷺ جي اتباع ۽ احڪامن تي عمل ڪرڻ کي نه ملايائين ته ان تي زندگيءَ ۾ توڙي ان کان پوءِ ڪفر جا احڪام جاري فرمايائون. هيءُ شخص نبي ﷺ جن جو چاچو ابو طالب هو." (هن کان پوءِ مٿيون بيان آهي جيڪو مون اڳ ذڪر ڪيو)

هن بيان ۾ آخري لفظ ڏسو ته: ان تي زندگيءَ ۾ توڙي مرڻ کان پوءِ ڪفر جا احڪام جاري فرمايائون" ۽ فيصلو ڪيو ته چا مخدوم معين ابو طالب جي اسلام جو حڪم ڪيو آهي. ساڳئي سلسلي عبارت ۾ ابوطالب جي نبي ﷺ جي تصديق، ساڻن محبت، نصرت ۽ تائيد جي ذڪر کان پوءِ لکي ٿو:

"انهن سڀني ڳالهين جي باوجود جڏهن احڪامن تي عمل کي يقيني نه بنايائين باوجود ان جي ته ان ڏانهن ڪيس سڏيو ويو. صرف ان ڪري ته قريش جون عورتون ڪيس طعنو ۽ مهڻو ڏينديون. ان ڪري نه ته اسلام جي حقيقت ۽ ايمان ۾ ڪيس ڪو شڪ هو. ڪيس ڪوبه زور بار نه ڪيو ويو. ۽ ان تي سندس مرڻ کان پوءِ اسلام جا احڪام جاري نه ڪيا ويا جهڙوڪ: مٿس جنازي جي نماز ۽ سندس پٽ عليه التحية والسلام جي وارث ٿيڻ جا احڪام. ان ڪري امام قرافيءَ، جيئن ڪانئس امام قسطلاني نقل ڪيو آهي چيو آهي ته ڪافر چار قسم آهن. هڪ: ظاهر ۽ باطن ٻنهي حالتن ۾ انڪار ڪيائين. ٻيو: بظاهر ايمان آندائين پر اندر ۾ ڪفر ڪيائين ٽيون: اندر ۾ ايمان آندائين ظاهر ۾ ڪفر ڪيائين چوٿون: ظاهر ۽ باطن ٻنهي حالتن ۾ ايمان آندائين پر احڪامن جو اذعان نه ڪيائين. هيءُ چوٿون ڪفر جو جيڪو قسم آهي سو ابو طالب وارو ڪفر آهي. ۽ ڪانئس سندس قصيدي لاميه جو هيءُ شعر به نقل ڪيو اٿس:

لقد علموا ان ابننا لامكذب يقينا ولا يعزي لقول الاباطل

ان کان پوءِ چيو اٿس: اهو زبان سان اقرار ۽ دل سان تصديق آهي پر احڪامن جو اذعان ان نه ڪيو."

هن بيان مان ثابت ٿيو ته مخدوم محمد معين ابو طالب کي امام قرافي جي ذڪر ڪيل ڪافرن جي چئن قسمن مان چوٿين قسم وارو ڪافر ٿو ڀائين ۽ سندس عقيدو آهي ته ابو طالب تي سندس زندگيءَ ۾

1 ٺٽوي محمد معين، مخدوم، غايت ما ظهر لاضعف الانام في ان الكلام التحمل لايوجب الاسلام، نسخه خطيه: قاسميه لائبريري ڪنڊيارو. (ملخص)

توڙي مرڻ کان پوءِ ڪفر جا احڪام جاري ڪيا ويا. سندس جنازي نماز نہ پڙهي وئي. حضرت علي رضي الله عنہ سندس وارث نہ ٿيو. مخدوم صاحب ابو طالب جو نبوت جي تصديق بابت هيءُ شعر بہ نقل ڪيو آهي:

الم يعلموا انا وجدنا محمدا _ نبيا كموسي خط في اول الكتب

(ڇا نہ ٿا ڄاڻن تہ اسان محمد کي موسيٰ وانگر نبي ڏٺو آهي جنهن جو پهرين ڪتابن ۾ بہ ذڪر ڪيل آهي.)

پر انهن تصريحات باوجود احڪامن جي اذعان نہ ڪرڻ جي ڪري ڪيس مسلمان قبول نہ ٿو ڪري. ان سلسلي جون وڌيڪ ڳالهيون اصل ڪتاب القول السوي في ذڪر آباء النبي“ ۾ مخدوم معين ڪيو آهن پر اهو اسان کي دستياب نہ ٿي سگهيو آهي.

## امام مهديءَ جي معصوميت جو عقيدو:

مخدوم موصوف مهديءَ جي معصوم هئڻ جو قائل هو. سندس چوڻ هو تہ انبيائن کان سواءِ ٻين ۾ بہ عصمت ثابت آهي. شريعت مان اهڙو ڪوبہ دليل ڪونہ ٿو ملي جنهن مان اهو ثابت ٿئي تہ عصمت انبيائن کان سواءِ ٻين ۾ محال آهي. انبيائن جي ٻين جي مٿان فضيلت جيتوڻيڪ يقيني آهي پر عصمت انهن جي خصوصيت ناهي. حديث جي لفظن مان امام مهديءَ جي نبي ﷺ جي نقش قدم تي هلڻ ۽ خطا جو ان کان نہ ٿيڻ جا لفظ اهل سنت جي نظر ۾ ان ڳالهہ جا شاهد آهن تہ مهدي خطا جي صادر ٿيڻ کان محفوظ آهي. جيئن سڀ عارف انشاء الله تعاليٰ محفوظ آهن. متڪلمن محفوظ هئڻ ۽ معصوم هئڻ ۾ فرق اهو ٻڌايو آهي تہ محفوظ کان خطا صادر ڪانہ ٿيندي. جڏهن تہ معصوم کان خطا محال آهي. ان ڪري انبيائن کان خطا جو ٿيڻ محال آهي. غير انبياء مان ڪي ڪي خطا کان محفوظ رهندا آهن. پر انهن کان خطا جو ٿيڻ ممڪن هوندو آهي. مخدوم موصوف جو ان باوجود چوڻ آهي تہ امام مهدي محفوظ نہ پر معصوم آهي.[1]

## نبي جون گهر واريون اهل بيت ناهن:

سندس عقيدو آهي تہ نبي ﷺ جن جيڪو فرمايو آهي تہ آءُ اوهان ۾ ڪتاب الله ۽ منهنجا اهل بيت ڇڏيو ٿو وڃان....“ ان ۾ ۽ ٻين اهڙين جڳهن تي جتي اهل بيت جي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جو ذڪر آيو آهي اتي اهل بيت مان مراد نبي ﷺ جون گهر واريون ناهن. نبي ﷺ جون گهر واريون ان معنيٰ ۾ اهل بيت آهن تہ اهي نبي ﷺ جي گهر ۾ رهڻ واريون آهن. جيتوڻيڪ مخدوم موصوف ان جو بہ اقرار ڪري ٿو تہ اهي بہ تمام گهڻين ڪرامات ۽ خصوصيات سان ممتاز ٿيو آهن پر اهي نسبي اهل بيت ناهن. نسبي اهل بيت صرف اهي آهن جن تي صدقو حرام آهي.[2]

حالانڪ اصل ۾ اهل بيت جي لفظ جو اطلاق ٿيندوئي زالن لاءِ آهي. قرآن ۾ حضرت ابراهيم جي

1 ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: ”دراسات اللبيب“ صفحہ 229

2 ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: ”دراسات اللبيب“ صفحہ: 236

گهر واريءَ کي اهل بيت سڏيو ويو آهي. آيت تطهير ۾ بہ اصل ۾ منڍ کان آخر تائين "يا نساءَ النبي" سان نبي ﷺ جي گهر وارين کي مخاطب ڪيو ويو آهي. ان ۾ نبيءَ جون گهر واريون مراد آهن. حضرت علي فاطمہ ۽ حسن حسين رضي الله عنهم مراد ناهن. البتہ نبي ﷺ جن انهن سان محبت جي ڪري پنهنجي چادر مبارڪ ۾ انهن کي ويهاري، سندن پاڪائيءَ لاءِ بہ دعا گهري، تہ اللهم هولاءِ اهل بيتي فطهرهم تطهيرا(اي الله هي منهنجا اهل بيت آهن هنن کي بہ پاڪ فرماءِ) ان طرح اصل ۾ آيت تطهير ۾ نبي ﷺ جون گهرواريون ئي اهل بيت سڏيون ويون آهن ۽ حديث رداء ۾ نبي ﷺ جن حضرت علي، حضرت فاطمہ ۽ حسنين رضي الله عنهم کي اهل بيت قرار ڏئي سندن تطهير لاءِ دعا فرمائي.

## قياس حرام آهي ڪشف ۽ الهام حجت شرعي آهي:

مخدوم موصوف قياس کي قطعي حرام قرار ڏنو آهي، پر هن نهج تي تہ ائمہ طاهرين قياس کي حرام سمجهن ٿا. ان ڪري جڏهن امام ابو حنيفہ جعفر بن محمد وٽ آيو تہ کيس چيائين: ٻڌ اٿم تہ تون قياس ٿو ڪرين! قياس نہ ڪر! بيشڪ سڀ کان پهريائين جنهن قياس ڪيو، سو ابليس هو."[1] اهڙيءَ طرح جن جن کي ائمہ طاهرين سان نسبت رکڻ وارو سڏيو اٿس تن لاءِ لکيو اٿس تہ اهي قياس جا قائل ناهن. جيئن اصحاب ظواهر، مشائخ حديث ۽ داؤد ظاهري،[2] قياس جڏهن نہ رهيو تہ پوءِ احڪامن لاءِ ڪهڙي شئي کي انهن ذريعو بنايو؟ تنهن لاءِ مخدوم موصوف جو عقيدو آهي تہ ائمہ طاهرين ائمہ معصومين اثنا عشر نصوص شرعيہ، ڪشف ۽ الهام تي عمل ڪندا هئا[3] يعني جڏهن نصوص آهن تہ نصوص تي عمل ڪندا هئا نہ تہ اجتهاد ۽ قياس جي بجاءِ ڪشف ۽ الهام تي عمل ڪندا هئا. مطلب اهو ٿيو تہ شريعت جي نون قانونن لاءِ ڪشف ۽ الهام جي ذريعي الله وٽان قانون، احڪام ۽ هدايتون اچڻ جو سلسلو نبي ﷺ تي ختم نہ ٿيو بلڪ اهو ائمہ طاهرين جي صورت ۾ پوءِ بہ جاري رهيو. سندس چوڻ آهي تہ وحي کان پوءِ علم جي سڀني مان سڀ کان قوي سبب "ڪشف" آهي[4] سندس چوڻ آهي تہ ڪشف صاحب ڪشف توڙي ٻين تي حجت آهي پوءِ اهو ڪشف جاڳ ۾ ٿيل هجي يا ننڊ ۾. اهو تہ عام ڪشف جو مسئلو آهي پران ڪشف جي ڪهڙي ڳالهہ چئبي جيڪو نبي ﷺ کي جاڳ يا ننڊ ۾ ڏسڻ جي صورت ۾ ٿئي. ڇاڪاڻ تہ شيطان نبي ﷺ جي شڪل وٺي نہ ٿو سگهي، جيئن ان باري ۾ مشهور حديث آهي.[5] سندس چوڻ آهي نبي ﷺ جن جي موجودگيءَ ۾ قياس ۽ اجتهاد نہ ٿيندو آهي ۽ اهل ڪشف وٽ نبي ﷺ جن موجود هوندا آهن، تنهن ڪري اهي صرف نبي ﷺ کان ئي مسئلو معلوم ڪندا آهن."[6] ان ڪري اهل ڪشف ۽ سندس پيروڪارن کي اجتهاد ۽ قياس جي ضرورت ئي ڪانهي.

---

1 حوالو ساڳيو. صہ 437 ۽ 439

2 حوالو ساڳيو. صہ:: 45

3 حوالو ساڳيو. صہ: 439

4 حوالو ساڳيو. صہ: 53

5 حوالو ساڳيو. صہ: 372

6 ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "دراسات اللبيب" صہ: 226

## شيعي هجڻ جي الزام تي شڪايت:

مخدوم صاحب ٻارهن اماسن ۽ امام مهديءَ جي عصمت تي ڳالهائيندي چيو آهي ته: جيڪو مون کي هن بحث جي بنيادي تي مذهب غير اهل سنة جي اتباع ڪرڻ جو الزام ڏيندو جنهن کان منهنجو بري هجڻ الله سبحانه ڄاڻي ٿو تنهن جو گناهه ان جي سر تي آهي ان جو الله ئي ڪيس بدلو ڏيندو.“ موصوف کي پنهنجي مٿان اهڙي الزام جو جيڪو خوف آهي تنهن جي باري ۾ چئي ٿو ته:

هن بحث مان اهڙي الزام جو خوف مون کي ڪيئن نه ٿئي، جڏهن ارباب سير جي استاد ”سيرت شاميه“ (حضرت) علي رضي الله تعاليٰ عنه جي نماز لاءِ نبي ﷺ جي دعا سان سج جي موٽي اچڻ واري حديث جي طرف روايت تي ڪلام ڪيو ۽ ان جي رجال جي توثيق ڪئي، ته ان کي به اهو خوف ٿيو ته ڪٿي ڪيس شيعو هئڻ جو الزام نه ڏنو وڃي“.[1]

## چئن خليفن خليفن جي ترتيبوار فضيلت جو مسئلو:

مخدوم معين هن مسئلي تي صرف هن حوالي سان پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو آهي ته چئن خليفن جي ترتيبوار فضيلت جو مسئلو ظني آهي، يعني مخدوم محمد معين هن مسئلي تي صرف هن حوالي سان راءِ ڏني آهي ته فضيلت ڪنهن کي به ڏجي اهو الڳ مسئلو آهي پر فضيلت جو مسئلو اجتهادي ۽ ظني آهي. ان تي علم ڪلام جا متن متفق آهن. ڇاڪاڻ ته هر لحاظ کان ڪلي فضل، جيڪو فضيلت جي مسئلي ۾ ثابت ڪ ڻ مطلوب هوندو آهي، ان جا دليل آحاد المتن، ظني الدلالت ۽ في نفسها متعارض آهن.

اشعريءَ کان ان مسئلي بابت ان جي ثبوت جي بنياد تي اجماع جي جيڪا دعويٰ نقل ڪئي وئي آهي ته اهو مسئلو اجماعاً قطعي آهي ظني ناهي. سڪوتي هجي يا جنهن جي مخالفت گهٽ هجي، ان کي هن اجماع تي حمل ڪيو اٿن ته مسئلو غالب ظن تي مبني آهي. سلف جو ان تي اجماع جو آهي ان ڪري غالب گمان سان قطعيت جو فائدو ڏيندو. جيئن فجر جي ٻن رڪعتن سنت تي اجماع ان جو فائدو ڏئي ٿو ته انهن ٻن رڪعتن جي نسبت قطعي آهي.

هيءَ مسئلو ظني ڪيئن نه چئبو جڏهن ته ابن عبدالبر سلف صحابه توڙي تبع تابعين جو ان باري ۾ اختلاف نقل ڪيو آهي.

مخدوم معين فرمائي ٿو ته اسان جي زماني جا اسانجا ڪجهه ٻائر، اصول ۽ دليلن جي تمام وڏن ماڻهن جهڙوڪ قاضي ابوبڪر باقلاني، امام الحرمين، ۽ آمدي وغيرهم جي جتيءَ ۾ پير وجهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. جن جو هن مسئلي ۾ قول اصحاب متون ڪلاميه وٽ حتمي راءِ رکي ٿو. اهي اسان جا ٻائر چون ٿا ته هنن کي هن باب جي صحيح حديثن جي خبر نه پئجي سگهي آهي هن کان پوءِ مخدوم موصوف انهن حديثن جو خلاصو پيش ڪيو آهي، جن مان مخدوم موصوف جي هم عصرن جي بقول ٽن خليفن جي علي عليه السلام مٿان فضيلت قطعي طور ثابت ٿئي ٿي، صحيح بخاريءَ جي حديث آهي:

”هن امت جو سنڌس نبيءَ کان پوءِ پهلو شخص ابوبڪر آهي. ان کان پوءِ عمر پوءِ عثمان“ اهڙي قسم

---

1 ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: ”دراسات اللبيب“ صفحه 239

جون بيون به حديثون جن ۾ لفظ افضل "امت يا "الناس" ڏانهن "مضاف" آهي. يا ان جي مشابه بيون حديثون جيڪي "افعل التفضيل" جي صيغي سان آيل آهن.

مخدوم معين هنن حديثن جي مفهوم کي مختلف احتمالن سان ظني ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. لکي ٿو:

لفظ خير ۽ افضل مان هر لحاظ کان خيريت ۽ افضليت سمجهڻ جو طريقو ڪهڙو آهي؟ ڇا اهو لفظ پاڻ عام آهي هر خيريت ۽ افضليت تي هر لحاظ کان شامل آهي؟ يا امت ڏانهن استغراقي اضافت جي سببان عموم پيدا ٿيو اٿس جيئن حمدالعباد لله سبحانہ ۾ حمد ۾ اهو عموم انهيءَ اضافت جي ڪري پيدا ٿيو آهي يا اهو قيد کان مطلق آهي جنهن ڪري سيني کي شامل ٿيندو؟ پهرين صورت تہ ظاهر ظهور باطل آهي. ڇاڪاڻ تہ هن ڪلمي جي ذات ۾ ڪوبہ عموم ڪونهي. عموم جا صيغا اصول ۾ طئي ٿيل آهن. لفظ خير انهن مان ڪونهي. ٻي صورت ۾ جيڪڏهن اهو تسليم بہ ڪجي تہ مشتق صيغا جيڪي هڪ شخص تي محمول هجن جيئن "الضارب" اسان جي قول "زيد الضارب قائم" ۾ آهي. انهن ۾ استغراق جاري ٿيندو آهي. تہ اسان اهو تسليم نہ ڪنداسين تہ اضافت استغراق لاءِ آهي. ان جو "عهد" لاءِ هئڻ جائز ڇو نہ ٿو ٿي سگهي. جنهن جي نتيجي ۾ اهو وجه معين سان معهود خيرت جي معنيٰ ۾ ٿيندو. ٽين صورت جي منشا ٿيندي اطلاق ۽ عموم وچ ۾ فرق کان غافل ٿيڻ. مطلق مڙني تي جواز ۽ ظن جي طور سچو ايندو آهي جڏهن تہ عام. جيڪي ان جي حجيت جا قائل آهن. تن وٽ مڙني تي قطعي طور شامل ٿيندو آهي. ۽ مطلوب باب ۾ قطعيت جي دعويدارن کي حتمي طور مڙني تي شمول جو فائدو ڏيندو. ۽ ابوبڪر رضي الله عنہ مثلاً هر وجه کان علي عليہ السلام جي مٿان افضل ٿيندو. ۽ الله وٽ ان کان پيلو ۽ هر وجه کان گهڻي ثواب وارو ٿيندو. اهو افضليت جي مسئلي ۾ متنازع فيہ آهي. جواز ۽ صحبت جي طور مڙني وجهن تي صدق متنازع فيہ ناهي. جنهن کي ان جو تنبہ حاصل ناهي تنهن کي استدلال جي گمراين تي تنبه حامل ناهي. ان ڪري هنن حديثن جو مطلوب جي اثبات ۾ نص منطوق هئڻ باطل ٿي ويندو. بلڪ وڌ ۾ وڌ خيريت ۽ افضليت ۾ ارسال ثابت ٿيندو. جنهن ڪري ٿي سگهي ٿو تہ خيريت ۽ افضليت عملن ۽ اخلاقن جي فضيلت مان ڪنهن متعين فضيلت جي حيثيت سان هجي. ٿي سگهي ٿو تہ الله وٽ ڪنهن هڪ لحاظ يا سيني لحاظن کان ڪثرت ثواب جي حيثيت سان هجي. هيءَ ٻوئين معنيٰ ثابت ڪرڻ مقصد آهي. جيڪا لفظ جي امڪاني معنائن مان هڪ آهي. تہ پوءِ لفظ ان تي ظني الدلالت ٿيندو.

جيڪڏهن اسان تسليم ڪريون تہ امت مستغرقہ ۾ علي عليہ السلام يقيني طور داخل آهي تہ پوءِ ان طرف مضاف خير ٿيندو ۽ اهو ابوبڪر آهي. ۽ ان تي جنهن جو عطف آهي سو علي عليہ السلام کان قطعاً پيلو ٿيندو. پر اسان اهو تسليم نہ ڪنداسين تہ اهو خير مڙني وجهن کان الله وٽ ڪثرت ثواب جي حيثيت سان خير ٿيندو. اهو ڇو جائز نہ ٿو ٿي سگهي تہ فضائل ۽ ملڪات جي حيثيت سان خير هجي يا ڪثرت ثواب جي حيثيت کان هجي. پر مڙني وجهن کان نہ هجي.

جيڪڏهن اسان اڄا بہ هيٺ لهون ۽ تسليم ڪيون تہ الله وٽ مڙني وجهن کان ڪثرت ثواب جي اعتبار کان پيلو ۽ خير هجي پر اسان اهو تسليم نہ ڪنداسين تہ امت مستغرقہ ۾ علي يقيني طور شامل

آهي. تانته خير جيڪو ان طرف مضاف آهي سو علي کان يقيني طور خير ۾ پلو هجي. ڇاڪاڻ ته مستغرق عام آهي ۽ اهو شافعيءَ وٽ حجت ظنيه آهي. ڇاڪاڻ ته ان ۾ شمول ان وٽ يقيني ڪونهي تنهن ڪري خيريۃ حنفين وٽ پنهنجي ثبوت ۾ ظني ٿيندي شافعين وٽ نه ڇاڪاڻ ته حنفين وٽ ان جو هن تقدير تي قطعي ثبوت ممنوع آهي. ان ڪري ته علي عليه السلام انهن جي مذهب مطابق انهيءَ عام ۾ يقيني طور داخل ناهي. اهو هن ڪري ته هن حديث ۾ لفظ امت عيسيٰ عليه السلام به شامل آهي. ڇاڪاڻ ته اهو به نبي ﷺ جن جي امت ۾ شامل آهي. ڇاڪاڻ ته جڏهن اهو نازل ٿيندو ته نبي ﷺ جن جي شريعت جي پيروي ڪندو. اهو ابوبڪر رضي الله عنه کان قطعي طور پلو آهي. ان طرح هيءُ عام عيسيٰ عليه السلام کان سواءِ ٻين سان مخصوص ٿي ويندو. جنهن جي نتيجي ۾ ٻين بابت دلالت ۾ به اهو ظني ٿي پوندو. ۽ پوءِ علي عليه السلام ان ۾ يقيني طور داخل نه ٿيندو. هيءُ تنهنجي ان طرف رهنمائي ٿو ڪري ته خيريت باوجود ان جي ته پنهنجي مڙني وجهن تي دلالت جي صلاحيت رکي ٿي. پر ان جي تعين جي معاملي ۾ ظني آهي. خيريت جيڪا ثابت ڪرڻ مطلوب آهي تنهن جو هن حديث مان ثبوت يقيني ناهي. جو ڇيو ويچي ته ظني خيريت هن حديث جي ذريعي علي عليه السلام تي قطعي طور ثابت ٿئي ٿي. بلڪ اها به ظني الثبوت آهي. تنهن ڪري هيئن ڇئبو ته ظني خيريت علي عليه السلام جي مٿان ظني طور ثابت آهي. يقيني طور نه. يقيني طور تڏهن ثابت ڇئجي ها جڏهن عام اهڙو هجي ها جنهن مان بعض مخصوص نه ڪيو ويو هجي ها. ان طرح هن حديث مان علي عليه السلام مٿان فضيلت جي گمان جو به يقين حاصل نه ٿو ٿئي ان جي قطعيت جو يقين ته پري جي ڳالهه آهي. هن ۾ سوچڻ گهرجي.

جيڪڏهن اسان اهو سڀ تسليم ڪيون جنهن جو مٿي اسان انڪار ڪيو آهي. اسان اهو تسليم نه ڪنداسين ته ثم جو ڪلمو هن حديث ۾ معطون عليه کان پنهنجي معطوف جي دنو (قرب/ ويجهڙائي) لاءِ استعمال ٿيو آهي. اهو جائز چو نه ٿو ٿي سگهي ته اهو ان کان رتبي بلند هئڻ جو فائدو ڏئي، جيئن ان جي قاضي بيضاويءَ تصريح ڪئي آهي ته الله تعاليٰ جي قول "ثم كان من الذين آمنوا" ۾ "ثم" ايمان جي "اطعام" کان رتبي ۾ بلند هئڻ لاءِ استعمال ٿي آهي ۽ "ثم" جو رتبي جي معنيٰ ۾ استعمال مجاز آهي ۽ اهو اوهان جي دليل ۾ لازم ڪيل آهي. ان کان سواءِ معطوف جي معطوف عليه کان دنو (قرب) يا علو ۾ ڪوبه فرق ڪونهي. پوءِ ان اصول تحت هن حديث ۾ عثمان سڀني کان افضل ٿيندو. ۽ علي ان ۾ جتي واقع ٿيو آهي ثم عمر ثم عثمان ثم علي"

مخدوم معين مٿيون سڀ معنائون جيڪي مختلف جهتن کان لفظ خير ۽ افضل وارين حديثن ۾ احتمال رکن ٿيون انهن جو ذڪر ڪري پوءِ انهن کي رڪاوٽون قرار ڏنو آهي. يعني قطعي معنيٰ ڏيڻ کان رڪاوٽون. جن جي ڪري قطعي طور افضليت ۽ خيريت ثابت نه ٿي ٿي سگهي ۽ لکي ٿو ته:

"هيترين سارين رڪاوٽن جي باوجود مون کي ان تي تعجب ٿو ٿئي جيڪو هنن حديثن جي افضليت جي مٿان دلالت کي قطعي ٿو سڏي ۽ علم ڪلام جي مشائخن کان انهن حديثن جي مخفي هئڻ جي ڳالهه ٿو ڪري. ائين بنه ناهي. انهن اهي سڀ حديثون ڏٺيون هيون پر انهن مٿين حديثن جي دلالت ۾ انهن جاٽي ورتو هو جيڪو عام ماڻهو جاٽي نه سگهيا."

## معارض حديثون:

مخدوم موصوف لکي ٿو تہ جيئن ھيءُ حديثون ظني الدلالت آھن، جيئن مشائخن چيو آھي ۽ الحمد لله اوھان اھو معلوم بہ ڪيو. تيئن اھي پاڻ جھڙين ٻين حديثن سان معارض بہ آھن. انھن معارض حديثن مان ھڪ شيخين جي متفق عليہ حديث آھي: اما ترضي ان تکون مني بمنزلة ھارون من موسي الاانہ لانبي بعدي". ھيءَ حديث جيتوڻيڪ ان تي دلالت نہ ٿي ڪري تہ اھو ڪائنن پوءِ خلافت جو مستحق ھو جيئن اھو پنھنجي جاء تي تفصيل سان بيان ٿيندو. البتہ اھا حديث ان تي دلالت ڪري ٿي تہ اھو ڪلي فضل جي لحاظ کان مڙني اصحابن کان افضل ھو. اھو ان ڪري تہ اھا حديث ان لاءِ اھو سڀ ثابت ٿي ڪري، جيڪو موسيٰ عليہ السلام جي اصحاب مان ھارون لاءِ ثابت آھي: نبوت کانسواءِ. ھارون عليہ السلام لاءِ جيڪي منزلون ثابت ھيون، سي اھي ھيون تہ اھو حضرت موسيٰ جي اصحابن مان سڀني کان ڪلي طور افضل ھو ۽ الله وٽ ھر لحاظ کان ثواب ۾ انھن کان گھٽ ھو تہ پوءِ علي عليہ السلام بہ واجب آھي، تہ ان طرح ھجي. نبوت کان سواءِ. اھا فضيلت نبوت سان مشروط ڪانھي جو ان کان سواءِ حاصل ٿيڻ ممڪن نہ ھجي. ان ئي ڪري ابوبڪر عليہ السلام لاءِ بہ ان جا قائل آھن. ان ڪري ان نفيءَ ۽ اثبات سان علي عليہ السلام ۾ اھا فضيلت متعين ٿيندي.

مخدوم موصوف سوال ٿو اٿاري تہ: جيڪڏھن اوھان چئو تہ اسان ان حديث مان افضليت جي ثبوت جو ان بنياد تي انڪار ٿا ڪيون جنھن بنياد تي ان حديث مان عليءَ جي خلافت جي استحقاق جي ثبوب جي نفي ڪئي اٿن، تہ اھو علي رضي الله تعاليٰ عنہ جي غزوه تبوڪ ۾ خاص طور استخلاف جي باري ۾ وارد ٿيو آھي. مڙني وقتن لاءِ عام طور نہ.

ان جو جواب اسان ھن طرح ڏينداسين تہ اھو مختلف وقتن تي خلافت جي استحقاق جي تہ صلاحيت رکي ٿو جنھن ڪري نبي ﷺ جي حياتيءَ ۾ سندن غير موجودگيءَ ۾ ھارون عليہ السلام وانگر موسيٰ عليہ السلام جي غير موجودگيءَ ۾ خلافت جو استحقاق رکندڙ سندن وفات کان پوءِ لازم ناھي تہ خلافت جو مستحق ھجي. پر اھا ڳالھہ افضليت کان منع ۽ الله وٽ ثواب ۾ وڌيڪ ھئڻ جي منع جي صلاحيت نہ ٿي رکي.[1]

## عليءَ جي افضليت طرف جھڪاءُ:

ھن موقعي تي ھن حديث بابت مخدوم معين جا جيڪي لفظ آھن انھن کي بنياد بنائي موصوف جي باري ۾ سندس مڙني مخالفن اھو رايو قائم ڪيو آھي تہ مخدوم موصوف عليءَ جي ٻين خليفن کان افضل ھئڻ جو قائل ھو. اھي سندس لفظ ھيءُ آھن:

"ھيءَ حديث جيڪڏھن اوھان انصاف کان ڪم وٺو ۽ ان ۾ آيل ڪلام ۾ غور ڪيو تہ اوھان جي حديث کان دليل جي لحاظ کان وڌيڪ واضح ۽ چٽائيءَ جي لحاظ کان وڌيڪ قوي آھي، جنھن ڪري

---

1 ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "الحجة الجلية في ردمن قطع بالافضلية" (قلمي).

معاملو تعارض مان نڪري عليءَ جي فضيلت واري پاسي جهڪي پوڻ جي وجي ويجهو پهچندو ۽ پوءِ ته مشائخن جو هيءُ قول به مشڪل ۾ پئجي ويندو ته هن باب جون حديثون پاڻ ۾ متعارض آهن.“

جيتوڻيڪ مخدوم موصوف هنن لفظن کان اڳ به ڪلام فضيلت وارين حديثن جي تعارض ثابت ڪرڻ لاءِ شروع ڪيو آهي ۽ مٿي ذڪر ڪيل لفظن کان پوءِ موصوف واضح طور اهو چيو آهي ته: ”اسان جو مقصد مشائخن جو قول (جيڪو مٿئين حوالي ۾ ذڪر ٿيو ته هن باب جون حديثون پاڻ ۾ متعارض آهن.) ثابت ڪرڻ آهي. عليءَ جي ٻين جي مٿان فضيلت ثابت ڪرڻ ناهي.(1)“. پر ان جي باوجود مخدوم موصوف جي مخالفن سندس مٿين جملن مان اهو مطلب ورتو آهي، ته موصوف حضرت عليءَ جي افضليت بابت پنهنجي عقيدي جو مٿين لفظن ۾ اظهار ڪيو آهي ۽ سندس رسالي جي پوري بحث کي نظر انداز ڪندي ان کي سندس تقيو قرار ڏنو اٿن.

## تعزيو، ماتم ۽ ڪارا ڪپڙا پائڻ:

مخدوم موصوف حضرت همزه جي شهادت جي واقعات ۽ نبي صلي الله عليه وسلم جي فرزند حضرت ابراهيم جي وفات وقت نبي ﷺ جي غم ۽ نبي ﷺ جي ان چوڻ ته : منهنجي دل سڙي ٿي ۽ اکيون ڳوڙها ڳاڙين ٿيون ۽ آءٌ اي ابراهي تنهنجي قرابت جي ڪري محزون آهيان“ کي دليل بنائي چيو آهي ته: جيڪڏنهن نبي ﷺ زنده هجن ها ته ماتمي لباس پائڻ کي سنت ۽ عادت بنائن ها.“

هي ءَ نبي لاءِ ڪيڏي وڏي ڳالهه بنا دليل چيل آهي، مخدوم موصوف جنهن حوالي سان تعزيو ۽ ماتم ثابت ڪري رهيو آهي، اهوئي حوالو اصل ۾ تعزئي ۽ ماتم جي ترديد ڪري رهيو آهي، ڇاڪاڻ ته پاڻ ﷺ غمگين آهن، ڳوڙها ڳاڙي رهيا آهن، پر ايڏي اٿاه غم ۽ ڏک باوجود ماتم نه ٿا ڪن، ڪارا ڪپڙا نه ٿا پائن، تعزيو نه ٿا ڪين ، ته پوءِ ان حديث کي ماتم ۽ تعزئي جي جواز تي محمول ڪرڻ ۽ مٿان وري اها دعوا ڪري ڇڏڻ ته نبي ﷺ پنهنجي پٽ جي غم ۾ جيڪو ڪم نه ڪيو سو امام حسين جي غم ۾ ڪن ها!!!، ڪيڏي نه وڏي تهمت آهي!!؟

رافضين جي شعار هئڻ جي بنياد تي ماتمي لباس پائڻ جي عدم جواز جي ترديد ڪندي موصوف چئي ٿو ته: رافضين جي بدعتن ۾ انهن سان مشابهت نه ڪرڻ گهرجي. جيئن انهن جي تبري جي مذموم بدعت آهي، ان ۾ انهن جي مشابهت ممنوع آهي. سلف تي انهن جو طعن جي حيثيت سان انهن جي مشابهت اختيار ڪرڻ مذموم آهي. اهل بيت سان محبت ۾ انهن جي مشابهت ڪرڻ مذموم ناهي.“ اڳتي لکي ٿو ته: ثابت ٿيو ته، ماتم، ڪارا ڪپڙا،نوحو جائز آهن.[2]

عجيب ڳالهه آهي ته رافضين سان ٻين بدعتن ۾ مشابهت نه ڪجي، باقي اهل بيت سان اهڙي طريقي سان محبت جي اظهار ۾ انهن جي پيروي ڪجي جيڪو نبي ﷺ جو طريقو ئي ناهي! ڪيڏي نه عجيب ڳالهه آهي!!

---

1 ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: ”الحجة الجلية في رد من قطع بالافضلية“ (قلمي)

2 ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: قرة العين في البڪاء علي الحسين قلمي. ورق: 1

باب اٺون:

# فلسفو ۽ تصوف

فلسفي ۽ تصوف جي اندر مخدوم محمد معين تمام وڏي مقام ۽ رتبي جو صاحب آهي. هنن ٻنهي موضوعن اندر علمي پهچ ۾ پاڻ همعصر دور ۾ بي نظير آهي. جيتوڻيڪ مخدوم معين جو دور سنڌ ۾ پهاڙ جيڏين ٻين وڏين شخصيتن تي مشتمل آهي، پر مخدوم معين جا افڪار، خيالات ۽ نظريا ڪيس پنهنجي همعصرن ۾ تمام مٿاهون، بلند ۽ اعليٰ رتبي تي فائز ڏيکارين ٿا. پاڻ وقت جي صاحب ڪشف عارفن لاءِ حجت ۽ سرزمين سنڌ تي الله جي هڪ نشاني هو. جيئن سندس هڪ شاگرد "رفع الغين في تنزل العلم الي العين" تي ڪتابت جي تڪميل ڪان پوءِ ڪيس بجاطور آيت الله في الارضين، اسرارالاهيہ جو مظهر، انوار قدسيہ جو خزانو ۽ معارف ذوقيہ ۽ ڪشفيہ جو سرچشمو سڏيو آهي. پاڻ فقر ۽ سلوڪ جي راه ۾ فنا ۽ بقا، ناز ۽ نياز جو مالڪ ۽ محبت ۽ خرقي وارن جي سلسلي جي هڪ سونهري ڪڙي هو. پاڻ ڪي موصوف پنهنجي تصنيفات ۾ فخر وچان "گودڙي پوشن ۽ درويشن جو ٻانهو" گودڙي پوشن جي پيرن جي خاڪ سڏيو آهي. ۽ دعائون گهريون آهن تہ: الله شل ڪيس خرقہ جي حلاوت ۽ ميناج چکائي ۽ اهل خرقہ ۽ اهل محبت جي زمري مان بنائي" درويشن جي گودڙي جي ڪرشمن تان قربان ۽ گهور وڃڻ وارو ۽ انهن جي رازن جو امين سڏيو اٿس. ٻاڏايو اٿس تہ: شل الله سبحانہ ڪيس پنهنجي وجايل وقت تي ماتم ڪده ٿيڻ جو رزق عطا ڪري ۽ سندس مثل دل تي زندگيءَ جون هوائون جاري ڪري.

تصوف ۽ فلسفي جون سندس تصنيفات اعليٰ پائي جي نفائس، لطائف ۽ غرائب تي مشتمل تمام اونهيون، گهري فڪر ۽ پيچيده بحثن تي مشتمل آهن. جيڪي تصوف ۽ فلسفي ۾ سندس تمام وڏي پهچ جو شاهڪار مثال آهن. خاص ڳالهہ هن جڳه تي اها ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ مخدوم موصوف پنهنجي تصوف ۽ فلسفي جي ڪتابن ۾ جيڪي موضوع بحث هيٺ آندا آهن، اهي ساڳيا موضوع فلسفي جا بہ آهن تہ تصوف جا بہ آهن. ان ڪري هن باري ۾ مخدوم ناري جي افڪار ۾ تصوف ۽ فلسفي ۾ فرق ڪرڻ مشڪل ٿي پيو آهي، جيئن تہ فلسفي ۽ تصوف ۾ بنيادي فرق استدلال ۽ وجدان جو آهي. تصوف ۾ هرشئي ڪشف ۽ وجدان جي ذريعي معلوم ڪئي ويندي آهي. جڏهن تہ فلسفي ۾ هرشئي استدلال جي ذريعي ثابت ڪئي ويندي آهي. سندس فلسفي ۽ تصوف بابت تصنيفات جو مرڪزي مضمون "وحدت الوجود" آهي. اسان تصوف جي عنوان هيٺ صرف وحدت الوجود بابت مخدوم ناري جي راءِ ۽ وحدت الوجود ۽ وحدت الشهود ۾ تطبيق جي سندس تعبير جو ذڪر ڪيون ٿا ۽ فلسفي جي عنوان هيٺ وحدت

الوجود جا دليل ۽ ٻيون ڳالهيون ذڪر ڪجن ٿيون. تصوف جو مختصر تعارف ۽ ان جي موضوعن جي نشاندهي هيٺ اسان پهريائين ڪيون ٿا. ان ڪان پوءِ فلسفي جي موضوعن جي وضاحت ڪبي ان ڪان پوءِ انهن ٻنهي موضوعن مان مخدوم موصوف جن بحثن تي فلسفي ۽ تصوف جا نظريات پنهنجي ڪتابن ۾ پيش ڪيا آهن تن جو جائزو پيش ڪبو.

## فصل پهريون: تصوف

تصوف جي لفظ جو اشتقاق مختلف ٻڌايو ويو آهي. ان باري ۾ مختلف راين مان ٻه رايا اهميت رکن ٿا. پهريون اهو ته, صوفي جو اصل ماخذ يوناني لفظ "سوفيا" آهي, جنهن جي معنيٰ آهي حڪمت ۽ معرفت. جڏهن اهو لفظ عربي ۾ استعمال ٿيو ته, سوف مان صوف ٿي ويو. پر جيئن ته تصوف جو مقصد حڪمت ۽ معرفت بجاءِ روح ۽ نفس جي پاڪيزگي, الاهي عبادت, زهد ۽ رياضت رهيو آهي, ان ڪري هيءَ راءِ تصوف جي مفهوم سان نٿي نهڪي. ٻي راءِ هيءَ آهي ته, تصوف "صوف" مان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي "اُن". زاهدانه ۽ عابدانه زندگي گذاريندڙ ماڻهو اوني چادرون پائيندا ۽ ريشمي ڪپڙن ۽ نفيس لباسن کان احتراز ڪندا هئا. انهن کي انهي نسبت سان صوفي سڏيو ويو.[1]

تصوف مسلمانن ۾ ڪيئن پيدا ٿيو ان باري ۾ ٻه ٻه رايا آهن. هڪ راءِ اها آهي ته هي شروع اسلام جي زماني کان نبي ﷺ ۽ صحابن جي زندگي ۾ موجود رهيو. هي تصوف هو تقويٰ, توڪل ۽ عبادت ۾ احسان جو رتبو حاصل ڪرڻ. ٻيو رايو اهيو آهي ته, تصوف اسلام ۾ ٻاهران کان داخل ٿيو. هن راءِ جا صاحب هن باري ۾ مختلف آهن ته, ٻاهران اسلام ۾ اهو ڪٿان داخل ٿيو. ڪي ان کي ايران جو اثر, ڪي هندستان جو ته ڪي عيسائيت جو اثر قرار ڏين ٿا.[2]

مسلمانن ۾ تصوف چاهي جتان به آيو ڏسڻ ۾ اهو ٿو اچي ته, تصوف مسلمانن ۾ ڏاڪي به ڏاڪي ترقي ۽ عروج ماڻيو آهي. شروع ۾ تصوف صرف زاهدانه ۽ قناعت پسندانه زندگيءَ جو نالو هو. پر پوءِ اسان ڏسون ٿا ته تصوف ان کان ڪجھ وڌيڪ اڳيرو ٿيندو نظر ٿو اچي. شروع ۾ صوفيءَ جون وصفون هن طرح هيون: زهد, صبر, تواضع, خوف, تقويٰ, اخلاص, شڪر, توڪل, رضا, يقين, ذڪر, انس, قرب, اتصال ۽ محبت" ان کان پوءِ فنا, بقا, حقائق, معرفت, سماع القرآن, سماع الشعر, سماع الالحان, تواجد, رقص ۽ خرق وغيره صفتون پيدا ٿيو.(3) حقيقت هيءَ آهي ته حضرت بايزيد ۽ شيخ جنيد کان پهريائين تصوف صرف زاهدانه ۽ قناعت پسندانه زندگيءَ جو نالو هو. هنن ٻنهي بزرگن وحدة الوجود جو نظريو پيش ڪيو. هن دؤر کان تصوف هڪ ڏاڪو مٿي چڙهندي نظر اچي ٿو پر هن دؤر ۾ وحدة الوجود صرف هڪ وجداني ۽

1 جعفري, رئيس احمد: "تاريخ تصوف اسلام" ص: 184, ڪتاب منزل لاهور, 1950ع

2 جعفري, رئيس احمد: "تاريخ تصوف اسلام"ص:48, ڪتاب منزل لاهور, 1950ع

3 افتاب, احمد خان, ڊاڪٽر: "خاندان نقشبنديه ڪي علمي خدمات" ص: 28_29, المصطفيٰ اڪيڊمي حيدرآباد, 1988ع

ذوقي شيءِ جي طور صوفين جي آڏو رهيو. ان کان پوءِ ابن العربيءَ تصوف کي هڪ نئون موڙ ڏنو. ان وحدة الوجود کي استدلالي جامو پهرايو. جنهن کان پوءِ تصوف هڪ فلسفو بنجي پيو. حضرت مجدد الف ثاني فرمائي ٿو ته: "اول جنهن بزرگ توحيد وجوديءَ جي تشريح ڪئي، اهو شيخ محي الدين ابن عربي آهي. ان کان پهرين مشائخن جون عبارتون جيتوڻيڪ توحيد ۽ اتحاد جي خبر ڏين ٿيون، پر توحيد شهودي تي محمول ڪرڻ جي قابل آهن. ڇاڪاڻ ته جڏهن اهي حق جلاشانه جي غير کي نٿا ڏسن ته، ڪي چون ٿا: ليس في جبتي سوي الله" ڪي چون ٿا: سبحاني ما اعظم شاني" ۽ ڪي چون ٿا: ليس في الدار غيره" هي سڀ گل يڪ بينيءَ جي شاخ مان کلن ٿا ۽ انهن عبارتن مان ڪابه عبارت وحدة الوجود تي دلالت نٿي ڪري. جنهن شخص مسئلي وحدة الوجود کي بابن ۽ فصلن ۾ لکيو آهي ۽ صرف نحو جي طريقي تي ان کي تاليف ڪيو آهي، اهو شيخ محي الدين ئي آهي، جنهن هن مسئلي جي ڪن دقيق معارف کي پاڻ سان مخصوص ۽ منسوب ڪيو آهي". (1)

مجدد الف ثاني جو هي بيان اهو واضح ٿو ڪري ته ابن العربي کان پوءِ تصوف کي هڪ نئون موڙ مليو. تصوف جي هن سڄي تاريخ جو ڏاڪي به ڏاڪي فلسفي تائين پهچڻ جو تجزيو شاه ولي الله دهلوي بهتر نموني سان ڪيو آهي، جنهن ۾ موصوف هيٺينءَ ريت تصوف کي چئن دؤرن ۾ ورهايو آهي.

**پهريون دؤر:** رسول الله ﷺ ۽ سندن اصحابن جي زماني ۾ چند نسلن تائين اهل ڪمال جو گهڻو توجهه شريعت جي ظاهري عملن جي طرف رهيو آهي. انهن بزرگن جو "احسان" نماز، رزو، حج، زڪواة ۽ جهاد ڪرڻ هو.

**ٻيو دور:** سيد الطائفه جنيد بغدادي جي زماني ۽ ان کان ٿورو اڳ جي زماني ۾ تصوف هڪ اهڙي رنگ ۾ ظاهر ٿيو جو عوام اتي ئي رهيو ،جنهن جو ذڪر ٿيو.البته خواصن تمام گهرن اجتهادن، ڏکين رياضتن ۽ دنيا کان ڪلي طور ڪنجي وڃڻ ۽ اشتغال جي ذريعي دائمي ڪيفيتون دريافت ڪيون.اهي هيون الله سان تعلق قائم ڪرڻ جي طرف قلب جو متوجه ٿيڻ. مٿو مونن ۾ هٽي وينا ۽ استتار،انس ۽ وحشت جا آثار روشن تر ڪيائون. سماع ڏانهن راغب ٿيا ۽ منجهن صعقه، خرق۽ رقص پيدا ٿيو. جبلن، جهرن جهنگن ۾ منهن هٽي وينا ۽ گاه ۽ وڻن جي پنن تي گذارو ڪرڻ لڳا.

**ٽيون دؤر:** سلطان الطريقت شيخ ابو سعيد بن ابو الخير ۽ شيخ ابو الحسن خرقاني جي زماني ۾ طريقت ۽ تصوف ۾ هڪ ٻيو تغير ظاهر ٿيو. هن دؤر ۾ عوام ته اڳي وانگر شرعي اوامر ۽ نواهي تي ڪاربند رهيو. جڏهن ته خواصن باطني احوال ۽ ڪيفيات کي پنهنجو نصب العين بنائي ڇڏيو. خواص الخواص اعمال ۽ احوال کان وڌي جذب تائين رسائي حاصل ڪئي. ان سان انهن جي آڏو تعينات جا سڀ پردا کلي ويا. اکين سان ڏسي ورتائون ته اهائي هڪ ذات آهي جنهن تي مڙني شين جو انحصار آهي. مڙني شين جي قيوم آهي. انهن جي هر ڪوشش جو مقصد توجه جي نسبت جي تڪميل ڪرڻ هو. هن دؤر ۾ توحيد وجوديءَ ۽ شهوديءَ ۾ فرق نه ڪيو ويندو هو. اهي ذات الاهيءَ ۾ پنهنجي وجود کي گم ڪري هن مقام جي

---

1 مولف مجدد الف ثاني، شيخ احمد سرهندي: مڪتوبات دفتر: اول، حصه: پنجون، مڪتوبات 272 صه 716_717 اردو مدينه پبلشنگ ڪمپني ڪراچي، 1971ع

ڪيفيتن مان لذت اندوز ٿيندا هئا.

**چوٿون دؤر:** آخر ۾ شيخ اڪبر محي الدين ابن عربي ۽ ان کان ڪجهہ پهريون زمانو اچي ٿو اهل ڪمال بزرگن جي ذهن ۾ وڌيڪ وسعت پيدا ٿي. ڪيفيت ۽ احوال جي منزل کان اڳتي وڌي، تصوف جي حقائق جي تحقيق ڪرڻ لڳا. ذات واجب الوجود کان هيءَ ڪائنات ڪيئن صادر ٿي، انهن بزرگن ظهور وجود جا مدارج ۽ تنزلات دريافت ڪيا ۽ هن معاملي جي تحقيق ڪيائون تہ واجب الوجود کان سڀ کان پهريائين ڪهڙي شيءِ صادر ٿي ۽ اهو صدور ڪيئن عمل ۾ آيو.[1]

هن آخري دور ۾ تصوف جنهن موضوع تي غور فڪر ڪرڻ کي مقصد بنايو سو موضوع اصل ۾ فلسفي جو آهي. وجود، وجود جي حقيقت، وحدت الوجود، واجب الوجود ۽ ان کان ڪائنات جو صدور وغيره جهڙا موضوع، جيڪي اصل ۾ فلسفي جا موضوع هئا، سي هاڻي تصوف جا موضوع بنجي پيا. مٿان وري سوني تي سهاڳو اهو تہ مخدوم محمد معين هنن موضوعن تي بحث لاءِ ماڳهين فلسفيانہ نهج ۽ اسلوب اختيار ڪيو آهي. هيٺ اسان پهريائين فلسفي جو تعارف پيش ڪرڻ کان پوءِ تصوف ۽ وحدت الوجود بابت مخدوم محمد معين جا ويچار نقل ڪيون ٿا:

## فلسفو

دنيا ۾ فلسفي جا بہ مرڪز مشهور آهن. هڪ يونان ۽ ٻيو هند. ايران جو مرڪز هندي ۽ يوناني فلسفن کان الڳ سڃاڻ رکي ٿو پر ان کي يونان سان گڏ شمار ڪيو اٿن. يوناني هندي توڙي ايراني فلسفن جو جيڪڏهن بغور مطالعو ڪجي تہ معلوم ٿيندو تہ ٻنهي فلسفن درجي بدرجي هڪ جهڙيون فڪري منزلون جهاڳيون، جنهن آخري منزل تي قدم رکيو سا ٻنهي جي هڪ ئي منزل آهي. جتي پهچي ٻنهي پنهنجو سفر ختم ڪري ڇڏيو ۽ اها منزل آهي "الاهيات"[2] هن وقت جديد فلسفي ۾ جيڪا بہ جدت، سڌارا ۽ نوان نظريا آيا آهن، سي پڻ ان منزل کان اڳتي جي نشاندهي نہ ٿا ڪن.

فلسفي جي ٻن وڏن مرڪزن سان گڏ انهن جي هيئت ترڪيبيءَ جي آڌار فلسفي کي ٻن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

1_ مغربي فلسفو جيڪو مغرب ۽ يونان جي فلسفين جو طريقو آهي.

1_ مشرقي فلسفو. جيڪو ايشيا سان خاص آهي.

مغربي فلسفي جا موضوع هن ريت آهن

- خالق ڪائنات جي تحقيق
- مادو جنهن مان شيون وجود ۾ آيون.

انسان جي حقيقت

عقل جو مقصد

---

1 دهلوي، ولي الله، شاه: "همعات" (فارسي)، همعہ: 2 صفحہ: 16_19 ملخص، شاه ولي الله اڪيڊمي حيدر آباد 1992ع.

2 شنيقي، دين محمد، عهدي پوري: "فلسفہ هند ويونان" حرف اول صفحہ: 1 مجلس ترقي ادب لاهور

ڪنهن شئي کي استدلال، عقل، تجزيي ۽ تجربي سان سمجهڻ
تهذيب اخلاق
فهم ۽ عقل
حسن سچاڻ
مشرقي فلسفي جا موضوع مٿين ساڳين موضوعن سان گڏ اضافي هيءُ به آهن.
خود شناسي
خدا شناسي (بندي جو خدا سان تعلق)
فڪر ۽ سوچ جي پاڪيزگي
تزڪيہ نفس ۽ تزڪيہ اعمال [1]

مغربي ۽ مشرقي فلسفي جي موضوعن کي ڌسي سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو تہ مشرقي فلسفي ۾ اضافي موضوع ان کي مذهب جي ويجهو آڻي ٿا ڇڏين. ان ڪري چيو اٿن تہ مشرق ۾ فلسفو ۽ مذهب متحد نہ بہ هجن تہ هڪ ٻئي ويجهو ضرور آهن. مشرق ۾ مذهب فلسفو بڻجي ويندو آهي ۽ فلسفو مذهب بڻجي ويندو آهي. جڏهن تہ مغربي فلسفي ۾ اهو ضروري ناهي. مغربي فلسفو مذهب کان بلڪل الڳ سڃاڻپ رکي ٿو. [2]

## اسلامي فلسفو:

"اسلامي فلسفو مشرقي ۽ مغربي فلسفن جي ميلاپ جو نتيجو آهي. جنهن تي اسلام جي مذهبي اصولن ۽ نظرين جو رنگ ۽ اثر غالب رهيو آهي. ان جي تجزيي مان معلوم ٿئي ٿو تہ اسلامي فلسفو ڪنهن ٻئي فلسفي جي پويان هلڻ بجاءِ پنهنجي خاص ڍنگ ۽ خطوط تي ارتقا ڪندو آيو آهي. جو چئجي تہ مٿس مغربي خواه مشرقي فلسفن مان ڪنهن بہ هڪ جو ڪوبہ اثر ۽ دخل نہ هو. جن کي هن نقل ڪيو اهي." (3)

اسلامي فلسفي جو موضوع بحث بہ اهي ئي موضوع آهن جيڪي مغربي ۽ مشرقي فلسفن جا موضوع آهن. يوناني فلسفو ان وقت جي ايران ۽ شام ۾ مروج اصولن جي خلاف هڪ ڪليل بغاوت ۽ شديد رد عمل هو. پر مسلمان فيلسوفن ۽ مفڪرن مذهب ۽ فلسفي کي پاڻ ۾ ملائي گڏي هلائڻ جا جتن ڪيا آهن. جن ۾ هنن گهڻي ڀاڱي ڪاميابي بہ حاصل ڪئي آهي.

مخدوم محمد معين جا فلسفي ۽ تصوف بابت لکيل ڪتاب اسلامي فلسفي ۽ تصوف جي تصور مطابق الاهيات، تزڪيہ نفس، تعلق بالله ۽ روحاني ترقي ۽ ڪمالات جي موضوعن تي مشتمل آهن. ان ڪري سنڌس فلسفي بابت ڪتابن کي مذهب ۽ تصوف کان ڌار ڪري نج فلسفي ڪتابن طور، نہ ئي نج تصوف جي ڪتابن جي طور ڏسي سگهجي ٿو. ان ڪري سنڌس فلسفي ۽ تصوف جي نظرين کي الڳ الڳ تصوف

---

1 شفيقي، دين محمد، عهدي پوري: "فلسفہ هند و يونان" حرف اول صفحہ: 1 مجلس ترقي ادب لاهور
2 شفيقي دين محمد، عهدي پوري: "فلسفہ هند ويونان" صفحہ: 4 مجلس ترقي ادب اردو لاهور
3 مگسي، ابوبڪر، خان: "اسلامي فلسفو ۽ تصوف" صفحہ: 9 سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي.

۽ فلسفي جي فصلن ۾ پيش ڪرڻ بجاءِ گڏ بيان ڪيون ٿا. مخدو موصوف پنهنجي تصنيفن ۾ خصوصي طور وحدت الوجود کي موضوع بحث بنايو آهي. ان ڪري هيٺ اسان پهريائين سنڌ ۾ وحدت الوجود جي نظريي جي تاريخ جو جائزو پيش ڪيون ٿا ان کان پوءِ مخدوم موصوف جي نظرين کي پيش ڪبو.

## فصل ٻيو: وحدت الوجود:

وحدت الوجود جو نظريو مسلمانن ۾ تصوف جي رستي سان مروج ۽ مشهور ٿيو. ۽ تصوف خود مسلمانن ۾ هڪ سگهاري راءِ موجب، هندي تصوف جي اثر هيٺ مشهور ۽ متعارف ٿيو. جيتوڻيڪ تصوف، جن اخلاقن، قدرن، روين، سادگيءَ واري اٿڻي ويهڻيءَ جو نمونو پيش ڪري ٿو حضور ﷺ ۽ صحابہ ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين جي زندگين ۾ ڀرپور نموني زنده نظر اچي ٿو تنهن ڪري ان کي دليل بنائي تصوف جا بنياد اسلام منجه شروع کان پيل ڏيکاري سگهجن ٿا. پر تصوف جي ترڪ دنيا جي تعليم ۽ ڪوڙ ظاهر شريعت مخالف ڳالهين ۽ خاص طور وحدت الوجود جي نظريي ۽ ان سان گڏ تناسخ جي نظريي جا بڻ بنياد اسلام جي ظاهر نصوص مان مهيا ڪري نہ ٿا سگهجن.

بهرحال تصوف کي جيڪڏهن هندي تصوف يا يوناني اثر کان آجو قبول بہ ڪجي تہ اهو ڪنهن حد تائين صرف تصوف جي شهودي سلسلي لاءِ قبول ڪري سگهجي ٿو.[1] جيئن بہ هجي وحدت الوجود جو نظريو اسلام کان گهڻو اڳ هندستان جي تصوف ۽ فلسفي جو بنيادي نظريو آهي. انهيءَ نسبت سان هيءُ نظريو سنڌ جو پنهنجي گهر جو نظريو آهي. هيٺ ان جو هندستاني علمن، طب، رياضي، نجوم ۽ فلسفي جي پسنمنظر ۾ بيان ڪبو. اهو ان ڪري جو فلسفي ۽ تصوف جو نهايت گهرو تعلق آهي. ان ئي سبب ڪري فلسفي جي مطالعي ڪندڙن فلسفي کي ٻن قسمن ۾ ورهائي مغربي فلسفي کي ڇڏي مشرقي فلسفي لاءِ اهو طئي ڪيو آهي تہ مشرق ۾ مذهب ۽ فلسفو متحد نہ بہ هجي تہ هڪ ٻئي کي ويجهو ضرور آهي. ان ڪري اڪثر مشرق ۾ مذهب فلسفو ۽ فلسفو مذهب بنجي ويندو آهي. ۽ مشرقي فلسفي ۾ علم رياضي، موسيقي، ستاره شناسي ۽ طب کي اهم شمار ڪيو ويندو آهي. ۽ فزڪس ۽ سائنس کي بہ فلسفي ۾ شامل ڪيو ويندو آهي "هندستان، ايران ۽ مڙني وچ ايشيائي ملڪن ۾ فڪر، جيڪو فلسفي جو بنياد آهي، تنهن کي رياضت، قناعت، ترڪ خواهشات، خداپرستي ۽ سادگيءَ سان ملائي ڇڏيو ويو آهي. اهوئي سبب آهي جو فلسفي نظريا زماني گذرڻ سان گڏ ايشيا ۾ مذهبي ٿي ويا."[1]

---

1 "ڪنهن حد تائين" ان ڪري چيو آهي تہ شهودي سلسلي ۾ بہ ڪوڙا اهڙيون ڳالهيون ڏسي سگهجن ٿيون جيڪي اسلام جي اوائلي دور ۾ نظر نہ ٿيون اچن. تصوف وجدان ۽ ذوق، ڪشف ۽ الهام تي مدار رکي ٿو. شريعت ۾ صرف وحي هڪ اهڙي شيءِ آهي جنهن کي وجدان سان تعبير ڪري سگهجي ٿو پر شريعت مطابق ان کي وجدان چوڻ غلط آهي. وحي کان پوءِ شريعت جي قوانين جي تخريج جو سڄو دارو مدار استدلال تي آهي ان ڪري تصوف ۽ شريعت پاڻ ۾ ڏينهن رات جو فرق رکن ٿا.

1 شفيقي، دين محمد، عهدي پوري، "فلسفہ هند و يونان" صفحہ: 5 مجلس ترقي ادب لاهور 1957ع

## هندستاني علم:

هندستان علمن کان سڀ کان پهريون پيرو مسلمان تڏهن واقف ٿيا جڏهن منصور جي دور خلافت ۾ سنڌس علم دوستيءَ جو چرچو عام ٿيو ۽ سن 154هه (771ع) ۾ سنڌ جو هڪ وفد هيئت ۽ رياضيات جي هڪ فاضل پنڊت سان گڏ سنسڪرت جو ڪتاب سدهانت کڻي بغداد پهتو ۽ خليفي جي حڪم سان درٻار جي رياضيءَ جي ماهر ابراهيم فرازيءَ جي مدد سان ان جو عربيءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو. ان کان پوءِ سنسڪرت جي ڪيترن ئي طب، نجوم، هيئت، ادب ۽ اخلاق جي ڪتابن جو عربيءَ ۾ ترجمو ٿيو. عرب عالم هندستاني علمن کان متاثر ٿيا، انهن عالمن مان جاحظ هندستاني علمن جي هن طرح تعريف ڪئي آهي.

”هندستان جا رهاڪو ته اسان اهي ڏٺا آهن جيڪي نجوم ۽ حساب ۾ اڳتي آهن. ۽ انهن جو هڪ خاص هندي رسم الخط آهي. طب ۾ به اهي اڳتي آهن... وتن شاعريءَ جو ذخيرو به آهي. تقريرن جو حصو به آهي. طب، فلسفه، ادب ۽ اخلاق جا علم به آهن.....فڪر جو علم به انهن وٽ آهي.“[1]

يعقوبيءَ انهن علمن جي تعريف هن طرح ڪئي آهي.

”هندستان جا ماڻهو عقل ۽ غور ڪرڻ وارا آهن...... سدهانت انهن جي ئي ذهانت جو نتيجو آهي. جنهن مان ايرانين ۽ يونانين به فائدو ورتو آهي. طب ۾ انهن جو فيصلو سيني کان اڳتي آهي. منطق ۽ فلسفي ۾ انهن جون تصنيفون آهن.“[2]

## هندستاني فلسفو ۽ تصوف:

مٿين حوالن ۾ واضح نظر اچي ٿو ته فلسفي ۾ هندستان ڪيترو اعليٰ مقام ۽ مرتبو رکندڙ خطو هو. هتي آءٌ مذهب يعني تصوف ۽ فلسفي جو گڏ ان ڪري ذڪر ٿو ڪيان جو اسان جو موضوع وحدت الوجود فلسفي ۽ تصوف جو گڏيل موضوع آهي. مٿئين جاحظ جي حوالي ۾ ”فڪر جو علم به انهن وٽ آهي“ جا لفظ پڻ گڏيل طور هندستاني فلسفي ۽ تصوف ٻنهي علمن جي نمائندگي ڪن ٿا. مسلمانن هندستاني علمن کان واقفيت حاصل ڪرڻ کان پوءِ هندستاني علمن تي وڏيڪ ڪم ڪيو. انهن علمن کي انهن اڳتي وڌايو. خاص طور رياضيءَ ۾ ڪوڙ عرب عالمن تحقيقون ڪيون. (1) پر هندستاني فلسفي ۽ تصوف جو جنهن حد تائين تعلق آهي، ته مسلمان عالمن هندستاني فلسفي کان پاڻ کي پري رکيو. ڇاڪاڻ جو ان جو بنياد وحدت الوجود هو جيڪو اسلامي تعليم جي بلڪل خلاف نظريو آهي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر عبدالله مبشر طرازي جو بيان ڏسڻ وٽان آهي. لکي ٿو:

”عربي، فارسي، اردو ۽ قديم هندي ڪتابن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌي ۽ هندي، فلسفي جي علمن ۾ مشهور هئا. پر عربن علم فلسفو سنڌين ۽ هندين کان نه ورتو جڏهن ته انهن ٻيا عقلي علم جيئن رياضي، طب، فلڪيات، نجوم ۽ ڪيميا پهرئين عباسي دور ۾ انهن کان حاصل ڪيا. اهو ان ڪري

---

1 ندوي، سيد سليمان، مولانا: ”عرب وهند ڪي تعلقات“ صفحه: 166، هندستاني اڪيڊمي يوپي 1930ع

2 يعقوب، احمد بن ابي يعقوب بن جعفر بن وحب ابن واضح الڪاتب العباسي: ”تاريخ يعقوبي“ جلد: 1 صفحه: 94، دارصادر دار بيروت 1960ع

تہ فلسفي جا برهمڻ ۽ ٻوڌين وارا نظريا دين اسلام جي عقيدن ۽ نظرين جي خلاف هئا. پر ڪن مستشرقن جيئن ماسينون ۽ نيڪلسن ۽ زينر جو خيال آهي تہ ڪي برهمڻ ۽ ٻوڌين جا خيال، اسلامي تصوف ۾ سرايت ڪري ويا آهن. خاص طور فناء جو نظريو بسطاميءَ وٽ ۽ وحدت الوجود جو نظريو حلاج وٽ جيڪو آهي. ۽ اهو ٽين صدي هجريءَ جي آخر ۾ يعني ٻئي عباسي دور ۾ ٿيو. ان کان سواءِ اسان ڏسون ٿا تہ عرب عالمن. مؤرخن ۽ علماء اديان پنهنجي ڪتابن ۾، جيڪي انهن سنڌين ۽ هندين جي مذهبي ۽ ديني سوچن ۽ خيالن جي باري ۾ تصنيف ڪيا آهن، تن ۾ ڪنهن قدر فلسفي جا نظريا جيڪي الله جي حقيقت ۽ ان جي صفتن، انبيائن جي ضرورت، دنيا ۽ انسان جي تخليق، وجود جي فلسفي ۽ حياتيءَ ۽ موت جي فلسفي جي متعلق آهن تن جو ذڪر ڪيو آهي." [1]

هندستان ۾ فلسفو تمام قديم زماني کان زنده رهيو آهي. شهرستانيءَ هڪ روايت لکي آهي تہ يوناني فيلسوف فيثاغورث جو هڪ شاگرد قلانوس هو جنهن کانئس فلسفو سکيو ۽ پڙهيو. جنهن کان پوءِ اهو هندستان ڏانهن هليو ويو ۽ اتي وڃي فيثا غورث جي خيالن جي اشاعت شروع ڪيائين. اتي هڪ شخص برهمڻ نالي قلانوس کان فلسفو سکيو جڏهن قلانوس مري ويو تہ برهمڻ هند وارن جو رئيس بڻيو. اتاهون کان فلسفو هندستان ۾ پکڙيو [2]

جڏهن سڪندر اعظم سن 326 قبل مسيح ۾ هند ۽ سنڌ جي علائقن ڏانهن آيو تڏهن ان مٿن حملي جو ارادو ڪيو. ان وقت هند جي فلسفين ڏانهس هڪ خط لکيو جنهن ۾ سندس فلسفي ۽ علم سان محبت ۽ سوچ ۽ عقل وارن جي تعظيم ڪرڻ جي ساراهہ ڪيائون. ۽ کانئس گهر ڪيائون تہ ڏانهن ڪو يوناني حڪيم موڪلي جنهن سان هيءُ مناظرو ڪن. سڪندر انهن ڏانهن هڪ فلسفي موڪليو جنهن ساڻن مناظرو ڪيو. هندي فلسفي مناظري ۾ مٿس غالب ٿي ويا. جنهن کان پوءِ سڪندر انهن کان مڙي ويو ۽ کين هديا ۽ تحفا موڪلي ڏنائين. انهن جا مناظرا ارسطاطاليس جي ڪتابن ۾ مذڪور آهن. [3]

بهرحال فلسفو هندستان ۾ قديم زماني کان يونانين وٽان مروج ٿيو ۽ هند ۽ سنڌ جي مزاج مطابق فلسفي جا خيال هتي جي مذهب جو حصو پڻ بڻيا. فلسفي ۽ تصوف جا اهي ئي خيال هندي تصوف جي نالي سان دنيا ۾ مشهور ٿيا. هندستان جي مذهبي خيالن بابت البدء والتاريخ جو هينيون حوالو هندي تصوف جي اسلامي دور جي خدوخالن کي ظاهر ڪري ٿو.

هندستان جون نو سئو مختلف ملتون آهن. پر انهن مان مک ٻہ آهن: برهمڻ ۽ سمني. سمني نہ هئڻ برابر آهن. جڏهن تہ برهمي خيالن وارن مان هڪڙا توحيد، ثواب، عذاب ۽ رسالت جا قائل آهن. هڪڙا ثواب ۽ عذاب جا تناسخ جي بنياد تي قائل آهن. توحيد ۽ رسالت کي نہ ٿا مڃين. انهن ۾ ڪي صفاء فڪر جي دعوا ڪن ٿا. هڪڙا توحيد جا قائل ۽ رسالت جا منڪر آهن. انهن ۾ صفاء فڪر جي دعوا ڪندڙ

---

1 مبشرطرازي، عبدالله. ڊاڪٽر موسوعة التاريخ الاسلامي والحضارة الاسلاميہ لبلاد السند والپنجاب. صفحہ: 438. جلد: 1 عالم السعرفة. جده ڇاپو پهريون 1403ھ 1983م

2 مبشر طرازي، عبدالله. ڊاڪٽر، موسوعة التاريخ الاسلامي والحضارة الاسلامية ببلاد السنڌ والپنجاب. صفحہ: 438 مجلد: 1

3 مبشر طرازي، عبدالله. ڊاڪٽر، موسوعة التاريخ الاسلامي والحضارة الاسلامية ببلاد السنڌ والپنجاب. صفحہ: 149 مجلد: 1

اصحاب فڪر جيڪي آهن، سي ڏکهي فڪر ذريعي حواسن کي معطل ڪندا آهن. سندن گمان آهي تہ جڏهن پنهنجي نفس کي سخت خلوت ۽ فنا جي راه ونائيندا تہ سندن آڏو ملائڪ نروار ٿيندا ۽ مٿن مهربان ٿيندا. ۽ ڪائنات استفادو ڪندا. انهن مان هڪڙا پاڻ کي بک ڏيندا ڪائڻ بند ڪري ڇڏيندا آهن تان جو سندن حواس باطل ٿي ويندا آهن.[1]

هن حوالي منجهان آسانيءَ سان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ بدء والتاريخ جو مصنف فڪر وا.ن. توحيد جي قائلن ۽ تناسخ کي مڃيندڙن جي لفظن سان هندي تصوف جي ڌيان، گيان، وحدت الوجود، فنا ۽ تناسخ جي عقيدن جي ترجماني ڪري رهيو آهي.

اسلامي فلسفي ۽ تصوف تي جنهن هندي فلسفي جو اثر آهي، سو ويدانت جو فلسفو آهي. جنهن لاءِ ڪي ايترو بہ چئي ٿا وڃن تہ اهو اسلامي ۽ مسيحي فڪر جي ويجهو آهي، هن جو تعلق ويد جي تعليم سان آهي. هيءَ فڪر ۽ عرفان کي اخلاقي ۽ روحاني بڻائي ٿو. ويدانت جي فلسفي ۾ ميماسہ ان جي علم ڪلام جي حيثيت رکي ٿو. ان جا دليل ۽ نظريا مسلمان متڪلمين خاص طور اشعرين سان مشابہ آهن. ويدانت جي فلسفي ۾ ساڳيو مسلمانن جي تصوف وانگر بہ مڪتبہ فڪر آهن. هڪ شنڪر اچاريہ جو جيڪو وحدت الوجود جو قائل آهي ۽ ٻيو رامانوج جو جيڪو ڪائنات کان خدا کي الڳ ۽ مٿاهون مڃي ٿو. شنڪر اچاريہ جو عقيدو آهي تہ حقيقت هڪ آهي. ان کان سواءِ ڪابہ شئي حقيقي ناهي. جو ڪجهہ آهي اهوئي آهي، ان جا بہ رخ آهن. هڪ ظاهر ٻيو باطن. حواسن سان اسان جيڪو ڪجهہ محسوس ڪريون ٿا، سو موهوم ۽ خيالي آهي. حقيقت ازلي هر لمحي ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ ظاهر رهندي آهي، حقيقت ازلي جي صفتن ۾ هڪ ڪثرت نمائي يا مايا يعني نقش خيالي آهي، سڄي ڪائنات مايا آهي. اسان کي وحدت ۾ جيڪا ڪثرت نظر اچي ٿي اها اسان جي جهالت جو حجاب آهي. اسان حق اليقن جي طور ڄاڻون ٿا تہ اهو آهي. ۽ اسان سندس قبضي ۾ آهيون. جڏهن اسان جي جهالت جو پردو اسان جي اکين مان نڪري ويندو، تڏهن اسان ان کي بي حجاب ڏسي سگهنداسين.[2]

هنن سڀني حوالن ۽ سڄي بحث منجهان ثابت ٿئي ٿو تہ هندستان ۽ سنڌ زمانن کان فلسفي ۽ تصوف جو مرڪز رهيا آهن. خاص طور وحدت الوجود جو فلسفو هندستان ۽ سنڌ ۾ هندو تصوف ۽ ويدانت جي فلسفي جي روشنيءَ ۾ عام مروج هو.

## اسلامي تصوف تي هندي اثر ۾ سنڌ جو ڪردار:

مٿي جيئن ذڪر ٿيو تہ سنڌ جي ئي عالمن جو هڪ وفد عباسي خليفي منصور وٽ سڏانت کڻي پهتو ۽ عرب سنڌي عالمن جي معرفت سان هندي علمن رياضي، نجوم، فلڪيات ۽ فلسفي کان واقف ٿيا. ۽ انهن جي ئي معرفت ۽ مدد سان هندي علم عربيءَ ۾ ترجمو ٿيا. هندستاني علمن جي انهيءَ اثر انگيزيءَ ۾

1 مقدسي، مطهر بن طاهر: "البدء والتاريخ المنسوب الي ابي زيد احمد بن سحل البلخي" جزاء: 4 صفحہ: 9_10 مڪتبہ الاسد، تهران ايران 1962ع

2 شفيقي، دين محمد، عهدي پوري: "فلسفہ هند و يونان" صفحہ: 66_67_68، ملخص، مجلس ترقي ادب لاهور ڇاپو 1957ع

سنڌ جي عالمن ئي نهايت اهم ۽ مک ڪردار ادا ڪيو هو. ڇاڪاڻ جو اسلام هندستان ۾ سنڌ جي رستي داخل ٿيو جيئن اسلامي اثرات هندستان ۾ سنڌ جي رستي داخل ٿيا. تيئن هندستاني اثر مسلمانن ذاتهن جيڪي منتقل ٿيا. سي بہ سنڌ جي ئي معرفت سان منتقل ٿيا.

اهڙي طرح هندي ويدانت جا اثر بہ مسلمانن مٿان سنڌ جي ئي معرفت پوڻ شروع ٿيا. جئين مٿي بہ گذريو تہ ٻئي عباسي دور (ٽي صدي هجري) ۾ هندستاني اثر اسلامي تصوف تي پيا. تيئن شيخ بو علي سنڌي (1) جي حالات مان پڻ معلوم ٿئي ٿو (جيڪو ٽين صدي هجري جو عالم آهي) تہ انهيءَ دور ۾ جيڪي هندو ويدانتي مسلمان ٿيا تن اسلامي اثر قبولڻ سان گڏ مسلمانن تي پنهنجا اثر پڻ ڇڏيا. شيخ بوعلي سنڌي جو مثال پڻ ان ڳالهہ جو ثبوت آهي. بو علي سنڌي جو استاد محترم علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي تذڪرو تحرير فرمايو آهي. ان ۾ پاڻ شيخ ابو بصر سراج طوسي (وفات 378هہ) جي حوالي سان لکن ٿا تہ "بايزيد بسطاميءَ فرمايو: مون بوعلي سنڌيءَ سان صحبت ۾ رهاڻ ڪئي. آءُ کيس قران جون سورتون سيکاريندو هوس. جن سان هو فرض نماز پوريءَ طرح پڙهي سگهي، ۽ هو مون کي توحيد (وحدت وجود) ۽ خالص حقائق جي تعليم ڏيندو هو". (2) نفحات الانس، جي حوالي سان پڻ ساڳي ڳالهہ قاسمي صاحب جن نقل ڪئي آهي: تہ بهان بقلي پنهنجي تاليف شرح شطحيات ۾ آندو آهي تہ: ابو علي بايزيد جي استادن مان آهي. بايزيد چيو آهي تہ: مون توحيد ۽ فنا وارو علم ( وحدت الوجود) ابوعليءَ کان سکيو ۽ ابو علي مون کان الحمد ۽ قل هو الله سکيو." هن خيال جي وڌيڪ بختگي مولانا وفائيءَ جي نوٽ مان ٿي ٿئي; جيڪو نفحات جي ان نسخي جي حاشيي تي لڳل آهي، جيڪو علامہ قاسمي صاحب جي مطالعہ هيٺ رهيو جنهن ۾ مولانا عبيدالله سنڌي جا ان بابت خيالات ڏنل آهن. قاسمي صاحب لکن ٿا:

"نفحات جو مون وٽ اهو ڇپيل نسخو اصل ۾ منهنجي بزرگ دوست مولانا دين محمد وفائيءَ جي مطالعي ۽ ملڪيت ۾ رهيو آهي. مولانا وفائي مرحوم ابو عليءَ جي تذڪري ۾ حاشيي تي فارسيءَ ۾ هڪ معلوماتي نوٽ لکيو آهي:

منهنجا استاد مولانا عبيد الله سنڌي فرمائيندا هئا تہ جيئن تہ ابو علي سنڌي نو مسلم هو ۽ ويدانيت جي علمن، جن جو مدار وحدت الوجود جي مسئلي تي آهي، جو پوريءَ طرح ماهر ۽ واقف هو. ان ڪري بايزيد ابو عليءَ کان وحدت جا راز سکيو ۽ ابو علي سنڌي نماز ادا ڪرڻ جي واٽ بايزيد بسطاميءَ کان سکي. ڇو تہ نو مسلم کي شروع ۾ ننڍڙين سورتن جو سکڻ ضروري آهي. هن مان پڌرو ٿيو تہ تصوف اسلامي ۾ وحدت الوجود هند ۽ يونان جي فلسفين ذريعي داخل ٿيو."(1)

---

1 بوعلي سنڌيءَ جي سوانح جو وڌيڪ ڪوبہ تفصيل نہ مليو آهي. نہ ئي تذڪري جي ڪتابن ۾ ان بابت وڌيڪ ڪجھ چيو ويو آهي. شيخ محمد اڪرام بہ "آب ڪوثر" ۾ سندس تذڪري ۾ سندس وڌيڪ تفصيل نہ ملي سگهڻ جو ذڪر ڪيو آهي. آب ڪوثر صہ 40 فيروز سنز ڪراچي 1952ع

2 جاميءَ جي اصل عبارت هن طرح آهي: در شطحيات شيخ دوز بهان بقلي آورده است کہ وي از استاذان بايزيد است. بايزيد گويد کہ من از بوعلي علم فنادر توحيد مي آموختم وابوعلي ازمن الحميد وقل هوالله" جامي، عبدالرحمن، مولانا، نفحات الانس صہ: 57 ڪتاب فروشي سعدي تهران، ايران 1337هہ

1 قاسمي، غلامہ مصطفيٰ، علامہ، مرتب سومرو مظهرالدين، پروفيسر، ڊاڪٽر: "مقالات قاسمي" پهريون ڇاپو سن 2000ء

## وحدت الوجود جا دلائل:

مخدوم محمد معين ٺٽوي سنڌ ۾ منطق فلسفي ۽ تصوف جي حوالن سان خاص شهرت جو مالڪ هو. سندن ڪتابن ۾ پڻ ڏسجي ٿو ته ڪيس فلسفي، تصوف ۽ خاص طور وحدت الوجود جي نظريي سان خاص دلچسپي هئي. مخدوم موصوف وحدت الوجود کي خاص توجهه جو مرڪز بنايو. ان تي فلسفي ۽ منطق جي مقدمن جي روشنيءَ ۾ بحث ۽ استدال ڪيائين. ۽ ان لاءِ دليل ۽ استدلال ۾ ايترو ته گهرائي ۾ ويجي پهتو جو سندس دعوا مطابق وحدت الوجود جا اهڙا دليل به تخليق ڪيائين جيڪي ڪائنس اڳ ڪنهن کي پلئه نه پيا. وحدت الوجود جي موضوع جي هڪ رسالي " بوادر الجود في تحرير وحدت الوجود" جي مقدمي ۾ لکي ٿو:

" ته مون کي هن کان اڳ وحدت الوجود جي اثبات جا ٽي دليل دل ۾ آيا آهن. جيڪي انهن دليلن کان سواء آهن، جيڪي مون کان پهرين قائم ڪيا آهن. مون انهن مان هر هڪ دليل تي خاص ڪتاب ۽ رسالا تاليف ڪيا آهن."

وحدت الوجود جي مخدوم موصوف جي نظريي ۽ ان بابت دليلن کي سندس رسالن مان هڪ هڪ ڪري هتي بيان ڪجي ٿو هر هڪ دليل منجهان ٿي اهو به واضع ٿيندو ته مخدوم موصوف وٽ وحدت الوجود جو تصور ڪهڙو آهي.

## پهريون دليل:

وحدت الوجود جي سلسلي ۾ مخدوم موصوف جي رسالن مان پهريون رسالو "بادهته الورود في اثبات وحدت الوجود " آهي. جنهن ۾ وجود جي وحدت ۽ هيڪڙائيءَ تي فلسفي ۽ منطق جي اصولن ۽ قاعدن جي روشنيءَ ۾ دليل قائم ڪيو ويو آهي. موصوف جو چوڻ آهي ته هن مان موجودات جي ڪثرت باوجود وجود جي وحدت ظاهر ٿيندي اها ڳالهه ثابت ڪرڻ لاءِ مخدوم معين سڀ کان پهريائين فلسفين جي هن نظريي تي بحث ڪيو آهي ته:

"ممڪنات جو وجود صفت انتزاعي آهي ان جو خارج ۾ ڪوبه وجود ڪونهي."

لکن ٿا ته فلسفين جو هن تي اتفاق آهي ۽ انهن ايستائين به چيو آهي: ته اعيان ۾ ڪابه اهڙي شيء ڪانهي جنهن تي وجود سچو اچي. ۽ انهن چيو آهي ته ممڪن جو وجود معقولات ثانيه منجهان آهي. جيڪي خارجي شيء جي برابر نه ٿينديون آهن" ( يعني خارج ۾ انهن جو وجود نه ٿيندو آهي) لکيو اٿن: ته ڪجهه ڳالهيون/ دليل اهڙا آهن، جيڪي فلسفين کي ان سوچ جي طرف وٺي آيا آهن سڀ کان سگهاري ڳالهه/ دليل اهو آهي ته جيڪڏهن اهي ممڪنات جي وجود کي مڃين ٿا ته انهن کي هن اعتراض جي صفائي ڏيڻي پوندي ته ممڪنات جو اهو وجود انهن جي ماهيت تي زائد ٿيندو. اهو هن طرح: ته شيء جي صفت ثبوتيه ان جي وجود في نفسه جو فرع ٿيندي آهي. پوءِ جيڪڏنهن وجود صفت زائده ٿيو جيڪو ماهيت سان قائم آهي ته ان سان اهو لازم ايندو ته وجود کان اڳ ان جو وجود هجي. جنهن سان شئي جو به دفعا موجود ٿيڻ لازم ايندو. جڏنهن ته اهو غلط آهي. ان جو جيڪو جواب ڏنو ويندو آهي: ته توهان جيڪا

دعوا ڪئي آهي: تہ ان سان هيءُ هيءُ لازم ايندو." اهو صفت وجوديہ ۾ ٿيندو آهي، جيڪا وجود جو غير ٿيندي آهي. وجود ۾ ان جي ابتڙ ٿيندو آهي." اهو ڪجهہ بہ ناهي ڇاڪاڻ تہ هتي ضرورت جي دعوا تحڪم آهي. ان سان واجب پنهنجي معارض جي سبحان احڪام عقليہ يقينيہ ۾ تخصيص جي قبيلي مان ٿيندو جيڪو ظني علمن وارن جو پنهنجي عام احڪامن ۾ طريقو هوندو آهي. ان ڪري ان اعتراض منجهان هن ڪان سواءِ ڀاڻ ڇڏائي نہ ٿو سگهجي. جيڪو چيو ويو آهي تہ ضرورت تحڪم آهي. هن طرح تہ هر ثبوتي صفت يعني جيڪا خارج ۾ موجود آهي، ان جو پنهنجي موصوف سان قيام ان جي ان ۾ وجود جو فرع آهي. جڏهن تہ وجود اهڙي صفت ناهي، جيڪو خارج ۾ موجود هجي. بلڪ ان جو پنهنجي معروض ڪان امتياز خالي عقل ۾ آهي. ها اهو هن معنيٰ ۾ ثبوتي آهي، تہ سلب ان جي مفهوم ۾ داخل ناهي."

مخدوم معين فرمائي ٿو: تہ هيءُ مسئلي جو دليل ناهي ان جو دليل هن طرح بيان ٿي سگهي ٿو تہ اسان ان جا مقدمات ڏسون." موصوف فرمائي ٿو: تہ منهنجي آڏو ان جو هڪ دليل ظاهر ٿيو آهي، جنهن جا انشاءَ الله مقدمات سالم آهن." مصنف ان ڪان پوءِ دليل بيان ٿو ڪري، پر بدقسمتيءَ سان ان جي عبارت م ڪجهہ جاين تي اکر ڇڏيل ۽ جاءِ خالي ڇڏيل آهي. جنهن ڪري جواب ۾ تسلسل نہ ٿو رهي. لکي ٿو:

"تہ ممڪنات جو وجود جيڪڏهن اهڙي صفت آهي، جيڪا خارج ۾ موجود آهي تہ اها يا اهڙي وجود سان موجود هوندي، جيڪو سندس نفس مٿان زائد آهي. يا اهڙي وجود سان موجود هوندي جيڪو ان وجود جو عين آهي. ٻئي ڳالهيون باطل آهن. ڇاڪاڻ تہ ٻنهي ڳالهين کي مڃڻ سان محال لازم ٿو اچي. پهرين صورت ۾ هن طرح تہ جيڪڏهن وجود جو خارج ۾ وجود سندس نفس تي زائد هوندو تہ اسان ان زائد وجود بابت سوال اٿارينداسين، ان ڪان پوءِ ان جي زائد وجود ۾. ان طرح خارجي وجود جو هڪ تسلسل قائم ٿي ويندو. جيڪو محال آهي. پوءِ لازمي طور اهو ثابت ٿي ويندو تہ اتي وجود آهي. جيڪو بعينہ موجود آهي. ان طرح اهو ٻئي مقدمي ۾ اچي ويندو. ان کي هن طرح غلط ثابت ڪنداسين تہ وجود جو ڪنهن امر زائد ڪان سواءِ بنفسہ وجود، واجب تي پوندو ممڪن نہ رهندو. ڇاڪاڻ تہ اسان واجب مان ان ڪان سواءِ ٻي ڪا بہ مراد نہ وٺندا آهيون، تہ جيڪو پنهنجي وجود ۾ غير ڏاتهن محتاج نہ هجي. جنهن سان واجب جو تعدد لازم ايندو. ۽ اهي ٻئي شيون محال آهن.

ان ڪان پوءِ مخدوم موصوف چئي ٿو تہ مون وٽ ان ڳالهہ جو دليل موجود آهي: تہ ممڪن جو وجود اعتباري ۽ انتزاعي امر آهي. خارج ۾ موجود ڪونهي."

ان جو دليل بيان ڪندي لکي ٿو جيڪڏهن ماهيات ممڪنہ جوهر ۽ عرض هجن ها، پنهنجي وجود ۽ ذات ۾ وجود جو عين ۽ نفس هجن ها، تہ اهو وجود جيڪو ماهيت ممڪنہ خارجيہ جو نفس آهي، سو معقول ثاني نہ هجي ها، نہ صفت اعتباري هجي ها، بلڪ هر ذات، صفت، جوهر ۽ عرض لاءِ خارج ۾، بلڪ ذهن ۾ بہ ذات محققہ هجي ها، ڪنهن ٻئي ڏاتهن حاجت ڪان سواءِ. اٿين تہ اها واجب ٿي پوندي، ممڪن نہ رهندي. ڇاڪاڻ تہ ممڪن اهو هوندو آهي، جنهن جي ذات تحقق جي تقاضا نہ ڪري. نہ ئي عدم جي تقاضا ڪري، بلڪ ٻئي پاسا ان ۾ هڪ جهڙا ترجيح لڏل هوندا آهن. ممڪن پنهنجي حيثيت ۾ جيئن عدم کي قبول ڪندو آهي تيئن وجود کي قبول ڪندو آهي. ٻنهي مان ڪنهن جي بہ تقاضا نہ ڪندو آهي.

جڏهن تہ ماهيت واجبہ عدم کان انڪار ڪندي آهي. ائين ماهيتون واجب ٿي پونديون: جيڪو غلط آهي. تنهن ڪري اهو مڃڻو پوندو تہ ممڪن جو وجود اعتباري ۽ انتزاعي امر آهي.

مصنف آخري فيصلائتي ڳالهہ هن طرح بيان ٿو ڪري: ممڪنات جو وجود صرف اعتباري آهي. پنهنجي ذات ۾ ممڪنات معدوم محض آهن. ممڪن ماهيتون عدم محض آهن. جن وجود جي بوءِ بہ نہ ماڻي آهي. نہ ئي موجود پنهنجي موجد کان اهڙي صفت ماڻي آهي، جنهن تي وجود سچو اچي سگهي. سواءِ اهڙي وجود جي جيڪو بنفسہٖ موجود هجي. ۽ جيڪو وجود بنفسہٖ موجود هوندو آهي، سو واجب کان سواءِ ٻيو نہ ٿيندو آهي. جڏهن تہ اهو ثابت آهي تہ ممڪن وٽ عدم جي مقابلي ۾ لازمي طرح وجود ٿيندو آهي. اهو وجود الله سبحانہ ئي آهي. ان ڪري ممڪن جو وجود واجب حق جي وجود جو عين آهي. (1) پوءِ ممڪن جو عدم جي حالت جي متضاد هئڻ وجودَ ممڪنَ کي واجب نہ ٿو ڪري، جنهن سان اهو قائم ٿئي. بلڪ ڳالهہ جو توڙ واجب الوجود سان ئي ٿيندو جنهن سان ممڪنات ائين قائم آهن، جيئن هلاڪ ٿيندڙ وجود واجب قيوم حق سان قائم هوندا آهن. ۽ اهي ان سان ظاهر ٿيندا آهن. انهن جي ماهيت جو اهو ظهور غير ضروري آهي. جي واجب گهري تہ انهن سان ظاهر ٿئي نہ گهري تہ نہ ٿئي. ان ڪري اهي ماهيتون انهيءَ حيثيت سان ممڪن سڏيون وينديون آهن. يعني وجود واجب جو انهن سان ظهور ممڪن آهي. انهن سان ان جو ائين ظهور واجب ڪونهي، جيئن ان جو اهڙي ماهيت ۾ ظهور واجب آهي، جيڪا ان جو عين آهي. جنهن ڪري اها واجب سڏي ويندي آهي. بلڪ جائز آهي تہ واجب وجود ظهور جي حيثيت سان انهن ماهيتن سان وجود ممڪن سان موجود ٿئي. يعني انهن سان ان جو ظهور ممڪن آهي: واجب ناهي. ان طرح امڪان ۽ وجود نسبت واحده ۽ موطن واحده ڏانهن متوجه نہ ٿيندا. جو ٻئي زائل ٿي وڃن. هيءَ توحيد واجب الوجود جي باري ۾ حق جو ظهور آهي. هن مان وحدت الوجود، موجودات جي ڪثرت جي باوجود ثابت ٿي وڃي ٿو. موجودات جي ڪثرت، ممڪن ماهيتون آهن. هن حق سان مون ڪوبہ محقق عالم ٽڪر ۾ ڪونہ ڏٺو آهي. اختلاف صرف هن ۾ آهي تہ "حق مڙني مختلف ماهيتن جو عين آهي." جيئن شيخ اڪبر فرمايو آهي.

## وجود ۽ موجود ٻنهي جي وحدت:

مخدوم معين رحمة الله عليہ پوئين رسالي ۾ وحدت الوجود کي ثابت ڪيو. هن رسالي ۾ وجود سان گڏ موجود جي وحدت پڻ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. لکي ٿو:

وجود حقيقي جيڪو ڪون انتزاعيءَ جو سرچشمو آهي، سو واجب تعاليٰ جي ماهيت کان خارج ناهي. نہ تہ اهو پنهنجي ذات ۾ موجوديت جي وصف سان موصوف نہ ٿيندو. ۽ جيڪو موجوديت سان موصوف نہ هوندو آهي، سو معدوم هوندو آهي. ان ڪري واجب جي ماهيت پنهنجي ذات ۾ ان کان خارج

1 مجدد الف ثاني رحمة الله عليہ جو ان باري ۾ عقيدو آهي تہ: واجب تعاليٰ کي ممڪن جو عين نہ ٿو چئي سگهجي ۽ قديم حاوث جو عين هرگز نہ ٿو ٿي سگهي ممتنع العدم ذات جائز العدم جو عين نہ ٿي ٿي سگهي. انقلاب حقائق عقلاً ۽ شرعاً محال آهي. هڪ جو ٻئي تي حمل بلڪل ممتنع آهي. مڪتوبات دفتر اول حصو ٽيون. صفحہ 111 مدينہ پبلشنگ ڪمپني ڪراچي. 1976ع

امر کان قطع نظر معدوم ٿيندي. ان لاءِ موجوديت جي صفت جي اڪتساب ۾ ڪانئس خارج امر ڏانهن محتاج ٿيندي، ۽ اهو وجود آهي. جڏهن تہ موجوديت، موجود کان منتزع صفت آهي. موجود ان کان سواءِ ٻيو نہ ٿيندو آهي جنهن سان حقيقت جي لحاظ کان وجود قائم هجي. ان طرح ماهيت سان وجود جي قيام جو فرع ٿيندي ۽ موجوديت جي اڪتساب ۾ ذات کان ٻاهر احتياجي، امڪان جي حقيقت جو عين آهي، ۽ ان جي مصداق آهي، ان ڪري واجب جي ماهيت پنهنجي ذات ۾ واجب جي ماهيت نہ ٿيندي بلڪ ممڪن جي ماهيت ٿيندي. جيڪا غير سان واجب ٿي آهي. ۽ جيڪو وجود آهي. جيڪڏهن واجب ٿي تہ پوءِ وجود ضروري آهي. ۽ ممڪن جي ماهيت کان خارج نہ هجي. پوءِ جيڪڏهن ذاتي هوندو ۽ ان جو جز هوندو تہ واجب جو ترڪب لازم ايندو. ان طرح جنهن کي واجب فرض ڪيو اٿئون سو واجب نہ رهندو. ڇاڪاڻ جو جزن ڏانهن محتاج آهي. ان ڪري ضروري ٿيندو تہ انهيءَ ماهيت جو عين ۽ ذات هجي. جيڪڏهن وجود واجب جي ماهيت جو عين ۽ ان جي ذات هوندو تہ واجب ٿيندو تہ ممڪن جي ماهيت کان خارج هجي. نہ تہ يا ممڪن جي ذات واجب جي ذات جو عين ٿيندي. پوءِ جنهن کي اسان ممڪن فرض ڪيو آهي سو ممڪن نہ رهندو. يا واجب ممڪن جي ذات جو جزو ٿيندو. جنهن سان هڪ ئي ماهيت جو ٻن نقيضن مان ترڪب (نهڻ) لازم ايندو. جيڪو باطل آهي. تنهن ڪري لامحالہ وجود ممڪن جي ماهيت کان خارج ٿيندو. ان وقت ممڪن پنهنجي ذات ۾ اهڙو امر ٿيندو جيڪو وجود جو نقيض آهي. ۽ وجود جو نقيض لازمي طور عدم ٿيندو. پوءِ ممڪن جي ماهيت ان وقت لازمي طور عدم ٿيندي. معدوم جڏهن پنهنجي ذات ۾ ڏسبو آهي، تہ اهو عدم جي ذات جو عين هوندو آهي. ان ڪري معدوميت جي وصف عدم جي ذاتي وصف آهي. ان جي ذات ان جي تقاضا ڪندي آهي. جيئن موجود حقيقي، جڏهن پنهنجي ذات ۾ ڏنو ويندو آهي تہ اهو پنهنجي ذات جي حد ۾ اهڙي وجود سان موجود هوندو آهي، جيڪو ان جي ذات جو عين هوندو آهي. ان ڪري وجود لاءِ موجوديت جي وصف ان جي ذاتي وصف آهي، ان جي ذات ان جي تقاضا ڪندي آهي. ۽ جيڪو ذات سان قائم هوندو آهي، سو ذات کان ڌار نہ ٿيندو آهي... پوءِ وجود عدم نہ ٿيندو تنهن ڪري معدوم نہ ٿيندو ۽ عدم وجود نہ ٿيندو تنهن ڪري موجود نہ ٿيندو. نہ تہ ذات جي تقاضا جو ذات کان ڌار ٿيڻ لازم ايندو. اهو محال آهي. برهان ۽ عقل جي طور موجود اهو آهي جنهن سان وجود، شئي جي پنهنجي نفس سان قيام وانگر، قائم هوندو آهي. معدوم جي حقيقت اها آهي، جنهن سان عدم، شئي جي پنهنجي نفس سان قيام وانگر قائم هوندو آهي. اهڙيءَ طرح وجود ۽ عدم ان کان زائل بہ نہ ٿيندا، ڇاڪاڻ تہ شئي جو پنهنجو نفس کان زائل ٿيڻ محال هوندو آهي... جڏهن وجود ۽ امتناع ۾ منحصر ٿيندي آهي امڪان جي نالي جي جستجو واجب ٿيندي آهي. اها جمهور وٽ ٿين حقيقت آهي. جيڪا ٻنهي: وحدت ۽ عدم جي پاسن کان برابر هئڻ جي صفت سان موصوف آهي. هنن ٻن طرفن مان جيڪڏهن ڪون منتزع ۽ ان جي مقابل جيڪو عدم آهي، سو مراد آهي تہ اهڙي ماهيت جو تصور صحيح آهي، جيڪا پنهنجي ذات ۾ نہ وجود هجي تہ موجود هجي. نہ عدم هجي نہ معدوم. جڏهن وجود ۽ عدم هن معنيٰ مجازيءَ سان ڏنو ويندو تہ ٻئي ان جي طرف برابر نسبت وارا ٿيندا. ٻنهي مان ڪنهن کي ٻئي تي ترجيح نہ هوندي ۽ ڪلام هن ڪون منتزع جي وجوب ۽ امتناع ۾ منحصر هئڻ ۾ ڪونهي.

چو نہ ان جو مبداء يا مبداء جو مقابل هجي. جڏهن تہ ان جي واجب ۾ انحصار ۽ ان جي عين هئڻ تي دليل گذري چڪو. پوءِ ماهيات مفروضہ لاءِ وجود کان سواءِ ان جي مبداء جو زائل ڪندڙ باقي بچندو ۽ اهو امتناع آهي. ٻيو ڪجهہ ناهي. ڪيئن جڏهن تہ وجود جو انفڪاڪ محال آهي. جنهن تي دليل قائم ٿيو تہ اهو ذات جو عين آهي. ان لاءِ جيڪو ان سان ان جي ذات کان قائم ٿيو آهي. ۽ عدم کي ڪنيو اٿس. جيڪو ان ذاتهن منسوب شين کي زائل ڪندڙ آهي. رفع ۽ انفڪاڪ جي جواز کان سواءِ. ان ڪري اهڙي ماهيت متصور نہ ٿي سگهندي، جيڪا پنهنجي ذات ۾ نہ وجود هجي نہ موجود. نہ عدم هجي، نہ معدوم. جڏهن هن معنيٰ ۾ وجود ۽ عدم جو ملاحظو ڪجي تہ ماهيت طرف نسبت ۾ ٻئي برابر هجن. ڪنهن ٻہ هڪ کي ٻئي تي ترجيح نہ هجي. ۽ اهو سجاڳ ماڻهوءَ تي دليل کان پوءِ واضح ۽ روشن آهي. ڪون منتزع جو انتزاع هن کان سواءِ ممڪن ڪونهي تہ اهڙي صفت سان متصف ٿئي، جنهن تي ان جي مبداء ۾ ان جو حڪم لڳايو وڃي. ۽ اها صفت وجود حقيقي آهي. تنهن ڪري ماهيات مفروضہ وجود جو غير آهن. ۽ انهن جو ممڪن نالو رکيو ويندو آهي، جيڪڏهن هن ڪون جي مبداء سان انهن جو اتصاف نہ ٿئي، جيئن ان تي دليل بيان ٿيو. تہ هن ڪون سان ان جو اتصاف بنه نہ ٿيندو. جڏهن تہ ان ڪون سان ان جو موصوف ٿيڻ مقرر ٿي چڪو. جڏهن تو چيو: پوءِ اسان چئون ٿا تہ هنن ٻن طرفن مان جيڪڏهن ڪون منتزع مراد آهي. الخ. اسان چونداسين تہ ڪونہ مذڪور ان اتصاف تي اعتماد نہ ٿو رکي، جنهن تي انهيءَ ڪون جي مبدء جو حڪم لڳايو ويندو آهي. ۽ اتصاف حقيقت ۾ ان ذات کان سواءِ ٻئي ڪنهن ۾ نہ لڌو ويندو آهي، جيڪا ان مبداء سان ائين قائم ٿئي جيئن شئي پنهنجي نفس سان قائم ٿيندي آهي. بلڪ اتصاف ان کان ۽ ان جي طرف ان جي وجهہ تحملي اعتباريءَ جي نسبت کان وڌيڪ عام آهي. تنهن ڪري ماهيتون پنهنجي حقيقتن ۾ اهڙا وجودي حصا آهن، جيڪي وجود جي پنهنجي بعض ڪمالن سان تقيد منجهان حاصل ٿيندا آهن. ۽ مرتبہ علم کي جڏهن غير وجود ۽ اعتباري رسمون فرض ڪنداسين، تہ انهن جي ملاحظي سان اهڙيون حقيقتون متمڪن ٿينديون، جيڪي پنهنجي نفسن ۾ نہ موجود آهن نہ معدوم. ان کان پوءِ جڏهن ان کي وجود جي بنسبت سوچينداسين، تہ بعض ان مان واجب نسبت ۽ بعض ممتنع نسب وارا ۽ بعض وجود ۽ عدم ڏانهن برابر نسبت وارا لهنداسين. ۽ اهي ٿئي هن حيثيت سان تہ اهي اهڙي شيءِ آهن، جيڪا وجود جو غير آهي، تہ ان جو نالو فرضي ۽ اعتباري امرن جي ماهيت رکيو ويندو. جيڪا ان فرض جي باعتبار متمڪن ٿي آهي. ۽ اعتبار ان ۽ وجود جي وچ ۾ نسبت جي تصور کان شئي ۽ ان جي نفس ۾ نسبت جي عدم تصور لاءِ آهي. تنهن ڪري ممڪن جو وجود ان صورت ۾ واجب جو وجود آهي. ان جي طرف نسبت جي باعتبار جنهن ۾ ان جي ظهور جو حڪم نہ ٿيندو آهي ۽ ان کان ان جو مخفي ٿيڻ جائز آهي. ۽ اهو ان مرتبہ جي طرف نسبت جي لحاظ کان واجب آهي، جنهن کان ان جو مخفي رهڻ جائز ناهي. ۽ ممتنع حقيقت ۾ تصور نہ ٿيندو آهي. ۽ جيڪو تصور ٿيندو آهي، سو ممتنع نہ ٿيندو آهي، بلڪ ممڪن عقلي هوندو آهي، جنهن کي ممتنع جي حقيقت لاءِ آئينو بنائيندا آهيون. جنهن مان اسان کي وجود کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ٻہ نظر نہ ايندو آهي. ڇاڪاڻ تہ عدم خارجي ۽ عقلي طور اڻ ٽيٽو آهي. تنهن ڪري خارج ۽ عقل ۾ وجود حق کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ٻہ ناهي ۽ اهو موجود حق آهي. ۽ ان کي زائل ڪندڙ

ممتنع جيڪو آهي، سو فرض آهي، جنهن جو تصور ناممڪن آهي. ان ڪري وجود جي حد بندي ۽ ان جو عدم کان عدم اتساع عدم جي حقيقت کان اڻ ڄاڻائي آهي. ان ڪري ان جو وجود ۽ عدم مان ڪوبه زائل ڪندڙ ڪونهي.“

دليل کي هتي ختم ڪندي مخدوم موصوف فرمائي ٿو: تہ تحقيق الله تعاليٰ جي حمد سان هن برهان سان وحدت الوجود ۽ وحدت الموجود ظاهر ٿي چڪو آهي.“ هن رسالي جو مصنف ”مراة الشهود لوحدة الوجود والموجود“ نالو رکيو آهي.

## ڪلي طبعي جي بنياد تي وحدت الوجود جو اثبات:

”ڪلي طبعي“ جي نالي سان هيءُ رسالو مخدوم محمد معين منطقين جي ”ڪلي طبعي“ جي بنياد تي وحدت الوجود جي اثبات ۾ تصنيف فرمايو آهي. رسالي ۾ موصوف سڀ کان پهريائين منطقين ۽ فلسفين جي ”ڪلي طبعيءَ“ بابت راين کي بيان ڪيو آهي. جن مان اهو معلوم ٿي وڃي ٿو تہ ڪلي طبعي ڇا آهي. ان کان پوءِ فلسفين جي ڪلي طبعيءَ بابت سمجهاڻين جي بنياد تي وحدت الوجود کي ثابت ڪري ٿو. لکي ٿو:

عام ذهنن تي اساطين حڪماء جو هيءُ قول مشڪل ٿي پيو آهي تہ ڪلي طبعي خارج ۾ موجود آهي. جنهن ان کي هن تي حمل ڪيو آهي تہ طبعيت ڪليت جي وصف سان گڏ خارج ۾ پنهنجي شخص جي صورت ۾ لڌي ويندي آهي.“ تنهن مٿان اهو اعتراض وارد ٿو ٿئي تہ جيڪا شئي خارج ۾ لڌي ويندي آهي، تنهن لاءِ ضروري آهي تہ اها مشخص هجي. ڇاڪاڻ تہ اهو ضروري آهي تہ مقرر جاء، مقدار ۽ ڪيفيت ۾ اها مقيد ٿئي. ان ڪري ڪلي طبعيءَ جو بہ وضع معين ۽ ٻين سان مقيد ٿيڻ ضروري آهي. جيڪڏهن اهو مڃبو تہ پوءِ ڪلي طبعي ڪلي نہ رهندي. هيءُ جيڪو ذڪر ٿيو، جنهن تي عقلاء جو اجماع آهي، پر اعتراض اساطين جي ڪلام جي سمجهہ تي وارد ٿئي ٿو. اساطين جي چوڻ تي نہ ٿو ٿئي.

جن اساطين جي ڪلام کي ان تي حمل ڪيو آهي، تہ طبيعت، جنهن تي عقل ۾ ڪليت عارض ٿئي ٿي، سا خارج ۾ فردن جي ضمن ۾ لڌي ويندي آهي، ڪليت جي وصف سان نہ لڌي ويندي آهي. البتہ ان جو فردن جي ضمن ۾ لڌو وڃڻ ان ڪري آهي، تہ اها فردن جو جزو آهي ۽ ڪل جزن کان سواءِ نہ لڌو ويندو آهي. باقي ان کان ڪليت جي وصف جي نفي هن ڪري آهي. تہ خارج ۽ حسن ان کي معين ڪندو آهي، جيڪو ان ۾ لازمي طور لڌو ويندو آهي. ان تي اعتراض وارد ٿيو تہ طبيعت اهڙو جزو آهي جيڪو پنهنجي افرادن تي محمول هوندو آهي ۽ محمول اجزاء جو وجود فردن جي وجود جي ضرورت ناهي. ڇاڪاڻ تہ اها موجودات عقليہ مان آهي. جنهن جو خارج ۾ مصداق فردن جو وجود آهي. تنهن ڪري جيڪڏهن فردن جي ضمن ۾ خارج ۾ لڌي ويندي تہ فردن جو متضاد ڳالهين يعني ڪليت ۽ جزئيت سان اتصاف لازم ايندو. جيڪو باطل آهي. ان مان معلوم ٿيو تہ طبيعت کان ڪليت جي وصف جي نفي باطل آهي. ۽ ان جي باطل ٿيڻ سان طبيعت جو خارج ۾ پنهنجي افرادن جي ضمن ۾ موجود هئڻ باطل ٿيندو. ان ڪري خارج ۾ طبيعت جا افراد موجود آهن طبيعت ناهي. تنهن ڪري ڪلي طبعي جي خارج ۾ وجود جي ڪابہ معنيٰ ڪانهي. سواءِ هن معنيٰ جي تہ خارج ۾ ان جا افراد موجود آهن پاڻ موجود ڪانهي، اهو

صاحب تهذيب جو قول آهي. جڏنهن ته حق اهو آهي ته ڪلي طبعيءَ جي وجود جي معنيٰ آهي ان جي اشخاصن جو وجود. ۽ اهو سڀ فاسد مثان فاسد جي بناء جي قسم مان آهي. اهو غلط وهمن جي نتيجي ۾ پيدا ٿيو آهي. متقدمين جو ڪلام ان کان پاڪ آهي.

متقدمين جي مراد اها آهي ته هن حيثيت سان ته اها طبيعت آهي نه ڪلي آهي نه جزي، نه موجود آهي نه معدوم. جڏهن ان طرف وجود جي نسبت ٿيندي آهي ته اها يا عقل ۾ لڌي ويندي آهي يا تخيل ۾ يا خارج ۾. جيڪڏهن عقل ۾ لڌي ويندي ته وصف ڪليءَ سان معروض ٿيندي. جيڪڏهن تخيل ۽ خارج ۾ لڌي ويندي ته وصف جزيءَ سان معروض ٿيندي. پوءِ ان جو وجود خارجي ۽ تخيلي لازم آهي. اها طبيعت آهي جيڪا لابشرط شئي سان ماخوذ آهي بشرط لاشئي سان ماخوذ ناهي. ان ڪري اها اطلاق ۽ تقيد جي قيد جو لحاظ رکيل به ڪانهي. اهڙي ڪلي آهي. جيڪا ڪليت ۽ جزئيت سان مقيد نه ٿيندي آهي. ان ڪري هر موطن ۾ ان موطن جي موجود جي عين وجود سان لڌي ويندي آهي. عقل ۾ معنيٰ ڪلي عقليءَ جي عين وجود سان لڌي ويندي آهي. ۽ تخيل ۾ شخص خياليءَ جي عين وجود سان لڌي ويندي آهي. ۽ حس ۾ شخص حسيءَ جي عين وجود سان لڌي ويندي آهي. هيءَ ٽئي موجودات: ڪلي معقول، فرد متخيل ۽ شخص محسوس، ڪلي طبعيءَ جي مواطن جي اعتبار کان وجود جو هڪ حصو آهي. تنهن ڪري خارج، عقل ۽ خيال ۾ اها طبيعت پنهنجي هر موطن سان خاص عوارضن ۽ لوازمن جي اڪتناف سان گڏ موجود آهي.

تنهن ڪري مون وٽ حق اهو آهي ته هن طرح چيو وڃي ته: افراد خارج ۾ مثال طور عين وجود ڪلي طبعي سان لڌا وڃن ٿا". ائين نه ته ڪلي طبعي پنهنجي افرادن جي عين وجود سان لڌي وڃي ٿي. چاڪاڻ ته بصيرت واري محقق وٽ وجود اصل ۾ طبيعت ڏانهن مستند آهي. صرف فرد ان ۾ ظاهر ٿيا آهن. ۽ ان جي وجود سان موجود ٿيا آهن. چاڪاڻ ته اهي ان جي وجود جو نمونو آهن. ڪلي طبعي جيئن: انسان هن حيثيت سان ته اهو انسان آهي زيد جو جزو آهي. ۽ خارج ۾ ان جي عين وجود سان موجود آهي. جيئن محقق شرح اشارات ۾ چيو آهي ته انسان اشخاص تي محمول آهي. هن حيثيت سان ته اهو خارج ۾ موجود آهي، نه ته هيءَ اشخاص انسان نه ٿيندا. انتهي ۽ شيءِ جو پنهنجي ضدن سان موصوف ٿيڻ لازم نه ايندو. بيشڪ انسان جيڪو خارج ۾ موجود آهي، سو افرادن جي وجود سان موجود آهي. جيڪڏنهن تون گهرين ته اهو به چئي سگهين ٿو ته افراد ان جي خاص وجود جي عين سان هن موطن ۾ لڌا وڃن ٿا. ان ڪري موطن عقليءَ ۾ ان جي وجود جو حڪم ان سان نه ٿو ملي.

افراد خارج ۾ محسوس ٿيندڙ آهن. تنهن ڪري جڏنهن افرادن جو وجود ڪلي طبعي جو خارج ۾ عين هجي، ته واجب آهي ته ڪلي طبعي خارج ۾ محسوس هجي. باوجود ان جي ته شيخ اشارات ۾ ان جي تصريح ڪري رهيو آهي ته، طبيعتون خارج ۾ موجود آهن، پر غير محسوس آهن.

طبيعت ۽ ان جو شخص به جدا امر آهن. جيڪي خارج ۾ هڪ ئي وجود سان موجود آهن ۽ وجود جي وحدت لاءِ موجود جي وحدت ضروري ناهي. جيڪا ڪليت جي طور احڪامن جي اتحاد ڪي لازم ڪندي آهي. ايستائين جو فردن جي محسوس ٿيڻ سان طبيعت جو محسوس ٿيڻ به ضروري ٿيندو آهي. ان ڪري طبيعت خارج ۾ فردن جي عين وجود سان موجود ٿيندي آهي، پر اها معقول ٿيندي آهي. هن معنيٰ سان ته

خارج ۾ حس سان ان جو ادراڪ نہ ٿيندو آهي. هن معني سان نہ تہ اها عقل ۾ موجود آهي، خارج ۾ ناهي. اها ئي معنيٰ آهي ان جي تہ اها محسوس ۾ غير محسوس آهي. ڳولا ان کي محسوس مان ڪيندي آهي. جيئن شيخ اشارات ۾ چيو آهي، جنهن جو خلاصو اهو آهي تہ، عقل جڏهن انسان جي فردن جو ملاحظو ڪندو آهي تہ ڏسندو آهي تہ هنن محسوسات جي مٿان ڪڏنهن هڪ نالو واقع ٿيندو آهي. اشتراڪ لفظيءَ جي بنياد تي نہ، بلڪ هڪ ئي معنيٰ جي باعتبار جيڪا انسانيت آهي. بيشڪ ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي، تہ ان جو زيد ۽ عمر جي مٿان هڪ ئي معنيٰ ۾ وقوع آهي. جيڪا خارج ۾ موجود آهي. تنهن ڪري خارج ۾ افراد، باوجود ڍڪيندڙ پردن جي، اها ئي معنيٰ آهن. ان طرح سڀ انسان جا افراد هڪ ئي انسان آهن. جيڪو حقيقت ۾ خارج ۾ موجود آهي؛ پر حس ان جو ڍڪيندڙ پردن جي ڪري ادراڪ نہ رکندو آهي. ۽ فردن تي اهو حڪم لڳائڻ تہ اهي گهڻا انسان آهن. ائين آهي جيئن هڪ کان وڌيڪ ٻن ٽن حوضن ۾ پاڻيءَ جي شڪل ٿيندي آهي. ۽ انهن کي گهڻا پاڻي چئبو آهي. ۽ پاڻ ان مان پوئين معنيٰ وٺندا آهيون. پهرين نہ وٺندا آهيون. ڇاڪاڻ جو پنهنجو حس ان جو احاطو رکي ٿو تہ اهي گهڻا پاڻي، پاڻي جي گهڻين جڳهين ۾ هئڻ جي ڪري سڏجن ٿا. نہ تہ پاڻي هڪ ئي آهي. پر پنهنجو حس انسان جي فردن ۾ ائين ڪڏنهن بہ محسوس نہ ڪندو آهي.

هيءَ حقيقت، جيڪا غير محسوسہ آهي ۽ خارج ۾ موجود آهي، سا ڪلي طبعي آهي. ۽ جزء محمول آهي. ۽ تو ڄاتو تہ اها لابشرط شئي سان ماخوذ آهي. انجي صلاحيت رکي ٿي تہ ڪليت ۽ جزئيت جي مواطن جي مطابق ان جي معروض ٿي سگهي. جيئن محقق شرح اشارات ۾ ان جي تصريح ڪئي آهي، جڏهن چيو اٿس تہ، ڪن اعتراض ڪندڙن اعتراض ڪيو آهي تہ انسان مشترڪ عقل ۾ موجود آهي. خارج ۾ موجود ناهي. ۽ مطلوب يعني ان لاءِ جيڪو خارج ۾ ڪلي طبعيءَ جي وجود ثابت ڪرڻ کي شامل ٿئي، خارج ۾ اهڙي موجود جو اثبات آهي، جيڪو غير محسوس هجي. ۽ اعتراض، انسان جي طبيعت، جنهن کي اشتراڪ ۽ ان جو عدم عارض ٿئي ٿو جي وچ ۾ ۽ اشتراڪ سان گڏ موجود انسان جي وچ ۾ فرق سان، حل ٿئي ٿو. پهريون خارج ۽ عقل ٻنهي ۾ لڌو ويندو ۽ ٻيو صرف عقل ۾ لڌو ويندو. ان جو ڪلام پورو ٿيو. اهو اجمال شريف آهي، ان جو جنهن جو اسان تنهنجي لاءِ تفصيل بيان ڪيو.“

هيستائين مصنف ڪلي طبعي ۽ ان بابت فلسفين جي موقف جي سمجهاڻي ڏني. جنهن سان اهو واضح ٿي وڃي ٿو تہ فلسفين وٽ ڪلي طبعي ڇا آهي. مصنف هينئين لفظن سان ڪلي طبعيءَ جي ان اصول جي آڌار تي وحدت الوجود کي ثابت ڪري ٿو:

”هن جڳه تي اهو ڄاڻڻ گهرجي تہ هيءَ ڪلي طبعيءَ جي خارج ۾ وجود جي تحقيق علماء طبائع لاءِ آهي. علماء حقائق يعني صوفين لاءِ ناهي. تحقيق غير محسوس جو محسوس في الخارج ۾ عين وجود محسوس سان موجود هئڻ ثابت ڪرڻ، موجودات جي ڪثرت باوجود وجود جي وحدت ثابت ڪرڻ ڏانهن موٽي ٿو. هيءَ محقق فلسفين ۽ انهن جي پيروڪارن، جيئن سيد شريف جرجاني آهي، جي توجيه آهي. تنهن ڪري انهن وٽ فردن جي عين وجود سان ڪلي طبعيءَ جو وجود صحيح آهي. وحدت جي حقيقت جي ڪري. باقي صوفياء ڪرام، جيڪي وجود ۽ موجود جا گڏوگڏ قائل آهن، تن وٽ محسوس ۾ غير

محسوس جي وجود جو مثال نہ ٿو ٿهڪي. بلڪ انهن جي مسلڪ مطابق ڪلي طبعي خارج ۾ شخص محسوس جو عين ۽ خيال ۾ شخص مخيل جو عين ۽ عقل ۾ معنيٰ ڪليءَ جو عين هوندي آهي. اهي سڀ مظاهر آهن ۽ مرتبہ مظاهر ۾ ظاهر مظاهر جو عين هوندو آهي. تنهن ڪري انهن وٽ جيئن وجود هڪ آهي، تيئن موجود بہ هڪ آهي. ان ڪري فرد جو وجو ڪلي طبعيءَ جو عين آهي. ۽ ان جو جوهر، جيڪو وجود سان متصف آهي، سو ڪلي طبعيءَ جي جوهر جو مواطن جي لياقت مطابق عين آهي. اهو فردن جي ذات ۽ انهن جو عين ۽ نفس آهي. هن وجه سان انهن جي مسئلي شريف جو مثال پورو ٿيو.“

مصنف صوفين جي مسلڪ جي وڌيڪ وضاحت ۽ تائيد لاءِ وڌيڪ لکيو آهي:

تہ مٿي محقق جيڪو اعتراض ڪيو آهي، تنهن ڪان صوفين جي مسلڪ ڪان سواءِ آجو نہ ٿو ٿي سگهجي. ان اعتراض ڪان ڇوٽڪارو هن بنياد تي ٻيڻل آهي تہ ڪلي طبعي اهڙي طبيعت جو نالو آهي، جيڪا ”لابشرط“ سان ماخوذ آهي. تنهن ڪري خارج ۾ اها شخص محسوس جو عين، خيال ۾ مخيل جو عين ۽ عقل ۾ معقول جو عين ٿيندي. ان سان متعاقبة الاشخاص نوعن جي طبيعتن جو قديم هئڻ لازم ايندو. بيشڪ عالم جي مڙني طبيعتن ۾ تجدد ۽ تعاقب جي ازلي ۽ ابدي هئڻ ڪي محققن پنهنجي تڪوين مع الانفاس جي قول سان لازم ڪري ورتو آهي. ان جي ازليت سان هن بنياد تي انهن جي عقد محفوظ ٿيندي تہ مبدء اول ڪان فيض دائمي آهي. ۽ حادث جو قديم سان دائمي سخا سان گڏ ربط دائمي آهي. صفات فعليہ جو عدم تعطل واقع ۽ متصور آهي. شيخ اڪبر ڇيو قادر بنا مقدور جي ۽ رازق بنا مرزوق جي اهڙيون حقيقتون آهن، جيڪي تاثير جي لحاظ ڪان معطل آهن.

ان جو بيان هيئن آهي تہ حوادث ازليہ ۾ تجدد ۽ تعاقب هن بنياد تي تہ تڪوين مع الانفاس جو مسئلو دائمي جود ۽ ڪون جي ڪون سان ابدي ربط سان گڏ ان جي تقاضا ڪري ٿو محققن وٽ عالم جي ڪنهن شئي جي قديم هئڻ ڪي لازم نہ ٿو ڪري، نہ طبيعتن مان ڪنهن طبيعت ڪي، نہ فردن مان ڪنهن فرد ڪي. ان جي حدوث ۾ محققن سان هر حڪيم ۽ فيلسوف موافق آهي. بيشڪ فلڪ جي هر حرڪت نہ هئڻ ڪان پوءِ وجود وٺندي آهي. جيتوڻيڪ تعاقب ۽ تعداد ان ۾ ازلي آهي: پر پاڻ تعاقب جي ازليت سان گڏ حادث آهي. ۽ اهو خارجي موجودات ڪان سواءِ منتزع نسبتن مان آهي.

باقي متعاقب الاشخاص نوعن جي طبيعتن بابت متاخر فلسفين چيو آهي تہ اهي طبيعت جي حرڪت سان گڏ قديم آهن. حادث متعاقب فردن ۾ ان جي محفوظ هئڻ جي ڪري. ان جو محققن جواب جيڪو ڏنو آهي، تنهن ۾ متقدمين، جيڪي تڪوين مع الانفاس جا قائل آهن، تن بہ انهن جي پيروي ڪئي آهي تہ هيءَ انهن جو چوڻ غلط آهي. ڇاڪاڻ تہ انهن طبيعت، جيڪا خارج ۾ موجود آهي، تنهن جي حقيقت ڪي نہ سمجهيو آهي. ان ڪي عدد ۾ فردن جي ڪثرت باوجود هڪ گمان ڪيو اٿن: مفهوم ۾ هڪ گمان نہ ڪيو اٿن، جيڪا خارج ۾ وجود جي عين ڪثرت باوجود موجود آهي. ان جي احڪامن سان محڪوم، ان جي حدوث سان حادث، ان جي تجدد سان متجدد ۽ تعاقب سان متعاقب آهي. هيءَ مفهوم جي لحاظ ڪان واحد بجاء عدد جي اعتبار ڪان واحد سمجهڻ جو نتيجو آهي.

پوءِ هن چوڻ سان گڏ تہ فيض دائم، جود سرمدي ۽ ڪون جو مڪان سان ازلي ۽ ابدي ربط، عالم جي

حقيقتن کي گڏ ڪري ٿو هن کي لازم نہ ٿو ڪري تہ وجود ۾ موجود قديم هجي، جيڪو نہ شخص هجي نہ طبيعت. ۽ هيءُ طبيعت جي خارج ۾ وجود جي سمجهڻ کان پوءِ ظاهر آهي. ۽ ان جو قوم جي مشرب مطابق فهم اهوئي آهي جنهن سان قديم جو حادث سان ربط ۽ فيض ازليءَ جو عدم تعطل تصور ڪيو ويندو آهي. ۽ تڪوين مع الانفاس ازلي ۽ ابدي جي صحة جو تصور ڪيو ويندو آهي. ان کي اهو ئي سمجهي سگهندو جنهن وٽ اهو انهن جي مسئلي شريف لاءِ مثال بنجي.

آخر ۾ وحدت الوجود کي ٻن وجهن جي ڪري عقل کان پري چوڻ" جو رد ڪيو اٿس. اهو قول: تہ وحدت الوجود جو مسئلو عقل جي نظر ۾ ٻن سببن جي ڪري بعيد معلوم ٿيندو آهي. انهن مان هڪ موجودات ڪثيره خارجيہ جو حصول آهي، جيڪو حقيقت واحده، جيڪا خارج ۾ موجود آهي، کي تعينات ۽ اعتبارات جي عارض ٿيڻ سببان، حاصل ٿيندو آهي. ۽ ٻيو آهي، مختلف حقيقتن جو انتفاء، جيڪي خارج ۾ واقعي موجود آهن. ڪلي طبعي جي خارج ۾ وجود جو قبول ڪرڻ، جيڪو منصور ۽ مؤيد قول آهي، پهرئين سبب جي دفاع ۾ ڪم ڏئي سگهي ٿو ٻئي ۾ نہ ٿو ڏئي سگهي. انتهي.

توکي خبر آهي تہ جنهن اقرار ڪيو آهي تہ حقيقت واحده خارج ۾ موجود آهي. اهڙي تعين سان متعين آهي، جيڪو نهايت وسيع آهي. جنهن کي افرادي تعينن مان ڪوبہ تعين زائل نہ ٿو ڪري. بلڪ ان جي وجهن مان هڪ وجه هوندو آهي. ۽ جنهن اقرار ڪيو آهي تہ ان حقيقت ۾ ڪثرت موهوم، ان جي مختلف اعتباري تعينن ۾ ظهور جي حيثيت سان هوندي آهي، بيشڪ طبيعت ان جي خارج ۾ وجود جي قائل وٽ افرادن جي ضمن ۾ موجود ناهي، نہ انهن کان ڌار ٿيندڙ آهي، ان تي سچي ايندڙ آهي. بلڪ ان جي عين وجود سان هن معنيٰ سان تہ ڪلي طبعيءَ جو خارج ۾ وجود اهو ئي وجود آهي. ان ڪري ڪثرت موهوم صرف اعتباري آهي. نہ اهڙو امر آهي جيڪو اهڙي وجود سان موجود آهي، جيڪو ان جي وجود جو غير آهي. جنهن ڪري ضروري ٿيندو تہ ان تي اهو قول لازم اچي تہ مختلف موجود افراد حقيقت ۾ منتفي يعني جڻ آهن ئي ڪونہ. حقيقت ۾ ان جو نفس ڪلي طبعيءَ جي ذات آهي، جيڪا خارج ۾ موجود آهي. پنهنجي خاص وجود سان ظاهر آهي. جيڪو ان جي ظهور لاءِ موطن جي صلاحيت رکي ٿو. تنهن ڪري افراد ڪوڙ ساريون رسمون آهن جيڪي ذات وحدت طبيعت ۾ ظاهر ٿين ٿيون. جڏهن اها موطن خارجيءَ جي احڪامن سان متلبس ٿيندي آهي. ۽ اهي پنهنجي نفس ۾ هميشہ هلاڪ ٿيندڙ هونديون آهن تنهن ڪري اهي خالي نالا آهن جيئن الله تعالي جو فرمان آهي "ان هي الا اسماء سميتموها انتم و آبائكم ما انزل الله بها من سلطان" يعني خارج بلڪ ذهن ۾ تحقق جو ان لاءِ ڪوبہ دليل ڪونهي.

## علمي تنزلات ۽ وحدت الوجود:

مخدوم محمد معين "رفع الغين في تنزل العلم الي العين" جي نالي سان هڪ رسالو تاليف ڪيو آهي. جنهن ۾ موصوف نهايت نرالي انداز سان وحدت الوجود کي ثابت ڪيو آهي. سندس چوڻ آهي تہ علم، ايمان ۽ يقين غير مادي، غير حسي ۽ غير خارجي شيون آهن. انهن جو وجود صرف ذهن ۾ ٿيندو آهي، پر تنهن باوجود انهن ۾ جڏهن پختگي ٿيندي آهي. تہ اهي عمل جي صورت وٺنديون آهن. عمل خارج ۾

محسوس ٿيندڙ ۽ وجود رکندڙ شيءِ آهي. وري اهو عمل عالم مثال, عالم برزخ ۽ عالم آخرت ۾ مختلف شڪليون وٺندو آهي. برو عمل وڇن نانگن ۽ عذاب جي مختلف صورتن ۾ تبديل ٿيندو آهي. چڱو عمل ملائڪن, کير ماکيءَ جي نهرن ۽ ٻين نعمتن جي شڪل وٺندو آهي.

موصوف جو چوڻ آهي, تہ ان طرح حال جيڪو آهي, سو انسان جي علم جو عين آهي. چو تہ اهو ان جي علم, ايمان ۽ يقين جي پيداوار آهي. اهڙيءَ طرح عالم مثال, عالم برزخ ۽ عالم آخرت جي صورتحال بہ انسان جي دنياوي اعمالن جو عين ڇئبي. ان طرح هيءَ سڀ جهڙوڪ هڪ سلسلو آهي. جيڪو غير حسي غير خارجي ذهني ۽ علمي شين کان شروع ٿي, مادي ۾ تبديل ٿئي ٿو, وري مادي کان روحاني ۽ نوراني شڪلين ۾ بدلجي ٿو. وري ان کي جڏنهن ٻئي پاسي کان ڏسجي تہ علم خود علم اول تعاليٰ کان رسول شرع وٽ آيو ائاهون مؤمن جي دل ۾ پڪو پختو ٿيو عمل جي شڪل ورتائين, عالم مثال, برزخ ۽ عالم آخرت جي روحاني جوهري ۽ نوراني صورتن ۾ تبديل ٿيندو وري وڃي علم اول تعاليٰ کي پهتو.

مصنف هن مان اهو ثابت ٿو ڪري تہ حال ۽ وجود بلڪ پوري ڪائنات علم اول تعاليٰ جو انهيءَ طريقي مطابق عين آهي; جيئن انساني عمل ان جي علم ۽ ايمان جو عين آهن. مصنف هيءَ ڳالهہ جنهن ڳوڙهي ۽ باريڪ طريقي سان سمجهائي آهي سان نهايت دلچسپ ۽ دل ۾ ويهي ويندڙ آهي. لکي ٿو:

ايمان ۽ ڪفر, علم ۽ جهالت, ڪشف ۽ حجاب وانگر پاڻ ۾ هڪ ٻئي جا مقابل آهن. جڏنهن جهالت ۽ حجاب جون صورتون, ڪافر جي انهن سان متصف ٿيڻ مهل منحرف علم ٿينديون آهن. جيڪي في نفسہٖ حقيقتن جي موافق نہ هونديون آهن تہ ان وقت ايمان ۽ ڪفر, علم ۾ موجود عقلي علميءَ جي باب منجهان سڏبو عيني ۽ خارجي نہ سڏبو.

پر ان باوجود سڀ احوال, طاري ٿيندڙ حالتون, اعراض, جيڪي عيني, حسي ۽ غير حسي طور موجود آهن ۽ جواهر مجرده ۽ ماديہ ارواح ۽ معنائون, جيڪي حقيقت انسانيہ تي دنيا, برزخ توڙي آخرت ۾ وارد ۽ فائض ٿيندڙ آهن, تن جا ان حقيقت لاءِ تنزلات آهن. انهن تنزلات جون هر هڪ لاءِ مواطن حسيہ ۽ غير حسيہ مطابق, مڙني برزخن ۽ نشائتن ۾ صورتون آهن.“

دنيا برزخ ۽ آخرت ۾ حقيقت انسانيہ تي جيڪي ارواح ۽ معنائون وارد ٿين ٿيون, تن جون مواطن حسيہ ۽ غير حسيہ مطابق ۽ هر هڪ نشائت مطابق مختلف صورتون ٿينديون آهن. اڳتي مخدوم موصوف مختلف تنزلات جو الڳ الڳ بيان ڪري ٿو.

## ايمان جو تنزل:

”ان جو ايمان ۾ بيان هن طرح آهي تہ ايمان, عين مطلق حق جي مرتبن مان هڪ مرتبي جي يقين جو نالو آهي. اهو مرتبو ئي حق مبين جو مرتبو آهي, جنهن جو سفراء معصومين عليهم الصلواة و السلام جن صفات تنزيهيہ ۽ تشبيهيہ سان تعبير ڪيو آهي. جنهن کان پوءِ انهن سفراء معصومين جي تشريحي بيانن سان عقلن جي مٿان, انهن جي مرتبن جي تفاوت جي آذار تي صورتون ظاهر ٿينديون آهن. جيڪي

الله تعاليٰ جي اسماء ۽ صفات ۾ الحاد کان بغير ۽ ان جي حقن جي معرفت ۽ عبادات محضہ ۽ تخليط کان بنا آهن."

"ان وقت ايمان الله جو علم آهي. رسول شريعت کان ماخوذ آهي. جيڪو (رسول) مخصوص تنزيهي ۽ تشبيهي وجوهن سان الله تعاليٰ جي علم ڏانهن سڏيندڙ آهي. ان ايمان سان سينو اطمينان جي هڪ قسم جي ٺڏڪار محسوس ڪندو آهي، تہ ان حق کي سنڌس روشن مقام ۾ لڌو آهي. علم جڏنهن يقين ۽ اطمينان جي ٺڏڪار مقام کي مختلف درجن جي تفاوت آذار پهچندو آهي. جيئن عارفن جو ايمان عوام ۽ خواص جو ايمان ٿيندو آهي، تہ ان وقت اهو عين ڏانهن تنزل ڪندو آهي. اهو شڪ جي پهرئين مرتبي ۾ عالم عينيءَ ڏانهن درجي بدرجي سير ڪرڻ شروع ڪندو آهي، حتاڪ جڏنهن يقين کي پهچندو آهي، جو نہ ادنيٰ ۾ ادنيٰ درجو هجي، جنهن تي ايمان جو اطلاق ٿي سگهي ۽ جنهن سان ايمان صحيح ٿي سگهي، تہ ان وقت اهو علم اعمال خارجيہ قوليہ ۽ فعليہ ۾ تبديل ٿيندو آهي، جنهن ڏانهن ترجمان معصوم ڪتاب عزيز جي قائم ڪندڙ عليہ الصلواة والسلام جن سڏيو ۽ ترغيب ڏني آهي. ۽ جنهن سان مڪلف حق تعاليٰ سبحانہ جو قرب ۽ ويجهڙائي حاصل ڪندو آهي.

هيءَ عمل جڏنهن علم جو عين آهي تہ پوءِ قلت ۽ ڪثرت، قوت ۽ ضعف ۾ علم جي مقدار مطابق هوندو. ان مان ظاهر ٿيو حڪمت جي معرفت لاءِ فلسفين جي هن ڳالهہ ڄاڻڻ جي ڪابہ ضرورت ناهي تہ اها شين کي، جيئن اهي آهن، سڃاڻڻ جو نالو آهي. ڪن ان ۾ شين کي سڃاڻڻ جي لفظ سان گڏ "انهن جي مقتضا تي عمل ڪرڻ" جا لفظ بہ وڌايا آهن. ڇاڪاڻ تہ معرفت جو صرف يقين جي مرتبي سان تعلق آهي. ان ڪري جڏنهن ادراڪ معرفت کي پهچندو آهي، تہ لازمي طور عمل ۾ تبديل ٿي ويندو آهي. ۽ ان جي صورت آذار وجود حسي عينيءَ ۾ ظاهر ٿيندو آهي."

جيئن حيوان ڪمال جي حد کي پهچندو آهي ۽ حيوانيت ۾ مڙئي اطوار رحيميءَ کي پهچندو آهي، تہ بدلجي انسان ٿي پوندو آهي. مٿس لازمي طور نفس ناطق جو فيضان ٿيندو آهي. ۽ حيوانيت جي اها حد انسانيت جو عين آهي. ۽ هن مخصوص نوع جي مخصوص جنس مان هڪ معين حصو آهي. جنهن ماٿهوءَ حيوانيت جو هيءَ مقام ۽ مرتبو سڃاتو ۽ ان جي مخصوص تعريف کي پهتو تہ جڻ انسانيت کي ان جي خصوصيتن سميت سڃاڻي ورتائين.

هن جڳہ تي مخدوم موصوف هڪ مسئلو ضمني طور تفريع ڪيو آهي. جيڪو معتزلن جو مسلڪ آهي. جنهن کي مخدوم صاحب هنن لفظن سان بيان ڪيو آهي:

"هن مان ئي انهن جو قول نڪتو آهي. جن جو چوڻ آهي: تہ عملَ بہ ايمان ۾ داخل آهن." اسان بہ هن بنياد تي اهو چئون ٿا. ۽ اهو ڪيئن نہ چئجي جڏنهن تہ سفير مترجم صلي الله عليہ وسلم جن، جيئن جسماني عملن جي ترغيب ڏني آهي، تيئن قلبي عملن جي ترغيب ڏني آهي. جيئن عزم ۽ نيت. بلڪ اهو سيني جو بنياد ۽ مغز آهي."

ان کان پوءِ ساڳئي مسئلي جو بيان ٿو ڪري:

”جنهن شخص مثال طور نماز تي ايمان آندو ۽ سندس اهو ايمان ان حد کي پهتو جنهن کي اسان سيني جي ٽڏڪار جو نالو ڏنو آهي. ته ان جي به هڪ صورت آهي. جيڪا اعمال جوارح مان آهي. ان طرح علم جون پنهنجي مرتبن ۾ سير جون حدون آهن. جڏهن انهن کي پهچندو آهي ته مخصوص عين، معين حالت، مخصوص ذوق، مخصوص هيئت ۽ مخصوص قوت ۾ لازمي ۽ طبعي طور تي تبديل ٿيندو آهي.

## طبيعت عنصريءَ جو مثال:

جيئن طبيعت عنصري پنهنجي اطوارن: جماد، نبات، حيوان ۽ انسان ۾ تبديل ٿيندي آهي. بيشڪ الله جنهن پاسي گهري تنهن پاسي ڏانهن ان جون به سير ڪرڻ جون حدون ۽ منزلون آهن. جڏهن طبيعت عنصري انهن حدن کي پهچندي آهي ته هڪ طور کان ٻئي طور ڏانهن تبديل ٿيندي آهي. ۽ هڪ حقيقت کان ٻيءَ حقيقت ۾ بدلبي آهي. ۽ ان جو اهو تبديل ٿيڻ اهڙو لازمي فطري ۽ عنصري هوندو آهي، جو اها طبيعت عنصري ان آخري نقطي کي پهچڻ کان پوءِ، جيڪو نقطو منزلن ۽ حدن جي معين حد جو حصو هوندو آهي، ڪڏهن به پوئتي نه هٽندي آهي.

## بحث جو نتيجو:

مٿئين بحث جو نتيجو مصنف هن طرح بيان ٿو ڪري:

”هن مان ظاهر ٿيو ته حال، وجود حسي ۽ غير حسيءَ ۾ عالم وجدان طرف ڪمال تنزل ۾ علم جو عين آهي. ۽ اهو عالم عيني ۽ علمي حسيءَ وچ ۾ برزخ شريف آهي. جنهن ڏانهن علم جو عملن جي صورت ۾ نزول ٿيندو آهي. ۽ برزخ مڙني اطرافن تي مشتمل هئڻ ڪري ٻنهي طرفن کان اشرف آهي. ۽ احوال جو علمن ۽ اعمالن جي مٿان فضيلت رکڻ جو پڻ اهوئي راز آهي.“

## علم جو قوت شعور ڏانهن تنزل:

علم جو هيءَ تنزل پوئين تنزل کان ٻنه ٻي جهت ۾ آهي. موصوف ان جو بيان هن طرح ٿو ڪري:

باقي علم جو قوي ۽ مشاعر ڏانهن جيڪو تنزل آهي، سو هن اعتبار کان آهي، ته علم جڏهن تبديل ٿيندو آهي. ۽ الاهي واردات مان هڪ واردات ٿيندو آهي ۽ اهي وارداتون ماٺهو جڏهن لهندو آهي، ته انهن کي اهڙي ذوق سان چکندو آهي، جيڪو ان کي عالم تجرد لاءِ عنايت ٿيو آهي، ته پنهنجي رب کي عالم مادي ۽ بدنيءَ ۾ ڏسي سگهي. ته ان وقت ان کان هر جسماني قوت باطني توڙي ظاهري ماڻي وٺندو آهي. بلڪ جسم جو هڪ هڪ جز ان جي ظاهر توڙي باطن مان ماڻيندو آهي. ۽ ان جي هر جزي ۾ قوت آهي. ۽ هر قوت ۾ ذوق آهي. جيڪو حق تعاليٰ کان عطا ٿيندو آهي. جيڪو سيني کي عطا ڪندڙ آهي. ۽ وٽائنس هميشه رزق گهرندڙن وٽ خير محض جو فيضان ٿيندو آهي. ۽ اهو انهن عارفن جي هٿان ٿيندو آهي، جيڪي انهيءَ رزق ۽ عطا جي لهڻ لاءِ مخصوص آهن. ۽ اهو الاهي هديو ۽ عطا آهي.

اهي قوتون ان وارد جي اچڻ ۽ ان جي معيت جي پاڻيءَ سان جڏهن جڙنديون آهن، ته اهي پنهنجي نفس ۾ وڌنديون آهن ۽ ائين ڦٽنديون، گونچ ڪڍنديون آهن جيئن وڻ، جڏهن ان کي پاڻي ملندو آهي، ته

ڦٽندو ۽ وڌو ٿيندو آهي. نفس قوت کان جيڪو مٿي وڌيو ۽ ڦٽو آهي، سو بہ قوت آهي: جيئن نفس وڻ مٿان جيڪو ڦٽندو ۽ وڌندو آهي، سو وڻ هوندو آهي. ۽ اها قوت جيئن تو چاتو تہ تنزل ثانيءَ ۾ علم آهي.

## علم جو جواهر مجرده ڏانهن تنزل:

باقي علم جو جواهر مجرده ڏانهن تنزل، جيڪي اهڙي حالت جو غير آهن، جيڪا جاء والارڻ کان خالي ۽ وصل ۽ وٿيءَ کان پري آهي. جنهن جي طرف شيخ اڪبر پنهنجي دعا ۾ علم جي، ان جي صورت ڏانهن تنزل جو اشارو ڪيو آهي. جڏهن چيو اٿس: الاهي! تنهنجي ذات فيض بخشيندڙ آهي. جنهن وٽان روحاني جوهر فيضان ٿيندا آهن. نہ منتصل نہ منفصل. اهو هن طرح جڏهن الاهي حقيقتون ان معرفت قاهره جي صورت ۾ جواهر روحانيہ مدرڪ انسانيءَ تي ظاهر ٿينديون آهن، تہ لطيف ۽ باريڪ واردات ۾ تبديل ٿينديون آهن ۽ ان جوهر جو عين تي پونديون آهن ۽ ان کان جوهريت جو اڪتساب ڪنديون آهن. جنهن کان پوءِ لازمي طور ٻيو شخص تي پونديون آهن. پر ان جو ان جوهر مدرڪ سان ربط هوندو آهي. ڇاڪاڻ تہ اهو حقيقت ۾ ان جو علم هوندو آهي. ۽ علم عالم تي حڪم لڳائيندو ۽ ان تي فيض جي پالوت ڪندو آهي. ۽ ڪڏهن اها معرفت عزم تي پوندي آهي. ۽ اهو عزم جسماني عمل تي پوندو آهي. ۽ اهو عمل جوهر روحانيءَ ۾ تبديل ٿيندو آهي. جيئن ڪن عملن لاءِ چيو ويندو آهي، تہ اهي ملائڪ تي پوندا آهن ۽ پنهنجي ڪندڙ لاءِ قيامت تائين مغفرت جي دعا گهرندا آهن ۽ اهو استغفار ۽ دعا فيضان جي ڳانڍاپي جو نتيجو آهي. جنهن جو اسان بيان ڪيو. ۽ علماء اشراق اول اهو واضح چيو آهي تہ، ڪي هيئات نفسانيہ آهن، جن مان ملائڪن جو قسم حاصل ٿيندو آهي. ۽ هيئتون، جيئن تو چاتو، تہ علم ئي آهن. ۽ اها بہ تصريح ڪئي اٿن تہ هيئتون سنيون بہ آهن تہ خراب بہ. انهن جي مناسبت سان اهي برازخ علويہ ۾ حاصل ٿينديون آهن. اهو افلاطونيہ وانگر ناهي. اها نوري محض آهي. ۽ هيءَ يا روشن ٿينديون آهن يا اونداهيون. چيو اٿن تہ هنن ڳالهين سان نبوت جا وعيد ثابت ٿيندا آهن. ۽ ان سان ئي جسمن ۽ صورتن جو اٿڻ سچو ٿئي ٿو. ۽ اعمال جي جواهر ۾ تبديليءَ سان بحر عظمت ۽ جلال ڇوليون هڻندو آهي. هيءَ توکي ٻڌائي ۽ تنهنجي رهنمائي ڪري ٿو تہ اعراض مادي جوهرن ۾ تبديل ٿيندا آهن. ۽ ان ئي طرف اشارو آهي ان ارشاد ۾ جيڪو شيخ اڪبر رضي الله تعاليٰ عنہ فرمايو آهي: مؤمن جون حالتون ۽ ان جا تڪليفي عمل هن شهودي ۽ دنياوي نشائت (زندگيءَ) ۾ جواهر ماديہ ۾ تبديل ٿيندا آهن. شريعت مبين مان اسان کي حقائق ائين نہ پهتا آهن. جيئن ان جي جوهر روحانيہ مان پهتا آهن. ۽ نشائت اخرويہ ۾ جواهر ماديہ مان پهتا آهن. ان وٽ جيڪو نشائت اخرويءَ کي مادي ٿو سڏي ۽ اهو بيان تہ اها مادي آهي يا مادي کان محروم آهي ان کي اهڙي مثال کان هيٺ ٿو لاهي، جيڪو حواس ظاهره سان محسوس ٿئي ٿو. هيٺ لهڻ ۾ مثال کان مادي طرف پهچندڙ ناهي. جيئن اهو رسالي "اجويہ" ۾ حجة الاسلام جو مذهب آهي. رئيس الحڪمت جو جيڪو مذهب آهي سو اسان جي بعض تصنيفن مان ڏسي سگهجي ٿو. هن قول: تہ اشباح ۽ اجساد اخروي بعض علوي برزخن ۾ مثالي صورت اختيار ڪندا آهن." ۽ هن قول: تہ اهي مرتبہ مثال ۽ شهادت ماديہ عنصريہ ۾ محسوس ٿيندڙ جسم آهن" جي وچ ۾ فرق سمجهدار تي واضح آهي. ۽ اهو بہ ظاهر آهي تہ ٻيو قول پهرئين کان شرعي نصوص جي وڌيڪ مطابق آهي.

## آسمان کان لهندڙ يا پيش ايندڙ نعمتون يا مصيبتون بہ علم ۽ ايمان جو تنزل آهن:

باقي آسمان کان لهندڙ ۽ طاري ٿيندڙ مصيبتون يا نعمتون جيئن بيماري ۽ صحت، ڏک ۽ خوشي، نفعو ۽ نقصان ۽ ان جهڙيون ٻيون مصيبتون ۽ نعمتون جيتوڻيڪ اهڙيون شيون آهن، جن سان جهت نوريہ قوي ٿئي ٿي ۽ هيولائي اونده زائل ٿئي ٿي، پر اهي ٻانهي جي ايمان ۽ علم جو تنزل آهن. ۽ ان قسم جون طاري ٿيندڙ شيون صالح عملن جون صورتون آهن. جيڪي ٻانهي لاءِ رحمت ۽ نور جي موجبات کي حاصل ڪن ٿيون. ۽ عملَ ان کان سواءِ ڪجهہ ناهن. تہ اهي دنياوي نشائت ۾ علم جو تنزل آهن. البتہ نشائت برزخيءَ ۾ ايمان ۽ علم سڀني حالتن، واردات ۽ هيئتن ڏانهن تنزل ڪندو آهي. ترجمان اعظم مٽس الله جون صلواتون ۽ سلام هجي، پنهنجي دراسات ناموسيہ حقہ ۾ هنن جواهر برزخيہ جي خبر ڏني آهي ۽ اها خبر ڏني آهي، تہ علم مهذب، تعبدي ۽ مقرب عملن ۾ تبديل ٿيندو آهي. ۽ عمل موطن برزخيہ ۾ مثالي جوهرن ڏانهن نهايت سٺين صورتن ۾ ۽ مَڪمل الفت ۽ انسيت ۾ جواهر روحانيءَ ۾ تبديل ٿيندا آهن. جيئن انهن تي مخفي ناهي. جيڪي ان جي منزلن جي سڃاڻڻ لاءِ حديث جي ڪتابن ۾ توجه ڪن ٿا. ۽ سنڌن معارف ۽ اسرارن سان پاڻ کي منور ڪن ٿا. صلواة الله وسلامہ عليہ عليٰ ماهو وڪما عليہ.

## تنزل جو هڪ ٻيو ڏاڪو:

هيءُ ان علم ۽ عملن ۾ آهي، جيڪي دنياوي نشائت ۾ حاصل ٿين ٿا. البتہ جيڪو علم برزخ ۾ جوهر مدرڪ خاص کي حاصل ٿيندو آهي. ان جي بہ هڪ حد آهي، جيڪا ان موطن جي مواقف آهي. جڏهن اهو ان حد کي پهچندو آهي تہ وارد ٿيندڙ حال ۽ روحاني هيئت جي قسم جي عين ۾ نزول ڪندو آهي. جڏهن تہ اهو پنهنجي حقيقت ۾ علوم روحانيہ آهي. جيڪو انهن واردات ۽ صورتن ڏانهن تنزل ڪري ٿو. جڏهن حقيقتن جي پنهنجي ظهور ۾ برزخ جي هيولات جي اونداهين مان آجو ٿيندڙ مجرد مثان مهميز سخت هوندي آهي تہ ان لاءِ اها قوت ۽ سرايت ماڻيندي آهي. ۽ ان ۾ روح جي سرايت لطيف هوندي آهي. ان جو جوهر مثاليہ ۾ تبديل ٿيڻ محال ناهي. ڇوتہ جڏهن تہ سيد السفراء کان برهان قاطع قائم ٿي چڪو آهي، تہ دنيا جا علوم انهيءَ نشائت ۾ لطيف جوهرن ۾ تبديل ٿيندا آهن. ان ڪري انهن جوهري مثالن ڏانهن ان جي علمن جو تبديل ٿيڻ وڌيڪ اولي ۽ صحيح آهي.

ان کان سواءِ ملائڪ، جن جي ميت وٽ حاضر ٿيڻ بابت ناطق حق الاهي ﷺ جن پنهنجي حديثن ۾ ڳالهايو آهي، تہ پوءِ تہ اسان جو اهو چوڻ اويرو ۽ پري نہ ڇنبو تہ ان ۾ روح ۾ تبديل ٿيا يا برزخ ۾ آخرت ۾ بہ ان جي موافق هوندا. جيئن دنيا ۽ برزخ ۾ هر هڪ موطن جي مناسب صورت ۾ هئا. ان تي اسان الله جل جلالہ جي قول مان دليل ٿا وٺون. جنهن ۾ وٽس حاضر ملائڪن کان حڪايت ڪندي ذڪر ڪيو ويو آهي. "نحن اوليائكم في الحيات الدنيا و في الآخرة"

## نشآت اخروي ۾ تنزل:

نشآت اخرويءَ ۾ ايمان ۽ علم انهن ٻنهي مواطن ۾ تنزل ڪندو آهي، جيڪي گذريا. علمن جو جوهرن ڏانهن تنزل، انهن ٻنهي مواطن کان واڌاري آهي. جواهر مادي جيئن: حورون، محل، وڻ ۽ ٻيون جمال

جي مقام جون شيون، جيڪي پسنديده راءِ مطابق سڀ مادي آهن. جيتوڻيڪ لطافت جي آخري مرتبن کي پهتل آهن. ڇاڪاڻ جو ان ۾ روحانيت جا احڪام غالب آهن. ۽ سيني ۾ حياتيءَ جي سرايت به هوندي آهي. اسان انهن جي مادي هئڻ جو فيصلو جيڪو ڪيو آهي، سو ان ڪري ته سفراء معصومين عليهم الصلواة والسلام پنهنجي فرمانن ۾ اخروي موطن جي باري ۾ اها شاهدي ڏني آهي ته اهو عالم شهادي ۽ عنصري آهي. ۽ عنصريءَ سان مادو لازمي هوندو آهي. جيڪا ساڳيءَ طرح آسمانن جي هئڻ بابت به شاهدي آهي. جڏهن ته اهو موطن لطافت عنصريه جي فعليت تامہ ڏانهن پهچڻ جي جاء آهي. پنهنجي نفس ۾ بنا ظاهر ٿيڻ ۽ لڪڻ جي. قوت ۽ استعداد کان غايت درجي جي فراغت ۾ هن حيثيت سان ته ان ۾ استعداد جو مرتبو باقي نہ رهي. جيڪو منتظر آهي ان کان پوءِ ظاهر نہ ٿئي. ۽ اهو آسمان ۾ رهندڙ عنصري ملائڪن کان به لطافت ۾ وڌيڪ لطيف آهي. اسان لڪڻ ۽ ظاهر ٿيڻ کي نفس لطافت سان مقيد ڪيو آهي، سو ان ڪري ته اها ٻن الڳ الڳ مدرڪن ڏانهن ڏسڻ جي صورت ۾ ان لاءِ ثابت ٿيندي آهي.

ترجمان اڪبر کان تمام گهڻيون روايتون اچي چڪيو آهن ته ان ۾ علم جو غايت درجي جو تنزل ۽ عالم عيني حسي شهاديءَ ڏانهن ظهور آهي. هنن اخروي جسمن جا عنصر غايت درجي جي لطافت وارا چونہ هجن. حالانڪ حقيقت ۾ هيءُ الله ۽ سندس نالن جو علم آهي. ان جي تنزل جا ڪيترائي درجا آهن. جن درجن کان پوءِ اچي هن مقام تي پهتو آهي. اسان عنصر اخرويءَ جي عنصري ملائڪن کان وڌيڪ لطيف هئڻ جو فيصلو صرف ان ڪري ڪيو آهي ته آثار آسمانن ۽ انهن ۾ جيڪو به ڪجهه آهي، تنهن جي فنا جي شاهدي ڏين ٿا. ۽ اهو لطافت جو نقصان ۽ ڪمال جي اعتبار کان حڪم آهي. عالم ارواح مجرده جو قرب ۽ بعد جي اعتبار کان شبه جو درجو مختلف آهي. ۽ جڏهن ان جي لطافت، ان جي فعليت تامہ جي طرف ان جي طبيعت عنصريءَ ۾ ممڪن مرتبن جي انتها طرف ظاهر ٿيندي آهي. ۽ ان جي مرتبن طرف سير ۾ لطائف جي آخري مرتبن کي پهچندي آهي. ۽ تجرد جي پهرئين درجي کي پهچندي آهي. جيئن آخرت جي موطن آهي. ته اسان ڪون ۽ فساد جي ان طرف اچڻ کي تسليم نہ ڪنداسين. اسان هتي ان جي منع ڪرڻ جي درپي آهيون. جيڪو فلسفين مدت ۽ مادي جي تلازم جو چيو آهي. ڇاڪاڻ جو اسان ڏسون ٿا ته معدوم موجود نہ ٿيندو آهي. ۽ موجود معدوم نہ ٿيندو آهي. ان ڪري معدوم ازل ۽ ابد کان معدوم آهي. ۽ موجود ان طرح موجودئي آهي. صرف ڪون (هئڻ) غائب ۽ ظاهر ٿيندو آهي. اهو مختلف مواطن ۽ مختلف نشائتن جي احڪامن جي مطابق بعض مرتبن جي بنسبت ٿيندو آهي. جيئن انساني حواس بعض کان سواءِ، جيئن خيال متصل يا منفصل يا جيئن اسان جو چوڻ يا عقول مجرده يا علم اول جل شانہ. ۽ هن ڪمون ۽ بروز (لڪ ۽ ظاهر) لاءِ عدم به آهي وجود به آهي. ڪون به آهي فساد به آهي. مواطن جي حڪم مطابق ۽ مراتب مدرڪ جي بنسبت ان کي عارض ٿيندا آهن. ان مان اهو نہ سمجه ته جيڪو لڪي ٿو ۽ ظاهر ٿئي ٿو سو مادو آهي. جيڪو هر موطن جي موافق صورتن ۾ تبديل ٿي رهيو آهي. بيشڪ صورتون معدوم ٿين ٿيون ۽ موجود ٿين ٿيون. ڇاڪاڻ ته صورتون جڏهن تو وٽ موجود آهن، ته انهن جو عدم ۾ قدم ناهي. بلڪ انهن جو عدم، تنهنجي حس کان انهن جو لڪڻ آهي. جيئن پاڻي گرم ٿئي ٿو ته ظاهر ۾ فنا ٿي وڃي ٿو. ۽ تنهنجي حس کان غائب ٿي وڃي ٿو. ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي ته پاڻيءَ

جي صورت معدوم نہ ٿي آهي. بلڪ هوا جي باطن ۾ لڪي وئي آهي. صورت هوائيہ جيڪا پاڻيءَ کي لڳي آهي، سا عدم مان نہ لڌي آهي. بلڪ پاڻيءَ ۾ لڪل هئي ۽ پوءِ ظاهر ٿي آهي. ڇاڪاڻ تہ پاڻي غليظ هوا آهي. ان طرح هر صورت هر موطن. هر لڪ ۽ ظاهر ۾ ٿيندي آهي. پوءِ ان کي ان جي احڪامن ۽ خواص مطابق هر برزخ مطابق سمجھ ۽ اهو سمجھ تہ اهي ٻئي يعني عدم ۽ وجود هڪ ٻئي ۾ تبديل نہ ٿيندا آهن. يعني عدم وجود ۽ وجود عدم نہ ٿيندو آهي.

سيني وجودن: ذهني، علمي، مادي، روحاني، جوهري وغيره جي سمجھائڻ ۽ انهن جي لڪڻ ۽ ظاهر ٿيڻ جي لقائن انهن جي تنزلات جي گوناگون سلسلن سمجھائڻ کان پوءِ ڳالهہ کي وحدت الوجود جي تصور جو استدلال بنائڻ جي وبجهو آڻڻ لاءِ انهن سيني لقائن کي نفس رحمانيءَ جي سرمدي توجہ ۽ ذات واجب جي لڪ کان ظاهر ۽ ظاهر کان لڪ طرف چوليون هڻڻ قرار ڏئي ٿو. لکي ٿو:

اسان رحمان جي نفس کي سرمدي طور متوجہ ڏسون ٿا. ۽ طبيعت کي هميشہ مختلف لباسن ۾ ملبوس ڏسون ٿا. ان طرح هو هميشہ متوجہ رهي ٿو. ۽ هيءَ هميشہ مڙني مرتبن مواطنن ۽ برزخن ۾ الاهي صورتن ۾ وجود وٺندي رهي ٿي. ايستائين جو الاهي امر هڪ گهڙي بہ معطل نہ ٿو ٿئي. ڇاڪاڻ تہ خير محض کان خير ۾ تعطل صحيح ناهي. تنهن ڪري صورتون وجود وٺن ٿيون ظاهر ٿين ٿيون. اڳتي اچن ۽ لڪن ٿيون. اهو قبول نفس جي استعداد مطابق ٿيندو رهي ٿو. پيدا ٿيڻ جو عمل هر نفس ۾، دنيا ۾ توڙي برزخ ۾، توڙي آخرت ۾ نئون آهي. حقيقتون ڪون ۽ اکوان جي هنن هڙني مواطنن ۾ وجود ۽ عدم ۾ تبديل نہ ٿيون ٿين. بلڪ ائين ٿو ٿئي تہ وجود ظاهر کان باطن طرف ۽ باطن کان ظاهر طرف چوليون هڻندڙ رهي ٿو. تنهن ڪري بقا فنا جي لحاظ کان دنيا ۽ آخرت جو معاملو هڪ ئي آهي. البتہ ايترو آهي تہ ڇاڪاڻ تہ دنياوي عنصر مٿان ڪثافت غالب هوندي آهي تنهن ڪري ان جي نشائت ۾ استحالت، تغير، ظاهر ٿيڻ ۽ لڪڻ گهڻو ٿيندو آهي ۽ اهو مڪمل ٿيندو آهي. ايستائين جو ان جي هر نفس ۾ نئين سر ڪليت ٿيڻ ان جي جزوي مواد کي ظاهر ڪندو لڪائيندو آهي. اهڙي حيثيت ۾ جو ان جي زوال ۽ ان جي صورتن جي زوال کي پهچندو آهي. جڏهن تہ آخرت جو عنصر لطافت ۾ مڪمل هوندو آهي. ان ڪري ان جي جزوي مواد ۽ صورتن لاءِ محسوس ٿيندڙ زوال نہ هوندو آهي. سواءِ تجدد آني نفسيءَ جي، جنهن جي سرعت ۽ تيزي محسوس نہ ٿيندي آهي.

هيءَ جيڪو لڪڻ ۽ ظاهر ٿيڻ ذڪر ٿيو. تنهن مان معلوم ٿيو تہ علويات ۽ سفليات ٿيڻ جنهن مان ناموس اڪبر جي چوڻ مطابق، جيڪو الله گهر سو مستثنيٰ ٿئي ٿو سو مڪمل لڪڻ جو نالو آهي. جنهن کي فنا مطلق ۽ عدم محض سان تعبير ڪيو ويندو آهي. اهو شين جو علم حق اول ڏانهن موٽڻ آهي. ۽ حقيقت ۾ اهو وجود جو معدوم ٿيڻ ناهي. ڇاڪاڻ تہ علم خارج ۾ موجود آهي. نہ علم، ايستائين جو تسلسل محال لازم ايندو. جيڪڏهن خارج جو هڪ قسم هوندو ان جو قسيم نہ هوندو تہ علم ۾ موجود، خارج جي هڪ قسم ۾ موجود هوندو. ۽ خارج ۾ موجود ان ۾ معدوم نہ ٿيندو.

هن باب جي آخري ڳالهہ اها آهي تہ خارج جي هن قسم ۾ موجود علم ئي آهي: پر جڏهن ان مان ٻئي قسم ۾ موجود جو قسيم ٿيو جيڪو خارج ۾ علم جو مقابل آهي، تہ علم ۾ موجود ان جي مقابل خارج ۾

معدوم هوندو. پوءِ معدوم اضافي ٿيندو ۽ معدوم اضافي ئي ان موطن ۾ موجود هوندو آهي. جيڪو پئي موطن کان لڪل هوندو آهي، پر جڏهن لڪڻ هر موطن ۾ جيئن تو جاتو تہ مواد ۽ صورتن تي مشتمل هوندو آهي تہ اعيان جو پنهنجي شخص ۽ صورتن سان موٽڻ تي تنهنجو ايمان سولو نہ ٿيندو. جيتوڻيڪ اهو ثابت ٿي چڪو آهي تہ حق واريءَ شريعت ان طرح بيان ڪيو آهي. امثال جي تبديليءَ جو نہ چيو آهي، ڇاڪاڻ تہ ان صورت ۾ موٽڻ لڪل شيء جو ظاهر ٿيڻ آهي. جيڪو شخص جي عين ۾ تبديل ٿيڻ کي لازم نہ ٿو ڪري.

تو جڏنهن آخرت ۾ علم جو مادي جوهرن ۾ تبديل ٿيڻ جاتو ۽ اهو جاتو تہ عنصر اخروي ئي لطافت جي آخري نقطي تي پهچندڙ آهي. ايستائين جو اهو لطافت عنصريہ. لطافت روحيہ. تجرديہ ۽ برزخ جامع وچ ۾ انهن جي احڪامن جي لحاظ کان حد مشترڪ آهي. تہ هاڻي توتي واجب آهي تہ ان نقطي جا ان موطن جي جوهرن ۾ جيڪي درجات آهن. انهن جي ڄاڻ حاصل ڪر. اهي بہ قسم آهن.

پهريون قسم: جنهن جو مادو ڇا ارڪان اصلي دنيوي آهن. اهي موٽندڙ بدن آهن. اهو قسم پنهنجي اطوارن: بساطت، ترڪيب، لڪ، ظاهر، خلع ۽ لُبس ۾ تبديل ٿيندو رهندو آهي. ايستائين جو تمام انتها درجي جي لطافت کي وڃي پهچندو آهي. مرتبن کان سير ڪندو، هن نشائت کان نشائت اخرويءَ ڏانهن منتقل ٿيندو آهي. روحاني قوتن تي حاوي هوندو آهي. جهڙوڪ روح مجرد آهي.

ٻيو قسم: جنهن جو اصل الله ۽ ان جي صفتن ۽ اسماء جو علم آهي. سو دنيا ۾ عملن جي صورت ۾ تنزل ڪندو آهي. ۽ اهي اعمال نشائت اخرويءَ ۾ مادي جوهرن ۾ تبديل ٿيندا آهن. مادي جوهر: حورون، ماڙيون، وڻ، نهرون، ۽ هر اها شئي جيڪا مستقر جمال ۾ جوهرن جي قسم جي لڏي ويندي. ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ ٻيو قسم جنهن جو اصل جوهرن جو علم آهي. سو پهرئين کان وڌيڪ لطيف آهي. جنهن جو اصل اعمال آهن ۽ اهي اعراض آهن. ان کان وڌيڪ لطيف آهن اهي جن جو اصل جوهري ارڪان آهن. ڇاڪاڻ تہ جهت نوري جواهر جي بنسبت اعراض تي غالب آهي. جيئن محققن ان جي تصريح ڪئي آهي. ڇاڪاڻ تہ اها تنزل ۾ قدسي بطون جي وڌيڪ ويجهو آهي. بنسبت طبيعت جي تدنيس جي. ان ڪري عالم طبيعت ڏانهن تنزل ۾ ان کان وڌيڪ منزه آهي، تہ تحيز سان متدنس ٿئي. جيڪڏهن هِنَ ۽ هُنَ کان قطع نظر ڪريون ۽ فرض ڪريون تہ هيءَ اخروي ماديات ابداع جي طور ليس مطلق کان ايس مطلق ڏانهن حقيقت علميہ ۽ عمليہ جي تنزل کان بنا نڪتيون آهن. پوءِ ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ اهي لطافت جي ان نقطي تي اچانڪ لڏيون ويندڀون، خلع، لبس ۽ ڪثافت جي اطوارن ۾ لطافت ڏانهن تبديليءَ بنا، جيئن مواد ابدانيہ عوديہ ۾ ٿيندو آهي. ان ۾ ڪوشڪ ناهي تہ ٻيو قسم پهرئين کان وڌيڪ لطيف آهي. ڇاڪاڻ تہ روشن جوهر صاف پٿرن ۽ روشن موتين کان وڌيڪ لطيف هوندو آهي. ۽ دنيوي جوهر جي ڪثافت جي ڪري هن نشائت ۾ علم مادي جوهرن ڏانهن تنزل نہ ڪندو آهي. نہ تہ محسوسات ۾ لطيف اخروي جسمن ۾ لڏو ويندو آهي. پوءِ ان مان قوتون عقبيٰ جي لذت حاصل ڪنديون آهن. ۽ اهو اجل مسمي تائين تاخير ۾ حڪمت جي خلاف آهي.

ان مان ظاهر ۽ واضح ٿيو تہ ايمان اڪوان عينيہ. جن جو اسان ذڪر ڪيو تن کان مواطن، برازخ ۽ مڙني نشائتن ڏانهن تنزل ڪندو آهي. باوجود ان جي علم هئڻ جي. جيڪو عين جو مقابل آهي. جڏنهن اهو واضح ٿيو تہ اهو بہ واضح ٿيو تہ ڪفر بہ انهن مڙني اڪوان ڏانهن مواطن ۾ تنزل ڪندو. ۽ اهي عملَ ڦري احوال، وارداتون، هيئتون ۽ اخلاق هيولائي ظلماني ٿي پوندا. ان کان پوءِ اهو مشاعر ۽ مدارڪ (شعور ۽ ادراڪ) لاءِ زائد قوت ٿيندو. جنهن مان حاجب جو انحراف قوت حاصل ڪندو. هنن ظلمتن ۽ هيولائي هيئتن جي تراڪم مان ڪڏهن جواهر خبيثہ شيطانيہ متولد ٿيندا آهن. پوءِ ان مان غواش مدلهم جي ارواحن لاءِ مدد پهچندي آهي. اهڙيءَ ئي طرح مصيبتن ۽ نعمتن مان طوارق سماويہ ڏانهن تنزل آهي. ڇاڪاڻ تہ محبوب جي مٿان نعمت ان جي حجاب علميءَ مٿان نزول جي صورت آهي. جنهن سان جهنم جي درڪات بعد ۽ ضلال ڏانهن چڙهندي آهي. الله عزو جل فرمايو آهي: "فلما نسوا ماذڪروا فتحنا عليهم ابواب ڪل شيءِ حتيٰ اذا فرحوا بما اوتوا اخذناهم بغتة فاذا هم مبلسون". ۽ مصيبتون ڪافر کان لهڻ واريون نہ هونديون آهن. بلڪ ان کي بعد ۽ حجاب جي هاويہ ڏانهن گهلي وينديون آهن. جڏنهن اهو جزع ۽ شڪوي جو وارث ٿيندو ۽ اهو ڪفر آهي ۽ علم انحرافي آهي. جيڪو وجود عينيءَ ڏانهن تنزل ٿو ڪري ۽ ڪفر هر صورت ۾ حجاب کي لازم ڪري وٺندو. جنهن کي هو دنيا ۾ لازم ڪري وٺندو هو. تهڙيءَ طرح برزخ ۾ بہ ان کي لازم ڪري وٺندو. برزخي صورتن جي ناطق مفصح صلي الله عليہ وسلم جن وچن ۽ نانگن سان خبر ڏني آهي. ۽ اهو صور مثاليہ ڏانهن ڪفر، ان جي عملن ۽ احوالن جو تنزل آهي. ان کان پوءِ اهو نشائت اخرويہ ۾ جواهر ماديہ باهہ ۽ ان ۾ جيڪي شيون آهن. جيئن ٿوهر، گرم پاڻي، پونءِ، التي، رنجيرون، ڳٽ ۽ ٻيون سڀ اهي شيون جيڪي مستقر جمال ۾ لڌيون ٿيون وڃن، تن ڏانهن تنزل ڪندو آهي.

تو جڏنهن علم جو عين ۾ تبديل ٿيڻ جاتو تہ هاڻي اهو بہ جاڻ تہ علم جڏهن ٻانهي جي عملن ۽ احوالن جي صورت ۾ عين ٿئي ٿو تہ اهو عين بنا مهلت جي علم ٿي پوندو آهي، بيشڪ تنهنجو علم جڏنهن ذوق، وجد، حال يا عمل جي طور تنزل ڪندو آهي تہ تون پنهنجي علم ۾ حدت ۽ زيادتي محسوس ڪندين جيڪا تو ان تنزل کان اڳ نہ لڌي هوندي. علم ۾ زيادتي بہ علم آهي. ان مطابق جيئن تو قوت ۾ جاتو. ۽ اهو علم حقيقت ۾ ان هيئت نفسانيہ ۽ حرڪت خارجيہ جو عين ئي آهي، جيڪا علم هئي پوءِ عين ٿي. ان کان پوءِ صورت عينيہ کان خالي ٿي، ساڳي علم ٿي. جيئن پهريائين هئي. ۽ جڏنهن علم ٿي تہ عين ۾ تبديل ٿي. ان کان پوءِ علم ان کان پوءِ عين وري علم وري عين ويندي لڳاتار علم جو درياء وهندو رهندو پوءِ ڦري عين ٿيندو ۽ عين سرمدي طور ٿيون هٽندو رهندو ۽ عمل ۾ ڇوليون هڻندو. هيءُ بطون ۽ ظهور جو حڪم آهي. هڪڙو ٻئي جو تعاقب ڪندو رهي ٿو. ڪون ۾ هر نفس جو تجدد بہ ان مان ئي آهي. يعني ان ۾ بہ ان طرح ٿيندو آهي. بيشڪ اهو جيڪڏهن تون سمجهين تہ علم اول تعاليٰ جو عين ۾ تبديل ٿيڻ. ان کان پوءِ عين جو هر نفس ۾ علم ۾ تبديل ٿيڻ ۽ لڳاتار ائين ٿيندو رهڻ ئي آهي.

مخدوم محمد معين جو مطلب آهي تہ هيءُ موجودات پڻ حقيقت علم اول تعاليٰ جو عين آهن. جيڪو عين ئي وري علم ٿئي ٿو وري عين ٿئي ٿو. ان طرح هيءُ موجودات خدا جي وجود کان ٻاهر جي شيءِ ناهن.

## وجود حقيقيءَ جا تنزلات:

وحدت الوجود جي موضوع جو هيءُ به هڪ اهم حصو آهي. جنهن جو سمجهڻ وحدت الوجود کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي. وجود حقيقي ڪهڙن مختلف مرتبن ۾ تنزل ٿو ڪري، انهن مرتبن جا نالا ڇا آهن. مخدوم محمد معين اهي پنهنجي رسالي "طريقة العون في حقيقة الكون" ۾ هن طرح سمجهايا آهن.

"وجود ۾ عين واحده کان سواءِ ٻيو عين ڪونهي. جيڪو وجود حق مطلق جو عين آهي. ان حقيقت وجود کي، جيئن اها آهي، بنا نسبتن ۽ اعتبارن جي، تجرد جي نسبت ٿي چوڻ هجي. وجود مطلق، ذات بحت، حقيقت ساريہ، هستي صرف، غيب هويت، غيب الغيب، ابطن البطون، هويت ذاتيہ، هويت مطلقہ ۽ احديت ذاتيہ چوندا آهن. حق تعاليٰ قرآن مجيد ۾ ان جو "پنهنجي نفس" سان تعبير ڪيو آهي. جڏهن چيو اٿس "ويحذركم الله نفسہ"

ان حيثيت سان اهو مرتبو علم، ڪشف ۽ شهود سان تعلق رکڻ کان بالاتر آهي. جيئن الله جي فرمان "ولايحيطون بہ علما" ۾ ان جي خبر ڏنل آهي. ان ئي مرتبي جي ايمان بابت شيخ اڪبر قدس سره فتوحات ۾ فرمايو آهي: عين کان اڻ ڄاڻائي منهنجو ايمان ۽ منهنجي توحيد آهي. هيءُ مرتبو تنزيه جي زبان سان تشبيه کان ۽ تشبيه جي زبان سان تنزيه کان پاڪ آهي. اها ذات پاڪ آهي جيڪا تشبيه سان تنزيه کان ۽ تنزيه سان تشبيه کان پاڪ آهي.

ان جا علم ۽ عين جي اعتبار کان، شهود ۽ ڪشف سان تعلق رکندڙ ڇه تنزل آهن. تنزلات جا هيءُ علمي ۽ عيني مرتبا ازل ۽ ابد کان غير منحصر ۽ غير متناهي آهن. اهي مرتبا تحقيق وقت ڇهن مرتبن ۾ منحصر آهن. ڪي پهرئين ۽ ٻئي تنزل کي ڪن احڪامن ۾ مشترڪ هئڻ سببان هڪ تنزل مڃيندا آهن. ۽ پنج تنزل چوندا آهن. مشهور بہ ائين ئي آهي ۽ قوم (صوفياء) جي زبان ۾ ان کي "حضرات خمسہ" چوندا آهن.

هن جڳه تي اهو مخفي نہ رهي تہ ذات علمي ۽ عيني جي انهن مڙني اعتبارن ۾، امتياز، اثبات ۽ اسقاط جي طور تعين ۽ تنزل جي حقيقت صرف مرتبہ علم ۾ آهي. نہ تہ ذات جو مرتبہ عين ۾ جيڪو ظاهر وجود آهي تنهن ۾ ڪوبہ تعين ۽ تعدد ڪونهي.

الله هو ۽ ساڻس ڪابہ شئي ڪانہ هئي، اهو هاڻي بہ ائين آهي جيئن هو. مخفي نہ رهي تہ هڪ تعين جو ٻئي تعين جي مٿان تقدم ذاتي آهي: هن معنيٰ سان تہ عقل جڏهن ملاحظو ڪندو تہ ذات جي بعض جي بعض مٿان تقدم جو حڪم ڪندو ۽ بعض جي بعض کان انتشار جو حڪم ڪندو. تقدم زماني ناهي. هن معنيٰ سان تہ زماني جي اعتبار کان هڪ جو علم ٻئي تي مقدم هجي. ڇاڪاڻ تہ علم حق تعاليٰ، ازلي ۽ ابدي طور حدوث ۽ تجدد جي شبهي کان بنا مڙني شين سان تعلق رکي ٿو.

### پهريون تنزل:

ذات سبحانہ و تعاليٰ جو هيءُ تنزل ڪلي شان سان آهي. (اهڙو ڪلي شان) جيڪو الاهي، ڪوني، ازلي ۽ ابدي شيون جو جامع آهي. هن طرح تہ پاڻ کي ان شان سان ڄاڻندو آهي. ان شان ڪليءَ سان

متلبس ذات جي صورت علميہ اڻ کي حاصل هوندي آهي. پر اهو تنزل ڪلي ۽ مجموعي طور هوندو آهي. ان ۾ شيونات هڪ ٻئي کان ڌار نہ هونديون آهن.

هن تنزل جي مرتبي جا چار اعتبار آهن.

**پهريون اعتبار:**

جيڪڏهن ان شان ڪلي اجماليءَ سان تقيد ۽ تلبس جو اعتبار ملحوظ هوندو تہ ان اعتبار جو نالو حقيقت محمديہ آهي.

**ٻيو اعتبار:**

جيڪڏهن گذريل ملاحظو ان شان ڪليءَ جي اعتبارن جي اسقاط جي اعتبار کان هوندو تہ ان اعتبار جي لحاظ کان ان کي احديت چوندا آهن. احديت مطلقہ ۽ احديت ذاتيہ نہ چوندا آهن. ڇاڪاڻ تہ اهو لاتعين جو مرتبو آهي. جيئن گذريو.

**ٽيون اعتبار:**

جيڪڏهن اهو ملاحظو اعتبار جي (اسقاط نہ پر) اثبات جي اعتبار کان ڪن ٿا تہ ان کي ان ملاحظي جي ڪري واحديت چوندا آهن.

**چوٿون اعتبار:**

ان شان ڪلي جمليءَ جي خاص مذڪوره ٻنهي اعتبارن اثبات ۽ اسقاط جي صلاحيت جي اعتبار کان آهي. جو ان اعتبار جي سبباں وحدت، برزخيت پهرين، برزخ البرازخ ۽ برزخ جامع چوندا آهن. ڇاڪاڻ تہ اها برزخيت احديت ۽ واحديت ۾ ڳانڍاپو ڪري ٿي. ۽ مڙئي برزخي حقيقتون ان ئي برزخ اڪبر ۾ داخل آهن. جيڪو برزخيت جي معني جي اتصاف سان اول الحقائق آهي. ان ئي تعين اول کي غيب مغيب، غيب اول، تنزل اول، مرتبہ اول، مرتبہ جمع، مرتبہ وجود، احديت جامعہ، احديت جمع، مقام جمع ۽ حقيقت الحقائق چوندا آهن. تسميہ جا اعتبارات انهن نالن مان ظاهر آهن. حڪماء (فلسفي) انهيءَ تنزل کي صادر اول، معلول اول ۽ عقل اول چوندا آهن. حديث نبوي ﷺ: تہ "پهرين جيڪا شئي الله پيدا ڪئي سا عقل آهي. يا "پهرين جيڪا شئي الله پيدا ڪئي سا منهنجو نور آهي." سا ان ئي مرتبي جو تعبير آهي. قرآن ۾ ان مقام جو نالو "اوادنيٰ" رکيو ويو آهي.

**ٻيو تنزل:**

ان کان پوءِ جيڪو الله تعاليٰ جو تنزل آهي، سو ان شان ڪلي اجماليءَ جي تفصيل جو تنزل آهي. هن طرح تہ پاڻ کي، انهن مڙني الاهي شيونن: ڪوني، ازلي ۽ ابدي سان، جيڪي شان ڪلي جمليءَ ۾ داخل ۽ بند آهن. تفصيل جي صورت ۾ ڏسندو آهي. (ان تفصيل جي صورت اها هوندي آهي تہ) هڪ کان پوءِ ٻئي شان کي هڪ ٻئي کان ذاتي تقدم جي اعتبار سان اڳي پوءِ ڏسندو آهي. ۽ هڪ ٻئي کان الڳ

ٿيندي ڏسندو آهي. هن کي تعين ثاني چوندا آهن. جيڪو چاڻ جو ٻيو مرتبو ۽ شين جي ظهور جو وطن آهي. ٻن تعينن وچ ۾ تميز علميءَ جي صفت سان تعين اول جي صورت جي حقيقت آهي. ۽ ان جمع ۽ اجمال جو تفصيل ۽ نکيڙ آهي. جيتوڻيڪ نسبت جي طور هجي. اهو مرتبو جيڪو مڙني فعلي ۽ مؤثر تعينن جو جامع آهي، سو متعين ٿيندو آهي. ۽ اهو مرتبو اجمالي الاهي آهي. ان کان پوءِ ذاتي تاخير سان اهو اجمالي الاهي مرتبو تفصيلي مرتبو ٿئي ٿو. جيڪو ان جمعيت جي نکيڙ جي صورت آهي. ۽ اهو تفصيلي مرتبو ”حضرات اسماء“ (مبارڪ نالن) جو آهي. ان کان پوءِ اهڙو مرتبو متعين ٿئي ٿو جيڪو مڙني انفعالي تعينن جو جامع آهي. تاثر، انفعال، تقيد وغيره ان جو شان آهي. اهو مرتبو جملي، ڪوني، خلقي آهي. ان کان پوءِ ان تعين ۾ مرتبي جملي ڪونيءَ جو تفصيلي مرتبي ۾ تعين ٿيندو آهي. جيڪو ان جي جمعيت جي نکيڙ جي صورت آهي. ۽ اهو حضرت عالم جو تفصيلي مرتبو آهي. ان کان پوءِ ان طرح ان تنزل ثانيءَ ۾ عالم جون حقيقتون اجمال، تفصيل، جمع ۽ نکيڙ جي اعتبار کان جنسن، نوعن ۽ صنفن کان ويندي شخصن جي مرتبي تائين ۾ متعين ٿينديون آهن. ۽ ان تعين جو پڻ حضرت واحديہ نالو رکيو اٿن: پر ان مان مراد واحديت منفصلہ هئڻ گهرجي. مجملہ نہ. ڇاڪاڻ تہ اعتبار مجمل جي ملڻ سان تعين اول جي مرتبي ۾ اطلاق ٿيندو آهي. جيئن گذريو.۽ ان تعين جو حضرت عمائيہ بہ نالو ونن ٿا. ڇاڪاڻ جو وحدت ۽ ڪثرت جي وچ ۾ برزخ ۽ حائل ٿئي ٿو. ۽ حق ڏانهن نقص جي اضافت کان نهايت ارفع طريقي سان مانع آهي. عماء خاص اهڙي رفيق جو نالو آهي جيڪو ڏسندڙ ۽ سج جي ٽڪيءَ وچ ۾ مانع آهي. ۽ اکين کي ان جي نور ڏسڻ کان مانع آهي. ان ئي حضرت عمائيہ ۾ حق خلق جي صفتن سان موصوف ٿيندو آهي. حضرت وجوب کان ان جي نزول جي سببان. ان ڪري پاڻ جل وعلي ڏانهن انهن شين جي نسبت ٿي سگهندي، جن جي خلق ڏانهن نسبت ٿي سگهندي آهي. جهڙوڪ تعجب، کل، خوشي، ڏک وغيره.

هن ٻئي مرتبي جا منجهس ملحوظ ڪوڙ سارن اعتبارن جي لحاظ کان ڪوڙ سارا نالا آهن. باوجود ان جي تہ پنهنجي عين ۾ مسمي هڪ ئي هوندي آهي. هن اعتبار کان ان کي مرتبہ الوهيت چوندا آهن. تہ مڙني تعينن جي ظهور جو اصل ۽ سڀني ڪائنات جي توجه جو قبلو مرجع ۽ ماوي آهي. ۽ ان کي عالم معاني ۽ عالم اعيان ثابتہ هن اعتبار کان چوندا آهن تہ ان ۾ مڙني معالي ڪليہ ۽ جزئيہ جو ثبوت، تحقق ۽ نکيڙ ٿيندي آهي.

۽ عالم ازلي ان کي هن اعتبار کان چوندا آهن تہ ان تنزل ۾ علم ازلي پنهنجي مڙني ذاتي ڪمالن سان ازلي ۽ ابدي تعلق رکندو آهي. قرآن مجيد ۾ ان تعين جو ”قاب قوسين“ سان تعبير ڪيو ويو آهي. جيڪو مقام ”اوادني“ جي شڪل آهي ۽ قوسين مان مراد وجوب ۽ امڪان يا قابليت ۽ فاعليت سان وحدت ۽ ڪثرت آهي پڻ ان ئي تعين ۾ اسماء ۽ صفات الاهيہ متعينُ ٿيندا آهن. اسماء ۽ صفات الاهيہ جا اصول ست آهن. جن کي ”ائمہ سبعہ“ سان تعبير ڪيو ويندو آهي. ”حيواۃ“ ام الائمہ آهي. جيتوڻيڪ ذات جي اعتبار کان علم جي مٿان تقدم رکندي آهي: پر ان جي ذات کان تميز ۽ ان جو خاص ذات جي صفت جو علم سان اعتبار مرتبي تعين ثانيءَ ۾ آهي. ڇاڪاڻ تہ خاص شيونات ذاتيہ جي صفتيت جي وصف ان

مرتبي ۾ آهي. ان کري عالم لاهوت جيڪو صفات جو عالم آهي. سو پڻ ان مرتبي سان عبارت ٿيندو. ۽ هيءُ ٻه مرتبا تعين علميءَ کي حق وحده سان نسبت ڏيندا آهن. ۽ هر هڪ کي مرتبه حقيه چوندا آهن. ڇاڪاڻ ته ٻئي ڪمالات حقيه جا مظهر ۽ جلوي گاهه آهن. ڪمالات خلقيه فرقيه جا نه. ڇاڪاڻ ته هنن ٻنهي مرتبن ۾ اشياء ڪونيه پاڻ کان ۽ پنهنجي مثال کان غائب آهن. ان معنيٰ ۾ انهن ٻنهي تعينن جي پاڻ ۾ اشتراڪ جي سببان ڪي اڪابر ٻنهي کي هڪ تعين شمار ڪندا آهن. جيئن گذريو. پهرئين تعين ۾ مذڪوره غيبت ظاهر آهي. البته ٻئي تعين ۾ اها هن طرح آهي ته باوجود تحقق ۽ ثبوت جي اعيان ثابته کان ظهور جي صفت منفي آهي. ۽ پاڻ ۽ پنهنجي مثال کان آگاهي عالم ظهور ۽ وجود عينيءَ جي احڪامن مان آهي. ثبوت ۽ تحقق علمي غيبيءَ جي احڪامن مان ناهي.

## ٽيون تعين:

علم ۽ غيب جي ڳجهه مان مشهد عين ۽ ظهور ڏانهن تبرز ۽ تنزل ٽيون تعين آهي. جيڪو ارواحن جو مرتبو آهي. ۽ هيءُ مرتبو حقائق ڪونيه بسيط مجرده جي خاص پنهنجي نفس ۽ پنهنجي مثال جي ظهور جو مرتبو آهي.

حضرت شيخ اڪبر قدس سره فتوحات ۾ علم، بصر ۽ سمع کي اعيان ثابته جي مرتبي ۾ ثابت فرمائي ٿو. ۽ هيءُ ٽيون تعين احڪام ڪونيه ۽ فرقيه جي ظهور جو سرچشمو آهي. ۽ پهريون تعين آهي، جيڪو خلق ڏانهن منسوب ٿئي ٿو. ان حيثيت سان هيءُ ٻئي تعين جي اجمال جي تفصيل جي صورت آهي. ۽ ان جي جميعت جي تفريق جي صورت آهي. ۽ هيءُ عالم ارواح، باوجود هن جي ته شيئيت ثبوتيه کان نزول ڪيو اٿس ۽ شيئيت وجوديه ڏانهن پهتو آهي ۽ ڪون ۽ خلق جو مظهر ٿيو آهي؛ پر تجرد ۽ بساطت جي لحاظ کان ادراڪ علقيءَ جي مرتبي ۾ لتڪيل ۽ معلق آهي. ۽ پنهنجي مرتبه صرافت ۾ شعور، خيال: مطلق، مقيد ۽ حس سان متعلق ۽ ملوث ٿيڻ کان پاڪ ۽ منزهه آهي. ۽ اشاري حسيه کان مقدس ۽ پاڪ آهي. ان کي عالم غيب، عالم امر ۽ عالم علوي چوندا آهن. ۽ قرآن مجيد ۾ ان کي "بما لاتبصرون" سان تعبير ڪيو ويو آهي. عالم جي انهيءَ صنف جو قرآن ۾ تمام گهڻو ذڪر آهي. ڪي عالم ملڪوت کي ان عالم تي اطلاق ڪندا آهن. ڪي عالم مثال جو ان تي اطلاق ڪندا آهن. جنهن جو ذڪر ايندو. شيخ اڪبر قدس سره ان عالم کي عالم جبروت جو نالو ڏيندو آهي. جڏهن ته امام غزالي عالم جبروت، عالم اعيان ثابته کي چوندو آهي. ۽ غيب مضاف جيڪو غيب مطلق جي قريب آهي، يعني عالم اعيان ثابتيه جي قريب آهي، سو حضرت شيخ جي اصطلاح ۾ هن تعين ثالث جو تعبير آهي. ان جوئي نالو عالم ارواح جبروتيه ۽ ملڪوتيه رکندا آهن. ۽ مشهور جيڪو آهي، سو اهو آهي ته لاهوت جو عالم اعيان تي، جبروت جو عالم عقول ۽ نفوس مجرده تي، ملڪوت جو عالم مثال تي ۽ ناسوت جو عالم ملڪ ۽ شهادت تي اطلاق آهي.

## چوٿون تنزل:

ان کان پوءِ چوٿون تنزل عالم مثال ڏانهن تنزل آهي. ۽ هيءُ خاص اشياء ڪونيه لطيفه جي وجود جو

مرتبو آهي. جيڪو جزا جزا ٿيڻ، الڳ ٿيڻ، ٽٽڻ ۽ ڌار ٿيڻ کي قبول ڪري ٿو. ۽ هيءُ ٻيو مرتبو آهي جيڪو خلق ۽ ڪون ڏانهن منسوب آهي. هن مرتبي ۾ شيون بساطت کان ترڪب ۽ ادراڪ خياليءَ جي قبوليت جي صورت اختيار ڪنديون آهن. جيتوڻيڪ پنهنجي ذات ۾ عالم جوهري، مادي کان خالي آهي.

مجرد ۽ مادي جي وچ ۾ برزخيت جي حڪم جي سببان ان ۾ تجرد ۽ صورت ٻنهي طرفن جي احڪامن منجهان آهي. ۽ هيءُ احڪام عالم ارواح مثان زائد هئڻ جي حيثيت سان ان عالم جي تفصيل جي صورت ۽ اجمال ۽ جمع جي نکيڙ آهن. ارواح جسمن جي صورت ۾ ۽ جسم مادي کان مجرد صورت ۾ ۽ عمل ۽ اشخاص خلاق شخصن جي صورت ۾ ۽ معنائون ۽ مجرد ذاتيون جسماني اشباح جي صورت ۾، ان ئي عالم ۾ هونديون آهن. ۽ ان کي خيال منفصل بہ چوندا آهن. ڇاڪاڻ تہ خيال متصل بحيواة جدولي ان ئي درياء منجهان آهي. شرع جي زبان ۾ ان عالم کي برزخ جو نالو ڏيندا آهن. الله تعاليٰ جو قول آهي "ومن ورائهم برزخ الي يوم يبعثون" ۽ اهو گذري چڪو تہ ان کي عالم ملڪوت بہ چوندا آهن.

## تنزل پنجون:

ان کان پوءِ پنجون تنزل عالم اجسام ڏانهن تنزل آهي. ۽ هيءُ اشياء ڪونيہ، مرڪبہ ڪثيفہ جي وجود جو مرتبو آهي. جيڪو جزا جزا ٿيڻ الڳ الڳ ٿيڻ ۽ هڪ هڪ ٿيڻ قبول ڪندو آهي. هن مرتبي جو نالو مرتبہ حس ۽ عالم شهودي رکيو اٿن. هيءُ ٽيون مرتبو آهي جيڪو خلق سان منسوب آهي. جهت خلقيہ فرقيہ جي ڪمال جو مظهر ۽ جهت حقيہ جمعيہ جي انتهائي راز جو موطن آهي. ان ڪري ڪلي طور مبدء کان علم مرڪب جي مرتبي ۾ زهول، ان مرتبي کان سواءِ محال آهي. ان ئي معني جي سببان رسول، جيڪي علم مرڪب جي دعوت ڏين ٿا، تن جي ضرورت هن مرتبي سان مخصوص ٿئي ٿي. هيءُ تنزل جو اتم مرتبو آهي.

## ڇهون تنزل:

ان کان پوءِ ڇهون مرتبو آهي. جيڪو مڙني مرتبن جو جامع ۽ مڙني الاهي ڪوني احڪامن جو تفصيل، اجمال، بطون ۽ ظهور جي اعتبار کان جامع آهي ۽ اهو ظهور انسان ڪامل جي حقيقت آهي. جيڪو حضرت وجود جو آخري تنزل آهي. هو الاول والآخر ۽ نحن الآخرون و الاولون جي راز جو مظهر آهي. جيئن ان جي خاتم الترجمان صلي الله عليہ وسلم جن خبر ڏني آهي. ۽ هيءُ مرتبو حق ڏانهن منسوب مرتبن جي حقيقتن ۽ خلق ڏانهن منسوب مرتبن جي حقيقتن جو مجموعو آهي.

## شيئية ثبوتيہ:

"شيئية ثبوتيہ، جنهن جي صوفين پنهنجي ڪلام ۾ وضاحت ۽ تشريح ڪئي آهي. ان کي "اعيان ثابتہ" ڏانهن منسوب ڪيو اٿن. مخدوم موصوفؒ ان کي تمام تفصيل سان پنهنجي رسالي "بوادرالجود في تحرير وحدة الوجود" ۾ بيان ڪيو آهي. فصوص الحڪم ۾ ابن العربيءَ "اعيان ثابتہ" بابت بحث ڪيو آهي، جنهن ۾ موصوف وجود ۽ ثبوت ۾ فرق ٻڌايو آهي. سندس چوڻ آهي تہ "وجود" خارج ۾ موجود شئي

ڪي چئبو آهي ۽ ثبوت ذهن ۾ موجود شئي لاءِ چئبو آهي. (1) مخدوم محمد معين شيئية ثبوتيه بابت فرمائي ٿو: اِها جيئن خارج ۾ وجود جو غير آهي، تيئن علم ۾ به وجود جو غير آهي. اها صرف ثبوت ۽ تحقق آهي. خارجي يا علمي وجود سان مقيد ناهي. اها پنهنجي مرتبي ۾ خارجي ۽ علمي وجود کان پاڪ آهي"

## ماهيتون ڇا آهن؟:

موصوف لکي ٿو ته: اهو ثبوت جيڪو ٻنهي قيدن کان عاري آهي، يعني خارجي ۽ علمي وجود کان عاري آهي، سو ماهيتن جي حقيقت جو نفس آهي، ان ثبوت سان گڏ ان تي مرتبه نفوس ۾ حڪم لڳائڻ صحيح آهي، (يعني مرتبه نفوس ۾ ماهيتن تي اهڙي ثبوت جو حڪم لڳائڻ صحيح آهي.) ۽ اهو ثبوت وجود متعارف کان خارجي توڙي ذهني طور عاري آهي. (مطلب ته ماهيتون به خارجي توڙي ذهني وجود کان خالي آهن) اهوئي ابن العربيءَ جو به ملسڪ آهي.

مٿي جيڪو مخدوم موصوف چيو ته: ان ڪي اعيان ثابته ڏانهن منسوب ڪيو اٿن" ان ۾ به مخدوم موصوف جو اشارو ان طرف آهي ته "اعيان ثابته" خارجي توڙي علمي وجود نه ٿا رکن". هيٺ ان تي مخدوم موصوف جو وڏيڪ بحث "بادهة الورود" جي حوالي سان اچي رهيو آهي. جتي موصوف واضح لکيو آهي ته ممڪنات جو وجود صفت انتزاعي آهي، ۽ لکيو اٿس ته: فلسفي ان تي متفق آهن ته: اعيان ۾ ڪابه اهڙي شئي ڪانهي جنهن تي وجود سچو اچي."

بهرحال موصوف شيئية ثبوتيه جي باري ۾ لکيو آهي ته اهو وجود خارجي ۽ علميءَ کان خالي آهي ۽ ان وجود جي مقابل عدم کان به اهو ثبوت عاري آهي. نه رڳو اهو پر اهو ثبوت اهڙن ٻين متقابلات/ضدن کان عاري آهي، جهڙوڪ: وحدت ۽ ڪثرت جيئن اهو حڪمت رسميه وارن (فلسفين) جي ڪلام ۾ مشهور آهي ته: ماهيتون پنهنجي حيثيت ۾ نه موجود آهن نه معدوم نه هڪ نه گهڻيون". موصوف فرمائي ٿو ته: اهي عدم محض به ناهن. ائين هجي ها ته انهن ڏانهن توجه ممڪن نه هجي ها: نه ئي علم انهن سان تعلق رکي ها. ڇاڪاڻ ته علم معلوم کي پيدا نه ڪندو آهي، بلڪ معلوم جيئن هوندو آهي تيئن ان سان علم تعلق رکندو آهي. جيڪڏهن ماهيتن جو واقعي وجود نه هجي ها، ڇو نه اهو لطيف ۽ باريڪ ئي هجي، ته علم ان سان تعلق نه رکي ها." اڳتي ساڳئي وقت موصوف لکي ٿو ته: وجود، جنهن سان موجودات موجود ٿينديون آهن، يعني جنهن سان ماهيتون خارج يا ذهن ۾ موجود ٿينديون آهن، سو امر حقيقي آهي. في نفسہ متحقق آهي. معدوم محض ناهي، ڇاڪاڻ ته مڙئي شيون جنهن سان متحقق ٿين ٿيون، سو پاڻ وڏيڪ متحقق ٿيندو. اهو پنهنجي تحقق جي قوت ۾ ڪنهن زائد تحقق جو محتاج نه هوندو آهي، جنهن سان اهو متحقق ٿئي. يعني وجود جو وجود وجود جو نفس آهي، جيئن روشنيءَ جي روشني روشنيءَ جو نفس ٿيندي آهي، ان ڪري ان مان تسلسل لازم نه ايندو.

---

1 ابن العربي، محي الدين، شيخ:" فصوص الحڪم" اردو ترجمہ:محمد سعيد احمد نقشبندي، صفحہ: 5، مدينہ پبلشنگ ڪمپني ڪراچي، 1971ع

## وحدت الوجود جي ابن العربيءَ جي نظرئي ۽ مجدد الف ثانيءَ جي نظرئي ۾ مطابقت:

وحدت الوجود بابت ابن العربيءَ جو الله تعاليٰ جي اشياء جي عينيت جو نظريو اهڙو ڏکيو مسئلو آهي، جنهن جو سمجهڻ تمام ڏکيو آهي. جيئن خود مجدد الف ثانيءَ فرمايو تہ: ابن عربيءَ کان اڳ جيترا بہ صوفي گذريا آهن، انهن پنهنجي خاص ڪيفيت ۾ جيڪو بہ چيو آهي. ان جو تعبير ۽ تاويل شريعت مطابق ڪري سگهجي ٿي پر ابن عربيءَ جي عينيت جو عقيدو ڪنهن بہ تاويل کي قبول نہ ٿو ڪري" ساڳيءَ طرح مخدوم نارو بہ فرمائي ٿو تہ هن نظريي جو سمجهڻ گهٽ سمجه وارا تہ ٺيا پري، تمام وڏن متڪلمن ۽ فلسفين تي بہ تمام ڏکيو ٿي پيو آهي". مخدوم محمد معين وحدت الوجود بابت عينيت جي نظريي ۾ بہ ابن عربيءَ کي اشعري مڪتب فڪر کان ٻاهر نہ ٿو مڃي، جيئن رسالي اويسيہ ۾ لکي ٿو: تہ شيخ محي الدين ابن عربي، جنهن فتوحات جي مقدمي ۾ پنهنجو مسلڪ بيان ڪيو آهي، (سو اتي پنهنجا عقيدا) اشعري عقائد جي مطابق بيان ٿو ڪري."(1) ان ڪري موصوف ابن عربيءَ جي عينيت جي عقيدي کي هڪ اهڙو تعبير ڏنو آهي، جنهن سان ابن عربيءَ جو عينيت جو عقيدو بہ الله تعاليٰ جي ڪائنات کان الڳ ۽ مستقل وجود جي عقيدي جي ويجهو اچي ٿو وڃي، ۽ مخدوم ناري جي انهيءَ تعبير سان ابن عربيءَ جو عقيدو مجدد الف ثانيءَ جي عقيدي سان هڪ حد تائين هم آهنگ ۽ ان سان ٺهڪي ٿو بيهي. لکي ٿو:

"عرض" فلسفين وٽ اهڙي ماهيت کي چئبو آهي. جيڪا خارج ۾ جڏهن وجود وٺندي آهي تہ اهڙيءَ جاء ۽ محل ۾ وجود وٺندي آهي، جنهن ۾ جڏنهن اها جاءِ وٺندي تہ اتي قائم ٿي سگهندي. يعني اها محل ان کي قائم ڪندڙ ۽ ٻيهاريندڙ هوندي آهي، اسان وٽ عالم جون موجودات ٻہ قسم آهن هڪ قسم اُهي آهن جنهن کي اسان ڏسو ٿا تہ اهو پنهنجي سِرِ موجود آهي. پنهنجي طور بيٺل آهي، ڪا ٻي شئي ان کي ٻيهاريندڙ ڪانهي. ان کي اسان جوهر سڏيندا آهيون. ٻيو قسم اهڙين موجودات جو آهي، جيڪي پهرئين قسم (جوهر) سان گڏ بيهي سگهنديون آهن. (يعني اهي موجودات پنهنجي سر بيهي نہ سگهنديون آهن. اهي پهرئين قسم جي سهاري بيهنديون آهن.) پر جيڪو پنهنجي طور انصاف کان ڪم وٺندو ۽ صحيح نظر سان ڏسندو تنهن جي آڏو اهو ثابت ٿي ويندو تہ ڪائنات جون موجودات سڀ ائين ناهن جيئن اسان انهن کي فرض ڪيو آهي. سالم عقل وارو ان سلسلي ۾ ڪامل اهل بصيرت عارفن جي هن خيال جي تائيد ڪندو تہ جن موجودات کي ضعيف بصيرت رکندڙ ماڻهو پنهنجي سِرِ قائم ۽ اعراض کي قائم رکندڙ مڃيو آهي ۽ انهن کي جوهر قرار ڏنو اٿن، سي پاڻ عرض آهن. هڪ اهڙي "عين" سان قائم آهن. جيڪو انهن کي قائم ڪندڙ آهي. سو جهڙيءَ طرح اوهان جواهر محسوسہ ۽ اعراض ۽ ان سان انهن جي قيام جي ڪيفيت کي ان جي افق سافل ۾ علم جي طور احاطو ڪيو آهي. ۽ فيصلو ڪيو اٿوَ تہ جيڪي شيون پنهنجي سِرِ قائم آهن. سي جوهر ۽ جيڪي جوهر جي سهاري قائم آهن سي عرض آهن. اهڙي طرح اسان جوهرن کي انهن جي افق عاليءَ ۾ عرض محض ڏنو آهي.[1] ۽ انهن جي ذات قيوم تعاليٰ سان قيام جي

---

1 ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: رسالہ اويسيہ، قلمي، صفحہ: 18، نيشنل ميوزم ڪراچي.

1 شيخ محي الدين ابن عربي فصوص الحڪم ۾ هن سلسلي ۾ پنهنجا خيالات هن طرح بيان ڪيا آهن: ٿورو اشياءَ جي تعريف تہ ڪريو انهن تعريفات ۽ حدود ۾ اعراض کان سواءِ آهي ڇا؟ انسان ڇا آهي؟ حيوان ناطق. حيوانيت ۽ نطق ٻئي عرض آهن حيوان ڇا؟ جسم نامي.

ڪيفيت کي ڏنو آهي. هيءُ اهڙي علم جي بنياد تي ڏنو ويو آهي، جيڪو توهان جي علم احساسيءَ کي ڪليو رد ٿو ڪري ان ڪري اسان فيصلو ڪيو آهي تہ: موجودات عالي توڙي سافل سڀ جو سڀ اهڙا عرض آهن، جيڪي هڪڙي ئي عين ۾ گڏ ٿيل آهن ۽ اهو قيوم حق تعاليٰ جو عين آهي. جڏهن تہ پلاري جماعت (صوفين) جي اسان پيروڪارن وٽ ثابت ٿي چڪو آهي تہ غير متناهي عالم، الله وٽان جيڪي سمجھ وٺن ٿا، تن لاءِ اهي حقائق الاهيہ جا بيان ڪيل مثال آهن، بلڪ مڙني شين مان هر شئي ان حقيقت جو عين آهي، جيڪا مدارڪ عقليہ ۽ شعوريہ ڏانهن پنهنجي صورت ۾ نزول ڪندي آهي ۽ پنهنجي مظهر ۾ ظهور ڪندي آهي. ان کي جنهن چاتو تنهن چاتو جنهن نہ چاتو تنهن نہ چاتو. حق تعاليٰ جي مڙني ازلي ۽ ابدي قائم موجودات: جيئن اعيان ثابتيہ ۽ غير قائم موجودات، جيڪي اهڙي سلسلي ۾ نئين سر نوان آهن، جنهن جي نہ ابتدا آهي ۽ نہ اهو منقطع ٿيندڙ سلسلو آهي، لاءِ قيوميت ان ذات قدسيءَ جو خاص شان آهي، جيڪا واجب الوجود آهي. تون حق تعاليٰ کي اسان طرف ان خاص شان سان قيوميت جي صورت ۾ سڃاڻندين، جنهن کي اسان اعراض لاءِ جوهر نالو رڪندا آهيون. هن قيوميت کان وڌيڪ عالم ۾ ڪابہ قيوميت ڪانهي."[1]

هن متئين سڄي ڳالھ جو مختصر لفظن ۾ مطلب اهو آهي تہ: حسي علم، جن هڪڙين شين کي عرض ۽ ٻين کي جوهر قرار ڏنو آهي، ان ۾ جيڪو جوهر آهي اهو غير حسي جي بنياد تي خود عرض نظر ٿو اچي. غير حسي علم جي روشنيءَ ۾ ڪائنات جا مڙئي موجودات عرض آهن، انهن جو جوهر، جنهن سان ڪائنات جا مڙئي موجودات قائم آهن، سو حق تعاليٰ جو عين آهي. ٻين لفظن ۾ ڪائنات حق تعاليٰ جي عين سان ائين قائم آهي، جيئن عرض پنهنجي جوهر سان قائم هوندو آهي. هن تعبير سان عين حق تعاليٰ ۽ ڪائنات وچ ۾ جوهر ۽ عرض جو فرق ثابت ٿي وڃي ٿو. جنهن سان حق تعاليٰ جو منزہ هئڻ بہ ثابت ٿي ٿو وڃي تہ عينيت بہ ثابت ٿي ٿي وڃي. ان کي وڌيڪ واضح ڪرڻ لاءِ ۽ ان فرق کي ڏيکارڻ لاءِ مخدوم موصوف فرمائي ٿو:

"جنهن چيو حق شين جو عين آهي، سو سچو آهي، پر جنهن چيو تہ شيون حق تعاليٰ جو عين آهن، سو زنديق آهي، ان کي توبہ ڪرڻ گھرجي. جيڪڏهن توبہ ڪري تہ ٺيڪ نہ تہ ان کي قتل ڪيو ويندو."

انهيءَ طرح مخدوم ٺاري شيخ اڪبر جي عينيت جي تصور ۾ بہ وجود حق تعاليٰ جي تنزہ ۽ تقدس کي کولي ظاهر ڪيو آهي ۽ ان کي وحدت الوجود جي قابل قبول شڪل ڏني آهي.

مخدوم محمد معين پنهنجي ذڪر ڪيل تعبير لاءِ فلسفي جا مقدمات ۽ دلائل قائم ڪري ان تي تحقيقي بحث ڪيو آهي ۽ ان باري ۾ پيدا ٿيندڙ اشڪالن ۽ اعتراضن جو بہ حل ڏنو آهي. موصوف ان

---

نمو حس عرض نہ آهي تہ ڇا آهي. جسم ڇا آهي؟ جوهر قابل ابعاد ثلاثہ يعني ڊيگھہ ويڪر ۽ گھرائي اهو سڀ ڇا آهي؟ عرض ئي عرض آهي هڪ بالذات شيءِ مستقل بالذات ڪير آهي حق آهي حق الله باقي ٻيو ٿيو خير. هي سڀ اعراض جيڪي تعريفات ۾ واقع آهن ذات حقہ سان ئي قائم آهن هي ذات بالذات جوهر اصلي ئي پنهنجي حقيقت جي لحاظ سان قائم بالذات آهي اهو ئي پنهنجي صفات جي لحاظ کان عرض آهي انهن مڙني غير قائم بالذات اشياءَ ۾ ضرور هڪ ذات قائم بالذات آهي." فصوص الحڪم" فص حڪمت قلبيہ ڪلمہ شعيبيہ جي بيان ۾، صفحہ: 214 اردو ترجمو: مولانا عبدالقدير صديقي، نذير سنز پبليشرز لاهور 1992ع

1 ٺٽوي، محمد معين، مخدوم:" بوادرالجود في تحرير وحدة الوجود" صفحہ:123 (قلمي) مفيد عام لائبريري سيوهڻ

باري ۾ مجدد الف ثانيءَ جي راءِ هن طرح نقل ڪئي آهي:

"اسان وٽ جن کي جوهر سڏيو ٿو وڃي، سي بصيرت وارن وٽ عرض آهن. معرفت جي حقيقت ۾ اهي سڀ عرض هڪ "عين" سان قائم آهن. ان راءِ ۾ شيخ اڪبر قدسنا بسره اڪيلا ناهن بلڪ پنهنجي زماني جي قطب مجدد رضي الله تعاليٰ عنہ بہ ان جي پنهنجي هڪ مڪتوب ۾ تشريح ڪئي آهي فرمايو اٿن: عرضَ ٻہ قسم آهن. هڪ قسم انهن جو آهي جن جي مقومات سان انهن جي قيام جو اسان ادراڪ رکون ٿا. ٻيو قسم انهن جو آهي، جن جي مقومات تعاليٰ سان قيام جو اسان ادراڪ نہ ٿا رکون. جنهن ڪري اسان ڏسون ٿا تہ اهي پنهنجي سرقائم آهن. يعني اهو ادراڪ ان علم جي اعتبار سان آهي، جيڪو اسان کي عالم شهادت جي رتبي ۾ حاصل ٿيو آهي. جڏهن تہ مڪاشفي ۽ عيان جو علم اهو ٿو ٻڌائي تہ اهي (ٻئي قسم وارا) عرض پنهنجي سرقائم ناهن. بلڪل ائين جيئن. اسان جن کي عرض نالو ڏنو آهي، سي پنهنجي سر قائم ناهن." ان طرح هيءَ اقطاب، شيخ اڪبر قدس سره سان هن ڳالهہ ۾ متفق آهن تہ "عالم اهڙو عرض آهي، جيڪو عين واحد تعاليٰ و تقدس ۾ مجتمع آهي."[1]

مخدوم محمد معين وڌيڪ لکي ٿو: وجود جي عرض جي تحقيق ۾ شيخ اڪبر قدس سره اساطين فلاسفہ مان متقدمين جو مذهب اختيار ڪيو آهي. تہ: ان جو وجود محمولي ان جي وجود رابطيءَ جو عين آهي."

1 مجدد الف ثاني رحمة الله عليہ مڪتوبات دفتر (2) حصو: پهريون، مڪتوب نمبر 45 ۾ لکي ٿو تہ: ممڪن سڄي جو سڄو عرض آهي. ان کي جوهريت جي بوءِ بہ نہ پهتي آهي. ان جو قيام ذات واجب تعاليٰہ و تقدس سان آهي. ارباب معقول جيڪو ممڪن کي جوهر ۽ عرض ڏانهن تقسيم ڪيو آهي، سو ظاهر بينيءَ جي باعث آهي هڪ ممڪن جو ٻئي ممڪن سان جيڪو قيام ثابت آهي. اهو عرض سان قيام جي قسم مان آهي. عرض جي جوهر مان قيام جي قسم مان ناهي بلڪ اهي ٻئي عرض حقيقت ۾ ذات واجب تعاليٰ سان قائم آهن. جوهريت ان ۾ ثابت ناهي جملي ممڪنات کي قائم رکڻ وارو اهو تعاليٰ وتقدس آهي. تنهن ڪري ممڪن جي حقيقت ۾ ڪا بہ ذات ناهي، جو صفات ان جي ذات سان قائم ٿين. بلڪ ذات صرف واجب جي لاءِ آهي. جو سنڌس جملي صفات ۽ ساڳي طرح ممڪنات ان سان قائم آهن." مخدوم محمد معين، مجدد الف ثانيءَ جي هن عقيدي کي سامهون رکي ممڪنات جي هن طريقي سان واجب تعاليٰ جي عين هئڻ جي هڪ قابل قبول تعبير ڪئي آهي. پر مجدد الف ثاني پنهنجي مٿئين عقيدي منجهان اهو ڀپ محسوس ڪندي پاڻ ئي اهڙي خيال جي ترديد ڪندي لکي ٿو تہ ڪوتاہ نظر ماڻهو هنن لکل رازن کي توحيد وجوديءَ سان خلط ملط نہ ڪري ڇڏين توحيد وجوديءَ وارا سواءِ هڪ بلند ۽ پاڪيزه ذات جي ٻيو ڪجه بہ موجود نہ مڃيندا آهن. ۽ ان بلند ذات جي اسماءِ ۽ صفات کي ٻي علمي اعتبارات گمان ڪندا آهن ۽ حقائق ممڪنات لاءِ چوندا آهن تہ انهن وجود جي بوءِ بہ نہ سنگهي آهي. جڏهن تہ هي نقير ان بلند ذات جي صفات کي بہ وجود زائد سان موجود مڃي ٿو....... ۽ ممڪنات لاءِ بہ واجب تعاليٰ جي اسماءِ ۽ صفات جي آئيني ۾ وجود ثابت ڪري ٿو صرف ايتري ڳاله آهي. تہ ممڪنات کي اعراض کان سواءِ ڪجه نہ ٿو مڃان سيني جو ان بلند ذات سان خيام يقين سان تسليم ڪريان ٿو" اڳتي سوالن جوابن جي صورت ۾ بہ ان جي ترديد ٿو ڪري تہ ان تحقيق سان ممڪن واجب جو عين معلوم ٿئي ٿو. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ مجدد الف ثاني ممڪن کي عرض مڃڻ باوجود ان جي واجب تعاليٰ جي عينيت جو انڪاري آهي. جڏهن تہ مخدوم معين ممڪن کي واجب تعاليٰ جو عرض قرار ڏئي ڪپه ۽ پيڙي واري ڏانهن ثابت نسبتن جي مثالن جي بنياد تي اهيو بہ ثابت ڪري ٿو تہ عرض جو پنهنجي طور ڪو وجود ئي ڪونهي ان طرح مخدوم معين واجب تعاليٰ کان سواءِ ٻئي ڪنهن لاءِ بہ وجود ثابت ڪرڻ جي نفيءَ کي بہ ثابت ڪري ٿو پر عرض جي شڪل ڏئي ان کي هڪ اعتبار کان موجود بہ تہ عين هئڻ سان گڏ غير بہ ثابت ڪري ٿو

ممڪنات جو وجود پنهنجي نفس ۾ ان طرف ثانوي طور منسوب ڪيو ويو آهي. ۽ عرض ڏانهن مجاز محض جي طريقي تي منسوب ڪيو ويو آهي جيئن تو ٻيڙيءَ ۾ ويٺل ڏانهن ٻيڙيءَ جي حرڪت جي نسبت جي باري ۾ چاتو. اسان جڏهن فرض ڪريون ٿا تہ هڪ ماڻهو ڪنهن ويٺل کي ڏسي رهيو آهي، پر اهو ٻيڙي ڪونہ ٿو ڏسي، تہ اهو لازمي طور حرڪت جي حقيقي طور ويٺل ڏانهن نسبت ڪندو. جو اهو ڏسي رهيو آهي تہ اهو هلي رهيو آهي. سفر ڪٽي رهيو آهي (ان صورت ۾ ڏسڻ وارو) انهن سڀني ڳالهين ۾ ويٺل کي ئي مستقل طور اهو سڀ ڪندڙ ياتيندو ۽ پائيندو تہ اهو ڪنهن محرڪ جو محتاج ڪونهي. هن سان گڏ تہ جيڪو ٻيڙي ۽ ان جي حرڪت ڏسي ٿو ان وٽ ان سان ان جو يقيني هئڻ ڪليل ۽ ظاهر آهي ۽ اها ٻيڙيءَ واري حرڪت بعينہ اهائي حرڪت آهي جيڪا ويٺل ۾ پڻ موجود آهي. جڏهن تہ اصل ۾ اها ان جي حرڪت ڪانهي، ان ڏانهن ان جي نسبت مجاز محض آهي. ۽ مجازي نسبتون لهو ۽ لعب آهن. ۽ چاڪاڻ تہ دنيا جو جهان جهالت جي مضبوط ٿيڻ جي جڳه آهي چاڪاڻ تہ اها مجازي آهي، ان کي حقيقت گمان ڪيو ٿو وڃي. ان ڪري الله تعاليٰ جو قول "انماالحيوة الدنيا لعب ولهو" (دنيا جي حياتي صرف راند روند آهي) ۾ ان کي لهو ۽ لعب سان موصوف ڪيو ويو آهي. عارف چبستري گلشن راز ۾ جيڪو چيو آهي، سو ڪيڏو نہ چڱو آهي تہ:

بما افعال رانسبت مجازيست
نسب خود درحقيقت لهو و بازيست

اهڙيءَ طرح جنهن متقدمين جي راء ۾ اعتقاد رکيو آهي، سي ڪپہ جي وجود کي ثانوي طور عرض ڏسندا ۽ اڇاڻ کي عرض ڏسندا، جڏهن تہ عرض جو وجود بعينہ ڪپہ جو وجود آهي. اڇاڻ جو اصل ۾ ڪوبہ وجود ڪونهي. اهو صرف رنگ آهي. خارج ۾ ان جو ڪپہ کان سواءِ ڪوبہ وجود ڪونهي. اهو ثابت ٿيڻ کان پوءِ توتي ظاهر ٿيو تہ: ان چوڻ واري جي چوڻ جي معنيٰ، جنهن چيو تہ: ٻيڙيءَ ۾ ويٺل جي حرڪت ٻيڙيءَ جي حرڪت جو عين آهي." يا هيءَ آهي تہ: ويٺل کي بہ حرڪت آهي، ٻيڙيءَ کي بہ حرڪت آهي. پهرين ٻئي سان هڪ ٿي وئي آهي." يا هيءَ تہ: ٻي جيئن حقيقتاً ٻيڙيءَ سان قائم ٿي آهي، تيئن حقيقتاً ويٺل سان بہ قائم ٿي آهي." جنهن چيو تہ: اڇاڻ جو وجود ڪپہ جي وجود جو عين آهي." ان جي معنيٰ هيءَ آهي تہ اڇاڻ کي بہ وجود آهي، ڪپہ کي بہ وجود آهي ۽ پهريون ٻئي سان هڪ ٿي ويو آهي. يا هيءَ آهي، تہ ٻيون جيئن حقيقت ۾ ڪپہ سان قائم ٿيو آهي تيئن حقيقت ۾ اڇاڻ سان قائم ٿيو آهي. تہ پوءِ جڏهن اسان قضيہ کي موجبہ وٺنداسين تہ لازمي طور مفروض جي خلاف لازم ايندو. جڏهن تہ هن باوجود تہ ٻين شين جو هڪ ٿي وڃڻ باطل آهي، اها اتحاد جي معنيٰ آهي، ۽ هن باوجود تہ حقيقت ۾ جيڪي بہ شيون آهن، تن سان شخصيت واحده جي طور هڪ معنيٰ جو قيام باطل آهي، ٻئي معنائون، ٻنهي جي صحيح فرض ڪرڻ جي بنياد تي، ويٺل جي حرڪت سان موصوف ڪرڻ ۽ اڇاڻ جي وجود سان موصوف ڪرڻ تي اعتماد رکن ٿيون ۽ اتحاد ۽ قيام لامحالہ ان جو فرع آهي.

جڏهن تو چاتو تہ حرڪت جي ويٺل ڏانهن نسبت ۽ وجود جي اڇاڻ ڏانهن نسبت مجاز محض آهي، حقيقت ۾ ويٺل کي ڪابہ حرڪت ڪانهي ۽ نہ ئي اڇاڻ جو ڪو وجود ڪپہ جي وجود جو عين آهي، جو مطلب آهي ويٺل کان حرڪت جو سلب ڪرڻ ۽ اڇاڻ جي وجود جو سلب ڪرڻ. ۽ پهريون ٻيڙيءَ لاءِ

ثابت ڪرڻ ۽ ٻيو ڪپه لاءِ ثابت ڪرڻ.

جڏهن اهو سمجهيو ته هاڻي شيخ اڪبر جي هن قول جي معنيٰ سمجه جيڪو چيو اٿس ته: سبحان من اظهر الاشياء وهو عينها" (پاڪ آهي اها ذات، جنهن شين کي ظاهر ڪيو ۽ پاڻ سندن عين آهي، ۽ الله سبحانه چاڪاڻ ته شين لاءِ قيوم (قائم ڪندڙ) آهي ۽ شيون سڀ عرض محض آهن، ان ڪري پاڻ شين جو عين آهي. چاڪاڻ ته شين جو عين جيئن گذريو ثبوت آهي، جيڪو ماهيتن جي ذات آهي. ۽ اهو ثبوت واجب الوجود قيوم جو عين آهي.

هيءَ حڪم سلبي آهي. ان جي معنيٰ آهي ته ممڪنات جو ڪوبه وجود ڪونهي. اهي عرض آهن. قيوم جي عين ۾ جمع ٿيل آهن. وجود صرف قيوم واجب الوجود تعاليٰ جو آهي. اهو ئي واجب حق تعاليٰ جي وجود جي شين جي عين هئڻ وارو قول آهي. جيڪو امام عربي طائي جو قول آهي، جنهن تي سخت تنقيد ڪئي وئي آهي. ايستائين جو بعض [1] عارفن به ان تي تنقيد ڪئي آهي. پر ان تي اسان جو هيءَ ڀرپور بحث واضح ٿو ڪري ته ابن عربيءَ جو اهو قول ممڪنات جي ماڳهين نفي ٿو ڪري ۽ واجب حق تعاليٰ جي وجود کي ثابت ٿو ڪري ان طرح اهو قول صرف تنزيه آهي؛ ان ۾ تشبيه جو ڪوبه شبهو ڪونهي.

مخدوم موصوف جي هن تحقيق جي نتيجي ۾ عينيت جي ڪفر واري صورت کان بچاءُ ٿي ٿو وڃي. مخدوم ٺارو ان بابت هن طرح ٿو فرمائي: هن تحقيق جي بنياد تي هن چوڻ جي ڪابه ضرورت ڪانهي ته واجب جو وجود ممڪن جي وجود جي مقابل آهي، تنهن ڪري ٻنهي جي ٻئي جي عين هئڻ جو حڪم ڪفر آهي. عينيت صرف اهڙي وجود جي لاءِ آهي جيڪو امڪان ۽ وجود جي تعين کان بنا ماخوذ آهي. اهو وجود واجب ۽ ممڪن جو عين آهي ۽ بعض عارفن جي هن قول تي ڪوبه اعتراض ڪونهي ته واجب جو وجود، ممڪن جي وجود جو عين آهي. ان ڪري اهو وجود ۽ عدم وچ ۾ مقابل ناهي ۽ هن سلبي حڪم ۾ به ڪو ڪنڪو ڪونهي ته واجب جو وجود ممڪن جي وجود جو عين آهي جيئن هن چوڻ ۾ ڪا خرابي ڪانهي ته ڪپه جو وجود اڄاڻ جي وجود جو عين آهي.

ها اهو چوڻ باطل آهي ته شين مان ڪنهن شئي تي اهو حڪم لڳائجي ته ان جو وجود واجب الوجود جو عين آهي. جيئن اهو چوڻ غلط آهي ته اڄاڻ جو وجود ڪپه جي وجود جو عين آهي چاڪاڻ ته شين جو في نفسه ڪو وجود ئي ڪونهي ته پوءِ انهن جي واجب الوجود جي عين هئڻ جو حڪم ڪيئن لڳائبو. جيئن اڄاڻ جو في نفسه ڪو وجود ڪونهي. تنهن ڪري ان جي ڪپه جي وجود جي عين هئڻ جو حڪم صحيح نه ٿيندو.

عينيت بابت مخدوم ٺاري جي هن تعبير جي نتيجي ۾ عينيت جي عقيدي جي هڪ قابل قبول صورت نڪري آئي آهي. جنهن ڪري مخدوم لکي ٿو ته: جنهن کي فهم مستقيم جو رزق حاصل آهي، سو بنا ڪنهن شڪ شبهي جي، اسان جي آندل فلسفه عاليه جي مقدمات جي بنياد تي، مسئلي عينيت جي باري ۾ اوهام سافله طرفان ان تي گهڙيل ڳالهين کان ان جي پاڪ ۽ آجو هئڻ تي ايمان آڻي ونندو."[1]

1 "بعض عارفن، مان مجدد الف ثاني ڏانهن اشارو آهي، جنهن ابن عربيءَ جي انهيءَ راءِ جو سخت رد ڪيو.

1 ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "بوادر الجود في تحرير وحدة الوجود" صفحه: 125_126 (ملخص)

## تصوف ۽ طريقت شريعت سان متضاد ناهي :

اڪثر اهل تصوف لاءِ اهو مشهور ڪيو ويو آهي تہ انهن وٽ شريعت ۽ اهل شريعت جي پابنديءَ کان آزادي تصوف جو لازمي حصو آهي. ان پسمنظر ۾ مخدوم محمد معين شاه عبد اللطيف جي خط جي جواب ۾ رسالہ اويسيہ لکيو آهي: عالمن جي پيروي شريعت محمدي جي پيروي آهي ۽ اها فقر ۽ سلوڪ جو لازمي شرط آهي. فقر، سلوڪ ۽ شريعت ۾ ڪوبہ تضاد ڪونهي. صوفين مان هڪ بزرگ جو قول آهي تہ: هر حقيقت، جنهن کي شريعت رد ٿي ڪري، سا زنديقيت آهي. شريعت جي باري ۾ صوفي سڳورن جيڪي تاڪيد ڪيا آهن. سي ڳڻيا ناهن. شيخ شهاب الدين سهرورديءَ جا ان سلسلي جا فرمان غور ڪرڻ لائق آهي. شيخ محي الدين ابن عربي تہ توحيد جي غلبي ۽ سرمستيءَ باوجود فتوحات مڪيہ ۾ ڏسو تہ شريعت تي استقامت جون ڪهڙي قسم جون هدايتون ڪيون آهن. حضرت بايزيد بسطامي هڪ عابد ۽ زاهد شخص جي زيارت کان بنا ان ڪري موٽي آيو تہ ان قبلي ڏانهن منهن ڪري ٿڪيو شيخ شبلي سڪرات مهل بہ خادم کي وضو ڪرائڻ جو اشارو ڏنو. خادم وضو ڪرائيندي ڏاڙهيءَ جو خلال نہ ڪيو تہ ان حالت ۾ بہ ان جو هٿ وٺي ڏاڙهي ۾ داخل ڪري چڱيائون تہ اها خلال ڪرائي. ڪامل اولياءَ سڪرات جي وقت بہ شريعت جا آداب ترڪ نہ ڪندا آهن.[1]

## اهل قبور کان فيض حاصل ڪرڻ:

قبرن وارن کان فيض حاصل ڪرڻ ۽ انهن کان (روحاني طور) مدد وٺڻ شرعي ۽ عقلي طور جائز آهي. صوفي سڳورن جي جماعت وٽ هيءَ مسئلو مشهور آهي. ۽ تمام اهم مسئلن مان هڪ آهي.“ مخدوم موصوف هن ڳالهہ تي وڌيڪ بحث ڪرڻ کان پهريائين موت جي حقيقت تي بحث ڪيو آهي. ان بابت امام غزاليءَ جو قول ذڪر ڪرڻ کان پوءِ فرمائي ٿو: موت هن ڳالهہ جو نالو آهي تہ عضوا ايستائين روح جي اطاعت نہ ڪن جيستائين روح جسم ۾ بيهر واپس نہ اچي. اهو (مرڻ وارو) شين کي سڃاڻي نہ ٿو. ياغم، ڏک، لذت ۽ سرور جي ڪيفيت سان دو چار نہ ٿو ٿئي. ڪجهہ ماڻهن جو روح قبر ۾ ئي جسم ڏانهن موٽي ايندو اهي. اهڙا ماڻهو علم ۽ ادراڪ بہ رکندا آهن. انهن کي اهي سڀ تصرفات بہ حاصل ٿي ويندا آهن. جن جو بدن سان تعلق هوندو آهي، ۽ اهي انهن ئي جسماني ڪنن ۽ اکين سان ڏسي ۽ ٻڌي سگهندا آهن. ڪجهہ ماڻهن کي جيتوڻيڪ قبر ۾ علم ۽ ادراڪ، خوشيءَ ۽ سڪون جي ڪيفيت تہ حاصل ٿيندي آهي، ليڪن روح جسم ۾ بعثت جي وقت موٽندو آهي. اهڙن ماڻهن کي اهي تصرفات حاصل نہ ٿيندا آهن. جن جو تعلق بدن سان هوندو آهي. ۽ اهي هن اک ۽ ڪن سان ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جي قوت نہ رکندا اهن. سڀ مثل شين جي علم جي ادراڪ، خوشيءَ ۽ سُک، لذت ۽ غم، حسرت ۽ مايوسي وغيره جهڙين ڪيفيتن جي جاڻڻ ۾ شريڪ آهن. پر جيڪي تصرفات بدن سان تعلق رکن ٿا، سي ڪجهہ ماڻهن سا مخصوص آهن.[2]

1 ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: ”رسالہ اويسيہ“ صفحہ: 16 ، قلمي نيشنل ميوزم ڪراچي

2 ٺٽوي، محمد معين، مخدوم ”رسالہ اويسيہ“ قلمي، صفحہ: 3، نيشنل ميوزم ڪراچي

هن سلسلي ۾ مخدوم محمد معين وڏيڪ بحث ڪندي مختلف استدلالن جي روشنيءَ ۾ هيٺيان نتيجا ڪڍيا آهن:

ميت جي حالت، عرفان ۽ عدم عرفان ۾ دنيا وانگر آهي. جو اهو دنيا ۾ هر ڪنهن جي سلام جو جواب ڏيندو آهي، ان کي سڃاڻي يا نہ سڃاڻي.

انبياء ڪان سواءِ ڪن ٻين مئلن کي بہ جسماني لحاظ کان باقي رکيو ويندو آهي. عالم برزخ ۾ بدن ۽ جسم زنده آهن: روح انهن ۾ موٽي ايندو آهي ۽ موجود رهندو آهي. ان ۾ دنياوي زندگيءَ وانگر ڳالهائڻ، ٻڌڻ ۽ ان جهڙيون ٻيون کوڙ ساريون صفتون لڌيون ويندڙيون آهن. ها البتہ بشري صفتن ۾ کائڻ ۽ پيئڻ جي صفتن کان خالي هوندا آهن. ميت ۾ ڳالهائڻ ۽ ٻڌڻ وغيره جي صفتن جي باقي رهڻ ۾ اختلاف آهي، پر صفت علم تي اتفاق کان انڪار نہ ٿا ڪن. اهي مڙئي تصرفات، جيڪي زندگيءَ ۾ حاصل آهن، سي موت کان پوءِ بہ ميت کي حاصل رهندا، تہ پوءِ اهل ڪمال مُردن کان هدايت ڇو نہ ٿا حاصل ڪري سگهن ۽ ڇو فيض حاصل نہ ٿا ڪري سگهن.

## اويسي سلسلو:

اويسي سلسلي مان اها مراد آهي، تہ صوفيانہ تربيت، تعليم ۽ تزڪيو ڪنهن زنده وليءَ کان حاصل ڪرڻ جي بہ‌ـاءِ مري ويل کان حاصل ڪيو وڃي. مخدوم محمد معين ان جي تعريف ۾ فرمائن ٿا: اويسي اهڙي شخص کي چوندا آهن، جنهن جي تربيت ۽ تڪميل ۾ روحاني بزرگن جو وڏو دخل آهي" اها ڳالهہ پير ظاهر جي منافي بہ ناهي. حضرت احرار قدس سره پير ظاهر رکڻ جي باوجود، ڇاڪاڻ تہ خواجہ نقشبندي قدس سره جي روحانيت کان فيض ۽ امداد ورتي هئي، ان ڪري پاڻ کي اويسي چوندا هئا. اهڙيءَ طرح خواجہ تقشبند باوجود پير ظاهر جي ڇاڪاڻ تہ حضرت خواجہ عبدالخالق غجدواني جي روحانيت کان امداد(1) ۽ فيض ورتو هو ان ڪري اويسي هئا. اهو بہ ڪافي آهي تہ پير ظاهر ماڳهين نہ هجي: صرف روحانيت کان مدد جي ذريعي ڪمال جي مرتبي کي پهچي وڃجي. حضرت نقشبندي قدس سره جي شجري ۾ چند شخص رحمهم الله اويسي آهن.

سنڌ جي اوليائن مان بہ ڪي اويسي هئا. صاحب ڪمال، متاخر ولين جي پيشوا، محققن جي طبقي جي سردار علماءِ حق جي سربراه عارفن جي شهباز بلند پرواز غيب کي امڪان جي حد تائين ڄاڻڻ واري، الاهي تجلين جي سرچشمي، انهن خصوصيت کان علاوه سيد خيرالبشر جي فرزند، ٻارهن امامن جي اکين جي نور ارشاد جي صاحب حضرت ميران سيد عبدالڪريم بن لـہ (الله تعالي، انهن جي پيالن مان هڪ ڍڪ اسان کي بہ نصيب فرمائي، جنهن کان پوءِ وري ڪڏنهن بہ اُڃارا نہ ٿيون) جي ڪنهن ڪامل صاحب پنهنجي بزرگ جي پٽ کان نقل ڪن ٿا تہ حقيقت ۾ اهي اويسي هئا." آءٌ چوان ٿو تہ اهل بيت نبوي ﷺ جا مڙئي سالڪ اويسي هئڻ گهرجن ۽ ظاهر پير انهن جو صرف بهانو هوندو آهي.[2]

---

1 هتي "امداد" مان مراد روحاني طور صوفيانہ تزڪيو ۽ ترتيب حاصل ڪرڻ آهي: اڄ جي جاهلن وانگر مرادون گهرڻ مراد ناهي.

2 ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: رسالہ اويسيہ" قلـمي، صفحہ: 15، نيشنل ميوزم ڪراچي.

باب نائون:

# تصنيفات

مخدوم محمد معين کي الله تعاليٰ علم جي جيڪا دولت عطا ڪئي هئي، سا سندس دور ۾ تمام گهٽ ماڻهن کي نصيب ٿي. پنهنجي وقت ۾ علم جي لحاظ کان بينظير هو. سندس باري ۾ قانع خوب چيو آهي تہ:

آنکـــ آمد راست بر بالش تشريف علوم
ثانيش کس نيست در معقول الا بو علي([1])

جيئن مخدوم موصوف جي درس ۽ تدريس مان ڪيترائي مفتي مدرس ۽ مدرسن جا مالڪ ٿيا، تيئن مخدوم موصوف تصنيف ۽ تاليف ۾ بہ حد درجي جي محنت ۽ جانفشانيءَ کان ڪم ورتو. قانع جي لفظن ۾ تہ: مڙني علمن ۾ سندس تصنيفون يادگار آهن. حديث، فقہ، اصول فقہ، فلسفي، منطق، علم ڪلام، تصوف ۽ اهل بيت جي فضائل تي سندس تصنيفون اسلامي دنيا ۾ مشهور آهن. مخدوم ابراهيم ٺٽوي القسطاس المستقيم ۾ لکيو آهي تہ: سڄي عمر موصوف علم فلسفي، نجوم ۽ موسيقيءَ جا ڪتاب مطالعو ڪيا. انهن علمن ۾ ۽ ريميا، ڪيميا ۽ هيميا وغيره علمن ۾ تيڏصنيفون تخليق ڪيائين." ([2]) گهٽي ڪان گهٽين تصنيفات جو مالڪ هو. بدقسمتيءَ سان سندس سڀ تصنيفون دستياب نہ ٿي سگهيون آهن. سندس جيڪي تصنيفات معلوم ٿي سگهيون آهن، انهن کي اسان هيٺين ٽن قسمن ۾ ورهائي سگهون ٿا:

1. دستياب ٿيل تصنيفون.
2. تصنيفون، جن جو حوالو مختلف تصنيفن ۾ مليو آهي.
3. اهي تصنيفون، جن جا مختلف قلمي ورقن يا نسخن تان صرف نالا ملي سگهيا آهن. هنن ٽن قسمن کي هيٺ اسان الڳ الڳ بيان ڪنداسين. دستياب تصنيفات جي عنوان هيٺ تصنيفات جو مڪمل تعارف ڏنو ويندو. جن تصنيفن جو حوالو ملي ٿو، تن جو تعارف حوالي جي روشنيءَ ۾ جيترو ممڪن ٿي سگهندو اهو پيش ڪبو. ٽئين قسم جي تصنيفن جي صرف فهرست پيش ڪئي ويندي.

## سرد الاسانيد

هيءَ ٽن صفحن تي مشتمل رسالو آهي، جنهن ۾ مخدوم موصوف پنهنجو حديث ۽ ٻين علمن جي اسناد جو سلسلو تحرير ڪيو آهي. رسالو خط نستعليق ۾ حڪيم محمد مراد جي مجموعہ رسائل ۾ شامل

---

[1] قانع، مير علي شير، ٺٽوي: "مقالات الشعراء" صفحہ: 121

[2] مخدوم محمد ابراهيم ٺٽوي، القسطاس المستقيم (قلمي) صہ 41

آهي. خط نهايت سهڻو ۽ صاف آهي. ڪاتب ۽ سن ڪتابت نسخي ۾ ڄاڻايل ڪانهي.

**متن جي شروعات:**

فقير ڪتب سته احاديث وغيره از جوامع و مسانيد و معاجيم و ڪتب علم ڪلام وڪتب علم اصول و ڪتب علم ادب و ڪتب شريف علم شريف تصوف بسند متصل الي المصنفين....

**متن جي پڇاڙي:**

ودرين قدر ڪفايت سوال است و اطلاع جميع اسانيد احاديث بدون اطلاع بر فهاريس مشائخ حاصل نه خواهد شد.

**مضمون جو تفصيل:**

مخدوم محمد معين هن ۾ پنهنجي پنجن استادن جو ذڪر ڪيو آهي. پهريون شيخ عبدالقادر مفتي مڪ، ٻيو شيخ محمد ابو طاهر بن شيخ ابراهيم ڪردي مدني، ٽيون شيخ فيض الله بن عارف ۽ قطب وقت شيخ آدم ٺٽوي، چوٿون شيخ ذڪي الله سرهندي ۽ پنجون شاه ولي الله دهلوي.

پهرين ٻن استادن کان مخدوم موصوف خط ذريعي اجازت حاصل ڪئي آهي. باقي ٻين ٽن استادن کان پاڻ روبرو اجازت حاصل ڪئي اٿن. شيخ فيض بن مخدو آدم ٺٽويءَ لاءِ موصوف لکيو آهي ته پاڻ شيخ حسن عجيميءَ کان اجازت رکي ٿو جيڪو حضرت شيخ عبدالقادر مفتي مڪ جي عمده مشائخن مان آهي. شيخ عبد القادر جي سند هيٺ ذڪر ٿي رهي آهي، شيخ فيض الله جو سند جو سلسلو به ان ۾ ذڪر ٿي ويندو ان ڪري مخدوم موصوف ان بابت وڌيڪ ذڪر نه ڪيو آهي.

**شاه ولي لله جي سند:**

فقير محمد ملقب بمعين ابن محمد ملقب به امين، ولي الله بن عبد الرحيم کان، جنهن چيو مون حديث مسلسل بالاوليت، ثقه ثابته حاجي محمد افضل کان ٻڌي، جنهن چيو ته مون اها شيخ عبدالاحد کان ٻڌي ، جنهن چيو ته اها مون پنهنجي پيءُ محمد سعيد کان ٻڌي، جنهن چيو ته مون پنهنجي پيءُ شيخ احمد سرهنديءَ کان اها ٻڌي.

**شاه ولي لله جي ٻي سند:**

مون حاجي محمد افضل کان ٻڌو ان چيو مون شيخ عبدالله مڪي بصري کان ٻڌو جنهن جي باقي سند سندس مسند ۾ مذڪور آهي.

**شيخ زڪي لله سرهندي جي سند:**

آءُ (مخدوم محمد معين) شيخ زڪي الله کان، اهو پنهنجي پيءُ کان ۽ اهو سندس ڏاڏي شيخ عبدالاحد کان، اهو پنهنجي شيخ خازن الرحمت محمد سعيد قدس سره کان، جنهن چيو ته مون پنهنجي پيءُ شيخ احمد سرهنديءَ قطب وقت مجدد الف ثاني کان. ان کان پوءِ موصوف مجدد الف ثانيءَ جون مٿي سندون پڻ نقل ڪيون آهن.

**شيخ عبدالقادر مفتي حرم لله مڪ:**

مون (محمد معين) کي شيخ عبدالقادر مفتي حرم الله مڪ ٻڌايو جنهن کي شيخ ابراهيم بن حسن

الڪوراني اجازت ڏني ان عارف بالله صفي الدين احمد بن محمد مدني قشاشي ڪان شروع جا ڪجھ ٽڪرا پڙهي سيني جي روايت جي اجازت ورتي. جيڪي ان شمس محمد بن احمد رملي ڪان پڙهيون ان شيخ الاسلام قاضي زڪريا انصاريءَ ڪان، ان حافظ ابوالفضل احمد بن علي ابن حجر عسقلانيءَ ڪان روايت حديث جي اجازت ورتي مخدوم موصوف ابن حجر جي سند امام بخاريءَ تائين نقل ڪئي آهي ۽ ان ڪان مٿي سند بخاريءَ جي استاد جي رسول الله صلي الله وصلم جن تائين صحيح بخاريءَ ۾ موجود آهي.

## دراسات اللبيب في الاسوة الحسنة بالحبيب

علم حديث جي موضوع تي تصنيف ٿيل مخدوم محمد معين جو هيءُ ڪتاب عربي ٻولي ۾ آهي. هيءُ ڪتاب مخدوم موصوف جي مڙني ڪتابن مان سيني ڪان وڏيڪ مفصل ۽ ضخيم تصنيف آهي. مولانا محمد عبدالرشيد نعمانيءَ جي مقدمي ۽ تحقيق سان هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي طرفان 1957ع ۾ ڇپجي منظر تي اچي چڪو آهي، پر هيءُ ان جو ٻهريون ڇاپو ناهي. سڀ ڪان پهريائين هيءُ ڪتاب 1284ھ ۾ لاهور ۾ ڇپجي چڪو هو. سنڌي ادبي بورڊ وارو ڇاپو ڊيمي سائيز جي 455 صفحن تي مشتمل آهي. هيءُ ان لاهور واري ڇاپي جون غلطيون سڌاري ان ڪي ٺي سامهون رکي ٻيهر ڇاپيو ويو. مولانا نعماني صاحب جي آڏو ڪوبہ قلمي نسخو هن ڪتاب جو ڪونہ هو. جيئن پاڻ لکيو آٿن تہ: آءُ هن ڪتاب جي ڪنهن خطي نسخي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهيس". ([1])

**متن جي شروعات:**

لڪ الحمد اللّهم علي ان سقت الينا من طمطام يم الڪتاب رزقا طريا، ورزقتنا من ڪوثر السنة مشربا رويا.

**متن جي پڇاڙي:**

وهذا آخر ما اريد منا في ذڪره في هذالدراسة. وبتمامها تم الڪتاب لحسن توفيق الله تعاليٰ واعانتہ والحمدلله حمد اڪثيراً طيباً مباركا فيہ ومباركاً عليہ كما يحب ربنا و يرضيٰ. رب اغفر وارحم وانت خيرالراحمين و آخر دعوانا ان الحمدلله رب العالمين.

**خطي نسخو:**

خدا جي فضل سان هن ڪتاب جو هڪ قلمي نسخو ريسرچ لائبريري انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۾ موجود آهي. خط نسخ ۾ نهايت صاف ۽ سهڻو ڪتابت ڪيل آهي، خاص خاص شيون عبارت ۾ ڳاڙهيءَ مس سان لکي واضح ڪيون ويون آهن. شروعات ڪان ڪجھ صفحا نسخي منجهان غائب ٿيل آهن. پنو تمام پراڻو هئڻ ڪري ڪمزور ٿيل آهي. ڪي ورق ڀُريل بہ آهن. جن جي مرمت ڪئي وئي آهي. هن نسخي ۾ ڪتاب جي پندرهن جاين تي مخدوم موصوف جا "منهيات" نقل ڪيل آهن. مصنف جن پنهنجن رسالن جو ڪتاب ۾ ذڪر ڪيو آهي، تن ڪي بہ ڪاتب ڪناري تي لکي ڇڏيو آهي. ڪي ڪي خاص ڳالهيون ۽ تفردات، جيڪي مصنف طرفان پيش ڪيا ويا آهن، ڪاتب انهن ڪي نکارڻ لاءِ حاشيي

[1] نعماني، عبدالرشيد، مولانا: "مقدمہ دراسات اللبيب في الاسوةالحسنة بالحبيب" صفحہ: 2

تي ٻاڙهيءَ مس سان لکي واضح ڪيو آهي هن جو ڪاتب يار محمد ولد حاجي محي الدين آهي. ڪاتب سن ڪتابت جي وضاحت ڪانہ ڪئي آهي. البتہ هن نسخہ جي خاص خصوصيت اها بہ آهي تہ هن جي پڇاڙي ڇاپي نسخي کان مختلف طريقي سان نقل ڪيل آهي. ڇاپي نسخي ۾ سن تاليف نقل نہ ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ خطي نسخي ۾ دراسات جو سن تاليف 1122ھ نقل ڪيو ويو آهي. اربع جي رات، ذوالحج جي ٽين تاريخ هئي.

**خطي نسخي جي شروعات:** علما لاظنا باجتهاد ولاتقليد............

**خطي نسخي جي پڇاڙي:** ربنا لا تؤاخذنا ان نسينا او اخطئنا ربنا ولا تحمل علينا اصرا كما حملتہ علي الذين من قبلنا ربنا ولا تحملنا ما لاطاقة لنا بہ واعف عنا و اغفرلنا وارحمنا انت مولانا فانصرنا علي القوم الكافرين. اللّٰهم اجعلنا من حزب نبيك اهل بيتك المفلحين آمين يا رب العالمين و صلي الله عليہ وعلي آلہ اجمعين. تمت بالخير.

**دراسات اللبيب جي شهرت:**

موضوع ۽ مباحث جي حوالي کان دراست مخدوم موصوف جو معرڪةالآراء ڪتاب آهي، جنهن جي شهرت نہ صرف سنڌ پر پوري هند کان ويندي عربستان تائين هئي. وڏن عالمن، محققن ۽ مفڪرن جو توجه هن ڪتاب پاڻ ڏانهن ڇڪايو هر هڪ طبقي ۽ مسلڪ جي عالمن هن ڪتاب بابت مختلف رايا ڏنا. ميءَ ڪتاب جڏهن سنڌي ادبي بورڊ ڇاپيو تڏهن ان جي هاڪ ايتري ڪانہ هلي جيتري ان جي هاڪ تڏهن هلي جڏهن 1866ھ ۾ هيءَ ڪتاب لاهور مان ڇپيو. ان وقت هن ڪتاب برصغير جي علمي حلقن ۾ ٻڙڌڪ مچائي ڏنو هندستان جي تمام وڏن ناليوارن محقق عالمن جي وچ ۾ هيءَ ڪتاب بحث جو موضوع بنيو. جن تمام وڏن عالمن هن ڪتاب بابت ڳالهايو ۽ بحث ۾ حصو ورتو انهن ۾ مولانا عبدالحي لکنوي، شيخ عبدالله ٽونڪي، نواب صديق حسن خان قنوجي. مولانا نذير حسين دهلوي، محمد شاه صديقي، مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ مولانا عبيدالله سنڌي شامل آهن.

مولانا عبدالحي لکنوي هڪ مسئلي تي بحث دوران عبدالوهاب شعرانيءَ جهڙي محقق عالم سان گڏ مخدوم معين جي تحقيق تي اعتماد ڪندي لکيو آهي.

”جيئن ان جي عبدالوهاب شعرانيءَ ميزان ۽ ملا معين پنهنجي ڪتاب دراسات اللبيب في الاسوةالحسنة بالحبيب ۾ تحقيق ڪئي آهي.“

هڪ هنڌ امام ابن همام تي مخدوم معين جيڪو بحث ڪيو آهي ان جي تحسين هنن لفظن سان ڪئي اٿس: ”صاحب دراسات اللبيب سندس بهترين تعاقب ڪيو آهي. ۽ مضبوط رد ڪيو آهي. اهو ڏسڻ وٽان آهي.“

ان سان گڏ ساڳئي وقت مولانا عبدالحي لکنويءَ ”السعي المشكورفي رد المذهب الماثور“ ۾ مٿس تنقيد بہ ڪئي آهي، [1] جيئن اهو محققن جو سهڻو دستور آهي. مولانا عبدالله ٽونڪي نخبة الفكر جي

---

[1] نعماني عبدالرشيد: ”مقدمہ دراسات“ صفحہ: 75

شرح ۾ کوڙ ڳالهيون دراسات مان نقل ڪيون آهن. ڪٿي ڪٿي انهن تي رد بہ ڪيو اٿس. نواب صديق حسن خان قنوجي "اتحاف النبلاء" ۾ "دراسات" جي هن طرح ساراهہ ڪئي آهي. "اهو پنهنجي موضوع جو بهترين ڪتاب آهي. سندس عبارت ۾ متانت ۽ لفظن ۾ رسُ آهي. اعليٰ مطالب جي تحقيق ۽ پنهنجي مدعيٰ تي صحيح دليل آڻڻ جي معاملي ۾ بهترين تحقيق آهي، پر سندس اها ڳالهہ سٺي ڪانهي تہ موصوف ڪتاب ۾ هرويرو تصوف جي ذوق جو گهڻو اظهار ڪيو آهي. ان باوجود هيءُ ڪتاب مقلدن جي الزام ۽ مخالف جي جواب لاءِ ڪافي ۽ ڀرپور آهي". [1]

لاهور مان هن ڪتاب جي ڇپجڻ ۽ عام ٿيڻ کان پوءِ دهليءَ جي رهواسين سيد نذير حسين دهلويءَ کان "استفسار" ڪيو ۽ فتويٰ پڇي تہ "دراسات" جو مصنف هنن هنن خيالن جي حساب سان شيعو آهي. تڪيو ڪري محدث جي لباس ۾ شيعہ مذهب جي پرچار ڪئي اٿس. دهليءَ جي هنن رهواسين دراسات منجهان سيد نذير حسين دهلويءَ جي آڏو پنج مسئلا رکي مخدوم معين کي شيعو ثابت ڪيو ۽ سيد نذير کي اهو خوف ڏياريو تہ ان ڪتاب سان رافضيت جي پرچار ٿيندي. اوهان ان بار ۾ جواب ڏيو". [2]

عبدالرشيد نعماني صاحب جن لکيو آهي تہ جيستائين اسان کي معلوم آهي تہ سيد نذير حسين دهلوي انهيءَ استفسار جو ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو[3]

دهليءَ جي رهواسين طرفان هن استفسار جو جائزو وٺبو تہ معلوم ٿيندو تہ هيءُ دهليءَ جا رهاڪو ڪي عام ماڻهو ڪونہ هئا. بلڪ يقين جي حد تائين چئي سگهجي ٿو تہ اهي دهليءَ جا ڪي جيد حنفي علماء ئي هئا. جن نالو ظاهر ڪرڻ نہ گهريو آهي ۽ سيد نذير حسين کان عام رهواسين جي طور استفسار ڪيو آهي. ڇاڪاڻ تہ هن استفسار ۾ دراسات ۾ موجود جن پنجن مسئلن کي ظاهر ڪيو ويو آهي، سي ڪو ٿوريءَ گهڻيءَ سمجه وارو عالم بہ سمجهي ڪونہ سگهندو. اهي مسئلا ڪو جيد، مستند ۽ محقق عالم ئي دراسات مان سمجهي ۽ انهن کي اهڙي طريقي سان پيش ڪري سگهي ٿو جيئن ذڪر ڪيل استفسار ۾ اهي پيش ڪيا ويا آهن. ان ڪري اسان چئي سگهون ٿا تہ دهليءَ جي تمام وڏي سطح جي علمي حلقن ۾ هن ڪتاب ترٿلو مچايو.

سپ کان پهريائين تہ هيءُ ڳالهہ ذهن ۾ رکجي تہ دهليءَ جي پنجابي واپاري محمد ابراهيم جي خرچ تي ۽ سيد نذير حسين دهلويءَ جي حڪم تي هيءُ ڪتاب لاهور مان ڇپيو هو. [4] ان کان پوءِ محمد شاه صديقي، جيڪو شاه ولي الله جي پٽ شاه عبدالعزيز جي شاگرد جو شاگرد هو، تنهن نذير حسين دهلويءَ جي ڪتاب "معيارالحق" جو رد لکيو. ان ۾ لکيو اٿس تہ: صاحب "معيار" پنهنجي ڪتاب "معيار" جي تائيد ۾ هڪ ٻيو ڪتاب بہ ڇپرائي رهيو آهي. مون ڏانهن مولوي مخدوم الموقر تازو لاهور کان هڪ خط لکيو آهي تہ صاحب "معيار" مون ڏانهن پنهنجو هڪ شاگرد دراسات ڇپرائڻ لاءِ موڪليو آهي. منهنجو

---

[1] قنوجي، نواب صديق حسن خان: "اتحاف النبلاء" صفحہ: 78 مطبع شاهجهان ڀوپال.

[2] نعماني، عبدالرشيد: "مقدمہ دراسات" صفحہ 84_ 90 ملخص.

[3] نعماني، عبدالرشيد: "مقدمہ دراسات" صفحہ:91

[4] نعماني، عبدالرشيد "مقدمہ دراسات" صفحہ: 77

گمان آهي تہ دراسات جو مصنف شيعو آهي. تون بہ اهو ڪتاب مطالعو ڪر. ان کان پوءِ پنهنجو پراڻو دوست مولوي امير حسن سهسواني آيو جيڪو عبدالعزيز بن حاجي علي جان جي گهر ۾ ٽڪيل هو. ان جي ملاقات لاءِ آءُ اتي جو پهتس تہ صاحب معيار“ بہ اتي ويٺو هو ۽ سندس آڏو دراسات جا سئو بہ سئو ڪتاب رکيا هئا. پاڻ ان ڪتاب جي تمام گهڻي تعريف ڪري رهيو هو مولوي امير حسن ۽ عبدالعزيز مون کي دراسات جو رد لکڻ جو مشورو ڏنو. ان تي صاحب معيار چيو: هن ڊجڻي ماڻهوءَ کي هيءُ ڪتاب نہ ڏيو سندس دل ٽٽي پوندي. مولوي امير حسن جي چوڻ تي عبدالعزيز مون کي هڪ نسخو ڏنو. ڏيهن ٻن کان پوءِ آءُ صاحب معيار جي مسجد ۾ سندس خدمت ۾ ويس. عصر جو وقت هو. ڏٺم تہ دراسات جي تعريف ڪري رهيو هو. مون کيس چيو تہ: اوهان جو ڪتاب معيار ان کان وڌيڪ آهي.“ کيس ان جو سبب بہ ٻڌايم. چيائين:

سنو آهي پر هيءُ ماڻهو يعني دراسات وارو وڏو محقق آهي. ان جي ڪتابن تي تمام گهري نظر آهي.“ [1]

هن بيان مان ڏسي سگهجي ٿو تہ هندستان جي تمام وڏي پائي جي محققن ۾ ڪيئن هن ڪتاب بحث مباحثي جا معرڪا قائم ڪري ڇڏيا. هن ڪتاب جي تمام وڏي تحقيقي معيار هڪ پاسي حامين جي دل درياء ڪري ڇڏي تہ ٻئي پاسي مخالفن کي ڏڪائي ڇڏيائين. محمد شاه صديقيءَ جنهن جو مٿيون بيان گذريو. تنهن پوءِ ”معيار الحق“ جي رد ۾ لکيل پنهنجي ڪتاب ”مدارالحق في الرد علي ميار الحق“ ۾ دراسات جو بہ رد لکيو ۽ ان ۾ کيس شيعو ثابت ڪرڻ لاءِ دراسات مان تمام گهڻن مسئلن کي دليل طور ذڪر ڪيو جن مان چند مسئلا مولانا عبدالرشيد نعمانيءَ دراسات جي مقدمي ۾ ذڪر ڪيا آهن.

مولانا عبدالله سنڌيءَ شاه ولي الله اور ان کي سياسي تحريڪ“ ۾ دراسات جي باري ۾ پنهنجي راءِ هن طرح ڏني: شيخ محمد معين ٺٽوي دراست اللبيب کي شيخ عبدالحق دهلويءَ جي طريقي مٿان شاه ولي الله جي طريقي جي ترجيح جي واسطي تصنيف ڪيو هن ڪتاب جي خاص طور ٻارهين دراسي جو مطالعو ڪرڻ گهرجي. ان ۾ موصوف, امام اعظم جي مٿان تاريخ صغير ۾ امام بخاري جيڪا تنقيد ڪئي آهي, ان جو جواب ڏنو آهي, ڪتاب لاهور ۾ ڇپيو. اهل حديث ان جي ڇپائڻ جي ڪوشش ڪئي“. [2]

4 فيبروري 1946ع تي مولانا ابوالڪلام آزاد ڪراچي آيو جتي مولانا دين محمد وفائي ساڻس ملاقات ڪئي, ڪچهريءَ ۾ ”مشاهير سنڌ“ تي ڪم ڪرڻ جو ذڪر نڪتو. ان تي مولانا آزاد ڪتابن جا حوالا ڏيڻ شروع ڪيا. جڏهن مخدوم محمد معين جو ذڪر نڪتو تہ فرمايائون: هو شاه ولي الله جو شاگرد هو ۽ سندس هڪ ڪتاب ”دراسات اللبيب“ ڇپجي پڌرو بہ ٿيو آهي.“ [3] ظاهر آهي تہ دهليءَ جي علمي حلقن ۾ ٺاڪوڙو وجهندڙ ڪتاب دراسات مولانا ابوالڪلام جي مطالعي هيٺ اچڻ کان ڪيئن ٽي رهي سگهيو.

---

[1] حوالو ساڳيو صفحہ: 92

[2] سنڌي, عبيدالله مولانا: ”شاه ولي الله اور ان کي سياسي تحريڪ“ صفحہ: 138, المحمود اڪيڊمي لاهور.

[3] راشدي حسام الدين: ”مقدمہ مشاهير سنڌ“ صفحہ: 7 . سنڌي ادبي بورڊ 1985, ڇاپو: ٻيو.

**دراسات جو مضمون:**

هيءُ ڪتاب مقدمي ۽ ٻارهن دراسن تي مشتمل آهي، فصل ۽ باب جي بجاءِ مصنف ڪتاب کي دراسات ۾ ورهايو آهي، جيڪي ٻارهن عدد آهن. جن کي موصوف نبي ﷺ جي اسوة حسنہ جا دراسات سڏيو آهي، مقصد نبي ﷺ جي احاديث ۽ سنت تي عمل ڪرڻ جي ترغيب ڏيڻ ۽ ان جي مقابلي ۾ ائمہ فقهاء جي تقليد ترڪ ڪرڻ جي تعليم ڏيڻ آهي. ان ڳالھ سان اصول حديث ۽ اصول فقہ جون ڪيتريون ئي ڳالهيون ۽ بحث تعلق رکن ٿا. مخدوم صاحب انهن سڀني جو محققانہ طريقي تي جائزو پيش ڪيو آهي.

**دراسات جي ساراہ ۾ شاعري:**

دراسات اللبيب رياض علم — خلت عن كل متقصة و وصم
بنزهتها مروحة القلبوب — حماها الله عن خطرالخطوب
فلك الجزاء لمن تصدي — علي تصنيف ذا السفر العجيب
هدي وشفاء لصب مستهام — ومن نار المحبة في لهيب
نشبث بالحديث فذاك حتم — اذا ما صح من قول الحبيب
الا يا راغباً فى الدين حقاً — تامل فى ""دراسات اللبيب "

طلا محمد پشاوري دراسات جی هنن لفظن سان تعريف ڪئي:

الحمدلله ربي خالق البشر — صنعاً من الحماء المسنون ذي كدر
وفيہ اودع من آثار حكمتہ — ما لايحيط بہ ذوالعقل والفكر
حمداً كثيراً خطيراً دائماً ابداً — حمداً جزيلاً جميلاً غير منحصر
ثم الصلوة علي خير البرية من — آياتہ ظهرت في الشمس والقمر
والہ الطيبين الطاهرين هم — الكرام عزاً وقدراً اي مقتدر
ازكي صلوة تفوق المسک في ارج — وننشط الروح من اضواعها العطر
كما يحب ويرضي ربنا ابداً — ما صاحب طير علي غصن من الشجر
ثم الرضي عن جميع الصحب قاطبةً — لاسيما عن ابي بكر وعن عمر
عن ابن عفان ذي النورين بعدهما — وعن علي محيط العلم والخبر
وبعد بشري لاصحاب السداد بان — تمت دراسات اهل العلم والنظر
فهذه نسخة مرغوبة طبعت — بل روضة قد حوت من زاهر الزهر
راقت وفاقت بحسن الخط واختتمت — ويخترت في العري في اجمل الصور
حكت معانيہ حورات مجالسها — علي سرائر من استبرق خضر
خريدة لاتري في الدهر ثانيها — ولم نجد مثلها في سالف العصر
كانها الفور في الخضراء حاملةً — نوافجاً عبقاً من فورها العطر
مجموعة لقناع الحق كاشفة — صحت وعمت مع الاقبال والظفر

عذراء شنباع عندالنطق تنظرها   تفتر عن رد رطب وعن درر
يا لائمي عذلاً لوكنت ناظرها   لصرت من عزلي للعفو معتذري
كان وجنتها صبح و ظلعتها   برق تالق في الظلماء بالسحر
تحكي لوامعها في النورعن فلق   وعن شهاب وعن شمس وعن قمر
راح بلاضر، صفوبلا كدر   برق بلا خطر، نور بلا شرر
تضهي [1] شمائلها شمساً بلاكسف   تحكي شمائمها عن عنبر الشجر
لو غائص الفكر فيها غاص مجتهداً   يراه بحراً بلا ضير ولا ضجر
تثبت الحق بالبرهان موضحة   علي الفوائد ثبوت النقش في الحجر
روائح الرند والند الزكي لها   تروح الروح من هم ومن فكر
غدا فؤادي بها في الروح مبتهجاً   كوردة بسمت من نسمة السحر
كانها الشمس لا حت من مطالعها   بدت لنا في جمال غير مستتر
او غادة برزت في زينة وضيا   لعاشق دنف في الجد والسهر
تنضر الروح من تقرير مطلبها   كما تنضر وجه الزرع بالمطر
اطروفة من معانيها مروحة   للروح والعقل والا سماع والنظر
هي الكنوز التي عزت جواهرها   محفوظةً من حلول الحادث الغير
وكم محاسن مهدي الواصفون لها   مابين منتظم منها ومنتثر
قالوا ظفرت بما تبغي فقلت لهم   الشكر لله ربي منجح الوطر
تصنيف حير خبير كامل فطن   من من فضائله داماء ذي ذخر
محمد بن محمد طاب مرقده   معين دين الهدي بالمنطق البهر
بحر العلوم امام العصر شمس هدي   عريف اعصاره التحرير في الحبر
سميدع العصر حبر الدهر بدر دجي   في العلم محتكم في الزهد مشتهر
هو الخبير الذي فاق الفصاضل في   علم وفضل وفي مجد وفي خطر
من ذا يماثله في الفضل مرتبةً   من ذا يساهمه في العلم والفخر
قد ابرزالحق في هذا فليس هنا   حق بمنكتم صدق بمستتر
محصوله ان قول المصطفي سند   بلا امتراء لا هل البدو والحضر
اذا تعارض قولاً قال قائله   بلا دليل جليل جاء في الخبر
فالاخذ حتم بمضمون الحديث ولا   يلام آخذه بالضير والضرر
ومن يقدم اقوال الرجال علي   قول النبي تاه في بيداء ذي مجر
بلي وعزة ربي لا فلاح سوي   تسليم قول النبي بالسمع والبصر
وكل فضل وافضال ومكرمة   لقول سيدنا المبعوث من مضر

[1] كذا في الاصل.

نفسي الفدا من مقول فيہ حدثنا   فذاک في مسمعي من اطيب الخبر
ان شئت حب رسول الله فاذن الي   حديثہ و دع الجهال في البطر
لله در لاصحاب الحديث لقد   شادوا الاصول بلا خوف ولاخطر
وعرفونا صحاحاً من ذوي سقم   ونسقوا في نظام كل منتشر
وملكونا ملاک الامر واحتملوا   في نصرة الدين من بؤس ومن ضرر
اَهل التقي والنقي لولا تاخرهم   لجاء اوصافهم في محكم السور
قوم اذا جودلوا اوزوحموا غلبوا   بالنجح وانصرفوا بالفتح والظفر
قد جاهدوا في قوام الدين واجتهدوا   وفرقوا الفرض المسنون بالخبر
مشيدوا الملة الغرا بهمتهم   ساعون لله لا للجاه والفخر
عليک اخذاً باقوال النبي ابداً   فلا تدعها ولا تترک ولا تذر
فان فيها شفاء للقلوب فلا   يغرک اللدغياً من اولي الضرر
سوي حديث النبي والله ليس لنا   صدر بمنشرح قلب بمصطبر
يا ويح قوم اضاعوا الدين قاطبةً   ولم يخافوا عذاب الهون في السقر
ياويلهم نسخوا الاخبار وابتدعوا   مسائلا نسجوا بالفكر والنظر
لد عمون اشاهوا بدعة وهوي   من عند انفسهم ياعمية البصر
وينحتون رسوماً عم فتنستها   ومالها في قرون الخير من اثر
ولا يخافون حسباناً اذا بعثوا   ويدع داع الي شيء من النكر
وكم سمعت جسارات لهم سفهاً   ومهجتي من ضرام الوجد في سعر
فما انتهوا من كلام الله قط وان   آياتہ قد حوت من كل مزدجر
نعوذ بالله من سوء الخصال لهم   هم الشياطين في زي من البشر
لا اقدر المنع في شيء وانكره   وذاک من اضعف الايمان في الخبر
الي المهيمن شكوي الظلم ثم الي   نبينا المصطفي المنعوت في الزبر
هيهات كيف يرومون الفلاح وهم   علي شفا جرف هار من السقر
صم و بكم وعمي في الضلال فهم   لا يعقلون تميز النفع من ضرر
قوم قد اتخذوا الاحبار آلهةً   من دون رب العلي ياسوءة البطر
فقل اعوذ برب الناس من خطر   الوسواس خناسهم بلقي الي البشر
وانما شكوتي زادت لضيعتمهم   ديناً قويماً بلا باس ولا حذر
وعدوهم في تقفارتب سائرها   تيهاً بعيداً بلا ماء ولا شجر
دليلنا من كتاب الله عز وجل   وقول احمد هدي غير ذي دعر
للذكر قد يسر القرآن خالقنا   فهل لآ ياتہ البيضا بمدكر
ياويح عارض بدع ساء منظره   ان رمت خيراً فكن جداً علي حذر
يا نفس لا تقنطى من كرية وعنا   فكلها قدر الديان بالقدر

فاليسر مقترن عسراً بلا مهل — والصفو ياتي علي الاكدار بالاثر
لا تاتين اموراً ماروي سلف — اذ كل بدع ضلال جاء في الخبر
الحمد لله حمداً لا نفاذ لہ — سبحان ربي منيع القول والقدر
مدبر الامر في الاعصار مرحمةً — مكور الدهر بالآصال والبكر
تبارک الله ليس العقل يدرکہ — ولا يحاط لہ بالفکر والنظر
ثم الصلوة علي فخر الوري شرفاً — محمد جاء بالآيات والنذر
آياتہ اشرف الآيات باهرة — ودينہ اقوم الاديان في العصر
وکم لہ معجزات جل رتبتها — تفصيلها جاء في الاخبار والسير
يا نفس جودي وعودي بالنقي عجلاً — الامر تمرغ في جعرو في قذر
ما استافقت نفسي الوسني وما انبهت — الا وعند حلول الشيب والكبر
خشيت امري لا دائي بمنصرم — ولا خطائي واسرافي بمغتفر
لکن عفوک يا رحمن اوسع من — ذنبي وان کان يردني من الخطر
اغفر بجودک عفواً سيئات "طلا" — وارحم علي فاقتي يارب وانتصر
مان شان عزک ربي ان تجاوز عن — عبد کثير الخطا للعفو مفتقر
اقول فی الختم ما قد قلت متبداءاً — الحمد لله ربی خالق البشر

طلا محمد پشاوريءَ هينيان شعر پڻ دراسات جي ساراه ۾ چيا آهن:

راحت سليمي فقلبي اليوم في قلق — ومهجتي من لهيب الوجد في حرق
علياء في نسب غيداء في طرب — كمياء في شنب كحلاء في حدق
اذا بدت في اناس قال قائلهم — سبحان من خلق الانسان من علق
فبارک الله في حسن اذا طرحت — علي المناكب فؤديها ذوي الحلق
كانها الصبح في نور و فؤدتها — سرادق الليل قد سبطت علي الفلق
البين ارقني والوجد احرقني — والقلب في دهق والعين في ارق
كانني تحت اقدامي لفي جمر — لا استطيع علي حال من القلق
افني الهوي طاقتي حتي لواعجها — لم تبق من مهجتي شيئاً سوي رمق
وكم حجرت عيوني عن مغازلة — فكلما حل بي من آفة الحدق
عوجا نرق دمعةً في حسرة وجويّ — ياعين ذات انهال علي نسق
علي انطماس رسوم العلم قاطبةً — ثم اختلافات اهل العصر والفرق
اضحت مراسم علم الدين عافيةً — من وابلات وطيشآت ذوي الصعق
فبينما كنت اشكو فاقتي اسفاً — فيما فؤادي من ريب المنون لقي
اذ طابت الاذن من ذكري مكرمة — صحيفة فاقت الازهار في عبق
الف بلا اسف كنز بلا تلف — شمس بلا كسف بدر بلا بهق

وغيرها من طروس لا يماثلها / في ندرة النظم او في جودة النسق
اذا سفرت عن ضياء الصبح طلعتها / واظهرت عن سنابرق وعن شفق
اوراقها تخطف الابصار بارقةً / كانها صفحات التبر من ورق
شمس السنا والهدي ي لمعة وضيا / نور التقي والنقي بالمنظر الطلق
تصنيف حبر خبير بارع فهم / عريف اقرانه في الخلق والخلق
معين دين الهدي من من براعته / فاق الخلائق في علم وفي ذلق
جزاه ربي خيراً دائماً فله / حسن الثناء الي يوم التناد بقي
وكم جهول تري في الغي جاحده / ويزدري فضله جهلاً من الرهق
اذا لقيت لمن عاداه من سفه / فقل اعوذ برب الناس والفلق
يامعرضاً عن احاديث النبي سفهاً / لتركبن طباق السوء عن طبق
لايسفادل بقول قال معرضها / شتان بين طلوع الشمس والغسق
ولا دواء لاهل الجهل عند نهي / اعي المسيح علاج الجاهل الحمق
يا رامقا فيه سل الله مرحمة / لطابع ماهر الاصلاح والانق
اذا اطلعت علي وصم ومنقصة / فكن عفواً بلا لوم ولا حنق
اصلح ولاتك طعنا لكاتبه / ان الكرامة في صنح بلارهق
وبعد ان شئت قل لِله در طلا / مؤرخ الطبع والترتيب والنسق
زد واحداً ثم قل تاريخ مختمها / طبع الدراسات انجتنى من القلق

## منتخب مجمع النڪات

هيءُ رسالو مخدوم معين جي رسالي مجمع النڪات جو منتخب آهي. هن جو سن تاليف معلوم ناهي. اڪثر مصنفن چهل حديث جي طريقي تي ڪوڙ رسالا تاليف ڪيا آهن. سيني جي آڏو چهل حديث جمع ڪرڻ جو مقصد هن حديث جي فضيلت جي سعادت حاصل ڪرڻ رهيو آهي، جنهن ۾ آهي تہ جنهن منهنجي امت لاءِ چاليہ حديثون محفوظ ڪيون تنهن کي الله قيامت جي ڏينهن فقيهن ۽ عالمن جي زمري ۾ اٿاريندو. مخدوم محمد معين پڻ انهيءَ سعادت جي مد نظر هيءُ رسالو تاليف ڪيو آهي. پر موصوف پنهنجي انفراديت جي نقطہ نظر کان الڳ طريقہ ڪار اختيار ڪيو آهي. جنهن جو هيٺ ذڪر اچي ٿو.

**متن جي شروعات:**

الحمد لِلہ رب العالمين والصلواة والسلام علي خير المرسلين و عليٰ آلہ و اصحابہ اجمعين اما بعد فهذه رسالة منتخبة من الرسالة المسمات بمجمع النكات التي صنفها الشيخ الفاضل محمد معين

**متن جي پڇاڙي:**

قال الصالح المري ببعض الديار: يا ديار اين ملاڪڪ الاولون واين عمارڪ الاولون واين عمارڪ الماضون فهتف بہ هاتف لانقطعت آثارهم شعر:

يا من بدنياه اشتغل: قد عزه طول الامل
اولم يزل في غفلة: حتي دني منہ الاجل
الموت ياتي بغتة: والقبر صندوق العمل

اللّٰهم اختم بالسعادت آجالنا وبالشهادت آمالنا وارنا الحق حقا و ارزقنا اتباعہ و ارنا الباطل باطلا و ارزقنا اجتنابہ والحمد للہ رب العالمين والصلواة والسلام علیٰ سيد المرسلين وعلي آلہ واصحابہ اجمعين

**مضمون جو تفصيل:**

مصنف رسالي کي ٽن قسمن ۾ ورهايو آهي. پهرئين قسم ۾ چاليه حديثون جمع ڪيون اٿس. ۽ حديث جي فضيلت جي سعادت حاصل ڪئي اٿس. ٻئي قسم ۾ بہ چاليه حديثون ئي جمع ڪيو اٿس، پر اهي جيڪي مختصر ۽ جامع آهن. شروع شروع ۾ مصنف چاليهن حديثن جي جمع ڪرڻ بابت مٿين حديث بيان ڪئي آهي. ۽ ان جي روايت ۾ ابو درداء، ابن مسعود ۽ ابن عمر کان جيڪي مختلف لفظ منقول آهن، اهي نقل ڪيا اٿس.

ٽئين قسم ۾ حضرت علي ڪرم الله وجهہ کان جيڪي سندن مختلف واعظن ۾ جامع ڪلمات منقول آهي، سي نقل ڪيا ويا آهن.

چوٿين قسم ۾ مختلف حڪماء کان منقول چوٽيون ۽ عالمن ۽ فاضلن جي زبانن تي جاري ڪلما منقول آهن.

**رسالي جا نسخا:**

هن رسالي جا بہ نسخا دستياب ٿي سگهيا آهن. هڪڙو چوٽياري شريف جو نسخو آهي ۽ ٻيو نسخو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي ريسرچ لائبريريءَ جو آهي.

**چوٽيارين وارو نسخو:**

هيءُ نسخو خط نسخ ۾ ڪتابت ڪيل آهي. هن جو ڪاتب توڙي سن ڪتابت معلوم ڪونهي. خط نهايت صاف ۽ سهڻو آهي. نسخي ۾ متن جي مٿان ڪافي تعداد ۾ حاشيا پڻ منقول آهن. نسخو اول کان آخر تائين صحيح سالم آهي.

**سنڌالاجي جو نسخو:**

سنڌالاجيءَ وارو نسخو هڪ وڏي مجموعي ۾ شامل آهي. جنهن ۾ ٻيا بہ ڪوڙ رسالا شامل آهن. مڙني رسالن ۾ ڪاتب ۽ سن ڪتابت درج ٿيل ڪونهي. البتہ هڪ رسالي ۾ فارسي نظم جي آخر ۾ ڪاتب الحروف ميان عبدالغفور ۽ سن ڪتابت 1265هه لکيل آهي. نسخو خط نسخ ۾ تحرير ٿيل آهي. "فصل" "الحديث" "نڪات" وغيره جا نشان ڳاڙهيءَ مس سان ڏنل آهن. نسخي کي اڌوهيءَ ڪجهه هنڌن تان کائي ڇڏيو آهي، جنهن ڪري ڪجهه متن جا لفظ بہ ڪاٽجي ويا آهن.

## غايت الايضاح في المحاڪمة بين النووي و ابن الصلاح

هي مختصر رسالو "اصول حديث" جي موضوع تي مخدوم محمد معين جو تصنيف ڪيل آهي. ڊيمي سائز جي 12 صفحن تي مشتمل هيءَ پنهنجي موضوع جو منفرد رسالو آهي. هن جو خطي نسخو قاسميہ لائبرري ڪنڊيارو ۾ محفوظ آهي. تاليف جو توڙي ڪتابت جو سال معلوم نہ ٿي سگهيو آهي،

**رسالي جي شروعات:**

"حامدا و مصليا و مسلما اما بعد فقد قال الامام النووي في التقريب والشيخ جلال الدين السيوطي في شرحہ المسمیٰ بالتدريب: واذا قالوا صحيح "......

**رسالي جي پڇاڙي:**

وهذا مما لا اختلاف فيہ ولاريبة لاحد من العلماء فما اعظم افتضاح من يظن من اهل زماننا ان الانتقاد في حديثهما يوجب الوقفة في العمل فانہ مفصح عن عدم رجوعہ الیٰ صواب هذ الفن الشريف ووقوفہ علي الرسوم المخيلة والله يعصمنا و اياهم عن كل ما لايرضیٰ بہ ولما ختمت بحمدالله سبحانہ هذہٖ الوريقة سميتها بہ "غاية الايضاح في المحاكمة بين النووي وابن الصلاح"

رسالي جي ڪتابت صاف آهي، پر ڪٿي ڪٿي ڪي غلطيون بہ رهجي ويون اٿس.

**مضمون جو تفصيل:**

رسالي جو اصل مقصد ۽ مدعي اها آهي تہ بخاري ۽ مسلم جون حديثون قطعي الصحت آهن. ڇاڪاڻ تہ امت جو انهن جي صحت تي اجماع آهي، جيئن رسالي جي نالي مان معلوم ٿئي ٿو. تہ نووي ۽ ابن الصلاح جو هن موضوع تي پاڻ ۾ اختلاف آهي. مخدوم محمد معين رحمة الله عليہ هن رسالي ۾ ٻنهي جي موقف جي چنڊڇاڻ ڪئي آهي، انهن جو تقابلي مطالعو ڪيو آهي. ۽ ان پوءِ ٻنهي وچ ۾ فيصلو ڪيو آهي.

مخدوم صاحب سڀ کان پهريائين ٻنهي جو موقف پيش ڪيو آهي، لکي ٿو.

امام نووي "التقريب" ۽ شيخ جلال الدين سيوطي سندس شرح "التدريب" ۾ چيو آهي تہ جڏهن صحيح" متفق عليہ چيو وڃي تہ ان مان شيخين جو اتفاق مراد هوندو آهي. امت جو اتفاق نہ.

ابن صلاح جو موقف هن طرح بيان ڪيو اٿس.

شيخ ابن الصلاح ذڪر ڪيو آهي تہ "جيڪا شيخين يا ٻنهي مان ڪو هڪ روايت ڪري، اها "قطعي الصحت" آهي ان مان صحيح علم حاصل ٿيندو. برخلاف انهن جي جيڪي هن دليل جي بنياد تي ان جي نفي ٿا ڪن تہ روايت ظن جو فائدو ٿي ڏئي. امت جي قبوليت جو جيستائين تعلق آهي تہ امت تي ظن مٿان عمل ڪرڻ واجب آهي. جڏهن تہ ظن ڪڏهن غلط بہ ٿي پوندو آهي، پر جيئن پهرين اسان چيو ائين صحيح آهي ڇاڪاڻ تہ جيڪو معصوم ۽ غلطيءَ کان پاڪ هجي، ان جو ظن غلط نہ ٿيندو ۽ امت اجماع ۾ خطا کان پاڪ ۽ معصوم آهي.

مخدوم موصوف نووي جي تائيد ۾ ابن عبدالسلام جو قول نقل ڪيو آهي ۽ ابن الصلاح جي تائيد ۾ بلقينيءَ جو هيءُ قول نقل ڪيو اٿس تہ "نوويءَ ابن عبدالسلام ۽ انهن جي پوئلڳن جيڪو چيو آهي سو

غلط آهي. پوئين دور جي ڪجهه حافظن به ابن الصلاح جي موافق نقل ڪيو آهي، جيئن ابو اسحاق، ابوحامد اسفرائيني، قاضي ابوالطيب، شيخ ابواسحاق شيرازي هي ۽ سڀ شافعين مان آهن. سرخسي حنفين مان، قاضي عبدالوهاب مالڪين مان. ۽ ابو يعلي، ابوالخطاب ۽ ابن زاغوني حنبلين مان. ابن فورڪ ۽ اڪثر اشعري اهل ڪلام مان، اهل حديث خاص طور ۽ سلف عام طور ۽ ابن طاهر المقدسي تصوف جي جماعت مان. شيخ الاسلام چيو آهي ته نووي جيڪو چيو آهي سو اڪثريت طرفان تسليم ٿيل آهي. پر محققن طرفان نه. جڏهن ته ابن الصلاح سان محقق متفق آهن. شرح نخبة ۾ آهي ته خبر قرينن ۽ شاهدين سان گڏ هجي ته علم جو فائدو ڏيندي آهي، پر ان ۾ ڪن جو اختلاف به آهي، ان جا مختلف قسم آهن:

پهريون قسم: اها خبر جيڪا شيخين پنهنجي صحيح ۾ آندي هجي، ۽ تواتر کي نه پهتي هجي، پوءِ اها جن قرينن ۽ شاهدين سان موصوف آهي سي هي ۽ آهن.

(1) اهي ٻئي شان ۾ اعليٰ آهن. (2) صحيح ۽ غير صحيح جي فرق ۾ سڀني کان اڳي آهن. ۽ (3) ٻنهي جي ڪتابن کي علماء جي قبوليت حاصل آهي. ۽ هيءَ قبوليت جو اڪيلو اهڃاڻ ۽ قرينو علم جي فائدي ڏيڻ ۾ ٻين کوڙ اهڃاڻ طريقن کان وڌيڪ سگهارو آهي جيڪي تواتر کان قاصر آهن. پر ان لاءِ ٻه ڳالهيون هئڻ ضروري آهن: هڪ حديث جي حافظن مان ڪنهن ان تي تنقيد نه ڪئي هجي، ۽ ٻيو هيءَ ته ٻن مدلولن ۽ معنائن ۾ اهڙيءَ طرح تجاذب نه هجي جو ٻنهي مان ڪنهن ۾ ترجيح به نه هجي. ڇاڪاڻ ته ٻن هڪ ٻئي جي متضاد معنائن ۾ هڪ ٻئي تي ترجيح به نظر نه اچي ٻئي هڪ جيتريون سچيون نظر اچن، ۽ اهي علم جو فائدو ڏين. اهو محال آهي.

تنهن ڪري اجماع ان جي صحت تسليم ڪرڻ تي آهي، اڳتي چئي ٿو ته: اهو جيڪو چيو ٿو وڃي ته اجماع وجوب عمل تي آهي. صحت تي ناهي، اهو غلط آهي. ڇاڪاڻ ته عمل تي اجماع به ته تڏهن ٿيندو جڏهن ڪا شيءِ صحيح هوندي. ابن ڪثير چيو آهي ته آءٌ به ابن صلاح سان آهيان.

**مخدوم معين جو فيصلو:**

**مٿين صورت ۾ مخدوم صاحب نووي ۽ ابن صلاح جو موقف بيان ڪري، ان کان پوءِ پنهنجو فيصلو ڏنو آهي، ان سلسلي ۾ ٻاڻ لکي ٿو:**

**"هن فقير ۾ هھڙن مسئلن تي ڳالهائڻ جي لياقت ناهي. خاص طور هھڙي موضوع تي، جيڪو وڏن** علامن ۽ نامور بزرگن جي بحث ڪرڻ جهڙو موضوع آهي. پر تنهن باوجود **ڪجهه چئجي ٿو. مٿين گفتگوءَ** ۾ ٻنهي ڌرين جا دليل بيان ٿي چڪا ۽ ابن صلاح سان محققن جي تائيد جو به بيان ٿيو. **جيڪو سمجھدار** لاءِ وڏي معنيٰ وارو آهي واضح ٿيو ته مذاهب اربعه جي علماء جي اتفاق سان گڏ محدثن جو به ساڻس اتفاق آهي. ۽ اشعري متڪلم به ساڻس متفق آهن جيڪي عقلي دليلن ۾ سڀني کان اڳرا آهن. جيئن محدث فنون صنعت ۽ نقلي دليلن جا سرواڻ آهن. متاخرين به ساڻس متفق آهن. جيڪي سلف جي دليلن ۾ گهري نظر رکندڙ نقاد ۽ انهن جي اختيار ڪيل موقف تي، عام سلف سان موافقت ڏسڻ بعد اعتماد رکندڙ آهن. سيوطيءَ به ان موقف کي پسند ڪيو آهي. جيڪو پنهنجي وقت جو مجدد آهي، جنهن ايستائين

چئي ڏنو تہ ”آءٌ ان کان سواءِ ڪجھ بہ نہ ٿو قبول ڪيان.“ جيتوڻيڪ نووي جي تائيد ۾ بہ گهڻائي قول آهن. پر اها گهڻائي ابن صلاح جي تحقيق ۽ ان جي تائيد ۾ آيل قولن جي رتبي کي نہ ٿي پهچي سگهي.“ هن فقير وٽ عمدي ڳالھ اها آهي تہ جڏهن اختلاف ٿئي تہ دليلن سان مختلف موقفن ۾ ترجيح واضح ڪجي، خالي متضاد قول نقل نہ ڪجن. مٿين ڳالھ بولھ ۾ ٻنهي جا دليل جيتوڻيڪ ذڪر ٿي چڪا پر پورو تفصيل اجا نہ ٿيو. جنهن سان ٻنهي جي مقدمات ۾ پيٽ ۽ وزن ٿي سگهي. ۽ ان مطابق ڳالھ واضح ٿئي.“

ان کان پوءِ مخدوم صاحب نووي ۽ ابن صلاح جي موقفن کي منطقي طريقہ استدلال مطابق صغري ڪبري جي شڪل ۾ ترتيب ڏنو آهي. ۽ ٻنهي کي الڳ الڳ صورتون ڏئي ترتيب ڏنو آهي

**ابن صلاح جي استدلال جي صورت:**

صحيحين ۾ جيڪو ڪجھ آهي، سو نبي ﷺ کان صادر ٿيڻ ۾ قطعي آهي. ڇاڪاڻ تہ امت جو ان جي قبوليت تي اتفاق آهي. ۽ هر اها شيء جنهن جي قبوليت تي امت جو اتفاق ۽ اجماع هجي سا قطعي آهي. تنهن ڪري جيڪو صحيحين ۾ آهي سو قطعي آهي.

**نوويءَ جي استدلال جي صورت:**

صحيحين ۾ جيڪو ڪجھ آهي، سو نبي ﷺ کان صادر ٿيڻ ۾ ظني آهي. ڇاڪاڻ تہ اهو ”خبر واحد“ آهي. ۽ هر اها شئي جيڪا ”خبر واحد“ آهي. سا ظني ٿيندي آهي. تنهن ڪري هيءَ بہ ظني آهي.

مخدوم صاحب فيصلو هن طرح ٿو ڪري تہ نوويءَ جي استدلال واريءَ صورت ۾ منطقي اصطلاح مطابق جيڪا صغري آهي ان کي مڃي ٿو. ۽ چئي ٿو تہ صحيحين جون روايتون ”خبر واحد“ ۽ ”ظني“ آهن پر ابن صلاح جيڪو انهن بابت صحت جو حڪم لڳائي ٿو تنهن مان سندس مراد صحت اصطلاحي آهي، جيڪا ”خبر واحد“ ۾ ئي ٿيندي آهي. ۽ ان مان مراد ظن غالب هوندو آهي. پر ظن غالب ۽ خبر واحد تي جڏهن اجماع ٿئي جيئن صحيحين جي روايتن تي اجماع امت ٿيو آهي تہ ان صورت ۾ اهو قطعيت جو فائدو ڏيندو.

مخدوم صاحب پنهنجي لفظن ۾ ان جي ڇنڊ ڇاڻ هن طرح ڪئي آهي.

نبي ﷺ سيد المعصومين جي قول جي جيڪڏهن صحت معلوم ٿئي تہ پوءِ ان جون ٽي صورتون آهن. هڪ تہ نبي ﷺ کان سندن قول جو قطعي صدور ثابت ٿئي، جيئن متواتر حديثون آهن. اهي قطعي ٿينديون آهن. ۽ رسول الله ﷺ جي قول ۽ فعل جي قطعي هئڻ جو فائدو ڏينديون آهن. ٻيو تہ رسول الله ﷺ کان ان جو صدور غالب ظن جي طور تي هجي، جيئن اهي حديثون جن تي محدثن واري اصطلاحي صحت جو حڪم لڳايو ويندو آهي. ٽيون تہ رسول الله ﷺ کان صدور جو گمان ۽ ظن مغلوب هجي. جيئن ضعيف حديثن ۾ ٿيندو آهي، ان مان ظاهر ٿيو تہ شارع جي مختلف قولن مان ڪنهن تي صحت اصطلاحي جو حڪم لڳائڻ سان اهو لازم ايندو تہ غالب گمان اهو آهي تہ اهو نبي ﷺ جو ڪلام آهي. ۽ ان غالب گمان سان ان تي عمل واجب ٿي پوندو. جيڪڏهن ان مان اهو لازم نہ اچي ها تہ عمل واجب نہ ٿئي ها. جڏهن اسان وٽ نبي ﷺ جي حديثن مان ڪنهن حديث جي، محدثن واريءَ اصطلاح مطابق

صحيح هئڻ تي اجماع ثابت ٿي ويو ته ان سان اسان وٽ انهن جو هن ڳالهه تي اجماع ثابت ٿي ويندو ته اهو غالب گمان ۾ نبي ﷺ جن جو ڪلام آهي. ۽ امت جو ڪنهن شئي تي اجماع جي صورت ۾ ظن خطا کان قطعي طور تي پاڪ ۽ معصوم آهي. ۽ هر ظن جيڪو قطعي طور تي خطا کان پاڪ هجي ثبوت ۽ تحقق ۾ قطعي هجي، سو نبيءَ جو ڪلام هئڻ ۾ قطعي آهي. ۽ صحيحين جي حديثن تي صحت مصطلحه مطابق امت جو اجماع آهي. ۽ اهو اجماع نبي ﷺ کان غالب ظن جي بنياد تي آهي. ۽ امت هن گمان ۽ ظن ۾ خطا کان پاڪ ۽ معصوم آهي. ان مان اهو ثابت ٿيندو ته اجماع قطعي آهي ۽ اجماع جي قطعي هئڻ مان اهو ثابت ٿيندو ته صحيحين جون حديثون نبي ﷺ کان ثبوت ۾ قطعي آهن. ۽ ان ۾ قطعي آهن ته اهو نبي ﷺ جو ڪلام آهي.

هن بحث کي الله تعاليٰ ۽ سنڌس رسول جي حمد ۽ ثنا سان ختم ڪرڻ سان گڏ مخدوم صاحب نخبة جي شارح جي هڪ قول جي ترديد ڪئي آهي. ان تي بحث کان پوءِ ابن حزم جي هڪ قول تي رد ڪيو آهي. آخر ۾ صحيحين تي رد ۽ انهن جي جوابن تي ٿيل تصنيفن جو تذڪرو ڪيو آهي. جنهن ۾ سيوطيءَ جي حوالي سان رشيد عطار جي ڪتاب جو ذڪر ڪيو آهي. ۽ شيخ الاسلام جي جوابن جو به ذڪر ڪيو آهي. ۽ صحيحين جي صحت جي حوالي سان ٻين فني پهلوئن تي بحث ڪندي ڪلام ختم ڪيو آهي.

**مخدوم عبداللطيف ٺٽويءَ جو ان مٿان رد:**

مخدوم محمد معين ساڳئي هن موضوع تي "دراسات" ۾ ڏهين ۽ يارهين نمبر "دراسه" ۾ بحث ڪيو آهي. ۽ "ذب ذبات الدراسات" ۾ مخدوم عبداللطيف بن مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ ان تي تفصيلي رد لکيو آهي. هتي مختصر ان جو ذڪر ڪجي ٿو. جيڪو يارهين نمبر دراسته" ۾ رد جو هڪ مختصر حصو آهي، مخدوم عبداللطيف لکي ٿو ته مخدوم معين جو مٿيون موقف ۽ دعوا مختلف سببن جي ڪري غلط آهي. جيڪي هن طرح آهن.

هڪ ته صحيحين کي امت جي قبوليت ملڻ جي جيڪا دعوا آهي، سا اسان تائين متواتر طريقي سان نه پهتي آهي. بلڪ معتبر ۽ مضبوط (ثقات) جي ذريعي پهتي آهي. ۽ مٿين دعويٰ جو صحيح هئڻ هن جو محتاج آهي ته هڪ وڏي جماعت ۽ ميڙ جو ان زماني کان اسان تائين جي مڙني زمانن ۾ اجماع ثابت ٿئي، جيڪو ناممڪن آهي.

ٻيو ته شرعي طور اجماع هيءُ آهي ته ڪنهن شرعي حڪم تي هڪ دور جي مڙني مجتهدن جو اجماع هجي. ۽ هتي اهو ثابت نه ٿي سگهيو آهي، ته مجتهدن جو اجماع ڪهڙي ڳالهه تي آهي. ڇاهن تي! ته صحيحين ۾ جيڪو ڪجهه آهي ان تي بنا سوچڻ سمجهڻ ۽ تحقيق ڪرڻ جي عمل واجب آهي؟ يا هن تي! ته صحيحين ۾ جيڪو ڪجهه آهي، سو صحت اصطلاحيءَ مطابق صحيح آهي؟ يا هن تي! ته صحيحين ۾ جيڪو ڪجهه آهي سو قطعي طور صحيح آهي. يعني اهو قطعي طور نبي ﷺ جو ڪلام آهي. مجتهد جو ڪلام ان ۾ واضح ڪونهي، ته انهن جو ڇاتي اجماع آهي. ۽ اڪثر محدثن جو صحيح ڪلام اصول حديث ۾ وڏي واڪي اهو ٻڌائي رهيو آهي ته صحيحين جي انهن روايتن تي عمل واجب

آهي، جيڪي تحقيق جي ذريعي يقيني ثابت ٿيون هجن. شيخ علي قاري پنهنجي شرح ”شرح نخبة“ ۾ حافظ سخاويءَ کان نقل ڪندي لکيو آهي ته ”انهن جيڪو صحيحين جي روايتن تي عمل ڪرڻ واجب هئڻ تي اتفاق ڪيو آهي، ان مان اهو لازم نه ٿو اچي ته انهن جون سڀ روايتون صحت مصطلحه مطابق صحيح آهن. ڇاڪاڻ ته حديث ”حسن“ تي عمل ڪرڻ به ائين ئي واجب آهي، جيئن صحيح مٿان واجب آهي، ته ان صورت ۾ لازمي طور اهو ثابت ٿي ويندو ته اجماع صحت مٿان ڪونهي.

ٽيون ته معترض (مخدوم معين) پنهنجي اڳ ۾ ڪيل ڳالهين ۾ اهو حڪم صادر ڪيو آهي ته اجماع ايستائين حجت نه ٿو ٿي سگهي جيستائين ان ۾ اهي شرط نه لهن جيڪي معترض پاڻ مقرر ڪيا آهن. ۽ هتي اهي شرط ڪٿي آهن؟

چوٿون ته معترض اڳ ۾ حڪم صادر ڪيو آهي، ته شريعت جي اجماعن ۾ ڪوبه اهڙو اجماع نه ٿو ملي جيڪو حجت ٿيندو هجي. ته پوءِ هن اجماع کي ڪهڙي ڳالهه جي ڪري حجت بنايو ٿو وڃي. ڇاهيءَ وٽس شريعت جو اجماع ناهي؟

پنجون هي ته حافظ عسقلانيءَ شرح نخبة ۾ چيو آهي ته ”صحيحين جي راوين جي عادل هئڻ تي به لازمي طور اتفاق ثابت ٿي ويندو“. سندس شارح پنهنجي شرح ۾ ان تي لکيو آهي ته ”علماء جو انهن ٻنهي ڪتابن (صحيحين) تي ”تلقي بالقبول“ حاصل ٿيو ته ان سان صحيحين جي رجال جو عادل هئڻ به لازم ايندو. حافظ عسقلاني ۽ سندس شارح جي وضاحت مان اهو ٿو ثابت ٿئي ته صحيحين جا رجال جيڪڏهن ٻين حديثن ۾ اچن ته انهن تي به اجماع حاصل ٿي ويندو. جڏنهن ڪ ماهر متقن عارف حديث جي اسباب جي بنياد تي حڪم لڳائي ته هيءَ صحيحين جي رجال يا ڪنهن هڪ جي رجال سان مروي آهي ته، ان کي به امت جي قبوليت جو درجو حاصل ٿيندو جيئن صحيحين مان ڪنهن هڪ يا ٻنهي ۾ آيل حديث کي حاصل آهي.

ڇهون هيءُ ته حافظ عسقلانيءَ شرح نخبة ۾ چيو آهي ته ”امت هر ان حديث تي عمل جي وجوب تي اجماع ڪيو آهي، جيڪا صحيح هجي، ڇونه شيخين اها نه ئي آندي هجي.“ امام ”تحرير“ ۾ ۽ سندس ٻنهي شارحن پنهنجي شرحن ۾ چيو آهي ته ”عمليات ۾ ”خبر عدل“ تي عمل واجب آهي.“ رافضين ۽ ڪجهه ماڻهن، جن ۾ ابن داؤد به آهي، انهن ان جو انڪار ڪيو آهي. اسان وٽ ان لاءِ دليل اهو آهي ته ڪوڙ واقعا جيڪي ڳاڻاٽي کان به گهڻا آهن، جن ۾ صحابن جو خبر واحد تي عمل متواتر رهيو آهي. جنهن مان ان تي صحابه جو اجماع ثابت ٿئي ٿو. ۽ اهو ثابت ٿئي ٿو ته، خبر واحد تي عمل واجب آهي، ته جهڙيءَ طرح ”اجماع“ ۽ ”تلقي الامة“ صحيحين جي روايتن جي قبوليت ۽ انهن مٿان عمل جي واجب هئڻ تي ثابت آهي، تيئن خبر واحد جي قبوليت ۽ ان تي عمل جي واجب هئڻ تي به اجماع ۽ ”تلقي الامة“ ثابت آهي. پوءِ اها خبر واحد ”صحيح“ هجي يا ”حسن“ هجي. جيتوڻيڪ انهن ٻنهي ۾ فرق آهي. پهرئين ۾ بنا سوچڻ ۽ غور ڪرڻ جي عمل واجب آهي، جڏنهن ته ٻئي ۾ سوچڻ ۽ غور ڪرڻ کان پوءِ واجب آهي.

مخدوم محمد معين صحيحين جي روايتن جي قطعي صحت هن مان ثابت ڪئي ته صحيحين جي روايتن تي عمل تي امت جو اجماع آهي. ۽ عمل تي اجماع مان صحت تي اجماع ثابت ٿيندو ۽ صحت تي

اجماع مان صحت قطعي ثابت ٿي ويندي.

مخدوم عبداللطيف جي رد جو خلاصو اهو آهي تہ امت جو اجماع صرف صحيحين جي روايتن تي عمل مٿان ناهي. امت جو عمل تي اجماع انهن روايتن بابت بہ آهي، جيڪي صحيحين جي شرطن مطابق هجن ۽ وجوب عمل مان صحت تي اجماع ان ڪري بہ ثابت نہ ٿو ڪري سگهجي جو رڳو صحيح تي عمل واجب ناهي بلڪ حسن تي بہ عمل واجب آهي. مخدوم عبداللطيف اها ڳالہ شرح نخبة جي هڪ شارح جي حوالي سان نقل ڪئي آهي.

"حق هيءَ آهي تہ صحت اصطلاحيہ تي اجماع هن مان لازم نہ ٿو اچي تہ صحيحين جي روايتن جي وجوب عمل تي اجماع آهي. ڇاڪاڻ تہ عمل صحيح تي واجب آهي. ان ۾ صحيح ۽ حسن ٻئي شامل آهن. شيخ علي قاري پنهنجي شرح "شرح نخبة" ۾ چيو آهي تہ "هن اجماع مان صحيحين جي روايتن جي صحت تي اجماع ثابت نہ ٿو ٿي سگهي. ڇاڪاڻ تہ صحيح تي عمل جي وجوب تي اجماع ثابت آهي ۽ صحيحين ۾ سڀ روايتون صحيح ناهن." تنهن ڪري صحيحين جي روايتن جي صحت قطعي جي دعويٰ غلط ثابت ٿي وڃي ٿي.

## اڪسيرالهداية والنفع في جمع احاديث الرفع

هيءَ فارسي رسالو خط نسخ ۾ 84 صفحن تي مشتمل مفيد عام لائبرري سيوهڻ شريف جي مخدوم محمد معين جي مجموعہ رسائل مان هڪ ... نهايت صاف ۽ سهڻو ڪتابت ڪيل آهي. ڪاتب جو نالو ۽ سن ڪتابت معلوم ڪونهي. علم فقهہ جي جي موضوع جو هيءَ رسالو مصنف ڪنهن نيڪ بخت جي صلاح سان تصنيف فرمايون آهي. جنهن جو نالو ڪڍڻ کان سواءِ مصنف موصوف ان باري ۾ هن طرح ذڪر ڪيو آهي:

"عزيز عاليجاه والادستگاه، جنهن جي حالات مان سعادت ۽ پيشانيءَ مان حديث جي محبت جو نور ظاهر آهي، تنهن هن خاڪسار بيمقدار کي حضرت رسول ڪريم صلي الله وسلم جي مرفوع ۽ اصحاب واجب التعظيم تي موقوف، اهڙين حديثن گڏ ڪرڻ جو حڪم ڪيو جيڪي تڪبير تحريمه کان سواءِ ٻين نماز جي جهڪڻ ۽ سڌي ٿيڻ وارين جاين ۾ رفع يدين جي باري ۾ آهن ۽ انهن جو آسان فارسي زبان ۾ ترجمو ڪريان"

**متن جي شروعات:**

"حمد بي قياس وشکر بر آورده گريبان جميع قوي وحواس نثار بارگاه الوهيت اساس حضرت رب الجنت والناس"

**متن جو خاتمو:**

هر کہ گفتہ است يا وضع حديث درين باب نموده داخل وعيد "فليتبوا مقعده من النار" شده باشد يا بحماقت حرفي بي دليل گفتہ خود را مضحڪ عقلا ساختہ است والله سبحانہ يعفر زلتنا و زلاتهم اين است ضمير اين فقير درحق مذهب حنفيہ وامام مذهب والله علي ما نقول وڪيل

**رسالي جو مضمون:**

مصنف هن رسالي ۾ رفع اليدين جي معرڪ آراءِ بحث کي موضوع بنايو آهي. رسالو ٽن فصلن تي مشتمل آهي ۽ هرهڪ فصل سان گڏ. ان سان مطابقت رکندڙ فائدن بيان ڪرڻ لاءِ مصنف نهايت سهڻيون "تذنيبون " ڏنيون آهن. پهرئين فصل ۾ مصنف رفع اليدين جي تائيد واريون مرفوع حديثون بيان ڪيون آهن، جن جو تعداد هڪ سؤ چوويهه آهي. ان بعد مصنف پهرئين فصل سان تعلق رکندڙ فائدن کي "تذنيب" جي عنوان سان بيان ڪيو آهي. سڀ کان پهريون فائدو اهو ذڪر ڪيو اٿن ته، هيءَ حديثن جو تعداد محدثن جي هن اصول جي بنياد تي آهي، ته اڪثر ڪري محدث, هڪ متن هڪ صحابيءَ کا ٻن سندن سان نقل ٿيڻ جي صورت ۾ ان کي ٻه حديثون شمار ڪندا آهن. حديثن جي تعداد کان پوءِ موصوف انهن حديثن جي صحابي راوين جو تعداد ذڪر ڪيو آهي، جيڪو 18 ٻڌايو اٿن. وڌيڪ لکن ٿا ته ابو عيسيٰ ترمذي مٿين اصحابن کان سواءِ رفع الدين جي ٻين ڇهه صحابه راوين جو پڻ ذڪر ڪيو آهي. ان طرح اهو تعداد 24 تي وڃي ٿو. لکن ٿا ته امام سيوطي رفع الدين جي حديثن کي متواتر حديثن مان شمار ڪيو آهي. ان کان سواءِ ٻيا انيڪ بحث ان سلسي جا بيان ڪيا اٿن.

مصنف موصوف رفع اليدين جي مرفوع حديثن جي مختلف بحثن بابت ڪلام جي سلسلي کي هلائيندي رفع جي تائيد ۾ دارقطنيءَ جي ابو جعفر احمد بن اسحاق بن بهلول جي روايت آندي آهي. جيڪا حديث, جي مصنفن احاديث نوميه جي قسم مان ڳڻي آهي ۽ ان جي پنيان شيخ اڪبر محي الدين ابن عربيءَ جي مڪاشفي جو رفع جي تائيد ۾ ذڪر ڪيو آهي.۽ مڪاشفي بابت شيخ اڪبر جي راءِ نقل ڪئي آهي: ته بعض عارف صورت هدايت الاهيه کي خود نبي صلي الله وسلم جي صورت مقدسه جي صورت ۾ ڏسندا آهن ۽ شيطان نبي صلي الله وسلم جن جي صورت نه وني سگهندو آهي". تنهن کان پوءِ شيخ اڪبر کان نقل ڪن ٿا ته: اسان ان صورت بابرڪت کان ڪوڙ مسئلا اخذ ڪيا آهن, جن کي اسان اڳ نه ڄاڻندا هئاسين. نه ڪتابن مان اهي معلوم ٿيل هئا نه عالمن وٽان."ان کان پوءِ مصنف حديث نوميه جي حجيت ۽ ان جي ظاهر حديث سان تعارض جو پڻ بحث آندو آهي.

ٻيو فصل ؛ آثار موقوفہ جي بيان ۾ آهي. آثار موقوفہ مان مصنف جي مراد صحابه ۽ تابعين رضي الله عنهم جا قول ۽ افعال آهن, جن جو تعداد ٻاويهه آهي ۽ چوڏهن صحابه ۽ تابعين کان منقول آهن. مصنف لکي ٿو ته هنن ٻاويهن اثرن جي چوڏهن راوي صحابه ۽ تابعين کي جيڪڏهن انهن صحابه ۽ تابعين سان ملائجي جن جو مذهب رفع يدين آهي, ته اهو تعداد ٻاهٺ بيهي ٿو.

ٽيون فصل: رفع اليدين جي حديثن سان جيڪي حديثون معارض ۽ ٽڪراءَ ۾ آهن انهن جي بيان ۾ آهي. هن فصل جي تذنيب ۾ مصنف مختلف فائدا بيان ڪيا آهن. مديني جي عالمن جي ان بابت فتويٰ جو ٻه حوالو ڏنو آهي. ۽ مختلف شبهن جا جواب ٻه ڏنا آهن.

خاتمہ ڪتاب: ڪتاب جي خاتمي ۾ مصنف امام اعظم ابو حنيفہ نعمان بن ثابت ڪوفيءَ سان اظهار عقيدت فرمايو آهي ۽ ان باري ۾ سندن مذهب نقل ڪيو آهي ته سندن راءِ جي خلاف جڏهن ڪا صحيح حديث سامهون اچي ته حديث تي عمل ڪيو وڃي ۽ ابو حنيفہ جي مذهب جي روايت کي ڇڏيو وڃي.

## التحرير الاول للشيخ الفاضل محمد معين الي الشيخ الجليل محمد هاشم التتوي سلمهما لله تعاليٰ

هيءَ مخدوم محمد معين جي تحرير آهي. هن جو موضوع فقه ۽ حديث جو مشهور ۽ معرڪ الآراء مسئلو رفع اليدين جو مسئلو آهي.هيءَ تحرير ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي قلمي ذخيري جي هڪ بياض ۾ شامل آهي. جيڪو بياض هن وقت ريسرچ لائبرري سنڌالاجيءَ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪارنر ۾ موجود آهي. خط شڪسته ۾ تحرير ٿيل هنن چند ورقن ۾ شروع ۾ مٿئين عنوان سان مخدوم معين جي تحرير آهي، جنهن کان بعد ۾ ان جي جواب ۾ مخدوم محمد هاشم جي تحرير آهي. مخدوم محمد هاشم جي جوابي تحرير جي جواب ۾ مخدوم معين جي تحرير ٻن مڪتوبن جي صورت ۾ آهي. هيٺ اسان انهن جو اختصار عرض ڪريون ٿا.

**تحرير مخدوم معين:**

مخدوم موصوف تحرير جي شروعات ۾ مخدوم محمد هاشم جي ڪنهن تحرير جي حوالي سان لکيو آهي ته "هو سلامت ۽ عافيت ۾ رهي، چيو اٿس ته انهن مان ابن عمر جي حديث آهي، جنهن کي بيهقيءَ خلافيات ۾ نقل ڪيو آهي: ته نبي ﷺ جن جڏهن نماز شروع فرمائيندا هئا ته ٻنهنجا ٻئي هٿ کڻندا هئا. ان کان پوءِ ٻيهر اٿين نه ڪندا هئا." هيءَ نقل ڪرڻ کان پوءِ مخدوم موصوف فرمائي ٿو: ته مؤلف هيءَ حديث رفع يدين جي مذهب جي نفيءَ جي تائيد ۾ نقل ڪئي آهي ۽ رفع يدين جي اثبات واري مذهب جي معارض جي طور نقل ڪئي آهي. شايد مؤلف انجي سند " مالڪ عن زهري عن سالم عن ابن عمر" جي مٿان اعتماد ڪيو آهي. ان ڪري ان کي ابن عمر جي سڀ کان وڌيڪ صحيح سند مان شمار ڪيو اٿس. مؤلف جيڪڏنهن ان کي بيهقيءَ کان سواءِ ڪنهن ٻئي کان نقل ڪري ها ته چئي سگهجي پيو ته ان سند جي ماخذ جي تحقيق ۾ ڪائنس ڀل ٿي آهي. پر جڏنهن مؤلف اها سند بيهقيءَ کان نقل ڪئي آهي ته پوءِ بيهقيءَ ان جي ٻنيان ئي لاڳيتو جيڪو چيو آهي، ان کان مؤلف ڪيئن بي خبر رهيو جنهن ۾ ان چيو آهي ته حاڪم چيو آهي ته هيءَ موضوع ۽ باطل آهي. اهو ڄاڻڻ کان پوءِ به ته حاڪم ان کي موضوع قرار ڏنو آهي، مؤلف جهڙي ماڻهوءَ کان اهو ڪئين پڄي سگهيو ته ان جي باوجود ان کي نقل ڪري ڇڏيائين. حالانڪ "موضوع" جي روايت حرام آهي.

**مخدوم محمد هاشم جو جواب:**

مخدوم محمد هاشم مٿين تحرير جو ٽن طريقن سان جواب ڏنو آهي.

پهريون: جنهن جرح جو ذڪر ڪيو ويو آهي، سا جرح غير مفسر آهي، جمهور وٽ جرح غير مفسر قبول نه ڪئي ويندي آهي، ان جي عينيءَ شرح بخاريءَ جي مقدمي ۾ تصريح ڪئي آهي، ابن همام تحرير ۾ ۽ ان جي شارح تيسير ۾ به ان طرح چيو آهي. جنهن جو خلاصو اهو آهي ته اڪثر فقهاء، جن ۾ حنفي به شامل آهن ۽ اڪثر محدث، جن ۾ بخاري ۽ مسلم به شامل آهن. هن تي متفق آهن ته جرح اها قبول ڪئي ويندي، جنهن جو سبب بڌايل هجي."

ٻيو: اهي مبهم جرح ان ڪري قبول نہ ڪندا آهن جو مفسر جرح سان واضح ٿي ويندو آهي تہ جرح ڪرڻ واري ڇو جرح ڪئي آهي. جرح ڪرڻ واري جي جرح جو جيڪو سبب آهي سو ٿي سگهي ٿو تہ ٻين لاءِ جرح جو سبب نہ ٿئي. اسان جنهن مسئلي ۾ بحث ڪري رهيا آهيون، تنهن جي جرح جي حاڪم وضاحت ۽ تفسير ڪيو آهي. ڇيو آهي تہ هيءَ حديث باطل آهي. جڏهن تہ اسان مالڪ کان اسانيد سان ان جي خلاف نقل ڪيو آهي. جيئن ان کان حافظ مغلطائي شرح سنن ابن ماجہ ۾ نقل ڪيو آهي. هن جرح ۾ جيڪا حاڪم علت بيان ڪئي آهي، سا علت وضع جي حڪم ۾ قبول نہ ڪئي ويندي آهي.

ٽيون: حافظ مغلطائي پنهنجي مذڪور شرح ۾ چيو آهي. تہ هن حديث جي سند ۾ ڪا خرابي ڪانهي." اها ڳالهہ سڄي سند جي خراب نہ هئڻ تي دلالت ڪري ٿي. علامہ ابن همام تحرير ۾ لکيو آهي، تہ جرح جا پنج مرتبا آهن ۽ تعديل جا بہ پنج مرتبا آهن. ۽ لفظ: "سند ۾ ڪا خرابي ڪانهي" تعديل جي پنجن درجن مان ٻئي درجي ۾ شامل آهي. ان ڪري مذڪور حديث يا صحيح آهي يا حسن. حسن لذاتہ جي درجي کان هيٺ ناهي. جيڪڏهن ان کان هيٺ ان کي فرض ڪيوسين يا ضعيف فرض ڪيوسين تہ ان لاءِ ابن عمر جون ٻيون بہ کوڙ شاهديون ۽ متابعات مرفوع مروي آهن، جن سان ضعيف حديث ضعيف جي درجي کان حسن لغيره جي درجي ڏانهن وڌندي آهي.

## تحرير الثاني للشيخ الفاضل محمد معين:

هيءَ تحرير ٻن مڪتوبن تي مشتمل آهي.

**پهريون مڪتوب:**

هن ۾ موصوف لکيو آهي تہ امام فن ابن الصلاح لکيو آهي تہ جيڪو جرح مبهم جي قبول نہ ڪرڻ بابت چيو ٿو وڃي سو وڏن (جهابذه) محدثن کان سواءِ ٻين لاءِ آهي. وڏن محدثن جي مبهم جرح بہ قبول ڪئي ويندي آهي. سيوطي چيو آهي تہ قاضيءَ بہ ان کي اختيار ڪيو آهي. جمهور کان اهو ان نقل ڪيو آهي. امام الحرمين، غزالي، زرڪشي ۽ خطيب بہ ان کي اختيار ڪيو آهي." مخدوم موصوف ان جا وڏيڪ بہ دليل نقل ڪيا آهن. ان تي وڏيڪ بہ بحث ڪيو آهي.

**ٻيو مڪتوب:**

هن ۾ مخدوم موصوف مخدوم محمد هاشم جي حافظ مغلطائيءَ جو بيان نقل ڪري لکيو آهي تہ صاحب رسالہ جو گمان آهي تہ هن حديث کي حاڪم جي وضع جي حڪم باوجود حافظ مغلطائيءَ طرفان پنهنجي ڪلام ۾ داخل ڪرڻ جي ڪري ان کي پنهنجي رسالي ۾ شامل ڪرڻ سندس لاءِ بہ جائز آهي. ان لاءِ صاحب رسالہ وٽ ٽي وجہ آهن. هڪ ان ڪري تہ حافظ مغلطائيءَ "ان ۾ ڪا برائي ڪانهي" جو فيصلو ڏنو آهي.. جنهن ڪري ان بابت وضع جو حڪم مختلف فيہ ٿي وڃي ٿو. ان ڪري ان کي دليل طور رسالي ۾ داخل ڪرڻ غلط ناهي. ان ڪري اصحاب سنن بہ کي اهڙيون سندون، جن تي وضع جو حڪم لاڳو ڪيو ويو آهي پنهنجي ڪتابن ۾ شامل ڪيون آهن. ٻيو ان ڪري تہ هيءَ جرح مبهم آهي، جيڪا قبول نہ ڪئي ويندي آهي. ٽيون ان ڪري تہ مغلطائي جو قول تہ اسان مالڪ کان سندن سان ان جي خلاف نقل

ڪيو آهي" سو حاڪم جي قول تتمو آهي. جيڪا وضع جي حڪم جي علت آهي ۽ هيءُ جرح جو سبب آهي. جيڪو جرح جو موجب ۽ سبب نه ٿو بڻجي سگهي. ڇاڪاڻ ته ٻن هڪ ٻئي جي مخالف روايتن جو نقل ان تي منحصر نه هوندو آهي ته هڪ موضوع آهي. جنهن ڪري مٿين روايت جي وضع جي حڪم جي پرواهه نه ڪرڻ گهرجي."

مخدوم معين انهن ٽنهي وجهن جا ٽي جواب ڏنا آهن.

1_ اهو ته جنهن جي موضوع هئڻ ۾ اختلاف هجي سا اهڙي حديث ۾ داخل ڇڻبي جنهن جي جرح ۽ تعديل ۾ اختلاف آهي ۽ هن فن ۾ جرح تعديل کان مقدم آهي. ان ڪري وضعيت جو حڪم هتي حتمي ٿيندو.

2_ جرح مبهم، جرح جي اسباب جي عالم کان قبول ڪرڻ جمهور جو مذهب آهي ۽ محققن ان کي پسند ڪيو آهي.

3_ مغلطائيءَ جي ڪلام ۾ جرح جي علت جا لفظ حاڪم جي ڪلام جو تتمو ناهن بلڪ ٿي سگهي ٿو ته اهي مغلطائيءَ جا لفظ هجن." هن جو مخدوم موصوف هن طرح به جواب ڏنو آهي ته جيڪڏهن اسان جرح جي علت وارن لفظن کي حاڪم جا لفظ مڃي به ونون ته اسان انهن کي جرح جي علت طور نه مڃيندا سين. ان طرح هن جواب کي موصوف وڏيڪ مختلف حوالن سان بحث هيٺ آندو آهي.

## رفع الجهالت في مد عهد الرسالت

هيءُ علم فقه جي موضوع تي مصنف موصوف جي نهايت جامع رسالو آهي. مخدوم محمد معين جي رسالن جي مجموعي ۾ شامل رسالن مان هڪ آهي. هيءُ مجموعو مفيد عام لائبرري سيوهڻ شريف ۾ موجود آهي. هن رسالي جو ٻيو ڪو به نسخو دريافت نه ٿي سگهيو آهي. هيءُ خط نسخ ۾ تحرير ٿيل آهي. نهايت صاف ۽ سهڻو ڪتابت ڪيل آهي. هن جو ڪاتب ۽ سن ڪتابت معلوم ناهي. 32 صفحن تي مشتمل آهي.

**متن جي شروعات:**

وبه استعين واستفتح جل مجده حمد نا كنجاء حيط احصاء شائسته آلاء و آلاء تسرمد بقاء خدائيست جل مجده كه خرمن خرمن سنبلات نعماء بي منتهائي اواز اكتيال مكيال خيال برتر و بيرون و درود نا معدوم منزه ازحوزه حدود فائض قدس قدم جود حري الورود حضرت رسول اجسام وعقول قبله هر قابل و مقبوليت صلي الله عليه وآله و اصحابه وسلم.

**رسالي جي پڄاڻي:**

وهو سبحانه هو المناح وقربه جل محده راحة كل مرتاح وحيات الارواح وصلي الله علي سيدنا وسيدالمرسلين ذريعة النجاح والفلاح وعلي آله وسلم و اصحابه ذوي الارشاد والاصلاح.

**مضمون جو تفصيل:**

هن رسالي کي مصنف هر دانشمند لاءِ پنهنجي طرفان موڪليل تحفه سڏيو آهي. هن جا فصل آهن جن ۾ "مد" نبوي صلي الله وسلم جي مقدار تي بحث ڪيل آهي. محدثن ۽ فقيهن وچ ۾ "مد" جي وزن ۽ مقدار جو بحث معرڪة الا راء رهيو آهي. مصنف موصوف احاديث ۽ تعامل اهل مدينه جي

استدلال جي روشنيءَ ۾ احناف جي خلاف مسلڪ اختيار ڪيو آهي. پهريائين تعامل اهل مدينہ جي روشنيءَ ۾ "مد" جو وزن ڪيو اٿس هڪ "مد" جيڪا ٺٽي ۾ مديني کان آئي آهي. موصوف ان جو وزن ڪيو آهي ۽ مديني واري "مد" جيڪا مديني شريف ۾ مروج آهي، ان جي سند مرفوع ثابت ڪئي اٿس. ان تي اهل مدينہ جو عمل ثابت ڪرڻ کان پوءِ تعامل اهل مدينہ جي اهميت بيان ڪئي اٿس. ان بعد نبي صلي الله عليہ وسلم جن جون مد جي پنهنجي اختيا ڪيل وزن ۽ مقدار جي تائيد ۾ حديثون بيان ڪيون آهن. تنهن کان پوءِ حديث تي عمل جي اهميت تي بحث ڪيو آهي. فقهي مسلڪن کي حديث جي مقابلي ۾ ڇڏي ڏيڻ جي تلقين فرمائي آهي ۽ انهن جي مذمت ڪئي آهي، جيڪي صحيح حديث ملڻ کان پوءِ فقهي مسلڪن جي پيروي کي ترجيح ڏين ٿا. موصوف مد بنوي صلي الله عليہ وسلم جي ماپ پاڻيءَ جي صورت ۾ ايڪهٺ پيسہ جيڪا تي پيسہ گهٽ بہ سير ٿئي ٿي. بيان ڪئي آهي ۽ ان جو وزن بيان ڪندي لکيو آهي تہ: جيئن تہ رطل جي مقدار ۾ علماءَ جو اختلاف آهي، ان ڪري ان مطابق "مد" جو مقدار مختلف بيهندو ۽ اهو تحقيق ۾ حقيقت تائين پهچڻ ۾ مددگار نہ ٿيندو. انڪري بجاءِ ان جي جو رطل جي بنياد تي مد جي تحقيق ڪجي، اسان هن تحقيق جي روشنيءَ ۾ مد جي بنياد تي رطل جي صحيح قول جي تحقيق ڪنداسين. بهر حال موصوف جو چوڻ آهي تہ اهو هر حال ۾ معلوم آهي تہ مد نبوي صلي الله عليہ وسلم جو وزن ڏهائي هڪ رطل آهي. مد جي بنياد تي صاع (ٽوپي) جو وزن ۽ ماپ پڻ بيان ڪئي آهي. صاع عراقي ۽ بغدادي جي فرق تي بہ بحث ڪيو ويو آهي. صاع عراقي، جنهن جا احناف قائل آهن، تنهن بابت سندن چوڻ آهي تہ ان کي معاويہ بن ابو سفيان رواج ڏنو. امام ابو يوسف جو بہ هڪ اهم واقعو بيان ڪيل آهي تہ ان مديني ۾ اچي جڏهن اهل مدينہ کي ڏٺو تہ انهن وٽ ابن ڏاڏن کان مروج مد جو وزن سندس مسلڪ يعني حنفي مسلڪ جي خلاف آهي، تہ ان اهل مدينہ جو تعامل ڏسي پنهنجي مسلڪ کان رجوع ڪيو.

**الملتقط من رسالة**

## الدليل الواضح كالبدر علي وضع الايدي في الصلاة علي الصدر

**هيءُ عربي رسالو علم فقہ جي موضوع تي تصنيف ٿيل آهي. مفيد عام لائبرري سيوهڻ شريف جي مجموعہ رسائل ۾ شامل آهي. خط نستعليق ۾ ڪتابت ڪيل آهي خط نهايت صاف ۽ سهڻو آهي. رسالو ڪرائون سائيز جا جملي پندرنهن صفحا آهي. ڪاتب ۽ سن ڪتابت معلوم ناهي.**

**متن جي شروعات:**

حامد اومصليا ومسلما لہ وعليہ اما بعد و هذا ملتقط من رسالتنا المسمات بالدليل الواضح كالبدر علي وضع الايدي في الصلواة علي الصدر...... الخ

**متن جي پڇاڙي:**

نعم مالم يتعين موضع الصدر من الحديث فتعين الموضع منہ من اقوال الفقهاء مع صدق لفظ الحديث عليہ اولي والله تعالي اعلم.

**مضمون جو تفصيل:**

رسالي ۾ مصنف سيني تي هٿ ٻڌڻ جو مسلڪ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سنڌس چوڻ آهي ته سڀ کان پهريائين اسان مخالفن جا دن هينان هٿ ٻڌڻ جا دليل بحث هيٺ آڻينداسين ان کان پوءِ اهو ثابت ڪندا سين ته سنت مطابق اسان جي علم مطابق ڇا مناسب آهي. مصنف جي نماز جي هر رفع ۽ خفض ۾ رفع يدين جي مسلڪ رکڻ جي ڪري ڪن کي غلط فهمي ٿي ته مصنف نماز ۾ به رافضي مسلڪ جي تائيد ٿو ڪري. پر هن رسالي ۾ مصنف جي سيني مٿان هٿ ٻڌڻ جي موقف جي ڪري اهڙو گمان غلط ثابت ٿي ٿو وڃي.

مصنف مخالفن جي دليل طور جيڪا دن هينان هٿ هٿ تي رکڻ جي روايت ڪئي آهي، سا حضرت علي رضي الله عنه جو اثر آهي. مصنف جو چوڻ آهي ته ان جا سڀئي طرق روايت عبدالرحمن بن اسحاق واسطيءَ جي چوگرد ڦرن ٿا. انهيءَ عبدالرحمن بن اسحاق ابو وائل عن ابي هريره کان به اهڙو اثر نقل ڪيو آهي. ساڳي طرح عبدالرحمن بن اسحاق زياد بن زيد سوائي عن ابي جحيفه کان به نقل ڪيو آهي. جنهن کي ابو دائود روايت ڪيو آهي. مصنف موصوف ان اثر جي سند کي ضعيف قرار ڏنو آهي. سنڌس چوڻ آهي آهي ته ابوداؤد جي روايت ۾ عبدالرحمن ۽ زياد بن زيد آهن. زيلعي پنهنجي تخريج ۾ لکيو آهي ته زياد بن زيد کي ڪوبه نه ٿو سڃاڻي، جيئن ابن قطان چيو آهي. باقي عبدالرحمن جي باري ۾ بيهقيءَ چيو آهي ته، احمد بن حنبل، يحي بن معين، بخاري وغيره ان تي جرح ڪئي آهي. چيو اٿن ته عبدالرحمن بن اسحاق متروڪ آهي. تهذيب التهذيب ۾ آهي ته، احمد کان مون ٻڌو جيڪو ان کي ضعيف قرار ڏئي رهيو هو. ابو طالب احمد کان نقل ڪندي چيو آهي: اهو ڪاشيءِ ناهي منڪر حديث آهي. ان طرح اهڙا ٻيا به جرح نقل ڪيا ويا آهن.

مصنف دن هينان هٿ رکڻ جي قائلن جو ٻيو دليل جيڪو نقل ڪيو آهي سو اهو دليل آهي جيڪو قاسم بن قطلوبغا حنفيءَ تخريج الاختيار شرح المختار ۾ نقل ڪيو آهي ته مصنف ابن ابي شيبه ۾ دن هينان ساڄو هٿ کاٻي هٿ تي رکڻ جي باري ۾ حديث منقول آهي.ان جو جواب مصنف تمام تفصيل سان ڏنو آهي. جنهن جو خاص نقطو اهو آهي ته لفظ "دن هينان" جي باري ۾ مصنف ابن ابي شيب جا نسخا مختلف آهن. مصنف جو خيال آهي ته، اها صحيح حديث "دن هينان" جي لفظن جي تصريح کان سواءِ آهي.

حاشيي ۾ مصنف موصوف لکيو آهي ته مصنف ابن ابي شيبه ۾ انهن لفظن جو نه هئڻ اسان جي شيخ اجل شيخ ابوالحَسن ٺٽوي ثابت ڪري ڇڏيو آهي. جنهن کان پوءِ ان جي خبر ڏني اٿس ان جو اظاهر ڪيو اٿس ۽ پنهنجي سيني تي هٿ ٻڌڻ جي ثبوت ۾ لکيل رسالي ۾ اهو لکيو به اٿس.

مصنف لکي ٿو ته اهڙي موضوع حديث جيڪڏهن موجود هجي ها ته فن جا ماهر ان مان ضرور استدلال ونن ها. خاص طور حافظ زيلعي روايت باب ۾ ڪامل استيعاب جي باوجود تخريج هدايه ۾ حضرت عليءَ تي موقوف اثر کان سواءِ ڪجهه به پيش نه ڪري سگهيو آهي مصنف لکي ٿو ته ابن همام فتح القدير ۾ دن هينان هٿ ٻڌڻ جي ثابت ڪرڻ کان عاجز ٿي پيو آهي. ايستائين جو اهو اقرار ڪيو اٿس ۽ چئي ڏنو اٿس ته ان باري ۾ سنت مان ڪجهه به ثابت ڪونهي. ۽ عاجز ٿي چئي ڏنو اٿس ته دن هيٺ هٿ

رکڻ ادب جي ويجهو آهي. مصنف ان تي پنهنجي راءِ ۾ لکي ٿو تہ: جيڪڏهن سنت مان ثابت ناهي تہ ان کي بي ادبي چوڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ اهو تہ نهائينءَ تي يا نهائينءَ جي ويجهو وڃي ٿو هٿ پهچي. اهو ئي سبب آهي جو تون ڏسندين تہ حنفي نمازي طبعي ۽ فطري تقاضا تحت دن کان هيٺ تمام گهٽ هٿ ٻڌندا آهن. اڪثر ماڻهو دن کان مٿي يا دن تي هٿ ٻڌندا آهن. لکي ٿو تہ هن امام بارع تي عجب ٿو ٿئي تہ حديث جي عدم ثبوت جو اقرار بہ ڪري ٿو تہ بہ ماڻهن جي اهڙي عمل کي پنهنجي پر ۾ ادب جي قريب ٿو سمجهي. پر حديثن کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. جيڪي صحت ۽ قوت جي لحاظ کان مضبوط آهن. جڏهن تہ ڪبار

محدثين جو مذهب اهو آهي تہ حديث ضعيف بہ چونہ هجي، تہ بہ ان کي قياس کان مقدم رکڻ گهرجي.

مصنف ابن ابي شيبہ ۾ "دن هينان" جي لفظن نہ هئڻ تي مختلف جهتن کان بحث ڪندي لکي ٿو تہ ان مان ظاهر ٿيو تہ حق اهو آهي جيڪو شيخ عالم ساڪن مدينہ مطهره محمد حيات سنڌي پنهنجي رسالي ناصره ۾ لکيو آهي. جنهن تي سنڌس شيخ ابو الحسن رحمة الله جو بہ عمل هو. يعني سيني تي هٿ رکڻ. ان اهو فيصلوڏنو آهي تہ حرم مقدس ۾ وٽس ميسر ڪتابن ۾ ڪيس "دن هينان" جا لفظ نہ ملي سگهيا آهن. هن مان ثابت ٿئي ٿو تہ مصنف موصوف جي آڏو پنهنجي همعصر حرم جي سنڌي عالمن جا هن موضوع تي تحرير ڪيل رسالا موجود رهيا آهن.مخالفن جي دليلن تي مٿينءَ ريت بحث ڪرڻ کان پوءِ مصنف موصوف جڏهن پنهنجا دليل آڻڻ شروع ڪيا آهن تہ لکيو اٿس تہ: اسان حديثون ۽ آثار نقل ڪرڻ ۾ مشغول نہ ٿا ٿيون، ڇاڪاڻ تہ حديث جي ڪتابن ۽ شافعي فقہ جي ڪتابن ڏانهن مراجعت رکندڙ لاءِ اهو معاملو شهرت جو درجو رکي ٿو. هتي اسان صرف مخرجين جو حال ۽ سند جي رجال تي بحث ڪندا سين ان طرح مصنف سيني تي هٿ ٻڌڻ جي حق ۾ مروي روايتن جي سند ۾ بحث ڪيو آهي ۽ راوين جي ڇنڊ ڇاڻ ۽ تحقيق ڪئي آهي.

آخر ۾ لکي ٿو تہ اهي حديثون جن ۾ سيني تي هٿ رکڻ جو آيو آهي تن مان هڪ حديث صحيح ابن خزيمہ جي وائل بن حجر کان آهي ۽ هڪ حديث بيهقيءَ جي عبدالجبار کان ۽ اهو وائل کان ۽پڻ ان جي هڪ حديث ڪليب عن وائل کان ۽ اهڙيءَ طرح احمد جي هلب کان مروي حديث ۽ ابوداؤد جي طائوس کان مروي حديث, هيءَ سڀ وائل کان منقول حديثون سيني تي هٿ رکڻ ۾ متفق آهن. هلب بہ صحابي آهي. وائل سان ملي هن حديث جا بہ صحابي راوي ٿي پوندا ۽ طائوس ابوداؤد جي سند ۾ جيتوڻيڪ ان کي وائل سان ملايو اهي, ان ڪري ان جي روايت وائل جي روايت آهي, ڇونہ ٻئي صحابي سان ئي هجي. جنهن کان پوءِ سيني واريءَ حديث تي ٽن صحابن جو اجتماع حاصل ٿي ويندي.

آخر ۾ لکي ٿو تہ شافعين جون اعليٰ صدر ۽ آخر صدر جي باري ۾ روايتون مختلف آهن ان بابت پنهنجهي راءِ ڏيندي مصنف لکي ٿو تہ: سيني مان سيني جو ڇيڙو (آخر صدر) مراد وٺڻ مذهب جي ورايت جي رعايت رکڻ لاءِ آهي. جڏهن تہ ظاهر لفظ ان جو تعين نہ ٿا ڪن.ان ڪري جنهن اعليٰ صدر تي رکيو. جيئن اسان جي بعض مشائخن کان منقول آهي تہ. ان شافعي مذهب جي خلاف ڪيو جيئن حنفين جي

خلاف ڪيائين، حديث جي خلاف نہ ڪيائين. ها البت جيستائين سيني جي خاص جاءِ حديث سان متعين نہ ٿي ٿئي تہ فقيهن جي قول سان ان جو تعين ڪبو. والله اعلم.

## غاية ما ظهر لاضعف الا نام في ان الكلام المتحمل لايوجب الاسلام

هيءُ فقہ جي موضوع جو مختصر رسالو آهي. جملي 27 صفحن تي مشتمل آهي. مصنف تصنيف جو سال نہ ڄاڻايو آهي. هن جا ٽي نسخا دستياب ٿي سگهيا آهن. هڪ نسخو قاسميہ لائبريءَ ۾ موجود آهي، ٻيو درگاه شريف پير جهنڊي جو ۽ ٽيون مفيد عام لائبريري سيوهڻ جو آهي. شروعات توڙي پڄاڻيءَ کان ٻنهي نسخن جي عبارت ۾ ڪو بہ فرق ڪونهي. ڪاتب ۽ سن ڪتابت صرف قاسميہ لائبرري ڪنڊيارو جي نسخي ۾ ڄاڻايل آهي. جنهن جو ڪاتب هنن لفظن سان ذڪر ڪيو آهي: وصلي الله علي سيدنا محمد و صحبہ اجمعين. هيءُ رسالو جنهن جو نالو گذريو، سو منجهند ڏاري پنجين ذوالقعد سال 1146هہ ڏاري پورو ٿيو"

**متن جي شروعات:**

حامداً ومصليا ومسلما اما بعد فيقول اضعف الخلق عبيد اهل المرقع البلق محمدن الملقب بالمعين ابن محمد بن الملقب بالا مين .....

**رسالي جي پڄاڻي:**

ولهذا سميت هذه الرسالة بـ"غايت ماظهر لاضعف الا نام في ان الڪلام المحتمل لا يوجب الاسلام" اعتذارا الي الاخوان ان هذا مبلغ علمي القاصر ومنتهي فڪري الفاتر ربنا لاتؤاخذنا ان نسينا او اخطئنا وصلي الله علي سيدنا محمد وآلہ وصحبہ الطيبين الطاهرين والحمد لله اولا و آخرا.

**درگاه شريف پير جهنڊي واري نسخي جي خصوصيت:**

هن نسخي جي پوئين پاسي تي سيد ابو تراب سنڌيءَ جو عبدالرحيم گرهوڙيءَ جي حوالي سان نوٽ لڳل آهي. نسخي جي اختتام واري پيج تي حاشئي ۾ هڪ نوٽ لڳل آهي، جنهن جي آخر ۾ فقير الله علوي جي صحيح ٿيل آهي. جيڪو نوٽ ۽ صحيح شاهہ فقير الله علوي جي معلوم ٿئي ٿي ۽ اها ڳالهہ ثبوت آهي، تہ هي نسخو اصل شاهہ فقير الله جي ملڪيت هو. جتان ڪنهن طريقي سان پير جهنڊي پهتو. هن جو فوٽو اسٽيٽ نقل قاسميہ لائبرري ڪنڊيارو ۾ موجود آهي.

**قاسميہ لائبرري ڪنڊياري واري نسخي جي خصوصيت:**

قاسميہ لائبريءَ جو خطي نسخو ٽوٽل اٺن صفحن تي مشتمل آهي. منجهس سٽن جو تعداد ستاويهن کان ٽيهن تائين آهن. هر سٽ ۾ تيرهن کان اوڻويهن لفظن تائين جو تعداد آهي. نسخو ڊيمي سائيز جو آهي. اکر تمام سوڙها ۽ تمام سوڙهو لائين اسپيس آهي. تڏهن بہ اکر صاف سمجهہ ۾ اچن ٿا. ڪتابت جو سن بہ صرف هن نسخي جي پڄاڻيءَ تي آهي. نسخي جي ٻئي نمبر پيج جو وڏو حصو غائب آهي. نسخي جي پهرئين نمبر پيج تي حاشئي ۾ متن جي هڪ اشاري جي وضاحت خود مخدوم محمد معين طرفان هن ريت ٿيل آهي. "المراد منہ الاخ الاكرم مولانا محمد هاشم سلم و عوفي 12. منہ" قاسميہ لائبريءَ جي ٻئي

نمبر نسخي ۾ به ساڳئي صفحي تي حاشيه ۾ هيءَ وضاحت آيل آهي. جيڪا شيخ محمد حيات جي لکيل معلوم ٿئي ٿي. "سلم وعوفي عنه" جي لفظن مان معلوم ٿئي ٿو ته هيءَ وضاحت مخدوم صاحب جي حياتيءَ ۾ لکي ويئي آهي. جنهن مان نسخي جي قدامت معلوم ٿئي ٿي.

ٻيو نمبر نسخو 21 صفحن تي مشتمل آهي منجهس سترهن سٽون آهن. هر سٽ ۾ سٽن اٺن کان ڏهن تائين لفظن جو تعداد آهي هن جا اکر صاف ۽ واضع آهن. هن نسخي جي خاص خاصيت اها آهي ته هن تي مخدوم معين جا ڪجهه حاشيا (منهيات) به لکيل آهن. جيڪي مختلف جڳهين تي متن جي وضاحت طور لکيا ويا آهن. ۽ هر حاشيي جي آخر ۾ "منه عفي عنه" جي اشاري سان اهو ٻڌايو ويو آهي ته حاشيو خود مؤلف جو پنهنجو آهي.

**مضمون جو تفصيل:**

مخدوم صاحب جي زماني ۾ سوال اٿيو ته ڪافر شخص اسلام قبولڻ جي احتمال وارو جملو چئي ته ڇا ان تي مسلمان هئڻ جو حڪم لڳائي سگهجي ٿو؟ ان تي ڪن عالمن اها فتويٰ ڏني ته: انسان جي اصليت اسلام آهي، جيئن فرمان آهي ته: هر ٻار اسلام جي فطرت پيدا ٿئي ٿو". تنهن ڪري ڪافر جيڪڏهن مختلف احتمالن وارو جملو چئي وجي جنهن سان ان جو ڪفر ۽ اسلام شڪ ۾ پئجي وڃن ته ان جي اصل مطابق حڪم لڳايو ويندو." (يعني مسلمان قرار ڏنو ويندو) مخدوم محمد معين هن فتويٰ بابت چوي ٿو ته: هيءَ فتويٰ بنا ڪنهن امام بارع جي نقل جي، پنهنجي طرفان جاري ڪيل آهي. هن فتويٰ لاءِ جيڪي مثال ڏنا ويا آهن جيئن ڪنهن ڪپڙي جو ڪو پلؤ پليت ٿي پوي ۽ جاچڻ نه جاچڻ کان سواءِ ان جو ڪو پلؤ ڌوتو وڃي ته ان کي پاڪ قرار ڏنو ويندو وغيره. اهي تمام عجيب مثال اهن. ۽ انهن مثالن تي ڪافر جي اسلام آڻڻ جو قياس ڪرڻ به عجيب قياس آهي." وڌيڪ ان جي ترديد ڪندي ڄاڻائي ٿو: ته پليت ڪپڙي ۾ شڪ ان ۾ آهي ته ڪهڙو پلؤ پليت آهي، پر جنهن شيءِ سان پليتي هٽائي ٿي وڃي، ان ۾ ڪو به شڪ ڪونهي. جڏهن ته ڪافر جي اسلام واري مسئلي ۾ ته شڪ ئي ان ڪلمي ۾ آهي.جيڪو **ڪفر جي پليتي هٽائيندڙ آهي. ته ان صورت ۾ اهو قياس ته غلط ٿي وڃي ٿو. هن صورت تي ان مثال کي قياس ڪري سگهجي ٿو ته پليت ڪپڙي ۾ اهو شڪ هجي ته پاڻيءَ سان ڌوتو ويو آهي يا نه. ان صورت ۾ جيئن ته نجاست زائل ڪندڙ شيء جي باري ۾ شڪ آهي، تنهن ڪري ڪپڙو پاڪ نه مجبو تيئن هن ڪافر جي اسلام واري مسئلي ۾ ڪفر جي پليتي زائل ڪندڙ شيء(ايمان جي ڪلمي) ۾ شڪ آهي، ان ڪري اهو مسلمان قرار نه ٿيندو.** اهڙيءَ طرح جيڪڏهن زبردستي ڪنهن کان اسلام قبول ڪرايو وڃي ۽ لا اله الا الله محمد الرسول الله جو ڪلمو ان کان چورايو وڃي ته ان صورت ۾ ڪلمو چاڪاڻ ته ڪفر جي پليتي هٽائڻ ۾ يقيني آهي، شڪ ان ۾ آهي ته اهو ڪلمو دل ۾ لٿو يا نه. ته هن صورت ۾ ڪفر مشڪوڪ ٿي ٿو وڃي. تنهن ڪري اصل يعني ايمان جو حڪم لڳايو ويندو ۽ هيءَ صورت ڪپڙي واريءَ ذڪر ڪيل صورت جي مطابق آهي. مخدوم صاحب لکي ٿو ته شڪ واري ڪلمي جي صورت ۾ ڪافر جي اسلام جو هن تي قياس نه ٿو ڪري سگهجي. هن تي مخدوم صاحب تفصيلي بحث کان پوءِ فتويٰ ۾ جن حديثن کان استدلال ڪيو ويو آهي انهن جو جواب ڏنو آهي ۽ پوءِ لکيو اٿس ته انهن اهو به خوف نه رکيو ته

هن فتويٰ جا نتيجا ڪهڙا نڪرندا اهو ڪلمو چوندڙن کي زوريءَ اسلام تي مجبور ڪيو ويندو، قيد ڪيو ويندو تعزيرات لڳايا ويندا. مرتد مڃي ان کي قتل ڪرڻ جائز ڪيو ويندو .....“. اڳتي لکيو اٿس ته اهڙو ڪو به مثال نه پهرين زمانن بلڪ چئن امامن جي زماني ۾ انهن کان پوءِ جي زماني ۾ به نه ٿو ملي ته انهن ڪنهن کي مختلف احتمال رکندڙ ڪلمي چوڻ تي پڪڙ ڪئي هجي. يا ظاهر ڪلام چوڻ تي پڪڙيو هجي. جيستائين وچي ڪنهن کي شرح صدر حاصل ٿئي. بلڪ خير القرون خاص طور رسول الله جي زماني ۾ اهو پڪيءَ طرح ثابت ٿي چڪو آهي ته ڪو صحيح لفظن ۾ تصديق ڪرڻ باوجود شريعت جي احڪامن ۾ يقين نه ڪندو هو ۽ انهن تي فرمانبرداريءَ سان عمل نه ڪندو هو ته به نبي ﷺ جن اتباع شريعت جي تلقين ۽ نهايت مهربانيءَ ۽ سهڻن لفظن ۾ احڪام شريعت جي تبليغ کان سواءِ ذري برابر به ڪنهن تي پڪڙ نه ڪندا هئا. ان کان پوءِ مخدوم موصوف ابو طالب جي اسلام جي حوالي سان به ڪجهه ذڪر ڪيو اٿي. بن يهودين جي نبي ﷺ کان ”تسع آيات بينات“ بابت سوال ۽ نبوت جي تصديق واري روايت ذڪر ڪئي اهي. ۽ ان کان پوءِ اقرار سان گڏ اتباع شريعت اذعان ۽ التزام ۽ دين سابق کان برائت کي ايمان لاءِ لازمي شرط قرار ڏنو اٿس. ۽ ان تي آخر تائين بحث ڪيو اٿس. صابئي، مشرڪ ۽ اهل ڪتاب هر هڪ لاءِ الڳ الڳ صورتن تي به بحث ڪيو اٿس. ائين مسئلي جو هر جهت ۽ پهلوءَ کان سير حاصل بحث پيش ڪري ڪو به پهلو تشنه نه ڇڏيو اٿس.

## التنبيه عليٰ سوءِ الفهوم في ان المثلية تو جب العموم

هيءُ مختصر رسالو سترهن صفحن تي مشتمل آهي. هر صفحو سورهن کان ارڙهن سٽن تي مشتمل آهي. ۽ هر سٽ ۾ ست اٺ لفظ آهن. ڪتابت صاف ۽ سهڻي آهي نسخو پراڻو هئڻ ڪري ڪجهه صفحن تي پني مٿان ڪارڻ ڦهلجي وئي آهي. حاشيي تي ڪجهه وضاحت نوٽ به لکيل آهن. جنهن جي آخر ۾ ”منه عفي عنه“ سان اها نشاندهي به ڪئي وئي آهي ته اهي خود مصنف جا آهن نسخي ۾ زير بحث رسالي جي پڄاڻيءَ تي ڪاتب کي رسالي سان لاڳاپيل موضوع تي مخدوم حامد جي فتويٰ جو علم ٿيو آهي، جيڪا رسالي جي آخر ۾ شامل ڪئي ويئي آهي ۽ ان اها مخدوم حامد جي خط تان نقل ڪئي آهي. نسخي ۾ ڪاتب ڪٿي به پنهنجو نالو نه ڄاڻايو آهي. نسخي جي آخري صفحن تي فارسي ٻوليءَ ۾ خط ۾ حاجي محمد هاشم جو سوال ۽ قدوة العلماء ميان ضياءالدين جو جواب جيڪو پڻ ساڳئي ڪتاب واري موضوع تي آهي. شامل ڪيو ويو آهي. مخطوطي ۾ ڪتابت جو سال به ڄاڻايل ڪونهي.

هن رسالي جو موضوع اهو ئي ساڳيو مسئلو آهي جيڪو مٿئين رسالي ”غاية ما ظهر لاضعف الانام في ان الكلام المحتمل لايوجب الاسلام“ وارو آهي. جنهن مطابق جيتوڻيڪ رسالي جو موضوع فقهه ڇئجي پرهن مسئلي تي هن رسالي ۾ اصول فقهه جي نقطئه نظر سان بحث ڪيل آهي. ان ڪري هن کي اصول فقهه جي موضوع جو رسالو قرار ڏيڻ وڌيڪ صحيح آهي.

زير نظر رسالو مٿي گذريل رسالي کان پوءِ جو لکيل معلوم ٿئي ٿو. مصنف هن رسالي جي صفحي نمبر يارهن تي هڪ ڳالهه جي وضاحت ۾ لکيو آهي ته ”اسان پنهنجي رسالي ”غايت مان ظهر لاضعف الا

نام في ان الڪلام المحتمل لا يوجب الاسلام“ ۾ ان تي دليل ڏنا آهن. هن مان اهومعلوم ٿئي ٿو تہ زير نظر رسالو گذريل رسالي کان پوءِ جي تصنيف آهي.

**متن جي شروعات:**

حامدا وا مصليا و مسلما اما بعد فما استدل بہ الخصم لاثبات حڪم الاسلام في قول الذمي لمسلم انا مثلڪ......“

**متن جي پڄاڻي:**

فقولہ باسلام المتڪلم بهذا الڪلام ليس فيہ مستند من اصل ولا فرع من اصول المذهب و فروعہ وسميت هذه الوريقات بـ ”التنبيهہ عليٰ سوء الفهوم في ان المثلية توجب العموم“ و الله تعاليٰ هو الهادي الي الرشاد.

**مضمون جو تفصيل:**

شهر ٺٽي ۾ هڪ سوال اٿيو تہ جيڪڏهن ذمي مسلمان کي چئي تہ آءُ تو جهڙو آهيان. جيڪو عربيءَ ۾ ٿيندو ”انا مثلڪ“ تہ ڇا ذمي اهو چوڻ سان مسلمان ٿي ويندو؟ ذمي جي مٿئين جملي مان هڪ کان وڌيڪ معنائن نڪرڻ جو احتمال ٿي سگهي ٿو. ان نقطہ نظر کان مصنف گذريل رسالي ۾ بحث ڪيو تہ ڪلام محتمل جو حڪم فقهہ ۾ ڪهڙو آهي. هن رسالي ۾ جنهن نقطہ نظر کا بحث ڪيل آهي. اهو هيءُ آهي تہ مخدوم محمد هاشم هن سوال تي هن طرح دليل ڏنو تہ ذميءُ مسلمان سان جيڪا پنهنجي هڪ جهڙائپ ڏيکاري آهي، انهيءَ ”جهڙائپ“ جنهن کي عربيءَ ۾ ”مثليت“ چئجي ٿو جو اصول فقهہ توڙي فقهہ ۾ عموم وارو حڪم آهي. ۽ اصول فقهہ ۾ عموم ۽ خصوص جو حڪم آهو آهي. تہ انهن مان جيتريون بہ معنائون ۽ مرادون نڪرن اهي سڀ ان جي حڪم ۾ شامل هونديون آهن. انهيءَ حڪم مطابق ذميءَ مسلمان سان جيڪا هڪ جهڙائپ ڏيکاري آهي. ان ۾ ذمي پنهنجي کي ڪيترين ئي ڳالهين ۾ مسلمان سان هڪ جهڙائپ رکندو هجي هتي اهي سڀ مراد ٿينديون ۽ اها هڪ جهڙائپ بين سيني ڳالهين سان گڏ مسلمانيءَ ۾ بہ ٿي ويندي ۽ مسلمانيءَ ۾ هڪ جهڙائپ ثابت ٿيڻ سببان ذمي مسلمان ٿي ويندو.

”جهڙائپ“ ۽ مثليت عموم جي حڪم ۾ آهي ان لاءِ مخدوم محمد هاشم هن طرح دليل ڏنا آهن:
شمس الائمة سرخسي جي اصول فقهہ ۾ آهي تہ جڏهن ڪلام محتمل هجي تہ اسان وٽ ”ڪاف تشبيهہ“ جو(جهڙائپ جي معني ڏيندڙ ڪاف) عموم جي معنيٰ ۾ ايندو آهي.

ان ڪري اسان چئون ٿا تہ حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنہ جو قول آهي تہ ”اسان ذمين کي پنهنجي ذميداريءَ هيٺ رکيو آهي ۽ انهن جزيو ڏنو آهي، تہ جيئن انهن جو خون اسان جو خون جهڙو ۽ انهن جون ملڪيتون اسان جي ملڪيتن جهڙيون ٿين.“ اهو عموم جي حڪم ۾ آهي. جنتي شبهات جي ڪري حڪم ٽري وڃي يا ثابت ٿئي. ان ڪري اسان چئون ٿا تہ جيڪڏهن هڪ مرد ڪنهن مرد کي زنا جي تهمت ڏني. ۽ ٻئي چيو تہ اهو ائين آهي جيئن تو چيو تہ ٻئي تي حد لاڳو ٿي ويندي ڇاڪاڻ تہ اهو ڪلام محتمل آهي ۽ ڪاف تشبيهہ جو محتمل ڪلام واري جڳهہ تي عموم جي معنيٰ ۾ ايندو آهي. تنهن ڪري ان جي زنا ڏانهن نسبت قطعي آهي. ڇاڪاڻ تہ اسان وٽ عام ان جو موجب آهي ۽ شرح منار ۾ مصنف جي متن ۾ آهي تہ ڪاف تشبيهہ جو جڏهن اهڙي محل تي اچي جتي اهو عموم کي قبول ڪري تہ ان مان

عموم جي معنيٰ ۾ حڪم نه ڪرندو. جيئن علي رضه جو قول ذمين جي باري ۾ آهي ته انهن جزيو خرچ ڪيو آهي ته جيئن انهن جو خون اسان جي خون جهڙو ۽ انهن جون ملڪيتون اسان جي ملڪيتن جهڙيون ٿين. اهو اسان وٽ عام آهي جنهن ڪري مسلمان ذميءَ جي بدلي ۾ قتل ڪيو ويندو. مسلمان ذميءَ جو شراب يا خنزير ماري وڌو ته ان کان ڀرايون وبندو. ۽ ذميءَ جي ديت مسلمان جي ديت جي برابر آهي.

خزانة الروايت ۽ تحفة الفقه ۾ ذخيره کان منقول آهي ته جيڪڏنهن ذميءَ مسلمان کي چيو ته "انا مثلڪ" (آءُ تو جهڙو آهيان) ته اهو مسلمان ٿي ويندو. ۽ مقاليد الاسلام ۾ آهي ته جيڪڏهن نصاري مسلمان کي چيو ته "انا مثلڪ" ته اهو مسلمان ٿي ويندو. اهڙيءَ طرح دستور القضاة ۾ به آهي ۽ ابن الهمام کان به منقول آهي. ابو حنيفي رضي الله تعاليٰ عنه کان مروي آهي ته آءُ نه ٿو چئي سگهان ته منهنجو ايمان جبرئيل جي ايمان جهڙو آهي، ڇاڪاڻ ته "جهڙائپ" (مثليت) هر صفت ۾ مساوات ۽ هڪ جهڙائيءَ جي تقاضا ڪندي آهي. فتا وي ناصريءَ ۾ آهي ته جيڪڏهن ڪافر مسلمان کي چيو ته آءُ تو جهڙو آهيان ۽ آءُ تنهنجي دين تي آهيان ته اهو مسلمان ٿي پوندو.

ان جي جواب مصنف (مخدوم معين)ان ڳالهه جو انڪار ٿو ڪري ته مثليت ۽ جهڙائپ عموم جي حڪم ۾ اينديي آهي. ان جي ترديد هڪ ته مخدوم محمد هاشم جي دلين جي چند چاڻ ۽ رد ڪرڻ جي صورت ۾ ڪري ٿو ۽ ٻيو هن طرح ته مخدوم صاحب جيڪي ڪتاب حوالي طور پيش ڪيا آهن تن بابت چئي ٿو ته انهن جي عبارت ۾ جهول آهي ۽ نقل غير صحيح آهي. هن نسخي جي آخر ۾ نقل ٿيل مخدوم حامد جي فتويٰ ۾ به مٿين ڪتابن جي نقل کي غير صحيح قرار ڏنو ويو آهي. مصنف ان سلسلي ۾ لکي ٿو:

جيڪڏهن مرد ڪنهن مرد کي زنا جي تهت لڳائي ٿو ۽ ٻيو چئي ٿو ته اهو ائين آهي جيئن تو چيو ته ان ۾ "ڪاف تشبيهه" مان عموم جي مراد وٺڻ بي سبب آهي. ڇاڪاڻ ته هڪ مرد جڏهن ٻئي مرد لاءِ چئي ٿو ته هو زاني آهي ۽ ٻيو چئي ٿو ته اهو ائين آهي، جيئن ٿو چيو ته ان ۾ ڪاف تشبيهه جو "هو زاني آهي" سان مخصوص آهي ان ۾ حد مخصوص جي ڪري لاڳو ٿئي ٿي. عموم جي ڪري نه ٿي ٿئي. ان **ڪري هن مسئلي مان اهو ثابت نه ٿو ٿئي ته "ڪاف تشبيهه" جو عموم لاءِ آهي. ۽ جيڪو چيو ويو آهي ته اهو ڪلام محتمل آهي ڇاڪاڻ ته ڪاف عموم جي تقاضا ٿو ڪري، اها معنيٰ هتي ظاهر نه ٿي ٿئي. ڇاڪاڻ ته هيءُ ڪلام محتمل ناهي؛ بلڪ متعين آهي.** جيڪڏهن اسان اهو تسليم به ڪيون ته ڪلام محتمل آهي، ته به ڪاف تشبيهه جو عام نه ٿيندو. جيئن چيو ويو آهي. ڇاڪاڻ ته جڏنهن عام پنهنجي مڙني فردن مثان دلالت ۾ قطعي هوندو آهي، ته پوءِ عموم جي مراد وٺڻ کي هن احتمال سان ملائڻ جي ڪابه واٽ ڪانهي. يعني جڏهن ڪاف جي دلالت پنهنجي افرادن تي قطعي ٿي ته احتمال ته رهيو ئي ڪونه ۽ اهو ڪيئن ٿيندو جيڪڏهن محتمل هجي ها ته شبهي جي ڪري حد مورڳو ڪري پوي ها. ان ڪري فتويٰ عالمگيريءَ ۾ ظهيريه کان نقل ڪندي لکيو ويو آهي ته هڪ مرد ڪنهن مرد جي زال تي تهمت ڏني جنهن تي هڪ مرد چيو تو سچ چيو آهي، اها ائين آهي جيئن تو چيو ته اهو به تهمت هڻندڙ سڏبو ۽ ڪانئس "لعان " ڪرايو ويندو. پر جيڪڏهن رڳو ائين چئي، ته تو سچ چيو ته تهمت هڻندڙ نه چئبو. هن مان ثابت ٿيو ته هن قول ۾ "اها ائين آهي جيئن تو چيو" متعين آهي، مرد جي تهمت سان محتمل ناهي. ان جي بر خلاف

جڏهن مرد صرف اهو ٿو چئي تہ ”تو سچ چيو“ تہ ان ۾ جيتوڻيڪ سچ چوڻ جي نسبت ظاهر ظهور ان ڪلام ڏانهن ٿي ٿيندي. جيڪو مرد تهمت وقت چيو آهي؛ پر ڇاڪاڻ تہ هڪڙو ٻورڙو احتمال اهو بہ آهي تہ ڪٿي سچ جي نسبت تهمت کان سوءِ ڪنهن ٻي ڳالهہ ڏانهن هجي. ان ڪري انهيءَ ڪمزور شڪ جي بنياد تي حد ڪجي ويندي. تنهن ڪري غالب غمان اهو آهي تہ هيءَ قسم جو ضعيف ۽ غير صحيح ڪلام شمس الائمہ سرخيءَ جهڙن کان صادر نہ ٿو ٿي سگهي. انڪري اسان اهو ٿا چئون تہ نقل غير صحيح آهي البت جيڪو ان جي صحيح هئڻ جي دعوي ڪري ٿو. ان مٿان لازم ٿو ٿئي تہ اصل ڪتاب منجهان ان جي تصحيح ڪري

علي عليہ التحيۃ والسلام جو جيڪو قول ذمين بابت نقل ڪيو ويو آهي تہ ”انهن جذبو خرچ ڪيو آهي تہ جيئن انهن جا خون اسان جي خونن جهڙا ٿين ۽ انهن جا مال اسان جي مالن جهڙا ٿين“ ان مان ڪاف تشبيهہ جي عموم جي معنيٰ ۾ اچڻ جو دليل نہ ٿو وٺي سگهجي ۽ اهو قول اسان جي مٿان حجت نہ ٿو بڻائي سگهجي بلڪ هيءَ پهريون ساٿهو آهي جنهن اها ڳالهہ چئي آهي ۽ ان کي عموم تي محمول ڪيو آهي. ڪيس پنهنجي طرفان جيڪو سمجهہ ۾ آيو آهي سو چيو اٿس. ڪاف تشبيهہ بابت اها سندس ذاتي راءِ آهي ڇاڪاڻ تہ ان جي معنيٰ اها آهي تہ ”ذمين جا خون اسان جي خونن وانگر ۽ ملڪيتون اسان جي ملڪيتن وانگر محفوظ آهن. اهو قول هن مفهوم تي شامل ناهي تہ قصاص ۾ انهن جا خون اسان جي خونن جهڙا آهن. اهو مفهوم اسان ان ڪري ٿا وٺون تہ علم ان ڳالهہ جو شاهد آهي تہ مسلمان ڪافر جي بدلي ۾ قتل نہ ڪيو ويندو ۽ حضرت علي هن مسئلي جو تمام گهڻو اهتمام ڪندو هو. ايستائين جو سندس اهو صحيفو جنهن ۾ هيءَ مسئلو شامل هو اهو پنهنجي تلوار سان لڙڪائي گهمندو هو. اهل علم ان ڳالهہ کان بخوبي واقف آهن.

ابو البرڪات شرح منار ۾ چيو آهي تہ اسان وٽ اهو عام آهي. تنهن ڪري مسلمان ذميءَ جي بدلي ۾ قتل ڪيو ويندو. ان ڳالهہ جو استدلال ان شخص جي قول مان ورتو اٿس جنهن شخص جي پنهنجي ان قول مان اها مراد ٿي ڪانهي؛ پر اسان اهو جيڪڏهن تسليم بہ ڪري وٺون تہ اهو عموم جو فائدو ڏئي ٿو. تہ بہ اسان اهو تسليم نہ ڪندا سين تہ اهو ڪاف تشبيهہ جي ڪري آهي. ۽ ڪاف تشبيهہ ڪنهن قريني کان بنا عموم جو فائدو ڏيندو آهي ڇاڪاڻ تہ علي عليہ السلام جو قول تہ اسان انهن کي ذمو ڏنو آهي ۽ انهن جزيو خرچ ڪيو آهي تہ انهن جا خون اسان جي خونن جهڙا ٿين ان ۾ قرينو آهي تہ انهن جزيي جي بدلي ۾ هنن مسئلن ۾ مساوات جي طلب ڪئي ۽ اسان انهن کي انهن جو ذمو ڏنو.

جڏهن ڳالهہ ائين آهي تہ پوءِ ”انا مثلڪ“ جهڙي مسئلي جي صورت ۾ عموم ڪيئن مراد ورتو ويندو. جڏهن تہ قرينا خصوص جو ڏس ڏئي رهيا آهن. جيئن استفتا واري واقعي ۾ آهي. ان ۾ جهڳڙو ۽ قاضيءَ تائين ان مسئلي کي ڇڪي اچڻ. ان ڳالهہ جا دليل آهن تہ ان ۾ مثليت ۽ جهڙائپ مال ملڪيت خون ۽ ٻين شين جي عصمت ۽ حفاظت جي مراد ۾ آهي.

ها البتہ جيڪڏهن مسلمان مرد چئي تہ مان مسلمان آهيان ۽ ذمي کيس جواب ۾ چئي تہ آءٌ تو جهڙو آهيان تہ اها صورت ان طرح ٿيندي. قدف واري صورت ذڪر ٿي نہ هڪ ماڻهو زنا جي تهمت هڻئين ٻئي

چيو ته اهو ائين آهي جيئن تو چيو. بلڪ هن فرع تي به ان کي قياس نه ڪيو. هن تي ان کي قياس تڏهن ڪيو جڏهن ذمي اهو چئي ته آءُ ائين آهيان جيئن تو چيو. چو ته ”انا مثلڪ“ جو قول تهمت هڻندڙ جي ”توسچ چيو“ واري قول جي مثال آهي. هن ۾ مثليت ۾ بيا به احتمال آهن جيئن تو سچ چيو ۾ احتمال آهن. هيءَ ڳالهه انصاف پسند ذهين ماڻهوءَ کان ڳجهي ڪانهي، پر هن شهر ۾ انصاف ڪٿي آهي.

مصنف هن طرح مسئلي کي مختلف دليلن ۽ مثالن سان پنهنجي حق ۾ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ۽ ڪتاب جي آخر تائين ڪوڙ سارن علمي دليلن ۽ مثالن سان مسئلي کي واضع ڪيو آهي. ۽ اهو ثابت ڪيو آهي، ته ڪاف تشبيهه جو عموم لاءِ نه ايندو آهي ۽ مخدوم محمد هاشم جيڪي حوالا ڏنا آهن تن جو اصل ڪتابن مان نقل غير صحيح آهي.

## غاية ما ظهر لاضعف الا نام في ان الكلام المتحمل لايوجب الاسلام

هيءُ فقه جي موضوع جو مختصر رسالو آهي. جملي 27 صفحن تي مشتمل آهي. مصنف تصنيف جو سال نه ڄاڻايو آهي. هن جا ٽي نسخا دستياب ٿي سگهيا آهن. هڪ نسخو قاسميه لائبريءَ ۾ موجود آهي، ٻيو درگاه شريف پير جهنڊي جو ۽ ٽيون مفيد عام لائبرري سيوهڻ جو آهي. شروعات توڙي پڄاڻيءَ کان ٻنهي نسخن جي عبارت ۾ ڪو به فرق ڪونهي. ڪاتب ۽ سن ڪتابت صرف قاسميه لائبرري ڪنڊيارو جي نسخي ۾ ڄاڻايل آهي. جنهن جو ڪاتب هنن لفظن سان ذڪر ڪيو آهي: وصلي الله علي سيدنا محمد و صحبه اجمعين. هيءُ رسالو جنهن جو نالو گذريو سو منجهند ڏاري پنجين ذوالقعد سال 1146ھ ڏاري پورو ٿيو“

**متن جي شروعات:**

حامداً ومصليا ومسلما اما بعد فيقول اضعف الخلق عبيد اهل المرقع البلق محمدن الملقب بالمعين ابن محمد بن الملقب بالا مين .....

**رسالي جي پڄاڻي:**

ولهذا سميت هذه الرسالة بـ”غايت ماظهر لاضعف الا نام في ان الكلام المحتمل لا يوجب الاسلام“ اعتذارا الي الاخوان ان هذا مبلغ علمي القاصر ومنتهي فكري الفاتر ربنا لاتؤاخذنا ان نسينا او اخطئنا وصلي الله علي سيدنا محمد وآله وصحبه الطيبين الطاهرين والحمد لله اولا و آخرا.

**درگاه شريف پير جهنڊي واري نسخي جي خصوصيت:**

هن نسخي جي پوئين پاسي تي سيد ابو تراب سنڌيءَ جو عبدالرحيم گرهوڙيءَ جي حوالي سان نوٽ لڳل آهي. نسخي جي اختتام واري پيج تي حاشئي ۾ هڪ نوٽ لڳل آهي، جنهن جي آخر ۾ فقير الله علوي جي صحيح ٿيل آهي. جيڪو نوٽ ۽ صحيح شاهه فقير الله علوي جي معلوم ٿئي ٿي ۽ اها ڳالهه ثبوت آهي. ته هي نسخو اصل شاهه فقير الله جي ملڪيت هو. جتان ڪنهن طريقي سان پير جهنڊي پهتو. هن جو فوٽو اسٽيٽ نقل قاسميه لائبرري ڪنڊيارو ۾ موجود آهي.

**قاسميه لائبرري ڪنڊياري واري نسخي جي خصوصيت:**

قاسميه لائبريءَ جو خطي نسخو ٽوٽل اٺن صفحن تي مشتمل آهي. منجهس سٽن جو تعداد ستاويهن کان ٽيهن تائين آهن. هر سٽ ۾ تيرهن کان اوڻويهن لفظن تائين جو تعداد آهي. نسخو ڊيمي سائيز جو آهي. اکر تمام سوڙها ۽ تمام سوڙهو لائين اسپيس آهي. تڏهن به اکر صاف سمجهه ۾ اچن ٿا. ڪتابت جو سن به صرف هن نسخي جي پڇاڙيءَ تي آهي. نسخي جي ٻئي نمبر پيج جو وڏو حصو غائب آهي. نسخي جي پهرئين نمبر پيج تي حاشيي ۾ متن جي هڪ اشاري جي وضاحت خود مخدوم محمد معين طرفان هن ريت ٿيل آهي. "المراد منه الاخ الاکرم مولانا محمد هاشم سلم و عوفي 12. منه" قاسميه لائبرريءَ جي ٻئي نمبر نسخي ۾ به ساڳئي صفحي تي حاشيه ۾ هيءَ وضاحت آيل آهي. جيڪا شيخ محمد حيات جي لکيل معلوم ٿئي ٿي. "سلم وعوفي عنه" جي لفظن مان معلوم ٿئي ٿو ته هيءَ وضاحت مخدوم صاحب جي حياتيءَ ۾ لکي ويئي آهي. جنهن مان نسخي جي قدامت معلوم ٿئي ٿي.

ٻيو نمبر نسخو 21 صفحن تي مشتمل آهي منجهس سترهن سٽون آهن. هر سٽ ۾ سٽن اٺن کان ڏهن تائين لفظن جو تعداد آهي هن جا اکر صاف ۽ واضع آهن. هن نسخي جي خاص خاصيت اها آهي ته هن تي مخدوم معين جا ڪجهه حاشيا (منهيات) به لکيل آهن. جيڪي مختلف جڳهين تي متن جي وضاحت طور لکيا ويا آهن. ۽ هر حاشيي جي آخر ۾ "منه عفي عنه" جي اشاري سان اهو ٻڌايو ويو آهي ته حاشيو خود مؤلف جو پنهنجو آهي.

**مضمون جو تفصيل:**

مخدوم صاحب جي زماني ۾ سوال اٿيو ته ڪافر شخص اسلام قبولڻ جي احتمال وارو جملو چئي ته ڇا ان تي مسلمان هئڻ جو حڪم لڳائي سگهجي ٿو؟ ان تي ڪن عالمن اها فتويٰ ڏني ته: انسان جي اصليت اسلام آهي، جيئن فرمان آهي ته: هر ٻار اسلام جي فطرت پيدا ٿئي ٿو". تنهن ڪري ڪافر جيڪڏهن مختلف احتمالن وارو جملو چئي وجي جنهن سان ان جو ڪفر ۽ اسلام شڪ ۾ پئجي وڃن ته ان جي اصل مطابق حڪم لڳايو ويندو." (يعني مسلمان قرار ڏنو ويندو) مخدوم محمد معين هن فتويٰ بابت چوي ٿو ته: هيءَ فتويٰ بنا ڪنهن امام بارع جي نقل جي، پنهنجي طرفان جاري ڪيل آهي. هن فتويٰ لاءِ جيڪي مثال ڏنا ويا آهن جيئن ڪنهن ڪپڙي جو ڪو پلؤ پليت ٿي پوي ۽ جاچڻ نه جاچڻ کان سواءِ ان جو ڪو پلؤ ڌوتو وڃي ته ان کي پاڪ قرار ڏنو ويندو وغيره، اهي تمام عجيب مثال اهن. ۽ انهن مثالن تي ڪافر جي اسلام آڻڻ جو قياس ڪرڻ به عجيب قياس آهي." وڌيڪ ان جي ترديد ڪندي چاٽائي ٿو: ته پليت ڪپڙي ۾ شڪ ان ۾ آهي ته ڪهڙو پلؤ پليت آهي. پر جنهن شيءِ سان پليتي هٽائي ٿي وڃي، ان ۾ ڪو به شڪ ڪونهي. جڏهن ته ڪافر جي اسلام واري مسئلي ۾ ته شڪ ئي ان ڪلمي ۾ آهي.جيڪو ڪفر جي پليتي هٽائيندڙ آهي. ته ان صورت ۾ اهو قياس ته غلط ٿي وڃي ٿو. هن صورت تي ان مثال کي قياس ڪري سگهجي ٿو ته پليت ڪپڙي ۾ اهو شڪ هجي ته پاڻيءَ سان ڌوتو ويو آهي يا نه. ان صورت ۾ جيئن ته نجاست زائل ڪندڙ شيء جي باري ۾ شڪ آهي، تنهن ڪري ڪپڙو پاڪ نه مجبو تيئن هن ڪافر جي اسلام واري مسئلي ۾ ڪفر جي پليتي زائل ڪندڙ شيء(ايمان جي ڪلمي) ۾ شڪ آهي. ان

ڪري اهو مسلمان قرار نہ ٿيندو. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن زبردستي ڪنهن کان اسلام قبول ڪرايو وڃي ۽ لا الہ الا الله محمد الرسول الله جو ڪلمو ان کان چورايو وڃي تہ ان صورت ۾ ڪلمو چاڪاڻ تہ ڪفر جي پليتي هٽائڻ ۾ يقيني آهي، شڪ ان ۾ آهي تہ اهو ڪلمو دل ۾ لٿو يا نہ. تہ هن صورت ۾ ڪفر مشڪوڪ ٿي ٿو وڃي. تنهن ڪري اصل يعني ايمان جو حڪم لڳايو ويندو ۽ هيءَ صورت ڪپڙي واريءَ ذڪر ڪيل صورت جي مطابق آهي. مخدو م صاحب لکي ٿو تہ شڪ واري ڪلمي جي صورت ۾ ڪافر جي اسلام جو هن تي قياس نہ ٿو ڪري سگهجي. هن تي مخدوم صاحب تفصيلي بحث کان پوءِ فتويٰ ۾ جن حديثن کان استدلال ڪيو ويو آهي انهن جو جواب ڏنو آهي ۽ پوءِ لکيو اٿس تہ انهن اهو بہ خوف نہ رکيو تہ هن فتويٰ جا نتيجا ڪهڙا نڪرندا اهو ڪلمو چوندڙن کي زوريءَ اسلام تي مجبور ڪيو ويندو. قيد ڪيو ويندو. تعزيرات لڳايا ويندا. مرتد مڃي ان کي قتل ڪرڻ جائز ڪيو ويندو .....". اڳتي لکيو اٿس تہ اهڙو ڪو بہ مثال ٽن پهرين زمانن بلڪ چئن امامن جي زماني ۾ انهن کان پوءِ جي زماني ۾ بہ نہ ٿو ملي تہ انهن ڪنهن کي مختلف احتمال رکندڙ ڪلمي چوڻ تي پڪڙ ڪئي هجي. يا ظاهر ڪلام چوڻ تي پڪڙيو هجي. جيستائين وڃي ڪنهن کي شرح صدر حاصل ٿئي. بلڪ خير القرون خاص طور رسول الله جي زماني ۾ اهو پڪيءَ طرح ثابت ٿي چڪو آهي تہ ڪو صحيح لفظن ۾ تصديق ڪرڻ باوجود شريعت جي احڪامن ۾ يقين نہ ڪندو هو ۽ انهن تي فرمانبرداريءَ سان عمل نہ ڪندو هو. تہ بہ نبي ﷺ جن اتباع شريعت جي تلقين ۽ نهايت مهربانيءَ ۽ سهڻن لفظن ۾ احڪام شريعت جي تبليغ کان سواءِ ذري برابر بہ ڪنهن تي پڪڙ نہ ڪندا هئا. ان کان پوءِ مخدوم موصوف ابو طالب جي اسلام جي حوالي سان بہ ڪجهہ ذڪر ڪيو اٿئي. ٻن يهودين جي نبي ﷺ کان "تسع آيات بينات" بابت سوال ۽ نبوت جي تصديق واري روايت ذڪر ڪئي اهي. ۽ ان کان پوءِ اقرار سان گڏ اتباع شريعت اذعان ۽ التزام ۽ دين سابق کان برائت کي ايمان لاءِ لازمي شرط قرار ڏنو اٿس. ۽ ان تي آخر تائين بحث ڪيو اٿس. صابئي، مشرڪ ۽ اهل ڪتاب هر هڪ لاءِ الڳ الڳ صورتن تي بہ بحث ڪيو اٿس. ائين مسئلي جو هر جهت ۽ پهلوءَ کان سير حاصل بحث پيش ڪري ڪو بہ پهلو تشنہ نہ ڇڏيو اٿس.

## التنبيه عليٰ سوءِ الفهوم في ان المثلية تو جب العموم

هيءَ مختصر رسالو سترهن صفحن تي مشتمل آهي. هر صفحو سورهن کان ارڙهن سٽن تي مشتمل آهي. ۽ هر سٽ ۾ ست اٺ لفظ آهن. ڪتابت صاف ۽ سهڻي آهي نسخو پراڻو هئڻ ڪري ڪجهہ صفحن تي پني مٿان ڪارا ڻ ڦهلجي وئي آهي. حاشيي تي ڪجهہ وضاحت نوٽ بہ لکيل آهن. جنهن جي آخر ۾ "منہ عفي عنہ" سان اها نشاندهي بہ ڪئي وئي آهي تہ اهي خود مصنف جا آهن نسخي ۾ زير بحث رسالي جي پڇاڙيءَ تي ڪاتب کي رسالي سان لاڳاپيل موضوع تي مخدوم حامد جي فتويٰ جو علم ٿيو آهي، جيڪا رسالي جي آخر ۾ شامل ڪئي ويئي آهي ۽ ان اها مخدوم حامد جي خط تان نقل ڪئي آهي. نسخي ۾ ڪاتب ڪٿي بہ پنهنجو نالو تہ ڄاڻايو آهي. نسخي جي آخري صفحن تي فارسي ٻوليءَ ۾ خط ۾

حاجي محمد هاشم جو سوال ۽ قدوة العلماء ميان ضياءالدين جو جواب جيڪو پڻ ساڳئي ڪتاب واري موضوع تي آهي. شامل ڪيو ويو آ ـي. مخطوطي ۾ ڪتابت جو سال به ڄاڻايل ڪونهي.

هن رسالي جو موضوع اهو ئي ساڳيو مسئلو آهي جيڪو ٺٽئين رسالي "غاية ما ظهر لاضعف الانام في ان الكلام المحتمل لايوجب الاسلام" وارو آهي. جنهن مطابق جيتوڻيڪ رسالي جو موضوع فقه ڇئجي پرهن مسئلي تي هن رسالي ۾ اصول فقه جي نقطئه نظر سان بحث ڪيل آهي. ان ڪري هن کي اصول فقه جي موضوع جو رسالو قرار ڏيڻ وڌيڪ صحيح آهي.

زير نظر رسالو مٿي ڄاڻايل رسالي کان پوءِ جو لکيل معلوم ٿئي ٿو. مصنف هن رسالي جي صفحي نمبر ٻارهن تي هڪ ڳالهه جي وضاحت ۾ لکيو آهي ته "اسان پنهنجي رسالي "غايت مان ظهر لاضعف الا نام في ان الكلام المحتمل لا يوجب الاسلام" ۾ ان تي دليل ڏنا آهن. هن مان اهومعلوم ٿئي ٿو ته زير نظر رسالو ڄاڻايل رسالي کان پوءِ جي تصنيف آهي.

**متن جي شروعات:**

حامدا وا مصليا و مسلما اما بعد فما استدل بہ الخصم لاثبات حكم الاسلام في قول الذمي لمسلم انا مثلك......"

**متن جي پڄاڻي:**

فقوا باسلام المتكلم بهذا الكلام ليس فيه مستند من اصل ولا فرع من اصول المذهب و فروعه وسميت هذه الوريقات بـ"التنبيه علي سوء الفهوم في ان المثلية توجب العموم" والله تعالىٰ هو الهادي الي الرشاد.

**مضمون جو تفصيل:**

شهر ٺٽي ۾ هڪ سوال اٿيو ته جيڪڏهن ذمي مسلمان کي چئي ته آءٌ تو جهڙو آهيان. جيڪو عربيءَ ۾ ٿيندو "انا مثلك" ته ڇا ذمي اهو چوڻ سان مسلمان ٿي ويندو؟ ذمي جي مٿئين جملي مان هڪ کان وڌيڪ معنائن نڪرڻ جو احتمال ٿي سگهي ٿو. ان نقطه نظر کان مصنف ڄاڻايل رسالي ۾ بحث ڪيو ته ڪلام محتمل جو حڪم فقه ۾ ڪهڙو آهي. هن رسالي ۾ جنهن نقطه نظر کا بحث ڪيل آهي. اهو هيءُ آهي ته مخدوم محمد هاشم هن سوال تي هن طرح دليل ڏنو ته ذميءَ مسلمان سان جيڪا پنهنجي هڪ جهڙائپ ڏيکاري آهي، انهيءَ "جهڙائپ" جنهن کي عربيءَ ۾ "مثليت" چئجي ٿو جو اصول فقه توڙي فقه ۾ عموم وارو حڪم آهي. ۽ اصول فقه ۾ عموم ۽ خصوص جو حڪم آهو آهي. ته انهن مان جيترين به معنائون ۽ مرادون نڪرن اهي سڀ ان جي حڪم ۾ شامل هونديون آهن. انهيءَ حڪم مطابق ذميءَ مسلمان سان جيڪا هڪ جهڙائپ ڏيکاري آهي. ان ۾ ذمي ٻيل ٻين ڪيترين ئي ڳالهين ۾ مسلمان سان هڪ جهڙائپ رکندو هجي هتي اهي سڀ مراد ٿينديون ۽ اها هڪ جهڙائپ ٻين سڀني ڳالهين سان گڏ مسلمانيءَ ۾ به ٿي ويندي. ۽ مسلمانيءَ ۾ هڪ جهڙائپ ثابت ٿيڻ سببان ذمي مسلمان ٿي ويندو.

"جهڙائپ" ۽ مثليت عموم جي حڪم ۾ آهي ان لاءِ مخدوم محمد هاشم هن طرح دليل ڏنا آهن: شمس الائمة سرخسي جي اصول فقه ۾ آهي ته جڏهن ڪلام محتمل هجي ته اسان وٽ "ڪاف تشبيه" جو (جهڙائپ جي معني ڏيندڙ ڪاف) عموم جي معنيٰ ۾ ايندو آهي.

محتمل آهي، تہ بہ ڪاف تشبيهہ جو عام نہ ٿيندو جيئن چيو ويو آهي. ڇاڪاڻ تہ جڏهن عام پنهنجي مڙني فردن مٿان دلالت ۾ قطعي هوندو آهي، تہ پوءِ عموم جي مراد وٺڻ ڪي هن احتمال سان ملائڻ جي ڪابہ وات ڪانهي. يعني جڏهن ڪاف جي دلالت پنهنجي افرادن تي قطعي ٿي تہ احتمال تہ رهيو ئي ڪونہ ۽ اهو ڪيئن ٿيندو جيڪڏهن محتمل هجي ها تہ شبهي جي ڪري حد مورڳو ڪري پوي ها. ان ڪري فتوي عالمگيريءَ ۾ ظهيريہ کان نقل ڪندي لکيو ويو آهي تہ هڪ مرد ڪنهن مرد جي زال تي تهمت ڏني جنهن تي هڪ مرد چيو تو سچ چيو آهي. اها ائين آهي جيئن تو چيو. تہ اهو بہ تهمت هڻندڙ سڏبو ۽ ڪانئس "لعان " ڪرايو ويندو. پر جيڪڏهن رڳو ائين چئي، تہ تو سچ چيو تہ تهمت هڻندڙ نہ چئبو. هن مان ثابت ٿيو تہ هن قول ۾ "اها ائين آهي جيئن تو چيو" متعين آهي، مرد جي تهمت سان. محتمل ناهي. ان جي بر خلاف جڏهن مرد صرف اهو ٿو چئي تہ "تو سچ چيو" تہ ان ۾ جيتوڻيڪ سچ چوڻ جي نسبت ظاهر ظهور ان ڪلام ڏانهن ئي ٿيندي. جيڪو مرد تهمت وقت چيو آهي. پر ڇاڪاڻ تہ هڪڙو ٿورڙو احتمال اهو بہ آهي تہ ڪٿي سچ جي نسبت تهمت کان سوءِ ڪنهن ٻي ڳالهہ ڏانهن هجي، ان ڪري انهيءَ ڪمزور شڪ جي بنياد تي حد ڪجهي ويندي. تنهن ڪري غالب غمان اهو آهي تہ ههڙي قسم جو ضعيف ۽ غير صحيح ڪلام شمس الائمہ سرخيءَ جهڙن کان صادر نہ ٿو ٿي سگهي. انڪري اسان اهو ٿا چئون تہ نقل غير صحيح آهي البت جيڪو ان جي صحيح هئڻ جي دعوي ڪري ٿو. ان مٿان لازم ٿو ٿئي تہ اصل ڪتاب منجهان ان جي تصحيح ڪري

علي عليہ التحية والسلام جو جيڪو قول ذمين بابت نقل ڪيو ويو آهي تہ "انهن جذبو خرچ ڪيو آهي تہ جيئن انهن جا خون اسان جي خونن جهڙا ٿين ۽ انهن جا مال اسان جي مالن جهڙا ٿين" ان مان ڪاف تشبيهہ جي عموم جي معنيٰ ۾ اچڻ جو دليل نہ ٿو وٺي سگهجي ۽ اهو قول اسان جي مٿان حجت نہ ٿو بڻائي سگهجي بلڪ هيءَ پهريون ماڻهو آهي جنهن اها ڳالهہ چئي آهي ۽ ان کي عموم تي محمول ڪيو آهي. ڪيس پنهنجي طرفان جيڪو سمجهہ ۾ آيو آهي سو چيو اٿس. ڪاف تشبيهہ بابت اها سنڌس ذاتي راءِ آهي ڇاڪاڻ تہ ان جي معنيٰ اها آهي تہ "ذمين جا خون اسان جي خونن وانگر ۽ ملڪيتون ان جي ملڪيتن وانگر محفوظ آهن. اهو قول هن مفهوم تي شامل ناهي تہ قصاص ۾ انهن جا خون اسان جي خونن جهڙا آهن. اهو مفهوم اسان ان ڪري ٿا وٺون تہ علم ان ڳالهہ جو شاهد آهي تہ مسلمان ڪافر جي بدلي ۾ قتل نہ ڪيو ويندو ۽ حضرت علي هن مسئلي جو تمام گهڻو اهتمام ڪندو هو. ايستائين جو سنڌس اهو صحيفو جنهن ۾ هيءَ مسئلو شامل هو اهو پنهنجي تلوار سان لڙڪائي گهمندو هو. اهل علم ان ڳالهہ کان بخوبي واقف آهن.

ابو البرڪات شرح منار ۾ چيو آهي تہ. اسان وٽ اهو عام آهي، تنهن ڪري مسلمان ذميءَ جي بدلي ۾ قتل ڪيو ويندو. ان ڳالهہ جو استدلال ان شخص جي قول مان ورتو اٿس جنهن شخص جي پنهنجي ان قول مان اها مرد ئي ڪانهي. پر اسان اهو جيڪڏهن تسليم بہ ڪري وٺون تہ اهو عموم جو فائدو ڏئي ٿو. تہ بہ اسان اهو تسليم نہ ڪندا سين تہ اهو ڪاف تشبيهہ جي ڪري آهي. ۽ ڪاف تشبيهہ ڪنهن قريني کان بنا عموم جو فائدو ڏيندو آهي ڇاڪاڻ تہ علي عليہ السلام جو قول تہ اسان انهن کي ذمو

الحديث الصحيح الفطرة خمس....
**متن جي پڇاڻي:**

"ولاکن لم يظهر الي الآن مايوجب الحکم بحرمہ فعلہ من ادلة السنة و لا من روايات الفقهاء الموثوقين لما تنطق نصا علي الحرمة ولا يحتمل الارجاع الي ما حققنا وانصحنا عنہ من تصريح الـ ـــ بدلالة الاحاديث الصحيحة معدوم...... دلالة الحديث علي طباق القواعد الاصوليہ علي حکم شرعي لاعبرة....؟ خالف ذالک عندنا والله سبحانہ اعلم."
**مضمون جو تفصيل:**

مخدوم محمد معين هن رسالي ۾ موقف اختيار ڪيو آهي، تہ ڏاڙهي رکڻ مستحب آهي، ۽ ان جو مستحب مقدار مٺ آهي، جيڪو ڏاڙهي مٺ جي مقدار کان گهٽائي ٿو يا وڌائي ٿو ٻنهي صورتن ۾ اهو مستحب جو برابر تارڪ ٿيندو.
**مخدوم صاحب جا دليل:**

فقه ۽ حديث جي امام ابن دقيق العيد شرح "العمدة" ۾ الفطرة خمس واري صحيح حديث هيٺ لکيو آهي تہ علماء جو هن ڳالهہ ۾ اختلاف آهي تہ طهر ڪرائڻ جو حڪم ڇا آهي؟ ڪن ان کي واجب قرار ڏنو آهي جيئن شافعي، ڪن سنت قرار ڏنو آهي جيئن امام مالڪ ۽ سندس اڪثر پيروڪار. ان کان پوءِ چيو اٿس تہ جن "الفطرة" جو تفسير سنت ڪيو آهي، تن جو استدلال اهو آهي تہ حديث ۾ جن ٻين چئن شين کي فطرت ڪوٺيو ويو آهي، سي سڀئي وٽ سنت آهن. تہ پوءِ فطرت جي حڪم هيٺ صرف طهر واجب ڇو ٿيندو. امام ابن دقيق العيد شافعي هئڻ باوجود انصاف کان ڪم وٺندي لکيو آهي تہ "الفطرة" جو هڪڙو ئي لفظ پنجن شين لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي. ان صورت ۾ جيڪڏهن پنجن ئي شين مان هر هڪ بابت حڪم الڳ الڳ (يعني ڪي واجب ۽ ڪي سنت) ورتو تہ ان جو مطلب اهو ٿيندو تہ هڪ ئي لفظ هڪڙين شين لاءِ واجب جي معنيٰ ۾ اچي تہ ٻين لاءِ سنت جي معنيٰ ۾. ان سان اهو لازم ايندو تہ هڪ ئي هنڌ هڪ لفظ جون ٻہ مختلف معنائون مراد ورتيون وڃن. ۽ اصول فقهہ جي علم مطابق سڀ ڪو ڄاڻي ٿو تہ اهو ڪيئن آهي. امام ابن دقيق العيد لکي ٿو تہ هونءَ دلالت اقتران وارو هيءُ دليل ڪمزور هجي ها پر هتي هن جڳهہ تي اهو ضعيف ناهي، هتي قوي آهي. ڇاڪاڻ تہ هتي هڪ ئي لفظ الفطرة ٻن مختلف معنائن ۾ استعمال ٿي رهيو آهي. دلالت اقتران ضعيف اتي ٿيندي آهي، جتي ڪلام ۾ الڳ الڳ مستقل جملا آندل هجن ۽ هڪ لفظ جو ٻن معنائن ۾ استعمال لازم نہ ايندو هجي. جيئن هن حديث شريف ۾ آيو آهي. "لايبولن احدکم في الماء الدائم ولايغسل فيہ من الجنابة" جو ان مان ڪن فقيهن اهو ستدلال ڪيو آهي تہ جيئن پيشاب ڪرڻ سان بيٺل پاڻي پليت ٿي ويندو، تيئن جنابت کان غسل ڪرڻ سان بہ بيٺل پاڻي پليت ٿي ويندو. ڇاڪاڻ تہ ٻنهي کي گڏي منع ڪيو ويو آهي.

ٻئي دليل طور قدوة المتاخرين شيخ عبدالحق دهلوي جي حوالي سان لکيو اٿس تہ "فطرة" ڪڏهن "خلقت" جي معنيٰ ۾ ايندي آهي. جيئن حديث "کل مولود يولد علي الفطرة" ۽ ڪڏهن سنت جي معنيٰ ۾ ايندي آهي. ۽ چڱي رستي جي معنيٰ ۾ بہ ايندي آهي. جنهن جو حسن عادت تي دارو

مدار هوندو آهي. جيئن عائشہ واريءَ حديث ۾ آهي تہ" عشرة من الفطرة قص الشارب و اعفاء اللحية ..... الخ

هنن ٻن دليلن بعد وڌيڪ وضاحت تہ:

"اسان چئون ٿا تہ حضرت عائشہ جي متفق عليہ حديث ۾ جن ڏهن شين جو ذڪر آهي، سي يا سڀ جو سڀ واجب ٿينديون يا سڀ مستحب ٿينديون. يا ڪي واجب تہ ڪي مستحب. پهرين صورت تہ نہ ٿي سگهندي جو عائشہ جي پنجن واريءَ حديث ۾ چئن جي مستحب هئڻ تي شافعين ۽ مالڪين ٻنهي جو اتفاق آهي. نہ ئي ٽين صورت ٿي سگهندي، ڇو تہ هڪ لفظ جو ٻن مختلف معنائن ۾ اچڻ لازم ايندو. ان ڪري لازمي طور ٻي صورت ئي متعين ٿيندي، تہ اهي سڀ شيون مستحب آهن ۽ فطرت حسن عادت جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيل آهي.

ان مٿين وضاحت مان، مطلق "اعفاء اللحيہ" جو مستحب هئڻ ثابت ٿي چڪو پر "مجمل" صورت ۾ ان جو تفصيل نبي ڪريم ﷺ جي عمل مٺ جي مقدار وارين حديثن مان واضح ۽ متعين ٿئي ٿو. اهو مقدار حضور جن جي عملي ۽ فعلي سنت آهي. دين ۾ ان جي مستحب واري حيثيت آهي. جيڪو ان مقرر مقدار کان ڏاڙهي گهٽائيندو يا وڌائيندو ان تي مستحب جي تارڪ هئڻ جو حڪم لڳائڻ گهرجي.

صحيحين واري حديث "خالفوا المشركين اعفوا اللحيٰ واحفوا الشارب" بابت هيءَ وضاحت تہ ان ۾ امر استحباب لاءِ آهي. ائين مڃڻ سان ٻن صحيح حديثن ۾ اتفاق ۽ جمع ٿي سگهندو. "امر" وجوب لاءِ ونبو تہ لفظ جو ٻن مختلف معنائن ۾ استعمال لازم ايندو. اهو باطل آهي.

صحيحين واري حديث ۾ "مشرڪن جي مخالفت" جو جيڪو ذڪر آهي. ان تي بحث ڪندي لکي ٿو تہ حديث ۾ "اعفاء" ۽ احفاءُ ٻئي متعين ناهن. نہ اعفاء جو مٺ برابر هئڻ نہ احفاء جو انهن مختلف مقدارن مطابق هئڻ، جيڪي مختلف مقدار فقيهن جي مختلف قولن مطابق آهن. بلڪ ان مان اعفاء ۽ احفاء ايترو مراد آهي. جنهن مان مشرڪن جي مخالفت ٿئي. پر جڏهن مشرڪن جي ڏاڙهين جو مقدار اسان وٽ متعين ڪونهي تہ اعفاء ۽ احفاء جو مقدار ڪينئن متعين ٿيندو. تنهن ڪري حديث ۾ اعفاء اجمالي ثابت ٿيو. جنهن جو حضور ﷺ جن جي عمل مٺ جي مقدار سان تفصيل ۽ بيان ٿي وڃي ٿو. اهو مقدار سنت مستحب آهي. ان جو تارڪ خوار خراب ٿيندو ڇو تہ اهو ندب ۽ استحباب جي شرف کان جاهل هئڻ ڪري غافل آهي. ۽ دنيا وما فيها کان ان جي پلي هئڻ کان بي خبر آهي. پر اجان تائين اهو واضح نہ ٿيو تہ سنت ۽ فقهي روايتن مان ان جي حرام هئڻ جا دليل ڪي اهڙا مليا هجن، جيڪي واضح نص جي طور تي حرمت ثابت ڪندا هجن.

**شيخ محمد حيات سنڌيءَ پاران رد:**

مخدوم محمد معين جي مٿئين رسالي جي رد ۾ مخدوم محمد حيات سنڌيءَ صحيح بخاريءَ مسلم، احمد، ترمذي، نسائي، بيهقي، طحاوي، مسند بزار، مسند ابن ابي شيبہ جون روايتون نقل ڪري نووي جي حوالي سان لکيو آهي تہ ان سلسلي ۾ هيٺيون پنج روايتون ملن ٿيون.

(1) اعفوا وارخوا و اوفوا وارخوا ووفروا

جن سيني جي معنيٰ آهي ڏاڙهيءَ کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏيڻ. اهو مفهوم حديث مان ظاهر به ٿئي ٿو ۽ لفظن جي تقاضا به آهي. ان کان پوءِ هن معنيٰ جي تائيد ۾ ڪوڙ سارا قول ذڪر ڪيا اٿس.
دليل جو ٻيو مقدمو (پاڱو) اهو ڄاڻايو اٿس ته هنن حديثن ۾ امر جو صيغو استعمال ٿيل آهي. ۽ امر وجوب لاءِ آهي. هن جي تائيد ۾ توضيع، منار، ابن حاجب جي مختصر، ابو هاشم، اشعريءَ ۽ قاضيءَ جا قول نقل ڪيا اٿس.
امر جي حقيقي معنيٰ وجوب لاءِ آهي. ۽ قريني کان سواءِ حقيقت ڇڏي مجاز ڏانهن نه وڃي سگهبو آهي. ۽ هتي ان لاءِ ڪوبه قرينو ڪونهي جيئن ڪن کي ان جو وهم ٿيو آهي.
حديث ۾ امر سان گڏ ڪافرن سان مشابهت کان منع لاءِ جيڪا "نهي" آهي، سا حرمت لاءِ ايندي آهي. جيئن تحرير ۽ مختار ۾ ابن همام چيو آهي. حنفيين حرام هئڻ جو حڪم هن شرط سان مشروط ڪيو آهي ته اهو "قطعي الثبوت" هجي. "ظني الثبوت" هوندو ته ان مان ڪراهت جي معنيٰ مراد ونبي.
ان کان پوءِ حضرت عائشہ واري روايت "عشرة من الفطرة" تي مخدوم محمد معين جيڪو چيو ته جن ڏهن شين کي فطرت ڪوٺيو ويو آهي، سي سڀ سنت مجيبون نه ته هڪ لفظ جو ٻن مختلف معنائن ۾ اچڻ لازم ايندو. ان تي تفصيلي بحث ڪيو ويو آهي. جنهن جو خلاصو اهو آهي ته فطرت دين، سنت، انبيائن جي سنت، سنت قديم جبلت ۽ قدر مشترڪ (يعني استحباب ۽ وجوب ٻنهي ۾ برابر) جي معنيٰ ۾ ايندي آهي. ابن النضار جي حوالي سان لکيو اٿس ته ان چيو آهي ته: اسلام جي فطرت مان مراد فرض به آهي." ان کان پوءِ لکيو اٿس ته هتي فطرت عام معنيٰ ۾ آهي. ۽ پنهنجي حقيقي فردن لاءِ اهو لفظ ڳالهايو ويو آهي. پوءِ اهي ڀل سڀ واجب هجن، سڀ سنت هجن يا ڪي واجب ته ڪي سنت. ان ڪري هڪ لفظ جي ٻن مختلف معنائن ۾ اچڻ جي ناجائز هئڻ جو جيڪو وهم ڪيو ويو آهي، اهو غلط آهي ۽ جيڪو چيو ويو آهي ته واجب جو غير واجب تي عطف نه ٿيندو آهي. ائين به ناهي. سڀ کان وڏيڪ فصاحت واري ڪلام قرآن ۾ به جوائين آهي.
"كلو من ثمره اذا اثمر و آتو حقهٗ يوم حصاده"
ان کان پوءِ ترمذيءَ ۾ نبي ﷺ جن بابت آيل حديث ته پاڻ ڊيگه ۽ ويڪر ۾ ڪجهه ڏاڙهي وٺندا هئا. کي منڪر سڏيندي ان تي به تفصيلي بحث ڪيو اٿس. آخر ۾ عبدالحق دهلويءَ واري قول تي بحث ڪيو اٿس. جيڪو مخدوم محمد معين نقل ڪيو ۽ چيو اٿس ته شيخ دهلوي جو قول ان ڳالهه جو دليل ناهي ته ڏاڙهي عادت وارين شين مان هڪ آهي. بلڪ اهو هن ڳالهه جو دليل آهي ته اها عبادت وارن عملن مان هڪ عمل آهي. جيڪو حسن عادت جي موافق آهي.

### غايت الاعتماد في مسئلة الاختضاب بالسواد

هيءُ رسالو عربي زبان ۾ علم فقه جي موضوع تي مخدوم محمد معين تصنيف ڪيو آهي. هن جي ڪتابت خط نسخ ۾ ٿيل آهي. هن جو ڪاتب ۽ سن ڪتابت معلوم نه ٿي سگهيو آهي. هن جو اصل نسخو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪارنر ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي ريسرچ لائبريري ۾ موجود آهي.

**متن جي شروعات:**

حامداً لله تعاليٰ ومصلياً ومسلماً اما بعد فقد وردت الاحاديث الصحيح في النحي عن الخضاب باالسواد ووردت بعض آخر بالوعيد عليٰ ذالک و تمسک بها في القول بالحرمت ذالک مطلقا.............

**متن جي پڇاڙي:**

هذا ما اعطاه فقه الحديث عليٰ مبلغ ما انتهينا اليہ و روايات فقه الآراء بعضها ناطقة بحرمت السواد مطلقاً و بعضها بحلها كذالک و بعضها جائت بالتفصيل في ذالک و حاجتنا اليٰ فقه الحديث لا غير والله سبحانہ يعسمنا ان كل خطاء كبيرة و صغيرة جلہٖ و دقہٖ آمين و صلي الله عليٰ سيدنا محمد وآلہٖ الطيبين و اصحابہٖ الطاهرين والحمد لِلہ ربِّ العالمين.

**مضمون جو تفصيل:**

هن ۾ جنهن مسئلي بابت بحث ڪيو ويو آهي سو آهي. وارن کي ڪارو خضاب لڳائڻ“ جو مسئلو. مسئلي تي بحث جي شروعات مصنف هن طرح ڪئي آهي:

ڪاري خضاب جي منع بابت صحيح حديثون وارد ٿيون آهن. ۽ ڪي ان بابت وعيد واريون حديثون بہ آيل آهن، جن مان ڪاري خضاب کي مطلق طور حرام قرار ڏيڻ جو استدلال ورتو ويو آهي. ان حرمت جو حڪم ۾ مون ڪنهڻ بہ جهت کان ڪا قيد لڳايل نہ ڏٺي آهي. اهو ان ڳالهہ جو دليل آهي تہ انهن منع وارين حديثن کي ڪنهن مرفوع ”غير معارض“ پانيو آهي ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن حرمت جي قائلن وٽ منع وارين حديثن جي معارض ڪا صحيح يا ضعيف حديث ثابت ٿئي ها تہ انهن ۾ جمع ۽ تطبيق جي ڪوشش ڪن ها. ڇاڪاڻ تہ جڏهن صحيح ۽ ضعيف ۾ جمع ممڪن هجي تہ ضعيف کي ائين ڇڏڻ جائز ناهي. اهڙيءَ طرح ترجيح بہ ان شرط سان مشروط آهي تہ جڏهن جمع جو امڪان نہ هجي. جمع لاءِ ٻنهي معارضن جو قوت ۾ مساوي هجڻ بہ شرط ناهي. جيڪڏهن اهڙي ڪوشش ڪندا تہ هنن ٽن ڳالهين مان ڪا نہ ڪا ضرور ٿيندي. هڪ اها تہ حرمت هڪ نہ ٻي حالت سان مقيد هوندي.

ٻي اها تہ معارض کي اهڙي معنيٰ تي حمل ڪرڻو پوندو جيڪا مطلق حرمت سان متعارض نہ ٿئي.

ٽين اها تہ حڪم کي موقوف ڪرڻو پوندو ڇاڪاڻ تہ انهن وچ ۾ جمع جي ڪا صورت سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي پهرين ۽ ٽين صورت ۾ تہ مطلق حرمت جي ڪا معنيٰ ئي نہ رهندي جڏهن تہ ٻين صورت ۾ مطلق حرمت جي فتويٰ ڏيندڙ تي اهو ذڪر ڪرڻ لازم ٿيندو ۽ جيڪو سمجهيو اٿس ان تي جمي نہ بيهندو ۽ ان کي حرمت جي شارع جي نص ڏانهن نسبت نہ ڪرڻي پوندي تنهن ڪري شايد انهن معارض نہ لڌو آهي يا لڌو اٿن تہ ان تي متنبہ نہ ٿي سگهيا آهن.

پر اسان الحمدلِلہ اهو لڌو آهي ۽ ان تي متنبہ بہ ٿيا آهيون ان ڪري مطلق حرمت جا قائل نہ ٿيا آهيون ۽ نہ ئي حرمت کي شارع جي نص ڏانهن منسوب ٿا ڪريون.

**ان جي معارض روايتون:**

ان کان پوءِ مؤلف مٿين روايتن جي معارض حديثون بيان ڪيون آهن. جن جي موصوف ترتيب هن طرح بيان ڪئي آهي. تہ سڀ کان پهريائين ابن ماجہ جي هڪ حديث هن طرح نقل ڪري ٿو:

"رسول الله ﷺ جن فرمايو جيڪڏهن اهڙو خضاب ڪيو وڃي جيڪو اوهان ڪارو خضاب ڪيو ٿا ته اهو اوهان جي زالن لاءِ وڌيڪ مرغوب ۽ اوهان جي دشمنن جي سينن ۾ وڌيڪ ڏهڪاءَ جو سبب ٿيندو."

هن حديث بيان ڪرڻ ڪان پوءِ مؤلف هن حديث جي سند تي بحث ڪيو آهي. ان کي مرفوع ثابت ڪيو آهي ۽ ان جا رجال سڀ ثقات قرار ڏنا آهن. البته دفاع بن دغفل تي جرح ٿيل آهي، جنهن لاءِ لکيو اٿس ته اها غير مفسر آهي. مؤلف ان ڪان پوءِ لکيو آهي ته هيءَ حديث خضاب جي منع وارين حديثن سان ٽڪر ۾ آيل آهي. ان ڪان پوءِ مؤلف ان حديث جون ڪجهه مؤيد حديثون بيان ڪيون آهن جن حديثن ۾ "حناء" ۽ "ڪتم" نالي جڙي ٻوٽين سان خضاب جو جواز ثابت ٿئي ٿو. "حناء" لاءِ مؤلف لکيو آهي ته اهو هڪ ٻوٽو آهي، جيڪو هڪ ٻئي ٻوٽي "وسمه" سان ملائڻ سان وار ڪارا ڪندو آهي. تائيد ڪندڙ حديثن مان هڪ حديث هن طرح آهي.

ابو ذر رضي الله عنه جي حديث آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو

"سڀ ڪان وڌيڪ سهڻي شئي جنهن سان ڪراڙپ کي ڦيري سگهجي سا "حناء" ۽ "ڪتم" آهي" هيءَ روايت ترمذي، ابو داؤد، نسائي ابن ماجه، ابن حبان ۽ امام احمد پڻ نقل ڪئي آهي ۽ ترمذيءَ ان کي صحيح قرار ڏنو آهي. ان جي تائيد ڪندڙ ٻي متفق عليه حديث هن طرح آهي:

انس رضي الله تعاليٰ عنه جي حديث آهي ته رسول الله ﷺ جن ٿورڙا پوڙها هئا. البته ڪانئن پوءِ ابوبڪر ۽ عمر رضي الله تعاليٰ عنهما "حناء" ۽ "ڪتم" سان خضاب ڪندا هئا.

هنن حديثن جي بيان ڪان پوءِ مؤلف انهن تي اعتراضن جا جواب ڏنا آهن. هڪ اعتراض اهو ذڪر ڪري ٿو ته مٿين حديثن مان ممڪن آهي ته "و" "او" جي معنيٰ ۾ هجي ۽ مراد اها هجي ته اهي ڪڏهن "حناء" سان ته ڪڏهن "ڪتم" سان خضاب ڪندا هئا. ان جو جواب مؤلف هن حديث سان ڏنو آهي: ابن عباس فرمايو نبي ﷺ جن هڪ ماڻهوءَ وٽان لنگهيا، جنهن "حناء" سان خضاب ڪيو هو پاڻ فرمايائون ڪيترو نه سهڻو آهي ان ڪان پوءِ ٻئي وٽان لنگهيا، جنهن حناء ۽ ڪتم سان خضاب ڪيو هو. پاڻ فرمايائون هيءُ هُنَ ڪان وڌيڪ سهڻو آهي. ان ڪان پوءِ هڪ وٽان لنگهيا. جنهن صفرة سان خضاب ڪيو هو. پاڻ فرمايائون هيءُ سڀني ڪان ڀلو آهي." هي روايت ابو داؤد ۽ ابن ماجه نقل ڪئي آهي. مؤلف ان ڪان پوءِ لکي ٿو ته هيءَ حديث "حناء" ۽ "ڪتم" بابت آيل مٿيني حديثن جو تفسير تي ڪري، ان ئي بنياد تي اسان اهو چيو ته "حناء" ۽ "ڪتم" سان گڏيل خضاب ڪرڻ جائز آهي" هن ڪان پوءِ مؤلف "حناء" ۽ "ڪتم" جي مرڪب صورتن جي حوالي سان بحث ڪيو آهي. ان ڪان بعد مؤلف ان جي تائيد ۾ صحابه جا آثار نقل ڪيا آهن، جيڪي مختصر هيٺ ذڪر ڪجن ٿا:

"قاضي چيو آهي ته سلف صحابه ۽ تابعين جو خضاب ۽ ان جي جنس ۾ اختلاف آهي. ان ڪان پوءِ چيو آهي ته هڪ جماعت ڪارو خضاب ڪيو آهي. ان جي روايت عثمان، حسن، حسين علي بن ابي طالب جي ٻنهي پٽن، عقبه بن عامر، ابن سيرين، ابي برده ۽ ٻين ڪان منقول آهي انهن مان عمر، محمد بن علي، علي بن عبدالله بن عباس، عروه بن الزبير ۽ ٻيا پڻ آهن. عمر رضي الله تعاليٰ عنه ڪان پڻ مروي آهي ته

اهو زال لاءِ پسنديده ۽ دشمن لاءِ ڏڪو آهي“ اهڙن اثرن مان هڪ صحيح اثر، جيڪو امام بخاري جي متصل سند سان صحيح بخاريءَ ۾ آهي جيڪو هن طرح آهي.

ابو عبدالله محمد بن اسماعيل بخاري چئي ٿو تہ اسان سان محمد بن حسين بن ابراهيم بيان ڪيو ان سان حسين بن محمد بيان ڪيو. ان سان جرير محمد کان ۽ ان انس بن مالڪ رضي الله تعاليٰ عنہ کان روايت ڪئي. فرمايائين تہ عبيدالله بن زياد وٽ امام حسين رضي الله عنہ جو سر مبارڪ آندو ويو. جنهن ان جي حسن جي باري ۾ ڪجھ چيو انس رضي الله عنہ فرمايو رسول الله ﷺ جن جي سڀ کان وڌيڪ مشابہ هو. ۽ وسمہ سان خضاب ڪيل هو... ۽ وسمہ اهڙو گاھ آهي جنهن جو رنگ ڪارو ٿيندو آهي.

هن کان بعد مؤلف موصوف ڪاري خضاب جي مخالفت ۾ جيڪي روايتون مروي آهن سي نقل ڪيون آهن. ان کان پوءِ انهن وچ ۾ ”جمع“ ۽ مطابقت تي بحث ڪيو آهي. جيڪو هن ڪتاب جو اصل ۽ مغز آهي.

## ايقاظ الوسنان في بطلان الكفائة لاهل بيت الرضوان

مخدوم محمد معين جو هيءُ ڪتاب هن موضوع تي آهي تہ: اهل بيت جو ڪو بہ ڪفو ڪونهي. هن جو اصل نسخو علامہ آءِ آءِ قاضي لائبريري سنڌ يونيورسٽي ۾ موجود آهي پر بدقسمتيءَ سان اهو ايترو زبون ٿي ويو آهي جو ڪولڻ سان سندس ورق پري رهيا آهن. خوشقسمتيءَ سان هن ڪتاب جي مائيڪرو فلم ريسرچ لائبريري سنڌ الاجي جي مائيڪرو فلم سيڪشن ۾ موجود آهي.

هن جا ٽوٽل 146 صفحا آهن. هن جي مائڪرو فلم 13/5/82 تي ٺاهي وئي خط نستعليق ۾ ڪتابت ڪيل آهي. هن جو ڪاتب ۽ سن ڪتابت معلوم نہ ٿي سگهيو آهي. ڇاڪاڻ تہ نسخي جا آخري ورق گم آهن.

**متن جي شروعات:**

الحمد لله المقدس عن الاشباه والاكفاء المنزه عن الاعوان الذي جعل للتناسل ازواجا وحلائل. ونوع المتعارف شعوبا وقبائل

**متن جي پڇاڙي:**

فاولاد فاطمہ .... رضي الله تعاليٰ عنها وعنهم ينسبون اليہ صلي الله عليہ وسلم واولاد زينب وام كلثوم ينسبون الي ابيهم عمرو عبدالله والي الام ولا الي ابيها صلي الله عليہ وسلم..................

**مضمون جو تفصيل:**

مصنف هن ڪتاب کي مقدمہ، خاتمہ، حسن خاتمہ ۽ ”مرصدين“ تي مشتمل ترتيب ڏنو آهي مقدمي ۾ بہ ايقاظ آهن. پهريون ايقاظ ڪفائت جي اعتبار جي دليل ۽ حق فسخ موليٰ جي بيان ۾ آهي ٻيو ايقاظ علويہ ۽ الشريف جي معنيٰ جي بيان ۾ آهي. مرصد اول: هن وهم جي بطلان جي بيان ۾ تہ اسان جي زماني جا قريشي علوين جا ڪفو آهن. هي مرصد ڪجھ ايقاظن تي مشتمل آهي. مرصد ٻيو: هن وهم جي بطلان ۾ آهي جيڪو وقت جي فقهاء کي ٿيو آهي. تہ علوين جي ڪفائت مان مراد زهراوي آهن مطلق علوي آهن

هي ڪجهه ايقاظن تي مشتمل آهي. خاتمي ۾ به ايقاظ هن ڪان پوءِ رسالي جا ورق ڪٽل آهن جنهن ڪري صحيح پڇاڙي ۽ رهيل مضامين بابت معلوم نه ٿي سگهيو آهي.

## بياض فتاويٰ

هيءُ بياض مخدوم محمد معين جو، سندس مختلف تحريرن تي مشتمل آهي. جيڪي مخدوم موصوف مختلف موضوعن تي تحرير ڪيون آهن. نسخه خط نسخ ۾ ڪتابت ڪيل آهي. خط سهڻو ۽ صاف ڪتابت ڪيل آهي. وڏي تقطيع ۾ تحرير ڪيل هيءُ نسخو مخدوم موصوف جي ڪنهن شاگرد ڪتابت ڪيو آهي. جنهن ڪري ڪن تحريرن جي آخر ۾ مخدوم موصوف جي نالي بجاء "للحضرت الاستاذ سلمه ربه" لکيو اٿس. ڪاتب پنهنجو نالو ڪٿي به نه لکيو آهي، ان جو فوٽو اسٽيٽ ٿيل نقل قاسميه لائبريري ڪنڊيارو ۾ موجود آهي، اصل نسخو سنڌ ميوزم حيدرآباد ۾ موجود آهي، بياض 352 ورقن تي مشتمل آهي.

**متن جي شروعات:**

فيما يتعلق باصول الفقه: وشرط مطلقه اي الاجتهاد معرفة محال الجزئيات و مفاهيم الالقاب الاصطلاحية من شخص الكتاب والسنة في الظهور كالظاهر والنص والمفسر والمحكم والعام والخاص والخفاء كالخفي والمجمل والمشكل والمتشابه الي غير ذالک ........

**متن جي پڇاڙي:**

ولو جائت بتلک رواية اخري فليات بها مذكورا في الحديث و تتمة لقصته لروي ذالک لامحالة ولوجائت بتلک رواية اخري فليات بها ولايجوز بدون التمسک بها ان يقال انكرو عليها لفسخ حديث سهل مع انهم انكروا عليها الاقبل سماعه منها ...... قال وما قيل لوكان عند ابي حنيفه علم هذاالخبر لرواه ولم يسكت مدفوع .....

**مضمون جو تفصيل:**

فتويٰ جي ٻين بياضن وانگر مخدوم محمد معين پنهنجي بياض کي بابن ۾ ورهايو آهي. معلوم ٿئي ٿو ته ڪتاب الطهارت کان وٺي ابواب الفتن و احوال بعض الناس تائين بياض جا باب مسودي جي خالي صفحن جي سر ورق تي لکيا اٿس، پوءِ هر هڪ عنوان هيٺ مختلف وقتن تي فتوائون ۽ مسئلا تحرير ڪندو رهيو آهي. بياض ۾ جيڪي عنوان قائم ڪيا ويا آهن، تن جو تفصيل هن طرح آهي:

فيما يتعل باصول الفقه، ذكر من انتقل من مذهب من الائمة، فيما يتعلق باصول الحديث، كتاب الطهارة، فيما يتعلق بالمياه، فيما يتعلق بالانجاس و تطهيرها، باب حكم جلود الميتة قبل ان يدبغ، باب الوضوء، احاديث مسح الارجل، باب ما ينقض الوضوء، باب التيمم، كتاب الصلواة، باب اوقات الصلواة، فيما يتعلق بالاذان، فيما يتعلق بالجماعة، فيما يتعلق بالامامة، فيما يتعلق باستفتاح الصلواة، فيما يتعلق بوضع اليدين، فيما يتعلق بالتوجيه، فيما يتعلق بالبسملة، فيما يتعلق بقرائة فاتحة الكتاب، فيما يتعلق بقراءة السورة، باب الجمع بين السورتين في كل ركعة و القراءة بالخواتيم و بسورة، فيما يتعلق برفع اليدين،

فيما يتعلق باذكار الركوع والقومة، فيما يتعلق باذكار السجود، فيما يتعلق برفع اليدين في السجود، فيما يتعلق بجلسة الاستراحة، فيما يتعلق بكيفية القيام من الجلوس، فيما يتعلق بالافتراش والتورک، فيما يتعلق بالتشهد، فيما يتعلق بالصلواة علي النبي ﷺ ، (عنوان هيٺ صفحو خالي) فيما يتعلق بالتسليم (خالي)، فيما يتعلق بسجدة التلواة، فيما يتعلق بالوتر والنوافل، فيما يتعلق بالجمعة، فيما يتعلق بالعيدين، فيما يتعلق بالجنائز، فيما يتعلق بالسفر، فيما يتعلق بصلواة الخوف، فيما يتعلق بالزكواة، فيما يتعلق بصدقة الفطر، فيما يتعلق بالصوم، فيما يتعلق بالحج، فيما يتعلق بالنكاح، فيما يتعلق بالحدود، فيما يتعلق بقضاء القاري، فيما يتعلق بالبيوع، فيما يتعلق بالشفعة، فيما يتعلق بالرهن، فيما يتعلق بالمزارعة (افتي بجوازالمزارعة) فيما يتعلق بالتصاوير، فيما يتعلق باللباس، هن عنوان هيٺ ڀين ڳالهين سان گڏ "ليس المعصفر" تي هڪ رسالو سيد سعد الله سورتيءَ جو نقل ڪيل آهي. رسالي جو نالو ڏنل ڪونهي صرف مٿان عنوان طور اهو ڄاڻايل آهي ته: هذاالرسالة من مصنفات السيد ....الامام في وقتہ سيد سعد الله سورتي قدسنا الله بسره الاقدس." ڪاتب اهو رسالو سيد سعدالله سورتي جي هٿ اکر رسالي تان نقل ڪيو آهي. جنهن جي موصوف آخر ۾ وضاحت بہ ڪئي آهي. ([1])

فيما يتعلق بالترجل، يما يتعلق بالاشربة، فيما يتعلق بالذبائح، فيما يتعلق بالاطعمة، فيما يتعلق بصحبة المماليک، فيما يتعلق بالامارة والفتن و احوال بعض الناس، في المتفرقات.

**درود شريف مخدوم محمد معين**

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪارنر جي ذخيري ۾ موجود قلمي نسخي "غاية الاعتماد في مسئلة الاختضاب بالسواد" جي سرورق تي مخدوم محمد معين جو هي درود شريف تحرير ڪيل آهي. جيڪو پنهنجي معنيٰ، مفهوم ۽ گهرن اسرارن، رمزن ۽ اشارن جي لحاظ کان مخدوم موصوف جي اعليٰ عرفان ۽ عشق رسول جو بهترين نمونو آهي. هن جي اهميت جي پيش نظر ۽ مختصر هئڻ جي ڪري، اسان اهو سڄو جو سڄو جيئن جو تيئن نقل ڪري رهيا آهيون.

اللّهم صلي علي النور الاول السرمد الانزء الاكمل عين الرحمة الربانية صاحب الملة الاسلامية و حقائق العيانية نور كل شيء و هداه و سركل شيء و سناه من فتحت بہ خزائن الحكمة والرحموت و منحت بظهور انواره الملک والملكوت برفک اللامع و نورک الساطع و معناک الذي هو يافق كل قلب سليم ساطع سرک الساري المنزه و بابک الاعظم و صراطک الاقوم رئيس الاحباب و باب الابواب السر الساري المنزه المشبہ والنور المصور المقدس الجليل الجميل والجميل الجليل المتجلي في كل ظل و اصيل و كل مدلول و دليل.

اللّهم صل علي العرش الاعظم والكرسي الاكرم والاسم الاعظم اللّهم صل وسلم علي اصل الاصول و سنح الاسناح و محتد المحاتد و مبدأ المبادي و منشاء المناشي و منبع المنابع و مجلي المجالي و مظهر المظاهر و مصدر المصادر و مراءة المرايا وجسم الاجسام و عنصر العناصر و جوهر الجواهر و مادة المواد و

---

[1] ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: بياض فتاويٰ" صہ:293 (قلمي) سنڌ ميوزم حيدرآباد

ذات الذوات و عين الاعيان و عقل العقول و نفس النفوس و روح الارواح و قلب القلوب و سر الاسرار و نور الانوار و قاهر القواهر و كلمة الكلمات و حقيقة الحقائق.

اللّهم صل وسلم علي المعلم الاول والامام المبين والكتاب المعين واللوح القدسي والقلم الاعليٰ و مفيض الكل وعلي آله كله سيما حرز البشر الائمة الاثنا عشر صلواة تعرفني بها اياه في ظواهره وبواطنه و مواطنه و معالمه و عوالمه و مشاهده و معارجه و مصاعده و مراقبه و مدارجه و منازله و مراسمه وبطون شيوناته و سر اسمائه و صفاته و ذاته و تجلياته و تعيناته و تلبساته و تطوراته في جميع مراتبه و حضراته و سريانه المقدس في الوجود كله صلواة ازلية ابدية سرمديه ديموميه قيوميه الهية ربانية دهرية دهورية دهارية صلواة انت لها بها اهل وهو لها اهل. صلواة يليق منک بشانه لديک صلواة يتجلي بها عليه علي ماهو مرزوقه منک

اللّهم بحرمته وعزته و رتبته و كرامته و شرفه و قبوله و شانه و سلطانه وعلو مرتبته و مكانه و كماله و جماله وحسنه و بهائه و منصبه وجاهه و بنبوته و برسالته و بولاليته و باقواله و باعماله و باحواله و بمقاماته و بوارداته و بمنازلاته و بمشاهداته و بمعانيات و بمكاشفاته و بمحاضراته وباذواقه و بمواجيده

اللّهم بالسر الذي بينک و بينه مما اشرت اليک بقولک فاوحي الي عبده ما اوحي

اللّهم بالاذن المبارک الذي قلت فيه: هو اذن خير" بكرامة هذه الفؤاد وغرة مارآه

اللّهم بكرامة هذ البصر وغرة مبصراته

اللّهم بكرامة هذه الاذن وغرة مسموعاته

اسئلک ان تهب لي ما سال منک بقوله صلي الله عليه وسلم اسالک نعيما لاينفد و قرة عين لاتنقطع" ويقوله: اسالک النعيم المقيم الذي لايزول ولايحول و ان نعافينا في الدنيا و الآخرة و ان تجعل لي من امري هذا فرجا و مخرجا في العاقبة سريعا عجلا الي العافية المطلقة التي بها تقر عيون العارفين وبها تنفتح حيات الابد في قلوب الرحيل الاول اليک ([1]) من محمد صلي الله عليه وسلم انه منک و بک واليک و فيک آمين آمين ثم آمين.

اللّهم صل وسلم علي جميعتک الكبري و حيطتک العظمي و جمعک الاجمع وسعتک الذاتيه التي آزال الآزال بآباد الاباد وقطرات من طمطامها اللّهم صل وسلم علي الترجمان النجي بين ذاتک وما يهبط منها وما يعرج

اللّهم صل وسلم علي غاية الغايات و منتهي العنايات في البرزخية الكبري بين الذات و الصفات في جميع المراتب والحضرات و جميع المصادر التي يتصور فيها بصور الفيوضات و يتطور بها في ملابس اطوار الجمع والشتات

اللّهم صل وسلم علي صاحب البهاء العظيم و مالک انواره و مبلغ اسراره

اللّهم صلي وسلم علي مخزن كنوز الجود و مفتاح خزائن الوجود و قبله الواجد والموجود وصاحب لواء الحمد والمقام المحمود

---

[1] اي حال كون تلک العافية المطلقة و ذالک الحيات الابدي قرة عين العارفين روحا من حقيقته صلي الله عليه وسلم بل مظهرا من مظاهرها التي يظهر بها ويتطور فيها صلي الله عليه وسلم. منه.

اللّهم صل وسلم علي علمک المخزون المکنون وسرک المصون في سرادقات ابطن البطون وعلي آلہ الطيبين الطاهرين واصحابہ بالشرف والمجد ظاهرين وبارک وعظم و شرف و فخم و کرم.

## بادهة الورود باثبات وحدة الوجود

هيءُ رسالو محترم سائين علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي لائبريريءَ ۾ موجود مخدوم محمد معين جي رسائل جي مجموعي ۾ شامل آهي. سائين قاسمي صاحب وٽ مخدوم محمد معين جي رسائل جي مجموعي جا ٻہ خطي نسخا آهن. هڪ قديمي قلمي مجموعو آهي. جنهن ۾ هيءُ نسخو پنجن صفحن تي مشتمل آهي، جنهن جو ڪاتب ۽ سن ڪتابت معلوم ڪونهي. خط شڪستہ ۾ ڪتابت ڪيل آهي. ٻيو سائين قاسمي صاحب جن جي نظر هيٺ پير جهنڊي لائبرريءَ جي نسخي تان ڪتابت ڪيل مجموعو آهي، جنهن جي ڪتابت محمد صديق ٻنويءَ ڪئي آهي. سائين قاسمي صاحب ان کي اصل نسخي سان، پنهنجي دوست مولانا عبد الحي گهوٽويءَ جي مشارڪت سان، ڀيٽايو آهي. سائين قاسمي صاحب ان جو اردوءَ ۾ ترجمو ڪري، شاه ولي الله اڪيڊميءَ جي ماهوار رسالي "الولي" جي اپريل مئي 1975ع جي شماري ۾ شايع ڪيو.

**متن جي شروعات:**

نحمده و نستعين بہ و نصلي علي تعينہ الاول و تعيناتہ النبويہ و الولوية جميعا....فلا يخفي علي الماهر في فن الفلسفة و الڪلام اتفاق ڪلمة القوم وانعقاد انا ملهم علي ان وجود الممڪنات......

**متن جي پڇاڙي:**

و انما هيءُ مثبتة لوحدة الوجود الواجب الحق بالبرهان المبڪت لاهل الرسوم و سميتها ببادهة الورود في اثبات وحدة الوجود وصلي الله علي سيدنا محمد و آلہ الطاهرين و اصحابہ بالفضل ظاهرين وسلم.

**مضمون جو تفصيل:**

وحدة الوجود جي سلسلي ۾ مخدوم محمد معين ٽي رسالا تصنيف ڪيا جن مان ٽيون رسالو هيءُ آهي، جيڪو بحث هيٺ آهي، جنهن ۾ مخدوم صاحب وحدة الوجود جي اثبات بابت گهرو فلسفياڻو بحث ڪيو آهي. ان کان پوءِ ٻيو نمبر آهي "مراءة الشهود بوحدة الوجود والموجود" پهرئين رسالي ۾ وجود جي وحدت جو موضوع بحث هيٺ آندو ويو آهي. ٻئي ۾ "وجود" سان گڏ "موجود" جي وحدت بابت بحث ڪيو ويو آهي. ان بابت مخدوم صاحب جن پاڻ "مراءة الشهود بوحدة الوجود والموجود" ۾ هيٺينءَ طرح لکن ٿا.

اسان پنهنجي رسالي "بادهة الورود" ۾ جيڪو برهان (دليل) قائم ڪيو آهي، اهو وحدت وجود ثابت ڪرڻ لاءِ هو "وحدت موجود" ثابت ڪرڻ لاءِ نہ هو. جيئن اسان رسالي جي آخر ۾ ان جي وضاحت ڪئي آهي. هاڻي جيڪو اسان برهان قائم ڪيون ٿا، سو وجود ۽ موجود ٻنهي جي وحدت ثابت ڪندو انشاء الله تعاليٰ" هن رسالي ۾ مخدوم صاحب منطقي ۽ فلسفي اصولن مطابق سالم ۽ مضبوط مقدما قائم ڪري انهن مان نتيجا اخذ ڪيا آهن. رسالي جا بحث انتهائي گهرا ۽ عميق آهن. نهايت پيچيده فلسفي انداز سان بحث ڪرڻ سان گڏوگڏ اختصار کان بہ تمام گهڻو ڪم ورتو ويو آهي. پاڻ ان بابت لکن ٿا.

"بيشڪ اسان الله ۽ سنڌس رسول جي احسان سان اهڙو لکيو آهي جو عبارت ۾ ان ڏانهن صرف اشارو ئي ٿي سگهي ٿو. ۽ هيءَ رسالو ان جو شرح نہ ٿو ٿي سگهي."

دليلن جي قطعيت جي حوالي سان مصنف کي رسالي تي وڏو فخر آهي. پاڻ هڪ هنڌ لکن ٿا: "هيءَ رسالو واجب حق جي وحدت وجود کي اهڙن دليلن سان ثابت ڪري ٿو جو اهل رسوم کي مات ڪرايو ڇڏي"

ٻئي هنڌ لکن ٿا. تہ "هيءَ تحقيق انشاء الله وڏي غنيمت ثابت ٿيندي" پاڻ پنهنجي دل ۾ حق بيان ڪرڻ جي تمنا رکن ٿا. هڪ هنڌ فرمائن ٿا "الله سبحانہ جي مدد سان اسان چٽو حق بيان ڪريون ٿا. ۽ ڪين هٿ آيل جيڪي دليل آهن تن تي الله جو شڪر بہ بجا آڻين ٿا. تہ "الحمد لِلہ مون کي هن مسئلي جو سالم مقدمن وارو دليل هٿ آيو آهي. انشاء الله"

مخدوم صاحب مصنف وحدت وجود جي استدلال لاءِ جيڪو پهريون مقدمو قائم ڪيو آهي سو هيءَ آهي.

"تہ ممڪنات جو وجود هڪ انتزاعي صفت آهي. جنهن جو ڪوبہ خارجي وجود ڪونهي."

ان بعد اهو ٿا ٻڌائن تہ فلسفي ان خيال جا ڪيئن ٿيا تہ "ممڪنات جو وجود هڪ انتزاعي صفت آهي، جنهن جو خارجي طور ڪو بہ وجود ڪونهي" ان بابت پاڻ فرمائن ٿا. ڪجهہ سبب آهن جن ان ڳالهہ تي اچڻ لاءِ فلسفين کي مجبور ڪيو. پر سڀ کان سگهارو سبب انهن ۾ جيڪو آهي، سو آهي هن اعتراض جو جواب جيڪو انهن جي هن ڳالهہ مٿان ٿئي ٿو تہ "ممڪن جي ماهيت تي ان جو وجود زائد آهي: ۽ اهو سيني جو گڏيل موقف آهي."

ان کان پوءِ پاڻ اهو اعتراض بہ ذڪر ڪيو اٿن ۽ ان جو جيڪو جواب ڏنو ويندو آهي. اهو بہ ذڪر ڪيو اٿن. ۽ آخر ۾ جواب بابت پنهنجو تبصرو هن طرح فرمايو اٿن. هيءَ ڪو مسئلي جو دليل تہ ڪونهي. ان ۾ اجا وڌيڪ بيان جي ضرورت آهي. ايستائين جو ان جا مقدمات بہ اسان کي ڏسڻ گهرجن." سلسلي کي اڳتي وڌائيندي سڀ کان پهريان ممڪنات جي خارج ۾ موجود هئڻ جي رد ۾ استدلال قائم ڪيو اٿن ۽ پاڻ لکن ٿا:

"جيڪڏهن ممڪنات جو وجود اهڙي صفت آهي جيڪا خارج ۾ موجود آهي تہ پوءِ اهو پنهنجي نفس تي زائد ۽ واڌاري وجود سان موجود هوندو يا اهڙي وجود سان موجود هوندو جيڪو وجود جو عين هجي. اهي ٻئي صورتون باطل آهن."

اڳتي پاڻ مذڪور ٻنهي صورتن جي باطل هئڻ تي استدلال قائم ڪندي لکن ٿا:

ڇاڪاڻ تہ موجود جو وجود سان موصوف ٿيڻ ضروري آهي. نہ تہ معدوم جي وجود ۾ اچڻ لاءِ عدم جي حالت جي لحاظ کان ماهيت تي ڪوبہ واڌو ۽ زائد اثر نہ هوندو. ان صورت ۾ ٻنهي "تالين ... (نتيجن) جو باطل هئڻ بديهي آهي. ڇو جو هر هڪ ڳالهہ مڃڻ تي محال لازم ٿو اچي".

پهرين ڳالهہ مڃڻ تي هن طرح تہ جيڪڏهن وجود جو وجود خارج ۾ پنهنجي نفس تي زائد هجي تہ اسان ٻئي وجود ۾ بحث ڪٽي ايندا سين ۽ هلائيندا رهنداسين. پوءِ جيڪڏهن خارجي وجودن جو اهو

سلسلو وڌندو هلندو رهيو تہ پوءِ محال لازم ايندو. پر جيڪڏهن اهو مڃي وٺجي تہ ٻاهران ڪا شيءِ هڪ وجود آهي. جيڪو بعينہ موجود آهي. تہ اهو ٻئي مقدمي ۾ داخل ٿيندو. ۽ ان ڪي اسان اهو چئي باطل بنائينداسين. تہ اهو وجود جيڪو پنهنجي ذات تي زائد ۽ واڌاري ناهي. بلڪ پنهنجي ذات جي لحاظ کان موجود آهي. اهو واجب ٿيندو، ممڪن نہ ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ اسان واجب مان اهائي مراد وٺندا آهيون تہ پنهنجي وجود ۾ ٻئي جو محتاج نہ هجي. ان صورت ۾ واجب جي وجود جو تعدد (گهڻائپ) هڪ کان وڌيڪ هئڻ لازم ايندو ۽ ان جو ممڪن جي صفت هئڻ بہ لازم ايندو. جيڪو باطل ۽ محال آهي."

فلسفي ائين ڪندا آهن جو پنهنجي دعوا ثابت ڪرڻ لاءِ سڀ کان پهريائين مخالف موقف جي ترديد ڪندا آهن. اهو بحث جو "سلبي" پهلو آهي. مٿئين بحث ۾ ان حوالي کان مخدوم صاحب ممڪنات جي خارجي وجود جي ترديد ڪئي. ان کان پوءِ فلسفي پنهنجي دعوا ثابت ڪرڻ لاءِ استدلال قائم ڪندا آهن. اهو بحث جو ايجابي ۽ اثباتي پهلو هوندو آهي. هن حوالي کان مخدوم محمد معين صاحب هاڻي مٿئين بحث کان پوءِ استدلال شروع ڪري ٿو. ان لاءِ سڀ کان پهريائين پاڻ پنهنجي دعوا هنن لفظن سان ورجائن ٿا.

"مون وٽ هڪ دليل آهي جنهن مان اهو ثابت ٿيندو تہ "ممڪن جو وجود انتزاعي امر آهي. ۽ خارج ۾ بلڪل موجود ناهي،

۽ پوءِ سلسلي ڪلام کي اڳتي وڌائيندي لکن ٿا:

"جيڪڏهن وجود جي وجود جو نفس وجود هئڻ، ان جي وجود کي لازم ڪري ۽ ان سان باطل شئي لازم ٿيندي هجي تہ اهل حق جو مخالفن سان پنهنجي مناظرن ۽ دفاعي بحثن ۾ ڪوڙ موقعن تي ان جو التزام صحيح نہ ٿئي ها. هڪ تہ اهي ان کي انهن ماڳن جي جواب ۾ پيش ڪندا آهن. جيڪي حال کي ثابت ڪندا آهن. ۽ هيءُ دليل پيش ڪندا آهن، تہ وجود موجود ناهي نہ تہ اهو وڌندو ۽ تلسلسل لازم ايندو. ۽ وجود معدوم بہ ڪونهي، نہ تہ شئي پنهنجي ضد سان موصوف ٿيندي (اهل حق ان جو جواب ڏيندا آهن تہ) وجود موجود آهي ۽ ان جو وجود سندس عين آهي. ڇاڪاڻ تہ هر مفهوم جيڪو وجود جو غير آهي، ان کي امر زائد جي سببان موجود چيو ويندو. ان سان هيءُ مقدمو ضم ڪيو ويندو تہ وجود اهڙو ناهي، ڇاڪاڻ تہ اهو زائد امر سان نہ پر پنهنجي ذات جي لحاظ کان موجود آهي."

هن سلسلي ۾ شرح مواقف ۾ سيد السند جي هن قول تہ "وجود بنفسہٖ موجود آهي." تي فاضل چلپيءَ جيڪو چيو آهي. ان جو ذڪر ڪيو اٿن. ۽ ان کان پوءِ جيڪو قاضي عضد الملت مواقف ۾ چيو آهي، اهو ذڪر ڪيو اٿن. ۽ ان جي نهايت ڳوڙهي، اپياس کان پوءِ فرمايو اٿن تہ

"حق تي اهي آهن جيڪي وجود کي ماهيت ممڪنہ تي زائد ثابت ڪن ٿا."

ان بعد ان جو تفصيل بيان ڪندي لکن ٿا.

"ماهيات ممڪنہ جواهر هجن يا اعراض، سڀ جو سڀ جيڪڏهن پنهنجي اعيان ۽ ذوات جي لحاظ کان وجود جو عين ۽ نفس هجن تہ وجود جيڪو ماهيت ممڪنہ جو عين آهي، اهو مفعول ثاني نہ هجي، نہ ئي صفت اعتباري هجي. بلڪ خارج ۾ هڪ محقق ذات هجي، صفت، جوهر ۽ عرض لاءِ _ بلڪ ذهن ۾

به ۽ هر ماهيت جنهن جي ذات (حقيقت) وجود هجي. اها پنهنجي ذات جي لحاظ کان ڪنهن ٻي شئي ڏانهن حاجت کان سواءِ تحقق ۽ ڪون جي تقاضا ڪندي آهي. ۽ پوءِ اها ته واجب ٿي پوندي. ممڪن ڪونه ٿيندي. جڏهن ته ممڪن اهو آهي. جنهن جي ذات نه تحقق گهرندي آهي نه ئي عدم. بلڪ ان ۾ هر هڪ مرجح هوندو آهي. اهو پنهنجي حيثيت جي اعتبار کان عدم کي به ائين قبول ڪندو آهي جيئن وجود کي قبول ڪندو آهي. انهن مان ڪنهن به شئي جي گهر نه ڪندو آهي. "عدم" جو پنهنجي ذات جي لحاظ کان انڪار ڪندو آهي. جيڪا ان جي نقيض جي تقاضا ڪندي آهي. ۽ ائين ته سڀ ماهيتون واجب ٿي وينديون. جيڪو باطل آهي. تنهن ڪري وجود ماهيت ممڪنه مٿان زائد آهي. ۽ اهو ئي مستدل جي مراد آهي."

هن کان پوءِ مخدوم صاحب قاضي عضد جي ترديد ڪئي آهي ۽ ان تي بحث دوران سيد سند بابت هن طرح تبصرو ڪيو اٿن:

جڏهن اسان وجود کي ماهيت ممڪنه جو عين فرض ڪيو ۽ مستدل جي پنهنجي هن چوڻ، ته جيڪڏهن وجود ماهيت جو عين هوندو" مان اهائي مراد آهي ته پوءِ سيد سند جو پوئين متن جي تشريح ۾ اهو چوڻ، ته "جيڪڏهن وجود جو ڪلي طور ارتفاع جائز هجي ته پوءِ، ماهيت ۾ به اهو جائز ٿيندو جيڪڏهن وجود ماهيت جو عين هوندو" ڏاڍو عجب ۾ وجهندڙ آهي. حالانڪ سيد سند جو ذهن ۽ ذڪاوت به حيران ڪندڙ آهي. جو جيڪا شئي مصنف کان به رهجي ويندي آهي، ان جو به تدارڪ سيد سند ڪندو آهي. ۽ ڪتابن ۾ ڪوڙ جاين تي، جتي ڪنهن کي به ڪا ڪڙڪ ڪانه پوندي آهي، اتي سيد سند سجاڳ هوندو آهي. البت اهو ڪٿي چئجي ته مصنف جي مراد تي ماٺ کان ڪم ورتو اٿس. ان تي آڱر ڪڻڻ نه گهري اٿس."

اڳتي، ان تي پاڻ بحث ڪن ٿا. جنهن تي سيد سند ماٺ کان ڪم ورتو آهي ۽ فرمائن ٿا:

ڪنهن به عقل مند جي عقل جي ڪنهن ڪنڊ ۾ اهو تصور نه هوندو ته هڪ شئي خارج ۾ معدوم هجي ۽ ماهيت ممڪنه خارجيه جو عين هجي ۽ اسان جي هن قول ۾ هيءُ فرض ڪرڻ ته جيڪڏهن وجود ماهيت ممڪنه جو عين هجي يا جز. اهو صرف ان ڪري ايندو آهي ته تصور ممڪن آهي متصور محال آهي. ۽ جيڪي تصور محال آهن. سي فرض کان مٿي، آجا ۽ بي پرواهه آهن. چاڪاڻ ته علمي طور تي ان جي باطل ثابت ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪانهي. تنهن ڪري ملازمت (ته ماهيت ۾ به اهو جائز آهي، جيڪڏهن وجود ماهيت جو عين هوندو) قطعي طور باطل ٿيندي."

آخر ۾ نتيجو بيان ڪندي مخدوم موصوف لکن ٿا:

"بيشڪ حق تي اهو آهي جيڪو چئي ٿو ته ممڪنات جو وجود اعتباري آهي. ۽ پنهنجي ذات ۾ بنه معدوم آهي. تڏهن ته ماهيات ممڪنه عدم محض آهن. جن وجود جي ڏپ به نه سونگهي آهي. ۽ نه ڪو وجود پنهنجي موجد کان ڪا اهڙي صفت ماٺي آهي، جنهن کي وجود سڏي سگهجي. ۽ ان سان وجود مشڪڪ ٿي پوي ۽ اعيان ۾ وجود جي مصداق وجود ئي آهي. جيڪو بنفسہٖ موجود آهي ۽ جنهن جو اهو شان هوندو اهو واجب ئي هوندو. پوءِ موجود ۽ وجود صرف واجب ئي ٿيندو. ۽ جيڪڏهن ممڪن کي عدم

جي حالت ۾ موجود لامحالہ ڇونداسين تہ اهو الله سبحانہ هوندو ۽ پوءِ ممڪن وجود واجب حق جي وجود جو عين آهي. ڇاڪاڻ تہ ممڪن جو عدم جي ضد واريءَ حالت ۾ موجود هئڻ بہ بديهي طور تي ممڪن جي وجود کي لازم ڪري ونندڙ ناهي. جنهن سان اهو قائم هجي. بلڪ سد وجود واجب سان ئي ٿيندو جنهن سان ممڪنات ائين قائم ٿيندا جيئن هلاڪت وارين شين جو قيم وجود واجب حق سان قيام ٿيندو آهي، ۽ اهو انهن سان ظاهر ٿيندو آهي. ۽ هيءَ ظهور ماهيت جي طرفان غير ضروري آهي. جيڪڏهن گهري تہ ظاهر ٿئي، نہ گهري تہ نہ ٿئي. ۽ اهي ماهيات انهيءَ حيثيت کان ممڪن سڏيون وينديون. جو واجب وجود جو انهن مان ظهور ممڪن آهي. ۽ واجب الوجود جو انهن مان ظهور ائين واجب ناهي جيئن ان جو ظهور ان ماهيت کان واجب آهي، جيڪا وجود جو عين آهي. ۽ پوءِ ان جو نالو ماهيت واجبہ هوندو. بلڪ جائز آهي تہ واجب الوجود، انهن ماهيات ممڪنہ مان ظاهر ٿيڻ جي سببان وجود ممڪن سان موصوف ٿئي. هن معنيٰ سان تہ ان جو ظهور ماهيات کان ممڪن آهي. واجب ناهي، پوءِ امڪان ۽ وجود هڪ نسبت ڏانهن جيڪا ذات وجود لاءِ هڪ موطن ۾ آهي، متوجهہ نہ ٿيا. جو اهي جدا ٿي وڃن.“

هيءَ نتيجي وارو بحث آڻڻ کان پوءِ پنهنجي دعوا جي حق تي هئڻ جو مخدوم صاحب هن طرح اعلان ٿو فرمائي: هيءَ حق جو اعلان آهي وجود واجب جي توحيد ۾، جنهن مان وحدة الوجود، باوجود موجودات جي متعدد هئڻ جي، ظاهر ٿيندو. جيڪي ماهيات ممڪنہ آهن. اسان باطن ۽ ظاهر وارن عالمن مان ڪوبہ محقق نہ ڏٺو آهي، جيڪو هن صريح حق سان ٽڪر کائي.“

پاڻ اهو چوڻ سان گڏ تہ، ”هن صريح حق سان ٽڪر کائيندڙ ظاهر توڙي باطن وارو ڪوبہ عالم نہ ڏٺو اٿن، اهو اعتراف بہ ڪن ٿا تہ ”البت اختلاف صرف هن مسئلي ۾ آهي تہ حق سمورين مختلف ماهيات جو عين آهي“ پوءِ ان ڏس ۾ ان تسليءَ ڪي ئي ڪافي ڄاتو اٿن تہ ”شيخ اڪبر ۽ ان سان موافق اڳيان توڙي پويان اڪابر ان جا قائل آهن.“ پڇاڙيءَ ۾ ڪلام کي هن درود سان ختم فرمايو اٿن

صلي الله عليٰ سيدنا محمد و آلہٖ الطاهرين واصحابہٖ بالفضل ظاهرين وسلم

## مراءة الشهود بوحدة الوجود والموجود

هيءَ رسالو مخدوم محمد معين جي علامہ قاسمي صاحب وٽ رسائل جي مجموعي جي ٻنهي نسخن ۾ شامل آهي جن جو مٿي ذڪر ٿيو رسالو پراڻي مجموعي ۾ خط شڪستہ ۾ ۽ نئين مجموعي ۾ خط نسخ ۾ ڪتاب ڪيل آهي. مصنف موصوف هي رسالو جيئن رسالي جي نالي مان معلوم ٿئي ٿو ”وحدت الوجود “ جي موضوع تي لکيو آهي. هن رسالي کان اڳ مخدوم صاحب ”بادهة الورود باثبات وحدة الوجود“ نالي رسالو“ وحدة الوجود“ جي ثبوت ۾ لکيو هن ۾ وحدت سان گڏ وحدة الموجود جو بحث بہ ڪيو ويو آهي.

**متن جي شروعات:**

حامداً و مصلياً ومسلماً ......... فإن البرهان المنتهز في رسالتنا بادهة الورود في اثبات وحدة الوجود ايضاً عليٰ ما نبهنا عليٰ ذالک في آخر تلک الرسالة وهذالبرهان الذي نورہٗ يثبت وحدة الوجود والموجود معاً انشاء الله تعاليٰ

**متن جي پڇاڙي:**

فقد بان بحمد الله بهذالبرهان وحدة الوجود ووحدة الموجود الحمد لِلہ رب العالمين والصلواة والسلام عليٰ اعرف خلقہ سيد المرسلين وآلہ الطيبين الطاهرين.

**مضمون جو تفصيل:**

هن رسالي جي اندر موضوع تي ٿوڻل بحث کي نهايت ننڍڙن ڇئن مختصر صفحن ۾ ختم ڪيو ويو آهي. مضمون جو مختصر خاڪو هن طرح آهي:

(1) وجود حقيقي، جيڪو وجود انتزاعي عام (1) جو "مبداء" (سرچشمو) آهي، سو واجب جي ماهيت کان ٻاهر ناهي. جيڪڏهن وجود حقيقيءَ کي واجب جي ماهيت کان ٻاهر مڃينداسين تہ واجب پنهنجي وجود واريءَ صفت کي ثابت ڪرڻ لاءِ پاڻ کان ٻاهرين شئي جو محتاج ٿيندو.

(2) عقلي ۽ برهاني طور موجود اُهو آهي جنهن سان وجود ائين قائم هجي جيئن شئي پنهنجي نفس سان قائم هوندي آهي. ۽ معدوم اهو آهي جنهن سان عدم ائين قائم هجي جيئن شئي پنهنجي نفس سان قائم هوندي آهي.

نتيجو ان جو اهو نڪرندو تہ "وجود ۽ عدم جو موجود ۽ معدوم کان ڌار ٿيڻ محال آهي"

(3) جڏنهن حقيقت وجوب ۽ امتناع ۾ منحصر تي تہ جنهن کي امڪان چئجي ٿو ان جي ٿوري ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ضروري آهي.

هن ڇنڊڇاڻ ۾ نهايت گهرا فلسفي بحث پيش ڪري آخر ۾ هن طرح نتيجو ٿو ڪڍي: تہ پوءِ ان وقت وجود ممڪن ٿي واجب الوجود هوندو. بنسبت ان جي جنهن ۾ ان جي ظهور جو حڪم ڪيو ٿو وڃي. ۽ ان کان سندس مخفي ٿيڻ بہ جائز آهي. ۽ اهو اهڙي مرتبي جي بنسبت واجب آهي جنهن کان ان جو مخفي ٿيڻ جائز ناهي. ۽ ممتنع جو حقيقت ۾ تصور ڪڏنهن بہ نہ ٿو ٿي سگهي. ۽ جنهن جو تصور ٿيندو آهي، اهو ممتنع ناهي، بلڪ ممڪن عقلي آهي. (2) جنهن کي اسان ممتنع جي حقيقت لاءِ آئينو بنايو آهي. ۽ اسان ان مان صرف وجود ئي ڏٺو آهي. ڇاڪاڻ تہ عدم خارج ۽ عقل ۾ اڻ ٿيڻو آهي، تہ پوءِ خارج ۽ عقل ۾ صرف حق جو وجود هوندو ۽ اهوئي موجود حق آهي. ۽ ان جو مخالف ممتنع ۽ فرضي شئي آهي. جنهن جو تصور ناممڪن آهي.

آخر ۾ لکيو اٿس تہ "تحقيق هن برهان سان وحدت الوجود ۽ موجود الحمد لِلہ رب العالمين ثابت ٿي ويو."

---

1 فلسفين خاص طور وحدت الوجودين وٽ هڪڙو وجود حقيقي آهي جيڪو صرف واجب حق جو عين آهي ٻيو آهي عام وجود جيڪو حقيقي وجود مان نڪتل ۽ منتزع ٿيل آهي. وجود حقيقي مبداء ۽ سرچشمو آهي ۽ وجود انتزاعي ان مان نڪتل وجود آهي. وجود انتزاعي جي معنيٰ آهي حقيقي وجود مان نڪتل وجود.

2 مصنف علامہ هن رسالي ۾ پنهنجي دعوا جو سڄو بنياد ممڪن عقليءَ تي رکيو آهي ۽ ان تي ئي علمي ۽ فلسفياتي بحث منجهان وحدت وجود ۽ موجود ثابت ڪيو اٿس. ان ئي ڪري مصنف چئي ٿو تہ ممڪن عقليءَ کي اسان ممتنع جي حقيقت لاءِ آئينو بنايو آهي ۽ ان مان اسان صرف وجود ئي ڏٺو آهي ۽ هن ئي جملي جي بنياد تي رسالي جو نالو "مراءة الشهود بوحدة الوجود والموجود" (وحدة الوجود ۽ موجود لاءِ شهود جو آئينو) رکيو اٿس.

## بوادر الجود في تحرير وحدت الوجود

هيءُ رسالو بہ فلسفي جي موضوع جي تصنيف آهي. عربي ٻوليءَ ۾ آهي. خط نستعليق تسڪستہ ۾ ڪتابت ٿيل آهي. ڪاتب ۽ سن ڪتابت معلوم ناهي. علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي ذاتي لائبريري جي مجموعہ رسائل معينيہ ۾ هن جو نسخو شامل آهي.

ابتدا: حامدا لِلہ سبحانہ علي ان وفقني لاتباع السادة القادة في ظلمات بحرالهيوليٰ الي ماء حياة السعادة الجامعين بين انوار التجرد واسرار المادة.....

اختتام: والله سبحانہ هوالهادي لارب غيره والحمد لہ تعاليٰ والصلواة والسلام عليٰ رسولہ محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم اولا و آخراً.

رسالي جو مضمون: هن رسالي ۾ مخدوم صاحب فلسفي جي ڪجهہ قانونن جو بيان ڪيو آهي. رسالو ستن "بوادرن" تي مشتمل آهي. فصل يا باب جي جڳہ تي مخدوم موصوف "بادرة" جو عنوان قائم ڪيو آهي، پهرئين "بادره" ۾ فلسفي جي قانون يا اصطلاح "شيعت ثبوتيہ" جو بيان ڪيو آهي. ٻئي بادره ۾ شئي جي ثبوت في نفسہ ۽ ثبوت لغيره ۾ فرق جي وصاحت ڪئي وئي آهي، ٽئي بادره ۾ اهو بيان آهي تہ اعراض ۽ صور جو في نفسہ ثبوت ان جي موضوعات ۽ مواد لاءِ ثبوت جو عين آهي يا غير؟ چوٿين "بادره" ۾ شيخ اڪبر ابن العربيءَ ۽ مجدد الف ثاني جو مذهب بيان ڪيو ويو آهي، هيءُ انتهائي اهم "بادره" آهي. هن موصوف ٻنهي جي عقيدن ۾ تعارض ختم ڪيو آهي. شيخ اڪبر جي عقيدن کي اشعري مڪتب فڪر سان هم آهنگ بنايو آهي. پنجن "بادره" ۾ عرض جي وجود جي باري ۾ ٻنهي امامن جي مشهور کي ٻنهي جي مذهبن تي منطبق ڪرڻ جي بيان ۾ آهي، ڇهون "بادره" انهن اشڪالن جي ترديد ۾ آهي جيڪي انهن ٻنهي جي مسلڪن تي وارد ٿين ٿا. ستون بادره وجود جي مراتب ثلاثہ جي بيان ۾ آهي.

## صدع القدم في تحقيق الوجود علي العدم

مخدوم محمد معين جو هيءُ رسالو عربي زبان ۾ فلسفي جي موضوع تي آهي. خط نستعليق شڪستہ ۾ هن جي ڪتابت ٿيل آهي، ڪاتب ۽ سن ڪتابت معلوم ناهي. هن جو خطي نسخو علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي ذاتي لائبريريءَ ۾ مخدوم محمد معين جي مجموعہ رسائل ۾ شامل آهي. جملي نون صفحن تي مشتمل آهي.

**متن جي شروعات:**

حامدا و مصليا و مسلما فاعلم ان المعدوم الممكن لايخلو اما ان يتعلق بہ الوجود لما تعلق و هو معدوم لا يتعلق بہ وهو مرفوع عنہ العدم فيڪون علي الاول اول اوان تعلق الوجود بہ آخر اوان رفع العدم عنہ.......

**متن جي پڇاڙي:**

والله سبحانہ هو الساتر للزلات والغافر للسيئات و صلي الله علي خير خلقہ محمد و آلہ الطيبين الطاهرين وسلم.

**مضمون جو تفصيل:**

هن رسالي جو مقصد بہ وحدت الوجود جو اثبات آهي. هن ۾ وحدت الوجود جي اثبات جو بنياد عدم

کي بنايو ويو آهي. موصوف جي سموري بحث جو خلاصو اهو آهي ته ممڪن جي ماهيت سان، جيڪا معدوم آهي، وجود جي تعلق سان ٻن نقيضن جو گڏجڻ لازم ٿو اچي. ان جي جيڪا صورت ٿئي ٿي ڀريائين اها بيان ڪئي اٿس. ان کان پوءِ پاڻ ان جو حل بيان ڪندي لکيو اٿس ته اهو وهم محض آهي. ڇاڪاڻ ته ماهيت کان عدم جو ڪڇي وڃڻ ان سان وجود جي تعلق جو ٿي تعبير آهي. ان ڪري اتي هڪ ئي ڳالهه آهي، جنهن کي ٻن طريقن سان تعبير ڪيو ويو آهي. وجود ۽ عدم ٻه نقيض آهن. هڪ جو واقعي ۾ ڪڇي وڃڻ ٻئي جو عين آهي، ان ڪري عدم جو ڪڇي وڃڻ ۽ وجود جو تعلق اهي ٻئي مفهوم جي لحاظ کان هڪ ٻئي جا مغاير ۽ ابتڙ آهن، ذات جي لحاظ کان نه. ان مان ظاهر ٿيو ته هتي صرف وجود جو معدوم سان تعلق آهي. ان کي ان سان تعبير ڪجي ته به ٺيڪ، جي معدوم کان عدم جي رفع سان تعبير ڪجي ته به ٺيڪ. يعني عدم آهي ئي ڪونه صرف وجود ئي آهي. جنهن مان مخدوم موصوف ثابت ٿو ڪري ته: ان مان واضح ٿيو ته وجود ۽ موجود الله واحد القهار ئي آهي. جنهن کي ممڪن سڏيو ٿو وڃي سو معدوم محض آهي. معدومات جيڪي به آهن سي صرف علمي ماهيتون آهن. جن کي قوم جي ٻولي ۾ اعيان ثابته چيو ويندو آهي. ڇاڪاڻ ته انهن جون "انيات" خارج ۾ معدوم محض آهن.

## دفع الاشكال والزحمة في ادل الكل والرحمة

هيءَ رسالو جهنم جي عذاب جي باري ۾ شيخ اڪبر ابن العربي جي هڪ قول جي تشريح ۾ تصنيف ڪيل آهي. هن رسالي کي به فلسفي ۽ علم ڪلام جي موضوع جو رسالو چئي سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ ته هيءَ موضوع فلسفي ۽ علم ڪلام جو موضوع پڻ رهيو آهي ۽ مخدوم موصوف پڻ ان تي فلسفيانه طريقي تي بحث ڪيو آهي. هيءَ عربي زبان ۾ خط نسخ ۾ تحرير ٿيل آهي. ڪاتب ۽ سن ڪتابت معلوم ناهي. علامه قاسمي صاحب جي ذاتي لائبريريءَ ۾ مخدوم محمد معين جي مجموعه رسائل ۾ شامل رسالن مان هڪ آهي. سورهن صفحن تي مشتمل آهي.

**متن جي شروعات:**

حامدا و مصليا و مسلما اما بعد: فما وقع الطعن فيه علي الشيخ الاكبر قدس سره قال في الفصوص: ان العذاب مشتق من العذب. وان حالة الكفرة في النار كحال السمك في الماءِ........

**متن جي پڇاڙي:**

و ممن صرح من المحققين بما ذهب اليه الشيخ واتباعه الشيخ عبدالكريم اليمني العذلي في كتابه المسمي بالانسان الكامل و سلطان العاشقين البقلي في تفسير العرائس واليه ترمز حكاية نقلها في مناقب العارفين عن سر الله الاعظم رضي الله عنه.

**مضمون تفصيل:**

ابن عربي جو عذاب قبر جي باري ۾ قول آهي ته: عذاب "عذب" کان مشق آهي ۽ ڪافرن جو جهنم ۾ حال اهڙو هوندو جهڙو مڇيءَ جو پاڻيءَ ۾. انهن کي جهنم مان جيڪڏهن ڪڍيو ويندو ته اهي ان طرف موٽي ويندا. ڪين ان جو شوق ۽ طلب ٿيندي" ابن عربيءَ جي هن قول تي سخت اعتراض اٿيو. مخدوم

محمد معين فرمائي ٿو تہ شيخ اڪبر ابن العربيءَ جو هيءُ قول سندس مقولات مان سڀ کان ڏکيو قول آهي ۽ تاويل قبول ڪرڻ کان پڻ تمام گهڻو مٿاهون آهي.“ هيءُ رسالو مخدوم محمد معين شيخ اڪبر محي الدين ابن العربيءَ جي هن قول جي تاويل ۽ تشريح ۾ تصنيف فرمايو آهي.

مخدوم موصوف شيخ ابن العربيءَ کي خواب ۾ ڏٺو: جنهن ۾ موصوف کانئس سندس ڪتابن جي شڪل مقامن جي باري ۾ پڇيو. جڏهن ابن عربيءَ کانئس انهن مشڪل مقامن جو پڇيو تہ بار بار ڳولڻ باوجود مخدوم صاحب کي اهي نظر نہ آيا. جنهن مان مخدوم موصوف اهو نتيجو ڪڍيو آهي تہ اصل ۾ عام حضرات کي ابن العربيءَ جي ڪتابن ۾ جيڪي اشڪالات نظر اچن ٿا, سي اصل ۾ ڏسندڙن جي سمجه جون ظلمات آهن. جيڪي مخدوم محمد معين جي مٿان شيخ ابن العربيءَ جي صحبت جي نور جي طلوع ٿيڻ جي ڪري ختم ٿي ويون ۽ ابن العربيءَ کي سندس ڪتابن جا مشڪل مقام ڏيکارڻ لاءِ ڳولهڻ باوجود ان وقت ڏسي نہ سگهيو. پر جڏهن مخدوم صاحب سجاڳ ٿيو تہ ساڳيا اشڪالات موصوف جي آڏو موٽي آيا. پر پوءِ ابن العربيءَ جي ملاقات جي برڪت سان, سندس آڏو هن اشڪال جو حل نڪري آيو ۽ اهڙو تاويل جو وجه نڪري آيو جو موصوف فرمائي ٿو: انشاء الله ان ۾ ڪوبہ مونجهارو نہ رهندو.

## الحجة الباهرة في لزوم المعادين علي الاشاعره

هي رسالو علم ڪلام ۾ مخدوم محمد معين اشعري مسلڪ جي معاد روحاني يا جسماني جي مسئلي تي بحث جي سلسلي ۾ تصنيف ڪيو آهي,ڍ عربي ۾ تصنيف ٿيل آهي. تصنيف جو سال معلوم نہ آهي ڪاتب ۽ سن ڪتابت نامعلوم آهي هن جو قلمي نسخو مدرسہ مظهر العلوم کڏو ڪراچي جي سابق مهتمم حافظ محمد اسماعيل مرحوم جي ذاتي ڪتب خاني ۾ موجود آهي.

**متن جي شروعات:**

حامدا مصليا مسلما ان قال لي قائل قدفشي عنڪ القول في تصانيفڪ بتشنيع بليغ عليٰ من لم يكن بالحشرين والمعادين وشنع في ذالڪ علي الامام القمقام الغزالي بان ذالڪ جهل من القائل.

**متن جي پڇاڙي:**

و يحتمل ان يقال الملفوف الروح الحيواني الذي اكتسب بكرامتہ المجرد وسعادتہ سعادة المقاومة وجهلہ شقاوة وحرير الجنة لف الاول روح النار لف الثاني هذا ثم اعلم ان معاد الروح وسميّتہ هذه العجالة بالحجة الباهرة في لزوم المعادين علي الاشاعرة .

**مضمون جو تفصيل:**

مخدوم محمد معين هن رسالي ۾ هن مسئلي تي بحث ڪيو آهي. تہ اشعري مذهب, جيڪو فقط جسماني معاد جو قائل آهي, سي معادين جا قائل آهن. يعني بہ دفعا اٿڻ جا قائل آهن. مخدوم معين کي ڪنهن الزام ڏنو تہ اوهان جي ڪن تصنيفات مان ظاهر ٿئي ٿو تہ اوهان ٻن حشرن ۽ معادن جي اشعرين ڏانهن نسبت ڪئي آهي ۽ اهو اشعرين جي مذهب کان اڻ ڄاڻائيءَ جو نتيجو آهي. مخدوم محمد معين

هن رسالي ۾ ان الزام جي تناظر ۾ اشعرين، ماتريدين ۽ ٻين فلسفين جي حشر ۽ معاد جي روحاني يا جسماني هئڻ جي نظرين جو اڀياس ڪيو آهي.

## الحجة الباهرة في لزوم المعادين علي الاشاعره

هي رسالو علم ڪلام ۾ مخدوم محمد معين اشعري مسلڪ جي معاد روحاني يا جسماني جي مسئلي تي بحث جي سلسلي ۾ تصنيف ڪيو آهي. ڊ عربي ۾ تصنيف ٿيل آهي. تصنيف جو سال معلوم نہ آهي ڪاتب ۽ سن ڪتابت نامعلوم آهي هن جو قلمي نسخو مدرسہ مظهر العلوم کڏو ڪراچي جي سابق مهتمم حافظ محمد اسماعيل مرحوم جي ذاتي ڪتب خاني ۾ موجود آهي.

**متن جي شروعات:**

حامدا مصليا مسلما ان قال لي قائل قدفشي عنڪ القول في تصانيفڪ بتشنيع بليغ عليٰ من لم يكن بالحشرين والمعادين وشنع في ذالڪ علي الامام القمقام الغزالي بان ذالڪ جهل من القائل.

**متن جي پڇاڙي:**

و يحتمل ان يقال الملفوف الروح الحيواني الذي اكتسب بكرامتہ المجرد وسعادتہ سعادة المقاومة وجهلہ شقاوة وحرير الجنة لف الاول روح النار لف الثاني هذا ثم اعلم ان معاد الروح وسميّتہ هذه العجالة بالحجة الباهرة في لزوم المعادين علي الاشاعرة.

**مضمون جو تفصيل:**

مخدوم محمد معين هن رسالي ۾ هن مسئلي تي بحث ڪيو آهي. تہ اشعري مذهب، جيڪو فقط جسماني معاد جو قائل آهي، سي معادين جا قائل آهن. يعني ٻہ دفعا اٿڻ جا قائل آهن. مخدوم معين ڪي ڪنهن الزام ڏنو تہ اوهان جي ڪن تصنيفات مان ظاهر ٿئي ٿو تہ اوهان ٻن حشرن ۽ معادن جي اشعرين ڏانهن نسبت ڪئي آهي ۽ اهو اشعرين جي مذهب کان اڻ ڄاڻائيءَ جو نتيجو آهي. مخدوم محمد معين هن رسالي ۾ ان الزام جي تناظر ۾ اشعرين، ماتريدين ۽ ٻين فلسفين جي حشر ۽ معاد جي روحاني يا جسماني هئڻ جي نظرين جو اڀياس ڪيو آهي.

## طريقة العون في حقيقة الكون

هيءُ رسالو فلسفي جي موضوع جو آهي. فارسي زبان ۾ تصنيف ٿيل آهي. خط نسخ ۾ ڪتابت ڪيل آهي. ڪاتب ۽ سن ڪتابت معلوم ناهي علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جن جي ذاتي لائبريريءَ ۾ موجود مجموعہ رسائل معينيہ ۾ شامل رسالن سان هڪ آهي.

**متن جي شروعات:**

هر حمد و سپاس بهر غمد و لباس از هر حامد، حي وجامد، برهر محمود، عابد و معبود بلسان جميع اطوار وجود، در هر مرتبہ نزول و صعود، راجع بمحمد يست کہ خود را بخود ديد و عشق بخود برخود ورزيد و مد آه از ازل تا ابد درازي کشيد.......

**متن جي پڇاڙي:**

عشق از علم متاخر زماني ست، بلکہ متاخر ذاتي است. پس علم و عشق دست در آغوش همديگر مي آرد تاکہ مي آيد و ميرود تاکہ ميرود فاحسن تدبره. والله تعاليٰ اعلم

**مضمون جو تفصيل:**

فلسفي حضرات وٽ موجود صرف هڪ "عين" (جسم) آهي. اهو آهي حق مطلق جو "عين". ان کي ذات بحث، حقيقت ساريہ، هستي صرف، غيب هويت، غيب الغيب، ابطن البطون، هويت ذاتيہ، هويت مطلق، احديت مطلق ۽ احديت ذاتيہ چوندا آهن. فلسفين ۽ متڪلمن وٽ "عين حق مطلق" ان کان مٿي آهي تہ ان سان علم، ڪشف ۽ شهود جو تعلق قائم ٿئي. جيئن فرمان الاهي آهي: ولايحيطون بشيءِ من علمہ." ان مرتبي جي باري ۾ ٿي شيخ اڪبر قدس سره فرمايو آهي: عين کان جاهل هئڻ منهنجو ايمان ۽ منهنجي توحيد آهي". معنيٰ "عين حق مطلق" جو علم حاصل ٿي نہ ٿو سگهي.

فلسفين وٽ ان ذات عين حق جا تنزلات آهن. جن سان علم، ڪشف ۽ شهود تعلق رکندو آهي. ازل ۽ ابد کان وٺي اهي تنزلات اڻ ڳڻ ۽ لامتناهي آهن، پر انهن تنزلات جا ڪليات ڇهن مرتبن ۾ منحصر آهن. ڪي پهرئين ٻئي تنزل کي هڪ تنزل شمار ڪندا آهن. ان صورت ۾ اهي پنج تنزلات ڄڻبا، صوفين جي اصطلاح ۾ انهن کي "حضرات خمسہ" چيو ويندو آهي.

مخدوم موصوف هن رسالي ۾ انهن تنزلات يعني حضرات خمسہ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. تنزلات جي سمجهاڻي ابن العربيءَ کان وٺي اڄ تائين تمام وڏن صوفي اڪابرن تحرير ڪئي آهي. شاه ولي الله صاحب بہ انهن تي لکيو آهي. بهرحال فلسفي ۽ تصوف جو هيءُ تمام اهم موضوع آهي جنهن کي هن رسالي ۾ مخدوم موصوف سمجهايو آهي.

## رفع الغين في تنزل العلم الي العين

هيءُ فلسفي جي موضوع جو رسالو آهي. عربي ٻوليءَ ۾ آهي. خط نسخ ۾ ڪتاب ٿيل آهي. ڪاتب ۽ سن ڪتابت معلوم ناهي. غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جن جي ذاتي لائبريري ۾ موجود رسائل معينيہ ۾ شامل رسالن مان هڪ آهي.

**متن جي شروعات:**

لہ الحمد في الاولي والآخرة ولہ الي عم واليہ ترجعون صلي الله وسلم علي سيد السفراء المعصومين وآلہ المطهرين اجمعين. امام بعد.....

**متن جي پڇاڙي:**

و منہ تجدد الڪون في ڪل نفس فان ذالڪ ان فهمت صيرورة علم الاول تعالي عينا ثم صيرورة العين علما في ڪل نفس ثم فثم بلا ثم و هلم و الله تعالي اعلم.

**مضمون جو تفصيل:**

هيءُ رسالو مخدوم محمد معين نهايت عجيب استدلال جي بنياد تي وحدت الوجود جي اثبات ۾

تصنيف ڪيو آهي. مخدوم موصوف جي هن استدلال جو خلاصو اهو آهي ته ڪفر ۽ ايمان ٻئي علم جي باب جون شيون آهن. انهن جو وجود عقلي ۽ علمي آهي. ان باوجود دنيا ۾ توڙي برزخ ۾ توڙي آخرت ۾ حقيقت انسانيه جي افرادن تي جيڪي به حالتون، طاري ٿينديون ڪيفيتون ۽ اعراض موجود آهن. پوءِ اهي عيني، حسي هجن يا غير حسي هجن، مجرد جواهر هجن يا مادي، ارواح هجن يا وارد ٿيندڙ معنائون ۽ فيض هجن، اهي انهن ٻن حقيقتن جا انهن جي صورتن جي مطابق تنزلات آهن. ايمان ۾ ان جو بيان اهو آهي ته ايمان عين مطلق حق جي مرتبن مان ڪنهن مرتبي جي يقين ڪرڻ جو نالو آهي. ان وقت ايمان الله جي علم ۽ سڃاڻ جو نالو آهي. اهو علم جڏنهن يقين جي درجي کي پهچندو آهي، ته عين ذاتهن تنزل ڪندو آهي. اهو علم جڏنهن شڪ جي مرتبي کان سفر ڪري يقين جي درجي کي پهچندو آهي، ته اهو خارجي عملن جي صورت وٺندو آهي. ان وقت ان جي صورت عيني حسي وجود ۾ ظاهر ٿيندي آهي.“ ان طرح ٻين مثالن سان اهو ثابت ڪيو اٿس ته حال جيڪو به آهي اهو عالم وجدان جي طرف ڪامل تنزل ۾ علم جو عين آهي. موصوف آخر ۾ ان مان ثابت ٿو ڪري ته موجود عالم ان طرح علم اول تعاليٰ جو عين آهي.

## تڪوين مع الانفاس

هيءُ رسالو فلسفي جي موضوع جو آهي، عربي ۾ آهي. جملي ٽن صفحن تي مشتمل آهي. خط نسخ ۾ هن جي ڪتابت ٿيل آهي. ڪاتب ۽ سن ڪتابت نامعلوم آهي. هن جو نسخو علامه غلام مصطفيٰ قاسمي جي ذاتي لائبريريءَ ۾ موجود رسائل معينيه ۾ شامل آهي.

**متن جي شروعات:**

حامدا و مصليا و مسلما. قال المتڪلمون ان علة احتياج الممڪن الي الواجب تعاليٰ هو الحدوث. فورد عليهم لزوم استغنائه عنه تعاليٰ بعده

**متن جي پڇاڙي:**

وما يعقلها الاالعالمون وقليل ماهم والله سبحانه هو ملهم السعادة والخير و رافع الحجاب والغير والعاصم من تلڪ الآفة والضير.

**رسالي جو مضمون:**

هن رسالي ۾ مخدوم موصوف تڪوين مع الانفاس کي ثابت ڪيو آهي. هن مختصر رسالي ۾ فلسفيانه نهج تي مخدوم صاحب دليل قائم ڪري تڪوين مع الانفاس جو حق هئڻ ثابت ڪيو آهي، هيءُ تڪوين مع الانفاس جو قول اصل ۾ صوفياء ڪرام جو آهي. مخدوم موصوف پنهنجي دليلن جي قائم ڪرڻ کان پوءِ لکيو آهي، ته اها ڳالهه سوڀاري ثابت ٿي، جنهن تي حق وارا آهن. جيڪو ناجي فرقو آهي. ۽ اهي صوفياء ڪرام ئي آهن. مخدوم موصوف هيءُ رسالو جهڙوڪ فرقه ناجيه صوفياء ڪرام جي تائيد لاءِ تحرير فرمايو آهي.

## الجوهرة الثمين في اثبات قدم التڪوين

فلسفه جي موضوع جو هيءُ رسالو خط نسخ ۾ نهايت سهڻو ڪتاب ڪيل آهي، عربي زبان ۾ آهي.

علامہ غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي ذاتي لائبرير ۾ موجود مخدوم محمد معين جي رسالن جي مجموعي ۾ شامل آهي. هن جو ڪاتب توڙي ڪتابت جو سال معلوم ٿي نہ سگهيو آهي، اي فورسائيز جي 59 صفحن تي مشتمل آهي.

**متن جي شروعات:**

اللّهم يا من لہ حمد الآزال والآياد. قبل ايجاد المجرد و بعد خراب المواد علي الفيض الدائم والجود المسرمد القائم عليٰ سلاسل اجناس العالمين وانواعها الغير المتصرمة ......

**متن جي پڇاڙي:**

هذا آخر الڪلام والتفرق عن خرس غمار التغرق. ربنا لاتؤخذنا ان نسينا او اخطانا والحمد لِلہ رب العالمين ....... علي سيد المرسلين ......... وآلہ الطاهرين واصحابہ المقربين آمين تمت.

**مضمون جو تفصيل:**

هن ڪتاب ۾ مخدوم محمد معين ڪائنات کي الاهي صورت قرار ڏنو آهي. صورت اهڙي شئي کي چئبو آهي، جنهن سان شئي محسوس ٿئي يا معلوم ٿئي. (هن سان الله جي ذات اسان کي معلوم ٿئي ٿي ان ڪري اها الله جي صورت آهي) مخدوم موصوف فرمائي ٿو تہ: ان ڪري اسان تي واجب آهي تہ ان جي وجود ۽ عدم، حدوث ۽ قدم تي وس آهر تحقيق ڪيون ۽ ان تي پوري طاقت صرف ڪيون. سندس چوڻ آهي تہ هن موضوع تي ماٺ رهڻ وارو ان بابت ڳالهائڻ واري کان وڌيڪ سلامتيءَ واري حالت ۾ رهندو. پر پاڻ تڏهن بہ ان تي بحث ڪندي ڪائنات جي قديم هئڻ جو نظريو ثابت ڪيو اٿس. هيءُ پورو رسالو موصوف ڪائنات جي قديم هئڻ جي نظريي جي ثبوت ۾ تحرير ڪيو آهي. سندس چوڻ آهي تہ الحمد لِلہ مون هن مسئلي تي اهڙيءَ طرح ڳالهايو آهي جو اهو شارع جي نص ۽ ڪنهن امام جي تحرير جي خلاف نہ ويندو. سندس چوڻ آهي تہ ماتريدي علماء صفة تڪوينيہ جي قديم هئڻ جا قائل آهن. هيءُ ڪتاب انهن جي پيروڪارن لاءِ اکين جو نار ٿيندو. ٺن امامن جي امام امام ابو حنيفہ نعمان بن ثابت رضي الله تعاليٰ عنہ کان بہ ان بابت اثر مروي آهي. ان ڪري جهڙوڪ مون هن تصنيف ذريعي جناب امام صاحب جي خدمت ڪئي آهي ڇاڪاڻ تہ مون سندس مسلڪ جي مدد ڪئي آهي.

هن ڪتاب جو استاد محترم علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي اردوءَ ۾ ترجمو ڪيو هو. جيڪي شاه ولي الله اڪيڊميءَ مان جاري ٿيندڙ علمي رسالي "الولي" ۾ قسطن ۾ شايع ٿي چڪو آهي. تازو مخدوم محمد معين جي رسائل جو مجموعو "رسائل معينيہ" جي نالي سان اردوءَ ۾ ترجمو ٿي سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپجي رهيو آهي. جيڪو هن عاجز ترجمو ڪيو آهي. ان ۾ بہ هيءُ رسالو شامل ڪيو ويو آهي.

## مطارحات التحقيق فيما يتعلق ببرهان التطبيق

مخدوم محمد معين جو تصنيف ڪيل هيءُ رسالو فلسفي جي موضوع تي آهي. خط نسخ ۾ نهايت سهڻو ڪتابت ڪيل آهي. عربي ٻوليءَ ۾ آهي علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي ذاتي لائبريريءَ ۾ موجود مخدوم موصوف جي مجموعہ رسائل ۾ موجود آهي. هن جو تصنيف جو سال مصنف 1156ھ ڄاڻايو

آهي. محرم جي پلاري مهيني ۾ هيءُ تصنيف ٺپ مڪمل ٿيو. اي فور سائيز جي 54 صفحن تي مشتمل آهي.

**متن جي شروعات:**

الحمد لِله الذي طبق بين النشآت الازلية والابدية من حيث ظهوره في مرايا الكل صفة وعينا و شمل بجماله كل رائدة الحسن وناقصته....

**متن جي پڇاڙي:**

اما العلم فلشموله العلم القديم لاسبيل الي اثباته تناهيه مطلقا وغير المتناهي يصح ان يقع باتساعه ظرفا لغير المتناهي و ما يتولد من الاوهام ههنا قدر ابطاله فراجعه والحمد لِله تعالي اولا و آخرا والصلواة والسلام علي رسوله و آله دائما وسرمدا.

**مضمون جو تفصيل:**

مخدوم محمد معين هن ڪتاب ۾ ”برهان تطبيق“ جي متعلق تحقيقي مناظرات تحرير ڪيا آهن. ”برهان تطبيق“ فلسفي جو نهايت مشهور دليل آهي. ”تسلسل“ محال آهي. تسلسل ڇا آهي؟ اهو هيءُ آهي ته: ممڪن پنهنجي وجود ۾ اهڙي علت جو محتاج آهي، جيڪا منجهس مؤثر آهي. وري اها علت مؤثر وري بي اهڙي علت جي محتاج آهي، جيڪا ان ۾ مؤثر آهي. ان طرح ايستائين هلندا هلو جنهن جي ڪا حد ۽ انتها آهي ئي ڪانه.“ اهو تسلسل آهي. فلسفين ان کي باطل قرار ڏنو آهي. ان جي باطل هئڻ جا مختلف دليل آهن. جن مان هڪ دليل ”برهان تطبيق“ سمجهايو آهي. ان کان پوءِ ان جي باري ۾ مڙني تفصيلي بحث نهايت گهري فلاسافيڪل انداز سان تحرير فرمايا آهن.

هن رسالي جو پڙ علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب ترجمو ڪيو آهي. جيڪو شاه ولي الله اڪيڊميءَ جي علمي رسالي ”الولي“ ۾ قسط وار ڇپيو. سنڌي ادبي بورڊ ۾ ”رسائل معينيه“ جي ڇپجندڙ مجموعي ۾ هيءُ به شامل آهي، جيڪو انشاء الله جلد ڇپجي ويندو

## الحق الصريح في ما يتعلق بشعور الميت في الضريح

فلسفي جي موضوع تي تصنيف ٿيل هيءُ رسالو عربي ٻوليءَ ۾ خط نسخ ۾ نهايت سهڻو ڪتاب ڪيل آهي. ٻن صفحن کان پوءِ اڳتي هلي ڪاتب نستعليق شڪسته ۾ ڪتابت ڪيو آهي. علامه غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي ذاتي لائبريريءَ ۾ موجود مخدوم محمد معين جي رسالن جي مجموعي ۾ شامل آهي. هن جو ڪاتب ۽ سن ڪتابت معلوم ناهي. 7×4 سائيز جي 29 صفحن تي مشتمل آهي.

**متن جي شروعات:**

بسم الله الرحمن الرحيم حامدا ومصليا ومسلما. قال الامام حجة الاسلام في رسالة الاجوبة لعلك تقول ان عذاب القبر لايدرڪ الابقوة الحسية والخيالية التي شرط وجودها في الجسم....

**متن جي پڇاڙي:**

و هذا آخر ما اردنا ايراده في هذه الرسالة المسمات بـ”االحق الصريح في شعور الميت في الضريح“ ومن الحق بها ..حضرت الآخرة من مباحث ڪتابنا ”انوار الوجد“ ويجعل الكل ڪتاباً واحداً

مشتملا عليٰ بيان حقيقة البرزخية و الاخروية فيلحق ....... مما لايكاد توجد مجموعا في تصنيف واحد والله سبحانہ هو الموفق للخيرات والحمد لِلہ تعالي اولا وآخراً والصلواة والسلام علي رسولہ وساير اهل العصمة الطاهرين ظاهراً وباطنا آمين.

**رسالي جو مضمون:**

هن رسالي ۾ مخدوم موصوف فلسفي ۽ معقولات جي مقدمات جي ذريعي هن مسئلي تي بحث ڪيو ۽ ان کي ثابت ڪيو آهي تہ قبر ۾ عذاب جون جيڪي صورتون بڌايون ويون آهن، تہ خوفناڪ نانگ ۽ وڇون قبر ۾ عذاب طور مقرر هوندا، جن جو حديثن ۾ ذڪر آهي، سي حق آهن. اهو چوڻ تہ قبر جو عذاب خيالي ۽ حسي قوت جي ذريعي ئي انسان محسوس ڪري سگهي ٿو. جڏنهن تہ خيال ۽ حس جي وجود جو تعلق آهي، انهن(خيال ۽ حس) جي جسم ۾ موجود هئڻ سان، پر جڏنهن جسم روح کان جدا ٿي ويندو ۽ حسي ۽ خيالي قوتون مضمحل ٿي وينديون، تہ پوءِ اهو ڪيئن ٿيندو." اهو چوڻ غلط آهي. مخدوم موصوف ان جو رد ڪندي قبر ۾ عذاب جي ثبوت ۾ متاخر فلسفين مان سڀ کان افضل فلسفي ابو علي بن سينا جي ڪتاب الشفاء ۽ ڪتاب النجات مان قول نقل ڪيو آهي تہ: اهو بعيد ڪونهي تہ ڪي آسماني جسم موت کان پوءِ نفس جي تخيل لاءِ مقرر هجن ۽ اها ڳالهہ ان پنهنجي علمائن (فلسفين) کان نقل ڪئي آهي." ان کان پوءِ چيو اٿس تہ: جنهن جسمن جي ٻيهر اٿڻ جو انڪار ڪيو آهي، سو باطل آهي. ان وٽ ڪوبہ دليل ڪونهي، ان وٽ دليل ناهي تہ ان مان ثابت ٿيو تہ موت کان پوءِ حسي ۽ خيالي ادراڪات موجود رهن ٿا. اهوئي اسان جو مطلوب هي. جيڪڏنهن ڪير چئي تہ اسان تہ ان کي ڏسون ٿا تہ ان ۾ ڪوبہ حس ۽ حرڪت ڪانهي، تہ اسان چونداسين تہ سڪتي جو مريض بہ پاڻ کي ائين ڏسڻ ۾ ايندو آهي. ۽ ادراڪ جو ممڪن آهي تہ ڪو ننڊي ۾ ننڊ جز هجي، جيڪو وڏيڪ ننڊ و نہ ٿي سگهندو هجي." ابن سينا جو اهو قول نقل ڪرڻ کان پوءِ مخدوم موصوف فرمائي ٿو: ان ڳالهہ جي وڌيڪ شرح جي ضرورت آهي." جنهن ڪري موصوف ذڪر ڪيل مسئلي ۽ ان جي ابن سينا جي اجمالي جواب جو وڌيڪ تفصيل بيان ڪيو آهي ۽ ان تي تمام تحقيقي بحث ڪيو اٿس.

## رسالہ ڪلي طبعي

هيءُ رسالو مخدوم موصوف وحدت الوجود جي اثبات ۾ فلسفين جي "ڪلي طبعي" بابت تصورن جي روشنيءَ ۾ تحرير ڪيو آهي. هن جو قلمي نسخو علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي جي ذاتي لائبريريءَ ۾موجود مخدوم محمد معين جي مجموعہ رسائل جي ٻنهي نسخن ۾ موجود آهي. هڪ نسخو قديمي آهي. جنهن جو ڪاتب معلوم ڪونهي. ٻئي نسخي جي ڪتابت محمد صديق ٻنويءَ ڪئي آهي. ان تي نظرثاني علامہ قاسمي صاحب جن ڪئي. ۽ پير جهنڊي جي اصل نسخي سان ان کي پيٽايو.

**متن جي شروعات:**

حامدا و مصليا ومسلما: اشڪل علي الاذهان العامية قول الاساطين من الحڪماء ان الڪلي الطبعي موجود في الخارج..... من حملہ علي ان الطبيعة يوجد مع وصف الڪلية في الخارج علي حيازة من اشخاصها......... الخ

**متن جي پڇاڙي:**

فليست هي الا اسماء خالية عن المسمي قال الله تعالي "ان هي الا اسماء سميتموها انتم و آبائكم ما انزل الله بها من سلطان" اي سلطان تحقق و وجود في الخارج بل في الذهن...... الاستبعاد الكلي الطبعي علي تقدير ثبوتہ و وجوده في الخارج بكون عين المحلين والله تعالي اعلم.

**متن جو تفصيل:**

هن رسالي ۾ ڪلي طبعي بابت مخدوم موصوف پهريائين حڪماء جو مذهب بيان ڪيو آهي، تہ اها خارجي وجود رکي ٿي يا، صرف افرادن جي صورت ۾ وجود رکي ٿي. افرادن کان سواءِ ان جو ڪوبہ وجود ڪونهي. ان کان پوءِ لکيو اٿس تہ: مون وٽ حق اهو آهي تہ، چيوْ وڃي، افراد خارج ۾ عين وجود ڪلي طبعي سان لڏا وڃن ٿا. ائين ناهي تہ ڪلي طبعي عين وجود افراد سان لڏي وڃي ٿي. ڇاڪاڻ تہ ڏسڻ واري محقق وٽ وجود اصالتاً طبيعت ڏانهن منسوب ٿيندا آهن. افراد ان سان ظاهر ٿيندا آهن ۽ ان جي وجود سان موجود ٿيندا آهن. ان طرح مصنف تفصيلي بحث کان پوءِ لکي ٿو تہ: هي ڪليءَ طبعيءَ جي وجود جي تحقيق علماء طبائع سان مخصوص آهي، علماء حقائق اخيارصوفيہ سان نہ. بيشڪ غير محسوس جو محسوس في الخارج ۾ اثبات، جيڪو محسوس جي عين وجود سان موجود آهي، اهو موجود شين جي ڪثرت باوجود وحدت الوجود ڏانهن موٽي ٿو." ان طرح مخدوم موصوف وڏيڪ تفصيلي بحث سان ڪلي طبعيءَ مان وحدت الوجود ثابت ڪيو آهي.

## نزهة الفهوم في تعريف اعجوبة العلوم

هيءُ رسالو مخدوم محمد معين عربي زبان ۾ علم ڪيميا، هيميا ۽ ريميا وغيره جي تعارف ۽ انهن علمن جي تعريف جي موضوع تي تحرير ڪيو آهي. هن ڪتاب جي تصنيف جو سال توڙي ڪاتب ۽ ڪتاب جي سال جو معلوم نہ ٿي سگهيو آهي. ڪتابت خط نسخ ۾ ٿيل آهي. رسالي جو پهريون ورق پريل آهي جنهن ڪري ان جي شروعات جا الفاظ ڏيڻ کان قاصر آهيون وچ مان ان جي شروعات هن طرح ٿيل آهي.

**متن جي شروعات:**

عبارتست از علم تقليب ممتزج زيقي و ڪبريتي بجوهر ونقره ....

**متن جي پڇاڙي:**

عالي مقدار والاتيار عسكر علي خان لم يزل في مدد من عسكر علي ولم يسرح منہ في لطف جلي برجريدن ليل ونهار طبگار خود جملازمان آه مردمک چشم روزگار گذاشت و بعد ناداني خودرا معاف نداشت والصلواة والسلام علي محمد و عترتہ الطاهرين اولا و آخراً.

**تفصيل:**

سڀ کان پهريائين موصوف جنهن علم جي تعريف ڏني آهي سو پهرئين ورق جي پري وڃڻ ڪري معلوم نہ ٿي سگهيو آهي. ٻئي نمبر تي علم ڪيميا جي تعريف ڏني آهي، ٽئين نمبر تي علم هيميا جي

تعريف بيان ڪئي آهي. چوٿين نمبر تي علم سيميا جي تعريف پيش ڪئي آهي. پنجين نمبر تي علم ريميا جي تعريف ذڪر ڪئي آهي. ان ڪان پوءِ ان سلسلي جا ڪافي فائدا ۽ سوال جواب پيش ڪيا اٿن

## التنبيهات الوقية علي الآداب الباقية في علم المناظرة

هيءُ علم مناظري جي موضوع جو ڪتاب آهي. جنهن تي مخدوم محمد معين حاشيا لکيا آهن. جن کي موصوف "تنبيهات وقيہ" (اهم تنبيهون) قرار ڏئي، انهن کي ان نالي سان مسميٰ بنايو آهي.نسخو خط نسخ ۾ تحرير ٿيل آهي. فقير سليمان هن جي ڪتابت ڪئي آهي. اصل نسخو چوٽياري شريف جو آهي. هن جو فوٽواسٽيٽ نقل قاسميہ لائبريري ڪنڊياري مان دستياب ٿيو آهي.

**حاشيي جي شروعات:**

في الصراح سبحان الله معناه التنزيهہ لله. نصب علي المصدرية. ڪانہ قال: ابريءُ لله تعاليٰ من السوء تبراءة ويقول العرب سبحان الله اذا تعجب ..... الخ

**حاشيي جي پڇاڙي:**

هذه العبارة لاتوجد في بعض النسخ ولايظهر تعلقها بماقبلها.... وجعل قولہ مسودة حالا من مفعول افردت يوجب ان يكون الابحاث الباقية مسودة علي شرح جديد بعض الفضلاء وهو غير الفاضل عبدالرشيد والواقع انہ افرد شرحا آخر بهذه الرسالة تعرض فيہ للرسالة الرشيدية والله اعلم بالحق والصواب 12 مخدوم رحمہ الله تعاليٰ.

**مضمون جو تفصيل:**

هي ڪتاب علم مناظري ۾ تصنيف ٿيل آهي. مخدوم محمد معين ڪتاب جي ڪوڙ جاين تي محققانہ بحث ڪيا آهن. ڪتاب ۾ علم مناظري جي اصولن ۽ قواعد جو منطقي ۽ فلسفيانہ طريقي تي ذڪر ڪيو ويو آهي.مخدوم محمد معين مختلف جڳهين تي مختلف مختصر مختصر نوٽ لڳايا آهن. جنهن ڪري چند لفظن ۾ انهن جو اختصار بيان ڪرڻ مشڪل آهي.

## قرة العين في البكاء علي الحسين

هيءُ رسالو مخدوم موصوف عاشورن جي ڏينهن ۾ خوشيءَ يا غم ٻنهي مان ڪنهن جو بہ اظهار نہ ڪرڻ ۽ ٻنهنجي حالت کي وچٿرو رکڻ بابت اهل سنت جي فقيهن جي راءِ جي ترديد ۾ تحرير ڪيو آهي. رسالو خط نستعليق شڪستہ ۾ ڪتابت ڪيل آهي. ڪاتب ۽ سن ڪتابت جي معلومات کان خالي آهي. رسالي جو نسخو مڪتبة الملڪ عبدالعزيز بالمدينة المنورةؐ ۾ محفوظ آهي. ان جو فوٽ اسٽيٽ نقل قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو ۾ موجود آهي.

**متن جي شروعات:**

لله الحمد و الثناء والصلواة والسلام علي رسولہ ﷺ وآلہ ساداة الاولياءِ فاقول تقرر عند فقهائڪم انہ يجب في يوم عاشوراءِ تسوية الحال وعدم تغير...من الحزن و السرور......

**متن جي پڇاڙي:**

ولما اتممت هذه الرسالة الهمت ان اسميها بـ"قرة العين في البكاءِ علي الحسين"صلوات الله عليہ وسلامہ......فاذا فيہ من الملاحة واللطافة ما تمنيت في بهجتها و لله الحمد والصلوة والسلام علي اهل بيتہ.

**مضمون جو تفصيل:**

نسخي جي شروعات واري سٽ تي مخدوم موصوف جي لفظن "عند فقهائڪم" تي شيخ محمد حيات سنڌيءَ جو هن رسالي جي رد ۾ لکيل ڪتاب "اظهار غبن قرة العين في البڪاءِ علي الحسين" حاشيو ڏنل آهي تہ :ان مان تي سگهي ٿو تہ مصنف جي مراد اها هجي تہ "اسان جي شيعہ فقيهن وٽ نہ" جنهن جو مطلب اهو آهي تہ مصنف پاڻ اهل سنت مان خارج آهي." ان کان سوا ڪاتب مختلف جاين تي حاشين ۾ رسالي جي مضمونن ڏانهن اشارا بہ ڪندو ويو آهي. مخدوم موصوف حضرت همزه جي شهادت جي واقعات ۽ نبي صلي الله عليہ وسلم جي فرزند حضرت ابراهيم جي وفات وقت نبي ﷺ جي غم ۽ نبي ﷺ جي ان چوڻ تہ : منهنجي دل سڙي ٿي ۽ اکيون ڳوڙها ڳاڙين ٿيون ۽ آءٌ اي ابراهي تنهنجي قرابت جي ڪري محزون آهيان" کي دليل بنائي چيو آهي تہ: جيڪڏنهن نبي ﷺ زنده هجن ها تہ ماتمي لباس پائڻ کي سنت ۽ عادت بنائن ها." رافضين جي شعار هئڻ جي بنياد تي ماتمي لباس پائڻ جي عدم جواز جي ترديد ڪندي موصوف چئي ٿو تہ: رافضين جي بدعتن ۾ انهن سان مشابهت نہ ڪرڻ گهرجي. جيئن انهن جي تبري جي مذموم بدعت آهي, ان ۾ انهن جي مشابهت ممنوع آهي. سلف تي انهن جو طعن جي حيثيت سان انهن جي مشابهت اختيار ڪرڻ مذموم آهي. اهل بيت سان محبت ۾ انهن جي مشابهت ڪرڻ مذموم ناهي.جيئن اهي الله جو ذڪر ڪربلا جي مٽيءَ مان ورتل مسبحہ تي ڪندا آهن ۽ ان تي الله لاءِ سجدو ڪرڻ ساراه لائق عمل آهي. اهو انهن جو بدعت جي حيثيت وارو شعار ناهي.بلڪ محب هجڻ جي حيثيت ۾ آهي.

لکي ٿو تہ : جيئن ابن دقيق العيد شرح شرائع ۾ ۽ نووي شرح مسلم ۾ انهن جي باري ۾ چيو آهي, جيڪي فقيهن جي خلاف نبي ﷺ جي احاديث تي عمل ڪندا هئا, تہ: جڏنهن ڪين خوف ٿيندو هو تہ جاهلن وٽ اهي دين جي طريقي کان خارج نہ سمجهيا وڃن, تہ اهي احاديث تي عمل ڳجهو رکندا هئا. جيئن ابوهريره وضوءَ ۾ "غرة" جي عمل ۾ تقيو ڪيو. هيءُ تقيو ساراه جهڙو عمل آهي. جنهن تي صادق ابن صادق المصدوق ﷺ چيو:تقيو منهنجو دين آهي......"

**رسالہ اويسيہ**

هيءُ رسالو ڊيمي سائيز جي ويهن صفحن تي مشتمل آهي. هر صفحي ۾ 21 کان 22 تائين سٽن جو تعداد ۽ هر سٽ ۾ چوڏهن پندرهن کان ويندي ويهن تائين اکرن جو تعداد آهي. رسالي جي ڪاتب ۽ سن ڪتابت بابت منجهس ڪجهہ بہ ڄاڻايل ڪونهي. رسالي جو هڪ نسخو هيءُ آهي جيڪو اصل نيشنل ميوزم ڪراچي ۾ موجود آهي ۽ ان جو نقل قاسميہ لائبريري ڪنڊياري مان فوٽوءَ جي صورت ۾ حاصل ڪيو ويو آهي. ٻيو نسخو سائين جي ايم سيد جي لائبرريءَ جو آهي. هن نسخي جو ڪاتب محمد عارف سيوستاني آهي. نياز همايونيءَ هن رسالي جو ترجمو ڪرڻ وقت هيءُ نسخو پنهنجي سامهون رکيو آهي.

رسالي جو موضوع تصوف آهي ۽ فارسي زبان ۾ تصنيف ڪيل آهي. ڪتابت سٺي ۽ صاف آهي. ڪاغذ جي حالت مان نسخو قديم معلوم ٿئي ٿو. اندازو اهو آهي تہ رسالو مخدوم محمد معين جي ڪنهن شاگرد يا معتقد جو ڪتابت ڪيل آهي. رسالو شاھ عبداللطيف جي سوال جي جواب ۾ لکيو ويو آهي. ان بابت ڪاتب حاشيي ۾ هن طرح نشاندهي ڪئي آهي "سوال خدا ۾ حضرت شاھ صاحب سلمہ الله" ۽ جواب بابت حاشيي ۾ لکي ٿو "جواب خدام ۾ حضرت مخدومنا سلمہ الله" ان ۾ "مخدومنا" جو لفظ ٻڌائي ٿو تہ ڪاتب مخدوم معين کي پنهنجو مخدوم سڏي ٿو ۽ اهو دليل آهي تہ هو مخدوم معين جو معتقد ۽ شاگرد آهي

هيءَ رسالو سنڌ واسين لاءِ هن لحاظ کان تمام وڏي اهميت رکي ٿو تہ هيءَ شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي هڪ سوال جي جواب ۾ لکيو ويو آهي. شاھ عبداللطيف ڀٽائي سنڌي ٻوليءَ جو اهو عظيم شاعر آهي جنهن پنهنجي شاعريءَ جي آفاقي پيغام، فڪر ۽ تخيل جي ذريعي سنڌي ٻوليءَ کي عظيم بنائي ڇڏيو آهي. پر اسان عام طور کيس "امي" سڏيندا رهيا آهيون. ۽ سنڌس ٿي دور جو مورخ مير علي شير قانع بہ کيس "امي" سڏي ٿو. پر ساڳئي وقت سندس علمي ڪمالن کي سندس ڪرامت ۾ شمار ڪري ٿو. ڇا ائين نہ ٿو ٿي سگهي تہ شاھ صاحب جي علمي ڪمالن کي، صاحب ڪرامت هئڻ جو دليل بنائڻ بجاءِ، "صاحب علم" هئڻ جو دليل بنايو وڃي؟ هتي اسان جي آڏو رسالہ اويسيہ جي تخليق جو سبب بنجندڙ اهو سوال آهي جيڪو شاھ صاحب مصنف موصوف کان ڪيو آهي. شاھ صاحب جي سوال جو حاشيي ۾ ڪاتب عنوان ڏنو آهي "سوال خدام حضرت شاھ صاحب سلمہ الله" (شاھ صاحب، الله کيس سلامت رکي، جي خادمن جو سوال) ۽ مخدوم محمد معين جي جواب جو بہ ساڳيءَ طرح عنوان ڏنو ويو آهي تہ "جواب خدام مخدومنا سلمہ الله" مطلب اهو ناهي تہ سوال ۽ جواب ٻنهي بزرگن جي خادمن ڪيا آهن. اهو ان زماني جي آدابن جي لحاظ کان ڪيو ويو آهي. نہ تہ جيئن جواب مخدوم محمد معين جو آهي، جيئن رسالي جو عنوان ان جو شاهد آهي، جيڪو هن طرح ڇاپايل آهي "رسالہ اويسيہ تصنيف مخدوم محمد معين التتوي عليہ الرحمة والغفران" ائين سوال شاھ عبداللطيف رحمة الله عليہ جو آهي. هيءَ ڳالهہ شاھ صاحب جي لکئي پڙهئي هئڻ جو دليل آهي ۽ سندس علم، استدلال،شريعت۽ اڪابرين شريعت ۽ اڪابرين تصوف جي اتباع جو دليل آهي. هتي اسان پهريائين شاھ صاحب جي خط جو ترجمو ڏيون ٿا، ان کان پوءِ مخدوم صاحب جو جواب ڏبو.

**شاھ صاحب جي خط جو ترجمو:**

ڇا ٿا فرمائن علماء ڪرام هن بابت تہ

لفظ اويسي صوفين رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين جي جماعت وٽ استعمال ٿيو آهي يا نہ؟

استعمال ٿيو آهي تہ ڪهڙي معنيٰ ۾؟

اويسي اهو آهي جيڪو روحانيت کان فيض حاصل ڪري تہ ڇا ظاهري مرشد ان جي منافي آهي يا نہ؟

مثل کان عالم برزخ مان فيض وٺڻ عقلي ۽ شرعي لحاظ کان جائز آهي يا نہ؟

فقر ۽ سلوڪ علماء ظاهر جي قول جي منافي آهي يا نه؟

هڪ وڏو الله وارو جيڪو ڪرامتن ۽ خرق عادات جي ڪري مشهور آهي، پر مخصوص مشائخن جيئن: نقشبندي قادري سان ارادت جو سلسلو نه ٿو رکي، ڇا ان بزرگ جي طريقي کي بي بنياد ۽ بي اصل چئي سگهجي ٿو؟

اوهان علماء، دين جا حامي ۽ حسن ۽ قبح جو بيان ڪندڙ آهيو. آءٌ اوهان کان پڇان ٿو ته هنن مقدمن (شقن) جو جواب ڪهڙو آهي. ۽ چاهيان ٿو ته آسان فارسي عبارت ۾ ان جو جواب قلمبند ڪيو ته عوام لاءِ فائديمند ٿئي. ۽ ان جو فائدو جاري رهي.

جزاكم الله سبحانه وعافاكم كما يحب ويرضيٰ و آجركم ورضي عنكم آمين."

**مخدوم محمد معين جو جواب:**

مخدوم معين جي جواب جو خلاصو پيش ڪرڻ کان پهريائين اهو عرض ڪجي ته شاه صاحب جي خط ۾ اسان جيڪي ڇه سوال ڪيا آهن، مخدوم صاحب پهرئين ٻئي ۽ ٽئي کي هڪ بنائي ان جو گڏيل جواب ڏنو آهي.

**پهرئين سوال جو جواب:**

لفظ اويسي صوفين سڀني جي ڪلام ۾ آيو آهي. "اويسي" ان کي چئبو آهي جنهن جي تربيت ۽ تڪميل ۾ روحن جو عمل دخل هجي. ۽ اها ڳالهه پير ظاهر جي خلاف ناهي. حضرت احرار قدس سره پير ظاهر جي باوجود ڇاڪاڻ ته خواجه نقشبند قدس سره جي روحانيت کان فيض ورتل هو ان ڪري پاڻ کي اويسي سڏيندو هو. ان طرح خواجه نقشبند پير ظاهر جي باوجود خواجه عبدالخالق غجدواني کان فيض ورتل هو انڪري اويسي هو. ۽ ائين به ٿيندو آهي، ته پير ظاهر کان سواءِ صرف روحانيت کان فيض وٺڻ ذريعي مرتبه ڪمال تي پهچجي. نقشبندي بزرگن ۾ ڪجهه بزرگ، الله جي مٿن رحمت هجي اويسي هئا. انهن جو جڏهن ذڪر ايندو آهي، ته چوندا آهن ته "مربية روحانية فلان" يعني هن بزرگ جي روحانيت جي تربيت ڪندڙ فلاڻو بزرگ آهي.

**ٻئي سوال جو جواب:**

اهل قبور کان فيض وٺڻ شرعي ۽ عقلي طور جائز آهي. وڏن الله وارن جي حڪايتن ۽ احوالن ۾، جيڪي اسان تائين معتبر ذريعن سان پهتا آهن. ان جو ثبوت موجود آهي. صوفين وٽ اهو مڃيل مسئلو آهي.

مصنف هن مسئلي کي وڏي اهميت جوڳو سمجهي وڏيڪ تفصيل سان بيان ڪيو آهي. ۽ حديث جي روشنيءَ ۽ عالمن ۽ عارفن جي قولن جي روشنيءَ ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سڀ کان پهريائين امام غزاليءَ جو احياء العلوم مان حوالو نقل ڪيو آهي. جنهن ۾ موت بابت مختلف رايا نقل ڪري امام غزاليءَ موت بابت پنهنجي راءِ ڏني آهي. ته قرآني آيتن ۽ نبوي حديثن مطابق موت تغير حالات جو نالو آهي ۽ بس. روح جي جسم کان ڌار ٿيڻ باوجود عذاب يا ثواب جي ڪيفيت باقي رهي ٿي. روح جي جسم کان ڌار ٿيڻ جي معنيٰ صرف اها آهي. ته روح جو جسم مان تصرف ختم ٿي وڃي ٿو. ان

کان پوءِ مصنف حافظ احمد خطيب قسطلاني جو ”مواهب لدنيہ“ مان حوالو نقل ڪيو آهي. ان کان پوءِ ٻيو حوالو جلال الدين سيوطيءَ جو ”شرح الصدور في احوال الموتي والقبور“ مان شيخ غلام علي بن عبدالڪافي المڪي جي حوالي سان نقل ڪيو آهي. محي الدين ابن عربيءَ جو فتوحات مڪيہ جو حوالو بہ نقل ڪيو آهي. ۽ ابو هريره ۽ ابن عباس جون تي روايتون قبرن مٿان سلام ۽ انهن جي جواب واريون نقل ڪيون آهن. هڪ روايت ابن جبير جي ۽ ترمذي، حاڪم ۽ بيهقي جي ابن عباس کان مروي پڻ نقل ڪئي آهي. ۽ سماع موتيٰ بابت انهن مان استدلال ڪيو آهي. بدر جي واقعي واري حديث جنهن ۾ رسول الله ﷺ ابو جهل، عتبہ ۽ ربيعہ جي قبرن کي مخاطب ٿي ڳالهايو اها بہ نقل ڪئي آهي. ان طرح ان تي تفصيلي بحث ڪندي شيخ عبدالحق محدث دهلويءَ جو حوالو بہ ذڪر ڪيو آهي. سموري بحث جو نتيجو اهو پيش ڪيو آهي تہ روحانيت کان فيض وٺڻ صحيح آهي.

**ٽئين سوال جو جواب:**

علماء جي پيروي، جيڪا شريعت محمديءَ جي پيروي آهي. ۽ اها فقراء سلوڪ جو شرط آهي. ان ڪري فقراء سلوڪ هڪ ٻئي جي متضاد نہ ٿا ٿي سگهن. هڪ صوفيءَ جي قول آهي تہ: ڪل حقيقة ردته الشريعة فهي زندقة“ (هر حقيقت جنهن کي شريعت رد ڪري، سا بي ديني آهي).

مصنف هن جواب تي بہ چڱو خاصو بحث مباحثو ڪيو آهي.

**چوٿين سوال جو جواب:**

هزارين اولياء ۽ الله جا پيارا اهڙا گذريا آهن جن جي مشائخن جي سلسلي جي ڪابہ شهرت ناهي. ڪي الله جا ولي اهڙا بہ هئا، جن برپٽن بيابانن ۽ جبلن ۾ عمريون گذاريون، پر گمناميءَ جي ڪري اولياء نہ سڏيا ويا. امام يافعي روض الرياض ۾ اوليائن جو ذڪر ڪيو آهي تہ ڪي اهڙا بہ ولي هئا جن جي سلسلي ۾ شيوخ جي واسطي جي ڪابہ خبر نہ هئي تہ انهن جو ڪنهن سان واسطو هو. خواجہ حافظ شيرازي بابت ڪير بہ نٿو ڄاڻي تہ باطني علم ڪنهن کان سکيو. ان ئي سبب ڪري ”نفحات“ ۾ آيو آهي تہ اها معنيٰ ولايت جو شرط ناهي ۽ ان سبب ڪري ڪنهن کي طعنو ڏيڻ ۽ انهن جي طريقي کي بي اصل چوڻ گستاخي آهي.

## الحجة الجلية في رد من قطع بالافضلية

هيءَ رسالو خلفاءِ اربعہ جي ترتيبوار فضيلت جي موضوع تي آهي. هن جو خطي نسخو قاسميہ لائبريري ڪنڊياري جو آهي. خط نسخ ۾ تحرير ٿيل آهي، جملي 23 صفحن تي مشتمل آهي. سادي خط ۾ تحرير ٿيل آهي. سن ڪتابت ۽ ڪاتب جو نالو معلوم نہ آهي. ڪاتب حاشيہ تي مصنف جي مختلف خيالن تي پڙهندڙن کي تنبيه بہ ڪندو ويو آهي، جنهن مان معلوم ٿو ٿئي تہ ڪاتب ڪو عالم فاضل شخص آهي.

**متن جي شروعات:**

حامدا و مصليا ومسلما و مستعينا في الفعل والقول متبرءاً عن الوجود والقوة والحول اما بعد فلا يخفي علي اهل العلم ان متون علم الكلام كلها......

**متن جي پڇاڙي:**

والمرجو من الاخوان النظر الممعن بالانصاف والتحاشي من الاعتساف و الانحراف وعدم الرمي بالظن الفاسد في زل التقليد الكاس والحمد لِلہ سبحانہ اولا و آخراً والصلواۃ والسلام علي رسولہ محمد و آلہ صلوات الله وسلامہ اجمعين ظاهراً و باطنا

**مضمون جو تفصيل:**

هن رسالي جو موضوع آهي، خلفاء اربعہ يعني ابوبڪر، عمر، عثمان ۽ علي رضي الله تعاليٰ عنهم جي ترتيب وار فضيلت جو مسئلو. رسالي ۾ مصنف هن مسئلي تي هن جهت کان بحث ڪيو آهي، تہ هيءُ مسئلو اجتهادي ۽ ظني آهي ڇاڪاڻ تہ ڪلي فضيلت جا دليل ظني آهن ۽ آحاد المتنن آهن ۽ ان سان گڏو گڏ متعارض بہ آهن. هن مسئلي جي باري ۾ اهل سنت جو موقف اهو آهي تہ خلفاء اربعہ جي مشهور ترتيب جيتوڻيڪ ظني آهي، پر ظن غالب هئڻ ۽ سلف جي ان مٿان اجماع هئڻ جي ڪري قطعيت جو درجو رکي ٿي. جيئن فجر جي ٻن رڪعتن سنت جي مٿان اجماع، انهن جي سنت ۾ قطعي هئڻ جو فائدو ڏئي ٿو. مخدوم معين چئي ٿو تہ ابن عبدالبر سلف، صحابہ هجن يا تابعي، انهن جو هن مسئلي جي باري ۾ اختلاف نقل ڪيو آهي. هيڏانهن واري اسان جي زماني جا ڪجهہ ماڻهو آهن جيڪي قاضي ابوبڪر باقلاني، امام الحرمين ۽ آمدي وغيرهم جي همسري ڪرڻ جي ڪوشش ٿا ڪن، جن جو هھڙي قسم جي مسئلي ۾ اثر اصحاب متون ڪلاميہ وٽ ڪافي سمجهيو ويندو آهي. انهن لاءِ چون ٿا تہ اهي فضيلت جي باب جي صحيح حديثن کان واقف نہ ٿي سگهيا آهن. جيڪي ابوبڪر، عمر ۽ عثمان کي علي رضي الله عنہ تي صريح طور افضل ثابت ڪن ٿيون ۽ ان تي قطعي طور دلالت ڪن ٿيون ۽ صحت ۾ انهن جي رتبي واريون ڪي بہ حديثون انهن سان متعارض ڪونہ آهن.

مصنف مخدوم محمد معين جو مٿين دعوي جي مقابلي ۾ سمورو زور ان تي آهي تہ، افضليت جون هڙئي روايتون ظني الدلالت آهن، صحت ۾ پاڻ جهڙي رتبي وارين حديثن سان متعارض آهن، اهل سنت جا دليل جهڙيءَ ريت ظني الدلالت آهن، تيئن حضرت عليءَ جي افضليت جا اهل شيعت وارا دليل بہ ظني آهن.

هن مسئلي جي ٻنهي راءِ رکندڙن کي بدعتي گمراهہ نہ سڏڻ گهرجي، هن مسئلي جي اختلاف کي ٻين اهڙن مسئلن جي اختلاف وانگر وٺڻ گهرجي جن جي اختلاف جو بنياد اجتهاد آهي. ٻي صورت ۾ جيڪو بہ ٻئي جي اجتهاد ۽ قياس کي ڇڏيندو اهو بدعتي سڏيو ويندو.

## الرسالة المعينيہ في تائيد الشيعة

هيءُ رسالو شيعا مذهب جي تائيد ۾ تصنيف ڪيل آهي. هن جي تصنيف جو سال معلوم نہ آهي. ڪاتب ۽ سن ڪتابت نا معلوم آهي. ڇهن صفحن تي مشتمل آهي.

ڪتاب جي پهرئين صفحي تي هڪ ننڍڙو حاشيہ لکيل آهي جنهن ۾ لکيل آهي: "هذه رسالة للشيخ محمد معين التتوي في تائيد مذهب الشيعہ فيما يتعلق بفدڪ و امثالها" (هيءُ رسالو شيخ محمد معين ٺٽوي جو مذهب شيعہ جي تائيد ۾ فدڪ ۽ ان جهڙن ٻين مسئلن بابت آهي.) رسالي ۾ اصل بحث، حضرت عائشہ صديقہ کان منقول حديث "لانورث ما ترڪنا فهو صدقہ"، جي مٿان ڪيو ويو آهي.

هن رسالي جي متن جي شروعات، جيئن دستور آهي، حمد ۽ صلواة سان نہ ڪئي وئي آهي. جنهن مان ثابت ٿو ٿئي تہ هيءُ رسالو جو اصل مخطوطو ۽ متن ناهي ۽ نہ ئي اصل جو نقل آهي. اصل ۾ هيءُ نقل آهي ان حصي جو جيڪو شيخ محمد حيات هن رسالي جي رد ۾ لکيل پنهنجي رسالي ۾ حمد ۽ صلواة کان پوءِ نقل ڪيو آهي. ان طرح جيتوڻيڪ هيءُ حصو شيخ محمد حيات اصل متن تان ۽ اصل مطابق ئي لکيو هوندو. پر جيئن رد لکندڙن جو اصول آهي تہ اهي جنهن تي رد لکندا آهن، تہ پورو ڪتاب لکڻ بجاء مقصد واري عبارت نقل ڪندا آهن. ان ڪري هيءُ متن هن رسالي جو مڪمل متن قرار نہ ٿو ڏئي سگهجي. شيخ محمد حيات هن جي جهڙيءَ طرح شروعات ڪئي آهي، تيئن حرف بحرف منقول آهي، جئين شيخ محمد حيات شروعات ڪئي تيئن هن جي شروعات ۽ جيئن ان پڇاڙي ڪئي آهي تيئن هن رسالي جي پڇاڙي بہ ٿئي ٿي. هن رسالي جي پڇاڙي بہ مخدوم معين جي پنهنجي اصل رسالن جيان الله جي شڪر دعا، درود ۽ صلواة کان سواءِ ٿيل آهي. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ هيءُ اصل متن ناهي اصل متن زماني جي هٿان ضايع ٿي ويو هيءُ شيخ محمد حيات جو لکيل رد تان نقل ڪيل حصو آهي، جيڪو شيخ محمد حيات بحث جوڳو سمجهي ان کي نقل ڪري پوءِ ان تي رد لکيو.

**متن جي شروعات:**

حديث عائشہ ام المؤمنين "لا نورث ما ترکناه فهو صدقة موطاً بالرفع قطعاً خبر لقولہٖ فهووالجملہ خبر ما ترکنا وهذ يويد الرواية في حديث ابي بکر الصديق رضي الله تعاليٰ عنہ " الخ

**متن جي پڇاڙي:**

".... وثانيهما يجوز ان يکون معناه ان وصية الانبياء عليهم الصلواة والسلام بآخرة في ڪل ما ترڪ من غير خصوص بالثلث ڪما هو حکم العامة"

صورتخطي: مخطوطي جي صورتخطي سني صاف ۽ سهڻي ٿيل آهي. منڍ کان آخر تائين پوريءَ ريت سمجه ۾ اچڻ جوڳي آهي.

**متن جو تفصيل:**

رسالي ۾ حضرت عائشہ ام المؤمنين جي حديث: لانورث ماترڪناہٗ فهو صدقة" جو ذڪر ڪري روافض جي ان بابت جيڪا تاويل آهي سا نقل ڪئي وئي آهي. ۽ پوءِ اهل سنت طرفان ان جي جواب ۾ جيڪو چيو ويو آهي. تہ رافضين جي تاويل مطابق حديث جو جيڪڏهن مطلب ممڪن هجي ها تہ حضرت ابوبڪر جيڪو افصح الفصحاء ۽ لفظن جي معنائن جو وڏو ڄاڻو هو سو ان حديث منجهان استدلال نہ ڪري ها. ان تي مخدوم محمد معين رد ڪندي لکيو آهي تہ حضرت فاطمہ عليها السلام ڪتاب مجيد مان استدلال ڪندي ورثي جي دعوي ڪئي ۽ حضرت ابوبڪر هن حديث مان دليل ورتو. ۽ حضرت فاطمہ جيئن منقول آهي تہ مرڻ تائين پنهنجي حق ۽ دعوي تي قائم رهي. ۽ پنهنجي استدلال کان رجوع نہ ڪيائين. ان صورت ۾ مٿس (عليہ السلام) مٿين حديث جو جواب واجب ٿئي ٿو. نہ تہ سندن دعوي بي محل ثابت ٿيندي ۽ اهو الله معاف ڪري وڏو بهتان ٿيندو. ان ڪري حديث جي تاويل کي صرف ان ڪري رد نہ ٿو ڪري سگهجي تہ ان مان حضرت ابوبڪر رضي الله عنہ دليل ورتو آهي. جو ٻئي افصح العرب هئا.

ان کان پوءِ اڳتي لکي ٿو تہ:

ان طرح حديث جي مفهوم سمجهڻ ۾ صحابن جو هڪ ٻئي سان اختلاف ٿيندو بہ رهيو آهي. جيئن عمر جو ابي موسيٰ اشعريءَ سان "استيذان واريءَ حديث ۾ اختلاف. ۽ عمار بن ياسر سان جنابت کان تيمم بابت اختلاف ۽ اهو اختلاف حضرت عمر انهن ۾ ڪوڙ جي گمان جي بنياد تي نہ ڪندو هو.. بلڪ وسر ۽ ياد جي بنياد تي ڪندو هو. عجب تہ اهو آهي تہ مروان ابو هريره جي مٿان تهمت لڳائي آهي تہ گھڻين روايتن جي ڪري اهو پلجي ٿو ۽ ضبط نہ ٿو ڪري سگهي. ۽ مون ڪوبہ شخص اهڙو نہ ڏٺو آهي جنهن صحابن جي اهڙي اختلاف کي ناپسند ڪيو هجي. تہ پوءِ حضرت ابوبڪر ۽ عائشہ سان حضرت فاطمہ جو اختلاف ڇو ممڪن نہ ٿو ٿي سگهي.

ان کان پوءِ مصنف جو چوڻ آهي تہ حديث عائشہ جي بنياد تي حضرت فاطمہ (رضي الله عنهما) تي جيڪو الزام ٿو اچي ان کي رد ڪرڻ لاءِ حديث عائشہ جي تاويل ڪرڻ حضرت فاطمہ جي مدد ڪرڻ برابر آهي. مختلف فقيهن جي تائيد ۾ جڏهن ائين ٿيندو آهي. جو پنهنجي پنهنجي مسلڪ جي فقيهن تي ايندڙ الزامن جو جواب ڏيڻ ضروري ڄاتو ويندو آهي. تہ پوءِ حضرت فاطمہ جي طرفان جواب ڏيڻ ۽ تاويل ڪرڻ ڇو جائز نہ ٿيندي. حالانڪ فاطمہ پڇاڙيءَ تائين پنهنجي حق ۽ دعويٰ تي قائم رهي.

تنهن ڪري جيئن اوهان فقيهن جي قولن ۾ مختلف احتمالن جي حوالي سان بحث ڪندا آهيون ۽ پنهنجي فقيهن طرفان جواب ڏيندا آهيو تيئن اهو رافضين تي واجب ٿئي ٿو تہ اهي پاڪ امامن جي اقوالن ۽ دليلن جي اصلاح ڪن جو اهي عطرة طاهره جي حمايت لاءِ مقرر آهن. ان طرح تاويل جو جواز ڪيڻ کان پوءِ حديث عائشہ لانورث ماترڪناه فهو صدقة جي پنهنجي طرفان هڪ منفرد قسم جي تاويل ڪئي اٿس. ۽ ان تي رسالي کي ختم ڪيو اٿس ڪلام جي تسلسل ۾ مؤطا امام مالڪ ۾ روايت ڪيل هڪ حديث جي بہ عجيب تاويل ڪئي اٿس. ۽ ان تاويل جي مثال ۾ خلافت بابت بہ هڪ روايت جي عجيب تاويل ڪئي اٿس هڪ هنڌ ابن تيميہ جي هن ڳالھ تہ "فاطمہ فدڪ جي پنهنجي ذات لاءِ دعويٰ ڪئي ۽ ابوبڪر مسلمانن لاءِ" تي وڏو تعجب ظاهر ڪيو اٿس ۽ ان بابت بہ حديث رسول تہ "تنهنجي نفس جو بہ توتي حق آهي" نقل ڪري حضرت فاطمہ جي تائيد ۽ مدد ڪئي اٿس.

## رد رسالہ معينيہ:

شيخ محمد حيات سنڌيءَ جي مٿئين رسالي جو رد لکيو آهي. ۽ مٿئين مخطوطي واري سڄي عبارت الف کا يي تائين نقل ڪري پوءِ ان تي رد لکيو اٿس. ان ئي ڪري جيئن اسان مٿي لکيو آهي، تہ شڪ جاڳي ٿو تہ مٿيون مخطوطو اصل تصنيف جو متن ناهي. هن جو نالو "رسالة في مسئلة فدڪ وما يتعلق بها" آهي. رسالي تي لکيل هڪ نوٽ مان معلوم ٿئي ٿو تہ هيءُ مخدوم محمد هاشم جي ملڪيت رهيو آهي. رسالي جا اکر سادا منجهيل ۽ ٽڪڙ ۾ لکيل معلوم ٿين ٿا. هن جو فوٽو قاسميہ لائبريري ڪنڊياري مان حاصل ٿيو.

**رد جو تفصيل:**

مخدوم معين حضرت عائشہ واري جيڪا حديث نقل ڪري ان جي تاويل ڪئي آهي ۽ تاويل لاءِ جواز اهو بنايو اٿس تہ فاطمہ قرآن جي استدلال جي بنياد تي حق گهريو ۽ مرڻ تائين ان تي قائم رهي ۽ حضرت ابوبڪر سان نہ ڳالهايائين. ان ڪري حديث عائشہ سان مٿس جيڪو دليل قائم ٿئي ٿو ان جو رد ان تي واجب آهي. ان طرح هاڻي ان جو رد ۽ فاطمہ جو دفاع رافضين تي واجب آهي. شيخ محمد حيات اها حديث بخاري جي استخراج سان مختلف طريقن سان بيان ڪري پوءِ ان خيال جو رد ڪيو آهي تہ حضرت فاطمہ مرڻ تائين ڪو ان تي قائم رهي. ذهبيءَ جي حوالي سان لکي ٿو تہ:

"حضرت فاطمہ حضرت ابوبڪر کان جڏهن مٿين حديث ٻڌي تڏهن چيائين:

تون ۽ رسول ﷺ وڌيڪ ٿا ڄاڻو"

اهڙيءَ طرح احمد کان روايت نقل ڪندي لکيو اٿس:

"فانت وما سمعت من رسول الله ﷺ اعلم"

پوءِ تون، جيڪو رسول الله ﷺ کان ٻڌو اٿئي اهو وڌيڪ تو ڄاڻين هن کان پوءِ ڪوڙ روايتون بخاري، ابو داؤد وغيره کان ورثي متعلق آڻيندي هڪ روايت بيهقيءَ جي آڻي ٿو تہ حضرت فاطمہ جڏهن بيمار ٿي تہ ابوبڪر وٽس ويو اندر اچڻ جي اجازت گهريائين، اجازت ڏنائيس ۽ سندس رضا سان ابوبڪر آيو ۽ چيائين الله جو قسم مون گهر، مال، اهل، عيال مٽ مائٽ، صرف الله، ان جي رسول ۽ اوهان اهل بيت جي رضا لاءِ ڇڏيا. ان تي حضرت فاطمہ کانئس راضي ٿي تان جو وفات ڪيائين."

ان طرح شيخ محمد حيات هڪ پاسي حديث عائشہ جي مفهوم جي تائيد ۾ مسلسل ڪوڙ حديثون آڻي اهل سنت وٽ مجيل مفهوم، جيڪو حديث مان ظاهر بہ ٿئي ٿو جي توثيق ڪري ڇڏي ۽ ٻئي پاسي ان خيال کي بہ غلط ثابت ڪري ڇڏيائين تہ فاطمہ مرڻ تائين ورثي جي دعوا تان هٽ نہ ڪنيو ۽ حضرت ابوبڪر کان ناراض رهي. آخر ۾ شيخ محمد حيات ان بابت هن طرح فيصلو ڏنو آهي.

هنن حديثن مان قطعي طور اهو ثابت ٿي ٿو وڃي تہ هيءَ حديث نبي سڳورن کان ثابت آهي. ۽ ان مان اهوئي مفهوم مراد آهي جيڪو ابوبڪر صديق ۽ ٻين اصحابن مراد ورتو. ان ۾ علم حديث جي ڪنهن بہ ڄاڻوءَ کي ڪوبہ شڪ نہ ٿو ٿي سگهي.....

ان طرح ان مان حديث جي معرفت رکندڙ تي اهو بہ واضح ٿي ٿو وڃي تہ حضرت فاطمہ رضي الله عنها حضرت ابوبڪر جي استدلال جي تصديق ڪئي ۽ ان کي قبول ڪيو جيڪو ابوبڪر کيس ٻڌايو ۽ ان جو ابوبڪر سان وري نہ ملڻ جو اهو مطلب نہ هو تہ ان ڪو ابوبڪر کي سندس استدلال ۾ نہ ٿي مڃيو بلڪ ان ڪري هو تہ ان کيس سچو مڃي ورتو هو.

ان کان پوءِ ابن تيميہ بابت مخدوم معين جي تشويش جو جواب اهو ڏنو اٿس تہ "ان اهو حضرت فاطمہ جي شان گهٽائڻ لاءِ نہ چيو هو بلڪ ٻنهي جي ڳالهين ۾ تفاوت ۽ فرق ڏيکارڻ لاءِ چيو جيئن نبي سائين ﷺ جي چوڻ امتي امتي ۽ ابراهيم ۽ ٻين نبين جي نفسي نفسي چوڻ ۾ فرق ۽ تفاوت منقول آهي."

ابن تيميہ مٿان ٻئي الزام تہ ان مديني لاءِ سفر کي حرام قرار ڏنو جي بہ ترديد ڪئي اٿس ۽ آخر ۾ هڪ بہ ٻيون ڳالهيون لکي ڪلام کي ختم ڪيو اٿس.

## حوالا مليل تصنيفون

هن عنوان هيٺ اهي ڪتاب ذڪر ڪجن ٿا جيڪي دستياب نہ ٿي سگهيا آهن. پر انهن جا حوالا مختلف جڳهن تي مخدوم محمد معين پاڻ ڏنا آهن. يا ٻين ذڪر ڪيا آهن. هنن ڪتابن جي اصل نسخن جي ڏسڻ ۽ دستياب ٿيڻ جي سعادت حاصل نہ ٿي سگهي آهي.

### رد القول الغثيث عليٰ من قدم الراي علي الحديث

هن ڪتاب جو ڪوبہ قلمي نسخو دستياب نہ ٿي سگهيو آهي. جنهن ڪري هن جي موضوع جو تفصيل نہ ٿو ڏئي سگهجي. البتہ نالي منجهان هن جي موضوع ڏانهن اشارو ملي ٿو. جنهن مطابق رسالي جو موضوع حديث مٿان راءِ کي مقدم رکڻ جي ترديد آهي.

هن رسالي جو مخدوم محمد معين پنهنجي رسالي "غايت الاعتماد في مسئلة الاختضاب بالسواد" ۾ بہ دفعا ذڪر ڪيو آهي. جنهن مان بہ رسالي جي نالي مطابق موضوع جي ثابتي ملي ٿي. رسالي ۾ هڪ موقعي تي مخدوم موصوف لکيو آهي:

حنفي ۽ شافعي مصنفن جي اڪابرن مان ڪن، جن بابت رسالي جي حاشيي ۾ موصوف ٻڌايو آهي، تہ حنفين مان شيخ ابن الهمام ۽ شافعين مان نووي سنڌس مراد آهن، انهن ڪتاب جامع صحيح بخاري جي ابواب صفة الصلواة ۾ آيل ٻن حديثن تي بحث ڪيو آهي ۽ هر هڪ مسلڪ جي اڪابر ٻنهي حديثن مان جنهن کي پنهنجي مسلڪ مطابق ڏٺو آهي ان کي ترجيح ڏني آهي. ۽ مرجوح حديث کي شريعت مان ئي خارج ڪري ڇڏيو آهي. ۽ مرجوح تي عمل جي صورت ۾ سجدي سهو جو حڪم ڪيو اٿن. هن تي مون وڌيڪ تفصيل سان بحث، رد قول الغثيث ۾ ڪيو آهي." ([1])

ٻئي هنڌ حضرت امام حسين رضي الله عنہ جو هڪ مروي اثر ذڪر ڪرڻ کان پوءِ ان جي اهميت بحث ڪندي لکيو اٿس تہ:

"ان تي اسان وڌيڪ بحث پنهنجي ڪتاب "رد قول الغثيث علي من قدم الراي علي الحديث" جي بعض دراسات ۾ ڪيو آهي. جيڪو اهو رسالو ڏسندو تنهن کي ان مان معلوم ٿيندو تہ اهل بيت کان مروي اثر جيڪڏهن صحيح هوندو تہ اهو ان باب جي صحيح حديث جي خلاف نہ هوندو. انشاء الله تعالي". ([2])

### تنوير الهادي في رفع الايادي

هن رسالي جو ٻن خطي نسخو ڪٿان بہ دستياب نہ ٿي سگهيو آهي، جنهن ڪري رسالي جي اصل متن ۽ ان جي مطالعي جي سعادت حاصل نہ ٿي سگهي آهي؛ پر هن رسالي جو مخدوم محمد معين پنهنجي

---

[1] ٺٽوي محمد معين، مخدوم: رسالہ غايت الاعتماد في مسئلة الاختضاب بالسواد" نسخہ خطيہ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪارنر، ريسرچ لائبريري انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي. صفحہ: 7

[2] حوالو ساڳيو صفحہ: 4_5

رسالي: اڪثيرالهداية والنفع في جمع احاديث الرفع“ ۾ ذڪر ڪيو آهي ۽ چيو آهي تہ: ان ۾ رفع يدين جي حديثن، انهن جي قوت ۽ پنهنجي برابر معارض نہ رکڻ ۽ عدم رفع وارين روايتن جي انهن برابر نہ هئڻ جي مسئلن تي، بحث ڪيو ويو آهي. ۽ لکي ٿو تہ:

”انهن مڙني مقدمن جو وڌي شرح ۽ بسط سان هن فقير پنهنجي رسالي: تنوير الهادي في رفع الايادي“ ۾ بيان ڪيو آهي“[1]

## غايت الفسخ في مسئلة النسخ

هيءُ رسالو اصول حديث جي موضوع تي تصنيف ٿيل آهي. هن جو ڪوبہ قلمي نسخو دستياب نہ ٿي سگهيو آهي. مخدوم محمد معين ٺٽويءَ هن رسالي جو ”دراسات اللبيب في الاسوة الحسنة بالحبيب“ ۾ ذڪر ڪيو آهي. هن رسالي ۾ مخدوم موصوف ”نسخ اجتهادي“ تي بحث ڪيو آهي. ”نسخ اجتهادي“ اصول حديث جو هڪ اصطلاح آهي. جنهن جو مطلب آهي: ڪنهن حديث کي پنهنجي راء سان منسوخ قرار ڏنو وڃي. ان جي منسوخ ٿيڻ تي شارع طرفان ڪوبہ نص موجود نہ هجي.“ قياس ۽ اجتهاد جا قائل نسخ اجتهاديءَ جا قائل آهن. مخدوم موصوف ان جو قائل ناهي.“ دراسات اللبيب“ ۾ بہ ان تي رد ڪيو اٿس. لکي ٿو تہ:

نسخ بالراي، جنهن کي نسخ اجتهادي چئبو آهي، محقق ان جا قائل ناهن. ان جي بطلان تي مون هڪ مفرد جزء (رسالي) ۾ ڪلام ڪيو آهي. ان جو نالو رکيو آهي ”غايت الفسخ في مسئلة النسخ“[2]

## انوار الوجد من منع المجد

هن رسالي جو بہ اڄ تائين ڪو نسخو دستياب نہ ٿي سگهيو آهي. هن جو مخدوم محمد معين درسات ۾ ٻن هنڌن تي ذڪر ڪيو آهي. هڪ هنڌ موصوف سندس نالو صرف ”انوار الوجد“ ذڪر ڪيو آهي ۽ لکيو اٿس تہ الله جي ڪامل ٻانهن جي معنوي، روحاني، مثالي، حسي ڪمالن ۽ بين اسرارن جو هن ۾ بيان ڪيو ويو آهي.“ ([3]) ٻئي هنڌ رسالي جو موصوف پورو نالو ”انوار الوجد من منع المجد“ لکيو آهي ۽ فرمايو اٿس تہ: الله تعاليٰ جي ڪلام ۽ سندس رسول جي ڪلام جو اسرار باطنيہ جي محامل تي حمل ظاهري معنيٰ جي لحاظ کان رفض ناهي. بلڪ اهي ان جي ظاهر تي بنا تاويل جي ايمان رکندا هئا. ۽ ڪين انهن جي باطن جو فيضان اهڙي طريقي تي ڪيو ويندو هو جو، انهن کي ان جي زبان مان نڪتل حق کان نڪرڻو نہ پوندو هو. هن بحث تي جيڪو وڌيڪ اطلاع حاصل ڪرڻ گهري، سو اسان جي ڪتاب ”انوار الوجد من منع المجد“ ڏانهن رجوع ڪري. ([4]) هن رسالي جومخدوم موصوف پنهنجي رسالي ”الحق

---

[1] ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: رسالہ اڪثير الهداية والنفع في جمع احاديث الرفع“ فصل: _3_ احاديث معارضہ جو بيان. نسخہ خطيہ: مجموعہ رسائل معينيہ، مفيد عام لائبريري سيوهڻ.

[2] دراسات اللبيب، صفحہ: 483، قلمي. ريسرچ لائبريري سنڌالاجي

[3] دراسات اللبيب، قلمي، صفحہ: 442

[4] درسات اللبيب، قلمي، صفحہ: 303

الصريح في شعور الميت بالضريع" ۾ رسالي جي پڇاڙيءَ وقت هنن لفظن سان ذڪر ڪيو آهي. " هيءَ پڇاڙي آهي ان جي، جيڪو اسان پنهنجي هن رسالي "الحق الصريح في شعور الميت بالضريع" ۾ آڻڻ ٿا گهرون...... اسان جي ڪتاب "انوار الوجد" جي مباحث مان."

## وريقات مفردة في حديث المصراة

هيءَ رسالو پڻ دستياب نہ ٿي سگهيو آهي. دراسات اللبيب ۾ مخدوم موصوف هن جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هيءَ رسالو پڻ مخدوم موصوف اصول حديث جي موضوع تي تحرير ڪيو آهي.

رسالي جو مضمون: حنفي محدثن روايت جي شرطن ۾ هڪ شرط کي بہ شامل ڪيو آهي تہ راوي فقيه هجي. مخدوم موصوف لکي ٿو تہ فقه الراوي جي ان شرط جي بنياد تي حنفين حديث مصراة، جيڪا ابو هريره کان مروي آهي ۽ شيخين جي متفق عليہ حديث آهي. ان کي ترڪ ڪري ڇڏيو آهي. مخدوم صاحب ان حديث ۾ ذڪر ڪيل شرط جي رد ۾ هيءَ رسالو تصنيف ڪيو آهي. لکي ٿو تہ: اسان جا ڪجهہ مفرد ورق ان قول جي رد ۾ آهن ۽ هن باري ۾ آهن تہ: فقه راوي جو شرط نئون پيدا ڪيل آهي. ان جي بنياد تي مصراة واري حديث جي ڇڏڻ جي امام ابو حنيفہ ڏانهن نسبت ڪرڻ صحيح ناهي." ([1])

## رسالة مفردة في انتقاد موضعين من فتح القدير

هيءَ رسالو بہ مخدوم معين جي اهڙن رسالن مان هڪ آهي، جن جو ڪوبہ قلمي نسخو دستياب نہ ٿي سگهيو آهي. هيءَ بہ اصول حديث جي موضوع جو رسالو آهي. هن جو مخدوم موصوف "دراسات اللبيب" ۾ ذڪر ڪيو آهي. ڪمال الدين ابن الهمام جي ڪتاب فتح القدير جا بہ مقام آهن جن تي مخدوم محمد معين تنقيد ڪئي آهي. هڪ غنيمت جي باب ۾ آهي. جنهن جو موصوف هن طرح ذڪر ڪيو آهي: امام ابو جعفر محمد بن علي الباقر پنهنجي ڏاڏي علي بن ابي طالب کان جيڪو نقل ڪيو آهي تہ: اهو ذوي القربي جي سهم جو قائل هو، پر انهن کي ان خوف کان نہ ڏيندو هو تہ (ڪٿي) ابوبڪر ۽ عمر جي سيرت جي مخالفت جو الزام نہ ڏنو وڃي."

ان تي ابن همام اهڙي طريقي سان ڪلام ڪيو آهي جنهن جو خلاصو اهو ٿو بيهي تہ سندس اها خبر واقعي جي خلاف آهي. تہ پوءِ اها ان صورت ۾ يا علي بن ابي طالب جي مذهب کان ان جي اڻ ڄاڻائيءَ جي ڪري آهي يا پل ۽ ويسر جي ڪري آهي يا ان جي مٿان ڪوڙ آهي."

۽ ٻيو مقام طلاق جي مباحثن ۾ آهي جنهن جو موصوف هن طرح ذڪر ڪيو آهي تہ:

(ابن همام) نبي ﷺ جن جو فرمان "لعن الله كل ذواق مطلاق" ذڪر ڪيو آهي. ان جڳهہ تي موصوف انهيءَ عمل کي حرام قرار ڏنو آهي. ان کان بعد چيو اٿس تہ: البتہ امام حسن جو ان سلسلي ۾ جيڪو عمل آهي. سو سندس راءِ آهي."

---

[1] دراسات اللبيب، صفحہ: 392

هنن ٻن مقامن تي مخدوم موصوف تنقيد ڪئي آهي. رسالي جو نالو پڻ ان ئي نسبت سان موصوف "رسالة مفردة في انتقاد موضعين من فتح القدير" رکيو آهي.

## ابراز الضمير لمصنف الخبير

هن رسالي جو پڻ ڪوبہ قلمي نسخو دستياب نہ ٿي سگهيو آهي. مخدوم موصوف "دراسات اللبيب" ۾ يارهين نمبر دراسي ۾ هن رسالي جو ذڪر ڪيو آهي. مخدوم صاحب ان دراسي ۾ هن ڳالهہ تي بحث ڪيو آهي تہ حديث جي ٻين ڪتابن جون صحيح حديثون، صحيحين جي حديثن جي برابر ناهن." ان مسئلي ۾ موصوف جي بنياد هن ڳالهہ تي آهي تہ: صحيحين کي تلقي بالقبول حاصل آهي ۽ ان جي اصحيت تي امت جو اجماع آهي." هن بحث جي سلسلي ۾ موصوف لکيو آهي تہ: ڪجهہ فروع جيتوڻيڪ اهڙا آهن، جن ۾ مختلف مذهبن جا پيروڪار شيخين جي حديثن جي خلاف عمل ڪندا آهن، پر انهن جي ائين ڪرڻ سان صحيحين جي تلقي بالقبول ۽ انهن تي اجماع امت نہ هئڻ لازم نہ ايندو. ٽن سببن جي ڪري اهي ائين ڪندا آهن. هڪ تہ اهي سنن مشهوره يا غير مشهوره، جهڙوڪ: صحيح ابن خزيمہ ۽ صحيح ابن حبان وغيره جي حديثن مان پنهنجي مسلڪ جي تائيد ۾ دليل وٺندا آهن. ٻيو اهو تہ اهي صحابہ جي آثار مان تمسڪ وٺندا آهن ۽ صحيحين جي حديثن کي ڇڏي ڏيندا آهن." صحيحين جون حديثون ڇڏي صحابہ جي آثارن مان تمسڪ وٺڻ کي مخدوم موصوف ڪمزور تمسڪ قرار ڏنو آهي. ان تمسڪ جي ڪمزوريءَ ثابت ڪرڻ لاءِ موصوف هيءُ رسالو "ابراز الضمير للمصنف الخبير" تصنيف ڪيو.

دراسات اللبيب ۾ موصوف ان طرف اشارو ڪندي لکيو آهي:

"هن ٻئي نمبر تمسڪ جي ڪمزوريءَ جي باري ۾ ڪلام جي هيءُ جاءِ ناهي، جيڪو ان تي اطلاع حاصل ڪرڻ گهري سو "ابراز الضمير لمصنف الخبير" ڏانهن رجوع ڪري." [1]

## المدار الديمہ في تحرير حاشية القديم

هنن تعليقات جو پڻ اصل خطي نسخو زماني جي خرد برد جي ور چڙهي ضايع ٿي ويو. هن جو اڄ ڪوبہ نسخو دستياب ناهي. هنن تعليقات جو مخدوم محمد معين پنهنجي رسالي "صدع القدم في تحقيق الوجود علي العدم" ۾ ذڪر ڪيو آهي لکي ٿو تہ:

"اهو حسن اتفاق آهي تہ هن رسالي "صدع القدم" جي تسويد جو زمانو منهنجي حاشيہ قديمہ تي تعليقات ۾ هن بحث اندر مشغوليءَ جي زماني سان موافق ٿي پيو (يعني مخدوم موصوف ٻئي ڪم هڪ ئي وقت ڪري رهيو هو ۽ صدع القدم جي تسويد جڏهن ڪري رهيو هو تہ حاشيہ قديمہ ۾ ساڳئي رسالي واري بحث ۾ مشغول هو.) مون ان جو نالو "المدار الديمہ في تحرير حاشية القديمة" رکيو ۽ هيءُ اهو وقت هو جڏهن آءٌ اهو پنهنجي ياٽرن جي هڪ جماعت تي پڙهي رهيو هوس. انهن تعليقات ۾ مون هن رسالي جي ڪن تحقيقن جو حوالو ڏنو آهي ۽ ان طرح هن رسالي ۾ پڻ حواشي ۾ ذڪر ڪيل تدقيقات جو ذڪر

[1] دراسات اللبيب، دراسہ _ 11، صفحہ: 356

ڪيو اٿم ته جيئن هڪ ٻئي جي تائيد ٿيندي رهي. جيڪو هن مقام بابت وڌيڪ استيعاب ۽ مقصد جي مڙني پاسن جي تحقيق ڪرڻ گهري تنهن کي گهرجي ته ٻنهي جو گڏيل مطالعو ڪري." (1)

## المعرفة المحيرة

هن رسالي جو به خطي نسخو دستياب نه ٿي سگهيو آهي. جنهن ڪري هن جي وڌيڪ تفصيل تي اطلاع حاصل نه ٿي سگهيو آهي. مخدوم محمد معين ٺٽويءَ پنهنجي رسالي "صدع القدم في تحقيق الوجود علي العدم" ۾ ان جو ذڪر ڪيو آهي. ۽ "صدع القدم" لاءِ لکيو اٿس ته اهو مون پنهنجي وقت جي امام فيروز صوفيءَ جي پنهنجي ڪتاب شرح عقائد صوفيه ۾ قول: موجود معدوم نه ٿيندو آهي ۽ معدوم موجود نه ٿيندو آهي." جي شرح طور لکيو آهي ۽ وڌيڪ لکيو اٿس ته:

الحمد لِله ان جو مون هڪ اهڙو شرح لکيو آهي جنهن جي تحقيقات سان منصف ماڻهو هر پاسي کان بي پرواهه ٿي ويندو. ان شرح جو مون "المعرفة المحيره" نالو رکيو آهي. ان ۾ اسان هن مسئلي جي اندر گهڻي ديگه کان به پاسو ڪيو آهي." (2)

هن ڪتاب جي تصنيف جي شروعات جي تاريخ جو قطعه شرف الدين علي هن طرح تحرير ڪيو:

ڪيميائي دلان معين الحق — ڪه ڪند زربيک نظرز رصاص
قدوه مخلصان پاڪ سرشت — آسمان قدره آفتاب خاص
مرجع اهل دولت از مڪنت — منظر اهل فقر از اخلاص
خان صفوة نشان مهابت خان — ڪه بحڪمش بود فلڪ رقاص
رمض عقائد صوفي — شيخ فيروز آبروت خواص
سال او برزبان عارف راند — ملهم غيب آيه اخلاص (3)

## اثبات واجب الوجود بالمنهج الغير المعهود

هن رسالي جو پڻ ڪوبه قلمي نسخو دستياب نه ٿي سگهيو آهي. مخدوم محمد معين ٺٽويءَ پنهنجي رسالي "برهان التطبيق" ۾ ان جو ذڪر ڪيو آهي.

## مواهب سيد البشر في حديث الائمة الاثنا عشر

هن رسالي جو ڪوبه خطي نسخو دستياب نه ٿي سگهيو آهي. هن جي باري ۾ مختلف حوالا دستياب ٿيا آهن. جن مان رسالي جي موضوع ۽ مشتملات جو پتو پوي ٿو. مخدوم محمد معين پاڻ هن ڪتاب جو تذڪرو دراسات ۾ هنن لفظن ۾ ڪيو آهي:

---

[1] ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: صدع القدم في تحقيق الوجود علي العد" نسخه خطيه ذاتي لائبريري علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

[2] ٺٽوي، محمد معين مخدوم: صدع القدم في تحقيق الوجود علي العدم" نسخه خطيه: مجموعه رسائل معينيه ذاتي لائبريري علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

[3] قانع، مير علي شير: مقالات الشعراء، صه: 384

ائمہ اثنا عشر جي باري ۾ جيڪي اخبار وارد ٿيون آهن، تن مان اڪثر اسان پنهنجي ڪتاب "مواهب سيد البشر في حديث الائمة الاثنا عشر" ۾ چئن مقامن ۾ تفصيل سان بيان ڪيون آهن." [1]

هن مان معلوم ٿيو تہ هيءَ رسالو ائمہ اثنا عشر جي فضائل ۾ وارد حديثن جي بيان ۾ آهي ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ شايد مخدوم موصوف هن کي چئن مقامات ۾ تقسيم ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح مخدوم عبدالواحد سيوهاڻي پنهنجي هڪ تحرير "رسالہ في علم الباطن" ۾ لکيو آهي تہ: مخدوم محمد معين ٺٽوي مواهب سيد البشر ۾ فرمايو آهي تہ امام ابو حنيفہ کي امام جعفر سان صحبت حاصل هئي. اهل بيت سان ڪمال درجي جي محبت هيس." [2] مخدوم ابراهيم ٺٽوي "القسطاس المستقيم" ۾ مواهب سيد البشر جو رد ڪيو آهي رد جي شروعات ۾ مواهب سيد البشر جا مضامين هن طرح ٻڌايا اٿس:

مخدوم محمد معين تسليم هڪ ٻيو رسالو تحرير ڪيو آهي، جنهن جو نالو مواهب سيد البشر رکيو اٿس. ان رسالي جو مضمون آهي مروان بن حڪم کي ڪافر قرار ڏيڻ. باوجود ان جي تہ اهو صحيح بخاريءَ جي راوين مان هڪ آهي. ۽ سيده فاطمہ رضي الله عنها ۽ ائمہ اثنا عشر معصوم آهن، جيئن انبياء معصوم آهن. ۽ اهي رسول الله ﷺ جن جا اوصياء آهن. ۽ نبين کان پوءِ اهي ئي صلواة ۽ سلام موڪلڻ لاءِ مخصوص آهن." [3]

## القول السوي في ذكر آباء النبي

هن رسالي جو ڪوبہ قلمي نسخو دستياب نہ ٿي سگهيو آهي. جنهن ڪري هن جو وڌيڪ تفصيل معلوم نہ ٿي سگهيو آهي. ان کان سواءِ هن رسالي جو علم اسان کي خود مخدوم محمد معين جي پنهنجي رسالي "غايت ما ظهر لاضعف الانام في ان الكلام المحتمل لايوجب الاسلام" مان ٿيو آهي. هن رسالي ۾ مخدوم موصوف ابو طالب جي نبي ﷺ جن سان محبت، سندن وحي جي تصديق، دين ۾ سندن مدد، دشمنن جي مقابلي ۾ سندن ٽيڪ پرائي ۽ ان باوجود احڪامن جي اذعان نہ ڪرڻ ڪري زندگيءَ ۾ توڙي مرڻ کان پوءِ ان مٿان ڪفر جي احڪامن جاري ٿيڻ جو ذڪر ڪندي لکيو آهي تہ:

جيڪو ان تي وڌيڪ واقفيت حاصل ڪرڻ گهري، تنهن کي گهرجي تہ اسان جي ڪتاب نالي "القول السوي في ذكر آباء النبي ﷺ جو مطالعو ڪري." [4]

## ناياب تصنيفات

مٿي جن تصنيفات جو ذڪر ٿيو تن مان ڀهريائين انهن تصنيفات جو تعارف ڏنو ويو جيڪي دستياب آهن. ان کان پوءِ انهن تصنيفات جو تعارف ڏنو ويو جيڪي دستياب تہ نہ ٿي سگهيون، پر انهن

---

[1] دراسات اللبيب" صہ: 237

[2] سيوهاڻي، عبدالواحد، مخدوم: "رسالہ في علم الباطن" آخري صفحہ (قلمي) مفيد عام لائبريري سيوهڻ.

[3] محمد ابراهيم مٽائي: "القسطاس المستقيم" صہ: 18 خطي نسخہ: مدرسہ مظهر العلوم کڏو ڪراچي.

[4] ٺٽوي محمد معين، مخدوم غايت ما ظهر لاضعف الانام في ان الكلام المحتمل لايوجب السلام" صفحہ: 10، نسخہ خطيہ: قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو.

## ڊاڪٽر نبي بخش، خان، بلوچ جي خزاني مان مليل فهرست رسائل مخدوم محمد معين

هيءَ فهرست هڪ ورق تي مشتمل خط نستعليق ۾ تحرير ٿيل آهي. فهرست جو سن ڪتابت توڙي ڪاتب معلوم نہ ٿي سگهيو آهي، البتہ معلوم ٿئي ٿو تہ هيءَ فهرست مخدوم محمد معين جي حياتيءَ ۾ تحرير ڪئي وئي آهي. ان ڳالهہ جو اهڃاڻ اهو آهي تہ ڪاتب مخدوم موصوف جي نالي پٺيان "سلمہ ربہ" لکيو آهي. يعني سندس رب کيس سلامت رکي. اهي دعا جا جملا ٻڌائن ٿا تہ مخدوم موصوف اڃا حال حيات هو جو ڪتاب سندس سلامتيءَ جي دعا گهري.

تنهن کان علاوه هن جي وڌيڪ قديم هئڻ جو دليل اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪاتب فهرست لکڻ وقت تائين مخدوم مخدوم معين صرف اهي ڪتاب تصنيف ڪيا هئا. باقي تصنيفات موصوف پوءِ تحرير ڪيون.

البتہ اهو بہ امڪان کان ٻاهر ڪونهي تہ ڪاتب جي علم ۾ مخدوم موصوف جون وڌيڪ تصنيفات نہ اچي سگهيون هجن، جنهن سببان ان صرف 21 تصنيفن تي اڪتفا ڪيو.

هيءَ فهرست، جا تمام اهم، قديم ۽ تاريخي حيثيت جي حامل آهي، سا ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي قلمي ذخيرن مان دستياب ٿي آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي قدرداني ۽ علمي خزانن کي محفوظ بنائڻ جي سندن ذوق جو اهو عالم آهي جو پاڻ موصوف هڪ ورق تي مشتمل هن فهرست کي پوري ڌيان سان سنڀالي رکيو آهي. ۽ پنهنجي خاص عنايت سان اهو ورق مون کي عنايت ڪيائون، تہ ان جي اسڪيننگ ڪري ٿيسز ۾ شامل ڪري سگهان.

هن ورق ۾ شامل ڪتابن مان هينيان ڪتاب ناياب آهن، جن جو علم هن ورق جي دستياب ٿيڻ سببان اسان کي حاصل ٿي سگهيو آهي:

1_ الخواطف من منع العواطف
2_ بهجة النظر في براءة الابرار
3_ نزهاة الفهوم في اعجبة العلوم
4_ مرقات الافهام في مسئلة الكلام
5_ ترصيص الا..اس في اثبات تكوين مع الانفاس
6_ سحق الصلاية لمسئلة ختم الولاية

## حافظ محمد اسماعيل مرحوم جي ذاتي لائبريريءَ جي فهرست

مخدوم محمد معين جي رسائل جي هيءَ ٻي فهرست آهي، جيڪا حافظ محمد اسماعيل مرحوم ذاتي ڪتب خاني ۾ موجود قلمي بياض جي آخر ۾ ڏنل آهي. هيءَ فهرست ذڪر ڪيل بياض ۾ مخدوم معين جي چند رسالن کان پوءِ ڏنل آهي. جيڪا پڻ مخدوم موصوف جي ڪنهن قريبي شاگرد جي تحرير ٿيل معلوم ٿئي ٿي. جيئن اهو لکندڙ جي لفظن مان معلوم ٿئي ٿو. جن ۾ مخدوم موصوف کي " مولانا واستاذنا و قبلتنا" جي لفظن سان سڏي ٿو. هيءَ فهرست جن ڪتابن ۽ رسائل تي مشتمل آهي، سي اڪثر ناياب آهن. تنهن ڪري انهن جو الڳ ذڪر ڪرڻ بجاءِ ناياب ڪتابن جي فهرست ۾ انهن جو ذڪر ڪجي ٿو جيڪا فهرست ذڪر ڪيل ٻنهي فهرستن جي روشنيءَ ۾ ناهيل آهي.

### ناياب تصنيفات:

1. الحجة الباهرة في لزوم المعادين علي الاشاعرة
2. نزهة الفهوم في تعريف اعجبة العلوم
3. بهجة الانظار في برائت الابرار
4. الخواطف من منع العواطف
5. شرح المثنوي المعنوي
6. مدد الغيوب في حل نكات كشف المحجوب
7. لمعان الاشراقات في حل بعض مواضع النفحات
8. المدار القيم علي الحاشيہ القديم
9. بياض الحديث
10. الزبدة التدقيقات في تحقيق باقية الصفات مع اجوبة الاعتراضات للسيد السند السيد صفة الله الخير آبادي
11. مرقات الافهام في مسئلہ الكلام
12. خرق العادة في بعض ما يتعلق بمسئلہ الاعادة
13. نزل الازكياءِ في شرح بيت واحد من ديوان سيد الاولياء
14. رسالة في بعض مصطلحات الزيج
15. الدقيقة الفاخرة في كشف نزاهة العارفين عن حب الآخرة.
16. ترصيص الاساس في اثبات تكوين مع الانفاس.
17. وصل الاصل في ابطال الفصل
18. شفاء العليل في حديث امامة جبرئيل
19. نورالعين في تحليل قول صاحب حكمة العين في خطبة فاطر ذوات العقول
20. دفع ازدراء الصدراء عن عبارت الزوراء
21. اداء الذمة فيمابدي من عصمة الائمة
22. سحق الصلاية لمسئلة ختم الولاية
23. تحفة التحرير فيمن نزلت في آيت التطهير
24. ابراء العين العميا في عدم تبكت البتول الزهراء
25. القصيدة المسمات بنعيم الاذواق.

26. القصيدة المسمات بانين الكرية في احزان الغرية
27. تنبيه القاصر في منع تاخر خلق السماء عن العناصر
28. غاية التحرير في تعقب عبارة فتح القدير.
29. هداية اولي الالباب في دلالة المطلق علي الاستيعاب
30. رباعيات و غزليات علي مذاق اهل الذوق.
31. رباعيات و قصائد في مرثية سيد الشهداء
32. تنوير الهادي في رفع الايادي في جواب كشف الرين عن مسئلة رفع اليدين
33. اللمعة في شروط الجمعة
34. البيان المحموا\د في ان الحقائق مع النفس في الهبوط والصعود
35. صحو المعلوم عن الموهوم في الفرق بين العال والمحمود والمذموم
36. تحفة الظريف في جمع الحديث الصحيح بالضعيف
37. القول الجلي في بطلان النكاح بغير اذن الولي
38. منهج السداد في قسمة معاش الاولاد
39. رفع الالتباس في امر الخاتم والقرطاس
40. القصيدة الخرسية في تحرير جمال خير البرية
41. خرق العادة الدرسية في بيان اسرار القصيدة الخرسية
42. شرح ابيات ثلاث من القصدية التائية من ديوان ابن الفارض
43. حاشيه شرح عمدة الاحكام لابن دقيق العيد.
44. جلاء العين العمياء في حل عبارات شرح الزوراء
45. حصول المرام في التوسل بخير الانام صلي الله عليه وسلم
46. رفع الغين في المنع علي ان المهدي ليس من ولد حسين.
47. رسالة في جواب عما اورد الشيخ محمد حيات علي مواضع مواهب سيد البشر
48. عقد الانامل في الايمان علي علم الكامل
49. رسالة في الجواب عما كتب الشيخ محمد حيات علي الرساله المسمات بنير الضحي
50. التعليقات بحل العقود عن نفود بادهة الورود
51. التعليقات علي رسالة صدع القدم
52. تعليقات علي رسالة التوجه الاتم للشيخ صدر الدين القوني
53. اقوي الذريعة في الفرق بين الرافضي والشيعة
54. الحجة الجلية في نقض الحكم بالافضلية
55. الجود الثمين
56. رساله في تحقيق اهل البيت
57. رساله في بحث اثبات التناسخ
58. رسالة بالاجوبة الفاضله لامسئلة العشره الكاملة
59. اثبات رفع اليدين في الصلواة (عربي)
60. اثبات رفع اليدين ي الصلواة (فارسي)
61. الابداح في محاكمة بين النووي وابن الصلاح
62. مجمع النكات
63. منتخب النكات في الاربعينات.

# مخدوم محمد معين ٺٽوي جي
# ڪتابن جو عڪسي جائزو




پهريون ورق "الحجة في رد من قطع
بالافضلية" نسخو: قاسميه لائبريري ڪنڊيارو


[illegible] بعدي كتاب الله وعترتي اهل بيتي وهذا حديث صحيح لم يدخل في سندة
[illegible] على الارض اليوم [illegible]
[illegible] الى اليوم [illegible]
[illegible] الى رسول الله صلى الله عليه وسلم [illegible]
[illegible]
هذه النبذة المسماة بالحجة الجلية في رد من قطع بالافضلية والمرجو
من الاخوان [illegible] من الانصاف [illegible]
[illegible]
والصلوة والسلام على رسوله محمد وآله [illegible] اجمعين
تم

آخري ورق، "الحجة الجلية في رد من قطع
بالافضلية" نسخو: قاسميه لائبريري ڪنڊيارو



سرد الاسانيد جو هڪ ورق، نسخو: مفيد عام

لائبريري سيوهڻ




ٽائيٽل: دراسات اللبيب في الاسوة الحسنه
بالحبيب، ڇپيل: سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو


...وا علما لا ظنيا بالاجتهاد ولا تقليد...
...صلى الله عليه وسلم وصح من غير نسخ ومنها...
...من غير احتمال في اللفظ الى من يعلم ذلك...
...بالاخذ عن شيوخ الفن
شفاها او عن الكتب المروية عنهم بشرط صحة النسخ
...لا ظن باجتهاد ولا بتقليد وايجاب العمل على المكلف
المتاهل للمقدار المذكور من العلم كايجاب ما سمع
الصحابة عن النبي صلى الله عليه وسلم وهذا معنى القول
المجمع عليه من المحدثين والفقهاء ما صح عن النبي صلى الله
وسلم وجب العمل به والظن الطارئ في طريق
مخرجها من حيث كونها احاديث صحيحة...
...لم يحصل لمانع خارج عن نفس الحجة
...ايجاب العمل...
...الاسناد الصحيحة...وجوب العمل
...التي لم...القرائن واما...

دراسات اللبيب في رسالة وجواب العمل بالحديث
٢٩٧٦.٤٦
ٺٽوي
95

پهريون ورق: "دراسات اللبيب في الاسوة الحسنة بالحبيب" نسخو: ريسرچ لائبريري سنڌالاجي


المفلحين آمين يا رب
العالمين وصلى الله
عليه وعلى آله
اجمعين
تمت
بالخير
كتبه الفقير الحقير

آخري ورق: "دراسات اللبيب في الاسوة الحسنة
بالحبيب" خطي نسخو ريسرچ لائبريري سنڌالاجي



آخري ورق: "منتخب مجمع النڪات" نسخو: نيشنل ميوزيم ڪراچي


ثم سرد السيوطي [illegible] من ذلك يجب عليك الرجوع اليهما حتى تعا
ما حكمنا به هذا كله مع تدوين المستخرجات عليهما وفيهما طرق عديدة للـ
المخرجة فيهما مما لا يوجد في الصحيحين مع المتابعات لا سانيد بهما على
فن المستخرجين [illegible] تنزيههما بالانتقاد من ان يؤثر ذلك في رفيع درجة
ما روياه بالنزول عنها وهذا مما لا اختلاف فيه ولا ريبة لاحد
من العلماء فما اعظم افتضاح من نطق من اهل زماننا ان
الانتقاد في صحيحيهما يوجب الوقفة في العمل فانه ينبئ
عن عدم رجوعه الى اصول هذا الفن الشريف
ووقوفه على الرسوم المخيلة والله يعصمنا
وايانا هم عن كل ما لا يرضى به
[illegible] هذه الرسالة المسماة بغاية الايضاح في المحاكمة بين النووي وابن الصلاح [illegible]
بسم الله الرحمن الرحيم
[illegible]

آخري ورق: "غاية الايضاح في المحاكمة بين النووي وابن الصلاح" نسخو: ذاتي لائبريري حافظ محمد اسماعيل ڪڏو ڪراچي

١٠٦

عمن تقدمهم يجد ان ذلك هو الاكثر المتفق عليها ثم ... وما امثلة

من ذلك يجب عليك الرجوع اليهما حتى تعاين ما حكمنا به هذا كله مع ... وبين

المخرجات منهما وفيهما طرق عديدة للمتن المخرجة فيهما لا يوجد في الصحيحين

مع المتابعات لاسانيد ما على ما هو من المخرجين فتبين تنزههما بالانتقاد من

ان يؤثر ذلك في رفيع درجة ما رواه بالنزول عنها وهذا مما لا اختلاف فيه ولا ريبة

لاحد من العلماء فاعظم افتضاح من يظن من اهل زماننا ان الانتقاد

في حديثهما يوجب الوقفة في النزول فانه يفتضح عن عدم رجوعه الى اصول

هذا الفن الشريف ويقتصر على الرسوم المخيلة والله

يعصمنا واياهم عن كل ما لا يرضى به

وقد ختمت بحمد الله سبحانه هذه الورقية

سميتها بغاية الايضاح في المحاكمة بين

النووي وابن الصلاح ...

آخري ورق: "غايت الايضاح في المحاكمه بين النووي و ابن الصلاح" نسخو: قاسميه لائبريري ڪنڊيارو




پهريون ورق: "التحرير الاول للشيخ الفاضل محمد معين الي الشيخ الجليل محمد هاشم التتوي سلمهما الله تعالي" نسخو: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪارنر ريسرچ لائبريري سنڌ الاجي


بسم الله الرحمن الرحيم

پهرين ورق "الرقع البيضا [illegible] محمد
[illegible]


(١)

بسم الله الرحمن الرحيم

حامداً ومصلياً ومسلماً اما بعد فيقول
اضعف الخلق عبد اهل المرتع الابلق محمد الملقب
بالمعين ابن محمد الملقب بالامين اتاه الله خلاه
وجعله من زمرة اهل المحبة والحرقة قال بعض العلماء في
بعض اجوبته من سوال اسلام الكافر الذي اتى بكلمة محتملة
ان الاحتمال لا يضر في حكم الاسلام ووجهه من غير نقل
عن امام بارع والظاهر انه من عند نفسه بان الاصل في
الانسان هو الاسلام اذ ما من مولود الا ويولد على فطرة
الاسلام فاذا صار كافراً صار مشكوكاً واتى بالكلمة
المحتملة للاسلام يحكم عليه بالاصل ثم ايد هذا وقال
وله نظائر في الشريعة منها ما اذا تنجس طرف من ثوب احد

يغسل

پهريون ورق: "غاية ما ظهر لاضعف الانام في ان
الكلام المحتمل لا يحتمل الاسلام" نسخو: درگاه
شريف پير جهندو




آخري ورق: ”غاية ماظهر لاضعف الانام في ان الكلام المحتمل لايوجب الاسلام“ نسخو: درگاهه شريف پير جهنڊو


بسم الله الرحمن الرحيم
حامدا ومصليا ومسلما اما بعد فيقول اضعف الخلق
عبيد اهل المرقع والدلق محمد ن الملقب بالمعين ابن
محمد ن الملقب بالامين اذاقه الله حلاوة الخرقة
وجعله من زمرة اهل المحبة والحرقة قال بعض
العلماء في بعض اجوبته عن سؤال اسلام الكافر بالتلفظ
الى بكلمة محتملة ان الاحتمال لا يضر في حكم الاسلام
ووجهه من غير نقل عن امام بارع والظاهر انه من
عند نفسه بان الاصل في الانسان هو الاسلام اذ ما
من مولود الا وقد يولد على فطرة الاسلام فاذا صار
كفره محتملا مشكوكا يعتني بالكلمة المحتملة للاسلام
ويحكم عليه بالاصل ثم ايد هذا وقال وله نظائر في الشرع
منها ما اذا تنجس طرف من ثوب احد فنسيه فغسل
طرفا منه

پهريون ورق: "غاية ما ظهر الاضعف الانام في ان الكلام المحتمل لايوجب الاسلام" نسخو: مفيد عام لائبريري سيوهڻ شريف



پهريون ورق: "غايت ما ظهر لاضعف الانام في ان الكلام المحتمل لايوجب الاسلام" نسخو: قاسميه لائبريري ڪنڊيارو



آخري ورق: "غايت ما ظهر لاضعف الانام في ان الكلام المحتمل لايوجب الاسلام" نسخو: قاسميه لائبريري ڪنڊيارو



بياض فتاوي جو هڪ ورق. نسخو: سنڌ ميوزيم حيدرآباد



"غاية الاعتماد في مسئلة الاختضاب بالسواد" جو سر ورق. جنهن تي مخدوم معين جو درود شريف تحرير ٿيل آهي. نسخو: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪارنر ريسرچ لائبريري سنڌالاجي



پهريون ورق: "بادهه الورود في اثبات وحدة الوجود" نسخو: قديمي. ذاتي لائبريري علامه غلام مصطفيٰ قاسمي



آخري ورق: ”بادهة الورود في اثبات وحدة الوجود“ نسخو: قديمي:

٦

النسبة بينها و بين الوجود العدم لتصور النسبة بينها بين الشئ
و نفسه فالوجود الممكن اذا هو الوجود الواجب بالنسبة الى ما يحكم
فيه ظهوره و يجوز خفائه عنه و هو الواجب بالنسبة الى
مرتبة لا يجوز خفائها عنها، و الممتنع حقيقة لا يتصور اصلاً
و ما هو المتصور ليس بممتنع بل ممكن عقلى جعلناه مرآة
لحقيقة الممتنع فما رأينا منها الا الوجود لامتناع العدم خارجاً و عقلاً
فما ثم فى الخارج و العقل الا الوجود الحق و هو الوجود الحق و
من أمثلة الممتنع فرض لا يمكن تصوره فتجريد الوجود و عدم التساعه
من العدم جهل عن حقيقة العدم فلا من نال له من وجود
و عدم فقد بان بحمد الله تعالى بهذ البرهان وحدة الوجود
وحدة للوجود.

و الحمد لله رب العالمين
و الصلوة و السلام
على اشرف خلقه
سيد الاولين
سيد المرسلين
و آله الطيبين
الطاهرين

آخري ورق: "بادهة الورود في اثبات وحدت الوجود" نسخو: پير جهنڊي جي لائبريريءَ مان علامه قاسمي صاحب ۽ مولانا عبدالحي گھوٽوي جي نظر ثانيءَ سان محمد صديق ٻنوي جو ڪتابت ڪيل




پهريون ورق: "مراة الشهود بوحدة الوجود والموجود" نسخو: قديمي.
ذاتي لائبريري علامه غلام مصطفيٰ قاسمي


بملاحظة مرآة لحقيقة الممتنع فما رأينا منها الا الوجود لامتناع
العدم خارجا وعقلا فانما ثم في الخارج والعقل الا الوجود الحق وهو الموجود
الحق ومرآئية الممتنع فرض لا يمكن تصوره فتحقق بين الوجود وعدم
الساطع من العدم تجعل عن حقيقة العدم فلا مراثل له من وجود وعدم
ثم بان بحمد الله تعالى بكمال البرهان وحدة الوجود ووحدة الموجود

بحمد الله رب العالمين
والصلواة والسلام
على خير خلقه سيد
[illegible] وآله
الطيبين الطاهرين
[illegible]

قابلتها بالاصل بشركة الكاتب الفاضل
فوجدتها كما كانت.
انا المصحح ابو سعيد غلام مصطفى غفرله السندي
١٢ محرم ١٣٧٩ ﻫ
١٩٥٩ ع

آخري ورق: ”مراءة الشهود بوحدة الوجود والموجود“ نسخو: علامه غلام مصطفي قاسميءَ جي نظر ثانيءَ هيٺ ڪتابت ڪيل.

٥١

الكاملة. فيها الاشياء للمدارك فالمشاعر من غير وجود لها محقق في الخارج

وملاحظتها اعدامًا صرفة فيه. والحكم بتقابل وجود الواجب به حكم عليه

بملاحظة مرتبة حقيقية. وهي كونها متحققة في مرتبة الروية المحققة، و

هذان المتقابلان مندمجان في الوجود المطلق الذي هو عين كل متقابل و

متماثل كما مر بك بيان ذلك، وقد مثلنا للروية المحققة من غير وجود المرئى

في الخارج وكونه معدومًا صرفًا فيه بالخضرة الزجاجية المتلون بها ضوء

الشمس على الجدار في حاشيتنا على شرح الزوراء بتحقيق في تفريعات توضح

هذه المرتبة من الوجود ايضاحًا لايبقى فيها خافية فراجعه والله سبحانه هو

الهادي لارب غيره. والحمد لله تعالى والصلوة والسلام على رسوله محمد صلى

الله عليه وآله وسلم أولاً وآخراً.

نمقه محمد عبد الحي

قابلنا بنسخة الأ...

بمشاركة العزيز

في دار الرشاد

٣ محرم ١٣٨١ھ

آخري ورق: "بوادر الجود في تحرير وحدت الوجود" نسخو: علامه قاسمي صاحب ۽ مولانا عبدالحي گهوٽوي جي نظر ثانيءَ ۾ محمد صديق ٻنوي جو ڪتابت ڪيل



صدع القدم في تحقيق الوجود علي العدم، نسخو قديمي: ذاتي لائبريري علام غلام مصطفيٰ قاسمي

بسم الله الرحمن الرحيم

حامداً و مصليا و مسلماً

فاعلم ان المعدوم الممكن لايخلو اما ان يتعلق به الوجود اما تعلق
وهو معدوم الايتعلق به وهو مرفوع عنه العدم فيكون على الاول اول
اوان تعلق الوجود به آخر او ان رفع العدم عنه و على الثانى اول اوان
تعلقه به حينما لصدق عليه انه رفع عنه العدم من غير ان يعتبر ان
تعلقه به مقارن بآخر آن الرفع او اول ان لصدق على المعدوم
فيه انه رفع عنه العدم الاول باطل للزوم الجمع بين وجود شئ وعدمه
فى آن واحد وهو آخر آن رفع العدم عنه و كذا الثانى للزوم ايجاد
الموجود وهو مستحيل اما الملازمة فلان المعدوم بمجرد ما زال عنه العدم
الموجود موجود ضرورة عدم ارتفاع النقيضين عن موضوع واحد فلو جوزنا
تعلق الوجود به بمجرد الزوال المحقق و الوجود اثر الايجاد لامحالة يلزم
ايجاد الموجود ، و اما بطلان الثانى فلانه لااحد من اهل العلم بالاستقلالات

آخري ورق: "صدع القدم في تحقيق الوجود علي العدم" علامه غلام مصطفي قاسميءَ جي نظر ثانيءَ هيٺ محمد صديق ٻنويءَ جو ڪتابت ڪيل



ورق، جنهن تي رسالي "دفع الاشكال والزحمة في ادل الكل والرحمة" نسخو مدرسه مظهر العلوم کڏو ڪراچي. مصنف علامه محمد معين غالبن پاڻ رسالي جو نالو تحرير ڪندي پاڻ کي احقر الخلق تراب اخدام اهل الدلق سڏيو آهي.




پهريون ورق: "دفع الاشکال والزحمة في ادل الکل والرحمة" نسخو: قديمي، ذاتي لائبريري علامه غلام مصطفيٰ قاسمي



آخري ورق: "دفع الاشکال والزحمة في ادل الکل والرحمة" نسخو:
قديمي ذاتي لائبريري علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

١

بسم الله الرحمن الرحيم

حامداً و مصليا و مسلما

اما بعد فما وقع الطعن فيه على الشيخ الاكبر قدس سره قال
فى الفصوص ان العذاب مشتق من العذب و ان حال الكفرة فى النار
كحال السمك فى الماء فلو اخرجوا من النار لعادوا اليه و اشتاقوا ذالك
وطلبوه و هذا اصعب من مقولات الشيخ قدس سره على الناس و ابعد
عن قبول التاويل فرايت الشيخ رضى الله عنه فى النوم فى عمامة و قميص على
زى العرب و شعره اسود و لونه اميل الى السواد بتجمل و بهاء
قد اقبل من باب بيتى فاستقبلته فى صفة الدار فعانقنى معانقة حب
مدلل فبلغ من استيعاب الصدر بالملاصقة و انا ارجو من الله سبحانه
من بركة تلك الملاصقة فى الدنيا و الاخرة ما ارجو ثم دخل داخل البيت

ورق پهريون: "دفع الاشڪال والزحمة في ادل الڪل والرحمة" نسخو: علامه غلام مصطفيٰ قاسمي جي نظر ثانيءَ هيٺ محمد صديق بنويءَ جو ڪتابت ڪيل



پهريون ورق: ”الحجة الباهرة في لزوم المعادين علي الاشاعره“ نسخو: ذاتي لائبريري حافظ محمد اسماعيل ميمڻ ڪڏو ڪراچي




آخري ورق: "الحجة الباهرة في لزوم المعادين علي الاشاعره" نسخو: ذاتي لائبريري حافظ محمد اسماعيل ميمڻ ڪڏو ڪراچي



بسم الله الرحمن الرحيم

ورق پهريون: "الاعتدالات الاربعہ" نسخو قديمي: ذاتي لائبريري

علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي



آخري ورق: "الاعتدالات الاربع" نسخو قديمي: ذاتي لائبريري
علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

٨

مخصوصة دون عبادة و للمطلق فى مراتب القيود بحسب كل مرتبة عبادة مخصوصة
من لم يحفظها لم يات بآداب العبودية فلا شك فى حجاب من عبد الصنم بمجرد
الجهة وكفره فان هذا عبادة المرتبة المقيدة بالاطلاق عن تقيدات الاكوان
وهو الحق الواجب تعالى شانه وانما عبادة الصنم بمجرد اخذ على ذوق
لايعبده بها الا العارف الكامل هكذا علمنا الحق تعالىٰ هذه التوجه الذى
تصدى لبيانه صدر المحققين ولا علم لنا يقينا بالوقوع على مراده مع
انا نقع على المراد حيث ما نقع لو دليتم بحبل لوقعت على الله وهو
العاصم الحق المبين-

تمت الرسالة الموسومة بالاعتدالات الاربعة

آخري ورق: ”الاعتدالات الاربعة“ نسخو: علامه قاسمي صاحب ۽ مولانا
عبدالحي گهوٽويءَ جي ظفر ثانيءَ هيٺ محمد صديق بنويءَ جو ڪتابت
ڪيل



هو المعين بسم الله الرحمن الرحيم وبه نستعين

پهريون ورق: "طريقة العون في حقيقة الكون" نسخو: ذاتي لائبريري علامه غلام مصطفيٰ قاسمي



آخري ورق: "طريقت العون في حقيقة الڪون" نسخو: ذاتي لائبريري علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، جنهن جي اڌ کان ئي رفع الغين في تنزل العلم الي العين جي شروعات ڪيل آهي.



۱۵

پس علم بر عشق تقدم ذاتی آمد و مقام فاحببت ان اعرف در مرتبه تعین اول بود ا

گشت و باقی مراتب نور عشق خودش بر خودش بظهور رسید که عشق از علم متأخر

زمانی نیست بلکه متأخر ذاتی است پس علم و عشق دست در آغوش همدیگر می آرد

تا که می آید و میرود تا که میرود فاحسن تدبره والله تعالی اعلم

آخري ورق: "طريقة العون في حقيقة الڪون" نسخو: علامہ غلام مصطفيٰ
قاسميءَ جي نظرثانيءَ هيٺ محمد صديق ٻنوي جو ڪتابت ڪيل



آخري ورق "رفع الغين في تنزل العلم الي العين" نسخو: ذاتي لائبريري
حافظ محمد اسماعيل مرحوم، مدرسه مظهر العلوم کڍو ڪراچي



پهريون ورق: "رفع الغين في تنزل العلم الي العين" نسخو: ذاتي لائبريري علامه غلام مصطفيٰ قاسمي.



آخري ورق: ”رفع الغين في تنزل العلم الي العين“ نسخو: ذاتي لائبريري علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

بسم الله الرحمن الرحيم

له الحمد في الاولى و الآخرة و له الحكم و اليه ترجع

صلى الله و سلم على سيد السفراء المعصومين و آله الطاهرين اجمعين

اما بعد فان الايمان و الكفر يتقابلان تقابل العلم و الجهل

والكشف و الحجاب و لما كان صور الجهل والحجاب في مبدء

اتصاف الكافر به علوما اختراعية غير مطابقة لما هو عليه الحقائق

في نفسها كان الايمان و الكفر كلاهما من باب العلم و الوجود العقلي

العلمي دون العيني الخارجي و مع ذلك فكل الاحوال و

الطوارى و الاعراض الموجودة العينية الحسية و غير الحسية

و الجواهر المجردة والمادية و الارواح و المعاني الواردة و الفائضة

على افراد الحقيقة الانسانية دينا و برزخا و آخرة الى ا (1)

(1) قيد بذلك لانه بعد ذلك تصير صوراً عملية موجودة في الخارج كما يجئ بيانه

پهريون ورق: "رفع الغين في تنزل العلم الي العين" نسخو: علامہ قاسمي صاحب ۽ مولانا عبدالحي گهوٽوي جي نظر ثاني سان محمد صديق ٻنوي جو ڪتابت ڪيل

تڪوين مع الانفاس جا ٻه ورق نسخو: ذاتي لائبريري علامه غلام مصطفیٰ قاسمي



٣

بعد الحدوث متصفاً بالوجوب ذاتاً وهو باطل تام فقد خانوا بما هو عليه أهل الحق من
الفرقة الناجية وهم الصوفية الكرام من القول بالتكوين مع الانفاس و يلزمهم على هذا
أن يقولوا بتجدد الامثال فى الجواهر كما فى الاعراض على ما ذهب النظام و بعض من لا يعبأ
بمثله وهو الحق الذى لا مرية فيه فسبحان من أنطق الحق على لسان من يؤوله وظنى أن أساطين
الفلسفة الاولى انما قالوا بان علة احتياج الممكن الى الواجب الامكان على هذا المعنى الذى
اعتقده العارفون من كبراء المشائخ الصوفية ومسئلة التكوين مع الانفاس كشفية ذوقية
غير معتمدة على استدلال عقلى فى ثبوته و لكن الله سبحانه من على هذا الفقير بهذا الدليل
الى قطوبان شاء الله تعالى لمن تدبر دقائق القوم وحقائقهم وما
يعقلها الا العالمون وقليل ما هم و الله سبحانه هو ملهم السعادة والخير و رافع الحجاب
والغير والعاصم من تلك الآفة والضير

آخري ورق: ”تڪوين مع الانفاس“ نسخو: علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي جي نظرثانيءَ هيٺ محمد صديق ڀنڀرو جو ڪتابت ڪيل



پهريون ورق: "الجوهرة الثمين في اثبات قدم التڪوين" نسخو: ذاتي لائبريري علامه غلام مصطفيٰ قاسمي



آخري ورق: "الجوهرة الثمين في اثبات قدم التڪوين" نسخو: ذاتي لائبريري علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي



ورق آخري: "الحق الصريح في ما يتعلق بشعور الميت في الضريح" نسخو:
ذاتي لائبريري علامه غلام مصطفيٰ قاسمي



بسم الله الرحمن الرحيم

پهريون ورق: "رسالي ڪلي طبعي" نسخو: ذاتي لائبريري
علامه غلام مصطفيٰ قاسمي





پهريون ورق: ”نزهة الفهوم في تعريف اعجوبة العلوم“ نسخو: ذاتي لائبريري حافظ محمد اسماعيل ميمڻ کڏو ڪراچي


امير جليل القدر غرة ناصيه اقبال وقرة باصره كمال ...
پرورده
حشمت وصولت بر ...
... حيات ... صباح ...
... والابنا عسكر ...
لم يزل في مدد من عسكر علي ولم يبرح منه في ...
... ليل ونهار ...
...
والصلوة والسلام على محمد وعترته الطاهرين اولا
وآخرا

آخري ورق: " نزهة الفهوم في تعريف اعجوبة العلوم" نسخو: ذاتي لائبريري حافظ محمد اسماعيل ميمڻ ڪڏو ڪراچي



سرورق: "التنبيهاتُ الواقية علي الاداب الباقية في
علم المناظرة" نسخو: چوٽياري شريف



"التنبيهات الراقية على الآداب الباقية في علم المناظرة" جو هڪ ورق، نسخو: جوڻياري شريف



سرورق: "قرة العين في البڪاء علي الحسين" نسخو: مڪتب الملڪ عبدالعزيز بالمدينة المنورة



آخري ورق "قرة العين في البڪاء علي
الحسين" نسخو: مڪتبہ الملڪ عبدالعزيز
بالمدينة المنورة



پهريون ورق: "رسالہ اويسيہ" نسخو: نيشنل ميوزيم

ڪراچي



آخري ورق: "رسالا اويسيہ" نسخو: نيشنل ميوزيم

ڪراچي

# ماخذن جي فهرست


1. آزاد، بلگرامي، غلام علي: "ماثر الڪرام" (سرو آزاد) مطبع خاني رفاه عام لاهور، 1913ع
2. آزاد، بلگرامي، غلام علي: "سبحة المرجان في آثار هندستان"
3. آزاد، بلگرامي، غلام علي: "يدبيضاء" (قلمي) ڪاتب: اعجازالحق قدوسي، راشدي ڪارنر ريسرچ لائبريري سنڌالاجي.
4. آفتاب احمد خان ڊاڪٽر: "خاندان نقشبنديه کي علمي خدمات" المصطفيٰ اڪيڊمي حيدرآباد 1988ع
5. آڏواڻي ڪلياڻ: "شاه جو رسالو" مڪتب اسحاقيه جهونا مارڪيٽ ڪراچي، 1976ع
6. ابوالخير، محمد زبير، ڊاڪٽر: "سنڌ ڪي صوفياء نقشبند" (پي ايچ ڊي ٿيسز) ريسرچ لائبريري سنڌالاجي
7. امير احمد، مخدوم: مضمون سرزمين سنڌ ۾ علم حديث "الرحيم" جون 1963ع شاه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد
8. امير احمد مخدوم: "مقدمه بذل القوة في حوادث سني النبوة" سنڌي ادبي بورڊ 1966ع
9. الڪتاني، عبدالحي بن عبدالڪبير، شيخ: "فهرس الفهارس" جلد: پهريون، ڇاپو: 2، دارالفڪر الاسلامي بيروت لبنان 1982ع
10. المرادي، محمد خليل: "سلڪ الدرر" جلد: 6، ڇاپو: 3، دار ابن حزم و دار البشائر الاسلامي بيروت لبنان سال 1988ع
11. "الوحيد" اسپيشل ايڊيشن، "سنڌ آزاد" نمبر، 15 جون 1936ع
12. ايم ايچ پنهور: "مهراڻ" سنڌي ادبي بورڊ جولاءِ سيپٽمبر 1990ع
13. برهانپوري، راشد، محمد مطيع الله: "مقدمه ديوان عطا" سنڌي ادبي بورڊ
14. بڪري، شيخ فريد الدين: "ذخيرة الخوانين" جلد: 2، پاڪستان هسٽاريڪل سوسائيٽي ڪراچي، 1970ع
15. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: "تڪملة التڪمله" آرٽس فيڪلٽي علامه آءِ آءِ قاضي ڪيمپس سنڌ يونيورسٽي، 2007ع
16. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: "حاشيه تحفة الڪرام" سنڌي ادبي بورڊ، 2002ع
17. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: "مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي سوانح حيات بابت ڪي علمي ويچار" ته ماهي "مهراڻ" سنڌي ادبي بورڊ 1985ع
18. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: "مقدمه شاه عبداللطيف جو رسالو شاه جو ڪلام" جلد: پهريون شاه عبداللطيف ثقافتي مرڪز ڪاميٽي ڀٽ شاه 1980ع
19. بلوچ ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: "مقدمه: شاه جو رسالو (شاه عبداللطيف جي پنهنجي ڪلام جو سچو سربستو صحيح رسالو)" علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا اشاعت حيدرآباد سنڌ، 1999ع
20. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: "مقدمه راڳ نامو" شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز، 1981ع
21. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: "مخزن شاه عبداللطيف ڀٽائي" شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافت مرڪز ڀٽ شاه 2003ع
22. بيگ، مرزا عباس علي: "خدايار خاني ميان سرفراز خان عباسي" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو 1980ع
23. بيگ، قليچ، مرزا: "قديم سنڌ جا مشهور شهر ۽ ماڻهو" سنڌي ادبي بورڊ 1990ع
24. پنهور، ايم ايچ: "سنڌجي تاريخ جو حصو: مغل منصبدارن خلاف سنڌي عوام جي شاندار جدوجهد" مترجم: غلام محمد لاکو "مهراڻ" سنڌي ادبي بورڊ، جولاءِ سيپٽمبر 1990ع
25. ٽالپر، محمد جمن: "سنڌ جا اسلامي درسگاه" هجرة پبليڪيشن ڪراچي سنڌ، 1982ع
26. ڀٽي محمد اسحاق: "فقهاء هند" جلد: 3، حصو: پهريون، اداره ثقافت اسلامي، ڪلب روڊ لاهور، 1979ع

27. ٺٽوي، محمد ابراهيم، مخدوم: "القسطاس المستقيم" (قلمي) مدرسہ مظهر العلوم کڏو ڪراچي
28. ٺٽوي، خليل، محمد ابراهيم: "تڪملہ مقالات الشعراء" سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي 1958ع
29. ٺٽوي، محمد اعظم: "تحفتہ الطاهرين" سنڌي ادبي بورڊ، 1956ع
30. ٺٽوي، عبداللطيف، مخدوم: "ذب ذبابات" جلد: 2، سنڌي ادبي بورڊ 1959ع
31. ٺٽوي، عطا، عبدالحڪيم: "ديوان عطا" سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو
32. ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "اڪسير الهداية والنفع في جمع احاديث الرفع" (قلمي)

مفيد عام لائبريري سيوهڻ

33. ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "الاعتدالات الاربعة" (قلمي) ذاتي لائبريري علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي
34. ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "التحرير الاول للشيخ الفاضل محمد معين" (قلمي) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪارنر سنڌ الاجي
35. ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "التنبيهات الوفيہ علي الآداب الباقية" (قلمي) چوٽياري شريف
36. ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "التنبيه علي سوء الفهوم في ان المثلية توجب العموم" (قلمي) قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو
37. ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "الجوهرة الثمين في اثبات قدم التكوين" (قلمي) ذاتي لائبريري علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي
38. ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "الحجة الجلية في حقيقت القطع بالافضلية" (قلمي) قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو.
39. ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "الحق الصريح في مايتعلق بشعور الميت في الضريح" ذاتي لائبريري علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي
40. ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "الدليل الواضح كالبدر علي وضع الايدي في الصلواة علي الصدر" (قلمي) مفيد عام لائبريري سيوهڻ
41. ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "الرسالة المعينيہ في تائيد الشيعة" (قلمي) قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو
42. ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "ايقاظ الوسنان في بطلان ڪفانت تريش". (قلمي) مائڪرو فلم سيڪشن ريسرچ لائبريري سنڌ الاجي
43. ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "بادهة الورود في اثبات وحدة الوجود" ذاتي لائبريري علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي
44. ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "بوادر الجود في تحرير وحدة الوجود" ذاتي لائبريري علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي
45. ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "بياض فتاوي" (قلمي) سنڌ ميوزم حيدرآباد
46. ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "بياض انتخاب شاعري" (قلمي) سنڌي ادبي بورڊ لائبريري
47. ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "تڪوين مع الانفاس ذاتي لائبريري علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي
48. ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "دراسات اللبيب" سنڌي ادبي بورڊ
49. ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "دفع الاشڪال والزحمة في اول الڪل والرحمة" (قلمي) ذاتي لائبريري علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي
50. ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "رسالہ اويسيہ" (قلمي) نيشنل ميوزيم ڪراچي
51. ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "رسالہ ڪلي طبعي" (قلمي) ذاتي لائبريري علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي
52. ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "رفع الجهالت في مد عهد الرسالة" (قلمي) مفيد عام لائبريري سيوهڻ
53. ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "رفع الغين في تنزل العلم الي العين" (قلمي) ذاتي لائبريري علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي
54. ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "سرد الاسانيد" (قلمي) مفيد عام لائبريري سيوهڻ
55. ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "صدع القدم في تحقيق الوجود علي العدم" (قلمي) ذاتي لائبريري علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي
56. ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "طريقة العون في حقيقة الڪون" (قلمي) ذاتي لائبريري علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي
57. ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "غايت الاعتماد في مسئلة الاختضاب بالسواء" (قلمي) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪارنر ريسرچ لائبريري سنڌ الاجي
58. ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "غايت الايضاح في المحاكمة بين النوي وابن الصلاح" (قلمي)

قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو

59. ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "غايت ما ظهر لاضعف الانام في ان الڪلام المحتمل لا يوجب الاسلام" (قلمي) قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو

60. ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "غايت مدارج الفڪ لعقدة قولهم اليقين لايزول بشڪ" (قلمي) قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو

61. ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "قرة العين في البڪاء علي الحسين" (قلمي) مڪتبہ الملڪ عبدالعزيز بالمدينہ منوره

62. ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "مطارحات التحقيق في مايتعلق ببرهان التطبيق" (قلمي) ذاتي لائبريري علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي.

63. ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "مرءة الشهود بوحدة الوجود والموجود" (قلمي) ذاتي لائبريري علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي

64. ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "منتخب مجمع النڪات" (قلمي) نيشنل ميوزم ڪراچي

65. ٺٽوي، محمد معين، مخدوم: "نير الضحيٰ في حڪم قص اللحي" (قلمي) قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو

66. ٺٽوي محمد هاشم، مخدوم: "الجواب عن هذا التحرير الاول للشيخ محمد هاشم المشاراليہ" (قلمي) ڊاڪٽر بلوچ ڪارنر ريسرچ لائبريري سنڌالاجي

67. ٺٽوي، محمد هاشم، مخدوم: "الحجة القوية في الرد علي من قدح في الحافظ ابن تيميہ" (قلمي) مائيڪرو فلم سيڪشن ريسرچ لائبريري سنڌالاجي

68. ٺٽوي، محمد هاشم، مخدوم: "الحجة القوية في حقيقت القطع بالافضلية" (قلمي) قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو

69. ٺٽوي، محمد هاشم، مخدوم: "بذل القوة في حوادث سني النبوة" سنڌي ادبي بورڊ 1966ع

70. ٺٽوي، محمد هاشم، مخدوم: "تحقيق المسلڪ في ثبوت الذمي بقولہ للمسلم انا مثلڪ" (قلمي) قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو

71. ٺٽوي، محمد هاشم، مخدوم: "حاشيہ غايت مدارج الفڪ لعقدة قولهم اليقين لايزول بشڪ" (قلمي) قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو

72. ٺٽوي، محمد هاشم، مخدوم: "حسن المنوع عما اورد علي من ادرج الحديث الموضوع" (قلمي) قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو

73. ٺٽوي، محمد هاشم، مخدم: "رد رسالہ قرة العين في البڪاء علي الحسين" (قلمي) قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو

74. ٺٽوي، محمد هاشم، مخدوم: "رد رسالہ معينيہ الناطقة بافضيلة علي علي الخلفاء الثلاثة رضي الله عنهم" (قلمي) قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو

75. ٺٽوي، محمد هاشم، مخدوم: "ڪشف الغطاء عن مايحل ويحرم من النوح والبڪاء" (قلمي) قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو

76. جامي، عبدالرحمن، مولانا: "نفحات الانس" ڪتاب فروشي سعدي، تهران ايران "1337هه

77. جعفري، رئيس احمد: "تاريخ تصوف اسلام" ڪتاب منزل لاهور 1950ع

78. جوڻيجو عبدالجبار، "سنڌيون" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو 1970ع

79. حسيني، عبدالحي بن فخر الدين: "نزهة الخواطر وبهجة المسامع والنواظر" دائرة المعارف عثمانيہ" حيدرآباد دکن 1966ع ڇاپو ٻيو

80. حموي، ياقوت بن عبدالله، رومي، بغدادي، "نعجم البلدان" دارصادربيروت. 1989ع

81. حنبلي، ابوالفلاح، عبدالحي بن العماد: "شذرات الذهب اخبارمن ذهب" دارالمسيرة بيروت لبنان ڇاپو: ٻيو 1979ع

82. حقاني، عبدالحق، مولانا حجة الله البالغہ (اردو ترجمہ) دارالاشاعت مقابل مولوي مسافر خانہ ڪراچي

83. خان بهادر، خداداد خان: "لب تاريخ سنڌ" سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي حيدرآباد 1959ع

84. خليل، محمد ابراهيم: "تڪملہ مقالات الشعراء" سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1958ع

85. دهلوي، شاه ولي الله: "الانتباه في سلاسل اولياء الله" ڪتب خانہ علويہ رضويہ مسجد نوري ڊيڪوٽ روڊ لائلپور

86. دهلوي، شاه ولي الله: "الجزء اللطيف في ترجمة العبد الضعيف ضميمہ شامل انفاس العارفين" طبع اسلامڪ بوڪ فائونڊيشن لاهور. 1978ع

87. دهلوي، شاه ولي الله: "انفاس العارفين" اسلامڪ بوڪ فائونڊيشن لاهور 1978ع

88. دهلوي، شاه ولي الله: "تفهيمات الاهيہ" شاه ولي الله اڪيڊمي 1970ع

89. دهلوي، شاه ولي الله: "خط شاه ولي الله جا مخدوم محمد معين ڏانهن" (سنڌي ترجمو) اڻ ڇپيل

90. دهلوي، شاه ولي الله: "همعات فارسي" شاه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد 1992ع

91. رحمان علي، منشي، مولوي: "تذڪره علماء هند" (ٻيو ڇاپو) نولڪشور لکنو 1914ع

92. راشد، محمد مطيع الله، برهانپوري: "مقدمہ ديوان عطا" سنڌي ادبي بورڊ

93. راشدي، حسام الدين: "حاشيہ تڪملہ مقالات الشعراء" سنڌي ادبي بورڊ 1985ع

94. راشدي، حسام الدين: "ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون" انجمن تاريخ سنڌ ڪراچي، 1981ع

95. راشدي، حسام الدين: "مقدمہ تاريخ مظهر شاه جهاني" سنڌي ادبي بورڊ، 1962ع

96. راشدي، محمد حبيب الله: "مقدمہ ديوان محسن ٺٽوي" سنڌي ادبي بورڊ 1963ع

97. راشدي، حسام الدين: "مقدمہ مشاهير سنڌ" سنڌي ادبي بورڊ 1985ع

98. راشدي، حسام الدين: "مقدمہ هشت بهشت" سنڌي ادبي بورڊ 1963ع

99. راشدي، حسام الدين: "ميرعلي شير قانع کي سوانح حيات" تحفة الڪرام اردو سنڌي ادبي بورڊ 1959ع

100. زرڪلي، خيرالدين: "الاعلام جلد: 3_4_5_7_8_9 مطبع ڪوستانسوماس مصر، 1956ع

101. سانگي، مير عبدالحسين: "لطائف لطيفي" انجمن مرڪز ثقافت شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ضلع حيدرآباد، 1967ع

102. سڏارنگائي، ڊاڪٽر: "پرشن پوئيٽس آف سنڌ" سنڌي ادبي بورڊ 1956ع

103. سمعاني، امام ابو سعيد، عبدالڪريم بن محمد بن منصور ميمي: "الانساب" دائرة المعارف عثمانيہ حيدرآباد دکن 1966ع

104. سنڌي، عبيدالله، مولانا: " التمهيد لتعريف ائمة التجديد" سنڌي ادبي بورڊ 1976ع

105. سنڌي، عبيدالله، مولانا: "خطبات و مقالات" پروفيسر محمد سرور، سنڌ ساگر اڪيڊمي لاهور 1970ع

106. سنڌي، عبيدالله، مولانا: "شاه ولي الله اور ان ڪي سياسي تحريڪ" المحمود اڪيڊمي لاهور

107. سنڌي، عبيدالله، مولانا: " ماهنامہ الرحيم" (اردو) شاه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد جون 1963ع

108. شقيقي، دين محمد عهدي پوري: " فلسفہ هند و يونان" مجلس ترقي ادب لاهور

109. شيخ، محمد سومار: " بدين ضلعي جي ثقافتي تاريخ" لاڙ ادبي سوسائٽي بدين سنڌ ڇاپو ٻيو.

110. شيخ، محمد سومار: " لطيف سائينءَ جا لاڙ تان پيرا" تنظيم فڪر و نظر سنڌ 1986ع

111. صبا، محمد ظفر حسين: " تذڪره روز روشن" مطبع شاهجهاني دارالاقبال ڀوپال 1927ھ

112. علوي، فقير الله، شاه: " مڪتوبات شاه فقير الله علوي"

113. غلام مهدي، قاضي: " انيس المساڪين عرف راحت السالڪين" (قلمي) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪارنر ريسرچ لائبريري سنڌالاجي

114. ڦلتي، محمد عاشق، شاه: " ماهوار الولي" جنوري 1959ع شاه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد

115. قادري، عبدالرسول: "PHD تيسز مخدوم محمد هاشم ٺٽوي سوانح حيات زمانو ۽ علمي خدمتون سنڌالاجي ريسرچ لائبريري

116. قاسمي، احمد اقبال، ڊاڪٽر: " مقدامہ لنيل درجة الدڪتوراه علي فاڪهة البستان 1984ع ريسرچ لائبريري سنڌالاجي.

117. قاسمي، حبيب الرحمن: " مضمون شاه ولي الله محدث دهلوي ڪي سفر حرمين شريفين ڪي روداد" الولي جنوري فيبروري 1995ع شاه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد

118. قاسمي، غلام مصطفيٰ، علامہ: " اجتماعيت شاه ولي الله ڪي نظر ۾". الولي جلد 1 نمبر ڊسمبر 1972ع شاه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد

119. قاسمي، ابو سعيد غلام مصطفيٰ، علامہ: " حاشيہ التمهيد لتعريف ائمة التجديد" سنڌي ادبي بورڊ 1976ع

120. قاسمي، غلام مصطفيٰ، علامہ: "شڪارپور جي علويہ لائبريري " ماهوار نئين زندگي ڪراچي فيبروري 1960ع

121. قاسمي، علامہ مصطفيٰ، علامہ مضمون: " مدينہ منوره ڪي ڪتب خاني اور علماء سند ڪي تصنيفات" الرحيم مئي 1964ع شاه ولي الله اڪيڊمي

122. قاسمي غلام مصطفيٰ،علامہ: " مقالات قاسمي " ڇاپو پهريون آڪٽوبر 2000ع

123. قاسمي، غلام مصطفيٰ، علامہ: " مقدمہ تفهيمات الاهيہ" شاه ولي الله اڪيڊمي 1970ع

124. قاسمي، غلام مصطفي، علامه:" مقدمه فرائض الاسلام" مخدوم محمد هاشم اڪيڊمي پينډو شريف 1957ع
125. قانع، مير علي شير:" تحفة الكرام"(اردو) سنڌي ادبي بورڊ 2002ع
126. قانع مير علي شير ٺٽوي:" طومار سلاسل" (قلمي) راشدي ڪارنر ريسرچ لائبريري سنڌ الاجي
127. قانع، مير علي شير:" معيار سالڪان طريقت" اداره معارف نوشاهي
128. قانع، مير علي شير، ٺٽوي:" معيار سالڪان طريقت" (قلمي) ريسرچ لائبريري سنڌ الاجي
129. قانع، مير علي شير، ٺٽوي:" مقالات الشعراء" سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو
130. قدوسي اعجاز الحق:" تاريخ سنڌ" مرڪز اردو بورڊ لاهور
131. قدوسي، اعجاز الحق:" تذڪره صوفياء سنڌ" اردو اڪيڊمي بندر روڊ ڪراچي 1959ع
132. قدوسي، اعجاز الحق:" گنجينه تاريخ وفات مشاهير" قلمي راشدي ڪارنر ريسرچ لائبريري سنڌ الاجي
133. قنوجي، صديق حسن خان:" اتحاف النبلاء المتقين باحياء ماثر الفقهاء والمحدثين"
134. لاکو غلام محمد:" ڪلهوڙا دور حڪومت" انجمن اتحاد عباسيه پاڪستان ڪراچي، 2004ع
135. مبشر، طرازي، عبدالله:" موسوعه التاريخ الاسلامي و الحضارة الاسلاميه لبلاد السند والپنجاب" عالم المعرفة جده ڇاپو پهريون 1983ع
136. مسافر، محمد صديق:" سنڌ جي تاريخ" ياڱو پنجون، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي 2008ع
137. محمد اڪرام شيخ رود ڪوثر.
138. محمد صغير الدين ابو الفتح:" مقدمه مقاله پي ايچ ڊي، ينابيع الحياة الايديه في طريق الطلاب نقشبنديه" ريسرچ لائبريري سنڌ الاجي
139. مگسي، ابوبڪر خان:" اسلامي فلسفو ۽ تصوف" سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي 2000ع
140. مقدسي مطهر بن طاهر :" البدء والتاريخ المنسوب الي ابي زيد احمد بن سهل البلخي"دار ابن حزم و دار البشائر الاسلامي بيروت لبنان سال 1988ع
141. مولائي شيدائي:" تاريخ تمدن سنڌ" انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي 1995ع سنڌي ادبي بورڊ 1984ع
142. مهر، غلام رسول:" تاريخ سنڌ" ڪلهوڙا دور ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪوت سنڌ ڪراچي 1996ع
143. گيلاني، مناظر حسن، مولانا:" پاڪ و هند مين مسلمانون ڪا نظام تعليم و تربيت" مڪتبه رحمانيه اردو بازار لاهور ڇاپو پهريون
144. ندوي، سيد سليمان، مولانا:" عرب و هندڪي تعلقات" هندستان اڪيڊمي يوپي 1930ع
145. نصر پوري، محمد اڪرم:" امعان النظر شرح نخبة الفڪر" شاه ولي الله اڪيڊمي
146. نعماني، عبدالرشيد، مولانا:"حاشيه ذب ذبابات" سنڌي ادبي بورڊ 1959ع
147. نعماني، عبدالرشيد، مولانا: "مقدمه ڪتاب التعليم" سنڌي ادبي بورڊ 1965ع
148. نقشبندي، مجددي، محمد سعيد، خواجه:"صقال الضمائر" فارسي، مطبع محله حسيني گهوگهار بمبئي سال 1329هه
149. وفائي، دين محمد، مولانا: لطف اللطيف
150. وفائي، دين محمد،مولانا:" مشاهير سنڌ". مئي جون 1944ع
151. وفائي، دين محمد،مولانا:" مضمون: علامه محمد معين ٺٽوي" ماهوار شعاع ڪراچي

# PUBLICATIONS

## 2012



1. **Dr. N.A. Baloch:**
   **The Scholar Laureate.**
   Compiled by: Umaima Baloch.
2. **Sindh Studies:**
   **Educational and Archaeological**
   **Dr. N. A. Baloch**
   Compiled & Edited by:
   Gul M. Umrani & M. Arshad Baloch.

**3. شاھ عبداللطيف: حياتيءَ جو احوال ۽ رسالي جي تاريخ**
محقق ۽ شارح ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ - مرتب ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو

**4. ڊاڪٽر بلوچ جا مقالا: تاريخ**
سهيڙيندڙ: ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل

**5. ڊاڪٽر بلوچ جا مقالا: علم، ادب ۽ شخصيتون**
مرتب: محمد ارشد بلوچ

## 2013

**6. شاھ عبداللطيف ڀٽائي سوانح حيات، فڪر ۽ عرفان**
محقق ۽ شارح: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ - تعارف: ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو

**7. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (زندگي ۽ خدمتون)**
ليکڪ: محمد انس راڄپر

**8. مخدوم محمد معين ٺٽوي ۽ سندس فلسفو**
ليکڪ: محمد انس راڄپر

**9. مون جي ڏٺا ماڳ (ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جا سفرناما)**
سهيڙيندڙ: احسان علي لغاري

10. انشای عطارد
از: منشی شیوک رام متخلص بہ عطارد (م۱۱۹۶ھ / ۱۷۸۱ء)۔ تصحیح و تدوین: ڈاکٹر خضر نوشاہی

**11. حاصل النهج**
تصنيف: مخدوم جعفر بن عبدالڪريم ميران بن يعقوب بوبڪاني
تصحيح و تقدمه: دڪتر نبي بخش خان بلوچ

**12. ڊاڪٽر بلوچ جا انٽرويو- جلد پهريون**
تحقيق ۽ ترتيب: محمد ارشد بلوچ

**13. سانگين سنڀارون**
(ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڏي لکيل خط ۽ ڪن خطن جا جواب)
سهيڙيندڙ ۽ ترتيب ڏيندڙ: عنايت بلوچ

14. **Proceedings of the National Seminar**
    **On First Death Anniversary of**
    **Dr. N. A. Baloch, 6th April, 2012**
    Compiled by: Dr. M. Yakub Mughul &
    M. Arshad Baloch

ڊاڪٽر اين اي بلوچ
انسٽيٽيوٽ فار
هيريٽيج ريسرچ
نوادرات کاتو، حڪومت سنڌ
2013ع